شاهڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

ڪرڙما

ڊائجسٽ

سيلاب زندگيءَ جو

سنڌ جي مشهور ليکڪا پوپٽي رام چند هيرانندائيءَ

جو مڪمل ناول

الفريڊ نوبل

نوبل انعام جي خالق جي زندگيءَ جو احوال

ماهوار

ڪرزما

جلد ٻيون، شمارو پهريون، جولاءِ 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني
سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي
ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
ٽائيٽل ڊزائين : علي اڪبر چٽو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ : فيصل ميمڻ
امجد علي ٿهيم
صدر الدين گرافڪس ايندپرنٽرز ڪراچي.
فون: 021-2214834 موبائيل: 0300-2800427
قيمت في پرچو : 35 رپيا
سالياني في : 300 رپيا

مواد موڪلڻ لاءِ پتو:
پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

سول ڊسٽريبيوٽرس: (1) عرفان علي نوراني (ڪراچي ڪان وني نواب شاهه تائين)
موبائيل: 0333-2745033
(2) اختيار علي سولنگي (موري ڪان وني جيڪب آباد تائين)
موبائيل: 0333-7594472

اشتهارن لاءِ ايڊريس:

عرفان علي نوراني
بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون،
ڪلفٽن ڪراچي
موبائيل: 0333-2745033
موبائيل: 0300-9223834

E-mail: krizmadigest@yahoo.com

هيءَ ڊائجسٽ پبلشر ميرمحمد نورانيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو

16
کرزما پوسٽ
کرزما

20
ماسٽر عبدالرزاق ميمڻ
عظيم سائنسدان

60
رينا شهاڻي
پ مني ڪماڻيون

67
محمدصديق منگيو
نئين موسم

63
حسن منصور
پي ڏسا!

71
نرتن نوشاد
جذبن جي وهڪري ۾

86
سيومرو سرمد
ڪنڊي

91
پرويز
رئيساڻو پار

102
الطاف شيخ
اوهريا جي عميق ڏي

99
عزيز قاسماڻي
موڙ

128
پار ليڪر ڪوسٽ
دوزخ ڏانهن ويندڙ لفٽ

137
ڪرشن چندر/ عرفان ميمڻ
گل جي اڪيلائي

121
لعل پٽڻ
قرض جي درخوست

146
امرتا پريتر
سنڌيڪار: طفيل مڪسي
ڪرمان واري

160
طاهرنقوي / ڪامران
اهي ڏينهن

152
ارشاد نوري گين تيڪن
سنڌيڪار: امر ايازمهر
آهي ڪو پاڪ دامن هستي؟

173
ڪاشي نات سنگهه / الطاف ملڪاڻي
صدي ۽ جو سڀ کان وڏو مڪالمو

164
جيفري آرچر
سنڌيڪار: نصرالله عباسي
چيني مجسمو

170
اسٽينلي ڪاڪ
سنڌيڪار: گلزار علي ولياڻي
اخباري رپورٽر

184
سڊني شيلڊن / محمد ميمن
محشر

204
ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمن
سيمسن ۽ ديلا ئلا

228
ڊاڪٽر خالد نورائي
مرڻ کان پوءِ جا عجب اسرار

215
محبوب علي سمون
حضرت حزقيل عليه السلام

246
☆☆☆
ٿڪ ٽائم

256
پوپٽي رام چند هيرا نندائي
سيلاب زندگيءَ جو

246
مترفقه
شاعري

اخبار ۽ رسالن جي وڪري سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ

خوشخبري

ڪرزما ڊائجسٽ پنهنجي اجراءَ جي مختصر عرصي ۾ سنڌي پڙهندڙن پاران وڏي موٽ ماڻي آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي ماڻهو معياري شين جو قدر ڪرڻ ڄاڻڻ ٿا. پر جيئن ته سنڌ ۾ ڪتابن جي ترسيل جو ڪو جامع نيٽ ورڪ نه آهي، ان ڪري سواءِ ڪن مخصوص ڪتابن جي عام سنڌي ڪتاب ۽ رسالا سڄي سنڌ ۾ نه ٿا پهچي سگهن.

جيئن ته ڪرزما ڊائجسٽ "ڪرزما پبليڪيشن" پاران جاري ڪيو ويو آهي ۽ هن اداري پاران ڪرزما ڊائجسٽ کان علاوه ٻين ضروري موضوعن تي به ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب ڇپرائڻ جو ارادو آهي. جن کي هر جاءِ تائين پهچائڻ لاءِ اسانجو ادارو هڪ جامع نيٽ ورڪ ٺاهڻ جو خواهشمند آهي. ان سلسلي ۾ اخباري صنعت سان وابسته ايجنٽن ۽ ڪتابن جي فروخت سان تعلق رکندڙن کي ضلعي، تعلقي يا شهرن جي سطح تي ڪرزما پبليڪيشن جي رسالن ۽ ڪتابن جي ورهاست لاءِ ايجنسي وٺڻ جي يا نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ دعوت ڏجي ٿي. ان سلسلي ۾ خواهشمند ساڻي هيٺين پتن تي لکپڙه ڪري سگهن ٿا.

پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي

يا

ڊاڪٽر خالد پراچي، سڪيم نمبر D-121/B، بلاڪ سڄو، گلشن ڪراچي، 0300-9223834

پنهنجي پاران

سنڌ ۾ چوءطرف پوسٽ جو عالم آهي. سيئي رستا ۽ گس بند گهٽين ڏانهن وڃن ٿا. هر ذهن سوچي پيو ته ڇا ڪري؟ سڀ کان وڌيڪ مُونجهاري ۾ اهي آهن، جن کي پالٿهار سوچيندڙ دماغ ڏنو آهي. سنڌ جي اها حالت پهرين ڪڏهن ڪا نه ٿي. ان ۾ ڏوهه ٻين جو نه پر اسان جو پنهنجو آهي.

اسان کي اهي لفظ چوڻ ۾ ڪابه جهجهڪ يا هيڪ محسوس نه ٿي ٿئي، ڇو ته سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچيءَ ۾ سنڌين جا ڳوٺ ۽ حڪومت ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي اڪثريت هجي ته ڏوهه ڇو پراون کي ڏيون، سنڌ جا وڏا شهر ڏسو ۽ ٻڌايو ته انهن شهرن جو انتظامي نظام ڪنهن وٽ آهي؟

ان جو سبب؟

ان جو سبب رڳو اسان جا سياسي ليڊر آهن، جيڪي سرداري ۽ زمين جي قبضي ڪري اسان جا "هٿ ٿوڪيا" نمائندا ٿي وينا آهن. انهن ڪهڙو سنڌ لاءِ ڪم ڪيو آهي. ڇا اهي 1988ع کان وٺي هيستائين ڪو اهڙو ڪم ٻڌائي سگهن ٿا، جن جي ڪري سنڌ ۾ ڪا بهتري آئي هجي. سنڌ ۾ ڪنهن سيفٽي پاليسي جي ذريعي کي رعايتون نه آهن. رود ۽ رستا ڀڳل آهن، صرف پگهارن کٽڻ ڪاڻ اسڪول آهن، سستيون ۽ غير معياري دوائن خريد ڪاڻ وزارت صحت قائم ٿيل آهي. نه ڪي اسپتالون آهن ۽ نه ڪي وري سٺا اسڪول. سڄي سنڌ ۾ اهي سيوريج لائينون آهن جيڪي پنجاهه سالن کان اڳ وڌل آهن. ڪراچي ۾ اهو ئي ساڳيو سيوريج نظام آهي جيڪو ان وقت لاءِ ٺاهيو ويو جڏهن ڪراچي جي آدمشماري صرف 3 لک هئي. هاڻ اتي ڏيڍ ڪروڙ کان مٿي ماڻهو رهن ٿا. سنڌ جو اهو گاديءَ وارو هنڌ جنهن کي روشنين جو شهر چيو ويندو هو. اڄ اونڌاهين ۾ وکوڙيل آهي. حيدرآباد شهر جي جيڪا حالت آهي سا سيني کي خبر آهي. سنڌ جا ڳوٺ ۽ وستيون تباهه ۽ برباد آهن. ڪا به جديد زماني جي سهوليت اتي ميسر ڪانهي. ان جو سبب....

سنڌ ۾ ضلعي حڪومتون قائم آهن. ڪٿي حڪومتي اميدوار آهن ته ڪٿي مخالف ڌر جا. پر ٻنهي جا پرڪار ساڳيا آهن. نواب شاهه ضلعو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وٽ آهي. پر ڇا اسان کي ان ۾ ۽ ٻين ضلعن ۾ ڪو فرق نظر ڇي ٿو؟؟

ان جو سبب ڇا آهي؟

سبب صرف اهو آهي ته اسان سنڌي عوام صرف خاموش تماشائي بڻيل آهيون ۽ پنهنجي قرلٽ ۽ تباهي ڏسي، ڪاچرپر نه ٿا ڪريون.... شايد اسان روحاني طور ختم ٿي چڪا آهيون يا وري ماضيءَ ۾ زنده آهيون. ايڪويهين صديءَ ۾ رهندي سورنهين صديءَ وارو انسان پلاڇا اڳتي وڌندو!

ڪرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهه دوستن اها شڪايت ڪئي آهي ته پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نه ٿا وٺن. چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ، هائوس نمبر B/121-D، بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي تي به موڪلي سگهن ٿا. دوستن کي درخواست ڪجي ٿي ته پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان کي هر مهيني پنڌرهين تاريخ کان پهرين موڪلين ڇو ته ان کان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن کي اهو به عرض آهي ته پنهنجي ائڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا پرپاسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪلينداته مهرباني ٿيندي. ڇو ته ان صورت ۾ ادارو ساڻن مواد لاءِ ترت رابطو به ڪري گهي ٿو.

(ادارو)

ڪرزما سالگرهه وارو شمارو هٿن تائين پهتو. خوبصورت ٽائيٽل سان گڏوگڏ خوبصورت مواد به پڙهڻ لاءِ مليو... ديگر احوال ته بحث اڌاريو ويو آهي ته منهنجي ڪهاڻي "وقت جو ڦيرو" اڳ ۾ هزار داستان ۾ شايع ٿيل آهي. مان ان ۾ واڌارو ڪندس ته اها ڪهاڻي نه رڳو هزار داستان ۾ شايع ٿيل آهي پر ماهور "هالار" ۾ به پڻ. مان انهيءَ جي لاءِ معذرت خواهه آهيان. آئنده اوهان کي شڪايت جو موقعو نه ملندو. ٻه نيون ڪهاڻيون موڪلي رهيو آهيان. اميد ته شايع ڪندا. هي نيون ڪهاڻيون ڪٿي به شايع ٿيل ناهن.

نور الحق نور، قمبر علي خان

ادا توهان جي معذرت قبول ڪجي ٿي. مهرباني ڪري آئينده شڪايت جو موقعو نه ڏيندا. (ادارو)

ڪرزما جو نئون شمارو منهنجي سامهون آهي. فهرست کي ڏسندي ڏاڍي خوشي ٿي. امر جليل، ريٽا شهاڻي حسن منصور، ڪرشن چندر ۽ ٻين ليکڪن جا نالا ڏسي اها پڪ ٿي وئي ته هن پيري به ڊائجسٽ پڙهندي بوريت بلڪل نه محسوس ٿيندي. اهو به ٻڌائيندا ته ڪهاڻيون ڪهڙي ريت لکي اماڻجن. ڪاغذ جي هڪ پاسي تي يا ٻنهي پاسن کان.

وقار احمد هانيي (علي شاهد سنڌي)

ادا، ڪهاڻيون صاف لفظن ۾ پني جي هڪ طرف وڏن اکرن سان موڪليو. (ادارو)

ڪرزما پابنديءَ سان ٽنڊو باگو ناهي ايندو. ان کري پابنديءَ سان پڙهندو ناهيان. البته جڏهن ڪرزما نظرن مان ناهي گذرندو ته ڪوٽ محسوس ڪندو آهيان. پرڏيهي ڪهاڻين جي چونڊ واقعي تعريف لائق آهي. نوجوان ليکڪن جون ڪهاڻيون به خوبصورت هونديون آهن پر ڪٿي ڪٿي فني جهول به نظر ايندا آهن. شاعري اهڙي بهتر نه هوندي

آهي جو صرف ان لاءِ رسالو خريد ڪيو وڃي. توهان ادل سرمرو، اياز گل، حسن در احمد سولنگي، وسيم سومرو، حليم باغي، مظهر لغاري، عزيز گوپانگ، اسحاق سميجو جهڙن دوستن جي شاعري شايع ڪريو تہ مزو اچي وڃي.

فراق هاليپوٽو

ادا.خط لکڻ جي مهرباني. ڪرزما جي پوري ڪوشش آهي تہ نون لکندڙن کي همٿايو وڃي. شاعري اهائي ڇپينداسين، جيڪا دوست موڪلين ٿا. سٺي شاعري نہ هئڻ ڪري اسان سنجيدگيءَ سان سوچيون پيا تہ شاعريءَ جو سلسلو بند ڪيو وڃي يا صفحا گهٽايا وڃن. سٺي شاعري هوندي تہ صفحا وڌائي بہ سگهجن ٿا. توهان جي ٻڌايل شاعرن کي عرض ڪنداسين تہ اسان کي مواد موڪلي ڏين. انهن کي ضرور شايع ڪيو ويندو. (ادارو)

هن پيري سيد عبدالقادر جيلاني رح جي زندگيءَ جو ايمان افروز احوال پڙهي دلي سڪون مليو ۽ خوشي ٿي.ڪهاڻين ۾ ريٽا شهاڻي،امر لغاريءِ حسن منصور جي ڪهاڻين من موهيو.باقي امر جليل جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. رب سائين ڪيس سلامتيءَ ۾ رکي. الطاف شيخ جو سفرنامون پڙهي محسوس ٿيو تہ ڪٿي ڪٿي تائين گهمي آيو آهيان. شاعريءَ ۾ ساحر راهو، حنيف عاطر، عاشق ڳاهو،آزاد بابر سنڌي، بيڪس، مجيب سنڌي وٽيا.

علي عاجز شر، پڪا چانگ.

ڪرزما جو سالگرهہ نمبر مليو. ادبي موتين سان ٿمٽار خوبصورت ٽائيٽل سان سينگاريل ڏاڍو دل ڪي وٽيو. ڪهاڻين ۾ امرجليل،ريٽا شهاڻي، امر لغاري، منور سراج، سڳن آهوجا ۽ الطاف شيخ جو سفرنامو تمام سٺو لڳو. شاعري ۾ ساحر راهو، آزاد بابر سنڌي، موسيٰ ڏيٽو، علي شاهد سنڌي، پرويز قادر بخش مگسي جي شاعري وٽي.

(ميورام جول سانگهڙ)

نئون شمارومليو. سندس سيئي رنگ من موهيندڙ لڳا، خاص ڪري امرجليل جي ڪهاڻي "ڪينسر" ۽ امر لغاريءَ جي ڪهاڻي "چوڏري جو سرڙيو". شاعريءَ ۾ ساحر راهو، منو سانگهڙائي، فراح جانوريءَ سٺو نيايو.

حبيب الرحمان لغاري سانگهڙ

ڪرزما جي سالگره مبارڪ هجيو جو اهڙي مهانگائيءَ دؤر ۾سريلو رسالوءِ سون واريون لکڻيون پڙهندڙن تائين پهچايو ٿا. **سويرائي سانگهڙائي سانگهڙ**

سنڌ جي سهڻي ڊائجيسٽ ڪرزما جي سالگره تي اوهان کي ڪوڙ ساريون مبارڪون. ڪهاڻين ۾ امر جليل جي "ڪينسر"، ريٽا شهاڻيءَ جي "ڪمائيندڙ زال"، منور سراج جي

"رنگن جي خوشبو"، نئين ليکڪ آڪاش انصاريءَ جي "پيار هڪ مندر" ان کان علاوه سنڌي ڪلاسڪ ادب مان چونڊيل سڳن آهوجا جي ڪهاڻي "رعب" ڪرشن چندر جي ڪهاڻي "ڪتا پلاننگ"، گلزار علي ولياڻيءَ جي ترجمو ٿيل ڪهاڻي" فاطمہ"، طفيل مگسيءَ جي ترجمو ٿيل ڪهاڻي"پلاٽ" بہ سنيون ڪهاڻيون هيون. شاعري ۾ ساحر راهو، فراح جانوري، رحمت سومرو، علي عاجزشر جي شاعريءَ روح کي راحت بخشي.

مير محمد نوٽڪاڻي ڳڙهو بدين

اوهان جو شمارو مون کي وٽندو آهي. جون واري ڊائجيسٽ ۾ سائين حضرت عبدالقادر جيلانيءَ رح جو سمورو قصو ساراهہ لائق آهي. اوهان کي جس هجي جو اوهان هر مهيني ۾ ڪنهن نہ ڪنهن پياري ولي جو مواد شايع ڪريو تا.مون اوهان ڏي ٽوٽڪا موڪليا هئا،جيڪي اوهان شايع نہ ڪيا، وضاحت ڪندا.

(مجبور) گهرام علي سومرو بخشاپور.

ادا، اوهان معياري لطيفا يا ٽوٽڪا موڪليندا تہ اهي ضرور شايع ڪيا ويندا.(ادارو)

سر، اسان جي هٿڙن ۾ گلاب جهڙو ڪرزما ڏيو تا، تنهن لاءِ جس هجيو. هن دفعي ڪرزما جي ورقن تي سيني پائرن جون لڪٽيون ۽ خيال روح کي معطر ڪندڙ هئا.

ميان علي گوهر انڊهڙ پنو عاقل

ڪافي ڏينهن کان خط لکڻ بابت سوچي رهيوهئس ۽ هاڻي تہ ڪرزما سالگرهہ بہ ملهائي آهي. ان ڪري مون متان فرض آهي تہ مان اوهان ڏانهن هي خط لکان. اوهان جي محنت جي تعريف ڪجي ٿي. پر ڪي خاميون بہ آهن جيڪي منهنجي نظر ۾ آهن، ٿي سگهي ٿو تہ ٻئي ڪنهن کي اهي نظر نہ اچن، جهڙوڪ ٽائيٽل تي ڪنهن اديب، شاعر، مصور، يا ڪنهن فنڪار جي يادگار تصوير وغيره يا موسيقي بابت ڄاڻ وغيره. ٻاهرين اديبن جا ترجما گهٽا شايع ڪريو. (علي مدد زرداري)

ڪرزما رسالو پوري سنڌ تہ ڇا پر سڄي پاڪستان ۾ وڏي مقبوليت ماڻي رهيو آهي. هن ڀيري واريون سيئي لڪٽيون پنهنجي مٺ پاڻ هيون پر خاص ڪري امرجليل،حسن منصور،امر لغاري،ريٽا شهاڻي جون لڪٽيون بيحد وڻيون. ڪرشن چندر جي ڪهاڻي بهترين هئي. وسيم الله شر، شاهپور چاڪر

ماهوار ڪرزما هرمهيني باقائدي پڙهندو آهيان. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرزما هڪ خوشگوار تبديلي آندي آهي. هن ۾اسان کي سائنسي،تاريخي، رومانوي، پرڏيهي توڙي ڏيهي ادب پڙهڻ لاءِ ملي ٿو.هُن ۾ اسان کي ڪافي وڏيون ۽ سنيون تحريرون پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون. (شاد فريد شر، سانگهڙ)

مان ڪرزما ڊائجسٽ هر مهيني چاهه ۽ پابوهه سان خريد ڪري پڙهندو آهيان. مهيني تمام معياري ۽ لاجواب مواد پڙهڻ لاءِ مليو. توهان هڻو لاجواب رسالو ڪڍي سنڌي ادب جي خدمت ڪري رهيا آهيو. مون وٽ ٻه رسالا... جولاءِ ۽ آگسٽ وارا نه آهن. مهرباني ڪري موڪليندا ته جيئن مان انهن کي پنهنجي لائبريري ۾ رکي سگهان.

(واحد سوز ملاح، سجاول)

ادا، توهان جي مهرباني ڪرزما کي پسند ڪرڻ جي. اوهان جا گهربل شمارا جلد ئي اوهان کي موڪليا ويندا. **(ادارو)**

ڪرزما عطر وانگر سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي رهيو آهي. ڪراچي کان ڪاڇي ۽ اسان ماروئڙن جي دلين تائين. رسالي ۾ ڪهاڻيون، صوفياڻو رنگ، شاعري ۽ خط تمام خوبصورت سلسلا آهن، خاص ڪري صوفياڻو رنگ.

(آڪاش اصغر لغاري جوهي، دادو)

توهان جي محنت جو نڪور نتيجو اسان جي هٿن ۾ آهي. امر جليل جي هر لکڻي ساهه ۾ سانڍڻ جهڙي آهي. هر ڪهاڻي زبردست هئي.

(ايم نديم شيخ، لاڙڪاڻو)

ماهوار ڪرزما ۾ پهريون پيرو پنهنجو مواد موڪلي رهي آهيان. اميد ته مانائتي موٽ ڏيندا. تمام بهترين رسالو آهي. سنڌي رسالن جي ڪافي کوٽ تي وئي آهي. صرف چند ئي رسالا وڃي رهيا آهن. **(ثمرن سومرو)**

ڪرزما ٻين ڊائجسٽن جي پيٽ ۾ اڳيرو آهي ۽ مواد جي چونڊ به موچاري اٿس. ڪرزما هر شمار ۾ جيڪا موٽ نئين ٿهيءَ کي ملندي آهي، سا شايد ڪنهن رسالي يا ڊائجسٽن ۾ ملندي هوندي. هن ۾ خاص ڳالهه دنيا جي عظيم اديبن جون لکڻيون ۽ تاريخي ڪهاڻيون آهن. حقيقت پڇو ته آئون اردو ڊائجسٽ تمام گهڻو رهندو هوس، سا ڪمي ڪرزما ڊائجسٽ پوري ڪري ڇڏي آهي. اردو ڊائجسٽ تي ته هاڻ اک ئي نه ٿي ٻڏي. **(رضا عباسي ماتلي)**

انهن دوستنن جا نالا جن جا خط جاءِ نه هجڻ جي ڪري شايع نه ڪري سگهيا آهيون.

آفتاب احمد لولائي، سهتو هوڏل وارو ڪپرو، جميل جوڪي، منو ڇور، پرديسي پنهل مگسي، حسين بلوچ مريد لاشري، زرينه شيخ، نوابشاهه، مومل ڪونڊر ڪراچي، اداسي جڪراڻي، رسالدار محمد علي وساڻ سانگهڙ، رئيس ميمڻ مورو نصرالله

☆☆☆

ان انسان جي زندگيءَ جو احوال جنهن ڊائنامائٽ ايجاد ڪيو ۽ نوبل انعام جو بنياد رکيو. ان جو نالو الفريڊ نوبل هو. ان عظيم انسان جي زندگيءَ جو احوال جنهن پنهنجي سڄي دولت انسانذات جي ڀلائيءَ جي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

عظيم سائنسدان

سنڌيڪار:
ماستر عبدالرزاق ميمڻ

"ان عظيم انسان جي ڪهاڻي جنهن کي ماڻهو موت جو سوداگر چوندا هئا."

هن جي دولت جو ڪوبه ڪاٿو نه هو. هن کي هيءَ به اندازو نه هو ته خدا جي مخلوق، هن کي پرپٽ ڇا ٿي چوي ۽ ڇا ٿي سمجهي. هن کي ته بس پنهنجي ڪم سان ڪم هو.

هڪ ڏينهن اوچتو جڏهن هي ننڊ مان اٿيو ته اخبار تي نگاه پوندي ئي هن جا هوش اڏامي ويا. اخبار ۾ هن جي موت جي خبر شايع ٿيل هئي. مختصر تعزيتي تبصرو تير وانگر هن جي سيني ۾ چڀي ويو. تبصرو ڪندڙ لکيو هو ته "ڊائنامائٽ جو شهنشاهه، جنهن موت جي مهلڪ هٿيار جي ذريعي دولت جا انبار گڏ ڪيا هئا، آخرڪار لاڏاڻو ڪري ويو. سندس بي پناه دولت، زندگيءَ جي تسلسل کي قائم نه رکي سگهي ۽ آخرڪار ڪيس به موت جو شڪار ٿيڻو پيو."

اخبار هن جي هٿ مان ڪري پئي. سڄي زندگيءَ جي رنگين ۽ سنگين فلم هن جي اکين جي سامهون ڦرڻ لڳي. محبتون، نفرتون، ڪدورتون، شفقتون، ذهن جي پڙدي تي نمودار ٿيون، پر انهن جو ناخوشگوار نتيجو ڏسي هن کي پنهنجو پاڻ سان نفرت ٿيڻ لڳي. شديد نفرت. هن پاڻ کي ضمير جي عدالت ۾ وڃي بيهاريو. انصاف جي ڪرسيءَ تي هو پاڻ ويٺو هو ۽ پنهنجي ئي خلاف فيصلو صادر ڪري رهيو هو.

"چئبو ته.... دنيا مونکي تباهيءَ جو شهنشاهه ٿي تصور ڪري!"

هن پنهنجي منهن ڌهرايو، "پر مون جيڪا شيءِ ايجاد ڪئي آهي، ان جو فائديمند رخ کي ڇو پيو نظرانداز ڪيو وڃي؟ تيز ڌار واري اوزار سان ڪنهن مظلوم جو ڳلو به ڪاٽي سگهجي ٿو ته موتمار عذاب ۾ مبتلا ڪنهن مريض جو

آپريشن بہ ڪري سگجي ٿو."

پنهنجي خلاف هن جي جنگ مختصر ثابت ٿي. هن زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ۽ عظيم الشان فيصلو ڪري ڏرتو. ان وقت قلم سنڀاليو ۽ پنهنجي وصيت لکڻ لڳو. "آئون، جنهن کي دنيا موت جو واپاري چوي ٿي ۽ سمجهي ٿي، پنهنجي سڄي دولت دنيا ۾ امن و امان قائم ڪرڻ وارن ۽ انساني فلاح و بهبود جي علمبردارن جي لاءِ وقف ڪريان ٿو."

هيءُ شخص سويڊن جي اٿپڙهيل مگر ذهين انجينيئر ايمنوئل نوبل جو پٽ الفريڊ نوبل هو، جنهن ڊائنامائٽ جهڙي ڪارآمد ۽ مهلڪ يعني خطرناڪ ۽ موتمار شيءِ ايجاد ڪئي. ٻہ ڏينهن پهرين هن جي خاندان جي گڏيل ملڪيتي فيڪٽريءَ ۾ ڌماڪو ٿيو هو، جنهن ۾ هن جو ڀاءُ مارجي ويو هو، پر غلط فهميءَ جي بنياد تي اخبار، الفريڊ جي موت جي خبر شايع ڪري ڇڏي ۽ هن غلط فهميءَ جي نتيجي ۾ نوبل انعام جو بنياد رکيو هو.

الفريڊ نوبل جي زندگيءَ جي داستان کي جيڪڏن ڪجهہ لفظن ۾ بيان ڪيو وڃي تہ هو جلال و جمال جو سڀ کان وڏو منڪر خود پاڻ هو. مختلف زبانن تي عبور رکڻ جي باوجود گهٽ ڳالهائو ايترو هو جو پنهنجي شاعريءَ کي بہ پنهنجي سيني ۾ دفن رکيائين.

حالتن هن کي پنهنجو پاڻ کان نفرت ڪندڙ بڻائي ڇڏيو، پر هو انسان ذات کان نفرت نہ ڪري سگهيو. هن خطرناڪ هٿيار ايجاد ڪيو، پر هن جو مقصد انسانن کي سهولت پهچائڻ هو. هن جو خيال هو تہ ان موتمار هٿيار جي تباه ڪن صلاحيت ماڻهن کي جنگ کان باز رکندي.

☆☆☆

هن جو پيءُ ايمنيوئل نوبل، بدقسمتيءَ سان مناسب تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو، پر خدا هن کي وڏي سوچ وارو دماغ عطا ڪيو هو. هن جي سوچ ان پار پهچندي هئي، جتي عام ماڻهوءَ جي ذهن جي رسائي نہ ٿي سگهندي هئي. ڪي ماڻهو ڪيس چريو يا بيوقوف چوندا هئا، پر هو ارادي جو سچو ۽ وعدي جو پڪو انسان هو. تعليم جي گهٽتائي هن جي عملي زندگيءَ کي مفلوج نہ ڪري سگهي.

سورنهن سالن جي عمر ۾ هو گهر مان ڀڄي نڪتو ۽ مشڪل حالتن ۾ پنهنجو پاڻ کي مجائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. نوجوان ايمنيوئل هڪ بحري جهاز ۾ "ڪيبن بواءِ" طور ڀرتي ٿي ڪري سمنڊ جي سيني تي سوار ٿيو ۽ آفريڪا جي هڪ پراسرار ملڪ مصر ۾ وڃي پهتو.

پنهنجن خيالن ۾ گم رهڻ وارو ڇوڪرو جهاز جي پابند زندگيءَ کي گهڻو وقت برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ مصر کي ڏسي هڪ رات خاموشيءَ سان سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيائين. هاڻي هن جي سامهون فرعونن جو ديس هو، جنهن جي اهرامن هن کي بت بنائي ڇڏيو. انهن جي طرزِ تعمير تي غور ڪندي ڪندي ان فن جا سوين راز هن کي معلوم ٿيڻ لڳا. قاهره جي گهٽين ۽ بازارن جي هڪ هڪ شيءِ هن جي ذهن ۾ نقش ٿيڻ لڳي. اسلامي طرزِ تعمير ۾ قوس جي بناوٽ هن جي ذهن جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ هو پنهنجن منصوبن کي

عملي ويس پهرائڻ لاءِ بيچين ٿي ويو.

مصر جي گورنر عمر عليءَ هن جنوني صفت جي بيچين روح کي سڃاڻي پاڻ وٽ ملازم ڪري رکي ڇڏيو.

برطانيہ جي شاهي مهمانن جي آمد ٿيڻ واري هئي. گورنر جي بيحد اسرار تي نوجوان انجينيئر پنهنجي فن جو مظاهرو اهڙيءَ تہ چابڪدستيءَ سان ڪيو جو مهمانن جون دليون کڻي ورتائين. هن اهڙو استقبالي دروازو ناهيو هو، جو وڏا وڏا معمار ان کي ڏسي دنگ رهجي ويا.

شاهي نظر عنايت جي سبب هن کي اسٽاڪ هوم جي درسگاهہ ۾ تعمير جي فن کي سکڻ جو موقعو ملي ويو، جتي هن گول ڏاڪڻين جو تصور پيش ڪيو، پر تعمير جو فن هن جي منزل نہ هو، ان ڪري هن جي بيچين روح کي ڪنهن بہ وقت قرار نہ هو. هڪ ڏينهن هو پنهنجن خيالن ۾ گم، سمنڊ جي ڪناري تي سير ڪري رهيو هو تہ اوچتو هڪ زناني رڙ هن جي ڪنن تي پئي. هن چرڪ ڀري موج سان ڀريل سمنڊ طرف ڏٺو. اتي هن کي هڪ حسين عورت نظر آئي، جيڪا سمنڊ جي بي رحم ۽ شور مچائيندڙ لهرن سان زندگيءَ جي جنگ وڙهي رهي هئي. هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ ڪا پري، لهرن سان انگل ڪري رهي هئي. ان حسين عورت رڙ ڪري هن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪرايو ۽ ايمنيوئل ٽپ ڏئي سمنڊ ۾ ترندو عورت جي ويجهو پهچي ويو.

اها حسين عورت ترڻ جي فن کان ناواقف نہ هئي، پر بدقسمتيءَ سان هن جي ٽنگن جي چوڏاري عجيب قسم جي ساموندي ول ويڙهيل هئي، جنن کي هو ساموندي جانور "آڪٽوپس" سمجهي ڊڄي وئي هئي. ايمنيوئل پهرين هن کي آٽت ڏني، پوءِ ان ساموندي ول کان نجات ڏياري ۽ خوف سان ڪنبندڙ حسينہ کي حفاظت سان ڪناري تي وٺي آيو. ڪناري تي پهچي حسينہ جا هوش حواس صحيح ٿيا تہ هوءَ پنهنجي بيوقوفيءَ تي مسڪرائڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهي. ايمنيوئل کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ سارو ماحول روشن ٿي ويو هجي. هن کي خوشبوئون محسوس ٿيڻ لڳيون ۽ چوطرف جا رنگ زياده شوخ نظر اچڻ لڳا.

هيءَ حسينہ شهر جي مشهور واپاري "اهل سل" جي نازڪ ۽ نفيس ڌيءَ "ڪيرولين" هئي. ايمنيوئل جي بهاداريءَ هن کي قائل ڪرڻ علاوه گهائل بہ ڪري ڇڏيو هو.

انسان، ترقيءَ جي آسمان تي هجي يا تنزليءَ جي کاهيءَ ۾، مرد ۽ عورت جي وچ ۾ فطري ڪشش سندن تعلقات جو هڪ ئي بنياد ٿي ٿئي ٿو.عورت، مرد کي آرام ۽ سڪون ۽ ڇوٽڪاري جو دائرو سمجهي ٿي ۽ مرد، عورت کي قرار ۽ لطف جو سبب سمجهي ٿو. ڪيرولين، هن کي پنهنجي لاءِ مغرور سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ واري جي حيثيت ۾ آرام ۽ سڪون جو سبب سمجهڻ لڳي ۽ اهڙيءَ طرح ٻئي هڪ خوشگوار رشتي ۾ ٻڌجي ويا.

ڪيرولين جو چهرو بيضوي، وار رات جي اونداهيءَ کان وڌيڪ ڪارا،اڌ ڪليل اکيون جيڪي اڪثر ڀنل ڀنل هونديون هيون. زال مڙس خوشگوار

زندگيءَ جي سفر جو آغاز ڪيو. پنڇن سالن جي عرصي ۾ انهن کي ٻه پٽ رابرٽ ۽ لڊوگ پيدا ٿيا. پيار ۾ ٻڌل هي جوڙو خوشين واري زندگي گذاري رهيو هو ته اوچتو جهڙو ڪنهن جي نظر کين لڳي وئي.

هڪ ڏينهن نه ڄاڻ ڪهڙيءَ طرح ايمانوئيل جي ورڪشاپ ۾ باهه پڙڪي پئي ۽ سندن الهه تلهه لمحن ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو. دولت کي اچڻ ۾ سال لڳا، پر وڃڻ ۾ چند نامهربان گهڙيون! هن جو سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. پر ان ئي سال خدا هن کي هڪ اهڙو پٽ عطا ڪيو، جنهن کي عالمي شهرت جي بلنديءَ تي پهچڻو هو.

☆☆☆

سن 1833ع ۾ الفريڊ نوبل هن دنيا ۾ قدم رکيو. هي ڇهه، جي وقت کان وٺي سنهڙو ۽ ڪمزور هوندو هو، ان ڪري پنهنجي طبيعت سبب ممتا جي اکين جو سرور بنجي ويو. ڪيرولين به قدرت جي هن تحفي تي زياده ڌيان ڏيڻ لڳي. الفريڊ هن جي اکين جو تارو هو. هن جو پيءُ ان جي ابتڙ اقتصادي بدحاليءَ جي خلاف جنگ ۾ مصروف هو. هن کي الفريڊ طرف ڌيان ڏيڻ جي لاءِ فرصت ئي نه هئي.

پٽس جو وار وار قرض ۾ جڪڙيل هو. جن ماڻهن سندس ڪارخاني ۾ سرمائيڪاري ڪئي هئي، اهي پنهنجين پنهنجين رقمن جو مطالبو ڪري رهيا هئا. ايمنيوئل عدالت جي روبرو اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيڪڏهن اهو باه لڳڻ وارو واقعو نه ٿئي ها ته هو سرمائيڪارن کي منافعو ڏئي سگهيو ٿي. عدالت هن کي ڏيوالو نڪتل قرار ڏئي ڇڏيو. جنهن ڪري سندس قرض خواهن کان نجات ملي.

هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن روزگار جي فڪر ايمنيوئل کي هر شيءُ کانٌ بي نياز ڪري ڇڏيو. اقتصادي دٻڻ مان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ هن پنهنجي محبوب گهرواري کي به وساري ڇڏيو. هن جون ڀنل اکيون ۽ ڪارا زلف به زندگيءَ جي ساٿيءَ کي متوجهه نه ڪري سگهيا. خوشقسمتيءَ سان ڪيرولين، ڪم ظرف ثابت نه ٿي. هن کي پنهنجي مڙس جي خراب اقتصادي حالتن جي پوريءَ ريت خبر هئي. هوءَ، هن کي محنت ۽ مشقت جي گهاٽي ۾ پيسجندو ڏسي فخر محسوس ڪندي هئي ۽ شڪايت جو ڪوبه لفظ هن جي زبان تي نه آيو.

☆☆☆

ايمنيوئل جي تخليقي ذهن ۾ وڏا وڏا منصوبا هئا، پر وسيلن جي اٿاٿ ايمنيوئل آڏو اچي رهي هئي. اوچتو هن جي ذهن ۾ پنهنجي ملڪي فوج جي لاءِ ڪم ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي. هن رٻڙ جو هلڪو ڦلڪو ٿيلهو ايجاد ڪيو، جيڪو فوج جون ڪافي مشڪلون حل ڪري ٿي سگهيو. پر افسوس جو سويدن جي فوج ان ڏانهن ڪا به توجه نه ڏني ۽ ايمنيوئيل جي سڄي منصوبه بندي اڌوري رهجي وئي.

ان زماني ۾ سٽر نهر کوٽي پئي وئي. مصر سان هن جون خوبصورت يادون وابسته هيون. نهر جو ڪم تمام سست رفتاريءَ سان هلي رهيو هو. ايمنيوئل ڪنهن اهڙي ڏماڪيدار مواد جي باري ۾ غور ڪرڻ لڳو، جيڪو ڪم جي رفتار

آپ ڪمائي ۽ باپ ڪمائي

هڪڙو اميراڻو ٻار، پئسن وٺڻ کان سواءِ، مڪتب ۾ پڙهڻ نہ ويندو هئو. اها عادت پٽس کي ڏاڍي ڏکي لڳندي هئي، جنهن هڪ ڏينهن، آخوند سان صلاح ڪئي، "چوڪرو بيدرديءَ سان پئساکپائي ٿو، ڪيس احساس ڏيارڻ گهرجي."

"روزانو ڏهہ رپيا، مڪتب جي خرچ لاءِ گهرجن!" ٻئي ڏينهن آخوند، صاحبزادي کي چيو. چوڪري پيءُ کان روزانو ڏهن رپين جي طلب ڪئي، پٽس ٻہ چار ڏينهن ڏنا، پوءِ اهو چئي بند ڪري ڇڏيائين! "پاڻ ڪمائي وڃي آخوند کي ڏي."

امير زادي اها ڳالهہ ماءُ سان ڪئي، جنهن مسئلو حل ڪندي. روزانو ڪيس ڏهہ رپيا ڏيڻ شروع ڪيا.آخوند ڏهہ رپيا وٺي چوڪري جي اکين آڏوکوهہ ۾ اڇلينڊو هيو.

هڪ ڏينهن ماٽس گهر ۾ نہ هئي تہ ڪيس ڏهہ رپيا نہ مليا. اتاوليءَ مان هڪڙي هنڌ مزدوري ڪيائين، اٿ آنا مليس ۽ اچي استاد جي تريءَ تي رکيائين. استاد حسب عادت اٿ آنا کوهہ ۾ اڇلايا تہ صاحبزادو خلاف عادت ڪاوڙ جي ڳاڙهو ٿي ويو.

"اڳي ڏهن رپين اڇلڻ تي نہ ڪاوڙبو هئين ۽ اڄ اٿ آنا اڇلڻ تي ناراض ٿو ٿين؟" استاد پڇيس.

"ڏهہ رپيا، بابا جي ڪمائيءَ جا هئا ۽ اٿ آنا مون ڪمايا آهن!"

"مون اهو انهيءَ لاءِ ڪيو تہ جيئن توکي احساس ٿئي تہ ... "آخوند نصيحت ڪندي چيس، "آپ ڪمائي، باپ ڪمائي ۾ فرق آهي."

مطلب: هر ڪنهن کي، پنهنجيءَ محنت جو ئي قدر ٿيندو آهي.

وڌائي سگهي.

ان سان هيءَ ڳالهہ بہ ثابت ٿي وڃي ٿي تہ الفريڊ نوبل کي ڊائنامائيٽ جو تصور ورثي ۾ مليو هو. ان دور ۾ ڪم جي سست رفتاريءَ جي اها حالت هئي جو شهنشاهہ ڪلاڊيس جي رٿيل ٽن ميلن جي ڊگهي نديءَ جو منصوبو يارنهن سالن ۾ مڪمل ٿيو، جڏهن تہ انهيءَ مٿان ٽي هزار مزدور ڪم ۾ جٽيل هوندا هئا. ان کان پهرين پنج ميل ڊگهي جابلو نهر ڏيڍ صديءَ ۾ مڪمل ٿي هئي.

ڪاٽين ۾ ڪم جي رفتار تمام سست هوندي هئي. دنيا ڪنهن اهڙي مادي جي تلاش ۾ هئي، جنهن سان انهن سيني مشڪلن تي قابو پائي سگهجي، پر شايد اجا قدرت، انسانن تي مهربان نہ ٿي هئي، ان ڪري سرٽوڙ ڪوشش هرندي بہ اهي ڪامياب نہ ٿي رهيا هئا.

ايمنوئل جي دماغ ۾ موجد جو دماغ سمايل هو، جيڪو هر پل بيچين رهندو هو. هو پنهنجي گهر جو پوئين پاسي تي ڪنهن ڏماڪيدار مواد جو تجربو ڪري رهيو هو، جو اوچتو ڪن ڦاڙيندڙ ڏماڪي جو آواز ٿيو، جيڪو ايترو شديد هو جو ويجهن گهرن جي درين جا شيشا پڇي پور پور ٿي ويا.

حڪومت ماڻهن جي شڪايت تي مؤجد جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ۽ ڏماڪيدار مواد سان ڀيڙڇاڙ تي پابندي لڳائي ڇڏي. ايمنيوئل پنهنجن هر وطنن جي ڪم ظرفيءَ تي رت جا ڍڪ پيئندو رهيو. آخر هن پنهنجي وطن مان هجرت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، پر ڪيرولين کي هن پنهنجي ارادي جي خبر نه ڏني. آخرڪار هڪ ڏينهن پنهنجن ٻارن ۽ زال کي ڇڏي روس هليو ويو.

☆☆☆

الفريڊ نوبل ان وقت صرف چئن سالن جو ڪمزور ٻار هو. سختگير پيءُ منظر تان غائب ٿيو ته هن سک جو ساهه کنيو. ڪيرولين کي مڙس جي هن عمل جي توقع نه هئي، پر هن، هيءُ چئلينج قبول ڪري ورتو. الفريڊ جا ٻئي ٻائر تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ڪيرولين پنهنجي ناتوان، بي سمجهه جگر جي ٽڪري جي لاءِ پوري ڪائنات جو روپ ڌاري ڇڏيو هو.

هوءَ، هن سان ٻارن وانگر راند ڪندي هئي، ڪتاب پڙهي ٻڌائيندي هئي ۽ ممتا جا انمول خزانا لٽائيندي هئي. الفريڊ جي ذهانت پهريون ڀيرو ڪلي سامهون آئي ته ڪيرولين حيرت جي سمنڊ ۾ ٻڏي وئي. آهستي آهستي هيءَ حيرت، فخر ۾ تبديل ٿيڻ لڳي.

الفريڊ جيڪا ڳالهه ٻڌندو هو، اها ذهن ۾ نقش ٿي ويندي هئس، ايتري قدر جو هو ڪتابن ۾ لکيل لفظن کي ٻڌي ڪري ورائي پنهنجي مهربان ماءُ جي اڳيان رکي ڇڏيندو هو.

ان دوران الفريڊ کي ساهه جي بيماريءَ اچي ورايو. ڪڏهن ڪڏهن ته هن جي زندگي خطري ۾ پئجي ويندي هئي. هيءُ اهو ئي زمانو آهي، جڏهن ماءُ پٽ هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو اچي ويا جو ٻن هستين جي وچ ۾ تمام فاصلا مٽجي ويا. بعد ۾ الفريڊ جي زندگيءَ جو احوال لکندڙن لکيو ته الفريڊ نوبل، سچي دنيا ۾ صرف هڪ هستيءَ سان سچي محبت ڪئي ۽ اها هن جي ماءُ هئي.

الفريڊ جي عمر اٺ سال هئي، پر پيٽ ۽ ڇاتيءَ جي مرضن هن جي صحت کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري هو پنهنجي عمر کان ننڍو لڳندو هو. اٺن سالن جي ٻار کي به ڪيرولين دل تي پٿر رکي اسڪول روانو ڪيو. هن جو خيال هو ته ڪمزور الفريڊ طاقتور دنيا جو مقابلو نه ڪري سگهندو، پر هن جا سمورا خدشا بي بنياد ثابت ٿيا. الفريڊ جوش ۽ خروش سان درسگاهن جي ماحول کي قبول ڪيو. پوءِ هيءَ الڳ ڳالهه هئي جو پنهنجو پاڻ کي مجائڻ جي چڪر ۾ هو ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن نه ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو هو. هڪ ڏينهن هن هڪ سڙندڙ گهر ڏٺو. ڪمزور انسان، پڙڪندڙ شعلن جو مقابلو ڪري رهيا هئا. آخرڪار ذهانت جي ٻل تي ڪمزورانسانن طاقتور باهه مٿان قابو ڪري ورتو. ان گهڙيءَ کان الفريڊ، ذهانت جي طاقت جو قائل ٿي ويو ۽ هن ٻار جي ذهن ۾ ان طاقتور جن کي قابوءَ ۾ ڪرڻ جو بيج ڇڻ فطرت پوکي ڇڏيو.

هڪ ڏينهن هو گهر آيو ته خاندان

جي فردن کي وڏا وڏا ٿهڪ ڏيندي خوشيون ورهائيندي ڏسي حيران ٿي ويو. هن جي ماءُ ڪيرولين بہ گل وانگر ٽڙيل نظر اچي رهي هئي. مسرت جو سبب هن جي پيءُ ايمنيوئل جو اهو خط هو، جنهن ۾ هن سندس ڪاميابيءَ جو داستان لکيو هو. هن جي پيءُ لکيو هو تہ آخرڪار تقدير هن تي مهربان ٿي وئي هئي ۽ هن جي هڪ ايجاد روسي فوج جي جنرل ايگراف کي وڻي وئي هئي.

ٻيو خط پهرئين کان بہ خوشگوار هو. روسي فوج جي ماهرن ڏماڪي سان ڦاٽڻ وارين مائينز جو مظاهرو پنهنجين اکين سان ڏٺو هو ۽ ان تباهيءَ جي هٿيار کي بيحد پسند ڪيو هو. ان روسي جنرل، وزارت دفاع کي قائل ڪري ورتو هو تہ الفريڊ جي پيءُ جي مالي مدد ڪئي وڃي تہ جيئن ڦاٽڻ وارين مائينز ذريعي دشمن جي فوج کي شڪست ڏيڻ جي صلاحيت حاصل ڪئي وڃي.

انهن ڏينهن ۾ روس ۽ برطانيہ جا لاڳاپا تمام خراب هئا. هن ڳالهہ جو انديشو هو تہ برطانيہ، روسي بندرگاهہ تي حملو نہ ڪري ڏي. الفريڊ جي پيءُ پنهنجا جوهر ڏيڪارڻ جي اجازت گهري، پر هن جي درخواست آفيسن جي سرخ فيتي جي وَرُ چڙهي وئي. پر پاڻيءَ ۾ ڦاٽندڙ هن جون مائينز وڏيون ڪارآمد ثابت ٿيون. سڀ ڳالهہ هيءَ ٿي تہ جنرل ايگراف، هن جي ڪاروبار ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ الفريڊ جي خاندان جي غربت دور ٿي وئي. هاڻي هو هڪ پيرو وري دولت سان کيڏڻ لڳا.

ڪيرولين، پنهنجن ٻارن کان وٺي، پنهنجي مڙس وٽ اچي وئي. ان وقت الفريڊ جي عمر نوَ سال هئي.

نئون ماحول، نئون ملڪ، بنا ڪنهن فڪر واري زندگي، سڄو خاندان خوش و خرم هو. ايمنيوئل کي ماڻهو عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا، پر الفريڊ جي صحت تي ابتو اثر ٿيو. هن کي اها لڏ پلاڻ راس نہ آئي. هو پنهنجي ڪمري ۾ مريضن واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويو، جيڪا اڪيلائيءَ واري قيد کان گهٽ نہ هئي. ڊاڪٽرن اها آٿت ڏني هئي تہ عمر ۾ اضافي سان گڏوگڏ الفريڊ پنهنجي مرضن تي قابو پائي وٺندو، پر ڪرنگهي جي هڏيءَ ۾ تڪليف جي ڪري هن جي دنيا محدود ٿي وئي. پيءُ کي ٻارن جي تعليم جو خيال آيو. گهر ۾ ئي استاد جو اهتمام ڪيو ويو تہ الفريڊ جو ڪمرو، ڪلاس روم بنجي ويو. هيءَ تبديلي خوشگوار ثابت ٿي ۽ الفريڊ قوتِ اراديءَ جي ٻل تي پنهنجي جسماني ڪمزوريءَ کي شڪست ڏئي ڇڏي. هو پنهنجن وڏن ڀائرن کان وڌيڪ شوق سان روسي زبان سکڻ لڳو. انگريزي، فرانسيسي ۽ جرمن زبانن جو مطالعو بہ شروع ڪيائين. الفريڊ نئين جهان سان متعارف ٿيو. جيڪو تمام وڏو ۽ ڪشادو هو. ان زماني ۾ هن والينٽيئر جو مطالعو ڪيو ۽ شيليءَ جي شاعري پڙهي پنهنجا درد وساري ويٺو. دل جي معاملن جو اظهار جنهن باغياڻي انداز ۾ مشهور شاعر شيلي ڪيو هو، اهو انداز الفريڊ کي ڏاڍو پسند آيو هو.

ايمنيوئل، پنهنجن پٽن تي فخر ڪندو هو، پر ننڍڙي پٽ الفريڊ ۽ هن جي

وچ ۾ آهستي آهستي ذهني رقابت جي ديوار حائل ٿيڻ لڳي. ايمنيوئل، جنهن الجهن ۾ هفتن تائين گرفتار رهندو هو، ان الجهن کي هن جو ذهين فرزند الفريڊ چند گهڙين ۾ دور ڪري ڇڏيندو هو. ان کان سواءِ خاندان کي ڇڏي روس وڃڻ واري واقعي بہ ڪمزور الفريڊ جي دل ۾ پيءُ جي خلاف خيالن کي جنم ڏنو هو.

☆☆☆

ڪيرولين جي صحت خراب ٿيڻ لڳي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ ماءُ پٽ هڪ دفعو وري ويجهو اچي ويا ۽ ٻئي بيمار وجود، هڪ ٻئي کي سهارو ڏيڻ لڳا. ڪجهہ عرصي کانپوءِ الفريڊ ۾ نئين تبديلي آئي ۽ هو ٻاهرين معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. ان زماني ۾ ٻاڦ جي طاقت جي دنيا کي خبر پئجي چڪي هئي.

الفريڊ سترنهن سالن جو ٿي چڪو هو ۽ ڪنهن منفرد رستي جو متلاشي هو. پيءُ جو خيال هو تہ سندس نوجوان پٽ هن جي ڪاروبار ۾ سندس هٿ وندائين، پر ڪيرولين جو خيال هو تہ الفريڊ جي ذهانت کي آزاداڻي ماحول جي گهرج آهي، ان ڪري هن کي آمريڪا موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

الفريڊ هاڻي ڪو ڪمزور ٻار نہ، پر سترنهن سالن جو نوجوان هو. وسيع ۽ پکڙيل سمنڊ کي هن نين نظرن سان ڏٺو ۽ پنهنجي دماغ جي وسعت سبب سمنڊ کيس زياده متاثر نہ ڪري سگهيو. ان وقت تائين الفريڊ پنهنجي پيءُ جي ٻڌايل رستي تي هلي رهيو هو، پر هو زياده عرصي تائين ان جي پابندي نہ ڪري سگهيو. ٻن سالن کانپوءِ هو پيرس اچي ويو، جتي هو هڪ نئين دنيا کان روشناس ٿيو.

هو ذهني ڇڙواڳيءَ جو شڪار نہ هو، پر نوجوان ضرور هو. هڪ ڏينهن شام جو هڪ سرسبز ۽ شاداب باغ ۾ اڪيلو هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رنگن جي دلفريبيءَ تي قربان ٿي رهيو هو تہ اوچتو هڪ بيباڪ حسينہ هن جي ويجهو اچي ويهي رهي. هن جي هر ادا سان دعوت شوق جو اظهار ٿي رهيو هو. الفريڊ لاءِ هن انداز ۾ صنف نازڪ جي قربت جو هيءُ پهريون موقعو هو. هن جو جسم ڇڻ باه ٿي ويو.

اها حسينہ هن جي ڪيفيت مان لطف اندوز ٿي رهي هئي. ڇاڻ سڃاڻ جا ابتدائي مرحلا طئ ٿيا. الفريڊ کي هر شيءِ سٺي لڳي رهي هئي. ڳالهہ چري تہ پوءِ هلندي ئي رهي. الفريڊ کي هوش ان وقت آيو، جڏهن ٻئي باغ جي ان ڪنڊ مان اٿي ڪري ان حسين و جميل عورت جي آرائشي ڪمري ۾ محو راز و محبت ۾ مگن هئا. الفريڊ کي ان عورت جي صاف گوئيءَ ۾ بازاري پڻو محسوس ٿيو، پر جذبن جي شدت سيني احساسن کي ريلي وانگر وهائي ڇڏيو.

هن اها رات رنگين صحبت ۾ گذاري. صبح جو جڏهن هو موڪلاڻڻ لڳو تہ حسين عورت سڄي رات جي محنت جو اجورو طلب ڪيو.

الفريڊ کي ذهني ڏڪو لڳو." محبت اهڙي جنس نہ آهي، جنهن کي خريد ۽ فروخت ڪري سگهجي." هن من ئي من ۾ ڀڻڪيو ۽ آهستگيءَ سان ان جو اظهار ڪيو.

"دنيا ۾ هر شيءَ خريد يا فروخت ڪري سگهجي ٿي." ان حسينہ وڏو ٺهڪ ڏيندي جواب ڏنو، "تون پهريون دفعو هن دنيا سان متعارف ٿيو آهين. اسانجي ڪاروبار ۾ ان کي ناتجربيڪاري چيو ويندو آهي. هاڻي قيمت چڪاءِ ۽ هلندو رهہ!"

الفريڊ اندر ۾ ٽٽي پيو. هو تہ مرد ۽ عورت جي لاڳاپن کي پاڪيزه افلاطوني جذبن جو ترجمان سمجهندو هو، پر هيءُ ڪراهت سان پيريل رخ ڏسي هن کي نفرت ٿيڻ لڳي، "اها سچي ۽ بي لوث محبت ڪٿي آهي، جنهن جا نغما شاعر آلاپين ٿا." الفريڊ بار بار دل ۾ دهرائي رهيو هو.

رات جي قيمت ادا ڪري جڏهن هو طوائف جي ڪمري مان نڪتو تہ بلڪل بدليل انسان بنجي چڪو هو، پر هيءَ تبديلي منفي هئي. زندگيءَ جي نازڪ اصولن کان هن جو ايمان هيٺ مٿي ٿي رهيو هو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وري ان قسم جي ٻئي تجربي مان گذريو. ٻن ناڪامين هن کي مايوسيءَ جي گهريءَ ڪاهيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ هو عشق ۽ محبت جي معاملي ۾ انتشار ۽ ذهني پيڙا جو شڪار ٿي ويو. ان جي چهري مان غم جهلڪڻ لڳو. ائين ٿي لڳو تہ ڇڻ ڪا قيمتي شيءِ گم ٿي وئي هجيس ۽ جنهن ڪانسواءِ زندگي گذارڻ جو بہ تصور ممڪن نہ هو.

☆☆☆

هڪ ڏينهن هو هڪ ناچ گهر ۾ انهيءَ ڪيفيت جي اثر هيٺ ويٺو هو. هن جي دل ۾ هر هر اهو ئي خيال اچي رهيو هو تہ سچي محبت جو دنيا ۾ ڪو وجود نہ آهي، ۽ مرد عورت جو رشتو صرف ڪاروباري ڏي وٺ تي ٻڌل آهي. معمولي شڪل جي هڪ ناري هن جي ويجهو اچي ويهي رهي. ان جا وار سنهري هئا ۽ اکين ۾ ذهانت جي چمڪ هئس. ان جو نالو جولي هو.

سهڻيون چوٽيون

☆جڏهن پيٽ خالي هجي تہ هروپيرو غرور نہ ڪريو.

☆توهان وٽ ڪاٺ جو ٺهيل ڪيڏو بہ خوبصورت خنجر چو نہ هجي، توهان ان سان ڪڪڙ جي چوزي کي بہ ذبح نٿا ڪري سگهو. وڏ ۾ وڏ توهان اهو ڪري سگهو ٿا تہ وسندڙ پاڻي جي ڌار ڪٽي سگهو ٿا.

☆ گڏي ۽ گڏيءَ جو نڪاح ڪرڻ سان ٻارن جي پيداوار جو سلسلو شروع نہ ٿو ٿي سگهي.

☆جهڙي طرح سنت طهر جي وقت هنس پکي ڏيکاريو ويندو آهي، تہ جيئن ٻار جي توجهہ ٻي طرف ڪرائي وڃي پر هنس پکي جي پرن سان تہ طهر نہ ٿو ڪيو وڃي. ان لاءِ تيز ڌار رکندڙ پاڪيءَ جي ضرورت پوندي آهي.

☆يقينن، مياڻ بہ ضروري آهي. ڇو تہ ان ڪانسواءِ ڌار کي زنگ لڳي ويندو ۽ مياڻ جو خوبصورت هئڻ بہ خوش ذوق هئڻ جو ثبوت آهي.

☆انتهائي گهري خيالن لاءِ ڇٽڪي زبان ۽ بي سري زبان ائيز آهي جيئن بگهڙ جي سامهون برسات.

" چپ چاپ ويٺو آهين. ڪا شيءُ گم ٿي وئي اٿئي ڇا؟" جوليءَ نرم ۽ نازڪ انداز ۾ سوال ڪيو.

"اها شيءِ، جنهن جو ڪو وجود ئي نه آهي." الفريڊ ان ئي انداز ۾ جواب ڏنو.

"تمام سٺو! جنهن شيءُ جو وجود نه هجي، ان جي گم ٿيڻ تي اداس ٿيڻ ڇا نه دلچسپ ڳالهه آهي!" جوليءَ مسڪرائيندي چيو.

پوءِ ٻنهي کي خبر نه پئي ته وقت ڪيئن گذريو.

جڏهن به ان جي ڳالهه هلي آ
سڄي سڄي رات هلي آ

وارو معاملو ٿي ويو. هڪ ٻئي جي وجود کي ڇهڻ کان بغير ٻئي سڄي رات گفتگوءَ ۾ محو رهيا. صبح جو جدائيءَ جو وقت آيو ته الفريڊ کي پنهنجن خيالن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. جوليءَ جي گفتگو ايتري قدر دلڪش هئي جو الفريڊ هن جي طرف شديد ڪشش محسوس ڪرڻ لڳو.

ملاقاتن جو سلسلو جاري ٿي ويو. الفريڊ اندي جذبات جو مظاهرو ڪرڻ ٿي لڳو ته جولي مسڪراهٽ جي زنجير وجهي هن کي بيوس ڪري ڇڏيندي هئي. الفريڊ کي پڪ ٿي وئي ته جولي هن جي لاءِ ڪنهن آسماني نعمت کان گهٽ نه هئي.

هڪ شام جو هو پنهنجي محبوبه سان ملڻ ويو ته هن جي حالت ڏسي وحشت ۾ مبتلا ٿي ويو. جوليءَ جي زندگيءَ جو ڏيئو وسامڻ تي هو. هن جو رنگ پيلو ٿي چڪو هو ۽ اکين جي جوت ختم ٿي چڪي هئي. ڪو اهڙو ئي روڳ هو، جنهن ڏسندي ئي ڏسندي هن کي موت جي ويجهو ڪري ڇڏيو هو. الفريڊ جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. جوليءَ کي هڪدم اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو ۽ الفريڊ هن جي زندگي بچائڻ لاءِ ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ لڳو.

"تون ايتري قدر پريشان ڇو آهين؟" هڪ ڏينهن جوليءَ ڪمزور لهجي ۾ چيو، "زندگي ۽ موت ٻئي ازلي ۽ ابدي سچائيون آهن. انهن کي کل خوشيءَ ۾ قبول ڪرڻ گهرجي. دنيا ۾ هزارين ماڻهون هن تجربي مان گذرن ٿا."

"پر اهي اسين نه، بلڪ ٻيا ماڻهو هوندا آهن." الفريڊ جواب ڏنو، "حادثن جي گهٽائي، تڪليف جي شدت ۾ گهٽتائي نه ٿي ڪري. هاڻي ڇا مان تو لاءِ پريشان به نه ٿيان؟"

"اسان دنيا جهان جون هڙئي ڳالهيون ڪيون آهن، پر موت جي موضوع کي ڪڏهن به زير بحث هيٺ نه آڻي سگهياسون." جوليءَ ڪمزور لهجي ۾ چيو، "ڪيترو نه بيوس آهي انسان هن معاملي ۾!"

"هر موضوع جو هڪ وقت هوندو آهي ۽ هر ڳالهه پنهنجي وقت تي سٺي لڳي ٿي." الفريڊ ڏک واري لهجي ۾ چيو.

"الفريڊ ياد رک، موت خاموشيءَ سان اچي انسان کي ختم ڪريو ٿي ڇڏي،" جوليءَ چيو، "۽ سندس سمورا ارادا اڌورا رهجي ويندا آهن. هيءَ ننڍڙي ڳالهه اگر انسان جي ذهن ۾ رهي ته دنيا وڏي خوشگوار ٿي وڃي. بهرحال! تنهنجي محبت ۾ گذاريل وقت گهڻو خوشگوار هو. ان جو عرصو بيشڪ گهٽي نه هو، پر ان جو

سيٺ نائون مل

هي سيٺ هوتچند جو پٽ هو، پوڄي مل جو پوٽو هو، جنهن ڪري هو ۽ هن جو اولاد اڄ تائين پوڄواڻي سڏجن ٿا. اصل هن جا وڏا خدا آباد جي ويجهو رهندا هئا. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ هي سيٺ ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو ۽ سمنڊ جي رستي ٻاهرين ملڪن سان واپار ڪندو هو. ڪراچي تڏهن قلات جي خان جي هٿ ۾ هئي ۽ ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو، جنهن ۾ مهاڻن جا گهر هوندا هئا. جڏهين ٽالپرن ڪراچي هٿ ڪئي، تڏهين به هي سيٺ اتي رهندو آيو. ميرنصيرخان جي ڏينهن ۾ جڏهين انگريز سرڪار پنهنجو لشڪر شاهه شجاع جي مدد لاءِ سمنڊ جي رستي آندو ۽ ميرن هنن کي روڪ ڪئي، تڏهين سيٺ نائون مل انگريزن جي گهٽي مدد ڪئي ۽ جڏهين منهوڙي جو ڪوٽ ڊاهي زور سان ڪراچيءَ ۾ لهي درياهه جي رستي لشڪر وٺي تي آياءِ سرسات ملڻ ۾ هنن کي مشڪلات هئي، تڏهين سيٺ سرسات وٺڻ ۾ گهٽي مدد ڪين. جڏهين انگريزن سنڌ ڪٽي، تڏهين سيٺ کي گهڻو مان ڏنائون ۽ جاگير به ڏنائون ۽ سي ايس آءِ جو خطاب به ڏنائون. جهڙو مير شير محمد خان کي ڏنو هئائون. جو ساڻن دٻي جي جنگ ۾ بهاداريءَ سان وڙهيو هو.

لطف گهٽ نه هو. افسوس جو اسان زندگيءَ جو سفر گڏ طئ ڪري نه سگهياسون."

ان ڏينهن الفريڊ واپس آيو ته مايوسيءَ جي انڌي کوهه ۾ ڪري چڪو هو. ٻئي ڏينهن هو جوليءَ سان ملڻ ويو ته سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو هو. جولي رات جي ڪنهن بيرحم پل ۾ آخرت جي سفر تي رواني ٿي چڪي هئي.

☆☆☆

ان حادثي الفريڊ جي زندگيءَ ۾ تلخيون پري ڇڏيون، پر وقت به وڏو مرهم آهي. سڀ زخم آخرڪار پريو ڇڏي. ان دور ۾ الفريڊ پنهنجي ڪيفيت جو اظهار ڪجهه هن طرح ڪيو:

"منهنجي محبت مرده وجود سان آهي. آئون آخري وقت ۾ ان کي تسليءَ جا ٻه اکر به نه چئي سگهيس. ڇا خوشبوئن سان ڀريل الفت جو انجام دفن ٿيندڙ لاش هوندو آهي؟ ڪيتري تلخ حقيقت آهي. هاڻي آئون انسانن جي وچ ۾ رهي ڪري خوشين ۾ ڪيئن شرڪت ڪري سگهندس؟ حسين ۽ خوبصورت اکين مان ڇلڪڻ وارن ڳوڙهن جو نظارو ڪيئن ڪندس؟"

جنسي لاڳاپن کانسواءِ محبت سندس خواب بنجي وئي. جرمن فلاسافر شوپنهار چيو هو ته قدرت انفرادي ڏکن ۽ غمن کان بي پرواهه ٿي نر ۽ ماديءَ جي وچ ۾ ڪشش جي آبياري ڪري ٿي. ان جو مقصد صرف نسل جي بقا هوندو آهي. پر الفريڊ پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ان کي رد ڪندي چيو ته قدرت انسان جي وچ ۾ پيدا ٿيڻ وارن جذباتي طوفانن بنا به هيءُ ڪارنامو سرانجام ڏئي سگهي ٿي. محبت جو جنس سان ڪوبه تعلق نه هئڻ گهرجي.

الفريڊ جي خيالن تي سڄي عمر هن جي ماءُ ڪيرولين جو تقدس ڇانيل رهيو.

اهو ئي سبب آهي جو هو جنسي لاڳاپن جي اهميت کان انڪار ڪندو رهيو. اسين چئي سگهون ٿا تہ هو مغرب ۾ پيدا ٿيڻ جي باوجود مشرقي سوچ جو مالڪ هو. بلڪ مشرقي بہ نہ، پر منفرد سوچ جو حامل چوڻ گهرجي.

هن جي ماءُ جو ڇهاسي سالن جي ڄمار ۾ انتقال ٿيو ۽ ضعيف ماءُ جي آخري دم تائين هو ڪيس دنيا جي عزيز ترين هستي سمجهندو رهيو. هو دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ هوندو هو تہ بہ پنهنجي ماءُ سان رابطو ۾ هوندو هو ۽ بي شمار تحفا موڪليندو رهندو هو ۽ ماءُ جي سلسلي ۾ هن ڪڏهن بہ دولت يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي اهميت نہ ڏني. هو هن کي "جهوني پياري خاتون " چوندو هو. خطن جو اختتام عام طرح هن انداز ۾ ڪندو هو تہ "تنهنجو پراڻو دوست الفريڊ."

روس ۾ رهڻ دوران هن هڪ ذهين ۽ خوش شڪل ڇوڪري "اليگزينڊريا" سان شاديءَ جو فيصلو ڪيو. هڪ رات جڏهن هو ٻئي ڇڻا رئيساڻي شان ۽ شوڪت سان بگيءَ ۾ سوار ٿي گهر موٽي رهيا هئا تہ الفريڊ، اليگزينڊريا سان شاديءَ جو ذڪر ڇيڙيو.

اليگزينڊريا غرور ۾ پريل نظرن سان هن کي ڏٺو ۽ انڪار ڪري ڇڏيو. الفريڊ کي ائين لڳو تہ ڇڻ هو دنيا جو بدصورت ترين انسان هجي. هن کي پنهنجو پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. ان نفرت کي هو سڄي عمر لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. يا شايد هيءَ ڳالهہ ئي ان کي اڳتي وڌڻ لاءِ اڪسائيندي رهي.

ان لحاظ کان اليگزينڊريا هن کي رد ڪري انسانيت تي وڏو احسان ڪيو. جيڪڏهن هوءَ ان کي قبول ڪري وٺي ها تہ ممڪن هو تہ الفريڊ بہ عام انسانن وانگر ڪجهہ ٻار پيدا ڪري وڃي قبر ڀيڙو ٿئي ها.

☆☆☆

آخرڪار جڏهن هو ٻيهر پنهنجي خاندان ۾ واپس آيو تہ حالتون بدلجي چڪيون هيون. هن جو خاندان وڏن منصوبن تي ڪم ڪري رهيو هو. هن جي پيءُ جي "مائنز" جي اهميت تسليم ٿي چڪي هئي. پر روس جو زار هڪ وڏي جنگ جي تيارين ۾ مصروف هو. ان ڪري هن سيني تجربن تي پابندي عائد ڪري ڇڏي. جنگي سامان ملڪ جي اندر نهڻ لڳو. سندس ڀائر رابرٽ ۽ لبوگ پنهنجي پيءُ جا ڀانهن ٻيلي هئا، پر الفريڊ جو حاصل ڪيل جديد علم بيحد اهم قرار ڏنو ويو.

پيٽرزبرگ ۾ الفريڊ جي ضرورت تہ گهٽي هئي، پر ٻاهرين ملڪن سان ڏي وٺ جي لاءِ هي مناسب ترين شخص هو. ان ڪري ڪيس مغربي يورپ جو دورو ڪرڻو پيو. پنهنجين مصروفيتن جي باوجود هو ڪيميائي ليبارٽرين ۾ تجربن لاءِ وقت ڪڍي وٺندو هو. ٻن مادن جي ميلاپ سان ٽين مختلف شيءِ ڪي پيدا ڪرڻ هن لاءِ تمام اهم هو.

روس جو زار، نيپولين کي تباهہ ڪرڻ ڪانپوءِ طاقت جي بل بوتي تي بلنديءَ تي پهچي چڪو هو. هڪ لحاظ کان هو يورپ جي ڇڻ مالڪ ۽ مختيار ٿهيو وينو هو. فرانسيسي انقلاب جي لهر جو زور

ٽوڙڻ ۾ هن جو تمام گهڻو ڪردار هو ۽ هو شهنشاهيت کي بچائڻ جي سر ٽوڙ ڪوشش ڪندو رهيو.

ان وچ ۾ نيپولين جو هڪ مائٽ فرانس جي تخت تي قابض ٿي ويو. سياسي صورتحال ايتري قدر ڪشيده ٿي وئي جو روس کي بندرگاهون محفوظ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. اهڙيءَ طرح ايمنيوئل جون "مائنز" وري منظرعام تي آيون. روس جي زار جي رهائش تائين وڃڻ وارو دريائي رستو پاڻيءَ ۾ "مائنز" وڇائي بند ڪيو ويو.

هي مائنز ٽين جي دبن ۾ " گن ڪاٽن" پري تيار ڪيون ويندیون هيون. برطانوي بحري جهاز پيٽرز برگ تائين وڃڻ جي جرئت نه ڪري سگهيا. ڪين انهن مائنز جي تباهي اتفاقي طرح معلوم ٿي. هڪ برطانوي ملاح هڪ عجيب و غريب ٽين جو دبو پاڻيءَ ۾ وهندو ڏٺو. ترندڙ تباهه ڪن دبن جون ڳالهيون هنن جون ٻڌل هيون.

دبي کي حفاظت سان ڪڍي هو پنهنجي ڪمانڊر جي جهاز تي کڻي ويو ته جيئن ماهر ان جو معائنو ڪري سگهن. هيءَ ڳالهه تباهيءَ کي گهر جي اندر گهرائڻ جي برابر هئي. متعدد نگاهن جي سامهون ان دبي جو معائنو شروع ٿيو. هر نگاهه ۾ تجسس هو. هڪ جرئتمند ماهر ان دبي کي کولڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهو ڏماڪي سان ڦاٽي پيو ۽ پاڻ سان گڏ کولڻ واري کي به ذرا پرزا ڪري ڇڏيو. تماشائي سڪتي ۾ اچي ويا. برطانوي نيوي پوءِ ايتري ته خوفزده ٿي جو وري روسي نڪاڻن تائين پهچڻ جي طاقت ساري نه سگهي.

ان وانگر هڪ ٻيو حادثو روسي جهاز کي پيش آيو، جنهن پاڻيءَ منجهه ترندڙ زنجير ۾ پرويل دبن جي پرواهه نه ڪئي ۽ پنهنجي جهاز جي تري کان هٿ ڏوئي ويٺو.

راتون رات ايمنيوئل جي فيڪٽريءَ جا نصيب جاڳي پيا. ٻيڙين ۽ جهازن کي ٻاڦ جي طاقت سان هلائڻ وارو منصوبو سامهون آيو. ايمنوئيل کي ان جو ڪو خاص تجربو نه هو، پر هاڻي هن جو پڙهيل ڳڙهيل هونهار الفريڊ نوبل موجود هو. ان ڪري هن پنج سؤ هار پاور سان هلڻ وارا ٽي جهاز تيار ڪري ورتا. ان کان هڪدم پوءِ به سؤ هارس پاور جا پنج ٻيا جهاز به تيار ٿيا.

ان دوران روسي بحري فوج کي جديد جهازن سان مسلح ڪرڻ جو عظيم منصوبو عمل ۾ آيو ۽ نوبل فيڪٽريءَ کان علاوه هن چئلينج کي قبولڻ وارو پوري روس ۾ فقط هڪ ماڻهو هو، يعني نڪولس آئي وينو وچ... نوبل فيڪٽريءَ جو ڪردار هن ڏس ۾ سڀ کان مٿانهون هو. هيءَ تاريخي حقيقت آهي ته روسي نيويءَ جون پاڙون نوبل خاندان مضبوط ڪيون. گرم سمنڊ نه هئڻ سبب هيءَ نيوي آمريڪيءَ نيويءَ جو مقابلو نه ڪري سگهي. اهو الڳ داستان آهي.

ڏينهن رات جي محنت ۽ مشقت، الفريڊ جي صحت تي برو اثر وڌو. هو بستر پيڙو ٿي ويو. فيصلو اهو ئي ٿيو ته هن کي منظر تان هٽايو وڃي. الفريڊ واپس سويڊن وڃڻ کي ترجيح ڏني. هن انهيءَ

چارديواريءَ کي رحمت سمجهيو ٿي، جتي هن کي ممتا ملي ٿي.

هن اتي پنهنجي جسماني ڪمزوريءَ جو تجزيو ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتو تہ ان جو علاج دوائن کان وڌيڪ قوت ارادي ۽ سان ڪرڻو پوندو. شهرن جا هنگاما هونئن بہ ڪيس پسند نہ هئا. هن ڪيترائي ڀيرا اعتراف ڪيو تہ هو پنهنجن بي زبان دوستن يعني گلن ۽ ٻوٽن ۽ لڏندڙ لمندڙ وڻن جي محبت ۾ وڌيڪ خوش رهي ٿو.

هوڏانهن پيٽرزبرگ ۾ سندس پيءُ جي فيڪٽريءَ ۾ ڏينهن رات ڪم ٿي رهيو هو ۽ ايمنيوئيل کي پنهنجي ذهين پٽ الفريڊ جي بيحد ضرورت هئي. الفريڊ صحتياب ٿيو تہ هن جي پيءُ سک جو ساهہ کنيو. روسي بادشاهہ جي وفات کانپوءِ هن جو پٽ اليگزينڊر ٻيون تخت تي ويٺو.

نوبل خاندان روسي فوج جي لاءِ بيشمار فوجي سامان تيار ڪندو هو. سرڪاري سطح تي هن سان ڪيترائي معاهدا ٿيل هئا، ان ڪري نوبل خاندان جو مستقبل محفوظ سمجهيو ويندو هو. پر پرديس ۾ ڪڏهن ڪڏهن سون جا سڪا بہ زهر جا گرهہ بنجي ويندا آهن، جنهن جو ڪوبہ علاج نہ هوندو آهي.

روس جي حڪمران، موت جي بستري تي پنهنجي پٽ اليگزينڊر ٻئين کي هدايت ڪئي هئي تہ غلاماڻي زندگي گذارڻ وارن هارين کي آزاد ڪري ڇڏجانءِ، ڇو تہ بادشاهت کي برقرار رکڻ لاءِ رعيت کي ڪنهن حد تائين خوش رکڻ بيحد ضروري آهي. پٽ، پيءُ جي نصيحت کي ياد تہ رکيو، پر ملڪي حالتن کيس ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق نہ ڏني. بدقسمتيءَ سان هن فرانس جي هٿان زبردست شڪست کاڌي. روسي فوج جي طاقت جو پول کليو تہ اليگزينڊر کي پيءُ جي وصيت ياد آئي.

پهرين هن هارين کي آزاد ڪيو، جيڪي حيوانن کان بہ بدتر زندگي گذاري رهيا هئا. ملڪي انتظام ۾ بنيادي تبديليءَ جي سلسلي ۾ هن جنگي سامان ٻاهرين ملڪن کان گهرائڻ جو منصوبو بنايو.

ملڪ اندر پيدا ٿيڻ واري سامان کي اليگزينڊر ٻيون گهڻو ڪارآمد نہ سمجهندو هو. نوبل خاندان تي ان جو تباهہ ڪن اثر پيو. ڏسندي ئي ڏسندي فيڪٽري ويران ٿي وئي. خرچ وڌي ويا ۽ آمدني بند ٿي وئي. ايمنيوئيل سرڪاري وعدا ياد ڏياريا، دستاويزي ثبوت پيش ڪيا، پر ڪٿي بہ ڪا شنوائي نہ ٿين. ايتري قدر جو هن رحم جي اپيل ڪندي مالي مدد جي التجا ڪئي، جيڪا بہ شهنشاهہ تائين پهچي نہ سگهي. بادشاهہ جي لفظن کي ڇاڪاڻ تہ قانون جو درجو حاصل هو، ان ڪري هن ناانصافيءَ خلاف نہ تہ ڪٿي ڪيس ٿي داخل ٿي سگهيو ۽ نہ ئي ڪنهن اپيل جي گنجائش هئي. ايمنيوئيل، زال ۽ ننڍي پٽ آسڪر کي ساڻ ڪنيو ۽ ڪاروبار نوجوان پٽن رابرٽ، لڊوٽ ۽ الفريڊ جي حوالي ڪري وطن واپس اچي ويو.

ٽنهي ڀائرن عدالت کي يقين ڏياريو تہ انهن جو ڪاروبار ملڪي حالتن سبب تباهہ ٿيو آهي، ان ڪري انهن کي بيڏوهي قرار ڏئي قرض لهڻڻ وارن کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. عدالت، نوبل خاندان کي

ڏيوالو نڪتل قرار ڏنو تہ قرض خواهن کان کين نجات ملي وئي.

☆☆☆

هاڻ الفريڊ پنهنجو پاڻ کي بي وطن سمجهڻ لڳو. سويڊن مان هن ننڍپڻ ۾ هجرت ڪئي هئي ۽ روسي سرڪار هن کي هر شيءِ کان محروم ڪري ڇڏيو هو.سندن خاندان شاهي مهرباني جي نتيجي ۾ "خاڪ شاهہ" تي ويو هو. هڪ مؤجد جو ذهن منجهي پيو.

هڪ ڏينهن هن دريا پار ڪري تباهہ ٿيل فيڪٽريءَ ۾ وڃڻ لاءِ هڪ ٻيڙيءَ تي چڙهڻ وارو هو تہ هن جي نگاهہ هڪ عورت تي پئي، جيڪا اليگزينڊريا جي هوبهو تصوير لڳي رهي هئي ۽ اها ان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي رهي هئي. الفريڊ جا پراڻا زخم تازا ٿي ويا. اليگزينڊريا هن کي رد ڪري ڪيس بدصورت هئڻ جو احساس ڏياريو هو. هو اچانڪ ڪاوڙ ۾ اچي ويو.

هو اڃان ان ٻڌتر ۾ هو تہ اها ٻيڙي ڪناري تان رواني ٿي وئي. عورت مرڪندي هن ڏانهن ڏٺو. پر ڏنڌ ۾ ٻڏل ذهن ان مسڪراهٽ جو ڪجهہ ٻيو مطلب ورتو. "آئون دريا پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙيءَ جو محتاج ناهيان." اهو چئي الفريڊ ڪپڙن سميت دريا ۾ ٽپو ڏنو. عورت ديوانگيءَ جي هن حد تي حيران ٿي وئي، پر الفريڊ جنوني انداز ۾ دريا جو سينو چيريندو پار ٿي ويو.

ٻئي ڪناري تي پڳو تہ ڏسڻ وارا متانئس چٽرون ڪرڻ لڳا. اها ڳالهہ باهہ تي تيل هارڻ جي برابر هئي. الفريڊ بگيءَ ۾ ويهي واپس گهر آيو. ڪپڙا متايائين ۽ معمولي سامان سميت اٽڇاتل منزل ڏانهن روانو ٿي ويو. هن ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو تہ هن جي منزل ڪهڙي آهي!

هو خود بہ منزل کان بيخبر هو!

پيٽرزبرگ کي ڇڏي، هو گمنام ڳوٺن ڏانهن هليو ويو هو، جتي انسانن جي زندگي، انسانذات لاءِ هڪ تهمت برابر هئي. ڪيترائي ڏينهن ۽ راتيون گذري ويون، الفريڊ جي خاندان کي اها بہ خبر نہ پئي تہ هو زنده بہ آهي يا مري چڪو آهي!

رت راڻو آ

رت، مٽ مائٽ وقت تي ڪم اچي. راڻو/حاڪم بہ وقت تي ئي ڪم ايندا آهن. پنهي جي حيثيت هڪ جهڙي آهي.

تر ۾ مارو ماڻهو، مال تي گذران ڪن. ان ڪري اهي مال کي رت سان تشبيهہ ڏيندا آهن. پنهنجي مال کي راڻو سمجهن. ان جي ساٿ کي اصل ساٿ سمجهن.

- رت جي رتي، آن جو پهاڙ. (تر)
- رت، رت آ.

☆☆☆

سنگ جو پرسنگ

ماڻهو، ماحول مان متاثر ٿئي ٿو. متاثر ٿي، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ سکي ٿو. سٺي ماحول ۽ سٺي سنگت ۾ رهڻ وارو سٺا اخلاق/آداب سکي، ماڻهن ۾ مڃتا/مان ماڻي ٿو. برن جي سنگت/صحت ۾ رهڻ وارو، برا اخلاق، بريون عادتون ڌاري ٿو ۽ جڳ جهان ۾ بدناموسي ڪمائي ٿو.

الفريد هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ پهتو، جتي جي سڄي آبادي تعليم کان بلڪل بيخبر هئي. هن هڪ هاري ڇوڪريءَ کي ڪوڏر سان ڪوٽائي ڪندي ڏٺو. اها ڇوڪري ڏاڍي ڪا غريب هئي ۽ هٿن ۽ ڪوڏر سان زمين کي پوکيءَ لائق بنائي رهي هئي. ان ڇوڪريءَ جا ڊگهه وار مٿيءَ ۾ ڀريل هئا ۽ منهن تي به مٽي هئي. ان جي باوجود ان دز جي هيٺان ڳلن ۽ چپن جي ڳاڙهاڻ ڇلڪي رهي هئي.

اها ڇوڪري هن اجنبي مسافر جي لباس مان ايترو تہ متاثر ٿي جو پنهنجو ڪم جاري نہ رکي سگهي. اهي ڳوٺاڻا ماڻهو انتهائي غريب هئا ۽ جانورن وانگر زندگيءَ جو عذاب پوڳي رهيا هئا. الفريد مهذب طريقي سان ان حسين ڇوڪريءَ کي سلام ڪيو تہ هوءَ حيران ٿي وئي. شهرن مان اچڻ وارا تہ انهن ماڻهن کي حيوانن کان به بدتر سمجهندا هئا. ڇوڪري به مرڪندي سلام جو جواب ڏنو ۽ پنهنجو ڪم ڇڏي مهمان کي پنهنجي گهر وٺي وئي. معزز مهمان کي ويهارڻ لاءِ گهر جي ڀاتين وٽ مناسب جڳهہ نہ هئي. ڳوٺ جا ماڻهو هن کي ڪميسار (روسي شاهي آفيسر) سمجهي رهيا هئا ۽ اڪيلو ڏسي حيرت ڪائي رهيا هئا، ڇو تہ روسي شاهي آفيسر ان وقت وڏو دبدبو رکندا هئا.

الفريد جڏهن پيٽرزبرگ جو احوال ڏنو تہ رهيل ڪسر پوري ٿي وئي. سڄو ڳوٺ هن کي ڏسڻ لاءِ اٿلي پيو. هن جي ڳالهہ ٻولهہ مان ماڻهن هن کي آسماني مخلوق سمجهڻ شروع ڪري ڏنو. ڪميسار ۽ ايترو رحمدل!؟ هر هڪ جي زبان تي اهو ئي سوال هو.

☆☆☆

ڇوڪريءَ جو نالو ڪرينن هو ۽ هوءَ پنهنجي هن "ڳولا" تي تمام گهڻو خوش هئي، ڇو تہ هن ئي ڪميسار کي ڳوٺ ۾ آندو هو. سيئي ماڻهو، ڪرينن کي پنهنجي ظرف مطابق هدايتون ڏئي رهيا هئا تہ شاهي مهمان جي خدمت ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪري ۽ عذاب کي دعوت نہ ڏئي. هوڏانهن ڪرينن جو اهو حال هو تہ وس پڇيس ها تہ سيني مان دل ڪڍي الفريد جي اڳيان رکي ڇڏي ها.

هڪ به ڏينهن مهمان نوازيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ کانپوءِ الفريد کي گهر جي ڀاتين تي رحم اچڻ لڳو. هن، ڪرينن کي چند روبل (روسي سڪو) پيش ڪيا تہ جيئن انهن تي بار نہ بنجي. هيءَ معمولي رقم ڏسي، ڪرينن جا گهر ڀاتي خوشيءَ ۾ ڀاڱل ٿيڻ لڳا. هتي تہ هر شخص وٺڻ ايندو هو، ڏيڻ جو تہ صدين کان رواج ئي نہ هو. ڪرينن جا غريب مائٽ دل جي سچائيءَ سان دعائون گهرڻ لڳا تہ خدا هن سخي مرد کي بادشاهي عطا ڪري.

اها غريب ڇوڪري الفريد کي وڻڻ لڳي. عورت جي باري ۾ هن جا جذبا لاهن ۽ چاڙهن جا شڪار ٿي رهيا هئا. هن جو پهريون تجربو تمام تلخ هو، پوءِ جوليءَ ان تلخيءَ کي ڪجهہ قدر دور ڪري ڇڏيو هو. اليگزينڊريا هن کي رد ڪري ان تلخيءَ ۾ اضافو ڪري ڇڏيو هو. هاڻي ڪرينن هن کي قربان ٿيڻ وارين نظرن سان ڏسڻ لڳي هئي.

پهرين هوءَ صرف متاثر ٿي هئي، پر

ڪجهه ڏينهن جي رفاقت هن متاثر ٿيڻ کي پسنديدگيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو. هوڏانهن الفريڊ جي ذهن ۾ شاعرانا خيال اچي رهيا هئا. هن پنهنجي ذهن جي پرواز جو حال قلمبند ڪرڻ ٿي چاهيو، پر هيءُ اهو ڄاڻي حيران ٿي ويو ته سڄي ڳوٺ وارن جي لاءِ قلم ۽ لکڻ واري مس اوپريون شيون هيون، لکڻ پڙهڻ ته پري جي ڳالهه هئي. ڪرنين کي جڏهن هيءَ معلوم ٿيو ته سندس مهمان لکي پڙهي به سگهي ٿو ته هوءَ ان کي سچ پچ شهزادو سمجهڻ لڳي.

الفريڊ هڪ ڀيرو ڪرنين سان اميريءَ ۽ غربت بابت گفتگو ڪري رهيو هو ته عورت ۽ مرد جي ميلاپ ۾ ان جي ڪابه اهميت ناهي.

پهرئين ته ڪرنين احترام ڪندي خاموشيءَ سان ٻڌندي رهي، پر پوءِ ڏڃندي ڏڃندي هن چيو ته "اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ امير ته امير هوندا آهن. ماڪيءَ جي مڪين، ڪيڙن ۽ ماڪوڙن ۾ به ڪم ڪرڻ وارا الڳ ۽ حڪمران الڳ هوندا آهن. ماڪيءَ جون سڀ مڪيون "ملڪ مک" جون غلام هونديون آهن."

"پر اسين انسان آهيون." الفريڊ ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، "شهنشاهه ڪيبه ناانصافيءَ جو حق نه ٿو پهچي." الفريڊ، روسي شهنشاهه جي اره زورائيءَ وارن حڪمن ڪري ڏڪارو ٿي چڪو هو، ان ڪري سندس اندر جي ڪوڙاڻ ان جي زبان تي اچي وئي.

ڪرنين يڪدم پنهنجو ڏڪندڙ هٿ سندس چپن تي رکي ڇڏيو. هو پنهنجي هن جرئت تي پاڻ به حيران ٿي وئي. پوءِ فطري حيا جي اثر هيٺ پنهنجو هٿ ڇڪيندي سرگوشيءَ ۾ چوڻ لڳي ته "شهنشاهه جي باري ۾ اهڙي ڳالهه ڪرڻ گناهه آهي، ڪنهن ٻڌي ورتو ته...." ۽ ان کان اڳتي هوءَ ڪجهه به چئي نه سگهي ۽ ڪنڌ جهڪائي زمين ڏانهن ڏسڻ لڳي.

"ڪرنين، ياد رک! جيڪڏهن زندگي رهي ته اهڙا شهنشاهه منهنجي دوستيءَ تي فخر ڪندا." الفريڊ اڌ ڪليل اکين سان خلا ۾ گهوريندي چيو، "مون وٽ وڏي طاقت آهي. اهڙي طاقت، جنهن جو خود مونکي به اندازو ڪونهي."

"آئون ڄاڻان ٿي." ڪرنين بدستور جهڪيل نگاهن سان جواب ڏنو.

"تون ڇا ٿي ڄاڻين؟" الفريڊ ڇرڪ ڀريندي هن پاڳل ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ کان پڇيو.

"مڇيءَ کي ترڻ ۽ پکين کي هوا ۾ اڏامڻ جي لاءِ ڪجهه به سکڻ جي ضرورت نه هوندي آهي." ڪرنين جهڪيل نظرون ڪٽندي ڳالهه ڪئي، "اهڙيءَ طرح مونکي تنهنجي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ ڪنهن سيکارڻ واري جي ڪابه ضرورت ڪانهي. بس آئون ڄاڻان ٿي ته تون سڀ ڪجهه ڪري سگهين ٿو.. منهنجي دل شاهدي ٿي ڏي ته تون پکين وانگر هوا ۾ اڏامي سگهين ٿو ۽ ننهن سان ڌرتيءَ جو سينو چيري سگهين ٿو." ڪرنين.. ڳوٺ جي اٿپڙهيل ڇوڪري، يقين جي سهاري مستقبل ۾ جهاتي پائڻ لڳي ۽ حيران ڪندڙ ڳالهه هيءَ هئي ته هوءَ الفريڊ جي خيالن جي مڪمل ترجماني ڪري رهي هئي. الفريڊ کي محسوس ٿيو ڄڻ ته هو پاڻ ڪرنين جي

زبان سان ڳالهائي رهيو هجي. آهستي آهستي هن جي نگاهن جي سامهون وينل ڪرينن غائب ٿي وئي ۽ جولي سامهون اچي وئي. هن بي اختيار ڪرينن يا جوليءَ جو هٿ وٺي پنهنجن چپن سان لڳائي ڇڏيو. ڪرينن بہ اوچ نيچ کي وساري ڇڏيو ۽ مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ازلي ڪشش جي اثر ڪري الفريڊ سان چنبڙي پئي.

پنڌرنهن ڏينهن تائين الفريڊ هن پنتي پيل ڳوٺ ۾ رهيو. هن مختصر عرصي هن کي ذهني انتشار کان نجات ڏياري. سچي ڄاڻ سچائپ لاءِ بعض اوقات هڪ گهڙي بہ ڪافي هوندي آهي ۽ اهڙي سچي گهڙيءَ جو اثر دائمي ثابت ٿيندو آهي. ڪرينن جي پيار ۾ گذاريل وقت الفريڊ جي شاعريءَ ۾ تلاش ڪري سگهجي ٿو. خود هن اعتراف ڪيو هو تہ اها اهڙي ڳجهارت آهي، جيڪو حل کان مٿي آهي.

جڏهن هو ڪرينن کان رخصت ٿيڻ لڳو تہ ان ڳوٺاڻي حسينہ کابہ شڪايت نہ ڪئي، نہ ئي جلد اچڻ جو ذڪر ڪيو. رڳو ايترو چيو تہ "آواره ڪونج جي واپسيءَ جي اميد رکڻ نادانی آهي. آئون ڄاڻان ٿي تہ هيءَ اسانجي آخري ملاقات ناهي. منهنجي دل چئي رهي آهي تہ آئون هميشہ توسان گڏ رهنديس. جهڙوڪ تون مون سان گڏ رهڻ لاءِ دنيا ۾ آيو هئين."

"آئون تہ شايد هاڻي هن ڳوٺ ۾ واپس نہ اچي سگهان." الفريڊ جواب ڏيو. "پوءِ ملاقات ڪيئن ٿيندي؟"

"ملاقات لاءِ فاصلا طئ ڪرڻ ضروري ناهن هوندا." ڪرينن سوڳوار مسڪراهٽ سان چيو. "تون مون کي هر پل ياد رهندين. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿي تہ تون مونکي صرف اداس گهڙين ۾ ياد ڪندين."

"تون اهو ڪيئن ٿي چوين؟"

"تو وٽ ياد ڪرڻ لاءِ گهڻيون ئي شيون ۽ هستيون هونديون، پر منهنجي سڄي دنيا صرف تو تائين محدود آهي." ڪرينن ڏکاري لهجي ۾ جواب ڏنو.

الفريڊ، ڪرينن جي مٿ ۾ پنهنجي واڄ ڏيندي چيو تہ "هيءَ تون رکي ڇڏ، ڪنهن وقت ڪم ايندئي."

۽ هيءَ جيڪي ڪجهہ بہ آهي، مونکي هر گهڙيءَ تنهنجي ياد ڏياريندي رهندي." ڪرينن چيو.

"هن کي ڪن سان لڳائي ڏس." الفريڊ چيو.

"اڙي هيءَ تہ دل وانگر ڏک ڏک ڪري رهي آهي!" ڪرينن واڄ کي ڪن سان لڳائڻ کانپوءِ چيو. "تو تہ مونکي پنهنجي دل ڏئي ڇڏي آهي."

۽ ان کي هر روز ان طرح چاڻي ڏيندي رهندينءَ تہ اهڙيءَ طرح ڏک ڏک ڪندي رهندي، نہ تہ توکان رسي ويندي." الفريڊ واڄ کي چاڻي ڏيندي ۽ سمجهائيندي چيو.

"فڪر نہ ڪر... رڻل کي پرچائڻ مونکي خوب اچي ٿو." ڪرينن واڄ کي زناني ٻٽونءَ ۾ رکندي چيو.

☆☆☆

الفريڊ جنهن نموني منظر تان غائب ٿيو هو، اهڙيءَ طرح موٽي آيو. هن جي پاڻ رابرٽ هڪ اهڙيءَ ڇوڪريءَ سان شادي

ڪئي هئي، جنهن جي زندگيءَ جو مقصد عيش و عشرت ڪانسواءِ ڪجهه به نه هو. ان دور ۾ پيٽرز برگ جو ماحول به ظاهري شان ۽ شوڪت کي قائم رکڻ لاءِ هو، پوءِ پلي ڪو ان ۾ لٿجي ڇو نه وڃي. عورتن کي پنهنجي هار سينگار ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه ڪم نه هو.

انهن ڏينهن ۾ نوبل خاندان جا مرد جيائپي جي جنگ وڙهي رهيا هئا. ماحول سازگار نه هئڻ سبب رابرٽ روس مان هجرت ڪري فن لينڊ هليو ويو هو. فن لينڊ جي گاديءَ جو هنڌ "هيل سنگفورس" پيٽرس برگ وانگر ئي هو.

هيءُ علائقو روس، سويڊن کان ڦري رکيو هو. هتان جا ماڻهو ساده مزاج ۽ ملنسار هئا. ڍنڍن ۽ آبشارن جي هتي ڀرمار هئي. ماڻهن جي اڪثريت جو ڌنڌو ڪاٺين جو ڪاروبار هو. رابرٽ، فن لينڊ ۾ قدم ڄمائي ڇڏيا. الفريڊ پنهنجي ننڍي ڀاءُ آسڪر سان گڏ پيٽرزبرگ ۾ هو ۽ سندن پيءُ سويڊن ۾ هو.

آسڪر ڪيمسٽريءَ ۾ وڏو هوشيار هو. ان جو خيال هو ته پيءُ جي ايجاد ڪيل مائنز کي ترقي ڏياري وڃي. اهو منصوبو الفريڊ کي به پسند آيو، پر ان دوران هن جي پيءُ خط ذريعي الفريڊ کي اطلاع ڏنو ته هن هڪ شاندار شيءُ کي دريافت ڪيو آهي، جيڪا گن پائوڊر کان ويهوڻ وڌيڪ طاقتور آهي. ان جو نالو نائٽرو گليسرين آهي ۽ ان کي جڏهن گن پائوڊر سان ملايو وڃي تو ته اها بيحد تباهه ڪن شيءِ بنجي وڃي ٿي. الفريڊ هيءُ خط پڙهي ڪاوڙ ۾ پاڳل ٿي ويو. لاشعوري طور تي هو ننڍپڻ ڪان پيءُ کي ايترو باصلاحيت نه سمجهندو هو، جيترو ايمنيوئل پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪندو هو.

الفريڊ جي خيال ۾ ته هاڻي وقت اچي ويو هو ته پيءُ جي غلط فهميءَ کي دور ڪيو وڃي، ڇو ته نائٽرو گليسرين جا تجربا هو ڪافي دفعا ڪري چڪو هو ۽ انهن جي باري ۾ هن جو علم تمام گهڻو هو.

جيڪا شيءِ ڪيس ڪاوڙ ڏياري رهي هئي، اها هئي ته هن جو پيءُ جنهن کي پنهنجي دريافت ثابت ڪري رهيو هو، اها هن جي دريافت هرگز نه هئي. روسي ڪيمياداں نيڪولائي زينن ان شيءِ جو ذڪر ڪافي پيرا ڪيو هو، پر هو ان کي ڏماڪيدار ثابت نه ڪري سگهيو هو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته الفريڊ ان شيءِ کان چڱيءَ ريت واقف هو ۽ ڪاميابيءَ جي بلڪل ويجهو هو.

ايمنيوئل جو طريقيءِ ڪار بلڪل غلط هو ۽ صورتحال اهڙي هئي جو نوبل خاندان ان وقت کا غلطي ڪري نقصان برداشت ڪرڻ جي قابل نه هو.

نائٽرو گليسرين جي ايجاد جو سهرو اٽليءَ جي هڪ ڪيمياداں جي سر تي هو. هيءُ ان زماني جو ذڪر آهي، جڏهن الفريڊ صرف چوڏنهن سالن جو هو. اٽليءَ جي ڊاڪٽر اسڪانيو، نائٽرڪ ائسڊ (شوري جو تيزاب) کي گليسرين ۾ ملايو ته ڳاڙهي تيل جهڙي شيءِ نهي وئي، جيڪا بيحد ڏماڪيدار ثابت ٿي. پر خطرناڪ ڳالهه اها هئي ته ڏماڪي جو وقت جو تعين نه ٿي ٿي سگهيو. مطلب ته اها شيءِ

هڪ اهڙي بلا هئي، جنهن جي چاڀيءَ جي ڪنهن کي خبر نہ هئي ۽ الفريڊ ان چاڀيءَ تائين پهچڻ وارو ئي هو.

الفريڊ کي ڊپ هو تہ هن جو پيءُ گهٽ علم ڪري سڄي خاندان جي تباهيءَ جو سبب نہ بنجي وڃي، ڇو تہ اٽڪلن سان ڪم وٺڻ جو زمانو گذري چڪو هو. هوڏانهن ايمنيوئل ان ڳالهہ تي بضد هو تہ روسي جنرل " ٽونل يين" کي هن جي نئين دريافت کان آگاهہ ڪيو وڃي ۽ حڪومت کان رقم گهري وڃي تہ جيئن تجربي کي اڳتي وڌائي سگهجي.

الفريڊ، روسي جنرل کي گمراهہ ڪري مصيبت کي دعوت نہ ٿي ڏيڻ چاهي. سندس پيءُ ايمنيوئل جڏهن هن ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڏنو تہ الفريڊ نيٺ جنرل سان ملاقات جي لاءِ درخواست ڏئي ڇڏي. پر درخواست ڏيڻ کانپوءِ هن تمام وڏو فيصلو ڪيو.

☆☆☆

الفريڊ ساري دنيا جي معاملن کي وساري هن بلا کي لغام ڏيڻ بابت غور ويچار ڪرڻ لڳو. نائٽرو گليسرين بلڪل ناقابل اعتبار شيءِ هئي ۽ جنهن شيءِ جو اعتبار نہ هجي تہ ان شيءِ سان ڇيڙ ڇاڙ تمام مهانگي پئجي سگهي ٿي.

پهريائين هن نائٽرو گليسرين جي باري ۾ ڏينهن رات پڙهڻ شروع ڪيو، ايستائين جو هو ان جي ماهيت کان واقف ٿي ويو. ڪا اهڙي شيءِ هئي، جيڪا هن جي ذهن ۾ ايندي ايندي رهجي ٿي وئي. جهڙو شفاف پاڻيءَ جي سطح تي گلاب جو گل تري رهيو هجي، پر اهو پهچ کان پري هجي ۽ جيڪڏهن پاڻيءَ کي پنهنجي طرف ڪري ان کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ اهو ويتر پري هليو وڃي.

هڪ رات هو اڌ سجاڳيءَ واري حالت ۾ ليٽيل هو تہ هن کي ائين محسوس ٿيو تہ ڇڻ ڪمري ۾ روشني تيز ٿي وئي هجي. آهستي آهستي هن کي ڄاتل سڄاتل خوشبوءِ جو احساس ٿيو. اها ئي خوشبوءِ جيڪا ڪيس ڪرينن جي وجود مان ايندي هئي. هن مهڪ کي هو ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهيو. جوانيءَ جي وقت عورتن جي جسمن مان اٿندڙ مهڪون دنيا جي بهترين خوشبوءِ کان بہ وڌيڪ سٺيون محسوس ٿينديون آهن.

الفريڊ ڪوشش جي باوجود ان کي ڪو نالو نہ ڏئي سگهيو. سندس سڀ خيال پس منظر ۾ هليا ويا ۽ ڪرينن جي موجودگيءَ جو احساس سيني تي غالب اچي ويو. مزي ۽ لطف ڪري سندس اکيون بند ٿيڻ لڳيون.

"ڇهري جون اکين بند ٿي وڃن تہ دل جون اکيون کلي ويندیون آهن." اهو هوبهو ڪرينن جو آواز هو. هن سرور جي لهرن ۾ لڏندي پنهنجا ٻئي هٿ کولي ڇڏيا ۽ ڪرينن جو چهرو هٿن جي پيالي ۾ وٺي هن جي اکين ۾ ڏسڻ لڳو. عجيب ڳالهہ هيءَ هئي تہ ڪرينن جو دلڪش چهرو مٽيءَ سان ڀريل هو، بلڪل اهڙو، جهڙو هن پهرين ملاقات ۾ ڏٺو هو.

الفريڊ ڪيسي مان رومال ڪڍيو ۽ تصور ئي تصور ۾ پنهنجي محبوبہ جو چهرو صاف ڪرڻ لڳو. رومال ان جي منهن تي ڦيرندو رهيو ۽ منهن جي دلڪشيءَ ۾

اضافو ٿيندو رهيو.

"مٿيءَ جا تهه هر شيءِ جي اصليت کي وقتي طور لڪائي ڇڏين ٿا." ڪرنن پڻڪندي چيو.

الفريڊ کي پنهنجن ڪنن تي يقين نه پئي آيو. ڇو ته ڪرنن مان اهڙي عقل واري ڳالهه جو تصور به نه ٿي ڪري سگهيو. " شين جي مٿان واري آلودگي صاف ٿي وئي ته اصليت ڪلي سامهون اچي سگهي ٿي." ڪرنن جون اکيون مرڪي رهيون هيون، پر چپ بند هئا. عجيب ڳالهه اها هئي ته هن جو ترنم ڀريو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو.

خبر ناهي ته ڪيتري دير تائين هيءَ ڪيفيت سندس مٿان طاري رهي! هڪ گهڙي، ٻه گهڙيون، يا شايد ڪئين سال ..... هن جي ذهن مان وقت جو احساس مٽجي ويو، بلڪ هر شيءِ جو وجود ٻئي درجي جي حيثيت اختيار ڪري ويو. اهو ئي ڪمرو هو ۽ اهو ئي سامان، پر ڪرنن اتي موجود نه هئي. الفريڊ امالڪ پنهنجي خيالن منجهان نڪري آيو. هو قسم کڻي چئي ٿي سگهيو ته ڪرنن ڪمري ۾ آئي هئي ۽ هن پنهنجن هٿن ۾ هن جو منهن ڪافي دير تائين جهلي رکيو هو.

"ته ڇا هي سڀ منهنجي تصور جو ڪرشمو هو؟" الفريڊ چپن ۾ پڻڪيو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري آسمان تي وکريل لاتعداد تارن کي غور سان ڏسڻ لڳو. اچانڪ هن جي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وئي. ڪرشمو هو، جادو هو، خواب هو يا حقيقت! ڪرنن جي لفظن هن جو مسئلو حل ڪري ڇڏيو هو. نائٽرو گليسرين واري بلا کي رام ڪرڻ جو طريقو هن جي سمجهه ۾ اچي ويو هو. هن جي منطقي دماغ هڪدم سرٻاٽ ڪيو."هي تنهنجا پنهنجا خيال هئا، جيڪي ڪرنن جي واتان ادا ٿيا هئا."

"پر ڪرنن ڪٿي آهي؟" هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو.

پوءِ سيني نرم نازڪ خيالن کي ڇڏي پنهنجي آئنده جي اهم تجربي جي مک ڳالهين کي ڪاغذ تي لاهڻ لڳو. ڪيس نائٽرو گليسرن جي چهرو کي هر آلودگيءَ کان پاڪ صاف ڪرڻ هو. اها ئي هن جي محبوبه هئي..... هاڻي ڪنهن شيءِ جي ڪا اهميت نه هئي. اصل شيءِ هيءَ هئي ته هو سڌي رستي تي اچي ويو هو ۽ منزل پري نه هئي.

☆☆☆

صبح جو اٿي هن مڪمل تياري ڪئي. پهريائين هن نائٽرو گليسرين کي شيشي جي هڪ ٽيوب ۾ وڌوءِ ان ٽيوب کي سٺي نموني بند ڪري ڇڏيو. پوءِ هڪ ڏاتوءَ جي ٽيوب ۾ گن پائوڊر رکي شيشي جو ٽيوب اندر وجهي ڇڏيو. هاڻي نائٽرو گليسرين جو گن پائوڊر جي اندر هئڻ جي باوجود به گن پائوڊر سان ڪو سڌو سنئون تعلق نه هو. جيئن ڪرنن جي منهن تي مٿيءَ جو غبار هئڻ جي باوجود به غبار جو رخ روشن سان تعلق بلڪل عارضي هو. ان معلومات جو نزول مٿانهس ٿيو هو. ڏاتوءَ جي ٽيوب ۾ هن هڪ فيتو لڳايو ۽ فيتي کي ٻاهه ڏيڪاري جڏهن ان کي درياه جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ اڇلايو ته هن جي دل ايڏو

زور سان سيني اندر ڏڙڪي رهي هئي جو ڇڻ اها سيني کي ڦاڙي ٻاهر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي. ٿوريءَ دير کانپوءِ ڪن ڦاڙيندڙ ڏماڪو ٿيو ۽ سندس اندازي کان ڪئين دفعا وڏيڪ پاڻي اڇلجي درياهه جي ڪناري تي اچي ويو.

هن جو تجربو ڪامياب ٿيو هو. پر هن کي اها خبر نه هئي ته آخري مرحلو اجا به بيو هو. ان خطري جو تدارڪ ڪرڻ اجان رهيل هو.

ان دوران ايمنيوئل، الفريڊ کي هڪدم گهر واپس اچڻ جو خط لکيو. شايد هو پنهنجي تجربي کي وڏيڪ بهتر بنائڻ جي خاطر هن خط کي نظرانداز ڪري ڇڏي ها، پر پيءُ جي خط سان گڏ هن جي ماءُ جي به چٺي هئي. ان مختصر تحرير جو تت هيءُ هو ته هو پنهنجي سڪيلڏي پٽ کي هڪدم ڏسڻ ٿي چاهي ۽ ڪوبه بهانو ٻڌڻ نه ٿي چاهي. ماءُ جي تحرير پڙهي الفريڊ بيچين ٿي ويو. سندس سمورا تجربا، سموريون مصروفيتون پس منظر ۾ هليون ويون.الفريڊ جڏهن پنهنجي وطن جي گاريءَ واري هنڌ اسٽاڪ هوم پهتو ته سڄو شهر هن کي غير اهم لڳو. پنهنجن احساسن تي هو دل ئي دل ۾ شرمسار ٿي ويو. سڄي شهر ۾ هن لاءِ پرڪشش چهرو صرف هڪ هو ۽ اهو چهرو صرف سندس ماءُ جو هو.

ماءُ جو تصور ايندي ئي هو شرير ٻار بنجي ويو. هن اڏامي گهر پهچڻ ٿي چاهيو. خواهش جا پر لڳن ها ته هو شايد اڏامي ها. جڏهن هو گهر پهتو ته هن کي محسوس ٿيو ته جهڙوڪر اجايل مڇي پاڻيءَ جي ويجهو اچي وئي هجي. هر ماءُ وانگر ڪيرولين به هن کي ڏسندي ئي دلي تشويش جو اظهار شروع ڪيو.

"تنهنجي منهن تي ڏاڙهي ته ائين لڳي رهي آهي، جهڙوڪ ڪنهن ٻار مصنوعي وارن کي چنبڙائي ڇڏيو هجي!" ڪيرولين مرڪندي چيو.

"امان، هي وار منهنجا پنهنجا آهن، منهنجن خيالن وانگر." هن پيءُ ڏانهن نهاريندي چيو.

ايمنيوئل، هن جي لفظن کي نظرانداز ڪندو هن کي پنهنجي تجربي گاهه ۾ وٺي ويو ۽ پنهنجي ايجاد جو تعارف ڪرائڻ لڳو. هن وڏي احتياط سان نائٽرو گليسرن پنهنجي خصوصي گن پائوڊر تي وڏي. هڪ حصو گليسرين ۽ ڏهه حصا گن پائوڊر جي حساب سان ۽ داد طلب نگاهن سان پنهنجي پٽ ڏانهن ڏسڻ لڳو. الفريڊ مايوسيءَ ۾ ڪنڌ ڏوڻيو ۽ وڏي ادب سان چيائين، "بابا! اوهان قيامت تائين ڪامياب نه ٿا ٿي سگهو."

ايمنيوئل گهوري پنهنجي پٽ کي ڏٺو. هن جو چهرو ٿامٽي ٿيڻ لڳو. پوءِ ڪاوڙ تي قابو رکندي چيائين، "منهنجي تجربي ۾ ڪجهه خاميون ضرور آهن، پر تشويش واري ڪابه ڳالهه نه آهي."

"نائٽرو گليسرين جو مقدار اوهان ايترو گهٽ ڇو رکيو آهي؟" الفريڊ نرميءَ سان پڇيو.

"ان ڪري ته هيءَ شيءِ تمام مهانگي آهي." پيءُ وراڻيو.

هاڻي پيءُ پٽ نه پر به سائنسدان هڪ ٻئي سان مخاطب هئا، ان ڪري

الفريڊ پنهنجي پيءُ متان سندس دريافت ظاهر نه ڪئي. اصل ڳالهه هيءَ هئي ته هن پنهنجي پيءُ کي غلط ثابت ڪرڻ پئي چاهيو. "توهانجي هيءَ دريافت ٿوريءَ دير ڪانپوءِ خودبخود سڙي خاڪ ٿي ويندي." الفريڊ ڪيس صاف لفظن ۾ چيو. هي کي ان ڳالهه جو يقين هو ڇو ته هن ڏينهن رات نائٽرو گليسرين جو مطالعو ڪيو هو.

هن جا چيل لفظ بلڪل سچ ثابت ٿيا. نائٽروجن گليسرين، گن پائونڊر ۾ جذب ٿي وئي ته ٿوري دير ڪانپوءِ مرڪب، باهه پڪڙي ورتي.

"منهنجو خيال آهي ته هن مرڪب کي بندوق ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو."

الفريڊ ڪجهه نه ڪچيو. صرف مرڪي ڏنائين.

" مون وٽ هڪ ٻي شيءِ آهي." ايمنيوئل چيو. "ڇا مون کي يقين آهي ته اها سؤ سيڪڙو ڪامياب ٿيندي."

الفريڊ بحث ۾ منجهي بدمزگي پيدا ڪرڻ نه ٿي چاهي. ان ڪري خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پيءُ جو ڏنل مرڪب کڻي واپس هليو ويو.

پيٽرز برگ پهچي هن تجربو ڪيو ته اها فارمولا بلڪل بيڪار ثابت ٿيو. ان ڪريان ان شيءِ کي روسي جنرل جي سامهون پيش ڪرڻ بيوقوفيءَ واري ڳالهه هئي.

سندس پنهنجي دريافت به مشڪل ۾ هئي. اصل مسئلو هيءُ هو ته الفريڊ جو تيار ڪيل مرڪب پاڻيءَ ۾ ته ڏماڪو ڪندو هو، پر جڏهن ان کي ڪليل هوا ۾ رکيو ٿي ويو ته اهو ڏماڪو ڪرڻ کان قاصر هو.

الفريڊ پنهنجن تجربن ۾ مصروف هو ته هڪ ڀيرو وري هن جي پيءُ طرفان سندس لاءِ نياپو مليو. معلوم ٿيو ته ايمنيوئل کي فوج پاران چڱي خاصي رقم ملي وئي هئي ۽ هن پنهنجي پٽ جي مدد سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ ٿي چاهي. پيءُ پٽ ملي فوجي حڪمرانن جي سامهون تجربو ڪيو.

بندوق ۽ توپ جي حد تائين ته هنن جو تجربو ڪامياب ويو، پر بم جو ڏماڪو نه ٿي سگهيو. الفريڊ تنگ ٿي پيءُ کي چيو ته "هن دفعي صرف منهنجي مرضي هلندي." هن گليسرين ۽ پائوڊر کي هڪ جهڙي مقدار سان ملايو ۽ بم تيار ڪري تجربي گاهه مان ٻاهر اڇلي ڇڏيو. هيءُ ڏماڪو ايتري قدر ته شديد هو جو تماشائي حيران ٿي ويا. پر هن ۾ به خرابيون هيون. هڪ ته نائٽرو گليسرين جو مقدار گهٽي انداز ۾ استعمال ڪيو ويو هو. ٻيو ته وقت جي مقرريءَ جي اعتبار کان اهو هٿيار ناقص هو. ان ڪري فوج ان کي ناقابلِ قبول قرار ڏئي ڇڏيو.

☆☆☆

ان زماني ۾ ايمنيوئل سخت مونجهاري جو شڪار ٿي ويو ۽ الفريڊ کي ٿوري ٿوري ڳالهه تي طعنا ڏيڻ لڳو. ايستائين جو هن، پنهنجن وڏن پٽن کي گهرايو ۽ الفريڊ کي پنهنجو تجربو پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

ايمنيوئل کي پڪ هئي ته هن جو پٽ رازداريءَ کان ڪم وٺي رهيو آهي. آخرڪار هو تجربيڪار سائنسدان هو. هيءُ

اندازو تہ لڳائي ٿي سگهيو. رابرٽ، فن لينڊ کان آيو تہ هن الفريڊ کي ايجادن جي خفي ۾ وقت زيان ڪرڻ بدران ڪنهن ٻئي ڊنگ جي ڪم ڪرڻ جو مشورو ڏنو. هن جو پنهنجو ڪاروبار سٺي نموني هلي رهيو هو. لڊوگ بہ اتي پهچي ويو. هو الفريڊ جي صلاحيتن جو معترف هو، ان ڪري خاموش رهيو.

پيءُ جي حڪم تي الفريڊ پنهنجو فارمولو تيار ڪيو. تماشائي هن جا پائر هٿا. هن پنهنجي تيار ڪيل شيءِ ميدان ۾ اڇلائي. فيتو آهستي آهستي سڙي رهيو هو ۽ الفريڊ دل ۾ دعا گهري رهيو هو تہ ڏماڪو ٿئي ۽ هو پيءُ جي هٿان بيعزت ٿيڻ کان بچي وڃي. فيتو سڙي ختم ٿيو، پر ڪو ڏماڪو نہ ٿيو. ايمنيوئل فاتحاڻي انداز ۾ الفريڊ کي ڏنو. الفريڊ شرم وچان پنهنجون نگاهون جهڪائي ڇڏيون ۽ پيءُ اپ ڏاريندڙ ٿهڪ ڏئي ڪلڻ لڳو. ٿوريءَ دير کانپوءِ رابرٽ بہ پيءُ سان گڏ شامل ٿي ويو. ٻئي ملي الفريڊ جو مذاق اڏائڻ لڳا. صرف آسڪر خاموش بيٺو رهيو.

آخرڪار آسڪر ڳالهايو، "اوهان زيادتي ڪري رهيا آهيو. الفريڊ ذهين سائنسدان آهي. توهان ان جي همت ٻڌرائڻ سندس حوصلو ٽوڙي رهيا آهيو." اهو چئي هن الفريڊ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ ان کي ڇڪي پري وٺي ويو.

الفريڊ کي پيءُ ۽ ڀاءُ جو اهو گڏيل ٿهڪ سڄي عمر ياد رهيو ۽ هيءَ بيعزتي هن کي ڪاميابيءَ طرف پهچڻ لاءِ مجبور ڪندي رهي. آسڪر هن کي تسلي ڏئي رهيو هو ۽ الفريڊ تي انهن تسلين جو ابتو اثر ٿي رهيو هو. هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي سنجيدگيءَ سان چيو تہ "آسڪر! بابا کي پنهنجي حرڪت تي شرمسار ٿيڻو پوندو. مونکي افسوس سان اهو چوڻو ٿو پوي تہ بابا جو رويو حاسداڻو ۽ غير منصفاڻو آهي." هو پنهنجي ڪاوڙ تي ضابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

پوءِ ان ئي رات هو ڪنهن کي بہ ٻڌائڻ بنا، وري اهڙي ريت گهر ٿي ويو هو، جهڙي ريت هو هڪ پيرو اڳ ۾ بہ غائب ٿيو هو. هن پوري ڏيان ۽ آرام سان سوچڻ ٿي چاهيو تہ آخر اها ڪهڙي رڪاوٽ آهي، جيڪا هن جي ڪاميابيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي؟

" ڇا پاڻيءَ ۾ ڪا اهڙي شيءِ آهي، جيڪا مرڪب کي تحريڪ ڏئي ٿي؟ پاڻي تہ صرف هائڊروجن ۽ آڪسيجن جو مرڪب آهي. مڃان ٿو تہ آڪسيجن باهہ ٻارڻ ۾ مدد ڏئي ٿي، پر هوا بہ تہ اها ئي شيءِ هوندي آهي."

پيءُ ۽ ڀاءُ جا ٿهڪ هن جي خيالن کي منجهائڻ لڳا. ڪرنن جي پنتي پيل ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيڻ کان اڳ هن مناسب رقم پنهنجي ڪيسي ۾ وڌي ۽ ڏينهن رات سفر ڪندو ڪرنن جي ڳوٺ وڃي پهتو.

☆☆☆

رات جو خبر ناهي تہ ڪهڙو پهر هو، جڏهن هن ڪرنن جي در تي وڃي ٺڪ ٺڪ ڪئي. ڳوٺ جي سڄي آبادي خوابن ۾ هئي. شهرن وانگر اتي رات جو دير سان جاڳڻ جي عادت نہ هئي. نوجوانن جي وڏي تفريح چوٽڪ تي گڏ ٿي وڏڪا پيٽڻ پيارڻ تائين محدود هئي. ورنہ ماڻهو سمهڻ ۽

جاڳڻ کي سج جي لهڻ ۽ اڀرڻ جو معيار سمجهندا هئا. ان ڪري هو جلدي سمهندا هئا ۽ جلدي اٿي محنت مزدوريءَ سان لڳي ويندا هئا.

ننداڪڙين اکين سان جڏهن ڪرينن هن جي سامهون آئي ته ٻنهي جي ڪيفيت ڇڻ پاڳلن وانگر ٿي وئي. چقمق جي ابتڙ قطبن وانگر هو هڪ ٻئي سان ٻڪين پئجي ويا ۽ سوال جواب ڪرڻ بعد هڪ ٻئي جي قربت ۾ لطف ماڻڻ لڳا. مرد ۽ عورت جي هيءَ ڪهاڻي ايتري ته پراڻي آهي. جيترو خود انسان. سيني قصن ۽ ڪهاڻين جو عنوان به اهو ئي آهي ته خلاصو به اهو ئي آهي. ان موضوع کي جيتوڻيڪ هزارن لکن نمونن سان بيان ڪيو ويو آهي، پر نه ته ان جي چاشنيءَ ۾ گهٽتائي آئي آهي ۽ نه ئي اهو ختم ٿيو آهي.

ڪرينن جا گهر وارا به ڪيس ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيا. ٻئي ڏينهن ڳوٺاڻي خاندان جي ضرورتن جي لاءِ الفريڊ ڳوٺ مان ئي مناسب شيون خريد ڪيون. هر جوڙڻ جو سامان البته پرواري ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ننڍڙين ننڍڙين شين، جن ان ڳوٺاڻي خاندان کي غير معمولي خوشيءَ سان سرشار ڪيو. اها ڳالهه الفريڊ جي لاءِ فخر جي ڳالهه هئي.

هڪ هفتو لمحن ۾ گذري ويو. ڪڏهن ڪڏهن الفريڊ پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ٿي ويو ته ڪرينن تڪ ٻڌي هن جي چهري جي ڪيفيتن کي ڏسندي رهندي هئي، پر ڪا مداخلت نه ڪندي هئي ۽ بعد ۾ سادگيءَ سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي هئي.

هڪ ڏينهن الفريڊ ڪائنس نيٺ پڇي ورتو، "منهنجو اچانڪ خاموش ٿي وڃڻ توکي برو ته نه ٿو لڳي؟"

"هرگز نه... بلڪ ان وقت تون اڃا به سٺو ٿو لڳين." ڪرينن مسڪرائيندي جواب ڏنو، "بلڪل سٺي فصل جي ٻج وانگر." ڪرينن مقامي زبان ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو.

الفريڊ کي بناوٽ کان پاڪ هيءَ گفتگو تمام گهڻي پسندي آئي. ڪرينن جي محبت مان لطف اندوز ٿيڻ کانپوءِ جڏهن هو پيٽرزبرگ واپس آيو ته بلڪل بدليل انسان هو.

☆☆☆

هن جا خيال، شڪ شهبي کان نجات حاصل ڪري چڪا هئا ۽ پنهنجي ذات تي ان جو اعتماد بحال ٿي چڪو هو. هن نئين سر هر شيءِ جو جائزو ورتو ۽ ڳالهه جي تهه تائين پهچي ويو.

ڳالهه بلڪل معمولي هئي، پر ان وقت سندس ذهن ۾ نه آئي هئي. هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي نيڪ هئي. خامي رڳو هن جي تياريءَ ۾ هئي. هو نائٽرو گليسرين ۽ سيني مرڪبن کي نيڪ طرح سان بند نه پئي ڪري سگهيو. گويا طاقتور بلا کي پنهنجي طاقت ڏيڪارڻ جو موقعو نه ملي رهيو هو. سادن لفظن ۾ هو گن پائوڊر کي صحيح نمونی بند نه ڪري رهيو هو ۽ ان ڪري شيشي جي نائٽرو گليسرين سان پريل ٽيوب کي مناسب ڏڪ نه لڳي رهيو هو ۽ ان ڪري اها ڦاٽي نه پئي سگهي.

هن ڏاتوءجي ٽيوب جا ٻئي ڇاڙي سيلينگ ويڪس (SealingWax) سان

چڱيءَ طرح بند ڪيا ۽ اهڙي ريت ٻاهرين هوا جو رستو مڪمل ڪٽجي ويو. هو پراعتماد قدمن سان هلندو تجربيگاهه کان ٻاهر نڪتو. فيتي کي باهه لڳائي محفوظ جاءِ تي بيهي رهيو ۽ نتيجي جو انتظار ڪرڻ لڳو. ڪجهه ئي گهڙين ڪانپوءِ زبردست ڌماڪو ٿيو. هن جي خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي. هن ديو تي ڪنٽرول ڪري ورتو هو. اهڙو ديو، جيڪو جبلن کي ڪپهه جي گلن وانگر اڏائي سگهيو ٿي. دنيا ۾ انقلاب برپا ٿيڻ وارو هو. ان وقت هن جي عمر ٽيهه سال هئي.

☆☆☆

هن هڪدم پنهنجي ايجاد کي قانوني تحفظ ڏيڻ لاءِ سويڊن حڪومت کي درخواست ڏني. هن جي درخواست منظور ٿي وئي. پوءِ فرانس، برطانيه ۽ بيلجم حڪومت پڻ نائٽرو گليسرين پراڊڪٽ کي تسليم ڪري ورتو.

هن پنهنجو مذاق اڏائڻ واري پنهنجي ٻاءُ رابرٽ کي سچيءَ دل سان معاف ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ايجاد مان حاصل ٿيڻ واري آمدنيءَ ۾ به شامل ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ هڪ وڏي حقيقت به ڪيس معلوم ٿي ته اگر هڪ ڪيميائي مادي سان ٻئي کي تحرڪ ڏئي پلٽڻ تي مجبور ڪيو وڃي ته ان مرڪب جي طاقت ٻنهي جي مجموعي طاقت جي برابر هوندي ۽ جيڪڏهن سليقي سان ڪم ورتو وڃي ته ان طاقت ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق اضافو به ڪري سگهجي ٿو. پنهنجي هن خيال کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هن وٽ ڪو ٿائيم نه هو. بعد ۾ ان اصول کي بحيثيت قانون تسليم ڪيو ويو.

قانوني تحفظ ملڻ کانپوءِ هو جلدي جلدي پيرس پهتو. فرانس تي نيپولين ٽئين جي حڪومت هئي، جيڪو تعميراتي ڪمن جو وڏو شوقين هو. شهنشاهه جي منصوبن ۾ سر فهرست "نهر سويز" جي تڪميل هئي. نهر جي کوٽائيءَ جو آغاز ته ٿي چڪو هو، پر ڪم نهايت سست رفتاريءَ سان هلي رهيو هو. الفريڊ هڪ بئنڪ سان رابطو ڪيو ۽ هن کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪجهه رقم ملي وئي. ايجاد ڪندڙن ۽ تخليقڪارن جا حالات خاص طور تي اقتصادي حالتون اڪثر خراب ئي رهنديون آهن. بئنڪ کان حاصل ڪيل رقم سان هن پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۽ اباڻي گهر جي ويجهو هيلن بورگ ۾ مناسب گهر خراد ڪيو ۽ هڪ ڪيميادان ايريڪ هرٽزمين کي ملازم رکيو. هڪ نوڪر ۽ هڪ نوڪرياڻيءَ جو بندوبست به ڪيو ۽ پنهنجي ڪم ۾ مگن ٿي ويو.

☆☆☆

عظيم الشان منزل جو رستو هن کي ملي ويو هو، پر تمام گهڻو ڪم اڃا باقي هو. الفريڊ ڌماڪي ڪرڻ ۾ ته ڪامياب ٿيو هو، پر اصل ڪاميابي هيءَ هئي ته گهٽ مقدار واري مواد سان زياده مقدار واري مواد کي تحرڪ ڏنو وڃي ۽ زياده شدت وارو ڌماڪو ٿي سگهي. جيئن ماچيس جي تيليءَ جي معمولي شعلي سان سڄي جهنگ کي باهه لڳائي وڃي يا بهه ۾ باهه جو هڪ الو وڏو سڄي بهه کي ساڙو وڃي. باهه جي هڪ شعلي سان صرف هڪ وڻ کي ساڙڻ ته ڪو ڪارنامو نه ٿو چئي

سگهجيو . بعد ۾ الفريڊ جي هن اصول کي "پرائمري چارج" جو نالو ڏنو ويو ۽ اڄ به دنيا ۾ ان تي عمل ٿي رهيو آهي. حد ته اها آهي ته هائڊروجن بم تائين اهو ئي اصول ڪارفرما رهيو آهي. گن پائوڊر جي دريافت کان وٺي اڄ تائين ان ميدان ۾! الفريڊ جو هيءُ قدم سڀ کان وڏو هو.

الفريڊ نوبل، ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجن تجربن کي اڃان وڌيڪ نکاري رهيو هو. بدقسمتي هيءَ هئي ته هن، ان جو ذڪر پنهنجي سائنسدان پيءُ سان ڪري وڌو. ايمانيوئل هڪدم ڳالهه جي تهه تائين پهچي ويو، پر ان جو ردعمل نهايت ڏکوئيندڙ هو. ايمانيوئل هو عمر ۾ اهڙي ئي ڪنهن شيءِ جي تلاش ۾ رهيو هو، پر اها شيءِ هن جي ذهن ۾ نه آئي هئي، پر سندس پٽ ان کي قابو ڪري ورتو هو. الفريڊ پنهنجي ايجاد جي سلسلي ۾ ٻين جي ڪاوشن جو اعتراف ڪندي ڪنجوسيءَ کان ڪم نه وٺندو هو. بريرو، جنهن کي نائٽرو گليسرين جو خيال آيو هو، پروفيسر زينن، جنهن پيءُ پٽ کي هن طرف متوجهه ڪيو هو، خود هن جو پيءُ، جيڪو پنهنجي تجربي ۾ ناڪام ٿيو هو ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ آسڪر، جنهن هن جو وک وک تي ساٿ ڏنو.

الفريڊ پنهنجي نائٽروگليسرين واري ايجاد کي پنهنجي نالي سان "پيٽنٽ" ڪرايو هو. حيران ڪندڙ ڳالهه اها ٿي ته ايمنيوئل پنهنجي جگر جي ٽڪري جي ايجاد کي ساراهڻ بدران ڪاوڙجي ويو ۽ الفريڊ کي چڱو منو ڳالهائڻ لڳو. جڏهن هن پٽ تي بدديانتيءَ جو الزام لڳائيندي چيو ته "هن پيءُ جي حق تلفي ڪئي آهي." ته الفريڊ برداشت نه ڪري سگهيو.

پهريون ڀيرو هو پوري قد سان پنهنجي پيءُ جي سامهون منهن مقابل ٿي بيهي رهيو. "اوهان تجربي ۾ ناڪام ٿي ويا هئا. مون صحيح رستو ورتو ۽ ڪامياب ٿيس. هيءَ منهنجي ۽ صرف منهنجي ئي ايجاد آهي. آئون ڏسندس ته اوهان يا ڪو ٻيو ڪهڙيءَ طرح هن تي پنهنجو حق ٿو جتائي سگهي!"

پيءُ پٽ ايتري قدر ته ڪاوڙ ۾ ڀريل هئا جو ڪيرولين پهريون ڀيرو زندگيءَ ۾ ڊڄي وئي. هوءَ ٻنهي جي اندر ۽ ٻاهر کان واقف هئي ۽ چڱيءَ طرح ڄاڻي وئي هئي ته هن جنگ ۾ الفريڊ هڪ قدم به پٺتي نه هٽندو. هن جي مڙس ايمنيوئيل کي ئي پٺتي هٽڻ پوندو. پر جيڪڏهن هوءَ ڪليل نموني پٽ جي حمايت ڪري ها ته طوفان مچي وڃي ها. هن جي آزمائش جو وقت اچي ويو هو. ٻئي ڪيس پيارا هئا. هن وڏي آرام سان پنهنجي ور جي ڪنڌ تي هٿ رکيو ۽ ٿڌي لهجي ۾ ڳالهائيندي هن کي ٻئي ڪمري ۾ وٺي وئي.

هن ايمانيوئل جي انا ۽ عزت کي خراج تحسين پيش ڪري ان جي شفقت کي اپارڻ لڳي."پيارا! ماڻهو پنهنجي اولاد جي لاءِ وراثت ۾ مال ۽ دولت، جائيداد وغيره ڇڏي وڃن ٿا، پر عظيم ايمنيوئل نوبل پنهنجن ٻارن کي فڪري سرمايو عطا ڪري رهيو آهي. توکي ته پاڻ ان ڳالهه تي فخر هئڻ گهرجي ته تنهنجو اولاد ان سرمائي ۾ اضافو ڪري رهيو آهي. جاهلن وانگر ان کي ضايع نه پيو ڪري."

"پر اهو خيال ته منهنجو هو، جنهن کي الفريڊ چورائي ويو آهي!" ايمنيوئل چيو.

"۽ الفريڊ ڪنهن جو آهي؟" ڪيرولين مرڪندي پڇيو، "هن جو وجود، هن جا خيال، هن جو دماغ هي سڀ شيون تنهنجي ئي وجود جو ته حصو آهن ۽ پنهنجي وجود جي ڪنهن به حصي تي توکي شرمسار ٿيڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. هيءَ ڳالهه تنهنجي شان جي خلاف آهي."

ايمنيوئل جي ڪاوڙ جهڪي ٿي ته هوءَ پنهنجي پٽ وٽ آئي ته جيئن تصوير جو ٻيو رخ به ڏسي سگهي. هوءَ ان ايجاد جي نوعيت کان ته بيخبر هئي، پر تجربو ڪرڻ وارن کان بيخبر نه هئي. هڪ هن جي زندگيءَ جو ساٿي هو ته ٻيو اهو هو، جنهن کي هن جنم ڏنو هو. الفريڊ سڄو داستان ٻڌايو ته ڪيرولين ان کي حق بجانب سمجهيو، پر ڪيس هڪ منفرد تجويز ڏني، "تون وڏي عزت ۽ احترام سان سڀ ڳالهيون هڪ ڪاغذ تي لک ۽ پنهنجو مقدمو پيءُ جي عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏ. انصاف جي ڪرسيءَ تي هن کي ويهار ۽ ملزم به ان کي ظاهر ڪر... صفائيءَ جو وڪيل مونکي مقرر ڪر... تون ڪيس کٽي ويندين ۽ نوبل خاندان تباهيءَ ۽ ٽٽڻ کان بچي ويندو."

الفريڊ، ماءُ جي هدايت تي عمل ڪيو ۽ هڪ فرمانبردار پٽ وانگر پيءُ کي خط لکيو، پر پنهنجي مؤقف تي سختيءَ سان قائم رهيو. ايمنيوئل خط پڙهي خاموش ٿي ويو، پر احتجاج طور هن پٽ جي تجربيگاهه ۾ پير نه رکڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

ڪجهه ڏينهن حالتون بگڙيل رهيون، پر نيٺ هڪ ڏينهن تجسس جي هٿان مجبور ٿي ايمنيوئل پنهنجي پٽ جي ليبارٽريءَ ۾ وڃي نڪتو ۽ اتي هر شيءَ سان پنهنجي اجنبيت محسوس ڪري واپس موٽي ويو. هيءُ هڪ ضدي سائنسدان جو رويو هو.

☆☆☆

الفريڊ دنيا کي وساري پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو. هن جو ننڍو ڀاءُ آسڪر، ڪيمسٽريءَ جي تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ ان جو ساٿي بنجي چڪو هو.

هڪ ڏينهن الفريڊ، سويڊن جي تمام وڏي سرمائيدار اسمٿ سان مذاڪرو ڪرڻ لاءِ ويل هو. آسڪر ۽ ڪيمياداں ايرڪ تجربن ۾ مصروف هئا. ڪيرولين ۽ ايمنيوئل ڪاڏي جي ميز تي وينا هئا، جو اوجتو ڏماڪي سان در ۽ دريون لڏي ويون ۽ الفريڊ جي ليبارٽري شعلن جي لپيٽ ۾ اچي وئي.

ايمنيوئل اٿي بيٺو ۽ ڀڄي شعلن ۾ ٽپو ڏيڻ ٿي چاهيو ته ڪيرولين ان کي روڪي وڌو، "هوش کان ڪم وٺ." ڪيرولين هن کي منٿ واري انداز ۾ چيو، "تون پنهنجي جان قربان ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهين. ساڙڻ وارو ڪيميائي مادو وڏو بيرحم آهي."

ڏسندي ئي ڏسندي سڄي تجربيگاهه سڙي رک ٿي وئي. آسڪر، ايرڪ هرٽزمين، ملازم ۽ هڪ مسافر، ڪل چار ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا.

الفريڊ کي هن المناڪ حادثي جي خبر ٻئي تہ هو ڀڄندو واپس آيو، پر نہ ٿيڻ واري شيءِ ٿي چڪي هئي. هن جو پيءُ ڪمري ۾ ليٽي خالي نظرن سان ڇت کي گهوري رهيو هو ۽ ماءُ پنهنجي سڏڪن تي قابو رکڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. الفريڊ کي پنهنجو پاڻ تي، پيءُ تي، بلڪ ساري دنيا تي ڪاوڙ اچي رهي هئي. پيءُ تي ان ڪري جو هن پنهنجي اولاد کي هن خطرناڪ شيءِ سان متعارف ڪرايو هو، پر هيءُ جذباتي وقت هو. اهڙن ڪمن ۾ ائين تہ ٿيندو آهي. ڪارناما سرانجام ڏيڻ وارن کي قربانيون تہ ڏيڻيون پون ٿيون.

جانچ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ سڄو ڏوهہ تجربو ڪرڻ وارن جو هو. نائٽرو گليسرين جي صفائي پئي ڪئي وئي، پر گرميءَ پد جو خيال نہ رکيو ويو هو! هيءَ بلا 180 درجا سينٽي گريڊ تي ڏماڪي سان ڦاٽي پوندي آهي، شرط اهو اهي تہ اها بند جڳهہ تي پيل هجي.

باهہ تي ضابطو رکڻ لاءِ ڪجهہ بچيو ئي نہ هو. قيامت خيز ڏماڪي جي خبر سڄي شهر ۾ ڦهلجي وئي. سندن مخالف خوش ٿي رهيا هئا ۽ نوبل خاندان غم جي اتاهہ سمنڊ ۾ ٻڏي چڪو هو. ظلم وري اهو ٿيو تہ پوليس بہ اچي ڪڙڪي. نوبل وٽ لائسنس تہ هو، پر تجربي کان پهرين پوليس کي اطلاع ڪرڻ ضروري هو. هن ڪوتاهيءَ سبب سزا بہ ملي سگهي ٿي، پر پوليس، نائٽرو گليسرين جي پابندي لڳائڻ کانپوءِ ڪيس خارج ڪري ڇڏيو.

☆☆☆

وقت وڏو مرهم آهي. وقت سان گڏ الفريڊ جا زخم بہ ڀرجڻ لڳا ۽ ڪم طرف مائل ٿيڻ لڳو. سرمائيدار اسمٿ، هن کي ڪم طرف راغب ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. ارب پتي اسمٿ ڏماڪي جي شدت جي پيش نظر مطلوبہ رقم خرچ ڪرڻ جي حامي ٿي ورتي تہ "هائي ايڪسپلوزو" (High Explosive) ڪمپني تشڪيل ڏني وئي، جنهن جو ڪم وڏيون ڏماڪيدار شيون تيار ڪرڻ هو.

ان ڪمپنيءَ جا هڪ ڪل سؤ پنجويهہ شيئرز هئا. ٿيهہ ٻن سرمائيدارن خريد ڪيا ۽ باهہ الفريڊ جي ملڪيت قرار ڏنا ويا. الفريڊ اڏ شيئرز پنهنجي پيءُ جي نالي ڪري ڇڏيا. فيڪٽري لڳائڻ جي لاءِ مناسب جاءِ جي تلاش شريع ڪيائون، پر ماڻهو ايتري قدر تہ ڊڄي ويا هئا جو سندن فيڪٽريءَ کي "موت جو جهاز" چوندا هئا.

آخر سوچ ويچار کانپوءِ الفريڊ هڪ وڏي ڊنڊ جي بلڪل وچ ۾ فيڪٽري لڳائي ۽ سويڊن دنيا ۾ هائي ايڪسپلوسوز يعني وڏيون ڏماڪيدار شيون تيار ڪرڻ وارو دنيا جو پهريون ملڪ بنجي ويو.

هاڻ نوبل خاندان مٿان ڇڻ دولت جو مينهن وسڻ لڳو. نوبل خاندان جا وارا نيارا ٿي ويا، پر خاندان جو سربراهہ ايمنيوئل هڪ ٻئي حادثي جو مقابلو نہ ڪري سگهيو هو. پهرئين حادثي باهہ هن کان دولت ڦري هئي، جيڪا ڪمائي سگهجي پئي، پر ٻئي حادثي هن جي جوان جماڻ پٽ کي موت ڏنو هو. پهرئين حادثي وقت هو جوان هو، هاڻي هو ضعيف ٿي چڪو هو. ان ڪري هي ڏک برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ بستري پيڙو ٿي ويو. علاج لاءِ دولت

پاڻيءَ وانگر وهڻ لڳي. ايستائين جو الفريڊ پنهنجا شيئرز وڪڻي پنهنجي پيءُ جي قدمن ۾ رکي ڇڏيا. ايمنيوئل تشڪر وارين نظرن سان پنهنجي پٽ کي ڏٺو ۽ پنهنجين غلطين جو اعتراف ڪري ورتو.

ايمنيوئل جڏهن موت جو آواز ٻڌو تہ عجيب وهم ۾ مبتلا ٿي ويو. هن کي اهو ئي انديشو ٿيڻ لڳو تہ هن کي زنده دفن ڪيو ويندو. بيماريءَ دوران ڪجهہ فرحت آيس تہ هن هڪ عجيب و غريب تابوت بنائڻ جو خيال پيش ڪيو. ايمنيوئل ان کي بہ ايجاد جو نالو ڏيڻ لڳو. تابوت ۾ ڪيترائي سوراخ هئا ۽ هڪ زنجير ٻاهر لٽڪيل گهنٽيءَ سان ڳنڍيل هئي تہ جيئن اگر مردو زنده ٿي وڃي هو زنجير لوڏي ٻاهر جي دنيا سان رابطو ڪري سگهي.

پيءُ جي ذهني ڪيفيت جي پيش نظر الفريڊ ان ڳالهہ کي بيوقوفيءَ وارو عمل قرار نہ ڏنو، پر ان جي حمايت بہ نہ ڪيائين. البتہ هن پنهنجي ماءُ ڪيرولين سان پنهنجي تشويش جو اظهار ضرور ڪيو تہ ايمنيوئل هاڻي آخرت جي سفر جا سانباها ڪري رهيو آهي.

☆☆☆

الفريڊ جي ڪاروبار ان وقت بين الاقوامي حيثيت اختيار ڪري ورتي جڏهن هن مختلف ڪارخانا لڳائڻ کانپوءِ همبرگ شهر ۾ عظيم الشان فيڪٽري لڳائي تہ جيئن ڏماڪيدار هٿيار سڄي دنيا کي مهيا ڪري سگهي. رابرٽ کي نائٽرو گليسرين جو ٿورو گهڻو علم ۽ تجربو ضرور هو، ان ڪري هن کي بہ پاءُ معقول پگهار تي ڪاروبار ۾ شريڪ ڪري ورتو.

ڪاٽين جي ڪوٽائين، روڊن جي تعمير ۾ الفريڊ جي مال جي گهرج ۾ بي پناهہ واڌارو ڪري ڇڏيو. همبرگ واري فيڪٽريءَ ۾ ڏينهن رات ڪم ٿيڻ لڳو. هيءَ فيڪٽري آباديءَ کان پري درياهہ جي ڪناري تي تعمير ڪئي وئي هئي ۽ ان جي چوڌاري بلند ۽ مضبوط چوڌيواري بہ هئي.

هن سڄي ڪاروبار ۾ خطرناڪ مواد جي چرپر هڪ وڏو مسئلو بنيل هئي. لاعلمي ۽ سست رفتاريءَ ڪري سندس فيڪٽرين اندر ۽ مال جي چرپر دوران حادثا ٿيڻ لڳا، پر دنيا ۾ هن مال جي ڪري ڪم تيز رفتاريءَ سان ٿيڻ لڳا هئا. فائدي جي مقابلي ۾ نقصان گهٽ هئا. ان هوندي بہ الفريڊ محفوظ مواد جي تلاش ۾ هو. حل هڪ ئي هو تہ ڦاٽڻ وارو مواد زياده حساس نہ هجڻ گهرجي.

ان جي لاءِ طاقتور تحريڪ جي ضرورت هئي. الفريڊ جو پهريون ڪاروباري حريف آمريڪا بڻيو، جتي ريلن ۽ رستن جو ڄار وڇايو پئي ويو.

رياست ورجينيا جي ڪرنل شيفرن نالي هڪ شاطر ماڻهوءَ رشوت ۽ جاسوسيءَ جي ذريعي الفريڊ جو فارمولا چورائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ٿي نہ سگهيو. الفريڊ پنهنجي جرمن دوست "آٽوبائنڊر" جي ذريعي پنهنجي ڪاروباري شاخ آمريڪا ۾ کولي. ان زماني ۾ آمريڪا پراڻن ۽ ردي طريقن سان ڪم هلائي رهيو هو. مٽن جي حساب سان گن پائوڊر جي استعمال کانپوءِ بہ ڪم جي رفتار سست ٿي هوندي هئي. آمريڪا جي زمين معدني ذخيرن سان مالا مال هئي.

الفريڊ پنهنجي آمريڪي شاخ جو معائنو ڪرڻ آيو تہ هڪ مصيبت ۾ ڦاسي پيو.

☆☆☆

نائٽرو گليسرين جي نقل و حرڪت دوران آمريڪا ۾ بہ المناڪ حادثا پيش آيا، جن سڄي آمريڪا کي ڏوڏي ڇڏيو. الفريڊ جي مئنيجر کي گرفتار ڪيو ويو ۽ متعلقہ ماڻهن تي قتل جا ڪيس قائم ڪيا ويا. آمريڪي عوام الفريڊ کي قاتل سمجهڻ لڳو. آخر تنگ ٿي الفريڊ، ماڻهن جي سامهون تجربو ڪري ثابت ڪري ڇڏيو تہ ان جو مواد آمريڪي گن پائوڊر کان گهٽ خطرناڪ هو ۽ اهي حادثا ماڻهن جي غلطين جو نتيجو هئا.

مقامي ماڻهو تہ مطمئن ٿي ويا، پر ڳالهہ آمريڪي ڪانگريس تائين پهچي وئي ۽ آمريڪا ۾ نائٽرو گليسرين جي ڪاروبار تي پابندي لڳائي وئي. نہ رڳو اهو، پر الفريڊ جي لاءِ پنهنجي جان بچائڻ بہ مشڪل ٿي وئي. هو آمريڪين جي جهالت جو ماتم ڪندو رهيو. انهن کي تجربن جي ذريعي سمجهائيندو رهيو، پر حالتون سندس قابوءَ ۾ نہ اچي سگهيون.

آمريڪين بد اخلاقيءَ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. آمريڪي ڪرنل شيفرن چاتو ٿي تہ الفريڊ کان هن وقت هر شرط مڃايو پئي سگهيو. ڪرنل شيفرن صاف لفظن ۾ چيو تہ الفريڊ آمريڪا جي لاءِ سندس ايجاد جا جملي حق هن جي نالي منتقل ڪري ڇڏي ۽ ان جي عيوض هو ان کي هن ڏهڻ مان ڪڍندو.

الفريڊ ۾ هاڻ وڌيڪ وڙهڻ جي طاقت نہ هئي. آمريڪا ۾ نائٽرو گليسرين جي حتن لاءِ ڪرنل شيفرن جيڪو معاوضو الفريڊ کي آڇ ڪيو هو، اهو صرف هڪ ڊالر هو. ان کان وڌي بدديانتيءَ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهجيو. الفريڊ هڪ رات جي مهلت طلب ڪئي، جيڪا هن کي ڏني وئي ۽ اها رات هن جي زندگيءَ جي خوبصورت راتين ۾ شمار ٿي.

☆☆☆

سج لهڻ کان ڪجهہ پهرين هو ساحل تي ويهي سمنڊ جي بيچين لهرن کي غور سان ڏسي رهيو هو. هن جي ذهن ۾ اتندڙ طوفان ڪناري سان ٽڪرائيندڙ لهرن کان ڪيترائي پيرا وڌيڪ هئا. هن جي ذهن ۾ ڪرنل شيفرن جو هڪ ڊالر وري وري ڪري پنهنجي پوري شيطاني طاقت سان ايري پئي آيو. هن، ان ڪيفيت مان جند آجي ڪرائڻ ٿي چاهي، پر نجات جو ڪو رستو نہ ٿي سجهيس. هو آمريڪي عوام جي مزاج کان پوريءَ ريت واقف هو.

جائز ۽ ناجائز حربا استعمال ڪرڻ ۾ هو لاثاني ۽ بي مثال هئا. جيڪڏهن هن ڪرنل جي آڇ کي ٺڪرايو تہ ٿي سگهي ٿو تہ هن کي زندگيءَ تان بہ هٿ کڻڻو پوي ها يا ڪيس عمر ۾ لاءِ جيل روانو ڪيو وڃي ها. ان زماني ۾ آمريڪا، "جيڪو ڏاڍو سو گابو" واري قانون جي پيرويءَ ۾ ڪوبہ عار محسوس نہ ڪندو هو.

"آخر هي لهرون ساحل سان ٽڪرائڻ کان باز ڇو نٿيون اچن!؟" الفريڊ دل ۾ سوچيو، پوءِ ان جو جواب سندس ذهن ۾ اچي ويو، "آئون بہ تہ هڪ زماني کان نائٽرو گليسرين کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ۽ بار بار

ناڪام ٿيڻ جي باوجود باز نہ ٿو اچان. هر ڏينهن حادثا ٿي رهيا آهن. مڃان ٿو تہ هر حادثي جا ٻہ سبب هوندا آهن. سستي ۽ مستي، پر ماڻهو سڄو الزام مٿانهس ٿا مڙهين ۽ پنهنجو قصور نہ ٿا مڃين!"

هو انهن خيالن ۾ گم هو تہ ارڙنهن، اوڻيهن سالن جي هڪ خوبصورت ڇوڪري هن جي سامهون اچي وئي. هن حسين پري چهري کي ڏسي الفريڊ ڇڻ مبهوت ٿي ويو.

"اي خاموش ماڻهو! تون ڪلاڪن کان لهرن کي پيو ڏسين... ڇا هي واقعي ايترين خوبصورت آهن، جن کي ڏسندي ڏسندي تنهنجي جيءُ نہ ٿو ڀرجي، نہ ئي تون تڪجين ٿو؟" ڇوڪريءَ مرڪن جي وچ مٿس ڪيرائيندي چيو.

الفريڊ ڇاتو ٿي تہ آمريڪي مرد ۽ عورت تعارف جو تڪلف ناهن ڪندا ۽ ڇاڻ سڃاڻ جا سڀ مرحلا پهرئين ئي ملاقات ۾ طئ ڪري ڇڏيندا آهن.

"خير، هي ايترين ٻہ خوبصورت موجون نہ آهن." الفريڊ ڪيس جواب ڏيندي چيو، "هن وقت منهنجي سامهون ان کان ٻہ وڌيڪ خوبصورت شيءِ موجود آهي."

ڇوڪري هن جو اشارو سمجهندي مرڪڻ لڳي، "تہ پوءِ ان کي ڏس نہ؟"

"شايد منهنجو ڏسڻ ان کي پسند نہ اچي." الفريڊ جواب ڏنو.

"تون ايترو سادو ڏسڻ ۾ تہ نہ ٿو اچين؟" ڇوڪريءَ نهايت بي تڪلفيءَ منجهان ڪيس چيو، "هر حسين شيءِ صرف هڪ ئي ڳالهہ پسند ڪندي آهي تہ هن کي ڏٺو وڃي ۽ بار بار ڏٺو وڃي.۽

"ڇئبو تہ تون تمام خوبصورت آهين!" الفريڊ چيو.

"تو ڪا نئين ڳالهہ ناهي ڪئي. سڀني جو اهو ئي خيال آهي. بهرحال منهنجو نالو برٽا آهي." ڇوڪريءَ پنهنجو تعارف ٻہ ڪرائي ڇڏيو. " تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"منهنجو نالو ٻڌندينءَ تي مون سان ڳالهائڻ ٻہ پسند نہ ڪندينءَ." الفريڊ جواب ڏنو.

"ڇا تون ايترو خراب آهين ڇا؟" ڇوڪريءَ مرڪندي چيو" پسند يا ناپسند جو فيصلو منهنجو دماغ ۽ منهنجي دل ڪندي آهي. دنيا جي مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي."

" چيو وڃي ٿو تہ خوبصورت جسمن جي اندر دماغ مڙئي هوندو آهي." الفريڊ ڪيس چيو، " تون ذهني لحاظ کان بالغ ٿي لڳين. منهنجو نالو الفريڊ نوبل آهي."

"واهہ! اهو ئي الفريڊ، جنهن اخبارن ۾ طوفان مچائي ڇڏيو آهي؟" ڇوڪريءَ دلچسپي وٺندي چيو.

"ڇا تون اخبار ٻہ پڙهندي آهين؟"

"ڇو؟ عورتن تي اخبار جي پڙهڻ جي پابندي آهي؟" ڇوڪريءَ هٿرادو حيرت جو اظهار ڪندي پڇيو.

"پابندي تہ نہ آهي، اڪثر ڪري خوبصورت ڇوڪريون ان معاملي ۾ دلچسپي ناهن وٺنديون. ان ڪري پڇيم."

"آئون انهن ڇوڪرين مان ناهيان." ڇوڪريءَ جواب ڏنو، "منهنجو خيال آهي تہ تون نائٽرو گليسرين جي سلسلي ۾ بيڏوهي آهين. ماڻهو احتياط ڪان ڪر نہ ٿا وٺن ۽ الزام ٻين جي مٿان مڙهيو ڇڏين.

اهڙيءَ طرح تي ماچيس جي تيلي بہ خطرناڪ قرار ڏئي سگهجي ٿي، ان سان سڄو جهنگ ساڙي سگهجي ٿو."

ڇوڪريءَ جي ذهانت الفريڊ کي وٺي وئي. مخالفتون ٻڌي ٻڌي هو تنگ ٿي چڪو هو. هاڻي هڪ خوبصورت ڇهري واري حسينہ هن جو پاسو وٺي رهي هئي. اچانڪ هن کي هر شيءِ وٺڻ لڳي.

"آئون چاهيان ٿو تہ تون گهٽو وقت مون سان گڏ گذار." الفريڊ بنا سوچڻ سمجهڻ جي تمام وڏي ڳالهہ ڪري وڌي.

"اي مسٽر! هيءَ اسانجي پهرين ملاقات آهي، ڪجهہ ضابطي ۾ رهہ." ڇوڪريءَ هلڪو دڙڪو ڏنو.

"اسان بي مقصد ۽ بنا ڪنهن موضوع جي ڳالهيون ڪنداسين، ماني کائينداسين ۽ پوءِ توکي گهر ڇڏي ايندس." الفريڊ وضاحت ڪئي.

"ڪنهن جي گهر؟" ڇوڪريءَ شرارت ڀريل لهجي ۾ پڇيو.

"تنهنجي گهر، ٻيو ڪنهنجي گهر:"

"تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟ منهنجو مطلب آهي تہ سويڊن ۾ ڪهڙيءَ جڳهہ تي آهي؟" ڇوڪريءَ پڇيو.

"هر اها جاءِ، جتي آئون ڪم ڪريان، اهو منهنجو گهر بنجي ويندي آهي." الفريڊ جواب ڏنو. "هونئن جتي منهنجي ماءُ موجود هجي، ان کي بہ آئون پنهنجو گهر سمجهندو آهيان."

"چئبو تہ تون پنهنجي ماءُ جو سڪيلڌو پٽ آهين؟" ڇوڪريءَ هلڪي چوٽ هنئي.

الفريڊ جي زندگيءَ ۾ رنگين ڳالهين جي لاءِ ڪو وقت ئي نہ هو، پر هن جي زندگيءَ ۾ اهڙا لمحا ضرور آيا، جيڪي تپندڙ بيابان ۾ خوبصورت باغ ضرور قرار ڏئي سگهجن ٿا. اندر ۾ هر ننڍو توڙي وڏو انسان هڪ جهڙو ئي هوندو آهي. ڪلڻ، روئڻ، ڪاوڙ ڪرڻ، اداس يا خوش ٿيڻ، ڪوبہ جذبو ٻين انسانن کان الڳ نہ ٿو ٿئي. پسند ڪرڻ يا نفرت جو جذبو ئي آهي، جيڪو ماضيءَ جي طوفان ۾ ويڙهيل هستين کي پوڄڻ يا نفرت جي قابل بنائي ٿو. الفريڊ پنهنجي حيثيت مطابق شاندار هوٽل ۾ رهيل هو. ڪاڏي ڪانپوءِ هو برٽا کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آيو. "تون تہ واقعي امير ماڻهو ٿو لڳين!" برٽا جيڪي سوچيو هو، اهو ئي سندس زبان تي اچي ويو.

"جيڪڏهن تنهنجي ملڪ مونکي ڪنهن قابل رهڻ ڏنو تہ آئون واقعي بہ امير بنجي ويندس." الفريڊ چيو. "هونئن مونکي آمريڪي ڇوڪريون سٺيون لڳنديون آهن."

"توکي ڪهڙن ڪهڙن ملڪن جي عورتن جو تجربو آهي؟" برٽا مرڪندي پڇيو.

فرانسيسي عورتون تہ مڙئي ائين هونديون آهن. الفريڊ جواب ڏنو. "سنهڙيون سڪل، ڪٿان مٿي تہ ڪٿان هيٺ. آئون انهن کي سرمائي جي بي انصافي واري وڇ سمجهندو آهيان. هن لحاظ کان روسي عورتون وڌيڪ امير ٿين ٿيون. پر آمريڪي عورتن جا عضوا هر لحاظ کان متناسب ٿين ٿا."

"جهڙا منهنجا آهن!؟" برٽا ٽهڪ ڏنو.

"بيشڪ! تنهنجي جسم جا پيچ ۽ خم نهايت دلڪش ۽ وٽندڙ آهن." الفريڊ اعتراف ڪيو.

"هن پسنديدگيءَ لاءِ مهرباني!" برٽا مرڪندي شڪريو ادا ڪيو.

رات گذري رهي هئي ۽ گفتگو جا موضوعَ ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺي رهيا هئا. الفريڊ کي خبر ئي نه پئي ته ڪنهن وقت ڪرنل شيفرن جو ذڪر اچي ويو ۽ ان سان گڏ ئي سندس هڪ ڊالر واري آڇ به ڳالهين جو موضوع بنجي وئي.

برٽا وڏيءَ دلچسپيءَ سان الفريڊ جي ڳالهه کي ٻڌي ڪري هڪ عجيب و غريب تبصرو ڪيو، "هن ۾ ڪرنل جو ڪو به ڏوهه نه آهي. جيڪڏهن ڪرنل جي جاءِ تي آئون به هجان ها ته آئون به ائين ئي ڪريان ها."

"ڇا مطلب؟" الفريڊ حيرت جو اظهار ڪيو.

اهڙي موقعي مان فائدو نه وٺڻ انتهائي بيوقوفي ليکبي." برٽا وضاحت ڪئي، "هيءُ صرف هڪ ڊالر جو مامرو نه آهي، جيڪڏهن تنهنجن مسئلن جو حل به ان ۾ شامل ڪيو وڃي ته هيءُ سودو مهانگو ناهي... جيڪڏهن تون ڪيسن ۾ ڦاسي وئين ته تباه ٿي ويندين. ڪرنل پنهنجي خدمت جو معاوضو پيو گهري. ٿورو سوچ، توکي هن وقت هيمبرگ ۾ هجڻ گهرجي. تون بروقت اتي نه پهتين ته ڪيترو نقصان ٿيندو. نه ٿيڻ وارو نقصان به ته فائدو آهي. آئون هر ان شخص کي بيوقوف سمجهندي آهيان، جيڪو نفعي ۽ نقصان ۾ فرق نه ٿو رکي سگهي."

برٽا اهڙا ته دليل ڏنا جو الفريڊ هڪ ڊالر جي آڇ قبول ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. نه رڳو اهو، بلڪ جڏهن ٻئي ڏينهن الفريڊ معاهدي تي صحيحون ڪيون ته برٽا ان سان گڏ هئي ۽ سج لهڻ کان پهرين پهرين ڏماڪن جي ڪري ٿيل المناڪ حادثن کي آمريڪي قانون اتفاقي حادثا قرار ڏئي سڄو الزام ڦاٽڻ واري مواد تي مڙهي ڇڏيو ۽ مزي جي ڳالهه هيءَ ته فيصلي ۾ نائٽرو گليسرين جي نقل ۽ حرڪت جو ڪو به ذڪر نه هو. ان جي جاءِ تي "گلونوئن آئل" جو ذڪر آيو، جيڪو آمريڪا ۾ استعمال ٿيندو هو ۽ ان آئل جي نقل و حمل ڪري اڪثر حادثا ٿيندا رهندا هئا.

ان جي ٻن هفتن کانپوءِ آمريڪي بلاسٽنگ ڪمپني وجود ۾ اچي وئي. ان ۾ الفريڊ نوبل جو چوٿو حصو رکيو ويو ۽ ان حصي جو داستان پڻ دوکيبازيءَ جو شاهڪار قرار ڏئي سگهجي ٿو. مطلب ته شيفرن بعد ۾ نائٽرو گليسرين مان نهڻ واري هر شيءِ مٿان سندس به ملڪيت جي دعويٰ داخل ڪري ڇڏي. (انهن شين جو ذڪر بعد ۾ ايندو.)

پر نيٺ شيفرن کي قدرت سزا ڏني. پئسا ڦٽائڻ بعد هن جي فيڪٽريءَ ۾ باهه لڳي وئي ۽ هو ٽڪي ٽڪي جو محتاج ٿي ويو. آمريڪي ڪرنل سان معاهدو ڪرڻ ڪانپوءِ الفريڊ تقريبن ٻه مهينا آمريڪا ۾ رهيو.

ڪڏهن ڪڏهن ڪيس برٽا جو ڪردار مشڪوڪ لڳندو هو ته ڪرنل برٽا کي هڪ حسين ڇار طور استعمال ڪيو هو.

پر جيڪڏهن هوءَ دوکو هئي تہ هن حسين دوکي ۾ اچڻ جي لاءِ الفريڊ کي الزام ڏئي نہ ٿو سگهجي. هونئن بہ ڪجهہ سالن کانپوءِ الفريڊ وري دولت جا انبارگڏ ڪري ورتا، پر آمريڪن برٽا يا ڪرنل شيفرن جي هن شڪل ڏسڻ گوارا نہ ٿي ڪئي. اسيتائين جو ان کانپوءِ هن آمريڪا جي ڌرتيءَ تي پنهنجو پير بہ نہ رکيو.

☆☆☆☆

يورپ ۾ ڪيترين ئي فيڪٽرين ۾ حادثا ٿيڻ لڳا تہ الفريڊ کي فڪر ستائڻ لڳو. هن پنهنجي ايجاد کي انتهائي خطرناڪ بنائڻ ٿي چاهيو. ان جو سبب هن وٽ انتهائي عجيب هو. هن جو خيال هو تہ نائٽرو گليسرين جي تباهہ ڪندڙ شدت کي ڏسي دنيا ۾ جنگين جو جنون ختم ٿي ويندو.

ان زماني ۾ آسٽريا، دنيا جي وڏي طاقت وارو ملڪ سمجهيو ويندو هو ۽ پرشيا سان ان جي جنگ ڇڙڻ واري هئي.

آسٽريا جي حڪومت، الفريڊ جي ايجاد کي بطور جنگي هٿيار جي استعمال ڪرڻ گهريو ٿي. الفريڊ جي خاندان وارا بيحد خوش هئا تہ حادثن ۾ ٿيڻ وارو نقصان هاڻ پورو ٿي ويندو. پر الفريڊ جنگي سياست ۾ ملوث ٿيڻ نہ ٿي چاهيو. هو پنهنجي لازوال ايجاد کي جنگي مقصدن ۾ استعمال ڪرڻ جي بدران انساني مشقت ۾ گهٽتائيءَ جي لاءِ استعمال ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ لڳو.

آخر الفريڊ عملي تجربو ڪري دنيا کي يقين ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو تہ سندس ايجاد تباهہ ڪن هئڻ سان گڏوگڏ محفوظ ۽ فائديمند پڻ آهي، شرط صرف اهو آهي تہ ان کي احتياط سان استعمال ڪيو وڃي.

ان ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ هن برطانيہ ۾ "سري" جي علائقي کي چونڊيو (سري اها ئي جڳهہ، جيڪا اڄڪلهہ پاڪستان جي سابق وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو جي مبينہ طور خريد ڪيل محل جي سبب مشهور آهي.) هن گن پائونڊر ۽ نائٽروگليسرين کي ملائي ان کي باهہ ڏئي ڇڏي. هيءُ مرڪب سڙي خاڪ ٿي ويو، پر ڌماڪو نہ ٿيو. ان کانپوءِ ان مرڪب سان ٻريل ڊبي کي بلنديءَ تان هيٺ ڪيرايو ۽ ماڻهو اهو ڏسي حيران ٿي ويا تہ پوءِ بہ ڪو ڌماڪو نہ ٿيو. آخر ۾ هن "ڊيٽونيشن" جي ذريعي ڌماڪو ڪري ڏيکاريو. يعني پهرين گن پائونڊر کي فيتي ذريعي باهہ ڏني. گن پائونڊر سڙي نائٽروگليسرين جو گرميءَ جو پد 180 درجن تائين پهچايو ۽ پوءِ جيڪو ڌماڪو ٿيو، ان ڌماڪي واري جاءِ تي پنڌرهن فوٽن جو اونهو ڪڏو ٺاهي ڇڏيو. هزارين تماشائي، جن ۾ سرمائيدار بہ شامل هئا، انهن الفريڊ جي ڳالهہ کي مڃي ورتو. وڌيڪ ڪنهن ڳالهہ يا وضاحت جي ضرورت نہ پئي.

هن تجربي کانپوءِ هن جو ڪاروبار ترقي ڪرڻ لڳو. دولت جي ڦهلاءَ جي باوجود الفريڊ هن بلا کي هر حالت ۾ محفوظ بنائڻ ٿي چاهيو.

هن گن پائونڊر، ڪوئلي، ڪاٺ جي ٻوري، سيمنٽ، سرن جي چوري، مطلب تہ هر شيءِ کي آزمايو، پر ڪاميابي نصيب نہ ٿيس. هن ڪا اهڙي شيءِ ايجاد ڪرڻ ٿي چاهي، جيڪا نائٽرو گليسرين کي مڪمل

طور جذب بہ ڪري ڇڏي ۽ گڏوگڏ ان جي انفراديت ۽ وحدانيت کي بہ قائم رکي سگهي. ڪيس اها شيءِ اتفاقيہ طور معلوم ٿي.

هيءَ ڊاياٽومائيٽ (Diatomite) نالي مٽيءَ جهڙي شيءِ هئي، جيڪا ان زماني ۾ گنبند ٺاهڻ، تيل ۽ پاڻي وغيره کي الڳ ڪرڻ ۽ ڪاغذ جي چمڪ وڌائڻ جي ڪم ايندي هئي(عام طور تي ان کي "ڊياٽم" چيو ويندو هو). ان نالي جي مناسبت سان الفريڊ پنهنجي ايجاد کي ڊائنامائيٽ جو نالو ڏنو. هاڻي گن پائونڊر جو استعمال ترڪ ڪيو ويو ۽ ڊائنامائيٽ جو چوڀول هر هنڌ پکڙجي ويو.

الفريڊ دنيا کي يقين ڏياري ڇڏيو تہ گن پائونڊر واقعي گهڻين ئي خوبين جو مالڪ هو ۽ ان کي مختلف مقصدن جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي پيو، پر ان ۾ ڪي گهٽتايون بہ هيون. مثال طور، مائنز ۾ تہ هيءُ ڦاٽي پوي ٿو، پر ان کي اڳتي نہ ٿو وڌائي، يعني ڏکو Propel نہ ٿو ڏئي.

☆☆☆

آخرڪار الفريڊ جي زندگيءَ ۾ اهو يادگار ڏينهن بہ آيو، جڏهن سويڊن جي سائنس اڪيڊميءَ ان جي خدمتن جو اعتراف ڪيو ۽ هن کي سونو ٻلو ايوارڊ ۾ ڏنو، پر ان تمغي ۾ ان جي پيءُ ايمنيوئل نوبل کي بہ شريڪ ڪيو ويو. هيءَ ئي اها اڪيڊمي آهي، جيڪا الفريڊ نوبل جي وصيت مطابق سائنس، ادب، آرٽ ۽ فلاح و بهبود جي بهترين ڪارنامن تي نوبل انعام عطا ڪري ٿي.

ڊائنامائيٽ جي ايجاد ڪانپوءِ ڪاٽين ڪوٽڻ، روڊن جي تعمير ۽ پٿرن جو سينو چيرڻ جي دنيا ۾ انقلاب اچي ويو. پوءِ اها بلڪل الڳ ڳالهہ آهي تہ ديواني دنيا ان کي جنگي مقصدن لاءِ بہ استعمال ڪرڻ لڳي. الفريڊ نوبل جي خاندان لاءِ ڊائنامائيٽ، سون جي کاڻ ثابت ٿي، پر لالچي ماڻهو بہ مينهن جي ڏيڏرن وانگر هتان هتان نڪري ٽر ٽر ڪرڻ لڳا. ماڻهن ايستائين بہ دعويٰ ڪري ڇڏي تہ نائٽروگليسرين، الفريڊ يا نوبل خاندان جي نہ، پر انهن جي ايجاد هئي.

ڪرنل شيفرن عجيب منطق پيش ڪئي تہ الفريڊ ۽ منهنجي وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت ڊائنامائيٽ جي آمدنيءَ ۾ بہ منهنجو حصو آهي، ڇو تہ ان ۾ نائٽرو گليسرين استعمال ٿئي ٿي. سڀ کان دلچسپ ڳالهہ هيءَ هئي تہ جنهن هيءَ سون جي کاڻ دريافت ڪئي هئي، يعني ڪيميادان "سوبريرو"، ان جو ڪٿي بہ ڪو ذڪر نہ هو ۽ نہ ئي ان مرد قلندر خود نائٽرو گليسرين کي رجسٽرڊ ڪرائڻ جو خفو ڪنيو هو.

ڏرتيءَ جي گولي تي اوپر توڙي اولهہ ۾، هر جاءِ تي ڊائنامائيٽ جي گهرج اچانڪ وڌي وئي. حادثا بہ نہ هئڻ جي برابر هئا. الفريڊ پيرس ۾ پنهنجو گهر ورتو. هيءُ گهر نہ پر بلڪ هڪ شاهي محل هو، پر ملڪ ڪانسواءِ! الفريڊ ڪاروبار ۾ ايتري قدر تہ ٻڏي ويو هو جو ان وٽ رنگين لمحن جي لاءِ ڪوبہ وقت نہ هو. اها بہ الڳ ڳالهہ آهي تہ اهڙا رنگين لمحا خود ان وٽ اچي در کڙڪائيندا هئا. تاريخ نويسن انهن

واقعن کي تحرير ڪرڻ لاءِ ڪوبہ توجھہ نہ ڏنو. پنھنجي محل کي ھن آرٽ ۽ فن جي شاھڪارن سان سينگاري ڇڏيو. سندس دوستن ۾ وڪٽر ھيوگو جھڙو ليکڪ ۽ سٽر نھر جو خالق فرڊيننڊ ڊي لاسپس جھڙا ماڻھو ھئا. فرانس جي ھرجائي ۽ دولت جي بکايل خانداني عورتن لاءِ ھن جي دل ۾ ڪابہ جڳھہ نہ ھئي.

☆☆☆

الفريڊ جي عمر اٺيتاليھہ سال ھئي، جڏھن سندس پيءُ ايمنيوئل نوبل جو انتقال ٿيو. ھاڻي نوبل مان مراد الفريڊ ئي ھو. شاھاڻي ٽڪ ٽانگر ۽ دولت سان خريد ڪيل ھر شيءِ جي موجودگيءَ جي باوجود محل ۾ زناني وجود جي گھٽتائي محسوس ٿيڻ لڳي تہ الفريڊ ھڪ پرائيويٽ خاتون سيڪريٽري رکڻ جو فيصلو ڪيو.

مسئلو ھيءُ ھو تہ جيڪڏھن دولت جي پوڄاري عورتن کي ھن ڳالھہ جي ٿوري بہ پڻڪ پوي ھا تہ دنيا جي امير ترين ماڻھن مان ھڪ کي خاتون سيڪريٽريءَ جي ضرورت آھي تہ حسين عورتن جو ميلو مچي وڃي ھا ۽ سندس قيمتي وقت برباد ٿئي ھا. ان ڪري ھن اخبار ۾ پنھنجو نالو ظاھر ڪرڻ کانسواءِ اشتھار ڏنو تہ ھڪ دولتمند پڪي عمر واري پڙھيل ڳڙھيل شخص کي ليڊي سيڪريٽريءَ جي ضرورت آھي، جيڪا مختلف زبانون ڄاڻندي ھجي. گڏوگڏ ان کي گھر جون ذميواريون بہ ان خاتون کي سرانجام ڏيڻيون پونديون.

توقع جي مطابق درخواستون اچڻ شروع ٿي ويون. ھڪ اعليٰ طبقي جي ھڪ نوابزاديءَ جو نالو وڏو ڊگھو ھو، پر ان ۾ برتا جو لفظ پڙھي ھو ڇرڪي پيو. ھن کي آمريڪي برتا ياد اچي وئي، جنھن سان گذاريل حسين ۽ رنگين لمحا ھن جي زندگيءَ جو وڏو سرمايو ھئا. ھن ڏيڻ وٺڻ واري انداز ۾ پگھار وغيره جو ذڪر ڪري ان کي گھرائي ورتو ۽ جڏھن ھوءَ انٽرويو لاءِ آئي تہ الفريڊ جي توقع کان وڌيڪ حسين ۽ جميل نڪتي.

اھا عورت ننڍي عمر جي تہ نہ ھئي، پر خوبصورتيءَ ۾ آمريڪن برتا کان ڪنھن بہ حالت ۾ گھٽ نہ ھئي. ھوءَ نوڪريءَ حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آئي ھئي، پر ان جي اڌ ڪليل اکين ۾ اداسي صاف نظر اچي رھي ھئي، جھڙوڪر ان جي دل تي ڪا چوٽ لڳل ھجي. سوالن جا ھن تسلي بخش جواب ڏنا. ھن کي مختلف زبانن تي عبور حاصل ھو. جڏھن الفريڊ کائنس اھو پڇيو تہ ھن شادي ڇو نہ ڪئي آھي؟ تہ ان عورت خشڪ لھجي ۾ ضرورتمنديءَ واريءَ مجبوريءَ جو ذڪر ڪندي جواب ڏنو. " جيڪو مونکي پسند آيو، ان مونکي پسند نہ ڪيو ۽ جنھن کي آئون پسند ھيس، ان کي مون نڪرائي ڇڏيو ۽ ٿورو گھڻو تقدير جو ھٿ بہ ان سلسلي ۾ ڪارفرما رھيو."

ھيءُ مڪمل جواب ٻڌي الفريڊ خاموش ٿي ويو ۽ محل ۾ ھڪ رنگين ۽ خوبصورت شمع جو اضافو ٿي ويو. ھوءَ واقعي نوابزادي ھئي، پر پيءُ جي وفات کانپوءِ ھن جو خاندان گردش جو شڪار ٿي ويو ھو. باقي داستان ڪو نئون نہ ھو. اھي ئي پنھنجن جون بيوفائيون ۽ غيرن جا نامناسب رويا. غربت ھوندي رھڻي ڪرڻيءَ

جو پراڻو نوابي انداز وغيره.

☆☆☆

هڪ ڏينهن الفريد هن کي ڪنهن هوٽل ۾ هڪدم پهچڻ جي هدايت ڪئي. جڏهن هوءَ دير سان پهتي تہ الفريد گهڻو ڪاوڙيو. برٽا بي اختيار روئي ڏنو. هن دير سان اچڻ جو سبب پڇيو تہ برٽا خاموش ٿي وئي. الفريد محسوس ڪيو تہ هوءَ روئڻ جي ويجهو پهچي وئي هئي ۽ پنهنجن جذبن تي قابو رکڻ سان ان کي تڪليف پئي محسوس ٿي.

هوءَ بيرحم انسانن جي لڳايل زخمن کي سنڀالي هلي رهي هئي ۽ هن کي ڪو اهڙو سهارو نہ مليو هو، جيڪو ڪيس آئت ڏئي سگهي. دير سان اچڻ جو سبب بہ اهو ئي هو تہ جڏهن هن کي پيغام مليو تہ هوءَ اڪيلائيءَ ۾ وينٿي پنهنجي سورن کي ياد ڪري لڙڪ لاڙي رهي هئي. اهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ تي قابو پائڻ ۾ هن کي ڪافي وقت لڳو هو.

نوابزادي برٽا، جنهن ڏينهن الفريد کي پنهنجو داستان غم ٻڌايو، ان وقت سندس جي عمر ٽيهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي. ڇڻ عمر جي ندي پهاڙي علائقي کان نڪري ميدانن ۾ پرسڪون انداز ۾ وهي رهي هئي، پر ان جي آب و تاب ۾ ڪو خاص فرق نہ آيو هو. فرق اهو ئي هو، جيڪو شوخ حسن ۽ غمگين حسن ۾ هوندو آهي. البتہ هن پنهنجي دلڪشيءَ کي خاص طور سنڀالي رکيو هو جو اها ئي هن جي دولت هئي.

رات گذري رهي هئي ۽ هوءَ الفريد جي چاتيءَ سان لڳي پنهنجي زندگيءَ جو هڪ هڪ ورق اٿلائي رهي هئي. ويانا جي اميرترين اڏڙوٽ عمر جي بنڪار جي نظر انتخاب جڏهن هن تي پئي تہ بيٽا جي ان وقت عمر صرف 18 سال هئي. ان جي خوبصورتيءَ جا چرچا سڄي شهر ۾ هئا.برٽا جي ماءُ ڏيءُ لاءِ هن سون جي پڇري کي هڪدم پسند ڪري ورتو ۽ ڏيءُ کي مشورو ڏنو تہ هن سنهري موقعي کي هٿان نہ وڃائي.

"پر امان! هو تہ عمر ۾ منهنجي پيءُ جي برابر آهي!" برٽا جواب ڏنو.

" پر هو توکي دنيا جي هر آسائش ڏئي سگهي ٿو." ماءُ جواب ڏنو. "هن کي خود بہ اندازو ناهي تہ هن وٽ ڪيتري دولت آهي ۽ دولت سان هر شيءِ خريد ڪري سگهجي ٿي."

ماءُ اکيون ڇنڀيندي ڏيءُ کي دنيا بابت اوچ نيچ سمجهائڻ لڳي. برٽا جي سامهون غربت جو جن بيٺو هو. نوابي شان جي عمارت زمين تي ڪرڻ واري هئي. ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ هن پنهنجي ماءُ جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا.

ماءُ پنهنجي ڏيءُ کي انڌي کوهہ ۾ ڪرڻ جو مشورو ان ڪري ڏنو هو تہ هن کي جوا جي عادت پئجي وئي هئي ۽ "جوا ڪنهن جي نہ ٿي" واري چوٽيءَ مطابق هوءَ اڪثر ڪري پنهنجو سڀ ڪجهہ هارائي ايندي هئي. آهستي آهستي هن جو گذارو قرضن ۽ قيمتي شين کي گروي رکڻ تي ٿيڻ لڳو. حالتون خطرناڪ حد تائين خراب ٿي ويون تہ ترت مڱڻي جو فيصلو ڪيو

ويو. اهڙيءَ طرح 18 سالن جي برتا ۽ 52 سالن جي ڪنسڪيءَ جو مڱڻو ٿي ويو.

مڱڻي ڪانپوءِ ڪنسڪيءَ کي پنهنجي ٽيڻ واري ڪنوار سان گڏ گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ملي وئي. هڪ ڏينهن هو ناتجربيڪار حسينہ کي وٺي ناچ گهر پهتو ۽ پنهنجي ملڪيت ۾ ان پريءَ جهڙي چهري جي نمائش مان مزو وٺڻ لڳو. ماڻهو حسد ڀرين نگاهن سان ڪنسڪي ۽ برتا جي جوڙيءَ کي ڏسي رهيا هئا ۽ ڪنسڪيءَ جي انا کي تسڪين ملي رهي هئي.

هن خاص منصوبہ بنديءَ تحت برتا کي تيز شراب پياري ڇڏيو. حالانڪہ هوءَ ڪڏهن بہ زناني هلڪي شراب يعني وائين کان اڳتي نہ ويندي هئي. بربن ۽ وودڪا جي مرڪب جو سرور ئي ڪجهہ ٻيو هو. برتا رنگين بادلن جي مٿان پرواز ڪرڻ لڳي. اڌ رات جو وقت هو ۽ ڪينسڪي ان کي پنهنجي محل ۾ وٺي ويو. برتا نشي ۾ ٻڏل هئي، ڪيس ڪنهن بہ ڳالهہ جي خبر نہ پئي ٿي.

ڪنسڪي هٿ چراند تي لهي آيو تہ برتا جو نشو ٿٽي ويو. برتا، ڪينسڪيءَ کي ڪي دليلن ذريعي گهٽو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ شاديءَ کان اڳ اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ خراب ڳالهہ هئي، پر ڪنسڪيءَ جي دل ۽ دماغ تي شيطان سوار هو. هن برتا جي عزت ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏي.

هيءَ بيعزتي برتا لاءِ ناقابل برداشت هئي. هن ڪنسڪيءَ کي عدالت جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ ٿي گهريو، پر سندس مؤقف گهٽو ڪمزور هو. هوءَ بالغ هئي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان ڪينسڪيءَ جي محل ۾ وئي هئي. ٻئي ڏينهن ڪنسڪيءَ جهجهي دولت برتا جي ماءُ جي قدمن ۾ رکي ڇڏي ۽ مرڪندي معذرت ڪرڻ لڳو.

جوا جي عادي مقروض برتا جي ماءُ جي ڪاوڙ پاڻيءَ وانگر وهي وئي. دولت ايترو وڏو دليل هو، جو هوءَ خاموش ٿي وئي. اهڙيءَ طرح سن معاملو ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. برتا هڪ رات ۾ بلوغت جون ڪيترين ئي منزلون طئہ ڪري چڪي هئي. هوءَ شينهڻ وانگر پوڙهي ماءُ ۽ مڱيندي سان منهن مقابل ٿي بيني، " جيڪڏهن آئنده مون تنهنجي مڪروهہ زبان مان پنهنجو نالو ٻڌو تہ آئون تو کي گوليءَ سان اڏائي ڇڏينديس." برتا ڏند ڪرٽيندي چيو."هاڻي پنهنجي بچڙي شڪل ڪٽي هتان گم ٿي وڃ."

ماءُ ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هوءَ، ان تي بہ ڪڙڪي پئي، "امان! توکي ايترو شوق آهي تہ پاڻ هن پوڙهي شيطان سان شادي ڪري ڇڏ. هونئن بہ بابا کي گذرئي پنج سال ٿي ويا آهن ۽ توکي جوا لاءِ هر حال ۾ رقم کپي."

برتا جي ماءُ پنهنجي ڌيءُ جي اهڙي ڳالهائڻ واري انداز تي حيران ٿي وئي. پر هن کي پنهنجو ڪردار ياد آيو تہ شرم کان هن جو ڪنڌ جهڪي ويو.

☆☆☆

(باقي ايندڙ شماري ۾ پڙهندا)

ٻه مني ڪهاڻيون

ريتا شهاڻي

ريتا شهاڻيءَ جون زندگيءَ جي ٻن رخن تي لکيل هي ڪهاڻيون اسان کي اهو درس ڏين ٿيون تہ انسان کي دنيا ۾ زندگي گهارڻ لاءِ ڪهڙن ڪهڙن نہ تجربن مان گذرڻو پوي ٿو سندس لکڻي ۾ جيڪا گهرائي آهي اها پڙهي ماڻهوءَ کي اندر ۾ پنهنجو پاڻ نظر اچڻ لڳي ٿو. لافاني ۽ ڪافي وقت تائين نہ وسنجندڙ ڪهاڻيون.

جيون ...!

گاڏي پيئي هلي... چُڪ چُڪ، چُڪ چُڪ... چُڪ چُڪ، چُڪ چُڪ
ڳو... چُڪ چُڪ، چُڪ چُڪ... ڳو...!
اڌ نند، اڌ جاڳ... چُڪ چُڪ، چُڪ چُڪ
مان ڪيڏانهن پيو وڃان؟ هيءَ گاڏي مون کي ڪٿي پيئي وٺي وڃي؟
مان ڇو چڙهيو آهيان، هن گاڏيءَ ۾؟
ڪنهن وڏو آهي مون کي هن گاڏيءَ ۾؟
ڪير مون کي ڏونڌاري ٿو... وري زور سان ڏُونڌاري ٿو.
"اُٺ، اُٺ، ٽڪيٽ ڏيکار."
مان اکيون مهٽي اُٺان ٿو. مان نندڙو ٻار ٽڪيٽ ڳولهيان ٿو.
"مون وٽ ٽڪيٽ ناهي." مون کي روئڻ پيو اچي.
"ٽڪيٽ پليز!" هو زور سان چئي ٿو.
"ٽڪيٽ ناهي."
"تہ پئسا ڪڍ، ڏنڊُ ڀر." مان وري کيسا ن ڳولهيان ٿو.
"پئسا بہ ناهن."
"ڪٿي ويٺو آهي؟"
"خبر ناهي."
"ڪٿان آيو آهين؟"
"خبر ناهي."
"ڇو چڙهيو آهين، ٽرين ۾؟"
"مان ڪونہ چڙهيو آهيان، ڪنهن وِڏو آهي مونکي هن ٽرين ۾."
"ڪنهن وڏو آهي توکي هن ٽرين ۾؟"
"خبر ناهي."
"ڪٿي ويٺو آهي، خبر ناهي، ڪٿان آيو آهين، خبر ناهي، ڪنهن وِڏو آهي، خبر ناهي" ڇا خبر آهي، توکي؟" هن واڪو ڪندي چيو.
"خبر ناهي، خبر ناهي!" مان زور زور سان روئڻ لڳان ٿو.
"تہ ٻڌ،....." هن پنهنجا چپ منهنجي ڪن تائين آندا ۽ پڻڪندي چيو "هيءَ

جمڻ کان مرڻ واري گاڏي آهي.... جيون جي گاڏي" هو تڏن سُرن ۾ جڙڻ مون کي سمجهائي رهيو هو.

منهنجو روئڻ بند ٿي چڪو هو پر مان سُڏڪي رهيو هوس ۽ هن ڏانهن اکيون ڦاڙي نهاري رهيو هوس.... ڪُو... ڇُڪ ڇُڪ ....!

*****

ها، سريلو آهي!

"ممي ممي ڏس! هو ڪيڏو سمارٽ آهي!"

"هون!"

"آهي نہ؟"

"ها، ها."

"ڏس ڏس ڪهڙو هئنڊسم آهي؟ آهي نہ؟"

"ها، ها."

"اکيون تہ ڏسينس! ڪيئن پيون چلڪنس!"

"هون."

"وار ڏسينس! اج ئي شئمپو ڪيو اٿمانس. سڄو ٻُت پيو چلڪيس."

"ها، ها، چلڪيس پيو."

"ممي ڪجهہ تہ چئو نہ! ڪيڏو انٽيليجنٽ آهي! ڏس توڏانهن ڪيئن پيو نهاري!"

"ها، ها."

"ممي شڪل نہ ناهہ، هُو ڏاڍو سينسيٽو آهي."

"..... تہ ڇا ڪريان؟"

"يئون، يئون!"

"ڏس ممي، تو هُن کي هَرٽ ڪري ڇڏيو."

"ڏٺئہ نہ ناراض ٿي ويو!.... ماءِ گاڊ يئونڪڙ بہ ڪيڏو سريلو اٿس!"

"ها، ها، سريلو اٿس."

ممي جي نظر بالڪنيءَ جي هيٺان رستي تي پوي ٿي. ڦُٽ پاٽ تي هڪ ميرو گدلو ڦاٽل ڪپڙن واري ٻار جي هٿ ۾ دٻلي هئي. هڪ ڪمزور ٻار، هٿ پير سنها سُوڪڙا، چپ سُڪل، ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. شايد ڪجهہ ڳائي رهيو هو. ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مگر سندس آواز رستي جي گوڙ ۾ گم ٿي ويو هو.

ٻئي اندر "يئون، يئون، يئون، يئون!" هلي رهي هئي.

***

اهو ٿي نہ ٿو سگهي

گراهڪ: "ٽماٽي وارو صنبوسو ڪٽي اڄ."

بيرو، "سائين .هي وٺو. ڪائو."

گراهڪ (صنبوسو ڪائيندين): "هيءُ وري ڪهڙي قسم جو صنبوسو آهي؟"

بيرو: "سائين هي اهو، جيڪو اوهان گهريو."

گراهڪ: "ٽماٽا تہ هن ۾ صيح آهن پر ان ۾ مکڙ پراٽو ڪالهڪو تو لڳي."

بيرو: "نہ سائين، اهو ٿي نہ ٿو سگهي. اسان جو ريسٽورنٽ هڪ هفتي تائين بند هو. مکڙ هڪ هفتو پراٽو آهي."

ڏينهون ڏينهن منجهس آيل تبديلي رڳو سندس گهر وارن کي نہ پر سڄي پاڙي کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو هو.

هو انتهائي عجيب قسم جو ماڻهو هو. اهڙو انسان جنهن جي نظر ۾ اها دنيا رڳو مردن لاءِ خلقي وئي هئي، جنهن ۾ عورتن جو ڪردار هڪ راندڪي کان وڌيڪ نہ هو.

سندس نڊپڻ هڪ مدرسي ۾ گذريو هو، جتان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هن پهريون ڪم

بي ڏسا!

حسن منصور

چوندا آهن تہ انسان کي ٻئي جي تڪليفن جو احساس قطعي نہ ٿيندو آهي، جيستائين پاڻ ان تڪليف جو سامهون نہ ڪري. هڪ مرد جي ڪٿا، جيڪو اوچتو ئي اوچتو بدلجي ويو هو. ان جو سبب ڇا هو، تنهن باري ۾ حسن منصور جي قلم جي ان سرجيل دلچسپ ڪهاڻي جي باري ۾ اسان جي دعويٰ آهي تہ ڪو مشڪل سان هن ڪهاڻيءَ جي انجام بابت اڳواٽ سوچي سگهي تو.

انسان هڪ حيرتجو سمنڊ آهي، ان جي مختلف ڏسائن منجهان هڪ ڏس جي ڪهاڻي.

اهو ڪيو هو تہ پنهنجي ننڍڙي پيٽ کان اسڪول ڇڏايو هو ۽ ماءُ ۽ پيٽ کي برقعي منجهہ قيد ڪري ڇڏيو هئائين.

"هاڻي توهان کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي" هن تڏهن ماءُ ۽ پيٽ کي سختيءَ سان چيو هو، "عورت جو جيئڻ ۽ مرڻ گهر جي چوڏيواري ۾ ئي هجڻ گهرجي."

پوءِ هن پاڙي منجهہ هڪ ٽولي ناهي ورتي هئي جن گهر گهر وڃي پاڙيوارن کي سندن نياڻين کي اسڪولن کان ڇڏائي گهر ويهارڻ جي مهم شروع ڪئي هئي.

اڳي اها ٽولي مختصر هئي ۽ رڳو پاڙيوارن کي سمجهائيندي هئي پر پوءِ ڏينهون ڏينهن اها وڏي ٿيندي وئي ۽ هاڻ ان سمجهائڻ ۽ جا ءِ ڏمڪائڻ شروع ڪيو هو.

ڪيئي ماڻهن سندن ڌيئرن کي اسڪول ڇڏرائي گهر ويهاريو يا ڪٽابن ڏانهن موڪلڻ شروع ڪيو ۽ گهڻا لڏپلاڻ ڪري ٻين علائقن ڏانهن هليا ويا.

ڪجهہ پاڙيوارن پوليس کي شڪايت ڪئي، جنهن سندن شڪايتن جو ترت ازالو ڪيو ۽ شڪايت ڪندڙن جي شڪايت لاڪ اپ منجهہ دور ڪئي. پاڙي واري چوڪرين جي اسڪول ويران ٿي وئي، جنهن جي ڪجهہ حصي تي هن هڪ مدرسو کوليو ۽ پوءِ هڪ وڏي مذهبي جماعت جو دفتر کولي ان جو مقامي اڳواڻ چونڊجي ويو.

هو ان علائقي جي هڪ اهم شخصيت هو، جنهن کان گهر اندر ۽ ٻاهر، ننڍا توڙي وڏا سيئي هڪ جيڏا خوف کائيندا هئا. هو هڪ انسان هو، جنهن انسانن کي معبود کان ڊڄڻ بدران پاڻ کان ڊڄڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ هو سندس ان ڪاميابيءَ تي خوش هو ۽ رب جو شڪر ادا ڪندو هو!

پر ائين ڪندي ڪيس ڪجهہ ئي ورهيہ گذريا هئا تہ گهروارن ڪيس پريشان ٿيندي ڏٺو هو ۽ پوءِ اها پريشاني ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي هئي.

سندس ماءُ ۽ پيٽ، ڪيس سندس ڪمري منجهہ پريشانيءَ وچان چڪر ڪاٽيندي ڏسنديون هيون ۽ خاموش رهنديون هيون.

سندس چهري تي پريشاني وڌندي پئي وئي ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪمري منجهان سڏڪن جو آواز ايندو هو.

گهر جون عورتون ڪيس ننڍ منجهہ رڙيون ڪندي ٻڌي سجاڳ ٿي پونديون هيون ۽ ڊوڙي سندس ڪمري ڏانهن ويونديون هيون تہ ڪيس ستل ڏسنديون هيون. سمهندي سندس وات مان زورائتي، "اهو تو ڇا ڪيو منهنجا رب!" ٻڌنديون هيون ۽ خاموشيءَ وچان سندن ڪمري ڏانهن موٽي سمهي پونديون هيون.

ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن هن ماءُ ۽ پيٽ کان هڪ ڏينهن سندن ڪمري منجهہ وڃي معافي گهري تہ ٻئي ڇٽيون اچرج وچان ڪيس ڏسنديون رهيون هيون.

"آئون غلط هئس امان!" هن چيو هو، "اسانجو مذهب عورتن جي تعليم خلاف نہ آهي."

سندس ننڍي پيٽ ڪيس ڏسندي رهي هئي. سندس اکين منجهہ ڪيئي سوال هئا جن کي هوءَ سلجهائڻ ۾ ناڪام ٿي رهي هئي.

موئن جو دڙو

موئن جي دڙي جي باقيات ۾ جيڪو ڪجهه دريافت ٿيو آهي،اهو اچرج ۾ وجهندڙ آهي.انهيءَ جي پلاننگ اهڙي ٿيل آهي جيڪا دنيا ۾ ڪٿي به نظر نه ٿي اچي پر آمريڪا جي ڪجهه ڳوٺن جي باقيات ۾ انهيءَ جو عڪس نظر اچي ٿو،پڪين سرن جون عمارتون ،گهٽيون ۽ نالين هڪ جهڙيون نظر اچن ٿيون.آثار قديمه جي ماهرن اٿويهه صدي جي شروعات ۾ انڊس ويلي جي تباهه ٿيل باقيات دريافت ڪئي هئي.اهي اٽڪل 24 سئو ق-م جو ٺهيل آهي، ان جا همعصر قديم ٿمر ۽ مصر ملڪ هئا پر ڪجهه نون جديد طريقن، جنهن ۾ پاڻي جي سسٽم ۽ شهر جي پلاننگ الڳ ٿلڳ ۽ ترقي واري آهي. انهن کي پنهنجي لکڻيءَ جو طريقه ڪار به هو،اها لکت اڃا تائين پڙهجي نه سگهي آهي. انهن جي واپارجا لاڳاپا مسيحي پوٽي ميسا ۽ جديد بمبئي جي ويجهو ٻڌايا وڃن ٿا،جيڪو ڪائنس هڪ هزار ڪلوميٽر پري مناصلي تي آهي. انهيءَ تهذيب جا خالق ڪٿان آيا؟ انهن جي ٻولي ڪهڙي هئي؟ ۽ ڇا انهن جا حڪمران ٻين شهرن تي به حڪمراني ڪندا هئا؟ سئوڪان وڏيڪ گهر ساڳي طريقي سان مصر ۽ ٿمر ۾ به دريافت ٿيا آهن. ڇا اهي به انهن ٺاهيا هئا ۽ ڇو اها تهذيب سترنهن سؤ ق-م ۾ تباهه ٿي .اها اڃا تائين ڳجهارت بڻيل آهي.

موئن جي دڙي مان ماهرن تيرنهن انساني ڍانچا به لڌا. جن جي مٿي تي ڪهاڙين ۽ تلوارن جا ڏڪ لڳل آهن. ٻڌايو وڃي ٿو ته اهي آراين جي ڪاهه سبب قتل ٿيا هئا. آريا جديد هندن جا ابا ڏاڏا ٻڌايا وڃن ٿا. جيڪي ان وقت انڊيا تي قابض هئا.

نور بوزدار-ٽنڊوالهيار

"رڳو اهو نه." هو چوندو رهيو هو. "مون جيڪي به پوءِ ڪيو اهو صحيح نه هو."

پوءِ جڏهن سندس ماءُ ڳالهايو هو ته هن اهو سمجهيو هو ته هوءَ ڪيئي سالن جي بندش ڪانپوءِ سندس چپن کي آزاد پائيو هو.

چيوهئائين، "پوءِ تو اهو سڀ ڇو ڪيو پٽ؟"

"مون سمجهيو هو ته اهوئي صحيح هو!" هن چيو هو." ۽ آئون اڃا به ان کي صحيح سمجهان ها،پر ڇا ڪريان حالتون مٿجي چڪيون آهن!"

"حالتون مٿجي چڪيون آهن!"

"ها امان!" سندس اکيون ڀرجي آيون هيون، "حالتون بدلجي ويون آهن.منهنجي تقدير بدلجي وئي آهي."

سندس ماءُ عجب وچان ڪيس ڏٺو هو. حجري ڏانهن ويندي هو ڀڻڪيو هو."آئون تباهه ٿي چڪو آهيان!"

۽ پوءِ سڄي پاڙي منجهه هڪ هنگامو برپا ٿيو هو. هن اسڪول جي جاءِ تي ٺهيل مدرسي ۽ پارٽي آفيس کي هٽرائي ٻيهر چوڪرين جي اسڪول شروع

ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ سندس پيڻ کي ان جي پهرين شاگرديائيءَ طور پرتي ڪرايو هئائين.

سندس ٽولي جيڪا ساٿس وفادار هئي، ڪانئس ڇڄي ڏار ٿي وئي هئي ۽ سندس اسڪول ڪولرائڻ واري اعلان تي ناراض ٿي ڪيس پارٽيءَ منجهان ڪڍي ڇڏيو هو.

هو ڪير مان هڪ مڪ جيان ٻاهر ڦٽو ڪيو ويو هو ۽ سندس اعلان باوجود چوڪرين جي اسڪول ٻيهر کلي نه سگهي هئي ۽ اتي مدرسو اجا ڪشادو ۽ پارٽيءَ جي آفيس مٿان جهنڊو اجا وڏو ٿي ويو هو. هاڻي سندس نائب کي مقامي اڳواڻ ٻڌايو هو.

ائين سڀ ڪندي هڪ ڏينهن، جڏهن سندس سڏڪا وڏي ويا هئا ۽ ننڊ صفا ڦٽي پئي هئي، تڏهن هن ماءُ کي هڪ انتهائي اهم راز ٻڌايو هو. سندس ماءُ اهو ٻڌي ٽٽي پئي هئي. بستري داخل ٿي هئي ۽ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ مري ويئي هئي. مرڻ کان ڪجهه گهڙيون اڳ هوءَ ڪيس ڇهري تي منيون ڏئي رني هئي ۽ اکيون پورڻ کان اڳ ماءُ ڪيس ڏسندي چيو هو، "آئون ته مران پئي، تنهنجو ڇا ٿيندو؟"

ماءُ جي موت کان ستت ئي پوءِ هن مائٽن منجهه پيڻ پرڻائي هئي ۽ پوءِ ڪنهن اڻڄاتل هنڌ ڏانهن هليو ويو هو.سندس پيڻ ۽ ٻين مائٽن ورهين تائين ڪيس ڳولڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کانپوءِ خاموش ٿي ويهي رهيا هئا.

پوءِ هڪ ڏينهن سندس پيڻ هڪ اخبار منجهه سندس فوٽو ڏٺو ۽ سڃاڻي وئي. هن اندر منجهه اتاهه خوشي ۽ اطمينان محسوس ڪيو. انهي ڪري به ته هو اجا زندهه هو ۽ انهي سبب به ته سندس تصوير ڏسڻ باوجود به سندس ڀاءُ کي سواءِ ڪانئس ٻيو ڪنهن به ڪو نه سڃاتو هو.

مرڻ کان اڳ ڪيس سندس ماءُ ان رازکان واقف ڪيو هو. جيڪو سندس ڀاءُ رڳو ماءُ کي ٻڌايو هو.

"امان!" ڀاءُ ماڻس کي ٻڌايو هو، "آئون هاڻي مرد نه رهيو آهيان ۽ عورت ٿيڻ وارو آهيان!" ۽ ڪيس هڪ اسپتال وٽان آيل اهو خط به ياد آيو. جنهن ۾ جنس جي تبديليءَ لاءِ ڊاڪٽرن سندس ڀاءُ کي تاريخ ڏني هئي.

هن اخبار ۾ ڇپيل تصوير هيٺان ڪئپشن پڙهيو:

"عورتن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ تنظيم جي سربراهه بيگم نجمه عظيم هڪ گرلس اسڪول جو افتتاح ڪري رهي آهي."

سندس چهري تي هڪ اڻ لکي مرڪ پکڙجي وئي ۽ هن اخبار کي احتياط سان ويڙهي پنهنجي ٿجوڙيءَ اندر رکي ڇڏيو.

☆☆☆

سمٽيون چوٽيون

☆ دروازو پيچڻ جي ضرورت ناهي، ڪنجي جي ذريعي وڏي آساني سان ڪلي وجي ٿو.

☆ هي نه چئو ته "مون کي موضوع ٻڌاءِ پر اهو چوڻ وڌيڪ بهتر آهي، "مون کي اکيون عطا ڪر."

☆ ننڊا ننڊيا ٻاروڙا وڏا خواب ڏسندا آهن.



ڪجهه ڪتابين جو قصو، جيڪي هڪ ماڻهوءَ کي ٽنگوتالي ڪري ڪٽي وڃي رهيا هئا!

نئين موسم

محمد صديق منگيو

ڪنهن به قوم جي ترقي جو بنياد صرف تعليم ئي هوندي آهي. تعليم انسان جو زيور ٿيندو آهي، جيڪو ڪيس نه فقط جانور کان ممتاز ڪندو آهي پر انسان ۾ علم، شعور، تميز، اخلاق ۽ فائديمند تربيت مهيا ڪندو آهي. پر اسان وٽ تعليم جو جيڪو حال ڪيو ويو آهي ان کان هرڪو واقف آهي. تعليم جي موضوع تي لکيل هي ڪهاڻي اسان کي ٻڌائي ٿي ته اسان جي تعليم ڪٿي وڃي پهتي آهي

فڪر جي ڦلار جا ڏهاڙا هئا. ڏينهن جا پير تتل ۽ راتين جا لڳ ڪورن دلن جهڙا ٿڌا هئا. ماڪ ڏوتل صبح پنهنجي ڪوملتا ۽ حسناڪيءَ جي احساس سان جتي جسمن تي پرڪلي هيٺ پائوڊر جهڙو مک پئي ڏنو. اتي اکين کي ڊپ جي ٻڙن جهڙي ٿڌاڻ پئي بخشي. ٿڌڙين هيرن جا پوپٽ بدن کي ڇهي ڪتڪتايون ڪري سرور ڏئي رهيا هئا. هونئن به سرءُ هجي يا سيارو، اونهارو هجي يا بهار، هر مند جي صبح جي سونهن من موهيندڙ ۽ جنت جي جهوٽي جهڙي هوندي آهي.

شهر جي چوسول تي ننڍاڪڙي زندگي رات جي هنج مان اکيون مهٽي اٿي هئي. ايتري چهل پهل نہ هئي. ڪجهہ دڪان کليا هئا ۽ ڪجهہ دڪاندار دڪان کولي ڦريو ڦوڪارو ڏيڻ ۽ چنڊ ڦوڪ جي ڪم ۾ رڌل هئا. دڪانن اڳيان روڊ جي ٻنهي پاسن کان ڏهاڙي اجرت وارن پورهيت جي مندي لڳل هئي. رازا، ڊڪڻ، رنگ پوچيءَ وارا ڪاريگر،مستري ۽ مزور ڏهاڙي سڄي ڪرڻ لاءِ صبح جي سائينءَ جو نالو ونی قطارن ۾ وينل هئا. ڏهاڙيءَ جي ڏاتار جي اوسئيڙي ۾ اکيون رستن ۾ وڃايل هئن. واهولا، رندا، ڪارايون، چوناريون، شاول، تيشيون، بيلچا، ڪوڏرون، برش ۽ ٻيا پورهئي جا اوزار اڳيان ڪري رکيا هئائون. پورهيتن جي ان مندي ۾ جتي ڪچي وهيءَ وارا چوڪرات ۽ نوجوان هئا، اتي موٽيل وهيءَ وارا ۽ پڪي عمر جا نيم ڪراڙا بہ هئا. اکين ۾ پورهئي جون آسون سجائي هر ماڻهوءَ ڏانهن ايئن آس وند نگاهن سان ڏنائون پئي، جڻ پڪ هئن تہ اڄوڪي ڏهاڙيءَ لاءِ اهو ئي سندن جيون جي ٻيڙيءَ لاءِ ناکئو بنجڻ وارو هو.سندن هيٺا حال، اٻالا افعال ۽ اجهائل چهرن مان سڪل پنن وانگر چٽندڙ اڻ تڻ واکا پئي ڪيا.سندن مروٽيل ڪاغذن جهڙن چهرن جي عبارت صاف پڙهڻ ۾ پئي آئي تہ "شال ڏهاڙي خالي نہ وڃي" چنتا بہ ڇو نہ تئي؟ سندن وند ۽ ڪٽ جي حسابن جهڙي زندگيءَ ۾ پاڇي تہ هيو ئي ڪو نہ.سندن فاقن جهڙي وجود سان پاڇاندي جهڙو ڪو بہ پاڇولو نہ هو. ان ڪري سندن گهرن جون چلهيون ۽ چمنيون بہ سندن ڏهاڙين سان مشروط هيون.

چوسول تي گاڏن ۽ پڙين وارا بہ صبح مڙداٽي نئين سج جي نئين روزيءَ لاءِ وکر چنڊي ڦوڪي پهرين ٻهٽيءَ لاءِ ويچارا منهن ڪري وينل هئا.

"مولا...! ڏيار ڪا ٻاجهہ پري ٻهٽي" هڪ گاڏي واري سئن هنئي.

"صبح جا سائين..! تنهنجو ئي آسرو." ٻيو آواز آيو.

"مولا...! ڪو ڇپر ڦاڙي، پنهنجي گنج مان...!" ٽيون آوازآيو.

چوسول تي جتي ٻين دڪاندارن واندڪائي جون ٻاٽون پئي ڪاڏيون، اتي مچي، گوشت ۽ پاڇين وارين پڙين تي چڱي رش هئي. شهر جا ماڻهو ڏنڊي ڏاڙي ۽ ڪمن ڪارين تي وڃڻ کان اڳ پهرين فرصت ۾ ڳنڍڻ پانڍڻ جو خنو لاهڻ لاءِ ڳاهٽ اچي ٿيا هئا. گوشت، مچي ۽ پاڇين وارا بہ تڪڙا هٿ هلائي وڌ کان وڌ گيراڪ اڪلائڻ جي ڪوشش ۾ هئا. هنن ڄاتو ٿي تہ ڏنڊي جي مهل اهائي آهي. جيڪو ڏنڊي جو چتڪو لڳو سو لڳو، پوءِ سارو ڏينهن اڙي تڙي ۽ ڳاڙ ڳوڙ گيراڪي هوندي. شام ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي خريداريءَ تائين ڪين مڪيون مارٽيون پونديون.

سج جي ست رنگي روشنيءَ جا ڪرڻا آسمان کي گلبيءَ جو راڳو ڏئي ڌرتيءَ تي ڇٽيا پئي. ٻار جي معصوم مرڪ جهڙي صبح جا ست وڳا هئا. چوسول تي ماڻهن جي اچ وڃ وڌي وئي هئي. سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين وارا ماڻهو تڪڙيون وکون ڪٽي ڊيوٽين تي ويا پئي.

گڏهه گاڏن وارا پورهيت بہ گڏهه گاڏا هڪليندا رڙي روٽيءَ لاءِ چوسول تي پئي آيا. سوزوڪي اسٽاپ تي ٻهراڙين جي مختلف روٽن تان سوزوڪيون ۽ ڊاٽسنون ماڻهن سان هيٺ مٿي چڪار تي آيون پئي. گاڏين تي سٽيل ماڻهو هيٺ لهي پوتڙن سان پاڻ کي چنڊي رهيا هئا. گاڏين مان ماڻهن کي لهندي ڏسي دڪاندارن، گاڏن ۽ پڙين وارن جي چهرن تي سرهائي ۽ اکين ۾ چمڪ تري آئي هئي. گاڏن ۽ پڙين وارن جا هوڪا ايئن شروع تي ويا، جڻ هڪ ئي وقت ڪيئي سيلن وارا راندڪا حرڪت ۾ اچي ويا هئا.اهو سندن فطري رد عمل هو. ڪين پلي پت ڄاڻ هئي تہ شهرن جي اصل سونهن ٻهراڙيون ئي هونديون آهن.جيڪي شهرن جي وڻج واپار کي ڪٽنديون آهن ۽ سگهہ ڏينديون آهن. ٻهراڙيون شهرن جو منهن نہ ڪن تہ شهرن جا واپاري،دڪاندار ويندي گاڏن ۽ پڙين وارا بہ هوند لنگهڻ مرن.اهو ئي ڪارڻ هو جو گاڏين مان سوارين جي لهڻ سان ئي سندن وات جا بٽڻ پاڻهرتو آن تي ويا هئا.

چوسول جي گهٽيءَ مان ويهارو ڪن چوڪرا چوسول ۾ داخل ٿيا. ڪين ڪيمل ڪلر جا ڪپڙا پاتل هئا. چوڪرن کي ڏسي چوسول ۾ بيٺل ماڻهن جا حيرت مان وات پٽجي ويا هئا. سمجهہ ۾ نہ ايندڙ معاملي جي حيرت سندن قاتل اکين ۽ وائڙن چهرن مان ڇٽي پئي. ڪجهہ ماڻهو جيڪي ڳجهارت کي چاليهين پتيءَ جي ڳوڙهي هٽي پيجي ويا هئا، ڪل ۾ رڙهيا پئي. دڪاندار بہ ڏنڊا ڏاڙيون ڇڏي، دڪانن کان ٻاهر نڪري تماشو ڏسڻ لڳا. رونشو لڳو پيو هو. سوزوڪي اسٽاپ تي بيٺل ماڻهو بہ نئون رنگ ڏسڻ لاءِ ڊوڙندا پئي آيا. هڪاندا ماڻهو چوڪرن جي چوڌاري مڙي ويا هئا.

نظم

شيخ اياز

گيت محبت جو
ٻيهر گونجي ٿو
پولارن جي پڙلاون ۾
گيت محبت جو
دٻجي ويندو آ،
وقت بہ واڳونءَ وانگر آهي
گيت محبت جو
چهجي ويندو آ،
پوءِ بہ اڀري ايندو آهي
ور ور ڏرتيءَ جي سيني مان
جيون جي ڦُلواريءَ ۾ ڪنهن
سر تپي سرتيءَ جي سيني مان
گيت محبت جو
چو تہ اگر ڏرتيءَ تي ڪائي
چيز امرتا واري آهي
پياري آهي
جيت موت تي آهي جنهن کي
هر وستوءَ کان نياري آهي
وک وک سُڪڪاري آهي
سا چيز آهي
گيت محبت جو
پيارو پيارو
گيت محبت جو
ٻيهر گونجي ٿو.

☆☆☆

"چوڪراڻي پوتي، ڪنهن نہ ڏوتي!" هڪ همراهہ ڳالهايو.

"ننڍ وڏائي جو شرم حيا نڪري ويو آهي." ميڙ مان ٻيو آواز آيو.

"ڪتابين اٽ مسيت تي چاڙهي چڙيو. هنن سان ڪير پڇندو؟" ٽئين همراهہ ڳالهايو.

"پر، ابا...! ڪوچرائپ جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. هيءُ تہ صفا ليکو لنگهيو بيٺا آهن." هڪ ڪراڙي ڪاوڙ مان وراڻيو.

لقاءُ بہ تہ ڪجهہ اهڙو ئي هو. چوڪرا هڪ همراهہ کي ٽنگون ٽالي ڪري ڪنڀي ڪٽيو پئي ويا. همراهہ جي هڪ رڙ هيٺ هئي تہ ٻي رڙ مٿي. هن رانپاڙ ڪري چوسول کي مٿي تي کڻي ڪنيو هو. ايئن پئي لڳو ڄڻ تاٿي جا سپاهي ڪنهن ڳنڍي چوڙ کي ڪنيو تاٿي تي کڻيو پئي ويا. هن بيوسيءَ مان نماڻيون ۽ التجا پريون اکيون ڪٽي گڏ ٽيل ماڻهن کي واهر لاءِ ٻاڏايو پئي.

"نہ... آئون ڪو نہ هلندس. ڪڏهن ڪو نہ هلندس. چڙيو مون کي. آهي ڪو جيڪو مون کي هنن ظالمن کان چڏائي...!؟ ٻيلي، خدا جي نالي مون کي بچايو...!"

همراهہ جي هنيانءَ ڦاڙ رڙين تي چوڪرن جي چوڌاري بيٺل ماڻهن جي دلين ۾ همراهہ لاءِ همدرديءَ جا جذبا ڪر ڪٽڻ لڳا. اهي ڪيس چڏائڻ لاءِ چوڪرن جي چوڌاري گهيرو ڪري ڪين سوڙهو ڪري بيهي رهيا. چوڪرا ڪنهن بہ قيمت تي همراهہ مان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار نہ هئا.

چئوڪنيو هٿيڪو ٽيل همراهہ چڙهيون هٿي پاڻ کي چڏائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، پر چوڪرن بہ ٽنگن ۽ ٻانهن ۾ اهڙا سوگها هٿ وڌا هئس، جو چڏائڻ کان وڌو هو. ان چڪ چڪان ۾ همراهہ سان گڏ چوڪرا بہ پڳهر ۾ وهنجي ويا هئا.

"ابا...! ڪجهہ ڌيان ڪريو. پيءُ جيڏو اٿو. ڇو پيا ويچاري کي بازار ۾ گهليوس؟" ڪراڙي، چوڪرن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ڏاڏا...! اسان جو پنهنجو مسئلو آهي. ڪنهن جو نہ وڃي." هڪ وڏي چوڪري ورندي ڏني.

"همراهہ کي چڏڻو پوندو. جهيڙو تہ جهيڙو ئي سهي." هڪ نوجوان جذباتي ٿي ويو.

"ائين ڪيئن چڏيونس؟ مَس مَس تہ هٿ لڳو اٿئون." ٻئي چوڪري وراڻيو.

"پر، ابا...! اوهان جو ڪهڙو ڏڻ ٻڌو اٿس. اسين بہ تہ ٻڌون؟ ڪٽايي تہ ڪونهي جو ٽنگو ٽالي ڪري ڪٽي پيا وڃوس." ڪراڙي ڳالهايو. هڪ ٽاٻر چوڪرو اڳتي وڌيو ۽ ٻئي هٿ چيلهہ تي ڏئي ٽڏو ساهہ ڪنيائين ۽ چپن تي طنزيہ مرڪ آڻي ڪراڙي ڏانهن منهن ڪري وراڻيائين.

"ڏاڏا...! شاگرد ڪونهي، پر اسان جو ماستر آهي. اسڪول اچي ئي ڪو نہ ٿو. ان ڪري ٽنگو ٽالي ڪري اسڪول ڪٽيو پيا وڃونس."

چوڌاري بيٺل ماڻهن جا ٻڌا ٿهڪ ماستر کي سنگسار ڪري رهيا هئا.

☆☆☆

جذبن جي وهڪري ۾

نرتن نوشاد

هڪ اهڙي انسان جي ڪهاڻي، جنهن اوچو اسٽيس ماڻڻ جي چڪر ۾ هڪ معصوم عورت جي جذبن سان کيڏيو. قدرت کي وري سندس لاءِ ٻيو ڪجهه منظور هو. هن اها ڳالهه وساري ڇڏي هئي تہ پهرين سواري وڃائڻ کان پوءِ ٻي سواري ڏاڍي مشڪل سان ملندي آهي.

انڌي خواهش ۾ ٻڌل ماڻهوءَ جي تڪليف ۾ پوندڙ ڪهاڻي.

ان وقت شام جا ست وڳا هئا. مان پنهنجي گهر ۾ ٽي وي ڏسي رهيو هئس. جو فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. مون رسيور کنيو ۽ "هيلو" ڪيو.

"هيلو، رياض." هڪ زنانو آواز گونجيو. "مان سعيده بيگم پئي ڳالهايان. ڪيئن آهين؟ خوش آهيو؟"

"الله جالک لک ڪرم!" مون موٽ ۾ چيو.

سعيده بيگم پي آئي اي ۾ آفيسر هئي. رشتن ڪرائڻ ۾ هڪ معتبر نالو هو. هن سان منهنجي واقفيت نندپڻ جي هڪ دوست مجيد جي معرفت ٿي هئي. جيڪو پڻ پي آءِ ۾ ملازم هو. هوءَ 44 سالن جي پڪي پختي، جانٿي عورت هئي.

هن مون کان فوٽو ۽ سڄي بايو ڊيٽا وٺي ڇڏي هئي. مون هن کي شريڪ حيات جي باري ۾ پنهنجي چوائس ٻڌائي ڇڏي هئي ته هوءَ پروفيشنل جاب سان وابسته هوندي.

"خير آ؟" مون ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي پڇيو.

"ها، خير آ." سعيده بيگم وراڻيو، "اٺين وڳي رات جو پهچي سگهين ٿو؟"

"پوري اٺين وڳي؟!"

"يا پلا هينئن ڪر." سعيده بيگم جواب ڏنو. "نائين وڳي سڌو منهنجي گهر اچ. مان تنهنجي ملاقات هڪ سٺي چوڪريءَ سان ڪرايان ٿي."

"مان ڪوشش ٿو ڪريان ته تو وٽ نائين وڳي پهچي وڃان."

"ڪوشش نه، پڪ ٻڌاءِ." سعيده بيگم سختيءَ سان چيو، "چوڪري کي پڪ هوندي ته هوءَ ايندي"

"هل، ٺيڪ آ" مون ڪيس فيصلو ٻڌائيندي چيو، "آئون نائين وڳي توهان جي در تي هوندس."

"ڪپڙا سٺا پائي اچجانءِ" سعيده بيگم حڪم ڏيندڙ لهجي ۾وراڻيو، "عام رواجي ڪپڙن ۾ نه اچجانءِ. Ok، الله حافظ"

"الله حفاظ" مون رسيور هيٺ رکيو. الماري مان سٺي ڊريس ٻاهر ڪڍي،وهنجي سهنجي، تيار ٿي، سعيده بيگم جي گهر پوري سوا نائين وڳي پهچي ويس.سعيده بيگم گهر جو دروازو کولي، اندر اچڻ جو اشاروڪيو. سندس ڊرائنگ روم ۾، گلابي ڪپڙن ۾، صوفي تي هڪ خوبصورت چوڪري منهنجي انتظار ۾ اڳ ئي وينل هئي. سادي پوشاڪ ۾مئچوئر، ٽيلنٽيڊ، خوبصورت ۽ ذهين چوڪري منهنجي آڏو هئي.

"اسلام عليڪم." مون ڪيس ڏسندي سلام ڪيو.

"وعليڪم السلام" چوڪريءَ موٽ ۾ جواب ڏنو.

دل خوش ٿي وئي. چوڪري واقعي لاجواب هئي. مان پنهنجي قسمت تي اڳواٽ ئي رشڪ ڪرڻ لڳس.

"منهنجو نالو اسمعيٰ آهي" چوڪريءَ مون ڏي هلڪڙي مسڪراهٽ سان ڳالهائيندي چيو، "بهتر نه ٿيندو ته توهان پهرين پنهنجو تعارف ڪرايو"، هوءَ بردبار پروفيشنل چوڪري لڳي رهي هئي.

"توهان کي منهنجي باري ۾ سعيده بيگم تعارف ناهي ڪرايو؟" مون ڪيس تڪيندي پڇيو، سعيده بيگم، جيڪا پاسي ۾هڪ صوفي تي ويهي رهي هئي، مسڪرائڻ لڳي، سندس اکين ۾ چمڪ ظاهر هئي.

"توهان هڪ ٻئي کي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايو." سعيده بيگم اٿندي چيو، "خوب ڳالهيون ڪريو، مان چانهه ناهي اچان ٿي"

هاڻي ڪمري ۾ اسان ٻئي اڪيلا رهجي وياسين، سعيده بيگم رڌڻي طرف هلي وئي.

"منهنجو نالو گل رياض آهي" مون پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو، "گورنمينٽ آفيسر آهيان، عمر 30 سال اٿم. اڪيلو ۽ آزاد زندگي گذاريندو آهيان. منهنجا والدين سکر ۾ آهن" مون عمر جي باري

۾ غلط بياني کان ڪم ورتو هو، جيڪا دراصل 38 سال ڪن هئي.

"ڀ ڀاءُ پينر؟" هن مون کان پڇيو.

"اٺ پائر پينر آهيون." مون ٻيهر ڪوڙ ڳالهايو. منهنجي پيءُ دراصل پوري ڪرڪيٽ ٽيم ٺاهي هئي. ماڻهن کي ڇا ٻڌايان ته اسان ڪل 12 پائر پينر آهيون. نو پائر ۽ ٽي پينرون، نتيجو ڇا نڪرندو "فورن شڪل خراب ۽ رشتو ختم." اڄ جي دور ۾ اڳين ماڻهوءَ کي ايترا ٻار ٻڌائڻ ئي شرم جي ڳالهه آهي.

"بابا ڇا ڪندو آهي؟" هن مون کان سوال ڪيو.

"هو ڊاڪٽر پيشي سان وابسته آهي، اڄ ڪلهه هو ڊائريڪٽر هيلٿ جي پوسٽ تان ريٽائر ٿي چڪو آهي"

"ڀ پائر پينر؟"

"منهنجو وڏو ڀاءُ وزارت خارجه ۾ فارين آفيسر آهي" مون به ڳالهين جي سلسلي کي وڌائيندي چيو، "هڪ ڀاءُ ميڪنيڪل انجنيئر آهي، جنهن KESC مان ڪانٽريڪٽ جي نوڪري تان استعيفيٰ ڏئي، سعودي عرب ۾ هڪ ڪمپني ۾ ملازمت اختيار ڪئي آهي. منهنجا به ٻيا پائر به انجنيئر آهن ۽ هو CNGپمپ تي ڪم ڪندا آهن. هڪ ڀاءُ واپڊا ۾ انجنيئر آهي" مون پنهنجن ٻين پائرن جو ذڪر نه ڇيڙيو، جيڪي اڃا پڙهي رهيا هئا.

"به پنيرون آهن" مون ڳالهه جاري رکي، "هڪڙي سنڌ گورنمينٽ ۾ڊاڪٽرياڻي آهي ۽ ٻي ايل ايل بي پڙهي رهي آهي" مون هڪ ڀيڻ جو تذڪرو نه ڪيو، جيڪا ڪاليج ۾ بي ڪام جي شاگرديائي هئي.

"ڀ هائي توهان پنهنجي باري ۾ ٻڌايو؟" مون مسڪرائيندي اسمعيٰ کي ڏسندي چيو.

"مان هينئر هڪ ليزنگ ڪمپني ۾ مئنيجر فنانس آهيان" اسمعيٰ ڳالهه جي شروعات ڪئي، "ان کان اڳ مان به سنڌ گورنمينٽ ۾ 17 گريڊ جي گزيٽيڊ آفيسرهئس"

"پوءِ توهان اها نوڪري ڇو ڇڏي؟"

"ان جا ٽي سبب هئا. خوامخواهه جي بليڪ ميلنگ، گهٽ پگهار ۽ ڪرپشن. مون ست مهينا نوڪري ڪئي، ۽ استعيفيٰ ڏنم. ان کان پوءِ CAجو ڪورس ڪيم ۽ گل احمد فيڪٽريءَ ۾ نوڪري ڪيم. اتي به آئون وڏي عهدي تي هئس. 70 هزار پگهار هئي" هن 70 هزار پگهار تي زور ڏنو.

"ڀ هائي اوهان جي گهٽي پگهار آهي؟" مون سوچيو ته هائي هوءَ لک ڪن ڪراس ڪري چڪي هوندي!

"45 هزار" هن يڪدم جواب ڏنو. مون کي حيرت ٿي ته هوءَ 70 هزار پگهار واري نوڪري کي ڇڏي ڪري هاڻي 45 هزار پگهار تي نوڪري پئي ڪري!"

"گل احمد فيڪٽريءَ ۾ نوڪري ڇڏڻ جو ڪارڻ؟ يا انتظاميه اوهان کي آئوٽ جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو؟" مون آهستگيءَ سان ڪلندي چيو.

"نه، ڳالهه ائين ناهي" هن معنيٰ خيز انداز ۾ ڏنو. اسمعيٰ ٿوري دير لاءِ چپ ٿي وئي. ايتري ۾ سعيده بيگم چانهه جي ٽري

ڪٽي اندر داخل ٿي. اسان کي ڇانهه جا ڪوپ ڏنا ۽ THANKSجا لفظ چئي اسان ڇانهن جا ڍُڪ پرڻ لڳاسين.

"اها هڪ وڏي ڪهاڻي آهي" سعيده بيگم خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، "رمضان جي مهيني ۾ مون هن جي ملاقات هڪ پائيليٽ سان ڪرائي. هن شاديءَ لاءِ شرط رکيو تہ اسمعيٰ نوڪري ڇڏي ڏيندي. اجا شادي جي ڳالهہ ٻولهہ هلي رهي هئي تہ هن نوڪري ڇڏي ڏني. بعد ۾ اها ڳالهہ ٻولهہ اڳتي وڌي نہ سگهي ۽ هن سڀ نوڪري هٿن مان وڃائي."

"حقيقت ۾ پنهنجا فيصلا ٻين تي امپوز نہ ڪرڻ گهرجن" اسمعيٰ تلخ لهجي ۾ وچ ۾ ڳالهايو. "پر اهڙي نوڪري حاصل ڪرڻ منهنجي لاءِ ٻيهر مسئلو بہ ناهي." هوءَ في الحال پنهنجي دل وندرائڻ لڳي.

"توهان پنهنجي عمر ۽ خاندان جي باري ۾نہ ٻڌايو؟" عمر ۽ خاندان جو ٻڌي اسمعيٰ جي چهري تي ٿورڙي پريشاني جو اظهار ٿيو.

"ان باري ۾ آئون توکي ٻڌايان" سعيده بيگم وچ ۾ ڪٽيو. "هن جي عمر 28 سال آهي. ٻہ پائر اٿس. هڪ پاءُ ڪينيڊا ۾ آهي ۽ ٻيو پاءُ هتي هڪ فارماڪمپني ۾ ايريا مئنيجر آهي. هڪ پيٽ اٿس، جيڪا شادي ڪري پنهنجي مڙس سان گڏ لاهور ۾ رهائش پذير آهي. ان جو مڙس ننڍي درجي جو واپاري آهي. هيءَ پنهنجي پاءُ جي گهر ۾ رهندي آهي. هن جا والدين فوت ٿي چڪا آهن"

ان ڳالهہ تي اسمعيٰ ڏاڍي پريشان ٿي وئي. هن جي چهري تي ڏک جي لهر ڇانئجي وئي.

"توهان جا مستبقل ۾ ڇا ارادا آهن؟" مون موضوع کي ٻي طرف موڙڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ڇا مطلب؟" اسمعيٰ مون ڏي متوجهہ ٿي.

"مطلب تہ اڳتي بہ نوڪري ڪرڻ جو ارادو آهي يا نہ؟" مون پڇيو.

"اهو حالتن ۽ مڙس جي مرضي تي منحصر هوندو" اسمعيٰ وراڻيو.

"پلا، هاڻي هن سلسلي کي اوهان جي پاران اڳتي ڪير وڌائيندو" مون ملاقات کي پڇاڻي تي پهچائڻ جو ارادو ظاهر ڪندي چيو.

"منهنجو مامون" اسمعيٰ وراڻيو. اسمعيٰ جي چهري تي خوشي جي لهر ڊوڙندي محسوس ڪيم. هن مون کي غور سان نهاريو ۽ مان سندس نظرن جو تاب نہ سهندي ڪنڌ جهڪائي ورتو.

"منهنجو مامون توهان سان آفيس ۽ گهر ۾ ملندو" اسمعيٰ ڳالهائيندي چيو، "ان کان پوءِ ئي اوهان سان وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ ڪبي."

"ڏس،هن جا والدين هن دنيا ۾ نہ آهن" سعيده بيگم ڳالهائيندي چيو، "هن جو مامون ئي هنن جي پرگهور لهڻي ٿو. هو ڊفينس ۾ رهندو آهي ۽ جيري ڪمپني ۾ سڀ عهدي تي فائز آهي."

"چڱو، هاڻي مان هلندس" اسمعيٰ اٿندي چيو، "ڪافي ڊيڊ ٿي چڪي آهي."

سعيده بيگم اسمعيٰ کي ساڻ ڪري ٻي ڪمري ۾ هلي وئي. اسمعيٰ

توري دير کان پوءِ ٻاهر آئي ۽ "الله حافظ" چئي روانو ٿي وئي. سعيده بيگم منهنجي اڳين صوفي تي اچي ويٺي، ۽ ڇوڪري جي باري ۾ پڇيو ته هوءَ مون کي ڪيئن لڳي. مون جلد بازي جو مظاهرو نه ڪيو، ۽ڪيس چيم ته چند ڏينهن ۾ مان ڪيس پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪري ڇڏيندس. ڪجهه منٽن کان پوءِ مون به سعيده بيگم کان موڪلائي ورتي. رات جو دير سان گهر پهتس ۽ سمهڻ جي تياري شروع ڪئي. ان رات ننڊ مون کان ڪافي پري هئي، ۽ اسمعيٰ جو چهرو منهنجي سوچن ۾ ڦرندو رهيو.

☆☆☆

ٻي ڏينهن مجيد منهنجي آفيس آيو. مجيد ۽ منهنجي ياري ننڍپڻ کان آهي. هو منهنجو پڪو سنگتي آهي. هن جي عمر 35 سال ،چهرو ڪتابي، قداور ۽ وارگهنگهريالا اٿس. هن پي آءِ اي ۾ ملازمت اختيار ڪئي ۽ اتي ئي هن جو هڪ ايئر هوسٽس سان عشق ٿي ويو. قصو شادي تي انجام ٿيو. هن جي شادي ڪرائڻ ۾ سعيده بيگم جو اهم ڪردار رهيو هو. حال احوال اورڻ کانپوءِ، هن مون کان سعيده بيگم جي حوالي سان پيشرفت بابت معلومات دريافت ڪئي.مون ڪيس رات واري سڄي ماجرا تفصيل سان ٻڌائي.

"پر يار تڪڙ نه ڪجانءِ" مجيد مون کي سمجهائڻ لڳو. "سعيده بيگم وٽ هڪ کان وڌيڪ رشتا موجود آهن. هن وٽ وڏيون وڏيون پارٽيون آهن."

"پر يار جيڪا ڇوڪري مون رات جو ڏٺي آهي، اها ته زبردست آهي" مون ورندي ڏني، "مون کي ڇوڪري ڏاڍي پسند آئي."

"تون ته ڪو ٻار آهين." مجيد چوڻ لڳو. "توکي صرف هڪڙي شادي ڪرڻي آهي. توکي فخر هجڻ گهرجي ته تون مرد آهين. تو وٽ ڪيئي رستا آهن. ڇوڪريون ڪي ڪٿيون آهن، جلد بازي جو مظاهرو نه ڏيکارجانءِ"

"پلا، سعيده بيگم پڇي ته ڇا چوان؟"

"هن ڇوڪري کي استينڊ باءِ تي رکي ڇڏ." مجيد مونکي ترڪيب سمجهائڻ لڳو. "جڏهن هن کان وڌيڪ ڪا سٺي پارٽي ملي وڃيئي ته هٿ ڪڍي ڇڏ. اڄ ڪلهه هر ڪو ائين پيو ڪري."

ڪنهن جي دل سان کيڏڻ يا ڪنهن کي خوامخواهه استينڊ باءِ تي رکڻ حقيقت ۾ مون جهڙي ماڻهوءَ جي دل گڙدي جو ڪم نه هو. ان جي باوجود به مون مجيد جي ڳالهه کي سنجيدگيءَ سان ورتو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سعيده بيگم جو فون آيو. هن اسمعيٰ جي باري ۾ پسنديدگي يا ناپسنديگي بابت پڇيو. مون ڪيس ٻڌايو ته ان باري ۾ مون اجا ذهن ناهيو ناهي. مون هن سان ٻين رشتن جي حوالي سان به ڳالهه ٻولهه ڪئي. آخر جي ڏينهن يارهين وڳي هن مون کي پنهنجي گهر گهرايو. مان اتي پهچي ويس.

"فارين نيشنلٽي رکندڙ ڇوڪرين ۾ڪا دلچسپي اٿئي؟" سعيده بيگم پڇيو.

"چو نه! چو نه!!" مون بنا سوچي يڪدم هائو ڪار ڪئي. منهنجو وات پاٽي ٿيڻ لڳو. مجيد واقعي سچ چيو هو ته

تڪڙ نہ ڪجانءِ. سعيده بيگم وٽ وڏيون وڏيون پارٽيون آهن. هن الماري مان ڊير سارا فوٽو ڪڍيا ۽ منهنجي آڏو ٽيبل تي پکيڙي ڇڏيا.هوءَ هڪ هڪ فوٽو ڪڍندي ان جي باري ۾ تفصيل ٻڌائيندي ويئي.

"پر مان انهن ڇوڪرين جي توکي ڪا به ضمانت نہ ڏيندس." سعيده بيگم مون ڏانهن نهاريندي چيو. "ٻاهرين ملڪن ۾ عورتن کي مڪمل آزادي آهي.اهي جيڪڏهن ڪپڙا نہ به پائين تڏهن به انهن کي ڪير نہ چوندو. انهن جي ڪردارن جي حوالي سان مان توکي ڪجهہ به نہ ٿي چئي سگهان."

"پوءِ تہ اها ڳالهہ ئي بيڪار آهي." مون مايوسيءَ جو اظهارڪندي چيو. " مون کي هڪڙي شادي ڪرڻي آهي ۽ اها به اهڙي تهڙي ڪردارجي ملي وڃي تہ سڄي زندگي خراب ٿي ويندي"

"پر صفا انڌير به ناهي." سعيده بيگم مون کي همٿ ڏيندي چيو. "انهن ملڪن ۾ مڪمل آزادي هوندي به ڪافي عورتون اڄ به اتي چادرءِ برقعي ۾ هلن ٿيون." ان ٻابت نہ ڇاڻندي مون "ها" ۾ ڪنڌ ڏوڻيو.

"هن ڇوڪري جي مان توکي گارنٽي ڏئي سگهان ٿي، جي توکي پسند اچي تہ...." سعيده بيگم هڪ فوٽو مون ڏي وڌائيندي چيو.مون فوٽو ۾ ان ڇوڪريءَ کي چتائي ڏنو. شڪل جي گوري چٽي، ٻانهون وڏيون، قد ۾ ڊگهي، وارڪارا ۽ ڊگها،وڏين اکين تي عينڪ چڙهيل، چهرو ڪتابي هئس. هن جي تصويرمان لڳو پئي تہ هوءَ ڪا دانشور قسم جي ڇوڪري هئي.

"هن جو نالو شازيہ آهي" سعيده بيگم تفصيل ٻڌائيندي چيو. "عمر 32 سال اٿس. منهنجي مائٽياڻي آهي. هن کي صرف ٻہ ڀينرون آهن. پر ڪو به ڀاءُ ناهي. پيءُ ڪافي سال اڳ مري چڪو آهي. هڪڙي ڀيڻ لاهور ۾ رهي ٿي ۽ ان جو مڙس موٽرسائيڪل جي اسپيئر پارٽس ۾ڪم ڪري ٿو. ٻي ڀيڻ اپاهج آهي ۽ ماءُ وٽ مانچيسٽر ۾رهي ٿي"

"۽ شازيہ؟" مون پڇيو.

"شازيہ USA۾ رهي ٿي." سعيده بيگم وڏيڪ ٻڌائيندي چيو. " هن کي واشنگٽن DC۾ سٺي نوڪري آهي. هوءَ U k ۾ پيدا ٿي.اتان ڪيميڪل انجنيئرنگ ۾ ڊگري حاصل ڪئي. ان ئي فيلڊ ۾ هن هڪ ڪمپني جوائن ڪئي. هڪ ٻي ڪمپني جي مالڪ ڪيس آفر ڪئي تہ جيڪڏهن هوءَ پيپر انجنيئرنگ ۾ ڊگري حاصل ڪري تہ ڪيس وڏيڪ معاوضو ڏنو ويندو. هن ان ئي ڪمپني جي خرچ تي اها ڊگري حاصل ڪئي ۽ USA۾ ڪيس هڪ سٺي پوسٽ تي رکيو ويو. اتي جاب دوران هن آئي ٽي جي به ڊگري ورتي ۽ اها وڏي عهدي تي فائز ٿي. هن جي پگهار پاڪستاني روپين ۾ پنج يا ڇهہ لک ڪن ٿيندي.هن وٽ UK۽ USAٻنهي ملڪن جا پاسپورٽ آهن."

مون کي شازيہ جي قابليت تي رشڪ اچڻ لڳو. مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ اهڙي اعلي قابليت رکندڙ ڇوڪري مون سان شادي لاءِ حامي ڪيئن پريندي؟ ڪٿي دماغ تہ خراب نہ ٿيو هوندس؟

"شازيہ مون سان شادي ڪرڻ پسند ڪندي؟" مون ڊڄندي ڊڄندي پڇيو.

"ضرور، ضرور" سعيده بيگم وراڻيو."تو ۾ ڪهڙي برائي آهي. ٻہ مهينا اڳ شازيہ جي ماءُ حميده پاڪستان آئي هئي. هن کي شازيہ جي تمام گهڻي فڪر هئي. هن اهو فوٽو مون کي ڏنو هو ۽ چيو هو تہ ڪو شريف ۽ سٺو چوڪرو ملئي تہ ضرورٻڌائجانءِ. ڳالهائڻ ۾ ڇا حرج آهي؟"

سعيده بيگم الماري مان ڊائري ڪڍي. هن حميده جو فون نمبر ڪڍيو ۽ فون تي ڊائل ڪرڻ لڳي.

"هيلو، ڇا حال آهن؟" سعيده بيگم فون تي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"نيڪ آهن، الله جا احسان." ٻي طرف زنانو آواز هو. سعيده بيگم فون تي لائوڊ اسپيڪر جي بٽڻ کي پريس ڪري ڇڏيو هو تہ جيئن اها سڄي گفتگو آئون بہ ٻڌي سگهان.

"حميده، جي ڪو سٺو پڙهيل لکيل چوڪرو هجي، سرڪاري آفيسر هجي، آزاد هجي، شريف هجي تہ ڇا شازيہ شاديءَ لاءِ راضي ٿي ويندين؟"

"اسان کي بس شرافت ڪپي."

پلا مون کان وڌيڪ شريف ڪير هوندو؟

"چوڪرو، انتهائي شريف آهي. عمر 30 سال اٿس. ڳالهائڻ ڇاهين تہ هو منهنجي سامهون ويٺو آهي" حميده ها ڪئي ۽ سعيده بيگم فون مون ڏي وڌايو. "هيلو، اسلام عليڪم." مون ڳالهائڻ شروع ڪيو. جسم ۽ آواز پاڻ ۾ هم آهنگي نہ ڏيکائي رهيا هئا.

"توهان پنهنجي باري ۾ ٻڌايو؟" حميده پڇيو.

"منهنجو نالو گل رياض آهي. عمر 30 سال آهي. گورنمينٽ آفيسر آهيان. بابا ڊاڪٽر جي پيشي سان وابستہ آهي ۽ هاڻي تازو ريٽائر ٿيو آهي. اٺ ڀائر ڀينر آهيون. مون تڪڙوتڪڙو ڳالهائڻ شروع ڪيو. "مان هتي آزاد ۽ اڪيلو رهندو آهيان. والدين سکر ۾ آهن"

"تون سٺي سرڪاري عهدي تي فائز آهين تہ پوءِ تون ٻاهرين ملڪ اچڻ ڇو ٿو پسند ڪرين؟" حميده سوال ڪيو. "دراصل هيءَ ملڪ رهڻ لائق ناهي." مون ملڪ جون برايون ڪرڻ شروع ڪيون، "هتي نہ تعليم آهي، نہ قانون، نہ انصاف، مهنگائي، بيروزگاري، وڌندڙ آبادي ۽ ٻيا انيڪ مسئلا آهن. مان ايندڙ اولاد جي باري ۾ فڪرمند آهيان. هن ملڪ ۾ ايندڙ نسل جو ڪو بہ مستقبل ناهي. هتي تعليم حاصل ڪرڻ جو مقصد ڪجهہ بہ ناهي؟ ملڪ ۾ ايتري ترقي آهي ئي ڪا نہ ۽ گهڻو پڙهيل لکيل ماڻهو پڙهي ڇا ڪندو؟" مون ٻاهر وڃڻ لاءِ پنهنجو منطقي دليل ناهيو. مان تہ ايندڙ نسل جي باري ۾ دليل ڏئي رهيو هئس پر مون کي ڀلي پت خبر هئي تہ اتي ڪهڙو نسل هو؟

"تنهنجي ڳالهہ ۾روزن آهي." حميده منهنجي ڳالهہ کان متاثر ٿيندي چيو، "واقعي ملڪ ۾ ڪيئي مسئلا آهن، قانون، عزت،انصاف ناهي رهيو. پر هاڻي توهان جي پاران ان ڳالهہ کي ڪير اڳتي وڌائيندو؟"

"آنٽي، توهان سان پنهنجي شادي جو ذڪر ڪرڻ مون کي عجيب پيو لڳي،" مون وڏيڪ شرافت جو مظاهرو ڪندي چيو، "اهي ڳالهيون ته وڏا طئي ڪندا آهن. منهنجا والدين سڪر ۾ آهن. جي اوهان چاهيو ته مان توهان کي پنهنجي گهرجا فون نمبر ڏئي ڇڏيان، توهان پاڻهي فون ذريعي ڳالهايو. پر بهتر ٿيندو ته اهو سلسلو سعيده بيگم جي ذريعي في الحال وڌايو وڃي."

"ته پوءِ ٺيڪ آهي، سعيده بيگم کي فون ڏي ته مان ساڻس ڳالهايان." حميده وراڻيو.

مون رسيور سعيده بيگم ڏي وڌايو.

"سعيده، مان چند ڏينهن ۾ توکي جواب ڏيندس.الله نگهبان." اهو چئي حميده فون بند ڪيو.

سعيده بيگم فون جو رسيور رکڻ کان پوءِ پڇيو ته "ڇا سلسلي کي اڳتي وڌائجي؟ مون ها ۾ جواب ڏنو. پي ڏينهن هن مونکي حميده جو e- mailلکرايو ۽ چيو ته مان پنهنجي پوري بايوڊيٽا کي حميده ڏي موڪلي ڇڏيان. مون ان رات ئي حميده کي اي ميل ڪيو ۽ ڪيس لکيو ته هوءمون کي اي ميل ملڻ کان آگاهه ڪري. حميده اي ميل ذريعي منهنجو شڪريو اداڪيو ۽ چند ڏينهن ۾ جواب ڏيڻ جي حامي ڀري.

"هيلو سعيده صاحبه." مون فون تي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"جي، ڳالهايان پئي" سعيده موٽ ڏني، "جي گل رياض صاحب"

"مون حميده کي اي ميل ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن چند ڏينهن ۾ جواب ڏيڻ جو چيو آهي." مون ڳالهايو، "مون سوچيو ته اهو اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان. وڏيڪ ڳالهه ٻولهه توهان پاڻ اڳتي وڌائجو."

"جي، بهتر" سعيده وراڻيو، "پلا، اسمعيٰ جو ڇا ڪيان؟ هن جي پاڻي فون ڪري پڇي رهي آهي"

"بس، ان کي جواب ڏئي ڇڏ" مون وراڻيو، "پر اهڙي نموني جون ان کي محسوس نه ٿئي"

"بس، مان ان کي چوندس ته رياض جو ذهن نه نهيو." سعيده مون کي اعتبار ڀروندي چيو.

"ها،اهو جواب بهتر آهي." مون کي اها ڳالهه پسند آئي.

جمعي نمازکان پوءِ سعيده بيگم مون کي پنهنجي گهر گهرايو. هن حميده جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٻڌائي. حميده کي مان تمام گهڻو پسند آيو هئس.هوءَ چند ڏينهن ۾ USAوڃي رهي هئي، جتي هوءَ ان مسئلي تي شازيه سان ڳالهائيندي. ان کان پوءِ ئي هوءَ ڪو مؤثر جواب ڏيندي.

مون کي خوشي ٿي رهي هئي ته مان حميده کي پسند اچي ويو هئس۽ جيڪڏهن فيصلي جو مڪمل اختيار حميده وٽ آهي پوءِ ته مون کي ٻاهر وڃڻ کان ڪير به روڪي نه ٿو سگهي!

"ان ڳالهه جو فيصلو حميده ڪندي؟!" مون سعيده بيگم کان پڇيو.

"شازيه جي شاديءَ جو فيصلو ته حميده ئي ڪندي." سعيده بيگم ٻڌايو، "چو جو شازيه پنهنجي زندگي جي باري ۾ اختيار ماءُ جي حوالي ڪري چڪي

آهي. شازيہ جي باري ۾ هوءَ جيڪو بہ فيصلو وٺندي، هن کي قبول هوندو. پر ڏيءَ کان پڇڻ اصولن ۽ اسلام جي حوالي سان ضروري بہ آهي".

تقريبن پنڌرنهن ڏينهن کانپوءِ حميده جو فون آيو.

"پٽ، اسلام عليڪم." حميده جو آواز گونجيو، "رياض سان ڳالهائڻو آهي."

"آنٽي، وعليڪم اسلام، مان رياض ڳالهائي رهيو آهيان" مون جواب ڏنو.

"پٽ، مان واشنگٽن مان پئي ڳالهايان"

"جي، آنٽي"

"مون شازيہ ڏيءَ سان غور ويچار ڪيو آ، هتي هاڻي نون ايندڙن لاءِ قانون سخت ٿي ويا آهن. مسلمانن لاءِ تہ ويتر پريشانيون وڌي ويون آهن."

پاڻ اتي وينا آهن، اهو ڪو مسئلو ناهي، " جي مسئلو آ؟هي تہ اهو صرف اسان جهڙن لاءِ، جيڪي هتي وينا آهن!

"آنٽي، مان گورنمينٽ آفيسر آهيان." مون ڪيس قائل ڪندي چيو، "منهنجي لاءِ ڪنهن بہ ملڪ جي ويزا حاصل ڪرڻ پرابلم ناهي. اسان کي تہ هو عزت سان گهرائي ويزا ڏيندا آهن ۽ ٻي ڳالهہ تہ سرڪاري نوڪري ۾ موڪلون آرام سان ملي ويندیون آهن. پنجن سالن تائين بہ آئون موڪلون وٺي ٻاهر وڃي سگهان ٿو".

"ٺيڪ آ پلا، مان شازيہ سان ان مسئلي تي وڌيڪ ڳالهايان ٿي." حميده وراڻيو، "ڪو حل ڪڍون ٿا.پٽ، پر مون کي بہ هفتامهلت ڏيندين؟"

"ڇو نہ! ڇو نہ!!" مون جواب ڏنو، "جيئن اوهان بهتر سمجهو."

"الله حافظ."

"الله حافظ." اهو چئي مون فون کي بند ڪيو.

ان صورتحال کان مون سعيده بيگم کي آگاهہ ڪيو. هن چيو تہ هوءَ خود حميده سان ڳالهائيندي ۽ ان کي قائل ڪندي. چند ڏينهن کانپوءِ سعيده بيگم فون ڪري ٻڌايو تہ حميده هڪ ٻي آپشن تي سوچي رهي هئي. حميده جو خيال هو تہ مون کي USAجي بدران UK۾ گهرايو وڃي. جتي جا قانون آمرڪا جي ڀيٽ ۾ نرم ۽ آسان آهن. اتي نيشنلٽي حاصل ڪرڻ ۾ پرابلم بہ نہ ٿو رهي.

"پر شازيہ تہ USA۾ پئي جاب ڪري؟" مون سوال ڪيو.

"شازيہ دراصل نوڪري ڇڏڻ جو سوچي رهي آهي." سعيده بيگم ٻڌايو، "شازيہ جي سوچ آهي تہ زندگي مختصر آهي. هن ڪافي پئسا ڪمائي ورتا آهن ۽ هاڻ هوءَ UK۾ ڪا جاب ڳولي وٺندي. هوءَ زندگيءَ جو باقي وقت آرام ۽ سڪون سان گهريلو زندگي تي صرف ڪرڻ جو سوچي رهي آهي.".

ان رات مان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيس. مون کي پنهنجي خوش نصيبيءَ تي رشڪ اچي رهيو هيو. هڪ پراڻي دوست کي ساڻ ڪري سمنڊ تي ويس. هڪ هوٽل تي شاهي ڊنر ڪرڻ کانپوءِ اڌ رات مهل گهر ڏانهن ايندي رستي تي بلوچ آئس ڪريم وٺان اسپيشل فالودو کاڌم.

حميده ٻن هفتن جي مهلت گهري هئي. ٻه هفتا هاڻ ٽن هفتن ۾ تبديل ٿي ويا. ڪو به ريسپانس نه ملي رهيو هو. مون کي بيچيني ٿيڻ لڳي. ائين پي لڳو جڻ وقت جا ڪانٽا هڪ هنڌ بيهي رهيا هئا. مان خوابن ۽ تصورن ۾ ڪروڙ پتي بڻجي ويو هئس. مستقبل ۾ ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪندس ۽ بئنڪن ۾ منهنجا ڪروڙ سارا پيسا هوندا! ڊپ ٿيڻ لڳو ته ڪٿي اهي خواب اڌورا نه رهجي وڃن؟ سعيده بيگم به اسلام آباد هلي وئي هئي. هوءَ پهرين تاريخ کان اڳ واپس نه ٿيڻ جو جئي روانو ٿي هئي. پهرين تاريخ ۾ به اڃا اٺ ڏينهن هئا. دل اداس ٿيڻ لڳي. فون کي دير دير تائين تڪيندو رهندو هئس ۽ هر فون جي گهنٽي وڄندي تيزيءَ سان ان طرف ڊوڙندو هئس. آخرڪار تنگ ٿي پيس ۽ حميده کي اي ميل ذريعي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ زور ڀريم. مون کي اي ميل وسيلي حميده جو فورن جواب مليو:

"پٽ، اسلام عليڪم. اميد ته تون خوش ۽ نيڪ ٺاڪ هوندين. مون شازيه ڌيءَ کي تنهنجي باري ۾ گهڻو ئي قائل ڪيو پر هن ان ڊيل کي تسليم نه ڪيو. زندگي وڏي آهي ۽ دعا ٿي ڪريان ته تون زندگيءَ جون سموريون خوشيون هن ڌرتي تي حاصل ڪرين! الله سيني جي لاءِ بهتر ئي سوچي ٿو... في امان الله"

مون کي پوڙهي حميده تي سخت چڙ اچڻ لڳي. هرو ڀرو پنهنجو ۽ ٻين جو وقت پئي ضايع ڪري. شازيه USA۾ اڪيلي ويٺي هئي ۽ پاڻ مفلوج ڌيءَ سان مانچيسٽر ۾ رهندي هئي. ڌيءَ USA۾ ڇا پئي ڪري، ان جي هن کي ڪا به پرواهه نه هئي؟ هوءَ مون سان شادي ڇو ڪندي؟ USA۾ اڪيلائي واري آرامده ۽ عيش واري زندگي ٺڪرائي UK۾ اچي پنهنجي زندگي کي تالو هڻيندين؟ مون کي هاڻي شازيه جي ڪردار تي ئي شڪ ٿيڻ لڳو. حميده به نمبر عورت محسوس ٿيڻ لڳي. ان رات مون کي ننڊ نه آئي.

پهرين تاريخ تي سعيده بيگم پنهنجي آفيس پهچي وئي. هن مون کي تسلي ڏني ته هوءَ شازيه سان خود ڳالهائيندي ۽ اميد ته هوءَ قائل ٿي ويندي. مون وقت جي نزاڪت کي محسوس ڪندي سعيده بيگم کي اهو آپشن به ڏئي ڇڏيو ته جي شازيه USA۾ ٿي ڇڏڻ چاهي ته به بهتر آ. مون کي به سڀني نوڪري آ. اهو اسان ٻنهي جي حق ۾ بهتر رهندو ته ٻئي ڇڻا نوڪرين کي هٿن مان نه وڃايون. اڄ ڪلهه جي دور ۾ نوڪري ملڻ به وڏو پرابلم آهي. اڄ وڃ هلندي رهي ۽ اسان جي اولاد کي بهتر بڻجڻ لاءِ ٻاهرين ملڪ جو آپشن به رهندو. ٻاهرين ملڪ ۾ خاندان سسٽم ته تباهه آهي، پر قانون ۽ تعليم به اهڙا شعبا آهن جن جي ڪري اتي جي ملڪن ۾ هر شخص جو عزت ۽ وقار آهي. ڪو به قانون کان مٿانهون نه آهي ۽ تعليم يافته ماڻهوءَ جي اتي قدر آهي. مون سعيده بيگم کي شازيه جي آڏو اها چوائس ان لاءِ رکي ته جيئن هڪ پيرو شادي ٿي وڃي، باقي پوءِ ڏٺو ويندو!

☆☆☆

سعيده بيگم، حميده جي معرفت، شازيه سان ڳالهايو. شازيه کي اها ڳالهه نه

وٽي. هن جو خيال هو تہ پاڪستان جي پنجن يا ڇهن لکن جي برابر واري نوڪري کي ڇڏي ڏيڻ انتهائي بيوقوفي جو طرز عمل هوندو. پي ڳالهہ تہ USA جي نيشنلٽي حاصل ڪرڻ ۽ اتي پهچي نوڪري ڳولهڻ ماڻي ڏکيو ڪم هو. ٽين ڳالهہ تہ مان اهڙي سني نوڪري ڇو پيو ڇڏيان؟ هن کي مون واري آخري آپشن ۾ دلچسپي نہ هئي. هن اتي ئي هڪ پاڪستاني هم عمر ڳولي ورتو هو. ان ڇوڪري جا والدين ڪراچي ۾ هئا. هن سعيده بيگم تي زور وڌو تہ انهن سان هوءَ سندس باري ۾ ڳالهائي. سعيده بيگم کي هن ائڊريس ڏني. شازيہ مون تي اهو تورو ڪيو تہ ان پاڪستاني ڇوڪري جي پيڻ واسطي سعيده بيگم تي بار وڌو.

سعيده بيگم شازيہ ۽ منهنجي لاءِ ان فئملي سان ڳالهايو. ڇوڪرو شازيہ سان شادي ڪرڻ لاءِ راضي هو ۽ هن سعيده بيگم کان شازيہ جي ائڊريس گهري. هن شازيہ سان ملاقات ڪرڻ جي حامي ڀري.ان ڇوڪري جي پيڻ لاءِ انهيءَ فئمليءَ چند ڏينهن ملاقات لاءِ مهلت گهري. اها ڇوڪري UK ۾ پڙهندي هئي ۽ اتان ئي يونيورسٽي مان اسڪالرشپ تي USA پڙهڻ لاءِ رانو ٿي رهي هئي. مون کي شازيہ لاءِ سافٽ ڪارنر پيدا ٿيو تہ هوءَ خود غرض نہ هئي. هن جي سوچ وسيع هئي. هن پاڻ سان گڏ منهنجي لاءِ بہ ٻاهر جو رستو هموار ڪري ورتو هو. ڳالهہ جو لب لباب اهو تہ شازيہ جو باب منهنجي لاءِ ختم ٿي ويو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ ڏينهن مون کي بري خبر ملي. ان ڇوڪري شازيہ کي ناپسند ڪري ڇڏيو. ان جا ڪهڙا سبب هئا. مون کي خبر نہ هئي. منهنجا ستارا بہ گردش ۾ آچي ويا. اها فئملي مون سان ملڻ لاءِ تہ راضي هئي پر شازيہ کي جواب ڏيڻ کانپوءِ انهن ۾ همت نہ هئي تہ هو سعيده بيگم سان وڏيڪ ڪنهن ٻي مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ وڌائين!

☆☆☆

مان ڪيترائي ڏينهن اداس رهيس. ڪنهن بہ ڪم ۾ دلچسپي پيدا نہ ٿي رهي هئي.سعيده بيگم ڏي بہ وڃڻ ڇڏي ڏنم. شادي جي موضوع کان ئي چڙ ٿي پئي. گهر وارن رشتو ڳوليوهو. انهن کي بہ انڪار ڪري ڇڏيم. آفيس جي ڪم ڪار ۾ بہ بيزاري ٿيڻ لڳي. موڪلون وٺڻ جو خيال ڪيم ۽ سوات وادين طرف ڇڪر هڻڻ هليو ويس.ذهن هاڻي بدلجي ويو هو. طبيعت تي بہ خوشگوار احساس ٿيو. موڪلون ختم ڪري هڪ ڏينهن آفيس ۾ ويٺو هئس تہ خيال آيو تہ سعيده بيگم کي فون ڪري اسمعيٰ جي باري ۾پڇان. هوءَ مون کي ياد اچڻ لڳي.

"هيلو. اسلام عليڪم." مون فون تي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"وعليڪم اسلام. رياض. ڪهڙا حال آهن؟ ڪيئن ياد آئي؟" سعيده بيگم منهنجو آواز سڃاڻندي وراڻيو.

"الله جا شڪر آهن. سوچيم تہ توهان کي ياد ڪجي" مون ڳالهہ کي وڌائيندي چيو.

"اسمعيٰ جي باري ۾ پڇڻو آهي؟"

"اسمعيٰ وري ڪيئن ياد اچي وئي؟"

"بس ياد اچي وئي. اسمعيٰ سني

چوڪري آهي. ان سان ڳالهائڻو آهي."

"چڱو، آئون توکي هن جو نمبر ڏيان ٿي. تون پاڻ اسمعيٰ سان ڳالهائي وٺ"

"پرهوءَ مون سان ڳالهائڻ پسند ڪندي؟" مون پڇيو، "ڪٿي بدتميزي سان ته ڳالهائڻ شروع نه ڪندي؟ گهٽ وڌ نه ڳالهائي، اهو ڊپ اٿم."

"پوءِ ڇا ڪجي؟"

"پهرين توهان هن سان ڳالهايو." مون منٿ ڪندي ڪيس چيو، "ٻئ ڪيس ڇوٽ ته توهان مون کي هن سان ڳالهائڻ لاءِ زور ڀريو آهي ٻئ هوءَ مون سان ڳالهائي."

سعيده بيگم ها ڪئي ٻئ ٿوري دير کان پوءِ فون ڪري ٻڌايو ته اسمعيٰ چوي ٿي ته مان ڪيس فون ڪريان. هن مون کي اسمعيٰ جو موبائل نمبر لکرايو.

"اسمعيٰ سان ڳالهائڻو آهي." مون ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"جي مان ڳالهايان پئي. سعيده بيگم اوهان جي باري ۾ ٻڌايو." اسمعيٰ جو لهجو ڪڙڪ هو.

"اوهان سان شاديءَ جي باري ۾ ڳالهائڻو آهي؟"

"مان ان موضوع تي ڳالهائڻ نه ٿي چاهيان. توهان ته مون کي اڳ ۾ ڊراپ ڪري ڇڏيو هو؟"

"مون اوهان کي ڊراپ نه ڪيو هو." مون ڪيس قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، "پر مون حقيقت ۾ رستو تبديل ڪيو هو. ڏس، هن ملڪ ۾ ايندڙ نسل جو ڇا مستقبل آهي."

"پوءِ هاڻي توهان مون کان ڇا ٿا چاهيو؟" اسمعيٰ جو لهجو اجا به سخت هو، "ته پوءِ تون ڪا فارين نيشنلٽي ڇوڪري تلاش ڪر!"

"مون کي هاڻي فارين ڇوڪري نه ڪپي؟"

"توکي اهو احساس هاڻي ڪيئن ٿيو؟"

"مون کي هاڻي ٻاهرين ملڪ جي ڇوڪري نه ڪپي." مون وراڻيو، "مون سوچيو هو ته مان ايندڙ نسلن جي باري ۾ سوچان ٻئ ڪنهن ٻاهر ملڪ جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪريان پر سياڻي ڪنهن ڏٺو آهي؟ مستقبل جي ڪنهن کي ڪهڙي خبر؟ ايندڙ نسلن جي جنگ ته پري جي ڳالهه پهرين پنهنجي جنگ وڙهجي. ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستانين ٻئ مسلمانن جي عزت ڪٿي آهي؟ اهي ته ٻي درجي جا شهري سڏبا آهن. اتي پاڪستاني گريجوئيٽ چپراسي جي نوڪري ڪرڻ پسند ڪندا آهن. ڇو ته پوءِ ان کي پاڪستاني روپين ۾ ضرب ڪندا آهن. پر ڇا هو هتي ٽن هزارن ۾ چپڙاسي جي نوڪري ڪندا؟ صرف مجبوري ۾، پر غيرملڪ ۾ هو ٽن هزار پائونڊن ۾ اهي نوڪريون خوشيءَ سان ڪندا آهن.... مان صرف توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو.... مان توکان پنهنجي باري ۾ پڇڻ چاهيان ٿو ته تنهنجي مون بابت ڇا راءِ آهي؟ تنهنجي به آخرڪا چوائس ته هوندي؟ ڪي سوچون هونديون؟"

"تون سٺو ڇوڪرو آهين." اسمعيٰ وراڻيو پر لهجي ۾ اجا به تلخي هئي، "مان توکي هفتي ۾ ٻڌائي ڇڏيندس. ٿي سگهي ٿو مان ٽن چئن ڏينهن ۾ ئي نتيجي تي

پهچي وڃان." هن موبائل بند ڪري ڇڏيو.

مون يڪدم سعيده بيگم کي فون ڪيو.

"منهنجي اسمعيٰ سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي." مون ڪيس ٻڌايو، "هن هفتي ۾ جواب ڏيڻ جو چيو آهي. مون کي محسوس ٿئي ٿو ته هن کي مون سان ڪا شڪايت آهي؟"

"تنهنجي ڳالهه صحيح آهي." سعيده بيگم ورندي ڏني، "هن کي توسان شڪايت آهي. توکي هن سان پهرين ملاقات ياد آ؟ توسان ملڻ کانپوءِ مان هن کي ٻي ڪمري ۾ وٺي وئي هئس. هن مون کي اصرار ڪيو ته هوءَ توسان ئي شادي ڪندين. ان کان پوءِ هوءَ روز مون کي فون ڪري تنهنجي باري ۾ پڇندي هئي."

منهنجي چهري تي سنجيدگي طاري ٿيڻ لڳي.

"هوءَ توسان ٻي انتها محبت ڪري ٿي." سعيده بيگم اسمعيٰ جي ذاتي زندگي جا ورق کولڻ لڳي، "هن پنهنجو پاڻ کي هميشه بدنصيب سمجهيو آهي. ننڍي ئي عمر ۾ هن جا والدين فوت ٿي ويا.هن کي ماءُ پيءُ جو پيار نصيب نه ٿيو. وڏي پيڻ شادي ڪري پنهنجي گهر هلي وئي. وڏو ڀاءُ پريشانين ۾ ڪٽنيدا نڪري ويو ۽ وري موٽي نه آيو. ٻيو ننڍو ڀاءُ پنهنجي زال جو غلام آهي ۽ سندس زال هن تي ظلم ڪندي رهي ٿي. هن شروع کان ئي جاب ڪري پنهنجي گذر سفر جو ذريعو ڳولي ورتو. گهر کان ٻچڻ لاءِ هوءَ آفيس ۾ گهڻو وقت صرف ڪندي آهي. هن کي سهاري جي تلاش آهي.

مون کي پنهنجي ماءُ جي برابر سمجهندي آهي. مون سان پنهنجي گهر جا ڏک سور ڪري فون تي روئندي رهي آهي. توسان ملڻ کان پوءِ هن کي نه ڄاڻ ڇو يقين ٿيو ته هن کي جنهن سهاري جي تلاش هئي، اهو انکي ملي ويو. مون توتي زور نه پريو. هوءَ ان ڏينهن منهنجي گهر اچي اوچنگارون ڏئي ڏاڍو رڙي هئي، جنهن ڏينهن تو هن جي باري ۾ جواب ڏنو هو... ان کان پوءِ مون هڪ فئملي کي هن سان ملايو،جنهن ها نه ڪئي. هڪ ٻي فئملي ملايم، ڇوڪرو انجنيئر هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، ان جي ماءُ اهو چئي جواب ڏنو ته ٻنهي جون عمرون هڪ جيتريون آهن ۽ ڇوڪريءَ جي عمر گهٽ هجڻ گهرجي. هوءَ بس بدنصيب ئي رهي آهي!"

مون کي اسمعيٰ ۾ دلچسپي پيدا ٿي. هن لاءِ همدردي جنم وٺڻ لڳي. هاڻي ڇا به ٿي پوي مان هن کانسواءِ ٻي ڪنهن به ڇوڪريءَ سان شادي نه ڪندس!

"تون اسمعيٰ سان ڳالهاءِ." مون سعيده بيگم کي چيو، "مان هن سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو. مان هن جي باري ۾ سنجيده آهيان. تون ڪيس صاف صاف ٻڌائي ڇڏ."

"ٺيڪ آ، مان اسمعيٰ سان ڳالهايان ٿي." سعيده بيگم خوش ٿيندي چيو، "مان توهان ٻنهي جي جلد هڪ ٻي ملاقات ڪرايان ٿي."

مون کي پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. مون اسمعيٰ جو ڪيڏو نه دل ڏکويو هو؟ هن مون سان دل ئي دل ۾ محبت

ڪئي پر مان ٻي رستي تي نڪري ويس.مون سوچيو تہ مان نہ رڳو هن کي پنهنجو ڪندس پر ڪيس زندگيءَ جون سڀ سهولتون ۽ محبتون بہ مهيا ڪندس. مون ان ئي ڏينهن سوناري وٽ وڃي جوئيلري جو آرڊر ڏئي ڇڏيو. سوني لاڪيٽ تي اسمعيٰ سان گڏ پنهنجو نالو لکرائڻ لاءِ چئي ڇڏيم.

سعيده بيگم اسمعيٰ کان ملاقات لاءِ وقت گهريو. اسمعيٰ شام جو ستين وڳي اچڻ جو چيو. مان بہ تيار ٿي، سعيده بيگم جي گهر پهچي ويس. اسمعيٰ اڃا نہ پهتي هئي ۽ مان سعيده بيگم سان مختلف موضوعن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيو هئس. نيٺ اهي گهڙيون بہ آيون جو اسمعيٰ اچي پهتي.

"اسلام عليڪم." اسمعيٰ مونکي سلام ڪيو ۽ صوفي تي ويهي رهي. هن جي چهري تي ڪي بہ تاثرات نہ هئا. سعيده بيگم، مان ۽اسمعيٰ ڪجهہ ساعتون خاموش رهياسين.

"مان جلد ئي آئي آهيان." اسمعيٰ خاموشي کي ٽوڙيندي چيو. "چو جو توهان کي تائيم ڏنو هئم. مان ٿوري دير ويهندس ۽ پوءِ هلي ويندس."

"مان رياض سان شادي نہ ٿي ڪري سگهان." اسمعيٰ پنهنجو فيصلو ٻڌايو. مون کي ۽ سعيده بيگم کي ان ڳالهہ تي حيرت ٿي ۽ ڪيس تڪڻ لڳاسين.

"چو؟! ڇا ڳالهہ آهي؟!" سعيده بيگم اسمعيٰ کان پڇيو.

"ڳالهہ دراصل هيءَ آهي تہ ..." اسمعيٰ ڏک مان ڳالهائڻ لڳي، "منهنجي خاندان وارن منهنجي شادي طئي ڪري ڇڏي آهي. هفتي کان پوءِ نڪاح آهي."

سعيده بيگم جي چهري تي سنجيدگي نمودار ٿي. مون کي بہ چپ لڳي وئي.

"مون گهڻي ڪوشش ڪئي تہ مان پنهنجو فيصلو واپس وٺان پر هاڻي ڳالهہ منهنجي هٿن مان نڪري وئي آهي. مان ڪمزور ڇوڪري آهيان ۽ خاندان جي فيصلن کي رد نہ ٿي ڪري سگهان. رياض مون سان ملڻ ۾ دير ڪئي."

"تنهنجي شادي ڪنهن سان پئي

شيطان جو واپار

سيدنا حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڏٺو تہ شيطان چئن گڏهن تي واپار جو سامان کڻي وڃي رهيو آهي، پاڻ شيطان کان پڇيائون تہ، "اي مردار،ڇا کڻي پيو وڃي؟" شيطان چيو،"هي مال تجارت آهي،هڪ گڏهہ تي ظلم، ٻي تي خيانت،ٽي تي ڏوڪو ۽ چوٿين تي حسد کڻي وڃان پيو." پيغمبر خدا پڇيو تہ،"انهيءَ مال جو خريدار ڪير آهي؟"

تہ شيطان چيس، "ظلم حڪمرانن ۽ بادشاهن جي ڪم جي شي آهي، اهي خريد ڪندا. خيانت واپارين کي وڪڻندس. ڏوڪو عورتن جو پسنديده مال آهي ۽ حسد جي وري علمائن ۾ وڏي گهر آهي. منهنجي سموري سامان جا گراهڪ موجود آهن."

تئي؟" سعيده بيگم پڇيو.

"هو پرائيويٽ جاب ڪندو آهي."

اسمعيٰ وراڻيو. "هن جي عمر 45 سال آهي.پهرين زال فوت ٿي وئي آهي. جنهن مان ڪيس ٿي ٻار آهن."

"تون شادي شده ماڻهوءَ سان شادي پئي ڪرين؟!" سعيده بيگم پڇيو. اسمعيٰ ڳوڙهن کي لڪائي نه سگهي.

"منهنجي قسمت ئي خراب آهي."

اسمعيٰ وراڻيو. "مون کي خبر آهي ته رياض هن کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي."

"تنهنجي قسمت خراب ناهي،دماغ خراب آهي جو اهو فيصلو ڪيو اٿئي!" سعيده بيگم ڪيس ڪاوڙ مان چيو.

"ائين ئي سمجهه!" اسمعيٰ ڳالهايو." پر مان هاڻي واپس نه ٿي وڃي سگهان. مان ڪجهه وقت لاءِ رياض جي واسطي سوچڻ تي مجبور ٿي وئي هئس پر منهنجي قسمت ۾ هيءُ ناهي. ان ڳالهه جو مون کي شديد احساس آهي ته رياض جهڙو شخص مون کي نه ملي سگهندو. پر هاڻ هُن کي ڇا چوان ته تو کان بهترين شخص رياض جي صورت ۾ مون کي ملي ويو ۽ توکي هاڻي نڪرايان ٿي؟ مون ۾ ايتري جرئت ناهي ۽ مان خود غرض ناهيان جوهن کي هڻي وقت تي نڪرائي ڇڏيان. منهنجي اها فطرت ناهي."

هوءَ مون ڏي ڏسي مون کي ڇڻ طعنو ڏئي رهي هئي ته پهرين مون هن کي ڊراپ ڪري ڇڏيو هو! مون کي بابا جي ڳالهه ياد آئي ته پهرين سواري وڃائڻ کان پوءِ بي سواري ڏاڍي مشڪل سان ملندي آهي.

"پر تو پنهنجي زندگي ۽ مستقبل بابت سوچيو آهي؟ سعيده بيگم ڪانئس پڇيو.

"هتي ته پل جي خبر ناهي، ايندڙ وقت ڪنهن ڏٺوآهي." اسمعيٰ ورندي ڏني." ڪهڙي خبر ٻاهر نڪران ۽ رستي تي ڊهي پوان؟"

"پر اهو پوڙهو تو کان وڌيڪ پنهنجن ٻارن تي ڌيان ڏيندو. هو توکي اوتري محبت ته نه ڏيندو جيتري محبت توکي غير شادي شده شخص ڏئي سگهي ٿو." سعيده بيگم ڪيس ڏسندي سوال ڪيو.

"ڇا به هجي، هن کي منهنجي ضرورت آهي" اسمعيٰ پنهنجي فيصلي تي اٽل رهندي اٿندي چيو. "مان ها ڪري چڪي آهيان ۽ واپس وڃڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي."

اهو چئي اسمعيٰ اٿي ڪڙي ٿي. اسمعيٰ وڃڻ مهل پنهنجي اکين ۾ ترندڙ ڳوڙهن کي ڳلن تان ڪرڻ کان روڪي نه سگهي. هن روئندي روئندي وڃڻ مهل مون کي "الله حافظ." چيو. هن جي وڃڻ کانپوءِ سعيده بيگم دربند ڪري واپس صوفي تي اچي ويٺي. مان خاموشي سان ڪمري کي تڪڻ لڳس. ڳوڙها منهنجي اکين مان وهڻ لڳا. فون جي گهنٽي مسلسل وڄڻ لڳي. پر سعيده بيگم نه ڄاڻ ڪهڙين سوچن ۾ گم ٿي وئي هئي!

☆☆☆

"ڪنڊي"

سومرو سرمد

مشهور چوٽي آهي تہ" انصاف ۾ دير ڪرڻ خود ناانصافي آهي" اسان جي ملڪ جو عدالتي سسٽم نهايت آهستي آهي، جنهن ڪري ڪورٽن ۾ ايندڙ ڪيسن کي اڪلائيندي نسل گذريو وڃن. انصاف جي موضوع تي لکيل سوچڻ لاءِ مجبور ڪندڙ ڪهاڻي.

"اسلام عليڪم،وڪيل صاحب."

"وعليڪم السلام،انور علي ڇا حال آهي؟ خوش آهيو؟ بيٺا ڇو آهيو ويهو نہ!؟"

"توهان جون دعائون آهن.وڪيل صاحب." انور علي وڪيل سامهون ڪرسي تي ويهندي چيو. وڪيل صاحب جي آفيس ۾ اي سي هلي رهيو هو.

"انور علي ڏيو حال احوال. گرمي ۾ خير سان آيا آهيو؟" وڪيل صاحب نڪ تي عينڪ ٺاهيندي پڇيو

"سائين ڪلهہ صابر حسين بہ ٽي چڱا مڙس وٺي آيو هو. چيائين پئي تہ پئسا وٺو يا ڏيو. اجان ڪيترو ڪيس کي هلائيندو؟ اڌ صدي تہ ٿي وئي آهي."

"پوءِ تو ڇا چيو؟" وڪيل صاحب ڏڙڪندڙ دل سان انور علي کان پڇيو.

"مون چيو تہ وڪيل صاحب سان صلاح ڪري پوءِ توهان کي جواب ڏيندس."

وڪيل صاحب اطمينان جو ساهہ کڻندي چيو."چڱو ڪيئي انور علي جو تڪڙو فيصلو نہ ڪيئہ. مان جج صاحب سان ڳالهايو آهي. ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. ڪلاڪ کن غور سان ويهي،منهنجي ڳالهہ ٻڌائين ۽ سمجهائين ۽ آخر ۾ چيائين تہ ٻن ٽن حاضرين دوران توهان جو ڪيس حل ڪري ڇڏيندس.بس رڳو منهنجي هڪڙي "ننڍڙي دعوت" ضرور ڪجو."

"حاضر سائين ڪوڙ دعوتون،توهان رڳو حڪم ڪيو." انور علي ڪنهن ڪنول جيان ٽڙي پيو.

"انور علي متان پوءِ وري مون کي وسارين؟" وڪيل صاحب کي پنهنجي لڳي.

"نہ سائين اهو ڪيئن ٿيندو؟ اڳ ۾ توهان پوءِ ٻيا."

"پوءِ هئين ڪجان.جنهن ڏينهن ڪيس حل ٿئي،ان ڏينهن مون کي ڪا سني ڪنڊي وٺي ڏجان."

وڪيل صاحب جي دل جي ڳالهہ زبان تي اچي وئي. ٻہ ڏينهن اڳ جڏهن سندس وڪيل دوست ارشد پنهنجي مؤڪل کي ضمانت تي آزاد ڪرايو هو تہ سندس وراثن کيس هڪ وڏي خوبصورت ڪنڊي پارائي هئي. ڪنڊي پائي سندس دوست آسمان تي اڏاميو پئي.

ان ڏينهن ٻين وڪلين جيان وڪيل صاحب جي دل ٻہ سڙي خاڪ ٿي وئي ۽ وڪيل صاخب من ۾ پڪو پهہ ڪيو تہ هڪ ڏينهن هو ٻہ سيني وڪيلن جي سامهون اهڙي خوبصورت ڪنڊي پائيندو.

"ان ڏينهن ڇو سائين؟ مان اڄ ئي هڪ سني ۽ وڏي ڪنڊي وٺي،توهان لئہ رکي ٿو ڇڏيان. جڏهن ڪيس حل ٿيندو تہ توهان کي پارائيندس."

وڪيل صاحب جون اکيون چمڪڻ لڳيون. اوچتو وڪيل صاحب جي پرسان رکيل فون وڄڻ لڳي. "ها! ڪير آهي؟ موڪلينس." وڪيل صاحب ٻي طرف کان ڳالهائي فون رکي تہ انور علي ڪرسي تان اٿي بيٺو.

"سائين پوءِ موڪلائي ناهي، حاضري جي ڏينهن ملنداسين."

"ٺيڪ آ، انور علي جيئن تنهنجي مرضي،منهنجي ڳالهہ ياد رکجان."

"ها سائين ياد آهي." انور علي وڪيل صاحب سان هٿ ملائي موڪلائي سندس آفيس کان ٻاهر نڪري آيو.

انور علي جڏهن گهر پهتو تہ انگريزي اخبار ۾ ويڙهيل هڪ وڏي خوبصورت ڪنڊي سندس ڪابي هٿ ۾ هئي. ڪٿ تي پاڻ اچلائڻ سان ڪٿ مان چيڪاٽ نڪري ويا.نور خاتون ڪولر مان ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس ڀري کيس ڏيندي پڇيو ،"ملي آئين وڪيل سان، ڇا چيائين؟ هي اخبار ۾ ڇا آندو اٿئي؟"

پاڻي جا ٻہ گلاس پيئڻ کان پوءِ انور علي نور خاتون کي وڪيل صاحب سان ٿيل ملاقات جو سڄو قصو ٻڌايو.

نور خاتون دعا انداز ۾ ٻئي هٿ مٿي کڻندي چيو ،"رب ڪري تہ شال ان نپاڳي کيس مان جند ڇٽي،اڌ صدي کان مٿي وقت گذري ويو آهي پر اهو کيس ختم ئي نہ ٿو ٿئي،ورهاڱي کانپوءِ اسان جي نالي پيل جڳهہ تي مهاجرن جو ٿيل قبضي وارو کيس اجان هلي پيو. تنهنجو ڏاڏو ان کيس پويان ويو،منهنجو سهرو ڪورٽ جي حاضريون ڀريندي ڀريندي وڃي رب جي حاضري ڀري ۽ هاڻي تنهنجو وارو آهي.تنهنجي ڪارن وارن مان ٻہ اڌ مٿو اڇو ٿي ويو آهي.مون کي ڊپ ٿو ٿي تہ هي قصو ڪٿي منهنجي ٻچڙن جي ڳچي ۾ نہ پوي. ڏيءَ ٻہ اچي جوان ٿي آهي،ان جو ٻہ ٻلو ڪرڻو آهي. ڪيئن ٿيندو ان جي ڏاج جو بندوبست. مان تہ چوان ٿي پئسا وٺي کيس خارج ڪرائي ڇڏ. انهي ۾ سيني جو ڀلو آهي. ڪهڙو هن ملڪ ۾ ڪنهن کي

انصاف مليو آهي."

"صفا ڪا چري آهين! پنهنجي وڏڙن جي ملڪيت ائين ڇڏي ڏيان. ماڻهو ڇا چوندا ته انور علي ڀاڙيو هو،جو پنهنجي وڏڙن جي لح نه رکي سگهيو. سڀ اصلي ڪاغذ،پٽ اسان وٽ آهن. انهن جو سڀ ڪم جعلي آهي. تڏهن ته اسان کي پئسا ڏيئي جان ڇڏائڻ تا گهرن. اڄ ڪلهه هن جڳهه جي مارڪيٽ ۾ قيمت ڏهه لکن کان مٿي آهي. مان ٽي چار لک وٺي اجايو پنهنجو نقصان ڪيان. هاڻي جڏهن وڪيل صاحب به چيو آهي ته هن ٽن حاضرين کان پوءِ ڪيس حل ٿي ويندو. تون چريائپ واريون ڳالهيون ٿي ڪرين." انور عليءَ نور خاتون کي سمجهائيندي چيو.

"رب ڪري ته شل ائين ٿئي نه ته هاڻي مون کان برداشت نه ٿو ٿئي."

"چڱو هاڻي مون کي ڪجهه دير آرام ڪرڻ ڏي." انور علي کٽ جي سيراندي کان ويهاڻو درست ڪندي چيو. نور خاتون پاڻ سان ڳالهائيندي ڪمري کان نڪري وئي.

سومر جو ڏينهن هجڻ ڪري ڪورٽ ٻاهران رش هئي. ڪورٽ جو باغ جنهن ۾ نالي ماتر ڇپر هئي قيدين ۽ ٻين ڪيسن جي حاضرين تي آيل ماڻهن سان ڀريل هو. انور علي ڪورٽ جي گيٽ وٽ بيٺل هو.سندس ڪابي هٿ ۾ وڏي ڪليءَ ۾ وڪيل صاحب جي لئه ڪنڊي هئي. جج صاحب پنهنجي انصاف واري ڪرسي سنڀالي ويٺو هو. حاضرين شروع ٿي ويون هيون، مگر وڪيل صاحب اجان تائين نه آيو هو. انور علي جي چهري تي پريشانيءَ جون ريکائون هيون، گرمي ۽ انتظار سبب سندس چهري تي پگهر جا ڦڙا پئي چمڪيا.

چئن حاضرين کان پوءِ ڪورٽ جي گيٽ مان وڪيل صاحب جي ڪار داخل ٿيندي ڏسي، انورعلي جي نيٽن ۾ اميدن جا ڏيئاٻري پيا.

وڪيل صاحب جي ڊرائيور ڪار پارڪنگ ايريا ۾ بيهاري،وڪيل صاحب ۽ سندس ڀاءُ، جيڪو پڻ وڪيل ٿيڻ وارو هو، هٿن ۾ فائل سنڀالينداڪار مان هيٺ لٿا. انور علي سلام ڪري ٻنهي سان هٿ ملايو. انور علي جي هٿ ۾ ڪنڊي ڏسي وڪيل صاحب جي چپن تي مرڪ اچي وئي. خير خيريت جي احوالن کانپوءِ وڪيل صاحب پنهنجي ڀاءُ سان گڏ ڪورٽ ۾ هليو ويو. انور علي ڪورٽ ٻاهران حاضري جو انتظار ڪرڻ لڳو. هن آس پاس نظرون ڦيرائي ڏٺو، مگر ڪيس صابر حسين يا سندس وڪيل مان ڪو نظر نه آيو. وقت جو پنڇي ٽڪل ٽڪل هلڻ لڳو. نيٺ ڪلاڪ مني ڪن انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ انورعلي جي حاضري لڳي. ٻي ڏر جي ڪنهن به ماڻهو يا وڪيل نه هجڻ ڪري جج صاحب اڳلي مهيني حاضري جي تاريخ ڏني. ڪورٽ کان نڪرڻ کانپوءِ وڪيل صاحب انورعلي کي مايوس ڏسي دلاسو ڏيڻ لڳو، "انور علي مايوس نه ٿي، مٿئين مهيني جي تاريخ تي جج صاحب اسان جي حق ۾ فيصلو ڪندو."

"پر سائين جي مٿين پيري به جي هو نه آيا ته وري به تاريخ ئي ملندي نه."

"مٿئين مهيني ائين نه ٿيندو،چڱو

هاٿي اسان کي خرچي ڪراءُ تہ اسان هلون."

انور علي بہ سو روپيا وڪيل صاحب کي ڏنا.تورڙي دير جي وٽ وٺان کان پوءِ وڪيل صاحب پنهنجي پاءُ ۽ ڊرائيور کي بہ سو پنجاهہ جي خرچي ڪرائي هليو ويو.

اداس ۽ مايوس انورعلي پنڌ شهر جا تتل رستا لتاڙيندو اچي گهر پهتو. نور خاتون سندس حالت ڏسي سمجهي ويئي تہ وري ٻي حاضري. هڪ ٻيو مهيني جو سفر. يا شايد اڌ صدي ٻيو انتظار.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ انور علي جي ڪنن تي خبر پهتي تہ جج صاحب جي بدلي ٿي وئي آهي.هو ڊوڙندو وڪيل صاحب جي آفيس پهتو.ڪجهہ دير ڪانپوءِ جڏهن انور علي وڪيل صاحب سان مليو تہ سڄو اچو هو. موجوده عمر کان ڏهہ.ٻارنهن سال وڏو پئي لڳو.وار وڪريل.ڪپڙا پگهر ۾ شل. چهرو سوڄ سمجهہ کان خالي. ڇڻ رڻ. وڪيل صاحب انور علي جي.حالت ڏسي سندس لاءِ بوتل گهرائي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ انور علي جڏهن سامت ۾ آيو تہ وڪيل صاحب کي چيائين. "سائين هاڻي ڪيئن ٿيندو؟ اسان جو ڪيس جتان ڪان شروع ٿيو هو. وري اتي اچي بيٺو آهي."

"انور علي تنهنجي ڳالهہ درست آهي.پر تون پريشان نہ ٿي. سڄو ڪيس پنهنجي هٿ ۾ آهي. بس رڳو ڪجهہ وقت انتظار ڪرڻو پوندو."

"پر سائين اجان ڪيترو انتظار ڪندس. اڌ صدي کان مٿي عرصو گذري ويو آهي. اجان ڪيستائين انتظار."

"انور علي مان چا ٿو ڪري سگهان.منهنجي وس ۾ ڪجهہ بہ ناهي."

"سائين ڀلا نئون جج ڪيئن آهي؟ اسان جو خيال ڪندو يا نہ؟" انور علي نئي

ٻهراڙيءَ جي ڪنواري نينگر ۽ سندس چاڏي

هڪڙي ٻهراڙيءَ جي ڪنواري نينگر ڪير جي چاڏي مٿي تي ڪنيو ٿي ويئي. سا پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳي تہ "آئون هن ڪير جي وڪري منجهان ايترا پيسا ميڙيندس. جو مان ٿي سو ڪڪڙن جا گڏ ڪنديس. پوءِ وري جڏهين ڪڪڙن جي مهانگائي ڏسندس. تڏهن وڪٽي ڇڏيندس ۽ ٻئي ورهيہ تائين ايترا پيسا گڏ ڪنديس. جن.مان هڪڙو چڱو خاصو وڳو ٺهي پوندو. پوءِ جي سائو وڳو وٽيم تہ اهو جوڙائيندس. ۽ اهو وڳو ڊڪي ميڙي ۾ ويندس. تڏهن سيبئي جوان اچي پاڻ ۾ وڙهندا. هو چوندو "آئون پرڻيان." هو چوندو "آئون پرڻيان." پر آئون ڪنهن کي ڪين قبوليندس ۽ ڦٽ سان ڪنڌ لوڏي منهن موڙيندس!" انهيءَ پور ۾ سرهي ٿي پاڻ پلي نہ سگهي. چي. دل سان جو پهہ پچايم. تنهن کي مٿي سان بہ پورو ڪريان." اجا جهڙو مٿي کي وڏو ڏنائي. تهڙو چاڏي ڪري وجي پري پئيس ۽ پلڪ جو پلڪ ۾ اهي دل جون خوشيون ٻشيون سڀ نڪري وئيس!

نصيحت: ڪوڙا پهہ پچائڻ. اجايو وقت وجائڻ آهي. ٺاهي اهڙا آهن. جهڙو پاڻيءَ تي چٽ ۽ آنهن منجهان نيٺ ڪي ڪين تو ٿئي. جيئن هن نينگر جو حال ٿيو. "آخر ڪوڙ جو مٽلو ڪوڙ."

جج جي ذات جي اميد ۾ هٿ وڌا.

"نئون آهي ۽ ٻڌون تا تہ ڏاڍو روزي نماز جو پابند ۽ سخت ماڻهو آهي. ڪيس ڪجهہ چوڻ ڪڙ ۾ ڪڙيو هٿڻ ٿيندو."

"پوءِ، سائين هاڻي جيئن توهان چوءُ." انور علي جي آواز ۾ صدين جي پيڙاهہ هئي.

"انور علي مان تہ چوندس باقي ايترو صبر ڪيو اٿئي،اتي ڪجهہ ٻيو صبر بہ ڪر. صبر جو ڦل مٺو ٿيندو آهي."

وڪيل صاحب کان موڪلائي انو رعلي جڏهن ٻاهر روڊ تي پهتو تہ سندس سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ پئي آيو، هو پيدل هلڻ لڳو،سندس ذهن ۾ مختلف آوازن جي جنگ هلڻ لڳي.

"مون جج سان ڳالهايو آهي... بس رڳو سندس هڪ دعوت... بس هاڻي رڳو بہ ٿي حاضريون..... منهنجي لئہ هڪ سٺي ڪنڊي... تنهنجو ڏاڏو، پيءُ، تاريخون.... حاضريون ... اڌ صدي... گذري وئي پوءِ بہ ڪيس ختم نٿو ٿئي... ڪٿي اسان جي ٻچڙن جي ڳچي ۾ نہ پوي... نئون جج ڏاڍو سخت آهي.. انتظار ڪرڻو پوندو... صبر ڪر ..... صبر جو ڦل مٺو آهي... انتظار ... انتظار... انتظار... صبر... صبر... صبر،صبر آخر ڪيستائين صبر اڌ صدي جو صبر ڪانپوءِ ٻيو اڌ صدي جو صبر ... اوچتو گهٽي جو موڙ مڙندي انورعلي جي سامهون گاڏي اچي ويئي،هو تتل ڪوسي روڊ تي ڪري پيو،آوازن جو شور بند ٿي ويو،سندس ڳاڙهو رت مٿي مان وهڻ لڳو.

سرڪاري اسپتال جي بيڊ تي انور علي کي اکيون کوليندي ڏسي نور خاتون ۽ سندس ٻئي پٽ ۽ ڌي مٿان ٿي بيٺس. انور علي ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو تہ سندس وڏي پٽ ڪيس روڪيندي چيو، "بابا! توهان نہ ڳالهايو،ڊاڪٽر ڳالهائڻ کان منع ڪئي آهي،توهان آرام ڪيو."

انور علي پٽن ۽ ڌي جي لڙڪن ۾ نل چهرن کي ڏسندي نور خاتون کي اکين سان ويجهو اچڻ جو اشارو ڏنو. انور خاتون رئي سان ڳوڙها اگهندي انور علي جي بيڊ تي سندس ويجهو ٿي ويٺي. انور علي جو آواز کوهہ جي تري مان ايندي محسوس ٿيو. "نويد جي ماءُ ..... تون سچ چيو هو... اهو ڪيس اٿين ختم ... نہ ٿيندو.. ڏاڏي ۽ بابي پٽيان مان بہ ... وڃان ٿو... پر منهنجي اولاد مان ... ڪو بہ ان ڪيس ڪري نہ مرندو... صابر حسين وارن سان ... سمجهوتو ڪري پئسا وٺي... ناهيد جي شادي ڪرائي ڇڏجان... بچيل پئسن مان ... ٻنهي ڀائرن کي ڪو سٺو روزگارڪرائجان... پنهنجو خيال ..."

نور علي جو آواز رڪجڻ لڳو،سندس ننڍو پٽ ڊاڪٽر کي سڏ ڪرڻ لئہ ٻاهر ڊڪيو،وڏي پٽ آڪسيجن ماسڪ انور علي کي ڏيڻ چاهيو مگر هن هٿ جي اشاري سان منع ڪري ڇڏي... وڪيل صاحب کي ڪيس ختم ڪرڻ لئہ ڪجهہ پئسا ڏيئي ڇڏجو... گهر پيل ڪنڊي ..خي... را... ت... ڪ... ري ڇڏ... جان.." جيئن ئي انور علي جي ساهہ جي تند ٽٽي پئي، سڄو ڪمرو سڏڪن سان ڀرجي ويو.

☆☆☆

ڪٽڪ جا لاٻارا پئي هليا.

رئيس وڏي جي ٻه سو ايڪڙن تي ڪٽڪ پڪي بيني هئي ۽ ان سال ڪٽڪ جو فصل ٻه تمام پلو ٿيو هو. سندس سمورا هاري لاٻاري کي لڳا پيا هئا. پر پوءِ ٻه هن محسوس ڪيو تہ وڏيڪ لاٻارن جي ضرورت پوندي.انهيءَ سوچ ۾ هو تہ لاٻارا ڪٽان کان هٿ ڪجن.تيستائين اتفاق اهڙو ٿيو جو ٻئي ڏينهن لاٻارن جي چڱي خاصي لڏ اچي اتان لاٽگهائو تي.

هڪ رئيساڻي ۽ جي ڳالهہ جنهن جو من ڪنهن سان اٽڪي پيو هو

عشق ۽ محبت جي انڌي جذبي ۾ انسان کي ڪا سمجهہ نہ ايندي آهي. ان جذبي تحت هو پنهنجي هر شيءُ کي قربان ڪرڻ تي راضي ٿي ويندو آهي. هڪ گڙنگ وڏيري جي ڌيءُ جو احوال جيڪا جوانيءَ جي مستيءَ ۾ مدهوش هئي ۽ جذبن کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ هر ليکو لتاڙڻ تي راضي هئي.

رئيساڻو ٻار

پرويز

رئيس ماڻهو ڊوڙايو،سو وڃي لاٻارن جي سريال کي وٺي آيو. ان همراهه ٻڌايو ته،"اسان آيا ئي لاٻاري جي ارادي سان آهيون، سو جيڪڏهن اوهين چئو تا ته يا بسم الله. هتي ئي تا لڏو لاهيون.ڪجهه ڏوڪڙ سوٽيءَ جا ڏيو ته جيئن اسين ڪو اٽو سيڏو ۽ڪنڊ چانهه وٺي اچون ۽ سيائي کان لاٻارو شروع ڪريون."

رئيس کي هڪ نوجوان پٽ عرفان هو،جيڪو ميڊيڪل پڙهندو هو ۽ ان وقت موڪلن ۾ ڳوٺ آيل هو. عرفان روزانو گاڏي ڪٽي ٻنيءَ تان چڪر ڏيڻ ويندو هو.ان ڏينهن به چڪر تي نڪتو هو. جيڏي مهل لاٻارن جي جهوپڙين وٽان لنگهيو ته ڪيس هڪ نوجوان ڇوڪرو گڏيو،جيڪو ٻڪرين سان بيٺو هو. عرفان سڏ ڪري پڇيس ته "تون لاٻاري تي ڪو نه ويوآهين؟"

"رئيس،منهنجي آگر ڏانتي وڏي ڇڏي آهي، تنهن ڪري لاٻارو ڪري ڪو نه ٿو سگهان ۽ ٻڪرين سان بيٺو آهيان."

" نالو ڇا اٿئي؟" عرفان پڇيس.

"شمشير."

"هلي آ. ويهه گاڏيءَ ۾ ته آگر جي پٽي هلي ڪريون."

"رئيس، پوءِهي ٻڪريون زيان نه ڪن."

"ڇڏ ٻڪرين کي، ڪو نه ٿيون زيان ڪن"

عرفان شمشير جي آگر جي پٽي ڪئي ۽ ڪجهه ڪيپسول،جيڪي وٽس موجود هئا،ڏنائين.خبرون چارون پڇيائينس. چانهه پياريائينس.خبرن چارن ۾ هو پاڻ ۾ نهي ويا.ننڍي رئيس عرفان کي جهڙو ڪو ڪچهريءَ لاءِ ماڻهو ملي ويو،پوءِ شمشير جو لاٻارو اتي ئي رهيو.سڄو ڏينهن ڪيس رئيس ننڍو گاڏيءَ ۾ ڪٽيو پيو گهمائيندو هو. عرفان خوشحال گهر جو هو.ميڊيڪل جو شاگرد هو.صاف ستڙو هو. سٺا سٺا ڪپڙا پائيندو هو.صحتمند هو.ٻنيءَ ٻاري جو سخت پورهيو ڪو نه ڪندو هو،تنهن ڪري نازڪ نفيس ۽ بنهه خوبصورت پيو لڳندو هو.ان جي پيٽ ۾ جيتوڻيڪ شمشير آرڪاڻن ۾ به ملوڪ هو ۽ صحت مند به هو. پروري به ڪپڙن ۾ اٻالو هو. بدن سخت ۽ جسم جانٽو هئس.سخت علائقي ۾ رهڻ ۽ سخت پورهيو ڪرڻ ڪري عرفان جهڙو نازڪ ۽ نفيس ڪو نه هو.

شاهوڪار جا ٻار شل نه ڪنهن شيءَ تي عار ڪن! شمشير تي به اوڏي مهل عرفان جو تمام گهڻو عار هو. ڪيس پنهنجي ڪپڙن مان هڪ جوڙو به ڏنائينس.هر وقت پاڻ سان گڏ رکندو هوس.ٻنين تي گڏ، شهر گهمڻ ڦرڻ ۾ گڏ. بنگلي کان پري اوطاق ۾ گڏ، چانهه ۾ گڏ، ماني کائڻ ۾ به گڏ، ايتريقدر جو بنگلي جي چوڌياريءَ اندر نهيل خاص ماڻهن جي بيٺڪ ۾ پڻ گڏ هوندو هو.ٻلا پاڳ شمشير جا. جهڙي لاٽري کلي پئي هجيس.هو به غريب جو ٻار،تنهن جو جهنگ جي ٻڪريءَ وانگر ان کائي ڏنو،سو سٺا سٺا ڪاڏا کائڻ ۽ سک ۽ آرام سان گهمڻ ڦرڻ ڪري اٿن ڏهن ڏينهن. مرڳو رنگ روپ ئي نوان ڪيڻ لڳو.جهڙو ڪر ڪمند جي فصل کي يوريا پاڻ جي ٻڪي ملي ويئي هجي، جنهن ڪري نوان نوان گٽا ڪيڻ لڳو هجي.رت مڙي اچي منهن ۾

گڏ ٿيو هوس. هونئن به چوندا آهن ته رت راڻو آهي، سو جنهن کي رت آهي، سو وٽندو پيو آهي. شمشير تان پڻ جو سخت پورهيو لٿو هو، سو هاڻ وٽڻ لڳو هو.صحت مند ۽ وجيهه ته هو اڳئي هو.

هڪ ڏينهن جيئن ئي عرفان ۽ شمشير بنگلي اندر بيٺڪ ڏانهن پئي آيا،تيئن پريان بنگلي جي اگڻ ۾ بيٺل عرفان جي پيڻ گوهر جي نظر شمشير تي پئجي وئي.گوهر شمشير کي ڇا ڏنو، جهڙوڪر مٿانئس وڄ ڪڙڪاٽ ڪري ڪري پئي هجي، جنهن سان سندس تن بدن ۾ باهه ٻري ويئي. ڇڻ باهه جي ڇيين جي سيڪ سان سندس سمورو سرير لوساٽجي ويو هجي.هوءَ عرفان جي موجودگيءَ جي به پرواهه نه ڪندي اتي ئي بيٺي شمشير ۾ نهاريندي رهي.تيسين، جيسين هو ٻئي وڃي بيٺڪ اندر داخل ٿيا،پوءِ هوءَ بنگلي اندر ته ويئي هلي پر جهڙو ڪر پنهنجو روح ٻاهر ڪٿي وڃائي، پاڻ ٽلهي جسم کي گهليندي پئي ويئي. اها لڙيءَ شام جي ويلا هئي.

گوهر جو سڪ چين ڦٽي ويو.رڳو هڪ نظر ڏسڻ سان ئي هن جا حواس خطا ٿيڻ لڳا هئا.سوچ سمجهه مفلوج ٿي ويئي هئي.هن اهو به ڪو نه ٿي سوچيو ته پاڻ نه رڳو ٻه سو ايڪڙ زمين واري زميندار جي ڌيءَ هئي ۽ شمشير هڪ لاٻارو هو،پر ان سان گڏ بابهيس تر جو زورآور رئيس به سڏبو هو.هو هڪ اهڙي ويڙهاڪ قبيلي مان هئا، جن اڳيان ماڻهو جي جان جي قيمت بندوق جي گوليءَ کان به گهٽ هئي. هن جي خيال ۾ هڪ گوليءَ سان گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪرن ته جيئن گولي سجائي تئي.اهڙي صورتحال هوندي به گوهر رڳو هڪ نظر ۾ شمشير کي ڏسڻ سان تڙپڻ ڦٽڪڻ لڳي هئي.ڇٽڪ ڪڙ کي ڪنهن سيرَ وجهي ڇڏي هجي.اندر پهچڻ سان ئي هاءِ گهوڙا تي ويئي. "منجهه تي ماري،منجهه تي ماري." ڦٽڪيو هيڏانهن وڃيو ڪري، اتليو هوڏانهن وڃيو ڪري، گهر وارا ڊوڙي آيا. "ڇا آهي! ڇا ٿيو؟ خير ته آهي؟"

"ابا عرفان گاڏي تيار ڪر،پيڻ کي هينئين ۾ منجهه تي آهي." وڏي رئيساڻيءَ پٽ کي چيو.

گاڏي اچي ويئي.گوهر کي ماڻس ۽ جنو شيدڻ پاڪرن ۾ ڪري وٺي آئي گاڏيءَ ۾ ويهاريو.شمشير هٿي وڃي پريان بيٺو هو.عرفان کيس سڏي اڳيان ويهاريو.گاڏي شهر ڏانهن هلڻ لڳي،ڪنهن ڪجهه به ڪو نه ٿي ڳالهايو.رڳو گاڏيءَ جو گوڙ هو.باقي ماڻ ئي ماڻ.گاڏيءَ مان لهڻ مهل جيئن ئي شمشير هڪ پاسي پئي ٿيو،تيئن گوهر سان نگاهون ٽڪرائجي ويس،گوهر ته خاص ڪري اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هئي،هن ته هي سڄو ڪرميٽ رڳو نگاهه ملائڻ لاءِ ئي ته ڪيو هو،هو جيڏي مهل شمشير سان نگاهن جو ٽڪراءُ ٿيو، تيڏي مهل اهڙو ته داءُ هلايائينس جو شمشير جا جتي پير اتي مٿو. ٽڪاءُ جو ڪٿي ٿيس ته همراهه پگهر مان شل،پر مڙس ڪانڌ هو.جابلو علاقي جو ماڻهو هو.ڏاڍو ۽ سخت جان. لٽ ڏکي جو ته ڏاڍو پر بنهه ڪهاڙي به منجهس نه وهي. سو ڏڪ ته

پچائي ويو پر جيسين عرفان وارا ڊاڪٽر کان دوا ڪرائي واپس اچي گاڏيءَ ۾ وينا، تيستائين رڳو پئي اکين اڳيان ترورا نچيس.جهڙوڪر ملهه پهلوان بکر شيديءَ ڦيرائي ڦيرائي مٿان ڪري هنيو هجيس. هوڏانهن خير ٿي ويو.گوهر کي ڊاڪٽر جي دوا لڳي يا شمشير جي نظر جو اثر ٿيس. هوءَ ته ٺيڪ ٺاڪ ٿي آٿر پاٿر اچي گاڏيءَ ۾ وينٽي پر شمشير پائنيو ته ڪو ٻيو ڪير اچي ڪيس ڪٽي گاڏيءَ ۾ ويهاري ته چڱو.واپسيءَ مهل هڪ موقعي تي شمشير جي شيشي تي نگاهه پئجي ويئي.ڏٺائين ته گوهر ڪيس ٽڪ ٻڌيو وينٽي ڏسي. هن نگاهه جهڪائي ڇڏي ۽ ڪنڌ ڦيري دريءَ مان ٻاهر نهارڻ لڳو.

ٻن ڏينهن ڪانپوءِ بنگلي جي خاص ٻانهيءَ جنو شيدڻ اچي ڪيس نياپو ڏنو ته "نندي سائنڻ چيو آهي ته اڄ رات جو سومهٽيءَ ٻانگ ٻڌي بنگلي جي پنئين در وٽ اچج.در ڪليل هوندو.در کولي اندر اچج. ڇوڪرا، ياد ڪج.متان هن ڳالهه کي يوڳ سمجهين.هتي سر جي بازي آهي،ڪٽي به سگهجي ٿي ته هارائي به سگهجي ٿي.سمجهيئ؟"

شمشير جي دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو،هو وائڙن جيان وات ڦاڙيو مانڪو بيٺو هو.منجهس رڳو ها يا نه چوڻ جي سوت يا سگهه ڪا نه رهي هئي.هو عرفان کان بنا موڪلائڻ جي اتي هليو ويو.

لڙي شام جي ويلا هئي. سندن جهوپڙين ڏانهن به ڪو نه ويو. پر گس ۾ سر نالي مٿان نهيل پل تي ويهي رهيو.سندس دماغ ۾ ڪيئن سوچن اچي واسو ڪيو هو. "عرفان مون کي ياءُ وانگر پاڻئي ٿو.هيءَ عرفان جي پيٽ آهي.سندن عزت آهي.سندن ننگ آهي ۽ آئون وري اهڙو بي وڙو ٿيان جو ياءُ جهڙي دوست جي عزت ۾ هٿ وجهان! دوستيءَ جو ايئن بدلو چڪائبو آهي ڇا؟ اهڙو ڪم ته ڪو بي غيرت ئي ڪري سگهي ٿو.دوستجي عزت ۾ هٿ وجهان!دوستيءَ جو ايئن بدلو چڪائبو آهي ڇا؟اهڙو ته ڪم ته ڪو بيغيرت ئي ڪري سگهي ٿو.تنهن کان پوءِ آئون غريب جو ٻار.هو ڏاڍا زورآور رئيس ماڻهو.منهنجو ته جڙ سميت ٻوٽو ئي ڪيڊي رلائي ڇڏيندا. مون کي ته ماري ڇيهون ڇيهون ۽ ذرا ذرا ڪري ڇڏيندا، پر مائي شيدڻ جو دڙڪو! "ڇوڪرا ياد ڪج.متان هن ڳالهه کي يوڳ سمجهين. هتي سر جي بازي آهي، ڪٽي به سگهجي ٿي ته هارائي به سگهجي ٿي." ان جو مطلب ڇا ٿي ٿو سگهي؟ معنيٰ ته جي وجان ٿو ته به ٿو مران ۽ جي نه ٿو وجان ته به ٿو مران! پيٽيان ري ڪٽن، مفت ۾ پيو مران، بنا ڏني ورتي. هروپروگس ويندي ٻانيڻ ٿو ڪلجي.ڇا ٻچي جند بچايان! هينئر ئي چڙهان بس ۾، وڃي نٿو اڪران. پوءِ ڪٿي نه ڪٿي رات گذاري سڀاڻي وڃي ڳوٺ ٺڪاءُ ڪريان. ڪر نه، ايئن نه ڪريان. عرفان کي ڪٿي سچي حقيقت سڻايان، پوءِ ڪانئس ڪلي موڪلائي هليو وجان.يا مرڳو..مرڳو...!پر پيٽسان رئيسياڻي ڇا سمجهندي! چوندي ايئن ته صفا ڪو ياڙيو هو.منهن ئي ڪونه چڙهيو. رڳو نياپو ٻڌندي ئي ٻچي ويو. ڇا آئون ياڙيو آهيان؟ نه نه، ياڙيو ته ڪونه آهيان پر هي معاملو ٽيڙو آهي.اڳيان عرفان جي پيٽ

آهي. هوءَ تہ ڪٿي اکيون پوري انڌي ٿي پئي آهي. بنهہ چتي ٿي پئي آهي. پر مون کي تہ اکيون کولڻ ڪپن. آئون تہ چتو نہ ٿيان پر . . . پر گوهر جو شيشي ۾ ٽڪ ٻڌي ڏسندو رهڻ ۽ تنهن کان اڳ ۾ گاڏيءَ مان لهڻ مهل نگاهن جو ٽڪراءُ. . . ڇا معنيٰ ٿي نڪري؟ سندس قرب ۾ ري نيندِ، سندس نچاور ٿيندڙ نگاه. . . !

سر ناليءَ جي موريءَ تي ويٺي ويٺي ڪيس سج لهي ويو. هو ڪو بہ فيصلو ڪري ڪو نہ سگهيو هو. خيالن جون لهرون، هڪڙيون اچيو ڪنارن سان ٽڪرائجن تہ ٻيون وري پٺيان پٺيان پيون اچن، وري تن جي پٺيان، وري تن جي پٺيان، ايئن قطار در قطار خيالن جا واچوڙا. . . سوچن جا سمنڊ، هن جو مرڳو دماغ خراب ٿيڻ لڳو. جنو شيدڻ جا لفظ مترڪا ٿي سندس دل ۽ دماغ تي واڄت ڪندا رهيا. "هيءَ سر جي بازي آهي، ڪٿي بہ سگهجي ٿي تہ هارائي بہ سگهجي ٿي." تان جو اتي ويٺي ويٺي سندس ڪن تي سومهٽي ٻانگ جو آواز پيو. هو چرڪ ۾ جاڳي پيو ۽ ٽپ ڏيئي اتي بيهي رهيو. فيصلي جي گهڙي اچي پهتي آهي. هيڏانهن وڃان يا هوڏانهن!؟ هيڏانهن يعني جهوپڙين ڏانهن وڃڻ سان سياٽيءَ تائين موت ڪان بچي سگهجي تو ۽ هوڏانهن يعني بنگلي ڏانهن وڃڻ سان ٿي سگهي تو تہ اڄ ئي ڇهہ آنا پليٽ ٿي وڃان يا ٿي سگهي تو تہ بچي بہ اچان. پوءِ ڇا ڪريان؟ ڪيڏانهن وڃان؟ بنگلي ڏانهن يا پونگيءَ ڏانهن! يا اجا ئي ڪنهن ٽئي پاسي منهن ڪريان. پر هاڻ تہ دير ڪانهي ڪرڻي. ٻانگ بہ ملي ويئي آهي. فيصلو ڪر. جلد، جلد، جلد.

پوءِ هو اٿي هليو. پونگيءَ ڏانهن نہ پر بنگلي ڏانهن.

در کي آهستي آهستي ڏکو ڏنائين. در کلي پيو، جنو شيدڻ بيٺي هئي. جنهن ڪيس هٿ جي اشاري سان پٺيان اچڻ لاءِ چيو. هن ڪيس وٺي هڪڙي گوشائتي ڪنڊ وٽ آندو. "تون هتي بيهہ، آئون اچان ٿي." جنو شيدڻ ڪيس آهستي آهستي سرهاڻن ۾ چيو ۽ هڪ طرف هلي ويئي.

بہ ٿي منٽ مس گذريا تہ هن محسوس ڪيو تہ ڪو اونڌاهيءَ ۾ ڏانهس اچي رهيو آهي. هن جي دل جو ڌڙڪو وڌڻ لڳو ۽ خوف گاڏڙ اشتياق جي ڪري بدن کي اڻ لکي ڪنبڻي وٺي ويس. ڪن پل ڪانپوءِ گوهر حسن، جواني جوين، سڪ ۽ صحت جو هڪ شاهڪار نمونو پنهنجي حسين سراپا ۽ ڪٽورا ۾ري هاريل ڪنوارپڻي جي سڳنڌ سان واسيل گوهر سندس اڳيان بيٺي هئي. هوغريبهو، لاٻارو هو، رئيسن جي رعب ڪان خائف هو. اميرن جي امارت ڪان متاثر هو. حسن ۾ ساڻن ڪلهي گس ڪري نٿي سگهيو. ٻيوتہ پاڻ پنهنجي دليان خوشيان ڪو نہ آيو هو. دڙڪي گاڏڙ نيا پي تحت آيو هو. حڪم جو بندو ٿي آيو هو. سو ڪيس اڳتي وڌڻ جي، حسن جي راٽيءَ جي آجيان ڪرڻ جي، يا سندس لاءِ ڦٽڪندڙ دل جو دل سان آدر پاءُ ڪرڻ جي همت ئي ڪا نہ ٿي. هو جتي هو، اتي ئي بيٺو رهيو. دنل هيسيل ۽ پريشان پريشان. هوءَ ئي اڳيان وڌي. ويجهو ٿي. اجان بہ ويجهو. باقي وچ ۾ ڪو بہ

فاصلو ڪو نہ ڇڏيائين. هڪ ٻئي جي دل جي ڌڪ ڌڪ ۽ ساهن جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ پئي آيو. اوڏيءَ مهل بہ شمشير پهل ڪا نہ ڪئي. گوهر ئي ٻانهون ڦهلايون. پر پوءِ بہ هو ڀُريو بہ ڪو نہ. ٻنهي جا چپ ڦڙڪڻ لڳا. ٻنهي ڳالهائڻ چاهيو ٿي ۽ مون کي پيار ڪر. خوب پيار ڪر. دل کولي پيار ڪر. دل ڀري پيار ڪر ۽ پر شمشير چاهيو ٿي تہ هو گوهر کي سمجهائي تہ ڀاڻس سان منهنجي ياري دوستي ۽ ڀا ئيپئي آهي. تون هنن جو ننگ آهين، عزت آهين، سو تون مون کان اهڙو ڪڏو ڪم نہ ڪرائي جو سياڻي بدنام ٿئي ۽ مرڳو دوستي ۽ ڀائيپئي تان ماڻهن جو اعتبار ئي نہ کڄي وڃي. تنهن ڪري بنا ڇهڻ جي، هٿ لاهڻ جي جيئن آئي آهين تيئن واپس هلي وڃ. پنهنجي دل مان اهي وهم ۽ وسوسا ڪڍي ڇڏ..! انهن سوچن جي تضاد ۾ ڪي ساعتون، ڪي پل، جيڪي گوهر کي اوسيئڙي جون صديون ٿيوپئي لڳيون، گذري ويا.

نيٺ گوهر ئي گوهر افشاني ڪئي:. "شمشير اڄ نہ منهنجي ٻانهن ۾، بيٺو ڇو آهين؟ مون کي پنهنجي سيني ۾ سمائي ڇڏ، مون کي پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏي، مون کي پنهنجي اندر ۾ ويهار، مون تن ڏينهن کان، جڏهن کان توتي نظر پيئي هئي، ڪُنڊ ڪڙ وارا بل ڪاڏا آهن. هاڻ مون سر جا سڀ سانگا لاهي ڇڏيا آهن. مون کي هاڻ بس رڳو تون کپين. هر حال ۾ هر صورت ۾."

"ڳالهہ ٻڌ رئيسياڻي..."

"نہ ڇئو رئيسياڻي مون کي.... آئون تنهنجي گولي آهيان، ٻانهي آهيان. تنهنجي پيرن جي پٽي آهيان. مون کي پنهنجي پيرن ۾ جاءِ ڏي، آئون تنهنجي لاءِ مريو ٿي پوان."

"منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ، تنهنجي ڀاءُ عرفان مون کي پنهنجو ڀاءُ ڪهو آهي. مون اوهان جو نمڪ پاڻي کاڌو پيتو آهي. آئون غريب آهيان، لاڀارو آهيان پر بي وڙو ۽ بي حيا ڪو نہ آهيان. تون مون کان اهو ڪم نہ ڪرائي. اهو مون تي وڙڪر. آئون توکي منٿ ٿو ڪريان. آئون يا چمار عرفان جي سامهون ٿي ڪو نہ سگهندس. مون کي انهيءَ ذلت کان بچائي. ڏاهي ٿي. هوش ڪر، عقل کان ڪم وٺ."

"مون کي اهي نصيحتون ڪو نہ کپن. شمشير! اهو عقل پاڻ وٽ رک. مون اهي سڀ ڳالهيون پهرين سوچي ورتيون آهن. ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون کي رڳو تون کپين ۽ بس. سو بہ هميشہ لاءِ. هڪڙي رات لاءِ نہ. پوءِ خوشيءَ سان يا زبردستي. آئون بہ رئيساڻو ٻار آهيان. سمجهين پيو نہ منهنجي ڳالهہ."

"ها، تنهنجي ڳالهہ تہ سمجهان پيو، پر سوچيان پيو تہ تون اهڙي چريائي ڇو ٿي ڪريئين. تون پنهنجي شايان شان ڪنهن جيس جوڙ سان نينهن اٽڪائي، جتي تون وڃي سڪ آرام سان زندگي گذاري سگهين. ڀلا مون رولاڪ لاڀاري وٽ تون ڪهڙو سڪ ماڻي سگهنديئين. اسان جون پريان جهوپڙيون ڏٺيون اٿئي نہ. انهن ۾ ڪيئن گذاري سگهنديئين؟ لاڀارو ويرون ڪيئن ڪري سگهنديئين؟ ۽ جي اهي مزوريون نہ ڪنداسين تہ ڪائينداسين ڇا؟ ڇو اچي تنهنجو دماغ بتال ٿيو آهي. پاڻ

چوين، پئي ته هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه ڪانهي ته پوءِ توکي آئون رکندس ڪٿي؟ لڪائيندس ڪٿي؟ رهنداسين ڪٿي؟ ڪائينداسين ڇا؟ نه پئسو نه ٻنجڙ.نه هٿ نه هلڻ.هرو ڀرو پاڻ ٻنهي جو سر رلي ويندو. ان پاسي ڪڏهن سوچيو اٿئي؟ يا تڪڙ ڦڪڙ ۾ ان پاسي تنهنجو توجهه ئي ڪو نه ويو آهي.سو .... سو... ڇا چوان توکي... خير،سو منهنجي صلاح اٿئي ته واپس هلي وڃ. اجا رڳو پاڻ ٽن کي خبر آهي. پر جي ڳالهه وائکي ٿي ويئي ته هرويرو ڏڪي ۾ پئجي ويندا سين."

"شمشير، مون کي رڳو ٻن ڳالهين جو جواب ڏي.پوءِ تون ڇنڻو آهين."

"پُڇ."

"تون مڙس ماڻهو آهين يا پاڙيو آهين؟"

"تون هتي ئي ٻيهي هڪل ڪر ته توکي ڪنهن جي سسي ڪپي.توکي منهنجي مڙس يا پاڙيئي هجڻ جي اتي ئي خبر پئجي ويندي."

"چڱو نيڪ، ته پوءِ تون مون کي هتان ڪٽي تو هلين يا هينئر ئي آئون رئيس وڏي کي روئي وڃي دانهن ڏيان ته تون بنگلي اندر ٽپي آيو هوئين،مون سان زوري ڪرڻ." ايئن چئي گوهر وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳي ۽ پنهنجي جذبات کي قابوءَ ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.جڏهن سندس ساهه سانتيڪو ٿيو، تڏهن وري ڳالهايائين."مون کي رڳو آخري سوال جو جواب ڪپي.ڪا سمجهاڻي، ڪا به نصيحت ۽ ڪو به وعظ نه ڪپي.تون هتي مون سان گڏ بيٺو آهين. تنهنجا زمين تي لڳل پيرن جا نشان خود شاهدي ڏيندا.ها باقي هتان نڪري ڪيڏانهن هلڻو آهي،تنهن لاءِ تون پريشان نه ٿي.چئو، ڇا تو چوين؟؟"

"مون کي تنهنجي ڳالهه منظور آهي." شمشير گهڻي گهڻي دير تائين سوچ ۾ ٻڏي ويو ۽ پوءِ برجستو ٿي چيائين. "پر منهنجو به هڪڙو شرط آهي."

"ڪهڙو؟"

"تون تڪڙ نه ڪر.اسين لاڀارو ڪري هتان هليا وڃون،پوءِ ڏهن پنڌرهن ڏينهن کان بعد ۾ آئون اچان ۽ پاڻ نڪري هلون."

"بچاءُ ته ڪو نه پيو وٺين! ڪوڙو دلاسو ته ڪو نه پيو ڏيئين؟!"گوهر خدشو ظاهر ڪيو.

"نه گوهر،جڏهن انڪار هو تڏهن انڪار هو.هاڻي ها ٿي آهي ته اها مڙساڻي زبان آهي.هاڻ تون منهنجي سِر سان آهين.هاڻ تون هتي منهنجي امانت آهين.هاڻ توسان سر جا سودا آهن.مهيني اڌ جي ته ڳالهه آهي!"

"چڱو نيڪ آهي، آئون تو تي اعتبار ڪريان ٿي. انتظار ڪريان ٿي،پر جي مون کي دوکو ڏنئي ته پوءِ به مون کان بچي نه سگهيندين.آئون توکي زمين اندران به کوٽي ٻاهر ڪڍي ايندس."

پوءِ هو ڏاهي ٻڌي موڪلائي هليا ويا.

ڪنهن کي هوا ڪا نه لڳي. ڪنهن کي ڪن تي ڀڻاٽ به ڪو نه پيو.تو ٻڌي، مون ٻڌي يا جنوءَ شيدڻ ٻڌي، جنهن جي پيٽ ۾ بنگلن جا سمورا راز سانڌاڻي وانگر پيا سنڌجن ۽ جيڪا پيٽ جي برنيءَ کي ڍڪ ڏيو زورائتو ڪپڙو ويڙهيو ٻڌيو قابو ڪريو ڇڏي ته متان نه ڌپ ٻاهر نڪري اچي. سو هيءَ ڳالهه به جنوءَ شيدڻ

جي پيٽ جي برنيءَ ۾ سانڌاڻي وانگر سنڌجي وئي هئي.

لاٻارا لاٻارو ڪري هليا ويا هئا.

پنڌرهن ڏينهن پوءِ بنگلي جي چوڌيواري اندر ڦڙڦوٽ پئجي ويئي هئي.سڀ گهر ڀاتي هيڪانڌا ٿيا وينا هئا.وڏي رئيسياڻي پوتيءَ جو پلئ اڪين تي رکيو آهستي آهستي پچڪيو پئي لڙڪ لاڙيا.جنو شيدڻ ڊپ ۽ خوف وجان هراسيل هراسيل بيني هئي.سندس ڦيڻ به ڪا نه ٿي ڳڙڪي. عرفان جوش ۾ ٻيهي ڪو نه پئي سگهيو.سندس خيال هو ته گاڏيون ڪٽي پويان نڪرجي،جتي به هٿ اچن شوٽ ڪري ڇڏجين.ريئس وڏي جو منهن سڄو دونهاڻجي ويو هو.سندس چهري تي بلا جي ڪرب ۽ اذيت جا آثار نمايان هئا.شديد پيڙاهه جون ريکائون ائين پئي اپريون جهڙو ڪر ڪيس گهاٽي ۾ جيئرو پيڙهيو پئي ويو.سندس اڪين ۾ باهه جامچ پئي ٻريا.هڻي ذلت سندن قبيلي ۾ هو سنيرن ئي ڪو نه.هو حيران هو ته هي سڀ ڪجهه گوهر ڪيو ڪيئن؟ هوءَ گهر ۾ اڪيلي ڏيءَ هئي. سندس هر مرضي هلندي هئي،پوءِ به هن ذلت جي ڪن ۾ اسان کي ڪيئن ڏکو ڏنو.جڏهن سندس سڀ خواهشون پوريون پئي ٿيون ته پوءِ هينئر هن اسان کي ايترو نيچ ڇو ڪيو؟ سندس پسند جي باري ۾ به صلاح مصلحت ٿي پئي سگهي، پر،پر هن اسان کي ان قابل به ڪو نه سمجهيو ۽ پنهنجي منهن اسان سيني کي گندگيءَ جو ڍير بنائي ڇڏيائين.زماني ۾ اسان کي ڪلڻ هاب ڪري ڇڏيائين.اسان جو ڪنڌ هيٺ ڪرائي ڇڏيائين.ڪيس اسان جي عزت جي ذرو ليهه ڪا نه پئي. ايئن ڇو ڪيائين؟ ڇو؟ ڇو؟

ڳچ ڳچ دير تائين هو عذاب جي انهيءَ ڪوري ۾ جلندو پچندو رهيو ۽ پوءِ هڪ ڊگهو گهرو ساهه ڪڍي مٿي نهاريائين.وڏي رئيسياڻي اڃا پچڪي رهي هئي. جنو شيدڻ ساهه سڪايو بيٺي هئي.عرفان جي چهري تي شديد ڪاوڙ هئي.ٻيو هر ڪو سڪڙيو سڪڙيو بيٺو هو. نيٺ رئيس گونجدار آواز ۾ ڳالهايو. "ايئن سمجهو ته گوهر اسان جي گهر ۾ ڪڏهن ڄائي ئي ڪا نه هئي. جنهن کي اسان جي درد جو احساس ڪو نه ٿيو. تنهن جي پويان وڃڻ جو ڪو به جواز ڪونهي رهيو.هوءَ اسان کي ڇڏي ويئي آهي ۽ اسان هن کي ڇڏي ڏنو.هن مهل کان پوءِ هن گهر ۾ گوهر جو ذڪر نه ٿيڻ کپي. اهو منهنجو حڪم آهي." ايئن چئي هو اٿي اوطاق ڏانهن وڃڻ لڳو.

سوئا پالڪ، چوڪا

هڪ دفعي،وڪري وڪڻن وارو گهورڙيو، سبزي ڪپائڻ جو هوڪو ڏيندو پئي ويو: "سوئا پالڪ چوڪا". هڪڙي بزرگ سندس هوڪو ٻڌو ته اٿي ويٺو ۽ مريدن کان پڇيائين: "اوهان سمجهوتا هو گهورڙيو، ڪهڙو پيغام ڏئي رهيو هيو."

"سائين!" مريدن مرشد کي ٻڌايو: "اهو ته پالڪ، سوئا ۽ چوڪن ڪپائڻ جو هوڪو ڏئي رهيو هو."

"توهان صحيح ٿا چئو!" مرشد کين سمجهائيندي چيو: "دراصل اهو چئي رهيو هيو، گهڙي پلڪ جيڪو ستو، سو غلطيءَ تي آهي."

نئون ليکڪ سلسلو

موڙ

عزيز قاسماڻي

سنڌ جون سماجي ۽ سياسي حالتون خراب کان خراب تر ٿينديون پيون وڃن. انهن حالتن جو اولڙو حساس دماغن مٿان به پوي ٿو. اديب سماج جي حساس دماغن جي ترجماني ڪن ٿا. سنڌ جي هڪ اديب جي ڪهاڻي جيڪو اسان سڀني پڙهندڙن لاءِ نئون ليکڪ آهي. شايد توهان هي ڪهاڻي پڙهي سندس تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهو.

هڪ نئين قلم ڪار جي پختي تحرير

مان ڊوڙان ٿو.
تو کان پري، ڪائنات ۾!
پر مان ته تو ۾ دفن ٿيندس، پوءِ
منهنجي نفرت کا به اهميت نه رکندي.
ڪائنات: آرسيءَ ۾ ڏس...
”ماضيءَ تو ۾ ڪيترا ڳيپا ٻار دفن
ڪياآهن.“
(لاشعوري، لاشعوري....)
هو ڪائنات جيتري عزت، مُلهه
ماڻي چڪو هو. تڏهن ته هن دنيا جا انسان
جهڪي پوندا اٿس، آڏو.
موسمن سان ڪيڏندڙ مصور،
ارڏو... اٿل، سنهڙو، سيپڪ.
دنيا جي سونهن جهوليءَ ۾...

شعور جي لڏندڙ لامن ۾ دنيا درس گاهه بنائي ڇڏيائين.

(پڻڪو)

"تون نہ ٻڌي سگهندينءَ!

پنهنجي تاريخ ..... تون ۽ مان حرامي آهيون؟"

"حرامي، ڪيئن!!!."

"هوءَ ٿي چوي، تاريخ!"

"هو ڏس،

ڪول ٻيءَ ڪول جو لاش ڪنيو ٿي وڃي... ڏينيو ڪڍ، ڪيستائين ويندا؟"

"هڪڙي غلام ڏرتيءَ جا باردر ڪراس ڪري، ٻي غلام ڏرتيءَ ڏانهن!"

گمان.... شڪ.... ويساهه قافلن جي ڏوڙ ۾ (پن چڻ.)

"چاهيو ڇا تا؟"

"مان نہ تو چاهيان."

ايڊز... ڪالاباغ ڊيم ۽ وئشيا گهرن مان جنم وٺندڙ ٻار وزير ۽ قانونداں... ڏيءَ کي پيءُ مان ٽيل پٽ نيشنل ڪارڊ تي، پيءُ جي خاني ۾ ڪنهن جو نالو لکرائيندو."

"تون گاريون ڇو تو ڏين؟؟"

"جن توسان ۽ تنهنجي تاريخ سان ريپ ڪيو آهي، انهن کي ڇا ڪيو ٿي؟؟!

""تو ۾ ماڻهپو ڪونهي!"

"... جنهن کي آنءُ مجان تو ان ۾ ماڻهپو آهي."

يوڳ.

اکين جو آڪاس کي ڇهڻ.

هن جي آگرين مان نڪاءَ ڪڍڻ/آگرين جي روزش.

موسمن جا ٿهڪ! ٿهڪ گلابن جا غلام آهن.

وڏو ڀاڪر.

سنهي ڇوڪري

ٻانهن جي ٻيٽ ۾!

ڪٽ جو باهڻ.

وهاڻو فرش تي ڪريو.

مٿان وارو ٽوال هينان.

چپن جا چيڪاٽ،

زبان هڪ وات کان ٻي وات ڏانهن

(منتقل)

قميض جو اڳيون اڌ پيٽ تان لهي ويو.

اوچتو.

آگرين منڊجي ويون

آگرين کي زور آيو.

چپن جي جيڪاٽن جو ردم ٽٽي ويو.

زبان وات مان نڪري وئي.

دانهن اٿي بيٺي!

صبح جو هو جاڳيو.

اڪيلائپ جي ڪري وشواش ۾ شڪ..

رڙيون ڪرڻ لڳو. هوءَ نہ ٿي، اٿي.

ايا ننڊ آهي، جاڳائڻ جي تو ڪريانس. نہ ٿي جاڳي... منهنجو ساهه تو گهٽجي. (ڳوڙها اگهيائين) منهنجا راز ڪير سانڊيندو هاڻ. پليز منهنجي آڪرتيءَ کي نہ دفنايو. دفنائيندوءُ تہ سمپرڪ ٽٽي ويندو!

(.....)

آجيان لاءِ بينل شاگردن کي چيائين:

"ويهو!

اڄ ويدنا بابت اوهان کي ٻڌائيندس.

هو ڏسو.../ٻڌو.

ٻہ ماڙ تي گوليون. مون کي تا هڻن.

جيڪڏهن اوهان (شاگردن) احتجاج ڪيو.

خوبصورتيءَ ۾ لڪيل بدصورتي!

هڪ زماني جي ڳالهه آ هي ته هڪ وڏي قد واري عورت، آڙ جو لڳندڙ سستي بازارن ۾مسلسل اچڻ شروع ڪيو هو. هو بازار ۾ ايندي ۽ اهي شيون وڪڻندي جنهن جي بازرا ۾ سرعام وڪڻڻ تي پابندي هئي. مليشيا سپاهي جي همت نه ٿيندي هئي جو هو ان ۾ هٿ وجهي. هن کي ڊپ هو ته ڪٿي پهاڙي عورتن جي آزاديءَ جي دخل اندازي جي ڏوهه ۾ڪا آگر نه اٿي. ٽئين آڙ تي جڏهن اهو سلسلو هلندو رهيو ته سپاهي ڊڄي ڊڄي هن کي هدايت ڪئي ۽ پنجين آڙ تي وري همت ڪري انهي عورت کي پاڻ ساڻ ڪري ٽاٽي تي هلڻ لڳو. جڏهن روڊ تان گذريو ته ماڻهو هن جي جرائت کي ڏسي حيران ٿيا.هن جي طرف آگريون کڄڻ لڳيون ته هن ايتري همت ڏيکاري جو پهاڙي علائقن جي هڪ آزاد ۽ نجات حاصل ڪندڙ عورت کي گرفتارڪيو هو!.

پريل پريل بازار ۾ هو نيڪ طرح سان عورت جو جائزو نه وٺي سگهيو هو پر هاڻ هن کي ان کي سٺي طرح ڏسڻ جو موقعو مليو ته هن کي ڪجهه شيون نظر آيون. مثال طور اسڪرٽ جي هيٺان عورت جي جوتن تي نظر پئي ته ان ۾ عورتن جي سينڊلن بجاءِ مردن جي جوتن جهڙو ڳرو بوٽ پاتل هو.

"معاملو ڪجهه ڳڙ ٻڙ آهي." هن ٿورو سوچيو پوءِ عورت جي منهن تان نقاب لاهي ورتو. هن جي سامهون هڪ بدمعاش مرد جومنهن هو، خوف واريون اکيون،سنهڙين مڇن وارو مرد ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ڪنهن پهاڙ تي پيدا ٿيندڙ جهاڙين جا ڪارا نوڪدار ڪنڊا.

(فهيم ميمڻ)

منهنجي مرڻتي، خبراٿو ڇاٿيندو؟هواوهان جي ڪمرن واري بلبن ۾ بر رکي ويندا.

(ڳوڙهاتري آيس)مانائين نه ٿوچاهيان!

پر مان... مان نه رهيو آهيان...

سنڌي اباجها ماڻهو اٿو، اسان تي ويساهه رکندي به پيرن ۽ مرشدن جي پيروي به ڪندا آهن.

ڪو ڏينهن اهڙو ايندو!!

ڪي ماڻهو...

تيل جون ٽرڪيون ڀري سنڌ ۾ چپي چپي تي هاري ويندا.. هي سنڌي چوندا ته ويچاري ڊرائيور کي خبر ئي نه آهي ته پويان پيٽرول جي ٻنجي ڪلي وئي آهي. خبر تڏهن پوندي جڏهن سنڌي سڙي خاڪ ٿيندا... پوءِ سنڌ لاءِ ويدنا خبرن تائين بچندو!!"

(ڇڏي ويو ڊائري.)

منهنجي زال ته دفن ڪئي وئي پر مان پنهنجو پاڻ اربيان ٿو. ننڍڙي سنڌوءَ کي.

اي تاريخ!

هن دنيا جا ماڻهو مذهب، سماج، ماڻهپي ۽ توکان مايوس ٿي خودڪشيءَ ڏانهن موڙ ڪائيندا؟؟.

☆☆☆

او هرياجي عميق ڏي

الطاف شيخ

سنڌ جي ناميارين ليکڪ جي هن سفرنامي ۾ توهان کي معلومات جو خزانو ملندو. حقيقت اها آهي ته جڏهن هڪ دفعو سندس سفرنامو شروع ڪجي ٿو ته دل ئي نه ٿي چوي ته ڪو ان کي هڪ منٽ لاءِ به ڇڏجي. الطاف شيخ کي جس هجي جو هڪ ماڻهوءَ سنڌي ادب جي (سفرنامي) جي صنف کي ڀري ڇڏيو آهي.

دنيا ۾ ڇا ڇا آهي مٿا، ٻڌ ان جو احوال

شايد ئي ڪو ماڻهو هجي جنهن ٻاروتڻ ۾ پوتن، راڪاسن ۽ جل پرين جون ڪهاڻيون نه ٻڌيون هجن. جنهن پوتن ۽ راڪاسن جي آستان لاءِ ڪوهه قاف جبل ڌيان ۾ اچي ٿو ۽ جل پرين کي وري سمنڊ جي مخلوق سڏيو وڃي ٿو. منهنجو سمنڊ سان واسطو هجڻ ڪري، ڪيترائي ماڻهو، مون کان جل پرين بابت پڇندا آهن. نه فقط اسان جي ملڪ جا، پر ڌارين ملڪن جا پڻ. خاص ڪري ننڍي ٿهيءَ جا شاگرد ۽ ٻار.

"توهان ڏينهن رات سمنڊ تي رهو ٿا. توهان کي ڪڏهن ڪا جل پري نظر آئي؟" اهو هڪ عام سوال هوندو آهي.

"بيروت کان رومانيا يا هيڏانهن رائيڪا ايندي وقت توهان کي ڪا جل پري نظر آئي؟" يوگوسلاويا جي بندرگاهه رائيڪا ۾ جهاز پهچڻ تي هڪ دفعي اتي جي هڪ اسڪول ٽيچر پڇيو.

"ڇو ڀلا؟" مون پڇيومانس.

"ان ڪري جو اسان جون ماڻرون ۽ ڏاڏيون ٻڌايئن ٿيون ته سڀ کان گهڻا جن ڪوهه قاف تي آهن ۽ سڀ کان گهڻيون جل پريون ايجين ۽ ادرياٽڪ سمنڊ ۾ آهن."

جل پريءَ کي انگريزيءَ ۾ Mer maid(مرميڊ) سڏجي ٿو. سندس مٿيون ڌڙ عورت جو ۽ هيٺيون ڌڙ مڇيءَ جو ڇيو وڃي ٿو. هڪ دفعي ڪئناڊا جي هڪ ميلي (Festival) ۾ اتي جي ڳوناٽن ماڻهن اسان کان جل پرين جو پڇيو. جڏهن ڪين خبر پيئي ته اسان جو جهاز چٽگانگ کان چاليهه ڏينهن جو سفر ڪري، سڌو سندن ڳوناٽي بندرگاهه باءِ-ڪامو (Commeau-Bai) پهتو آهي ته هنن لاءِ سڀ کان اهم اهوئي سوال ٿي پيو.

"باءِ ڪامو" ڪئناڊا جو هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو ۽ بندرگاهه آهي جتي اوسي پاسي جي بندرگاهن کان ننڍا ٻيڙا ٻيي اچن ٿا. اسان جنهن ماڊرن جهاز "سندربن" ۾ ايترو پري کان باءِ ڪامو پهتا هئاسين، اها اتي

جي ڳوناڻن لاءِ وڏي ڳالهه هئي ۽ هنن سمجهيو تہ اسان، جو هيترا سمنڊ لتاڙي آيا آهيون، سو رستي تي پڪ اسان جي ملاقات ڪجهہ جل پرين سان تي هوندي. اها 1969ع جي ڳالهہ آهي.هاڻ تہ باءِ ڪامو اهو ڳوٺ نہ رهيو هوندو. دنيا جي ٻين شهرن وانگر آدم شماريءَ کان ڦاٽندو هوندو (۽ سندربن جهاز پنهنجي ڇمار جي ٻاويهين ٽيويهين سال ۾ آخري پساهن ۾ آهي ۽ ان وچ ۾اهي جهاز ايجاد تي چڪا آهن جو سندربن جهاز ڪنهن بہ ڪنڊ پاسي کان سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو اهم نمونو



دنيا کو لات مارو، دنيا سلام ڪري!

"ريڪا! تون هتي ڇو بيٺي آهين؟" منهنجي ساهيڙيءَ مون کي ٻانهن کان جهليندي چيو.

"ڏس هن هئنڊ بئگ جي مرمت ڪرڻ واري موچيءَ وٽ ڪيڏي ڀيڙ آهي. مان پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪري رهي آهيان."

"ڪمال آهي! تون هن ڪيوُ ۾ بيٺي آهين؟"

"ڇا ڪريان؟"، "تنهنجي ڪار ڪٿي آهي؟"

"ڪار پارڪ ۾!"، "هل تون مون سان .... مان تي تنهنجو ڪم ڪريان."

"پر ..."

"اڙي هَلَ ڪٿي!" هن منهنجي ٻانهن کي ڇڪيندي پاڻ طرف گهليو.

"هاڻي دروازو کول ۽ جيئن مان چوانءِ تيئن ڪر."

مون موٽر جو دروازوکوليو ۽ هوءَ منهنجي ڀر واري سيٽ تي ويهي رهي.

"هاڻي موٽرهلاءِ. ان موچيءَ جي دڪان طرف."

جڏهن دڪان آيو تہ وچ رستي تي هن موٽر بيهارڻ لاءِ چيو.

مون موٽر بيهاري، هن دريءَ مان اسٽائيل ۾ واڪو ڪيو، "اڙي ايڏر پرس والي، ايڏر آئو!" هن انگريزي اچارن سان هندي ڳالهائيندي هن کي سڏيو.

موچي پنهنجو ڪم ۽ گراهڪ ڇڏي ڊوڙندو آيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو، "ڪيا حڪم هئہ؟ ميم صاحب!"

"يهہ پرس لي لو، هم کو جلدي بنا ڪي دو. هم تورا دير ۾ آتا هئہ."، "جي اچا، ميم صاحب!"، "دس منٽ ۾ آتا هئہ."، "جي اچا ميم صاحب!"

ٻيا گراهڪ ماڻ ميٽ ۾ نهاري رهيا هئا. ٽرئفڪ پٽيان بيهجي وئي هئي. مان تپرس وچان هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهي هئس ۽ پنهنجي ڪل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئيس.

"هاڻي تون ڀلي اڳتي هل ... مون کي هتي لاهہ ... ڏهن منٽن ڪانپوءِ ان ئي اسٽائيل ۾ پرس وٺندي وڃج."

نہ تو لڳي). بهر حال ڳوٺڙن (ننڍن بندرگاهن) جي ماڻهن ۾ جهازين سان ملڻ ۽ ان قسم جون ڳالهيون پڇڻ هڪ عام ڳالهہ آهي. پوءِ اهي بندرگاهہ ڪٿي ڪٿنا ڏا، آفريڪا، ڏکڻ آمريڪا جا هجن يا جپان، چين، آسٽريليا جا.

ڪنهن پڇيو: "جل پري ڇا آهي.؟ مڇي يا عورت."

اهو سوال سڀ ۾ اهم آهي پر ان کان بہ اهم ۽ پهريون سوال اهو هجڻ کپي تہ جل پريءَ جو وجود واقعي آهي بہ يا نہ.

ڪنهن نيول اڪيڊميءَ جي ساليانی مخزن ۾ جل پريءَ جي بيحد دلچسپ سمجهاڻي ڏنل هئي:

Mermaid: not enough fish to fry, not enough woman to love.

يعني جل پري مڇيءَ جو اهو قسم آهي جنهن کي تري نہ تو سگهجي ۽ اها

عورت آهي جنهن سان چڱيءَ طرح پيار بہ نٿو ڪري سگهجي.

انسائيڪلوپيڊيا مطابق جل پري (Mermaid) پاڻيءَ جو هڪ خيالي (Mythical) جانور آهي جنهن جو مٿيون اڌ حصو عورت آهي تہ هيٺيون اڌ حصو مڇي. جل پري، سمنڊ کان علاوہ ڪن ڪن درياءُن منجهہ پڻ رهي ٿي. ساڳي وقت هوءَ ڪناري تي بہ رهي سگهي ٿي.

جل پري هڪ خيال جانور آهي يا حقيقت. اهو خاطريءَ سان چئي نہ ٿو سگهجي. پر ايترو ضرور آهي تہ اهو هڪ عام ساهہ وارو ناهي جو جتي ڪٿي نظر اچي يا هر وقت نظر اچي يا سيني کي نظر اچي. صدين کان اهڙا ڪيترائي مثال ملندا جن ۾ ماڻهن کي جل پريون نظر آيون آهن. اهي جل پريون ڪيترن اهڙن اهم ماڻهن کي نظر آيون جن کي ڪوڙو چئي نہ ٿو سگهجي ۽ ان جو رڪارڊ اخبارن ۽ ڪتابن ۾ پڻ آهي پر ساڳي وقت اهو گمان آهي تہ انهن ماڻهن جل پريءَ کي واقعي ڏٺو يا ان بدران پري کان ڪنهن ڊالفن، سيل مڇي يا لڏڙي جهڙي ڪا ٻي ساموندي مخلوق ڏٺي. پر ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ ڪيترن ئي ماڻهن کي پرين جي هجڻ جو يقين پڻ آهي، خاص ڪري يورپ جي اتراهن ملڪن جي ماڻهن کي جنهن ۾ ناروي، سئيڊن، ڊئنمارڪ، آئسلنڊ، اسڪاٽلنڊ جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا.ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن ملڪن ۾ جل پريءَ جي مورت اسڪولن ڪاليجن جي مونوگرام ۽ لوگو (نشانيءَ) تي تہ عام آهي پر ويندي ڪيترن ڪليسا گهرن جي دروازن تي پڻ اڪريل نظر اچي ٿي.

هڪ دفعي آمريڪا هئاسين تہ اتي ٽي وي ۽ تي مسٽر مارون نالي، نيويارڪ جي هڪ ڪمپني سيڪريٽريءَ جو انٽرويو آيو هو. هن ويجهڙائيءَ ۾ ڪا جل پري ڏٺي هئي ان بابت پنهنجا تاثر ٻڌائي رهيو هو تہ هو هڪ ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي جاگنگ ڪري رهيو هو تہ ڪيس هڪ ڳاڙهن وارن واري هڪ سهڻي ڇوڪري، پاڻيءَ ۾ زور زور سان تاڦوڙا هڻي ترندي نظر آئي.

"آئون وائڙن وانگر بيهي، ان کي ڏسڻ لڳس تہ اها بنا ڪپڙن جي ڪهڙي ڇوڪري ٿي سگهي ٿي. ايتري ۾ هوءَ اتي بيٺي. منهنجيون تعجب مان اکيون ڦاٽل ئي رهجي ويون، جڏهن مون ڏٺو تہ ڏڙ کان هيٺ، سندس جسم، انسانن وانگر نہ، پر مڇيءَ جي هيٺين ڏڙ جهڙو هو. پاڻيءَ ۾ ٽپي ڏيڻ وقت سندس هيٺيون ڏڙ مٿي اڀو کڄي ويو ۽ مون چٽيءَ طرح ڏٺو تہ اهو مڇيءَ جهڙو هو. مون کي پڪ آهي تہ آئون ڪنهن بہ وهم جو شڪار نہ آهيان ۽ مون هوبهو اهوئي ڪجهہ ڏٺو جيڪو بيان ڪري رهيو آهيان."

مسٽر مارون انٽرويوءَ ۾ ٻڌايو تہ جل پريءَ جي غائب ٿي وڃڻ بعد بہ هو ڪلاڪ ڪن، ان جاءِ کي غور سان ڏسندو رهيو. ان بعد وري جاگنگ ڪندو، اچي گهران نڪتو.

"ڇا توهان کي پڪ آهي تہ اها جل پري هئي؟" ٽي وي ۽ تي انٽرويو وٺندڙ همراهہ مسٽر مارون کان پڇيو.

"ها. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي

سمنڊ ۾ غائب ٿي وڃڻ کان اڳ، هن جون، هڪ ڪن پل لاءِ مون سان اکيون به مليون ۽ آئون پڪ سان چئي سگهان ٿو ته اها جل پري هئي. ايترو ضرورآهي ته هن مون ڏي نهاري ڪا مرڪ نه ڏني جيتوڻيڪ جل پرين (Mermaids) لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو مردن کي ڏسي مرڪنديون آهن."

جل پري هڪ حقيقت آهي يا ڏند ڪٿا (Myth) ،پر اها ضرور ڏندڪٿا آهي ته جل پريون مرد ڏسي مرڪن ٿيون ۽ هنن کي هر وقت هڪ هٿ ۾ آرسي هوندي آهي ته ٻئي هٿ ۾ وارن کي ڦٽي ڏيڻ جو برش.

سورهين صديءَ جي هڪ ملڪ ڳولينڊڙ (Explorer) مسٽر هينري هڊسن پنهنجي ڪتاب ۾، جل پري ڏسڻ جو احوال لکيو آهي، جيڪا 1608ع ۾ سندس ٽولي کي نووا-زيمبلا (zembla-Nova) ٻيٽن وٽ نظر آئي هئي (اهي ٻيٽ آرڪٽڪ سمنڊ ۾ آهن). ان جل پريءَ لاءِ هن ريت لکيو آهي:

"هونءَ اسان جي قدبت جيڏي ٿيندي. سندس چمڙيءَ ڀورو رنگ صاف ۽ ڪير جهڙو اڇو هو ۽ ڊگهي ڪارا وار سندس چاتيءَ تي لڙڪي رهيا هئا. سمنڊ ۾ ٿڌي هٽڻ وقت اسان سندس هيٺيون ڏڙ پڻ چڱيءَ طرح ڏسي ورتو، جيڪو Mackerelمڇيءَ جهڙو هو."

جل پري ڏسڻ جي خبر، انگلنڊ جي "The Time" اخبار ۾ 1809ع ۾ پڻ ڇپي هئي ته اها هڪ اسڪاٽ اسڪول ماسٽر وليم منرو کي نظر آئي هئي. ان بابت ان اسڪول ماسٽر جو بيان ڇپيل آهي ته هن کي هڪ اگهاڙي جل پري وارن کي ڦٽي ڏيندي نظر آئي.

"هوءَ پاڻيءَ کان ٻاهر هڪ پٿر تي چڙهي ويني هئي. سندس هيٺيون ڏڙ مڇيءَ جهڙو هو."

اهڙا اکين ڏٺا احوال گذريل ڪيترين صدين کان، نه فقط آمريڪن ۽ يورپين جا ملندا، پر جپاني ۽ چينين جا پڻ ڪيترائي ٻڌبا. اهي پڻ صدين کان هن ساهواري جي موجودگيءَ ۾ يقين رکن ٿا. 1801ع ۾ هڪ مشهور چيني همراهه لي-ٽنگ (Tung-Li) جو اکين ڏٺو احوال اڄ تائين چيني، صداقت سان ٻڌائين ٿا ته هن هڪ جل پريءَ کي چين جي ڪنهن ڳوٺ جي ڪوهه ۾ وهنجندي ۽ وڻ تي ڪپڙا سڪائيندي ڏٺو.

ان وقت مون کي به ڌيان ۾ نه آيو پر هاڻ هي مضمون لکڻ وقت سوچي رهيو آهيان ته انهن چيني همراهن کان جن لي-ٽنگ جي مٿين، وڻ تي ڪپڙا سڪائڻ واري ڳالهه، بار بار ٻڌائي، پڇان ها ته اهي ڪپڙا ڪهڙا هئا: بلاؤزر،اسڪرٽ، شلوار قميص يا ڪڙتو پجامو ۽ سڪائڻ کان اڳ سرف ۾ ڌوتا هئائين يا اٿ مارڪ صابڻ ۾.

بهرحال جتي هڪ طرف جل پرين جي وجود جي پڪ ناهي، اتي سندن موجودگيءَ بابت پڻ ڪيترائي بيان آهن. هڪ ته بلڪل ويجهڙائيءَ جو آهي جيڪو اخبارن ۽ ريڊين تي ڪيترائي ڏينهن ايندو رهيو. اهو واقعو 1979ع ۾ انڊونيشيا جي بالي ٻيٽ تي رونما ٿيو هو. هڪ انڊونيشي عورت، مڇيون ڦاسائي رهي هئي ته هن کي سامهون، پاڻيءَ مٿان سنهي

گاهه جا ڇڳا نظر آيا، جيڪي جل پريءَ جي ٻاهر نڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ هن جا سونهري وار هئا. ان جل پريءَ جو چنڊ جهڙو سهڻو چهرو ۽ آسماني رنگ جون وڏيون اکيون هيون. سندس مٿئين جسم جي ڪل، تمام نازڪ ۽ لسي هئي ۽ دن کان هيٺ، مڇيءَ جو پڇ هوس جيڪو ڇلرن سان ڀريو پيو هو.

انڊونيشي عورت پنهنجين ٻين ساهيڙين کي اها جل پري ڏيکارڻ لاءِ سڏ ڪيو، پر تيسين هوءَ سمنڊ ۾ غائب ٿي ويئي.

يورپ پاسي جا پراڻا سامونڊي جل پريءَ کي نياڳ جي نشاني سمجهن. سمنڊ تي جهازن کي اوچتا ٿيندڙ نقصان جل پرين پاران سمجهيا ويندا آهن. اڄ بہ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ اوچتو ٻڏي ويل جهازن بابت، سرڪاري طرح اهو لکيو ويندو آهي تہ:

Ship wreck Caused by Mermaid

يعني جهاز کي جل پريءَ ٻوڙيو. جيتوڻيڪ ان جو ڪو ظاهر ظهور ثبوت ناهي. ٻيو تہ ڏهيو پر شيڪسپيئر جي ڊرامي "هينري چوٿين" جو هڪ ڪردار رچرڊ، هڪ هنڌ چوي ٿو:

"آئون ايترا جهازي ٻوڙيندس جو ڪا جل پري بہ ٻوڙي نہ ٿي سگهي."

"I will drown more sailors than the Mermaid can".

۽ ويهين صديءَ جي شاعر وليم بٽلر ييٽس جو پڻ جل پريءَ لاءِ ايترو ئي ڪجهہ خراب رايو آهي جنهن جو اظهار هن پنهنجي مشهور شعر **The Mermaid** ۾ هن ريت ڪيو آهي:

A Mermaid found a swimming lad
Picked him for her own
Pressed her body to his body
Laughed and Plunging down
Forgot in Cruel Happiness
That even loves Drown.

ڪي ڪي جهازي، جتي اٿڻاڻ خطري ۽ نقصان جو باعث جل پريءَ کي سمجهن ٿا، اتي ٻيا هن کي سونهن سوڀيا ۽ پيار جي علامت پڻ سمجهن ٿا. ان ڪري ڪيترا جهونا جهازي (Sailors) پنهنجين ٽنگن، ٻانهن يا ڇاتي تي جل پريءَ جي شڪل (Tatoo) اڪرائي فخر سان هلندا آهن.

بهرحال جل پريءَ کي ڪو خراب سمجهي يا سٺو پر سنڌ جي ادب ۽ ڪلچر ۾ ان کي هڪ مٿاهون ۽ پوتر رتبو حاصل آهي. بقول تاجل بيوس جي جل پري جيئن تہ پاڻيءَ ۾ رهي ٿي ۽ پاڻي پاڪائيءَ جو سرچشمو آهي، ان ڪري هن جو رتبو ڪوهہ قاف جي پريءَ کان مٿاهون ليکيو وڃي ٿو.

☆☆☆

جيئن "ايفل ٽاور" شهر پئرس جي نشاني آهي، آزديءَ جو مسجمو (Statue of Liberty) نيو يارڪ جي نشاني آهي تيئن پتل جي ٺهيل جل پري ڪوپن هيگن جي نشاني آهي.

ڪوپن هيگن ڊئنمارڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ڪوپن هيگن بندرگاهہ ۾ گهڙڻ سان سمنڊ ۾ رکيل هڪ پٿر مٿان

وينل جل پريءَ جو مجسمو گذريل پنجهتر سالن کان سياحن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث رهندو اچي. هن مجسمي (Statue) جا فوٽو ۽ پڪچر ڪاردِ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. هن جي ناهيندڙ ايڊورڊ ارڪسن پنهنجي خواب خيال ۾ به نه سوچيو هو ته پتل مان ناهيل جل پريءَ جي هيءَ مورت اڳتي هلي لڳاتار ڪمائي جو ذريعو بنبي. ارڪسن 1876ع ۾ ڄائو هو ۽ 1960ع ڌاري گذاري ويو.پاڻ هيءَ مورت 1913ع ڌاري ناهي راس ڪيائين ۽ جتي اڄ رکيل آهي اتي رکي ويئي. هر سال هن مجسمي جا ماڊل ۽ ائش ٽري، ڪاردِ، گنجيون، ٽوپيون ،ٽي شرٽون ۽ ٻيون هن جل پريءَ جي فوٽوءَ واريون شيون وڪامن ٿيون. ان مان حڪومت کي ٽي ڪروڙ رپين کن جو فائدو ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ جل پريءَ جو هي مجسمو "سٽي ڪائونسل" جي ملڪيت آهي پر ان جي سووينرن جي وڪري مان ڏهه کن سيڪڙو فائدو ارڪسن جي فئملي ٽرسٽ کي ملي ٿو جنهن مان آرٽسٽ جي چئن پٽن ۽ پوٽن پڙپوٽن- ڪل تيرهن ڄڻن جي سٽي ڪمائي ٿيو وڃي.

ڊئنمارڪ جي هن جل پريءَ جي مشهوريءَ بعد دنيا جي ٻين به ڪيترن ٻُي شهرن پنهنجي شهر جي نشانيءَ کي وڌيڪ اجاگر ۽ نمايان ڪري ٺهرايو آهي، جيئن ته سنگاپور جو مرلان (Merlion) جنهن جو مٿيون اڌ شينهن جو آهي ۽ هيٺيون ڏڙ مڇيءَ جو آهي.مرلائن سنگاپور جي بندرگاهه جي منهن وٽ اچي پٿر جو ٺهيل آهي.

☆☆☆

ملائيشيا ۾ گهٽي ياڳي ملئي ۽ چيني رهن ٿا انڊين- جن ۾ پاڪستان جا پنجابي، پٺاڻ، سنڌي هندو ۽ انڊيا جا گجراتي، سک ۽ تامل اچي وڃن ٿا، اٿي ۾ لوڻ برابر آهن.شهرن ۾ چيني گهڻا آهن، ڳوٺن ۾ ملئي. ملئي سڀ مسلمان آهن، چينين جو ٻڌڌرم سان واسطو آهي. ڪي دهريا ۽ ڪرسچن پڻ آهن.

ڳوٺن ۾ ڪي ڳوٺ چينين جا به آهن، پر انهن ۾ ملئي ماڻهو نظر نه ايندا. ملئي ماڻهن جي ڳوٺ ۾ چيني ۽ چيني ڳوٺن يا پاڙن ۾ ملئي رهڻ پسند نه ٿا ڪن.ان جو وڏو سبب اهو آهي جو چيني غير مسلم آهن.هنن جو ڪلچر ۽ ريتون رسمون پنهنجون آهن. وڏي ڳالهه ته هو سوئر ڪائين ٿا.سوئر کان علاوه چيني ڪتو پڻ پالين، جنهن سان پڻ ملئي ماڻهن کي نفرت آهي. ملئي مسلمانن جي گهر ۾ ته ڇا، گهٽيءَ ۾ به ڪو ڪتو نظر نه ايندو. ملئي ماڻهن جا ڳوٺ توڙي گهر گهٽيون صاف نظر ايندين جو هو اسلام موجب صفائيءَ کي اڌ ايمان سمجهن ٿا. هر ملئي جو گهر ٽورو مٽيرو هوندو ۽ ڪاڪوس ڪمري ۾رسان هجڻ بدران گهر کان ٽورو پري، ڌار ۽ هيٺ ۾رو هوندو. سڄي ڳوٺ ۾ ڪو ڪتو يا ڪليل گٽر نظر نه ايندو. نالين ضرور آهن پر اهي مينهن جي شفاف پاڻي وهڻ لاءِ. ان ڪري ملئي ماڻهو، اسان جا ڳوٺ- يعني اسان پاڪستاني، هندستاني ۽ بنگلاديشي مسلمانن جا ڳوٺ ڏسي، خوش ٿيڻ بدران افسوس ڪن ٿا ته ننڍي کنڊ جا ماڻهو ڪهڙي قسم جا مسلمان آهن جن جي گهرن ٻاهران نالين ۽

اسپتال

☆ اسپتال اها جڳهه آهي، جتي بيڪار ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڇاپي ڦري ويندي آهي.
☆ ڪهڙي نه اسپتال آهي! ٽي وڳي آڏي رات جو اٺاري ننڊ جون گوريون ڏنيون وڃن ٿيون.
☆ مون کي سيني هفتن ۾ ننڊ جون گوريون ڏنيون ويون ۽ پوءِ نوڪدار سُيون هنيون ويون.
☆ آئون ڏاڍو رومانٽڪ آهيان. غلطيءَ ۾ هڪ سهڻي ڇوڪريءَ جي گاڏي ۾ ويٺس ۽ سڌو وڃي اسپتال جي بيڊ تي پيس.
☆ آپريشن جي ٽيبل تي آئون ٿهڪ مٿان ٿهڪ ڏيئي رهيو هئس، ڇو ته منهنجو ڊاڪٽر ڪلندي ڪلندي مون کي ٽاڪا جو هٽي رهيو هو.
☆ گهڻن اسپتالن جا پئسا اوڳاڙي وارا ڪمرا غلط جڳهه تي هوندا آهن. هئڻ ته ائين گهرجي ته اهي بيئڊ جي ڪيشيئر جي آس پاس هجن ها.
☆ ڊاڪٽر! هن مهيني ۾ هي ٽيون دفعو ٽيو آهي جو تو آپريشن خراب ڪيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اهو ته سکي وٺ ته جسم جي اندر کان گهٽو نه ڪٽيندو ڪر.
☆ نرس! آئون ان پرهيزگاري واري ڪاڏي کان بي زار تي پيو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ ڪو ڪائڻ وارو ته ڪاڏو آڻ.
☆ پڪ سان اسپتال جا بل ته ڳرا آهن. پر توهان کي صبح جو ناشتو ته گهٽ ۾ گهٽ بستري تي ملي ٿو.
☆ ڪو به مريض اسپتال ڇڏي وڃي نه ٿو سگهي تان جو اهو ايترو طاقتور ٿي وڃي جو ڪيشيئر جو مقابلو ڪري سگهي.
☆ آئون ڪيئن جنرل اسپتال جلد ڪان جلد پهچي سگهان ٿو؟
- روڊ جي وچ تي هڪ سيڪنڊ بيهڻ سان.
☆ مون کي يقين ئي نه ٿو اچي ته هيءُ اسپتال ۾ آهي. ڪلهه ته مون ان کي هڪ سهڻي عورت سان ڏٺو هو."
- اهو ان جي زال به ڏٺو هو.
☆ مون ته ٻڌو آهي ته تنهنجو مڙس اسپتال ۾ آهي. ڇا مسئلو ٿيو اٿس؟
- اهو ان جو گوڏي جو مسئلو آهي. ڪالهه مون ان تي هڪ عورت کي ويهندي ڏٺو هو.
☆ اسپتال کي ڪيترا بستر اهجڻ گهرجن؟
- گهٽ ۾ گهٽ هر مريض لاءِ هڪ ته هئڻ گهرجي.

موڪليندڙ "انيلا هيسباڻي حيدرآباد"

گهٽين ۾، ماڻهن ۽ ڪتن جا گونهه پيا آهن. گدلا ۽ مريض ڪتا ائين ئي گهٽين ۽ گهرن ۾ پيا اچن وڃن. چڪڻ کان علاوه نالين مان پسايل پيچ لوڏي وتن ڪپڙا پليت ڪندا. ماڻهو تعليم يافته هوندي به اهو نٿا سمجهن ته ڪتي جي زبان توڙي جسم مان بيماريون لڳي سگهجن ٿيون. دنيا جا سڌريل ملڪ ۽ قومون، جيڪي ڪتي جهڙي جانور کان پاسو ڪرڻ جو چتاءُ اڄ ڏين ٿا، ان بابت اڄ کان تيرهن سو سال اڳ اسلام، خبردار ڪري چڪو آهي.

هڪ ملئي پير مرد کي چيم ته توهان جي ڳوٺن ۾ ڪتن جو آزار بنهه ناهي. هر ڪو ٻار ٻچو، زال مڙس توڙي

پوڙهو جوان، بي فڪر ٿي هلي ٿو. ان تي هن مون کي هڪ حديث ٻڌائي.

"هڪ دفعي حضرت جبرائيل عليہ السلام، رسول پاڪ صہ سان هڪ خاص وقت تي ملڻ جو واعدو ڪيو هو پر هو وقت تي نہ آيو جنهن ڪري حضور صہ جن کي پريشاني ٿي تہ حضرت جبرائيل تہ سچار آهي هو ڪيئن ٿو واعدي خلاڦي ڪري سگهي. هن جي نہ اچڻ جو ضرور ڪو سبب هوندو. پاڻ ڏٺائون تہ ڪٿ جي هيٺان هڪ ڪتي جو پونگڙو ويٺو هو. ان کي پوءِ اتاريو ويو ۽ ان جاءِ کي ٻهاري ڏئي صاف ڪري، پاڻيءَ جي ڇڻڪار ڪئي ويئي. ان کان پوءِ حضرت جبرائيل عليہ السلام تشريف فرما ٿيو تہ پاڻ ڪريم صہ جن مقرر وقت تي نہ اچڻ جي شڪايت ڪئي. حضرت جبرائيل عليہ السلام جن عرض ڪيو: يا رسول الله! توهان جي ڪٿ هيٺان ڪتو ويٺو هو ۽ اسين ان گهر ۾ نٿا اچون جنهن ۾ ڪتو يا تصوير هجي."

ملئي ماڻهن وٽ نہ ڪتو نظر ايندو نہ وري گهرن ۾ ڪنهن جانور ماڻهو يا ساهہ واري جي تصوير هوندي. فريمن ۾ قرآن پاڪ جون آيتون ٽنگيل هونديون يا وري گلن جا فوٽا. ملئي ماڻهن جو ننڍو ٻار بہ توهان کي ان جو سبب ٻڌائيندو تہ اسلام ۾ ان جي جَهل ٿيل آهي، ۽ جنهن گهر ۾ ڪتو يا تصوير آهي ان ۾ رحمت جو فرشتو نٿو اچي.

مٿئين پير مرد ملئيءَ وڏيڪ ٻڌايو تہ اسلام ۾ ڪتي پالڻ جي شوق کي ننديو ويو آهي ۽ ڪتو فقط هنن مجبورين/ ضرورتن کان رکڻ جي موڪل آهي:

گهر، ٻني ٻاري يا مال وهٽ جي حفاظت لاءِ يا وري شڪار جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪتو رکي سگهجي ٿو.

پاڪائي، پليتائي جي خيال کان اهو چيو وڃي ٿو تہ ڪتي جي بدن تي جيڪڏهن گندگي لڳل ناهي تہ ان جي ڇهڻ سان ڪپڙا ناپاڪ نہ ٿيندا. باقي ڪتي جي ڇپ نجس بہ آهي تہ زهردار بہ.ان کري جنهن جاءِ تي ڪتي جي ڇپ يا انجي گگ لڳي وڃي تہ ان کي صاف ڪرڻ ضروري آهي.

☆☆☆

ڪتا- جنهن گدلي ۽ رول قسم جا اسان جي ننڍي کنڊ جي ملڪن ۾ نظر اچن ٿا، اهڙا شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ هجن. عرب رياستن ۽ اتر آمريڪا جي مسلمان ملڪن: ليبيا، الجيريا، ٽيونيسيا،موراڪو وغيره ۾ تہ ڪتا ان ڪري نہ آهن جو اسلام ڪري اتي جا ماڻهو انهن کان پاسو ڪن ٿا پر آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ بہ ائين رول ڪتا نظر نہ ايندا. پاليل ڪتا ضرور ڏسڻ ۾ ايندا جن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل پٽيءَ تي ميونسپالٽي طرفان مليل نمبر اڪريل هوندو، جيئن ڪتي کان تڪليف رسڻ جي صورت ۾ ان جي مالڪ جي وٽ پڪڙ ڪئي وڃي. اهي پنهنجن ڪتن کي باقاعدي دوا درمل ۽ سيون هڻائيندا رهن ٿا جيئن انهن مان ڪنهن بہ قسم جي بيماري، عوام کي نہ لڳي. اجايو سجايو پونڪڻ، چڪ هڻڻ ۽ گندگي پکيڙڻ تي تہ وڏيون سزائون آهن.

سنگاپور حڪومت تہ گذريل سال کان ڪتا پالينڙ شهرين کي چتاءُ ڏنو آهي تہ مهرباني ڪري ڪتن کي گهرن ۾

ئي ڪاڪوس ڪرائي پوءِ ڪين واڪ لاءِ وٺي هلو ۽ پاڻ سان پلاسٽڪ جي ٿيلهي ضرور ڪٿو متان وري هو هنگي وجهي. ٻي صورت ۾ هزار ڊالر ڪن ڏنڊ! ڇو جو ڪتن جي ڪاڪوس پيشاب مان بيماريون پڪڙن ٿيون.

پاڪستان ۾ حڪومت طرفان ڪتن جي خاتمي لاءِ اشتهار ته گهڻا ئي اچن ٿا پر انهن جو تعداد ڇڻ اتي جو اتي بيٺو هي. تازو ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ اخبار ۾ خبر آئي ته ڪراچي شهر جي اسپتالن ۾ سڀ کان گهڻا مريض ڇتن ڪتن جا ڇڪيل آهن جن جو روزانو انگ سراسري طور هڪ سؤ کان مٿي آهي.

☆☆☆

ملائيشيا مٿرين اڪيدمي ائين آهي جيئن ڪئبٽ ڪاليج پينٽارو-آبادي ۽ شهر کان پري ٿري. پينٽارو ڳوٺ به ڪاليج کان ٽي چار ميل پري آهي. تيئن اڪيڊمي به ويجهي ڳوٺ ڪئالا سنگائي بارو کان چار ميل ڪن پري آهي. اهڙي ريت ڏهه يارهن ميل پري حيدرآباد وانگر مسجد تاناح شهر آهي پر مسجد تاناح حيدرآباد وانگر وڏو شهر ناهي جو هتي آدمشماري تمام گهٽ آهي. ملاڪا شهر ٿيهه ميل پري آهي.

مسجد تاناح جي بس اسٽاپ وٽ هڪ چيني زال مڙس جي هوٽل آهي. هوٽل چينين جي آهي پر ڪاڏن جا سڀ ڊش ملئي آهن جو بقول انهن جي سندن گهڻي ڪمائي ملئي ماڻهن مان آهي جيڪي ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪارائڻ جا مڙس ماڻهو آهن. ٻيون به ڪيترين ئي چينين جون هوٽلون آهن جن ۾ ملئي ڪاڏا هلن ٿا، ۽ انهن هوٽلن وانگر هنن به رڌ پچاءَ لاءِ ملئي ماڻهو رکيا آهن جيئن ان ڪاڏي کي حلال چئي سگهجي.

ان چيني هوٽل واري جي ماني سستي ۽ سوادي آهي. پاڻ در وٽ ئي بيهي آئي وئي کي ڪيڪار ڪڙي پيو ڪندو آهي. گراهڪن کي ماني ڏيڻ لاءِ هڪ ملئي ڇوڪري ۽ هڪ چيني عورت رکي اٿس. گراهڪن جو تعداد وڏي ويندو آهي ته مڙس پئسن جو دخل ڇڏي پاڻ ماني ڪارائڻ ۾ لڳي ويندو آهي پر جي اجان به گراهڪ وڏي ويندا آهن ته سندس زال پنهنجي سال ڪن جي ٻار کي اسپرنگ ۾ لڙڪيل پينگهه ۾ وجهي، لوڏو ڏيئي، اچي مدد ڪرائيندي آهي.

هتي جي گهڻي ڀاڱي دڪانن توڙي هوٽلن سان گڏ گهر آهن جن جو در پنئين پاسي پڻ ٿئي ٿو. رستي وارو پاسو دڪان ۽ پويون گهر ٿئي. يا هيٺ دڪان مٿي گهر. صبح جو مرد ماڻهو دڪان کولين. پوءِ عورتون گهر ۽ ٻارن جو ڪم لاهي، دڪان ۾ اچي مڙس کي مدد ڪرائين. يا باقي رهيل گهر جو ڪم دڪان ۾ ويهي ڪن. پوءِ ڪا بصر پيئي ڇليندي ته ڪا ڪپڙن ۾ چتيون ۽ ٽانڪا وينئي هڻندي. جيئن ئي ڪو گراهڪ دڪان ۾ گهڙندو ته ڀاڄي بصر ڪٽڻ ڇڏي هن جي مدد ڪندي. پوءِ جي ڪو ڄاڻ سڃاڻ وار آهي ته ڀاڄيءَ مان هٿ ڪڍي، يا ٻار کي تج ڏيڻ بند ڪري رڙ ڪري چوندس ته مکڻ جي چڪي فريزر مان ڪڍي ڏيڍ ڊالر مٿان رکي وڃ. يا ڪپڙي جو دڪان آهي ته چوندس گز ڪنڊ ۾ پيو اٿئي. گهربل چار وال ماپي پئسا ٽيبل تي رکي وڃ.

"ڪلا پئسا ڪو نہ آهن. صبح سان ڪٽان آٽيان؟"

"تہ پوءِ ڀاڄي مارڪيٽ مان ٿي اچي تو ڏيانءِ." گراهڪ چوندو.

"ڀاڄي تو وٺڻ وڃين؟" دڪاندار مائي پڇنديس.

"نہ مڇي وٺڻ جو ارادو اٿم."

"سٺي هجي تہ منهنجي لاءِ بہ اڌ ڪلو وٺيو اچجانءِ"

ڪنهن چيني دڪاندار کي پوڙهي ماءُ آهي تہ اهو خوش نصيب ٿيو، جو پوڙهيون چينياڻيون پنهنجي پيري پٽ پاراتا ڏيڻ يا اوڙي پاڙي جي ڳلا غيبت ۾ وڃائڻ بدران اهو رٽائرمينٽ جو زمانو دڪانن تي ئي گذارين. واپار وڙي ۾ نئين ٿهيءَ کان بہ هوشيار ٿين.

"ماسي استرابيري جئم گهٽي جي؟"

"ستن ڊالرن جي."

"مون وٽ تہ پنج ڊالر وجي بچيا آهن."

"مڙيئي خير آهي. باقي بہ ڊالر سياڻ ڏجانءِ يا پهرين تاريخ پڳهار ملڻ تي."

"ڇڳو ماسي لکي ڇڏ."

"نہ ابا. الله وڏي حياتي ڏيندءِ."

هاڻ ڏي منهن. ڇڻ توهان مرو تا ۽ توهان کي شل وڏي حياتي ملي ۽ هوءَ پنجهتر ڇاهتر ورهيہ جي پوڙهي هميشہ جيئري ئي رهندي.

سڄي ملائيشيا جي آدمشماري گهٽ آهي ۽ هر ڳوٺ، گهٽيءَ ۾ هر ڪو هڪ ٻئي کي سڃاڻي. پهرين مهيني ڏيڍ ۾ ئي اسان کي ڪئالا سنگائي بارو ڳوٺ ۾ تہ ڇا پر ۾ واري شهر مسجد تاناح جا دڪاندار، پيٽرول پمپ ۽ هوٽلن وارا، بئنڪ ۽ پوسٽ آفيس وارا، اسپتالن، ميوي بازار وارا سڃاڻڻ لڳا. اسان کي هنن تي تعجب لڳندو هو تہ ڪيئن سڃاڻڻ تا ۽ هاڻ اسان کي پنهنجو پاڻ تي اچرج لڳي ٿو تہ اٿن نون مهينن بعد اسان بہ هڪ هڪ کي ايترو سڃاڻڻ لڳا آهيون جو مسجد تاناح ۽ ڪئالا سنگائي باروءَ ۾ ڪو نئون ماڻهو اچي ٿو تہ اسان کي بہ خبر پئجيو وڃي. ايتري واقفيت تہ شايد پنهنجي ڳوٺ ۾ بہ نہ هجي.

مسجد تاناح جي پوليس اسٽيشن جي سامهون سيڏي جو دڪان "ڪيدائي ڪم چانگ (Kedai Kam Chong) آهي. ملئي زبان ۾ دڪان کي ڪيدائي چئجي ٿو. يعني ڪرچانگ چينيءَ جو دڪان. ۾ وارو دڪان. اسان جي اڪيدمي جي انگريزي جي ليڪچرر ڏنيش ڪمار بابو لال جي پاءُ جو آهي. هو هندو گجراتي آهي. سندن دڪان ۾ فرنيچر، غلم، پلاسٽڪ جا تڏا، مصلا ۽ ٽوال چادرون وڪامن، سندس زال، ويجهڙائيءَ ۾ انڊين فلمن جا ڪئسٽ پڻ رکڻ شروع ڪيا آهن. ٻئي پاسي چيني فوٽوگرافر جو دڪان آهي. ڪجهہ ڏينهن کان ان دڪان ۾ وارن ناهڻ جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو آهي. رستي تي ئي گاڏي بيهاري هارن ڏبو آهي تہ فوٽو گرافر پاڻ يا سندس زال فوٽن جون لفافو ڪڍي، ڊوڙ پائي ڏيئي ويندي. ڇا جي رسيد ڇا جو ان وقت ئي پئسا ڏي.

"فوٽو گرافيءَ سان گڏ باربر شاپ خير ۾ ڪڍيو اٿئي؟" هڪ ڏينهن مون پڇيومانس.

"اسان کو نہ ڪڍيو آهي. منهنجي

پيڻ پينانگ ۾ رهي ٿي ان جي ڏيءَ هن سال گرئجيوئيشن ڪئي آهي ۽ هاڻ هتي حجامڪو ڪر ڪري ٿي."

"ملائيشيا اهڙو ملڪ آهي جتي ٿوري پڙهيل کي به نوڪري مليو وڃي پر هن نوڪريءَ بدران ڌنڌي کي ترجيح ڏني آهي.؟"

"اسان سڀ چيني ڌنڌي ۽ واپار ۾ فائدو ڏسون ٿا." فوٽو گرافر وراڻيو.

"پر سڄي ڏينهن ۾ مون کي ته هڪ يا ٻه گراهڪ مس ٿا نظر اچن." مون چيومانس.

"ان جو مدار هن جي ڪم تي آهي. سني طرح وار ناهيندي ته هڪ بدران ٽي سؤ سمجهه."

"اهو ڪيئن.؟" مون پڇيومانس.

اهو گراهڪ وري وري پيو ايندو. سال ۾ ڏهه دفعا آيو ته سندس باقي عمر جيڪا وڌيڪ ٽيهه سال به ٿي ته ٽي سؤ دفعا ٿيو."

"چيني واقعي سياڻا آهيو." مون اعتراف ڪيو.

"اسان جي جياپي جو راز محنت ئي آهي." هن وراڻيو.

پوڙهي چيني ڪر چانگ جي پٽ پيٽر جي شاديءَ جي خبر ٻڌي ميار ڏنيمانس:

"واهه واهه چاچا! پيٽر جي شاديءَ جي اسان کي دعوت به نه ڏنئه؟"

پوڙهي ڪر چانگ پيٽر کي چڙ مان ڏسندي چيو: "پٽ چا ڪريان. نياڳي اسان کي به نه ٻڌايو. نه ته ڪا چڱي پئسي واري زال ڳولي ڏيانس ها."

پيٽر ڦڪي مرڪ سان ڪيڪاريندي ساگو چانور (صابو داڻا) توريا.

"اڙي پيٽر! ڪنهن سان شادي ڪئي؟" مون پڇيومانس.

سامهون گهر جي در وٽ بيٺل چوڪريءَ ڏي اشارو ڪندي چيائين: "انهيءَ سان."

"اها ته هتي جي ئي آهي. پهرين به توسان ڏٺل آهي. شايد گذريل سال اڪيڊمي جي ڪنهن فنڪشن ۾."

"ها. منهنجي هن سان، ان وقت کان افيئر پئي هليو."

پيٽر ته وري به ٽيو مرد ماڻهو ۽ چيني. گوشت مارڪيٽ جي سامهون، ڪئسٽن جي دڪان واري ملئي چوڪري جميلا بنت حاجي صالح کان پڇيم: "بيلا اواڪ برڪهوان؟" (ڪڏهن ٽي شادي ڪرين؟) ته نهه پهه وراڻيائين: "هن سال جي آخر ڌاري." ڇڻ ڪا ڳالهه ئي نه هجي. ڇا جو شرمائڻ، ڇا جو دل ۾ ڪڙڻ. ڇڻ سڀ پاڻ ۾ مٽ مائٽ هجون. هتي جا ملئي، چيني، انڊين ۽ ڌارين ملڪن کان آيل اسين. مٿيون سوال پڇي پهرين گهبرائجي ضرور ويس ته دڪاندار چوڪري ڇا چوندي ته ڪالهه جو گراهڪ، سو به بيڪار قسم جو، اجايو فري پيو ٿئي. "بيڪار قسم جو" ان ڪري جو فقط آئون ئي هڪ آهيان جيڪو صالحان کان ڪئسٽ خريد ڪرڻ بدران مسواڙ تي وٺندو آهيان. پهرين ڏينهن ئي صالحان کي چيم ته ملئي گانا اجان سمجهه ۾ نٿا اچن. چار ڊالر (ٽيهه رپيا) ڪن ڏيئي ڪئسٽ خريد ڪرڻ بدران مون کي هڪ ڊالر مسواڙ تي.

ٻن ٽن ڏينهن لاءِ ڏيندي ڪر، تہ ان مان پسند جا گانا پنهنجي ڪئسٽ تي ٽيپ ڪري توکي تنهنجو ڪئسٽ موٽائي ڏيانءِ.

اهو ٻڌي ڪيس تعجب ۾ لڳو تہ ڪل ۾ آئي. پر پوءِ راضي ٿي هائوڪار ڪئي هئائين. ڪيس انگريزي ۾ سٺي آئي ٿي. سهڻي ۾ هئي. ملئي ڇوڪريون بين الاقوامي معيار کان سهڻيون نہ آهن. پر هيءَ غريب ڳوٺاڻي مڙيئي اٿي جهڙي پائوڊر جا ٽيپ ٿڦي پنهنجي پر ۾ ڪلوپيٽرا ۽ مونالزا ٿي دڪان تي آئي ٿي. گهڻو اڳتي هلي (شاديءَ کان ڪجهہ ڏينهن پهرين) هڪ ڏينهن مون کان Fair Opin-on ڄرتو هئائين تہ مڙس کي ڪيئن لڳندس.

پاڻ ڪڏهن ڪاري رنگ جو چشمو پڻ پائيندي هئي. زور ڀرڻ تي نيٺ چيومانس ڪچو پائوڊر ڀلي هڻ باقي اهو مائيڪل جئڪسن استائيل چشمو هڻڻ سان ڀولي ٿيو پوين.

مسجد تاناح ۾ ٻيا ۾ ڪيترائي دڪان آهن جن سان پڻ ڄڻ تہ پراڻي ياري دوستي يا مٽي مائٽي هجي. هڪ مصري عرب مهاندو ڪڙين وارو آهي. جيڪو سڄو سال مهنگي اگهہ تي اسان کي ڪڙيون وڪٽي پوءِ مهني کن لاءِ دنيا جي ٻن ٽن ملڪن جو سير ڪري ايندو آهي. ڪڏهن تائيوان، هانگ ڪانگ، تائلنڊ تہ ڪڏهن دبئي، دوحا، مصر. هن سال يورپ جا ٻہ چار ملڪ گهمي، چار پنج هزار ڊالر وڃائي موٽيو آهي. حج ۾ ڪري آيو آهي. مون کان پڇيائين تہ مون حج ڪيو آهي. چيومانس: "دعا ڪر تہ آئون ۾ ڀلي پٽ تان ٿي اچانس."

"ها، ضرور." هن وراڻيو ۽ پوءِ ڪنل ڪڙ کي ڪوسي پاڻيءَ مان ٻوڙي ڪنين لاهڻ واري مشين ۾ وجهي چوڻ لڳو: "It is a nice place" ڄڻ پاڻ حج ڪرڻ ۽ عبادت لاءِ نہ، پر عمارتون ڏسڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ويو هو.

چيو مانس: "ائڪٽر! ملاڪا ۽ ڀروارن ٻين شهرن ۾ ڪڙيون سادي ٽين ڊالرين ڪلو ملن ۽ تون هتي چئن ۾ ٿو ڏين. اهو ڇو؟"

ائڪٽر جو خطاب ٻڌي ائين ٿڙي پوندو آهي جيئن ساندو گاهہ تي ۽ پوءِ پنهنجي ساندي جهڙي منهن کي ساندي جيان سيٽي اندين ائڪٽر راجيش کنا جو ڪو فلمي ڊائلاگ اڌ هندي اڌ ملئي زبان ۾ فرمائيندو آهي پر اگهہ گهٽ ڪرڻ کان آگوٽو. اسان وارو (سندس آگوٽو گهڻو اڳ بي خياليءَ ۾، ڪڙ جو نڙگهٽ ڪپيندي وڌجي ويو هو.)

☆☆☆

هڪ چيني فرنيچر واري جي دڪان تي ويٺو هوس. ڳالهين ڪندي هڪ ملئي همراهہ جو پڇيومانس:

"عبدالجبار بن موسيٰ جو ڪهڙو حال آهي؟"

"خبر ناهي. هفتي ڏيڍ کان نظر نہ پيو اچي." چيني دڪاندار ٻڌايو.

"مون ٻڌو آهي تہ سندس پيءُ بيمار آهي." مون چيو.

"اڄ صبح جو سندس گهر جا ڀاتي مون کان نئون پلنگ ۽ هنڌ وٺي ويا آهن.

لڳي ٿو تہ مرڻ وارو آهي." دڪاندار چيو.

چيني دڪاندار جي اها ڳالهہ ٻڌي مون کي تعجب لڳو تہ موت ۽ نئين ڪٽ بستري جو ڪهڙو لاڳاپو آهي. انوقت، دڪان تي ڪجهہ ٻيا همراهہ بہ وينا هئا ان ڪري ان بابت وڌيڪ پڇي نہ سگهيس. پر جيئن ئي چيني دڪاندار اڪيلو ٿيو تہ ڪانئس اها ڳجهارت پڇيم.

"ملئي جڏهن شادي ڪندو آهي تہ هڪ تہ ان وقت نئون هنڌ بسترو وٺندو آهي"، دڪاندار ٻڌايو، "۽ ٻيو مرڻ وقت. جيئن آيو ويو ڏسي سگهي تہ مري ويل جو اولاد صالح آهي ۽ گهر جي وڏي کي سني نموني سان رکيو اٿس."

بهر حال امير ملئي تہ جنهن وقت چاهين هڪ کان هڪ اوچي ۽ نئي شيءِ وٺي سگهن ٿا. هي غريب ڳوٺاڻن جي ڳالهہ آهي جيڪي ويچارا قرض کڻي بہ اهڙي موقعي تي رسم رواج کي منهن ڏين ٿا، جيئن مرڻ وقت آيل ڪانڌي پراڻو بسترو ڏسي گهر جي پاتين کي نہ ٽوڪين. ٻيو ڪو مائٽ مٽ چوي يا نہ پر چيني ۽ انڊين دڪاندار، جيڪي واپاري ذهنيت جا آهن، اهي هنن غريب ملئي ماڻهن کي چتو ڪن ٿا ۽ موقعي ملڻ تي سندس اولاد کي ٽوڪون هڻن ٿا تہ شاباس هجانوَ، پيءُ کي آخري ڏينهن ۾ بہ ڪنهن سني هنڌ تي سمهڻ نہ ڏنانوَ. پئسو ڏوڪڙ نہ هنئاوَ تہ اوڏر تي ئي کڻي اسان کان نئون هنڌ بسترو وٺو ها.

۽ پوءِ اهڙيون ٽوڪون، هتي جا ملئي ماڻهو برداشت ڪري نہ ٿا سگهن، جيڪي طبيعت ۾ حساس ۽ لڄارا آهن. بلڪ سندن ان سادي طبيعت مان ملائيشيا جو دڪاندار طبقو فائدو وٺي ٿو.

ڪو ملئي موٽرسائيڪل وٺندو تہ چيني دڪاندار ۽ مستري ورائي ويندس تہ سائين وٺو تہ ڪا ڪار وٺو پوءِ سڪينڊ هئنڊ ئي سهي. توهان جهڙو مڙس ملوڪ ڪو موٽر سائيڪل تي موچارو لڳي ٿو؟

ٻڌي ٻڌي نيٺ ملئي ويچارو، قرض کڻي، سيڪنڊ هئنڊ ڪار انهن دڪاندار چينين کان وٺندو. اڃان مهينو بہ بہ مس هلائيندو تہ نئين ڪارن جا دڪاندار ڪڍ لڳندس:

"سائين جڏهن قرض کڻي ڪار ورتي اٿانوَ تہ پوءِ بہ چار وڌيڪ ڏوڪڙ قرض کڻي نئين ڪار ڇو نٿا وٺو. جتي پراڻي ڪار جو قرض لهي ويندو اتي نئين جو بہ. پر ماڻهو هلائي تہ ڪا شانائتي ڪار هلائي."

☆☆☆

ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ ملايا تي جپانين جي حملي دوران انگريزن جي فوج ۾ ملئي ۽ چينين کان علاوه نندي کنڊ جا ڪيترائي پنجابي مسلمان، سک، گورکا ۽ تامل پڻ هئا. تن ڏينهن ۾ گڏيل هندستان (پاڪستان اڃان نہ ٿيو هو)، سلون، برما، سنگاپور، ملايا، بورنيو وغيره تي انگريزن جو راڄ هو. هنن کي جنهن ملڪ ۾ ماڻهن جي ضرورت پوندي هئي تہ اسان مان وني ايندا هئا. جو اهي مڙيئي ملڪ سندن ڪالونيون (بينڪون) هيون. سنگاپور ۽ ملايا ۾ فوج جي ضرورت پيئي ٿي تہ پنجاب ۽ سرحد جا ماڻهو گهرائي ورتائون ٿي. پوک ۽ ريل جي ڪم لاءِ ملئي ماڻهن جي ڪوٽ ٿي تہ انديا جي ويجهي صوبي

تامل نادو ۽ ڪيرالا جا ماڻهو گهرائي ورتائون ٿي.اهي ماڻهو انگريزن جي هڪڙي ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏي، بنا ويزا پاسپورٽ آيا ويا ٿي. رٿائرڊ ٿيڻ بعد انهن جي مرضيءَ تي ڇڏيل هو ته ملايا ۾ ئي رهن يا پنهنجي وطن لاهور، امرتسر، مدراس هليا وڃن.

ڏکڻ هندستان جا ته ڪيترائي ملايا ۾ ئي رهي پيا ۽ اڄ تائين سندن اولاد رهندو اچي. جيڪي موٽي ويا انهن جو به هزارن ۾ تعداد آهي. ٻي جنگ کانپوءِ آهستي آهستي انگريزن جي قبضي ۾ آيل ملڪن کي آزادي ملڻ شروع ٿي. پاڪستان، هندستان، سريلنڪا، برما وغيره وغيره، ۽ پوءِ ملايا به آزاد ٿيو. ڪجهه سالن بعد سنگاپور ٻيٽ، ملايا کان ڌار ٿي آزاد ملڪ ٿيو ۽ ملايا مان بورنيو ٻيٽ جون به رياستون: صباح ۽ سراواڪ ملي نئون ملڪ "ملائيشيا" ٺاهيو. انگريز هليا ويا. ملڪن جون جاگرافي حدون نيون ٿي ويون پر انگريزن جي ڏينهن جي رٿائرڊ ٿيل ماڻهن کي، انگريز دور وانگر، نوان ملڪ، پينشن جا پئسا گهر تائين پهچائيندا رهيا. ملائيشيا ۾ رهندڙن کي ملائيشيا ۾ ۽ جيڪي انڊيا هليا ويا هئا انهن کي انڊيا، سندن ڳوٺن ۾.

هر سال، ملائيشيا گورنمنٽ جا لکين ڊالر انهن رٿائرڊ آفيسرن ڏي اڄ به انڊيا وڃن ٿا ۽ اصولي طرح جيسين هو جيئرا آهن کين پينشن ملڻ کپي.

ڪيترن ملئي دوستن اهو ٻڌايو ته اهي ماڻهو مري وڃڻ کان پوءِ به سندن وارث، ان جو اطلاع نه ٿا ڪن ۽ پينشن جا پئسا وٺندا رهن ٿا.

"اهو ڀلا ڪيئن؟" مون پڇيومانس.

"مري ويل جي صحيح پڇائي ڇڏي اٿن ۽ جيئن ئي پينشن جو مني آرڊر پهچي ٿو ته مئل جي هوبهو صحيح ڪئي وڃي ٿي. پر ان زماني جا ڪيترا تامل سپاهي ۽ ريلوي جا ورڪر اڻ پڙهيل هئا.جيڪي صحيح بدران آڱوٺو هڻندا هئا."

"پوءِ ڀلا انهن جي پاران هاڻ آڱوٺو ڪير هڻي؟" مون تعجب مان پڇيو. ڇو جو هر ماڻهوءَ جي هٿ جا ليڪا ٻئي کان جدا ٿين ٿا.

"سندن اولاد (وارثن) مري ويل جو آڱوٺو ڪپي رکيو آهي. ٽپالي جيئن ئي منی آرڊر آڻي ٿو ته اهو ڪپيل آڱوٺو هڻي پئسا اوڳاڙين ٿا. ٽپاليءَ جو وات بند رکڻ لاءِ هر مهيني هن کي به ڏهه پنڌرهن رپيا مليو وڃن."

☆☆☆

هن پاسي، يعني ملائيشيا، سنگاپور، انڊونيشيا پاسي، اڄڻ سان هڪ قوم سان واسطو پوي ٿو جنهن کي توهان وياج خور، پئسي جا واپاري، اوڌر ڏيندڙ يا Money Changer چئي سگهو ٿا. ان ۾ گهٽي ڀاڱي تامل نظر ايندا. تامل اهي ماڻهو آهن جن جو واسطو هندستان جي ڏاکڻي صوبي تامل نادو سان آهي. تامل گهڻو ڪري شڪل جا سادا ۽ رنگ جا ڪارا ٿين ٿا (منجهن کي سري ديويون ۽ ريکائون به ٿين ٿيون). تامل هندو به ٿين ته مسلمان به، ته عيسائي به. سندن مادري زبان تامل آهي جيڪا هندستان جي مشهور زبانن مان هڪ آهي. اڄي ڏوتيءَ ۾، هڪ

هٿ ۾ وڏي ڏوپ چٽي، ٻئي ۾ مختلف ملڪن جي نوٽن جي ٽپي جهلي، سنگاپور جي چئنج ايلي (جتان جهازين جو لنگهه ٿئي ٿو)، Cecil Street، عرب اسٽريٽ ۽ سرنگون روڊن تي، ڪوالالمپور جي جالان پتالنگ جايا (گهٽيءَ) ۾ ۽ پينانگ جي عام رستن جي ڪنڊن تي بيٺل نظر ايندا. پاسي کان لنگهندو ٽوئرسٽ ڏي نوٽن وارو هٿ وڌائي پڇندا:

"Hello! Friend! Change Money؟" پئسو مٽائڻو اٿانو؟

ظاهر آهي ڌارئين ملڪ کان آيل ماڻهو پهرين پئسا مٽائڻ جو ڪم ڪري ٿو جيئن پرائي ملڪ ۾ پنهنجو خرچ پڪو هلائي سگهي. بئنڪون ڪڏهن بند آهن ڪڏهن ڪليل. بئنڪن تي وڃي فارم ڀري، پاسپورٽ ڏيکاري پئسا مٽائڻ جي ڪٽرائڻ کان هن کان پئسا مٽائڻ سولو ڪم ٿئي ٿو ۽ دنيا جا ڪيترا ملڪ آهن جن جو ناڻو بئنڪون نه ٿيون وٺن پر مني، چئنجرن کي اهو فخر آهي ته هو افغاني (افغانستان جي سکي) کان زلوتي (پولنڊ جو سکو)، وقت تي پئدا ڪري ڏين ٿا. ان کان علاوه هنن جو اڳهه بئنڪن کان به سٺو رهي ٿو. مثال طور اڄڪلهه سنگاپوري بئنڪن تي چوڏهن سؤ رپيا ڏيڻ تي سنگاپوري هڪ سؤ ڊالر ملن ٿا پر هي ناڻو مٽي ڏيندڙ هلندڙ چلندڙ بئنڪون تيرهن سؤ رپين ۾ هڪ سؤ ڊالر ڏيندا. يعني نفعو ٿورو رکي گراڪ جيتين ٿا. اهڙي طرح هنن جو سالن کان ناڻي جي مٽاسٽا جو ڌنڌو هلندو رهي ٿو. ڪوشش ڪري هي ڪنهن کي دوکو به نٿا ڏين. "ڇو جو اسان جو سڄو ڪم ساک تي هلي ٿو. ان معاملي ۾ اسان جا پنهنجا اخلاقي قانون نهيل آهن ته گراهڪ کان ڪوڙو نوٽ نه وٺجي نه ڏجي. ڇو جو هڪڙو گراهڪ کي ڦرڻ سان سوين گراهڪ بد دل ٿيو وڃن"، سنگاپور جي هڪ مني چئنجر ٻڌايو. پر ڪڏهن ڪڏهن دوکي بازي به ٿيو وڃي. ان ڪري پرديس ۾ هميشه سوچي سمجهي ناڻو مٽائجي ۽ ڏسي وائسي نوٽ وٺجن ۽ ڳڻجن.

حاصل ڪرڻ ۾ سڀ کان ڏکيو ناڻو نيوزيلنڊ جو ڊالر، ڪوريا جو وان، ناروي، ڊئنمارڪ ۽ سئيڊن جا ڪرونا ۽ يوناني ڊراڪما آهي ۽ ٿورو گهٽ ڏکيو تائيوان جو ڊالر ۽ اٽليءَ جو ليرا آهن. ٻي پاسي انگلنڊ جو پائونڊ اسٽرلنگ ۽ جرمنيءَ جو مارڪ سڀ ۾ آسانيءَ سان ملي ٿو. هونءَ مني چئنجر قوم اهڙي آهي جن جي پاڻ ۾ چڱي ٻڌي ۽ ڀائپي آهي. هڪ وٽ ڪنهن ملڪ جو ناڻو نه هوندو، يا گهٽ هوندو ته هو ٻئي کان وٺي به گراهڪ جي ضرورت پوري ڪندو. ڪجهه ملڪ اهڙا آهن جن جو سڪو قيمتي هوندي به مني چئنجر پاڻ وٽ نه ٿا رکن. "ان ڪري جو ان ملڪ جي ناڻي جي ڊماند بلڪل نٿي رهي. جيئن ته سائوٿ آفريڪا جو رئنڊ. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڀليل ڀٽڪيل مسافر ان ملڪ جي نوٽن لاءِ اچيو نڪري نه ته الا الا خير سلا." سنگاپور جي پاڪستاني اسٽريٽ ۾ رهندڙ هڪ بنگالي دڪاندار ٻڌايو. "اهڙن ملڪن جي نوٽن تي فائدو وڏو آهي پر خبر ناهي ڪڏهن ان لاءِ گراهڪ اچي ۽ گهٽو وقت ساڳيو ناڻو سيڙائڻ ۾ نقصان هڪ طرف آهي ته ٻي طرف ان ناڻي جو اڳهه به ڪري

سگهي ٿو."

هن پاسي، ڪنهن زماني ۾ ناٿي جي مٽاسٽا ۽ ناٿي کي وياج تي ڏيندڙ چيٽيار (Chettiars) ايترا ته هئا جو ڪوالالمپور جي رڳو ائمپنگ گهٽي (Le-Ampong-buh) ۾ هڪ سؤ کان مٿي چيٽيار رهيا ٿي ۽ اها گهٽي سڏبي ئي چيٽيار اسٽريٽ هئي پر هاڻي بنهه گهٽجي ويا آهن ۽ گهٽبا وڃن.

تاملن کان علاوه سک، سنڌي، هندو ۽ هاڻ چيني به ناٿي جي مٽاسٽا ڪن ٿا. رستي تي بيهي پئسا بدلائڻ بدران، ان ڪم لاءِ، گذريل ويهن سالن ۾ ڪيترائي دڪان ۽ پيڊيون نهي پيون آهن جن تي چاڪليٽ، بسڪيٽ، سگريٽ، چيغمن سان گڏ غير ملڪي ناٿو بدلائي ڏيڻ جو ڪم پڻ هلي ٿو. پاڪستان ۾ غير ملڪي ناٿي (Foreign Exchange) جي آڻڻ ۽ ڪٽي وڃڻ تان پابندي هٽڻ ڪري هاڻ ڪراچيءَ جي بولٽن مارڪيٽ ۾ ناٿو مٽي ڏيڻ جا پڻ واپاري پئدا ٿي رهيا آهن. اهو ڪم ڪراچيءَ ۾ گهڻو ڪري ميمڻ گجراتي ڪن ٿا. بهرحال سنگاپور ملائيشيا پاسي، ان ڏنڌي تي صديءَ جي شروعات کان تاملن جو قبضو آهي ۽ پئسي جي انهن واپارين کي هتي جا چيني، ملئي، انڊونيشي ۽ ٻيا ماڻهو چيٽيئر (Chettiar) سڏين ٿا، جيڪو شايد تامل لفظ آهي.

اهي چيٽيئر رڳو ناٿي جي مٽاسٽا وارو ڏنڌو نه ڪن پر ناٿي جا ٻيا به ڪيترائي ڏنڌا ڪن. جيئن ته وياج تي پئسا ڏيڻ، انعامي باند وٺي انهن جا نمبر وڪڻڻ وغيره. هنن جي دڪان تي جنهن خاص وڪر جي خريداري ۽ وڪري جو ڪم ٿئي ٿو، اهو "ناٿو" آهي. هنن دڪانن تي فقط هڪ ٽيليفون نظر ايندو، ٻي ٽجوڙي ۽ ٽين ڪاٺ جي ڊيسڪ. اوڏر وٺڻ واري کان چيٽيئر پني تي صحيح وٺي، پوءِ ٽجوڙيءَ مان نوٽ ڪڍي ڏيندو آهي. پهرين مهيني جو وياج ان وقت ئي وٺندو اٿس. پوءِ ڊيسڪ جو ڍڪ کولي، صحيح ٽيل ڪاغذ ان ۾ رکندو آهي. هيءَ ڊيسڪ به هڪ خاص ڪارڊ ۽ ڊيزائن جي ٿئي جيڪا چيٽيئر گهڻو ڪري هندستان مان ٺهرائيندا آهن ان ٽنگن بنا، قد ۾ بندري، ڊيسڪ جي پويان هو پٿر ماري وهندا آهن.

ملائيشيا توڙي سنگاپور ۾، ان ڏنڌي ۾، تاملن بعد ٻيو نمبر گجراتين ۽ سکن جو اچي ٿو. ائين ته سنڌي هندو به ڪنهن زماني ۾ ان ڏنڌي ۾ گهڻو Active هئا. بلڪ هي ڏنڌو جيڪو اڄڪلهه مادرن زماني ۾ "بئنڪنگ ۽ فنانس" جي نالي سان سڏجي ٿو. ان ۾ سنڌي هندن جو وڏو ۽ اهم حصو آهي. خاص ڪري شڪارپورين جو، جن هنڌي سسٽم (اڄ ڪلهه جي Pay -order ۽ ڊرافٽ) کان وٺي اوور ڊرافٽ، گروي رکڻ جا اصول ۽ ٻيا ڏيتي ليتيءَ جا ڪيترائي طريقا ۽ قاعدا قانون ايجاد ڪيا. پر هاڻ هن پاسي (ڏور اوير جي ملڪن ۾) رهندڙ سنڌي هندو سڀ ۾ امير ليکيا وڃن ٿا. هو اهڙن ننڍن ۽ ڪنراڳن وارن ڏنڌن بدران وڏا واپار، هول سيل، شپنگ، انڊسٽري ۽ زمينن ۽ جاين جڳهين جا سودا Real -Estate ۾

وڏيڪ جنبي ويا آهن ۽ بين الاقوامي مشهوريءَ جا مالڪ سڏجن ٿا. موٽواڻي، تان سري ڪشو، پوچواڻي، سيتل، موهن، هري لال، چوٽرمل، واسواڻي وغيره وغيره ملائيشيا،سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جا فقط چند نالا آهن. بهرحال اڄڪلهه سنڌي واپاري ناڻي جي ڏيتي ليتيءَ ۾ ايترو ناهي جيترو تامل، گجراتي يا سک آهي.

ملاڪا، جتي آئون رهان ٿو، ان جي پرواري ڳوٺ ۾ هڪ پنجونجاهه سٺ ڪن سالن جو هڪ گجراتي دڪاندار رهي ٿو. سندس گهر ۽ دڪان گڏ آهي. دڪان ۾ وڪڻڻ لاءِ ڪجهه نه اٿس سواءِ ٿوري گهڻي اسٽيشنريءَ جي. ڪڏهن صبح جو سوير دڪان کولينڊو ڪڏهن ڏهين يارهين، ڪڏهن ته منجهند کان پوءِ، ڪچهريءَ جو شوقين مڙس آهي. هڪ ڏينهن پڇيومانس: "دڪان ۾ وڪڻڻ لاءِ تيار ڪا به اهڙي اهم شيءِ ناهي پوءِ ڪيئن تو ڪمائين؟"

وراڻيائين: "اهو دڪان ته فقط نمونی خاطر ۽ وقت گذارڻ لاءِ آهي. اصل ڌنڌو ناڻي جو اٿم. منهنجا هڪ لک ڪن ڊالر، مختلف ماڻهن وٽ وياج تي ڦرندا رهن ٿا. هڪ سؤ ڊالرن تي مهيني ۾ پنج ڊالر وياج وٺندو آهيان. ڪيترائي ضرورتمند مهيني ٻن لاءِ وٺي ويندا آهن. مڙيئي هڪ لک ڊالرن تي سال ۾ پنجاهه سٺ هزار رپيا مليو وڃن."

"پوءِ پلا ماڻهو اوڏر وٺي واپس ڪن؟" مون ڪانئس پڇيو.

"ها، پر ڪي ڪي ڦهائي به ويندا آهن. هر ڪر گهڻي پاڳي ساک تي هلي ٿو. جيڪي ماڻهو نوان يا اوپرا اچن ٿا، يا اهي ماڻهو جيڪي وهنوار جا سٺا نه آهن، انهن کي بنا ڪنهن شيءِ گروي رکڻ جي پئسو نه ڏيندا آهيون. ڪو نه ڪو سونو ڳهه يا ريڊيو ٿي وي گرويءَ طور رکي پوءِ ڪين پيسا ڏيندا آهيون ۽ پوءِ مقرر وقت اندر پئسو نه ڏيڻ تي سندن اها شيءِ وڪڻي اوڏر پوري ڪندا آهيون."

"پوءِ هو دانهن فرياد نه ڪن؟" پڇيومانس.

"نه، ان ڪري جو پوءِ هو ان کي پنهنجي بيعزتي سمجهن ٿا. مثال طور دوست يارن، مٽن مائٽن تي لئه رکڻ لاءِ ڪو ملئي ڪجهه قرض ڪٽي ٿو. قرض نه ڏيڻ تي سندس گروي ٿيل شيءِ ضبط ڪرڻ تي جي هو ڪجهه ڪچندو ته هرڪو چوندو ته صفا ڪو ڪٽل هئين. اهو ٿوڪ طعنو هتي جو حساس ملئي برداشت نٿو ڪري سگهي. نتيجي طور هو چپ ئي رهي ٿو."

هونءَ هند سنڌ ۽ هتي ملائيشيا سنگاپور ۾، هنن وياج تي رقم ڏيندڙن جون ڪيتريون ئي ظلم واريون ڳالهيون پڻ عام آهن ته ڪيئن هو اڻ پڙهيل ۽ اڻوجهه عورتن کي بنا سمجهائڻ جي قرض ڏيئي سندن سمورو مال ملڪيت هڙپ ڪن ٿا. هنن غريب بيواهن جي مجبوريءَ جو فائدو وٺن ٿا جيڪي اولاد جي دوا درمل يا ڪنهن ٻي ضرورت لاءِ سؤ سوا جيتري معمولي رقم وٺن ٿيون پر ڳرن وياجن ڪري اها رقم هزارن ۾ تبديل ٿيو وڃي ۽ڪين الهه تلهه ڏيئي جان ڇڏائڻي پوي ٿي.

"ٻلا پنج سيڪڙو مهيني تي معنيٰ سٺ سيڪڙو سال جو ٿيو. جيڪو بئنڪن کان تمام گهٽ وياج ٿيو جيڪي فقط پنڌرهن سيڪڙو مس ٿيون وٺن" مٿئين دڪاندار کان مون پڇيو.

"ان ڪري جو ڪيترا دفعا اسان جو مور به نٿو موٽي ۽ اوڌر وٺڻ وارو پڇيو وڃي. هونءَ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته بئنڪن ڪري اسان جي ڏنڌي کي وڏو ڌڪ رسيو آهي پر ان هوندي به ماڻهن کي اسان کان قرض وٺڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي. بئنڪ تان قرض وٺڻ لاءِ ڪاغذي ڪارروائي، شاهدن جو هجڻ ۽ ٻيو گهڻو ڪنڙاڳ آهي. اسان وٽان ڪين چپ چاپ آڏيءَ مانجهيءَ مليو وڃي."

وياج تي پئسا ڏيندڙ ملاڪا جي هڪ سک ٻڌايو:

"هاڻ مون اهو ڏنڌو گهٽائي ڇڏيو آهي. اولادڪي به ان ڏنڌي جي سکيا ڏيڻ بدران ڊاڪٽر انجنيئر ٿيڻ لاءِ اعليٰ تعليم ڏياري رهيو آهيان. پر جيسين هو وڃي روزگار کي لڳن تيسين مهيني ۾ فقط ٽن چئن همراهن کي قرض ڏيان ٿو، جيڪي پراڻا گراهڪ ۽ سڃاڻا آهن."

"ان جو ڪهڙو سبب آهي؟" مون پڇيومانس.

"اهو ئي آهي جو اڄڪلهه اهو Charm رهيو آهي. اڄ کان ٽيهه چاليهه سال اڳ جڏهن مون هي اباڻو ڏنڌو شروع ڪيو هو ته ان وقت آمدرفت جا سنا طريقا ۽ رستا نه هجڻ ڪري، ڪو ٻر واري ڳوٺ ۾ به ورلي ويندو هو، هاڻ جتي ڪٿي پڪا رستا ۽ تکيون ڪارون، لاريون ۽ هوائي جهاز ٿيڻ ڪري صبح جو قرض کڻندڙ منجهند تائين سنگاپور ۽ شام تائين ٽائلنڊ جي ڪنهن ڏورانهن ڳوٺ کان وڃيو نڪري. هاڻ ان لاءِ ڪنهن وٽ دانهون ڪوڪاريون يا ملائيشيا جي ڪهڙي پوليس يا قاضي ان کي جهلي ڪيس هلائيندو."

هن وڌيڪ ٻڌايو: "اڄڪلهه قرض واپس وٺڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. دڪان تي ويهي گراهڪن جو انتظار ۽ انهن سان مٺي ڪُٽَ ڪجي يا ڪلهي تي بوجهڻ رکي قرضين جي لکي وڃڻ جون جايون ڳولجن ۽ ڪانئن وياج سميت مور وصول ڪجي؟"

هن مضمون جي تياريءَ لاءِ پينانگ جي هڪ تاملَ چيتيار سان پڻ ان بابت گفتگو ٿي. هن ٻڌايو:

"ناڻو اوڌر تي ڏيڻ وڏو جوکي جو ڪم آهي، خاص ڪري جيترو گهڻو اوترو وڌيڪ ڊپ ته متان اوڌر وٺندڙ ڪائي نه وڃي. هونءَ وڏي اوڌر لاءِ اسين ڪا نه ڪا شيءِ گروي ضرور رکون ٿا. خاص ڪري ڳهه ڳنو. پر ڪيترا ضرورتمند اهڙا آهن جن وٽ گروي رکڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي. هو سڪي پگهار يا سال تي زمين مان لهندڙ فصل تي ڀاڙين ٿا. هاڻ انهن کي ڪهڙو زور زبردستي ڪجي ته قرض کڻڻ کان اڳ ڪجهه گرويءَ طور رکي وڃو جيئن مور ۽ وياج نه ڀرڻ تي، ۽ مقرر مدو پورو ٿي وڃڻ تي اهو مال پنهنجو ڪيو وڃي.

☆☆☆



قرض جي درخواست

لعل پشپ

موجود دور مواصلات جو تيز رفتار دور آهي. يورپ ۾ سرڪاري ونهوار ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ وسيلي صرف چند گهڙين ۾ سرانجام ڏنو وڃي ته جو ايتري وقت ۾ ٽيڻ تي ڏندين آگريون اچيو وڃن. پر بدقسمتي سان اسان وٽ اهو پراڻو، مئل، ڊنل، تڪائيندڙ، منجهائيندڙ ۽ بيزار ڪن دفتري ونهوار هلي رهيو آهي. اهو اڄ به ساڳيو آهي ته پنجاه سال پهرين به ساڳيو هو، هن سنڌي ڪلاسڪ ڪهاڻي ۾ ان جو ڪجهه حال پيش ڪيل آهي.

سرڪاري دفترن ۾ ڪر ڪيئن ٿئي ٿو، تنهن جو دلچسپ داستان.

ليڪن اڄا تائين شايد هيڊ ڪلارڪ جي نظر هن تي نه پئي هئي. ڇڻ اهو سمورو وقت پيتين سان ڳالهائيندو رهيو هو.

"پليز سر." هن وري نئين سر ڳالهائڻ شروع ڪرڻ چاهيو.

"هڪ منٽ ترس." هيڊ ڪلارڪ ايئن چئي وري فائيل ۾ گم ٿي ويو. "ضروري ڪيس آهي."

هو فيصلو ڪري نه سگهيو ته اهي لفظ هن کي يا (ڪنهن کي به) چيا ويا هئا يا محض هوا ۾ اڇليا ويا هئا. ظاهر هو، ۽ جيڪڏهن هن کي ان ۾ شڪ آهي ته

هوءَ ڇسو آهي، تہ هن کي اجا ترسڻو پوندو. هن چوڻطرف نهاريو، سين کي ڏٺو ۽ جيتوڻيڪ ڪيس پڪ ٿي تہ ڪنهن جو بہ ڏيان هن ڏانهن نہ ويو آهي، هن جي ڳالهايل لفظن کي ٻڌڻ جي تہ دور جي ڳالهہ هئي، تنهن هوندي بہ ان نسبت هو نرنئہ نہ ڪري سگهيو تہ سين جي يا سين مان ڪن جي نظر مٿس هئي يا نہ. ۽ هن جي ان پڪ جي ڪاٿ کي اهو انرنئہ جو ڪيڙو ڪائيندو رهيو.

وقت جو هوش هن کي نہ رهيو هو، هن کي لڳو تہ جيڪڏهن اهو سمورو وقت ان سر درد ۾ پاڻ کي نہ الجهائي رکي ها تہ سين جو يا سين مان ڪن جو ڏيان مٿس هو يا نہ، تہ هو پڪ ئي پڪ اهو اندازو لڳائي سگهي ها، اگر انهيءَ حالت ۾ چاهي ها تہ، تہ هيڊ ڪلارڪ اڳيان بيهندي ڪيس ڪيترو وقت ٿي ويو آهي.

"اڄ مان سخت بزي(مصروف) آهيان."

هن ٻڌو ۽ چوڻ چاهيو تہ اگر اهو سچ آهي تہ پوءِ صبح جو سڄو سارو ڪلاڪ ڪئنٽيريا جي هڪ ڪنڊ ۾ مسز ديشپانڊي سان چانهہ جون چسڪيون ڪير ڀري رهيو هو ۽ ٽڙيل واچ مان واهيات مسڪراهٽ ڪير وهائي رهيو هو.

ليڪن هن ڪجهہ نہ چيو. هن کي سڌ هئي تہ هو ڪجهہ نہ چوندو. ڪي ڳالهيون فقط ٻڌڻ لاءِ ٿينديون آهن ۽ سوچڻ لاءِ. ائين بہ ڀلا هو هيڊ ڪلارڪ کي ٻڌائي ڪيئن ٿي سگهيو، انهيءَ ۾ ڪلارڪ ۽ هيڊ ڪلارڪ جو فرق نہ آهي، سوال اهو آهي تہ هو پاڻ بہ تہ "آن ڊيوٽي" هو ۽ ڪئنٽيريا جي سڀ کان پهرينءَ ڪنڊ ۾ ويهي هيڊ ڪلارڪ جي واهيات مسڪراهٽ کي هن جي واچ مان وهندو ڏسڻ جاچيائين ٿي، سڄو ڪلاڪ جاچيائين، ان مان صاف ظاهر آهي تہ هو پاڻ هيڊ ڪلارڪ کان اول آيو هو ۽ دير سان نڪتو هو.

"توکي ڪجهہ چوڻو آهي؟"

"مان،پنهنجي درخواست بابت آيو آهيان."

"ڇا جي درخواست؟"

"پراويڊنٽ فنڊ - قرض جي."

"درخواست ڪڏهن ڏني هيئہ؟"

"سر، توهان کي اها تہ سڌ آهي، هفتو اڳ توهان ڇيو هو تہ سپرنٽينڊنٽ جي سٽنڪشن وٺي اڪائونٽس آفيس ڏانهن موڪليندا."

"تہ ڇا اجا نہ موڪلي اٿم!"

"سر، اڪائونٽس آفيس ۾ مان ڪالهہ ويو هوس. انچارج ٻڌايو تہ اهڙي ڪا بہ درخواست هن جي هٿن ۾ ڪو نہ آئي آهي."

"ڊسپيچ ڪلارڪ ڪان ڇاچ ڪرين ها."

"سر، هوءَ مٽرنٽي موڪل تي آهي."

"تہ هن جي جڳهہ تي ٻيو ڪلارڪ هئڻ گهرجي. تون ائين ٿو چوڻ چاهين ڇا تہ ڊسپيچ ڪلارڪ بنا ڪم هلڻ ممڪن آهي!"

"اهو برابر آهي سر، پر سڌ پيئي تہ هوءَ اڄ ڪان موڪل تي ويئي آهي ۽ هن جي جڳهہ تي ٻئي ڪنهن ڪلارڪ کي مقرر ڪرڻ جو اجا آرڊر نہ ڪڍيو ويو آهي!"

"تہ ان کي مان ڇا ٿو ڪري سگهان، ٻڌاءِ؟"

حيراني جي ڳالهه

هڪ ڪهاڻي ڏاڍي مشهور آهي.جيڪا ابو طالب مون کي ٻڌائي هئي. ٿيو ائين جو هڪ ڳوٺ ۾ مون کي ڪنهن شاديءَ ۾ شرڪت لاءِ دعوت نامو مليو. مان اتي ويس. شادي ڏام ڏوم سان ٿي رهي هئي. ڳوٺ جي هڪ ميدان ۾ شادي جو اهو جشن ٿي رهيو هو. ٽن ڏينهن تائين وائيلن ۽ اڪارڊين جون ڌنون گونججي رهيون هيون.ماڻهو جوش ۽ خوشيءَ مان ڳائيندارهيا. ماڻهن موسيقيءَ مان ڏاڍو مزو ورتو ۽ خوب دعوت پڻ ڪاڏي. سڄو ڳوٺ شادي ۾ شريڪ هو. پوڙهن ۽ جوانن ناچ گانن ۾ حصو ورتو.

ٽئين ڏينهن شادي جي انتظام سنڀالينڙن اعلان ڪيو ته هاڻي گهوٽ ۽ ڪنوار به اسان سان گڏ ناچ ڪندا. جيستائين گهوٽ جو سوال هو ته ان کي ته تقريب جي دوران سيني ڏنو هو پر ڪنوار اڃا تائين گهونگهٽ هيٺ ڪيو ويٺي هئي . اها عورت ڪنهن به نه ڏٺي هئي. جڏهن ڪنوار نچڻ شروع ڪيو ته آئون سندس قد بت ڏسي حيرت ۾ پئجي ويس. هو ايتري تلهي هئي جهڙوڪ هاتي.اڳتي اهو به موقعو آيو جو ڪنوار پنهنجو گهونگهٽ مٿي کڻڻ واري هئي. ماڻهن جي دلين ۾ اميد ۽ تجسس جي هڪ لهر ڇانئجي وئي. مان به اتي بيٺس ۽ هڪ سيڪنڊ لاءِ ماڻهن جو ساهه رڪجي ويو هو. آخر گهونگهٽ هٽيو ۽ اهو وقت به آيو جنهن جو سيني کي ٽن ڏينهن کان انتظار هيو. ڪنوار جي هڪ اک ۾موتيو هو ۽ اکين جي هيٺان گهرا ڪارا نشان ۽ ڪڏا هئا. سندس نڪ ٽيڙو ۽ وڏو هو. ائين جيئن منهن تي چنبڙيل هجي...

منهنجو دل ايترو ته ڪٽو ٿي پيو.جو مون ڳائڻ وڄائڻ ۽ ڪاڏو به ڇڏي ڏنو ۽ اتي شادي جي محفل مان پنهنجي ڳوٺ واپس آيس.

شاهد اڪرم ڳهوٽڪي

"سر، توهان هفتو اڳ انجام ڪيو هو ته توهان ڏسندا ته هفتي اندر مون کي قرض ملي رهيو آهي. توهان کي سڌ آهي ته منهنجي حالت ... منهنجو ڪيس بلڪل جينين آهي.."

"ائڊمنسٽريشن جو انهيءَ ڳالهه سان واسطو ناهي ته تنهنجو ڪيس جينين آهي يا نه. مکيه ڳالهه آهي گهربل فارم ۾ري تنهن سان گڏ سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو ويو آهي يا نه، تنهنجي حالت ۾ ...."

"ها. سر، مون گهربل فارم ۾ري تنهن سان گڏ پنهنجي فئملي ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو آهي ته منهنجي زال هن جي زير علاج آهي ۽ هن جي ڏنل دوائن وغيره جو بل اسان کي ۾رٿو آهي."

هيڊ ڪلارڪ چيس، "چڱو ته تون ٿورو وقت ترسي اچ ته تيسين مان هن فائيل مان فارغ ٿي وٺان."

هن چوڻ چاهيو ته :"سر، هفتو اڳ به توهان.."

ليڪن هن ڪجهه نه چيو. هن کي سڌ هئي ته هو ڪجهه نه چوندو. ڪي

ڳالهيون فقط ٻڌڻ لاءِ ٿينديون آهن. ۽ سوچڻ لاءِ.

جيتوڻيڪ ڪي گهڙيون ايئنديون آهن ،جن ۾ هو سوچيندو آهي، پوئين ڳالهه بہ غير ضروري آهي. سوچڻ. غير ضروري. بي معنيٰ.

هو اتان هٽي ٻاهر نڪتو. وقت پاس ڪرڻو پوندو. ڪيترو؟ ٿورو. ليڪن اهو "ٿورو" نہ معلوم ڪيترو ٿيندو آهي هر چوندڙ الڳ الڳ. پنهنجو پنهنجو حساب رکي ماپيندو آهي ۽ مزو اهو آهي تہ هن کي بہ ان جي ماپ جي پوري سڌ نہ هوندي آهي ۽ پوءِ بہ اها شيخي تہ هر لفظ جي، لفظ جي بہ، معنيٰ ٿيندي آهي! "معنيٰ" ڪهڙي لفظ جي ٿيندي آهي؟ غور ڪرڻ سان، گهٽ ۾ گهٽ هن کي لڳندو هو، جيئن هن وقت ان "ٿوري" تي غور ڪيو هو ۽ ڪيس لڳو هو، جيتوڻيڪ هو اهو سڀ پنهنجي مرضيءَ خلاف ڪندو هو، اهو غوڙ ٻوڙ ڪرڻ هن کي بيڪار ڳالهه لڳندي هئي. اصل ۾ ڪيس لڳندو ڪجهه نہ هو،تہ هر لفظ بي معنيٰ آهي. معنيٰ لفظ سڌو. ليڪن اسان ڏسندا نہ آهيون. روزمره جي جيئي جيون طرف اسان ايترو ايماندار آهيون جو انهيءَ اونداهين سچ طرف بي ايمان بڻجي ويا آهيون.

هو، جتي نہ وڃڻو هوس، اتي بہ ويو، تہ جيئن هيڊ ڪلارڪ جو اهو "ٿورو" پورو ٿئي. ويلر وٽ بيهي هو سيني تازين اخبارن جا وڏا سرا پڙهي ويو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه هن کي اڻ وڻندڙ، وقتي اڀٽا ڏيارائڻ جي حد تائين، لڳندي هئي. انهن خبرن ۽ آفيس جي فائيلن ۾ نہ معلوم ڪٿي، نہ معلوم ڪهڙي هن کي هڪجهڙائي محسوس ٿيندي هئي.

هو جتي ڪٿي ويو ۽ هر هنڌ بيٺو، ان مان هن يقين ڪرڻ چاهيو تہ ڪافي وقت گذري ويو هوندو ۽ هيڊ ڪلارڪ جو اهو "ٿورو" ڪڏهن جو پورو ٿي ويو هوندو. پڪ ڪرڻ لاءِ جڏهن (هن پوءِ پاڻ کي روڪيو هو ۽ هن اهو سمورو وقت ڇاٽي واٽي پليٽفارم تي لڳل راڪاسي گهڙيال طرف نہ نهاريو هو، شايد ان ڊپ کان تہ پنهنجو اهو يقين تہ وقت ڪافي چست رفتار سان اڳتي وڌي رهيو آهي، هو وڃائي نہ وهي ۽ پنهنجي ان يقين ۾ هن ڏار وجهڻ نہ ٿي چاهيو) هن انهيءَ راڪاسي گهڙيال طرف نهاريو (ان جي ٻن ڊگهن ڊگهن ڪانٽن جي هو هميشہ هيڊ ڪلارڪ جي ٻن شارٽ ٽنگن سان پيٽ ڪندو هو!) تہ هو اندر ۾ سڄو خالي ٿي آيو.فقط ڏهہ منٽ گذريا هئا!

وقت فقط ڪئنٽريا ۾ ئي گذرندو آهي. ان کان ٻاهر صرف چرندو آهي. غلطي هن جي هئي، هن سوچيو، جو هو سڌو ڪئنٽريا ۾ ڪو نہ ويو.

ڪافي پيڙ هوندي بہ هڪ ڪنڊ ڪئنٽريا ۾ هن کي ملي وئي. هن ڇاٽي ٻجهي ڪافيءَ جو آرڊر دير سان ڏنو. جڏهن ڏنو ۽ ڪافي آئي تہ هن ڇاٽي ٻجهي ننڍڙيون چسڪيون، وچ جون وقت جون وٿيون دوا جي طرح کان وڏيون وجهي، پرڻ لڳو.

اهو سڄو وقت هو پاڻ کي ان سوچ کان الڳ نہ ڪري سگهيو تہ درخواست سان گڏ ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ هن چڱيءَ

طرح چٽڪايو هو يا نہ، ڪٿي ٽاچني، جيتوڻيڪ هن چڱي طرح ٽنبي هئي، ڪري تہ نہ پئي. ڇو تہ ان حالت ۾ هن کي وري نئين سر انهيءَ ذليل قرض جي سر انجامي ڪرڻي پوندي. هونئن بہ (ڳويا اها ٽاچني ڪري پئي هئي ۽ ڪري هن جي ديهہ ۾ ٽنبجي وئي هئي) اها ڳالهہ اڻ ٽيٽي تہ نہ هئي. ڪيترا پيرا ڪيترن کي ان ننڍڙيءَ ٽاچنيءَ هيٺ مٿي ڪرايو هو. تازو مثال ڪپور جو آهي. ويچاري پنهنجي شاديءَ لاءِ قرض جي درخواست ڪئي هئي. مهيني کانپوءِ هن کي آفيشل ليٽر مليو، جڏهن شاديءَ ۾ باقي ڇهہ ڏينهن وڃي بچيا هيس، تہ تنهنجي درخواست واپس موڪلجي ٿي. گهربل سرٽيفڪيٽ سان اها وري پيش ڪر.

ڪپور بہ پڪو اڏت مار ثابت ٿيو. پڙهيل جاسوسي ناولن هن جي مدد ڪئي. هن وڏي آفيسر جي ٻاهران رڙو رڙ مچائي،اگر مون سرٽيفڪيٽ اٽيچ نہ ڪيا تہ پوءِ درخواست فارم جي ڪنڊ وٽ ٽاچنيءَ جا بہ ننڍا ٽنگ ڪٽان آيا؟

نتيجي ۾ هيڊ ڪلارڪ کي حڪم مليو، هڪدم جاچ ڪر، سرٽفيڪيٽ "ٽريس" ڪر، منهنجي (يعني آفيسرجي) ٽيبل تي سرٽفيڪيٽ "سبمٽ" ڪر، سگنيچروٽ:پاڻ اڪائونٽس آفيس ۾ وڃ، روبرو قرض پاس ڪراءِ، مختصر ۾ تہ مسٽر ڪپور کي 24 ڪلاڪن اندر قرض جا پئسا ملڻ گهرجن. آفيسر پنڌيان اهو بہ جوڙيو. هن راتن ڪنٽريءَ ۾ شادي وري نہ ٿيندي آهي (اگر قدرت ساٿ نہ ڏي تہ!) جو ڪنهن جي شادي، قرض جي درخواست هئن...

هن پاڻ کي ڦٽڪاريو تہ هو ڪپور جهڙو سمارٽ ڇو نہ ٿي سگهيو. سو ڪالڊ گنيير ڪتابن بجاءِ هن جاسوسي ناول ڇو نہ پڙهيا ۽ سو ڪالڊ گنيير فلمن بجاءِ (جيڪي پنهنجو پيلو، چٽڙيل، بيمار چهرو نون نون رومانٽڪ گهونگهٽن سان ڍڪي ايندين آهن) هن ڪپور وانگر جيمس باند جون فلمون ڇو نہ ڏٺيون؟

ڪپور جي جڳهہ تي جيڪڏهن هو هجي ها تہ ايترو حوصلو ۽ ايتري دهشت گڏ ڪري سگهي ها؟ هجي ها ڇا، فرض ڪر هاڻ، هتان اٽڻ بعد ۽ آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ سامهون ڪڙو ٿيڻ بعد، ساڻس ساڳي حالت ٿئي ها تہ ڪپور جو مثال قائم ٿيل هوندي بہ هو ايترو حوصلو ۽ ايتري دهشت ڌاري سگهندو؟

شايد.

شڪ آهي.

نہ.

پڪ آهي.

نہ.

اگر، انهيءَ حالت ۾،هو رڙيون ڪرڻ چاهيندو تہ آواز نہ نڪرندس، هٿ لوڏيندو رهجي ويندو، لرزندڙ هٿ. تمام گهڻو ڳالهائڻ چاهيندو تہ خاموش رهجي ويندو، ٻيءَ حالت ۾ انٽ شنٽ ڳالهائي ويندو، تمام تڪڙو تڪڙو، ۽ پوءِ اوچتو روڪجي ويندو، راهہ وڃائي وهندو. جيئن اسپيڊ ۾ دوڙندڙ ٽرين اوچتو پٽرين تان لهي ڊيري ٿي وڃي... يا ڦوڪٽي ۾ گئس تڪڙي تڪڙي پرجندي وڃي ۽ ڦوڪٽو ڦٽندو وڃي، ڦٽندو وڃي، ۽ پوءِ اوچتو ڦس ڪري ڦاٽي پوي... يا...

وڏيڪ ويهڻ هاڻ ناممڪن آهي.
هو اٿيو.

هيڊ ڪلارڪ هن کي ڏسي مشڪيو ۽ جڏهن چيو، "چو ڏاڍي دير لڳايئ؟" تہ هن جو چهرو چمڪيو، ڪي ٽاڻجي آيل ريڪائون ڊليون ٿي، سسجي، چمڙيءَ ۾ جذب ٿي ويون.

"تنهنجي درخواست لڏي آهي."

"اوه، ٿئنڪ يو سر!"

"هاڻ هڪڙو ڪم ڪر."

"يس سر."

"تون ترنت مسٽر گجرال سان گڏج."

"گجرال سان؟ چو سر؟"

"جيئن مان چئي رهيو آهيان، ڪر."

"اوڪي سر."

"هان وٺ، هيءَ پنهنجي درخواست هن وٽ ڪٽي وڃ."

"سر..."

"جيئن چوان ٿو، ڪر. تنهنجي پلاٽيءَ لاءِ آهي."

"درخواست ۾ ڪا غلطي ٿي آهي؟"

"نہ، تنهنجي ڪا غلطي نہ آهي."

"سر، مون کي چڱيءَ طرح ڪولي ٻڌايو، درخواست ۾ ڪنهن جي غلطي آهي ۽ ڪهڙي آهي، اگر ٻئي ڪنهن جي غلطي آهي تہ، ٻئي ڪنهن جي ان ڪري ٿو چوان جو توهان پاڻ چيو تہ غلطي آهي پر منهنجي نہ آهي، پر هاڻ اهو تہ ظاهر آهي تہ ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهنجي نہ ڪنهنجي ڪا نہ ڪا غلطي آهي. اوس، مڪيہ ڳالهہ اهائي آهي، منهنجو مطلب آهي تہ غلطي آهي پوءِ چاهي ڪنهن کان بہ ٿي آهي، پر مان پاڻ تي دوش کڻڻ لاءِ تيار آهيان، پوءِ

چور نہ، تہ چاڪي ئي سهي

ڪنهن ڳوٺ ۾ چوري ٿي، وقت جي قاضيءَ پوليس تي زور رکيو، تہ ڪنهن بہ صورت ۾ چور پيدا ڪيو وڃي. هاڻي پوليس ڇا ڪري! پيرو لڳي تہ پتو پوي! جڏهن پوليس کان سچو ڏوهي ليي نہ سگهيو، تڏهن ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، هڪڙي غريب چاڪيءَ کي گهلي وٺي آيا. قاضي، ان چاڪيءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو. چاڪيءَ کي آيل ڏسي، پوليس ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ:

"چور نہ، تہ چاڪي ئي سهي."

مطلب هيءُ آهي تہ: موقعي مهل تي، ڪم ٽپائڻ ۽ جند ڇڏائڻ لاءِ هڪ جي، ٻي ڪبي آهي، تہ ان وقت اهو پهاڪو استعمال ڪيوويندو آهي.

پل منهنجو ڪو دوش نہ هجي، پر مون کي پئسن جي سخت ضرورت آهي، مان توهان کي اول ئي ٻڌائي چڪو آهيان، منهنجي زال جو علاج، ڊاڪٽر جو چوڻ آهي، اجا جاري رکڻ گهرجي، اجا هن کي وڏيڪ سيون لڳڻ گهرجن... سيون، دوائون، گوريون ٽانڪ.... توهان هفتو اڳ چيو هو..."

هن ايئن چئي منهن بند ڪيو ۽ بيحد پڇتايو. هن کي پهرين ڳالهہ سمجهڻ ڪپندي هئي تہ هيڊ ڪلارڪ يا هن جو گجرال ڇا ٿو چوي. هن دفعي بہ، غلط يا صحيح، هن سمجهيو، سين جون يا سين مان ڪن جون نظرون ڏانهس هيون. ايتري بڪواس ڪرڻ وقت پاڻ کي بيوقوف سڏيندي هن سوچيو، سندس چهرو بلڪل بگڙجي ويو هوندو. هن جي ذهن تي پنهنجو اهو چهرو چڙهي آيو

جنهن کان هن کي حقارت ايندي ۽ تنهن سان گڏ هر ا ں، حقارت ۽ هراس. هڪ دفعي پاٽيءَ جي تلاءِ ۾ هن نوڙي پنهنجو پاڇو ڏٺو هو. انهيءَ ڇهري ۾ ڪاچرپر، ڪاحرڪت، ڪا هلچل نه هئي. بلڪل پاوهيڻ، بي جان، پاٽيءَ تي نه پيل، پٿر ۾ اڪريل، پوءِ اوچتو اهو پاڇو ٽڪرا ٽڪرا ٿي عجيب و غريب نمونن بڪڙجي ويو هو. ڪنهن پاٽيءَ ۾ پٿر اڇلايو هو. ضرورت ڪان وڌيڪ، وسري وڃائي، ڳالهائڻ بعد، يا ائين ڳالهائيندي وچ ۾ اوچتو بند ٿي وڃڻ بعد، هن کي لڳندو هو هن جو اهو چهرو بڻجي ويو هوندو.

مسٽر گجرال، گوري بدن وارو پنجابي، پان چبائي رهيو هو.

"مسٽر گجرال."

"يس مسٽر...، اچ ويهه."

"مونکي مسٽر شيٽ موڪليو آهي."

"ان واٽ ڪنيڪشن؟"

"منهنجي هن درخواست جي باري..."

هن درخواست مسٽر گجرال اڳيان رکندي چيو، "مسٽر شيٽ شايد اوهان سان ان بابت اول ئي ڳالهايو آهي."

"مون کي ڪجهه ياد نٿو اچي. پر تون ٻڌاءِ مان تو لاءِ ڇا تو ڪري سگهان؟"

"مهرباني ڪري گائيڊ ڪريو ته هن درخواست ۾ ڪهڙي غلطي آهي، غلطي آهي ضرور، مسٽر شيٽ مون کي ٻڌايو آهي، جيتوڻيڪ منهنجي ڪا غلطي ڪانهي، مسٽر شيٽ مون کي ٻڌايو آهي، پر پوءِ به غلطي آهي ضرور، خالي اها خبر نٿي پوي ته ان ۾ ڪهڙي غلطي آهي، ۽ ڪنهنجي غلطي آهي."

هو وري سهڪڻ لڳو ۽ ڪيس لڳو ته هو پنهنجي ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهائي نه سگهيو آهي، جيتوڻيڪ سمجهائڻ جهڙو ان ۾ ڪجهه هنر خاص ڪو نه هو، اها ايتري رواجي هئي، پر ڪيس لڳو، ان لاءِ گهربل لفظ وري به هن کي نه ملي سگهيا آهن.

گجرال درخواست ڏيندي چيو، "برابر هن ۾ غلطي آهي."

هن عاجزيءَ سان نهاريو.

"مسٽر شيٽ برابر آهي."

هن ڪجهه به محسوس نه ڪيو.

"هيءَ درخواست نه هلندي."

"مسٽر گجرال..."

"هيءُ فارم رد ڪيو ويو آهي."

"مون کي خبر نه هئي."

"ائڊمنسٽريشن انهيءَ قرض لاءِ نئون فارم ٺهرايو آهي."

"ڪهڙو؟"

"پائي. اهاته مون کي به خبر ڪانهي."

هن هڪدم اتان هلي وڃڻ چاهيو.

گجرال وري چيو، "مون اهو نئون فارم سچ ته ڏنو به ڪونهي. مان خود ڇاڻڻ تو چاهيان ته ڪنهن ان فارم کي ڏنو به آهي!؟ پوءِ به مون کي پڪ آهي ته هن فارم تي درخواست نه هلندي. اڄا ڪالهه موڪليل سڀ درخواستون اڪائونٽس آفيس مان واپس آيون آهن. هر هڪ درخواست جي هيٺان فوٽ نوٽ هنيل آهي ته مهرباني ڪري نون فارمن تي درخواستون موڪليون وڃن."

"ڪو فائدو نه هو." هن سوچيو، ڪو به سوال اٽارڻ مان. هن هڪدم اتان هلي وڃڻ چاهيو.

هاڻ انسان گناهن جي چڪر ۾ دوزخ کان بہ نہ ٿو ڊڄي.

انسان دنيا جي مستين ۽ رنگينن ۾ ايئن پنهنجو پاڻ کي جڪڙي ڇڏيو آهي جو ان مان تميز،اخلاق ،ٻئي جو احساس ۽ رشتن جو تقدس ئي ختم ٿي ويو آهي.هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ نوبل انعام ڪٽيندڙ عظيم رائيٽر اهو سبق ڏنو آهي تہ انسان مان ڪيڏي نہ انسانيت ختم ٿي وئي آهي جو هو هاڻي دوزخ جي بہ پرواه نہ ٿو ڪري ۽ پنهنجن عارضي خوشين ۽ چند وقت جي لذتن ۾ هر وقت گامزن رهڻ چاهي ٿو۽ گهمرائين جي اونهائين غارن کي پنهنجو مسڪن ٺاهي ويٺو آهي.

پارليگرڪوسٽ

دوزخ ڏانهن ويندڙ لفٽ

سنڌيڪار:ڊاڪٽرمنظورميمڻ

1951ع ..... پارليگرڪوسٽ

پارليگرڪوسٽ سويڊن جي ادبي دنيا جي مشهور اديب ورنر وون هيڊن استمر جي دؤر جو مخالف طور تي مڃيل اديب،ڊرامہ نويس ۽ شاعر هو.هي سويڊن جي گوٿ" ويڪسجو" ۾ 1891ع ۾ ڄائو.هن سويڊن جي اپسالا يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران ئي 912 1 ع ۾ پنهنجا ڪيترائي شعرَ۽ هڪ ناول "ماٿهو"نالي ڇپرايو.هي تعليم پوري ڪري يونيورسٽيءَ کي ڇڏي فرانس هليو ويو.جتي هن ڪيوبينءَ نؤويسٽن قومن لاءِ ڪم ڪيو.انهيءَ سياسي جدوجهد جو عڪس سندس لکيل مشهور ڪتاب "the eternal smile" جهڙوڪ. "ڏيڙين ڪهاڻين جي ڪتاب ۾ نظر اچي ٿو.هن سويڊش تاريخ ۾ شاعريءَ ۾ نواڻ آندي .جيئن" t. eliot s" برطانيہ جي شاعريءَ ۾ جدت آندي.هن ناول جي ٽريند ۾ بہ وڏي جدت آندي.هن جو مشهور ناول "barab-bas" دبي دنيا جو شاهڪار آهي ،جنهن ۾ نيڪيءَ ۽ برائيءَ جا مسئلا بيان ڪيا اٿس.هن جا ڪيترائي ناول انگريزيءَ ۾ ترجما ٿي چڪا آهن.هن کي 1951ع ۾

نوبل انعام سان نوازيو ويو. "the sybel" نالي هن جي ناول کي دنيا جي بهترين ناولن مان هڪ ڪري ليکيو وڃجي ٿو.سويڊن ۾ هن کي غير معمولي ڊرامه نويس ڪري ڪوٺيو وڃجي ٿو.

☆☆☆

مسٽر سمٿ لفٽ جو دروازو کوليو ۽ عاشق مزاجيءَ ۽ خوشي اخلاقيءَ سان خوشبو ۾ مهڪندڙ ۽ پشم جا ڪپڙا پهريل سهڻي عورت کي اندر وڃڻ ڏنو. اهي لفٽ ۾ اندر رکيل ڪوچ تي وڃي گڏ وينا.

لفٽ هيٺ هلڻ لڳي.

عورت ۽ مرد هڪ ٻئي سان محبت وندڻ لڳا.

انهن تارن جي روشنيءَ ۾ رات جي مانی ڪاڏي هئي ۽ اهي هاڻي وري سير ۽ تفريح لاءِ ٻاهر وڃي رهيا هئا.

"ڪهڙي نه پياري هئي جاءِ جان من ،" عورت هلڪي آواز ۾ چيو."جهڙوڪ شاعري ۾ رچيل ماحول ۽ ماڻهو چڻ تارن جي زڃ وينل هجي، جتي واقعي محبت ڪري سگهجي ٿي. .تون مون سان محبت ڪرين ٿو يا نه؟"

مسٽر سمٿ موٽ ۾ ورندي ڏيڻ بجاءِ محبت سان سندس چپ چميا.

لفٽ هيٺ هلڻ لڳي.

"اهو ڏاڍو ڀلو ٿيو جو تون مون کي ملين 'وئينءَ، پياري،" سمٿ چيو، "نه ته منهنجو ڏاڍو برو حال ٿئي ها."

"ها، پر، تون اندازو ڪر ته هُو (آروڊ) ڪيڏو نه ناقابل برداشت آهي. جنهن وقت مان تيار ٿي وڃي رهي هيس ته هن مون کان پڇي ورتو ته آئون ڪيڏانهن پئي وڃان." منهنجي مرضي، جيڏانهن وڃان." مون کيس جواب ڏنو." آئون تنهنجي ڪا قيدياڻي ته ناهيان". پوءِ وري چاڻي واڻي اچي منهنجي پير ۾ وينو ۽ مون کي لڳاتار تڪيندو رهيو. جيستائين وڃي مون هيءَ ميٽري رنگ واري پوشاڪ نه پهري ورتي. سمٿ تون ڇا ٿو سمجهين ته هي لباس مون کي نهي ٿي يا نه ؟"

"پياري، توتي هر پوشاڪ نهي ٿي،" سمٿ چيو، "مون، توکي پهرين ڪڏهن اڳ ايڏو سهڻو نه ڏنو آهي، جهڙي ريت تون اڄ شام جو لڳي رهي آهين."

هن پنهنجو ڪوٽ لاٿو ۽ هڪ دفعو پيهر ٻئي ڇڻا هڪ ٻئي ۾ وڃڙڻ لڳا.

لفٽ اڃا هيٺ هلندي رهي.

"۽ پوءِ جڏهن مان بلڪل وڃڻ واري هئس ته هن منهنجو هٿ جهلي ورتو ۽ ان کي ايترو ته زور سان دٻايو جو جان من ....مان توکي ڇا ٻڌايان. مون کي اڃا تائين سور پيو ٿئي. هيءَ به ڪا ڳالهه آهي.هن واتان هڪ لفظ به نه ڪڍيو. ايترو ناسمجهه ۽ بيوقوف آهي اهو! مان اتي هڪ سيڪنڊ به وڌيڪ ترسي نه سگهيس."

"پياري، تنهنجو مڙس آروڊ بلڪل ٻارن وانگي آهي.ناسمجهه." سمٿ چيو.

"حالانڪه آئون ٻاهر به هن جي ڪري نه ٿي نڪري سگهان. جو پنهنجو پاڻ کي ڪجهه وندرائي سگهان. هو هر ڳالهه کي انتهائي سنجيدگيءَ سان وٺندو آهي. تون ان جو اندازو به نه ٿو ڪري سگهين سمٿ. آروڊ ڪا به شئي آرام يا سڪون سان نه ٿو

ڪري سگهي. هن لاءِ تہ هر ڳالهہ ائين آهي ڇڻ هن لاءِ زندگيءَ موت جو سوال هجي."

"ويچارو، سادو، انهيءَ ڪري اڄ تون اتان آئينءَ."

"ها. هن مون کي ڏاڍا ڏک ڏنا آهن. مان ايتري تہ ڏکويل آهيان جو شايد ئي ڪو اهڙو ڏکويل هوندو. پوءِ وري تون ملئين ۽ مون کي سڏ پئي تہ محبت ڇا ٿيندي آهي."

"پياري، منهنجي جان،" سمٿ اهو چئي ڪيس پاڪر ۾ جڪڙي ڇڏيو.

لفٽ اڃا هيٺ هلندي رهي.

"تورو تصور تہ ڪر!،" عورت هن جي پاڪرن مان نڪرندي ساهہ ڪڍندي چيو، "توسان گڏ ويهڻ، آسمان تي ٽمڪندڙ تارن کي تڪڻ، مون لاءِ ڇڻ خواب آهي..... مان پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهہ ڪڏهن بہ نہ وساري سگهندس.... آروڊ بلڪل نارمل ناهي، هميشہ سنجيده سنجيده، اڪڙيل اڪڙيل رهندو آهي. هن کي شاعريءَ سان چڙ آهي. هن کي تہ ٽڪو بہ شاعريءَ سان لڳاءُ ناهي ۽ نہ وري ڪنهن جو احساس اٿس."

"پياري! آئون ڄاڻان ٿو تہ آروڊ ڪيترو ناقابل برداشت ماڻهو آهي،" سمٿ عورت جو هٿ وٺي ڪلندي چيو، "هاڻي مهرباني ڪري آروڊ جو ذڪر ڇڏ..... پاڻ ٻئي ڇڻا سير تفريح ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيون..... تون مون سان محبت ڪرين ٿي يا نہ؟"

"ها، ها، ڇو نہ."

اهي وري هڪ ٻئي سان وچڙڻ لڳا.

لفٽ هيٺ هلندي رهي.

"پاڻ، اڄ ايترو پيار ڪنداسون جو ڪڏهن بہ ايترو نہ ڪيو هوندو." سمٿ عورت جي ڪنن ۾ چيو ۽ سمٿ عورت جا هٿ جهلي انهن کي چمڻ لڳو.

لفٽ هيٺ هلندي رهي. هلندي رهي ۽ هيٺ ٿيندي ويئي.

"هن لفٽ سان مسئلو ڇا آهي؟،" سمٿ چوڻ لڳو. هن جي منهن ۾ ڳاڙهاڻ اچي ويئي هئي، "آخر اها بيهي ڇو نہ ٿي؟، پاڻ ڪافي وقت کان هن ۾ وينا آهيون. ڪافي دير ٿي وئي آهي."

"ها، مان بہ اهو سمجهان ٿي تہ پاڻ واقعي ڪافي عرصي کان هتي وينل آهيون. ڇا خيال آهي؟"

سمٿ ڪوچ کان اٿي ڪري گرل طرف جهاتي پائڻ لڳو. هن کي هيٺ ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. سوائي ٻاڏ اونڌاهيءَ جي. لفٽ هيٺ لهي رهي هئي. اها خوفناڪ اونهائيءَ ۽ اونڌاهہ ۾ هيٺين طرف آهستي آهستي ڪسڪي رهي هئي. سمٿ چوڻ لڳو، "پاڻ ڪافي دير کان هيٺ وڃي رهيا آهيون، خبر ناهي لفٽ ڪيڏانهن پئي وڃي."

هاڻي خوف وڃان ٻئي ڇڻا هيٺ اونڌاهيءَ ۾ ڪڏ طرف اکيون ڦاڙي تڪي رهيا هئا. اها اونڌاهہ ڏامر جي رنگ وانگر ڪاري لسي دار هئي. اهي انهي ۾ اندر ۽ ويتر اندر گهڙي رهيا هئا.

"لڳي ائين ٿو ڇڻ پاڻ دوزخ طرف وڃي رهيا آهيون." سمٿ چيو.

"الله ائين نہ چوءِ.. منهنجا منا." عورت ڇڻ رڙ ڪندي چيو.

عورت ڊپ کان هاٿي هن جي ٻانهن پڪڙي ورتي هئي.

"مون کي ڏاڍو ڊپ پيو لڳي، تون ايمرجنسي بريڪ واري زنجير ڇو نه ٿو ڇڪين؟"

سمٿ يڪدم ايمرجنسي زنجير ڇڪي ورتي، جنهن سان لفٽ جي رفتار ۾ ڪجهه مڙئي فرق پيو ۽ لفٽ هاٿي آهستي آهستي جهٽڪا ڏئي هيٺ وڃي رهي هئي.

"ڪهڙي نه ڀياڪ حالت آهي،" عورت رڙ ڪندي سمٿ کي چيو، "اسان کي هاٿي ڇا ڪرڻ کپي."

ڪجهه به نه. بس اسان کي انتظار ڪرڻو پوندو. ٻيو وري پاڻ ڪري به ڇا ٿا سگهون."

ننڍي قد جي سهڻي عورت ناميدي ۾ جڪڙيل هئي ۽ هاڻ هي باقائدي سان سڏڪا پرڻ لڳي هئي.

"پياري، هيڏانهن ڏس، تون روءُ نه. اسان کي سمجهه کان ڪم وٺڻو پوندو. اسان کي پنهنجي هوش ۽ حواس ۾ رهڻو آهي. اسان هاٿي ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون،" سمٿ عورت کي سمجهائيندي چيو، "هاٿي اڄ ته هلي ڪوچ تي ويهون ۽ انتظار ڪريون. هيءَ لفٽ آخر ته ڪٿي وڃي رڪجندي."

.اهي ٻئي ڄڻا هاٿي ڪوچ تي وڃي ويٺا ۽ بي صبريءَ سان لفٽ جي بيهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.

"بس هاٿي ڪجهه به نه سوچ، جيڪو ٿيڻ وارو هوندو، اهو ڏٺو ويندو." عورت چيو.

سمٿ پيار سان عورت جو هٿ پڪڙي ڇڏيو ۽ عورت کان پڇڻ لڳو، "تون مون سان پيار ڪرين ٿي نه؟"

"ها." عورت چيو ۽ پوءِ اهي وري پيار وندڻ لڳا.

انهن ٻنهي ئي ڄڻن هلندڙ ايندڙ خطري کان بي خبر رهڻ ٿي چاهيو.

نيٺ لفٽ رڪجي ويئي.

ٻاهران ان ۾ ايتري ته چمڪدار، تيز روشني آئي جو هنن جي اکين ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي.

اهي هاٿي دوزخ منجهه هئا.

شيطانن جي اڳواڻ لفٽ جي گرل کي شريفاڻي انداز سان سرڪايو.

"شام بخير" شيطان ڪنڌ جهڪائيندي ڪين سلام ڪندي چيو. هن کي پيرن کان وٺي مٿي تائين مخصوص قسم جي پوشاڪ پهريل هئي. ان منجهان ڪيترائي ڀڄ ٻاهرين طرف کان نڪري رهيا هئا، جيڪي هن جي مٿي جي وارن کان شروع ٿي، پٺي واري ڪرنگهي کان ٿيندا هن جي پيرن ۾ لٽڪي رهيا هئا.

سمٿ ۽ عورت هن کي ڏسي منجهي پيا." اسان ڪٿي پهتا آهيون. خدا جي واسطي اسان کي ٻڌاءِ." انهن حيرانگيءَ سان ڪانئس پڇيو.

اهي ان پراسرار عجيب مخلوق کان خوفزده ٿي ويا هئا.

"هي دوزخ آهي. هي ايتري خراب جڳهه ڪانهي جيترو هن کي سمجهجي ٿو." شيطان ڪين چيو، "مان اميد ٿو ڪريان ته هتي توهان جو خوشگوار ۽ يادگار وقت گذرندو ۽ توهان هتي لطف ماڻي سگهندو. هونئن به فقط هڪ رات

جي تہ ڳالهہ آهي"

"ها، ها واقعي،" سمٿ سرگرميءَ ۽ جوش سان هن جي ها ۾ ها ملائيندي چيو، "اها هڪ ئي رات جي تہ ڳالهہ آهي. اسان هتي گهڻو عرصو ترسي بہ تہ نہ تا سگهون."

عورت هن جي ٻانهن کي جهلي ڏکي رهي هئي.

جڏهن اهي ان نئين پراسرار ماحول ۾ مڙئي ڪجهہ هري ويا تہ انهن پنهنجي چوٽطرف جو جائزو ورتو تہ ڪين ڇاڻ پئي تہ اهي هڪ چوڪ ۾ بيٺا هئا. انهي چوڪ جي چوٽطرف ڪان گهر هئا، جن ۾ اونڌاهي هئي. گهرن جي دروازن تي پڙدا لڳل هئا، جيڪي هيٺ ڇڪيل هئا. جڏهن انهن هڪ گهر جي دروازي جي چير مان اندر ڏنو تہ ڪين اتي برنڊڙ باهہ نظر آئي.

"توهان هڪ ٻئي سان محبت ڪيو تا نہ؟" شيطان هنن کان پڇيو.

"ها، ديوانگيءَ جي حد تائين. اسان هڪ ٻئي کي تمام گهڻو چاهيندا آهيون." هنن جواب ڏنو.

"تہ پوءِ هو آهي توهان جو رستو. منهنجي پنيان اچو." شيطان چيو ۽ هنن کي هٿن جي اشارن سان پويان هلڻ لاءِ چيو.

اهي ٻئي ڇڻا هن جي پويان هلڻ لڳا ۽ اچي ڪري هڪ ڊنل، پراڻي، گريس جي تيل جي داغن سان پريل، هڪ ميري گهر جي دروازي تي وڃي بيٺا، جتي هڪ پراڻو، تتل قتل لالٽين ٽنگيو پيو هو.

"هي آهي اوهان جي رهائش." شيطان ادب سان چيو ۽ انهن لاءِ دروازو کوليو ۽ کسڪي ويو.

اهي اندر گهڙيا. اتي هڪ شيطان عورت، تلهي متاري، قاڙي وانگر، وڏي ڇاتي ۽ واڳٽائي پائونڊر جي پيسٽ کي مڇين جي جڳهہ تي لڳايو وينئي هئي. هن انهن جي آجيان ڪئي. هي سهڪي بہ رهي هئي ۽ ڪلي بہ رهي هئي. هن پنهنجي اکين جي ماڻڪين کي چوڌاري ڦيرائيندي هنن تي نظر وڌي. هن جي نرڙ تي سگ لڳل هئا. هن جا وار ڇڳن جي صورت ۾ هئا، جيڪي ننڍين ننڍين نيري ريشم جي ربنن سان ٻڌل هئا.

"آهہ! سمٿ صاحب ۽ ننڍي عورت آيل آهن ڇا؟" هن چيو، "توهان جو ڪمرو نمبر اٺ آهي." ائين چئي هن ڪين هڪ وڏي ڪنجي ڏني.

اهي هاڻي گريس واري ۽ ڏيمي ڏيمي روشني ۾ ٻڌل ڏاڪڻن تي چڙهڻ لڳا.

ڏاڪڻين ۾ گريس جي ڪري ترڪڻ پيدا ٿي پئي هئي.سندن اهو اٺون نمبر ڪمرو ٻي ماڙ تي هو. سمٿ نيٺ اٺون نمبر ڪمرو ڳولهي ورتو ۽ ان کي ڪنجي سان کوليو ۽ ٻئي اندر گهڙيا.

اهو هڪ نيم اونڌاهو ۽ ڪشادو ڪمرو هو پر ان ۾ صفائي سٿري ٿيل هئي. ان جي وچ ۾هڪ ٽيبل رکيل هئي. جنهن تي هڪ ميرو ڪپڙو پيل هو. پٽ جي لڳو لڳ هڪ ڊبل بيڊ لڳل هو. اهي ٻئي ڏاڍا ٿڪل هئا. اهي ٻئي وڃي بستري تي ويٺا ۽ پاڻ ۾ قربت ڪرڻ لڳا.

اوچتو ڪمري جي پاسي واري در کان ڪو ماڻهو اندر داخل ٿيو. هن کي

بيري واري پوشاڪ پهريل هئي. هن کي ڪوٽ بہ پاتل هو، جنهن جو هڪ حصو ڪٽيل هيو. ڪيس اڇي بشرٽ پاتل هئي، جيڪا ايتري تہ چمڪي رهي هئي جو ڇڻ روشنيءَ جا تجلا ڪڍي رهي هئي.

اهو ماڻهو خاموشيءَ سان هليو پئي. هن جي پيرن جي هلڻ جو بہ آواز نہ پئي آيو. هن جي چرپر مشيني هئي ۽ هو ڇڻ مدهوشي واري حالت ۾ هو. هن جا خدوخال سخت، خاموش، هن جو نظرون سڌيون سامهون واري پٽ طرف هيون. هن ڪنهن ٻئي طرف نہ پئي ڏٺو. هن جي منهن جو رنگ هيڊ وانگي پيلو هو. هن جي نرڙ جي هڪ پاسي ڪان گوليءَ جي زخم جو نشان هو. هن ڪمري کي تيار ڪيو ۽ ڊريسنگ ٽيبل کي اڳهي صاف ڪيو. هن جي هٿ ۾ پيالو هو ۽ ان ۾ برف جا ننڍا ننڍا ٽڪرا پيل هئا.

انهن ٻنهي ڇڻن هن ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو. جنهن وقت هيءُ وڃڻ لڳو تہ سمٿ کيس چيو تہ، "مان سمجهان ٿو تہ اسان کي شراب ڪپي. مهرباني ڪري اسان لاءِ "ميڊيرا شراب" جي بوتل آڻي ڏي"

خدمتگار احترام ۾ ڪنڌ جهڪايو ۽ فورن اتان غائب ٿي ويو.

"سمٿ، هي سڀ جڳهہ آهي. هتي پاڻ اڪيلا آهيون. ڪهڙي نہ پراسرار پر رومينٽڪ جڳهہ آهي. شاعرن جي خوابن جيان مثالي جڳهہ. مان تہ ان جڳهہ کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. هتي ڪيترو نہ سڪون آهي. سمٿ، اڄ تہ پيار ڪريون."

ٻئي ڇڻا پيار وندڻ لڳا.

آڪاڻي باندريءَ ڊولفن مڇيءَ جي

مير بحرن ۾ پراڻو رواج هو، تہ پنهنجي وندر لاءِ، ٻيڙيءَ ۾ ڪو ڪتو يا باندر ڏارينداهئا. هڪڙي مير بحر، ٻيڙيءَ ۾، صحبت لاءِ، هڪ باندر ڪنيو هو. ٻيڙي، جڏهن بلوچستان جي هڪ راس جي سامهون پهتي، تڏهن هڪ ڏاڍي طوفان ۾ اونڌي تي پيئي ۽ جيڪي ڪجهہ ٻيڙيءَ ۾ هو، سو پاڻيءَ ۾ وڃي ڪريو. ٻيڙيءَ ٻڏڻ ڪري، هر ڪو ساهہ وارو، پنهنجي وس آهر، ڪناري تي پهچڻ لاءِ ترڻ لڳو. انهن ۾ اهو باندر بہ هو. هڪڙيءَ ڊلفين مڇيءَ جو باندر کي ايڏو ڪشالو ۽ محنت ڪندو ڏٺو، سو سمجهيائين تہ هيءَ ڪو ماڻهو آهي. ان ڪري، ان جي ڀرسان وڃي، ان کي پٺيءَ تي چاڙهي، ڪناري ڈي ترڻ لڳي. مڇي، جڏهن منهوڙي بندر جي سامهون آئي، تڏهن، ڊلفين باندر کان پڇيو تہ "ڇا تون ڪراچيءَ جو ماڻهو آهين؟" باندر وراڻي ڏني تہ "ها، ڪراچيءَ جي گهراڻي وارن ماڻهن مان هڪڙو آهيان". تڏهن مڇيءَ چيس تہ "تو انهيءَ ڪري منهوڙي کي سڃاتو!" باندر ڀانيو تہ "منهوڙو" ڪڏهن وڏي ماڻهوءَ جو نالو آهي، تنهن ڪري، وراڻي ڏنائين تہ "ها، مان ان کي گهڻو سڃاڻان ۽ هو منهنجي هڪ جيڏن مان آهي." اهڙي پڌري ڪوڙ ۽ ڪپت کان ڪاوڙجي، ڊلفين وني پاڻيءَ ۾ ٽپي ڏني ۽ باندر کي ڇڏيائين تہ پل ٻڏي مري.

خدمتگار هاڻ بنان ڪنهن ڪڙڪي جي ڪمري ۾ آيو. هن هلڪي هلڪي ۽ مشيني انداز ۾ گلاس ۽ شراب جي بوتل ميز تي رکيا ۽ شراب گلاسن ۾ اوتڻ لڳو. ٽيبل جي هلڪي هلڪي روشني سندس منهن تي پئجي رهي هئي. هن ۾ڪا خاص ڳالهه ڪو نه هئي. سواءِ ان جي ته هن جي منهن تي موت جي پيلاڻ هئي ۽ هن جي ساڄي لونڊڙيءَ وٽ گوليءَ جي زخم جو نشان هو.

عورت رڙ ڪندي بستري تان ٽپو ڏنو.

"آهه! اوهه منهنجا خدا، آروڊ تون؟ ڇا اهو تون آهين؟ او منهنجا خدا، تون هت آهين. اوهه منهنجا خدا، هي مري ڇڪو آهي. هن پنهنجو پاڻ کي نرڙ تي گولي هڻي ماري ڇڏيو آهي."

اروڊ اتي بنا حرڪت جي سانت بيٺل رهيو. هي سمٽ کي تڪڻ لڳو.

هن جي منهن ۾ ڪو به ڏک نه هو. سندس منهن سپاٽ، خاموش، حساسن کان عاري ۽ سنجيده سنجيده هو.

"پر آروڊ، تو هي ڇا ڪيو، تو هي ڇا ڪيو! تون اهو ڪيئن ٿو ڪري سگهين؟ منهنجا پيارا، جيڪڏهن مون کي ٿورڙو به شڪ پوي ها ته تون اهڙو قدم ڪٽندين ته مان گهر ۾ ئي ترسي پوان ها پر تو مون کي ڪجهه به نه ٻڌايو هو ۽ نه وري تو ڪڏهن ان جو ذڪر به ڪيو... آهه منهنجا خدا ...."

هن جو سڄو بدن ٿڙڪي رهيو هو. ماڻهوءَ اجنبيءَ وانگي هنن ڏانهن ڏسي رهيو هو. هن جي تڪڻ ۾ بي حسي ۽ لاتعلقي هئي. هن جي نرڙ تي گوليءَ جي زخم مان ڪو به رت نه پئي وهيو. اتي فقط هڪ سوراخ جو نشان هو.

"ڪيڏو نه ڀيانڪ ۽ خوفناڪ منظر آهي!" عورت رڙ ڪندي چيو، "آئون هتي هڪ پل لاءِ به رڪي نه ٿي سگهان. هل ته يڪدم هتان نڪرون. آئون هتي نه ٿي ترسي سگهان."

عورت پنهنجو پاڻ کي سنبهاليو، پنهنجو ٽوپلو، پشم جو ڪوٽ تڙ تڪڙ ۾ ڪنيو ۽ سمٽ جي هٿن کان پڪڙي ڪمري کان ٻاهر ڊوڙ پاتي. اهي گريس وارين ڏاڪڻن تان ٿڙندا، تاپڙجندا هيٺ پهتا، جتي ڪين شيطان عورت بيٺل نظر آئي. جيڪا مرڪي رهي هئي ۽ پنهنجي سڳن وارو ڪنڌ هيٺ مٿي ڪري رهي هئي.

نيٺ هي ٻئي ڇٽا وجي هيٺ گهٽي ۾ پهتا ۽ ساهي پٽڻ لڳا. عورت پنهنجو ٽوپلو پاتو. پنهنجو پاڻ کي درست ڪيو، پنهنجا وار صحيح ڪيا، منهن تي پائوڊر مکيو. سمٽ پنهنجون ٻانهون هن جي چيلهه جي چوڌاري وڪوڙي ڇڏيون ۽ هن جا ڳوڙها اگهڻ لڳو.

اهي هاڻ چوڻڪ طرف وڃي رهيا هئا.

شيطانن جو اڳواڻ لفٽ واري رستي تي بيٺل هو. هن کي ڏسي اهي ٻئي ڇٽا ڏانهس وڌڻ لڳا.

"توهان ايڏو جلدي واپس هليا آيو. اهو ڇو؟" شيطان حيرت ۾ ڪانئن پڇيو، "مان اميد ڪيان ٿو ته توهان اتي سڪون ۽ آرام محسوس ڪيو هوندو ۽ لطف ماڻيو هوندو"

"آهه، اها ته ڀيانڪ جڳهه هئي."

عورت چيو.

"نہ، ائين نہ چئو. توهان ان متعلق ايئن نہ تا چئي سگهو. اڳ واري زماني ۾ دوزخ ۽ اڄ واري دوزخ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. اسان جي پوري ڪوشش آهي تہ هن جاءِ کي وڌ کان وڌ لطف واري بڻايون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هر ماڻهو پنهنجي دوزخ خود تيار ڪندو آهي. ان ڪري ڪيس کا بہ شڪايت نہ ڪرڻ گهرجي. اسان ان سلسلي ۾ ڪجهہ بہ نہ تا ڪري سگهون. اسان صرف هتي جي حالتن کي بهتر کان بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون"

"هائو." سمٽ چيو. "آئون اهو ضرور چوندس تہ اهو اسان جي ٻڌل دوزخ جي تصور کان ڀلو هو . تون صحيح پيو چوين."

"ڏسو." شيطان چيو. " اسان وٽ هي هر ڪا شي نئين زماني جي آهي. هر هڪ شيءِ کي مڪمل طور تي نئين وقت جي گهرجن مطابق نئين سر ترتيب ڏني وئي آهي، جيڪو تمام ضروري آهي."

"ها، ضرور، توهان کي وقت سان گڏوگڏ هلڻ گهرجي."

"گڈ ايوننگ" شيطان ڪنڌ جهڪائي ڪين الوداع ڪندي چيو. هن لفٽ جي گرل کي ڇڪي بند ڪيو ۽ اهي ٻئي ڇڻا هاڻي لفٽ ۾ هئا ۽ لفٽ مٿئين طرف هلڻ لڳي.

"خدا جو لک لک شڪر آهي تہ سڀ ڪجهہ نيڪ گذري وَيو." ٻنهي ڇڻن چيو.

اهي هاڻي آرام محسوس ڪري رهيا هئا ۽ اهي هاڻي لفٽ ۾ پيل ڪوچ تي ويهي پاڻ ۾ پيار وندڻ لڳا.

"جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ مان ڪڏهن بہ اتان نہ نڪري سگهان ها." عورت ڀڙ ڀڙ ڪندي چيو. "تورڙو تصور تہ ڪر، آخر هن (ارود) اهو ڪيو ڇا؟ ڏاڍو عجيب آهي. هميشہ عجيب خيال هن جي من ۾ اچن تا. هن ۾ ڪا بہ صلاحيت ناهي تہ ڪنهن بہ صورتحال سان سامهون ڪري سگهي. منهنجو هن جي گهران هن جي مرضي جي خلاف نڪرڻ هن لاءِ ايئن هوندو اهو هن جي زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو هجي."

"ڏاڍي خرابصورتحال آئس." سمٽ چيو.

"جيڪر مون کي ٻڌائي ها تہ مان اتي ئي ترسي پوان ها. پاڻ وري ٻي ڪنهن شام جو سير ۽ تفريح ڪريون ها."

"ها بلڪل." سمٽ چيو. "پاڻ واقعي ٻئي ڪنهن شام تي سير تفريح لاءِ نڪرون ها."

"هاڻي جان من ، ان معاملي جي باري ۾ وڌيڪ نہ سوچ. هاڻي اهو قصو ختم ٿي چڪو آهي."

"ها صحيح ٿي چوين تون. واقعي اهو قصو ختم ٿي چڪو آهي." سمٽ چيو.

هاڻي وري اهي پاڻ ۾ پيار وندڻ لڳا.

لفٽ مٿي ۽ مٿي هلندي رهي.

☆☆☆

"توکي ڪهڙي قسم جو گهرُ گهرجي تو." اسٽيٽ ايجنٽ (گهرن جي خريدوفروخت يا مسواڙ تي ڏي وٺ ڪرائڻ وارو) مون کان پڇيو. هو مونکي "تو" ڪري ڪڏهن به مخاطب نه ٿئي ها، جيڪڏهن هو مون کي پراڻي، ڊنل سوٽ پاتل نه ڏسي ها.

"مون کي هڪ اهڙو گهر گهرجي

هڪ ماڻهوءَ جو قصو، جنهن کي خود ڪشيءَ ڪرڻ لاءِ هڪ آئيديل جڳهه جي تلاش هئي.

سياڻن جو قول آهي. ته فقط اها اميد ئي هوندي آهي جيڪا انساني زندگيءَ کي جياريندي آهي. جيڪر انسان مان اميد کسي وڃي ته سندس زنده رهڻ مشڪل ٿي پوي. تڪليفون، پريشانيون، مصيبتون ،ڏکيءَ سک هر جيوت سان لاڳو آهن، ڪو به ان مان بچيل ناهي. ڪو گهڻو پريشان آهي ته ڪو گهٽ. عظيم ليکڪ ڪرشن چندر جي لافاني تحرير.

گل جي اڪيلائي

ڪرشن چندر / عرفان ميمڻ

جنهن ۾ ڪمرو ته پلي ڪٿي هڪ هجي، پر ان سان لڳو لڳ غسل خانو هجي، سامهون لان هجي، ڇپر ۾ سائو گاهه پوکيل هجي ۽ گاهه جي پاسن کان گل هجن.گلن جي وچ ۾ اسَ کان بچائيندڙ ڇٽي لڳل هجي ۽ ان ڇٽيءَ جي هيٺ هڪ حسينه گلفام وينل هجي...."

ايجنٽ تصوير مڪمل ڪئي.

"مسٽر، توکي گهرجي تلاش ڪرڻ بجاءِ پنهنجي عقل جي انشورنس ڪرائڻ گهرجي."

"ماڻهو ته سمجهدار پيو لڳي." مون ايجنٽ ڏانهن تعريفي نگاهه سان ڏسندي سوچيو.

ايجنٽ منهنجي ويجهو اچي تمام آهستي چيو، "ڪرايو ڇا ڏيندين؟"

"پنجويهه روپيا."

"پنجويهه روپيا!"ايجنٽ زور سان رڙ ڪئي.

"پنجويهه روپين ۾ ته صرف گاهه ئي اچي سگهي ٿو! گهر نه..."

"مون توکي ٽي روپيا گهر ڏيکارڻ لاءِ ڏنا آهن. توکي اها ڳالهه پئسا وصول ڪرڻ کان پهرئين سوچڻ گهرجي ها. هاڻي فٽافٽ مون کي سڌو هلي گهر ڏيکار."

ايجنٽ ٽن روپين جي رسيءَ سان ٻڌل هڪ گهمندڙ لاٺوءَ وانگر هلڻ لڳو.

مان سوچڻ لڳس،هر ماڻهوءَ جي ڳلي ۾هڪ رسي هوندي آهي.ڪنهن کي ٽن روپئي واري هوندي آهي ته ڪنهن کي ٽن سؤ روپي واري يا ٽن هزار واري يا ٽن لکن واري پر رسي هر هڪ جي ڳلي ۾ هوندي ضرور آهي. هونئن ته مون کي به پنهنجي ڳلي لاءِ رسيءَ جي تلاش هئي، پر روپين واري نه. ڦاسي واري. مون مرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.

هلندي هلندي منهنجي دل مون کان پڇيو، "جڏهن تون مرڻ جو فيصلو به ڪري چڪو آهين ته پوءِ توکي گهر ڳولها ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"تون وچ ۾ نه ڳالهائي." مون پنهنجي دل کي چيو، "تنهنجي ئي ڪري مان ان حالت تي وڃي رسيو آهيان. تنهنجي ڪري ئي مون غلط عورت سان محبت ڪئي. پنهنجي لاءِ غلط ڪاروبار چونڊيو. پنهنجا غلط سلط دوست ڳوليا. سڄي عمر غلط رستي تي هليس.هاڻي تون منهنجي ۽ منهنجي موت جي وچ ۾ ڳالهائيندڙ ڪير ٿيندي آهين."

"مان ڳالهائيندي ڪٿي آهيان؟" دل چيو، "مان عاجزيءَ سان صرف اهو پڇڻ ٿي چاهيان ته آخر تون مرڻ ئي چاهين ٿو ته پوءِ گهر تلاش ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ڇو نه هڪ وڻ کي تلاش ڪيو وڃي يا وري هڪ درياءَ کي،يا ڪا ڊنڊ،يا ڪا ريل گاڏي جو گهمندڙ ٿيٽو،يا ڪنهن زهر جي پڙي..."

"تون ته صفا ڪ پرڪ آهين."مون دل کي چيو، ""اڄ ڏينهن تائين تون مون کي سمجهي نه سگهي آهين. مون جهڙو ماڻهو اهڙي سستي ۽ عام موت ڪيئن مري سگهي ٿو.مان هڪ بهار واري،تازگي واري موت مرڻ چاهيان ٿو. هڪ خوبصورت ڪمرو هجي، ليمپ جي ڏيمي ڏيمي سونهري روشني ۾ منهنجي هٿن ۾ ڇلڪندڙ شراب جو آخري جام هجي، ڇت جي پنکي جي ڪنڊيءَ کان نڪرندڙ

شاديءَ جي پهرين رسم

"اڙي آنٽي، توهين هتي ڪنڊ ۾ ڇو وينا آهيو؟"
"بس، ائين ئي، هيڏو شاديءَ جو گوڙ ۽ مزو لڳو پيو آهي."
"نه، نه، مان نيڪ آهيان."
"اڙي، ريشما، هتي اسين تنهنجي لاءِ ترسيا وينا آهيون." ڪنورماءُ واڪو ڪندي چيو، "ستن سهاڳڻين جا ساٿ سوڙ ٽيٽا آهن. اسين هتي رڳو ڇهه آهيون. اچ، اچ، جلدي اچ!"
"ممي، آنٽي هتي وينٽي آهي، هن کي سڏيو ها نه؟" ريشما چيو.
"هاڻي تون اچي ويئي آهين؟ جلدي اچ."
ريشما ڇهن سهاڳڻين سان وڃي شامل ٿي.
"پر آنٽيءَ کي به ته ڪوٺيو، نه."
ممي، هن کي شوڪيندي چيو، "هاڻي ماٺ ڪر! توکي سهاڳڻين جي مطلب جي سُڌ آهي، نه؟"
"پر ممي، منهنجي شاديءَ مهل به ته آنٽي ساٿ سوڙ ۾ شريڪ ٿي هئي؟ نه؟"
"تنهنجي سمجهه کي ڇا ٿيو آهي؟ ان وقت انڪل هئا، نه!"
ريشما وات تي هٿ رکندي چيو، "اڙي ها! ... پر سوچا ٿيو؟"
"چپ ڪر!... مان گهر هلي سمجهائيندياسانءِ."
"مون کي هتي سمجهاءِ." ريشما ضد ڪندي چيو.
تڏهن ڏاڏيءَ ٻوڪ ڏنو، "مان ٿي توکي سمجهايان... شاديءَ جي ساٿ سوڙن مهل نئين نويليءَ مٿان ڏهاڳڻ جو پاڇو به نه پوڻ گهرجي. اهو اُپسوڻ آهي!"
"اهي سهاڳڻ ڏهاڳڻ ڇا ٿيندين آهن؟" ريشما ڪان زور سان وات مان نڪري ويو، سڀ زالون سهمجي ويون ۽ ان جڳهه ڏانهن نهارڻ لڳيون جتي آنٽي وينٽي هئي.
اها جڳهه خالي هئي!

ريشمي ڏوريءَ ۾ لڏندڙ منهنجو جسم هجي ۽ دريءَ کان ٻاهر هڪ خوبصورت لان هجي. لان ۾ سائو سائو گاهه هجي، گاهه جي ڪناري گل هجن، اس کان ٻچائيندڙ ڇتيءَ جي هيٺ وينل حسين عورت هجي. پلي کٽي اها منهنجي پاڙيسري جي زال ڇو نه هجي."

"رات جو اُس وري ڪتان ايندي ۽ ڪا حسينه وري رات مهل ڪيئن اس واري ڇتيءَ هيٺ تنهنجي لاءِ وينل هوندي." دل ٻڌيو.

"ته پوءِ مان ڏينهن جو خودڪشي ڪري ڇڏيندس." مون دل کي چيو، "پر تون هاڻ شڪ اپ ٿي وڃ."

دل ماٺ ٿي وئي.

۽ سامهون هڪ گهر به اچي ويو.

گهر عمدو هو. سمنڊ جي ڇولين وانگي خوبصورت ڏاڪڻن تي چڙهي ڪري هڪ خوبصورت ڪمرو ۾ وياسين. اتي جي هر ڀت جو رنگ الڳ هو. گري، گولڊ، نارنگي ۽ ڳاڙهو. ڀت تي ٽنگيل ڪپڙن

جو ڪٽ (وارڊ روب) نيري رنگ جو، باهه واري مخصوص ڪيل حصي جو رنگ ڦڪو. ان سان لڳو لڳ هڪ ٻيو بہ ڪمرو هو.ان جي پٽن جو رنگ گلابي،ڦڪو ۽ نقش چٽيل هئس.ان ڪري جي هڪ طرف کان چوڌاري لوهي شيخن جو گهيرو نهيل هو. ان جي لڳو لڳ وري هڪ ٻيو ڪمرو بہ هو. ان ۾ بہ ڪپڙن جا ڪٽ هئا.هڪ منهنجي لاءِ ۽ ٻيو منهنجي زال لاءِ. بہ آئينا بہ پٽن تي لڳل هئا.

پهريان بہ سال عشق ڪرڻ جي لاءِ ۽ ان کان پوءِ سڄي زندگي پنهنجي منهن کي چيڙائڻ لاءِ.فرش تي ويهي ڪري ابتو سليپر،ميرو پيٽي ڪوٽ ۽ ٻارن جو .... تصور ڪرڻ لڳيس.

اهو تصور ايترو تہ مزيدار هو جو مان پل ۾ جلدي وچان غسل خاني جو دروازو کولي ان ۾ داخل ٿي ويس.

غسل خانو تمام وڏو ۽ صاف ستڙو هو. فرش تي اڇي رنگ جون ٽائيلون، پٽن تي هلڪي نيري رنگ جون ٽائيلون، سائي رنگ جو واش بيسن ۽ انهي رنگ جو وهنجڻ جو باٿ ٽب ۽ ڪموڊ، سامهون دريءَ کان هيٺين منزل طرف وراندو ۽ وراندي جي ٻاهر لان نظر پئي آيو. جتي سائي سائي گاهه جي ڪناري وٽان گل ٽڙيل هئا.ان جي ويجهو ست رنگن واري اَسَ چٽي ۽ ان جي هيٺان هڪ سترنهن سالن جي حسينہ دنيا جو عظيم ترين ادب يعني هڪ جاسوسي ناول پڙهي رهي هئي.

"آها! خودڪشيءَ ڪرڻ لاءِ ڪيڏي نہ آئيڊل جڳهہ آهي." مون خوش ٿيندي چيو ۽ پوءِ مون مڙي استيٽ ايجنٽ کان پڇيو، "هن جي مسواڙ ڪيتري آهي؟"

"چار سو رپيا."

"بيوقوف !" مون بي خياليءَ ۾ڪيس چيو، "مون توکي پنجويهہ روپين وارو گهر ڏيکارڻ لاءِ چيو هو."

استيٽ ايجنٽ مون کي ڪجهہ چوڻ سواءِ ئي ڏاڪٽن تان هيٺ لهي ويو.

ٻيوگهر جيڪو استيٽ ايجنٽ ڏيکاريو،اهو بہ چڱو خاصو ڪشادو ۽ وڏو هو. پهرئين گهر وانگر ان ۾ سامان وغيره ڪو نہ هو.نہ ساڳي ناز ۽ نخرن وارين ادائن جي ڪيفيت،نہ پٽن جو اهو رنگ ۽ روپ. پر اهو گهر عمدو،صاف ۽ سٿرو ضرور هو.

ان ۾ صرف ڪمرا بہ هئا، پر ٻئي هڪ ئي غسل خاني ۾ ڪلن ٻيا.هڪ طرف ڪان بورچي خانو هو.بورچي خاني ڪان ٻاهر وراندو ۽ وراندي جي هيٺ وري هڪ من موهيندڙ ننڍو اڳڻ ۽ اڳڻ ۾ گاهہ ئي گاهہ ڦٽيل هيو.

"ان ۾ گل ڪٿي آهن؟" مون استيٽ ايجنٽ کان پڇيو.

"گل تون لڳائي سگهين ٿو." ايجنٽ چيو، "اس واري چٽي تون خريد ڪري سگهي ٿو. چٽيءَ جي هيٺان وري تون ڪنهن حسينہ جي بجاءِ پنهنجي زال کي ويهاري سگهين ٿو."

"گل پوکڻ لاءِ مون وٽ وقت ناهي." مون چيو، "اس واري چٽيءَ لاءِ مون وٽ پئسا نہ آهن ۽ منهنجي زال؟ ميان، جيڪڏهن مون وٽ زال هجي ها تہ مان گهر نہ ڳوليان ها، هڪڙو بورچي خانو ڳوليان ها. مان گلن جي بدران هڪ ڪونڊي رکي ڇڏيندس. ڪونڊي جي مٿان اَس واري

چٽيءَ بدران پنهنجي پراڻي، ڊنل ڪاري برسات واري چٽي رکي ڇڏيندس ۽ ان جي اندر هڪ حسينہ جو تصوير بہ رکي وٺندس. پر ان جي مسواڙ ڪيتري ٿيندي؟"

"اڍائي سو روپيا."

"اڙي چريا! اڍائي سو وارو گهر ڇو پيو ڏيکارين، مون کي تہ صرف پنجويهہ روپين وارو گهر ڪپي."

استيٽ ايجنٽ منهنجي ڳالهہ جي ڪا بہ ورندي نہ ڏني ۽ ماڻ ئي ماڻ ۾ گهر کان نڪري ويو.

ٽيون گهر جيڪو مون ڏٺو،ان ۾ سڀ کان پهرئين غسل خانو آيو ٿي، پوءِ ڏاڪٽون چڙهي ڪمرو. ڪمري سان لڳو لڳ هڪ بورچي خانو هو، حالانڪہ اتي غسل خانو هجڻ گهرجي ها.

جڏهن مون ان بابت ايجنٽ کان پڇيو تہ ايجنٽ جواب ڏنو، "هن علائقي ۾ جيترا بہ گهر ٺهيل آهن، انهن جي ڪمرن سان رڌڻا لڳو لڳ رکيا ويا آهن ۽ غسل خانو وري ڏاڪٽن جي پرسان."

"اهو ڇو؟"

"اهو انهيءَ لاءِ تہ رڌڻي ۾ رهي ڪري زالون پنهنجي مڙسن تي نظر بہ رکي سگهن ۽ ڪچن سان لڳو لڳ ڪمري جي هيٺ ويندڙ ڏاڪٽن ۽ ڏاڪٽن جي سامهون غسل خانو بہ نظر اچين."

"الله جو شڪر آهي تہ مون ڪڏهن بہ زال نہ پالي آهي، ان ڪري مان ڪنهن جي نگهبانيءَ کان نہ ٿو ڊڄان.رهيو غسل خانی کان پري رهڻ جو سوال تہ منهنجو ڇا آهي. مان غسل خاني کي رڌڻي طور ۽ رڌڻي کي غسل خاني وانگر استعمال ڪندس. مون کي ٻئي هڪ ئي طرح جا ڏسڻ ۾ ايندا آهن."

ايجنٽ منهنجي درياءُ دليءَ جي داد ڏيندي چيو "اهو توهان ڇاڻو يا اوهان جو مالڪ ڇاڻي. جيڪڏهن توکي هي گهر پسند اٿئي تہ ڪڍ سؤ روپيا!"

"سو روپيا!" مون رڙ ڪندي چيو، "ڇا جا سؤ روپيا؟"

"هن گهر جي مسواڙ سو رپيا مهيني جي آهي."

"او ياءُ." مون هٿ ٻڌي منٿ ڪندي ايجنٽ کي چيو، "مون صرف پنجويهہ روپين وارو گهر ڏيکارڻ لاءِ چيو آهي ۽ تون آهين جو سوين روپين جي ڳالهہ ڪندين ٿڪجي نہ ٿو."

"منهنجو ڪم توهان کي گهر ڏيکارڻ هو. ڪهڙي خبر تہ توهان کي ڪهڙو گهر پسند اچي وڃي.مون اڪثر ماڻهن کي ڏٺو آهي تہ پنجويهہ روپين وارو گهر ڳولهيندين ڳولهيندين،انهن کي چار سؤ وارو گهر پسند اچي وڃي ٿو ۽ مون اهڙا بہ ڏٺا آهن جيڪي چار سو وارو گهر ڏسڻ لاءِ اچن ٿا ۽ پنجويهہ روپين واري گهر وٺڻ تي راضي ٿي ويندا آهن. گراهڪ جي ڪا بہ خبر نہ پوندي آهي." ايجنٽ چيو.

هاڻي ايجنٽ مون کي جنهن بلڊنگ ۾ وٺي ويو. اها پنج ماڙ ۽ جهاز جي شڪل وانگر هئي. ان جي ڪنڪريٽ جي ڇت تي هڪ جهاز جي تصوير اڪريل هئي ۽ ان تي لکيل هو."S.S. Atmaram. Multan"

"هن بلڊنگ جي اندر گوشت ڪاٽڻ

منع آهي، بصر کائڻ منع آهي.شراب پيئڻ منع آهي." ايجنٽ چيو.

"تہ هتي زال سان گڏ رهڻ بہ منع هوندو." مون چيو.

ايجنٽ حيرت سان مون کي ڏسڻ لڳو.

"پوءِ هتي سوچڻ بہ منع هوندو، آسمان طرف ڏسڻ بہ منع هوندو،زور سان کلڻ بہ منع هوندو. بستري تي اوڏي ليٽي سگريٽ پيئڻ بہ منع هوندو.ڪنڌ تي ٽوال رکي دروازي تي بيهڻ ڪري ڏاڪٽن تان لهندي،ڪنهن چست ۽ چوٽبند حسينہ کي ڏسڻ بہ منع هوندو.مسٽر آئون گهر ڏسڻ آيو آهيان، ڪنهن آشرم ۾ داخلا وٺڻ نہ...!"

اهو چئي آئون گهر کان ٻاهر نڪري آيس.

ايجنٽ ڪنڌ کي هيٺ ڪري منهنجي پويان نڪري آيو.

هاڻي ايجنٽ مون کي جنهن گهر ۾ وٺي آيو هو،اهو واقعي پنجويهہ روپين وارو گهر معلوم ٿي رهيو هو. نہ لان،نہ گاهہ،نہ گل. چوٽين منزل تي هڪ ڪمرو هو.درين تي لوهہ جون شيخون لڳل هيون تہ جيئن گهر مالڪ جي ڳالهين کان گهبرائجي ڪرائي دارُ درين مان ٽپو نہ ڏئي سگهي. پٽين تي ٽيهہ سال پراڻو چونو لڳل هو،جيڪو هاڻي ڪاراڻ ۾ تبديل ٿي ويو هو. هاڻ مون پنهنجي پر ۾ اها ڳالهہ قبولي ورتي هئي تہ نهيو،لان نہ سهي،گاهہ نہ سهي،هڪ حسينہ نہ سهي،گل نہ سهي،هن ڪمري ۾ پنکي جو هُڪُ تہ آهي جنهن سان لٽڪي ڪري جان تہ ڏئي سگهجي ٿي.

" پر غسل خانو ڪٿي آهي؟" مون ايجنٽ کان پڇيو.

"اهو گڏ اٿس." ايجنٽ مون کي هڪ طرف اشارو ڪندي چيو.

آئون جلدي ۾ غسلخاني ۾ وڃيس. غسل خاني اندر وڏين اکين واري هڪ ٿلهي عورت ذبح ڪيل ڪڪڙ جا ڪنڀ چڪي لاهي رهي هئي. مون کي ڏسي ان کلي ڏنو. جڏهن ان جا ٿلها ٿلها چپ ۽ وڏو منهن پوري طرح کليو تہ مون کي ان اندر پان ۾ ٻڏل ڏندَ نظر آيا،جيڪو انتهائي خطرناڪ ڏيک ڏئي رهيا هئا.آئون گهبرائجي پوئتي هٽڻ وارو هيس تہ هن ڪافر ادا پنهنجيون پهاڙ جيڏيون دڏيون لچڪائيندي چيو،"تون نئون مسواڙي ٿو لڳين؟"

"لڳان ٿو يا نہ ، ان بابت مون کي ڪا ڄاڻ نہ آهي، پر اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪري رهيو آهيان تہ هي غسل خانو ڪنهن جو آهي، توهان جو يا منهنجو." مون ڪائنس پڇيو.

"تنهنجو بہ ۽ منهنجو بہ." هن ڪجهہ اهڙي انداز سان چيو، جيئن منهنجو ۽ هن جو زندگي ۾ جو رشتو جڙي ويو هجي.

مون گهبرائجي هڪ قدم پوئتي هٽايو، هن يڪدم هڪ قدم اڳيان وڌايو ۽ چيو،"تون اچي وڃ نہ. فڪر نہ ڪر، گڏجي گذارو ڪري وٺنداسين."

هوءَ اهو چئي مون طرف ڏسي ڪلي ۽ آئون گهبرائجندي دروازي تائين پهچي ويس. هن ڪڪڙ جو آخري ڪنڀ زور سان

شيخ چلي ۽ موت

شيخ چلي جي گهر ڪنهن خط لکي موڪليو ته شيخ چلي گذاري ويو آهي. سندس زال چوڙيون ٽوڙي ڇڏيون ۽ فاتح ۽ ٽيجهي ڪانپوءِ هڪ قاصد اڪبر آباد موڪليو ويو، ته جيئن وڌيڪ تصديق ٿئي. قاصد شيخ چلي کي ڳولي لڌو. اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته شيخ چلي نه رڳو زندهه آهي پر ٺيڪ ٺاڪ پيو گهمي.

"اوهانجي ته موت جي خبر ملي هئي. اوهان جي زال چوڙيون ٽوڙي به ڇڏيون ۽ بيواهه جو لباس پائي ورتو. اوهان ته زندهه آهيو."

"اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو." شيخ چلي چيو ،"بهر حال هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي. جيڪا ان جي قسمت. تون منهنجي خيريت جي خبرپهچائي ڇڏج."

قاصد ته هليو ويو. پر شيخ چلي پريشان ٿي ويو. هو انهي وقت ملان دوپيازا جي گهر ويو. ملان کي ڏسندين ئي هن جي اک مان ڳوڙها ڳڙڻ شروع ٿي ويا. پهرئين ته ملان هي سمجهيو ته اهو به هن جو ڪو روپ آهي. پر جڏهن هن ڏٺو ته هي واقعي حقيقي ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي ته پريشان ٿي ويو.

"روئين ڇو ٿو؟"

"ڇو نه روئان. زال جو بيواهه ٿي وئي."

"پر تون ته زندهه آهين!"

"مان ته زندهه آهيان پر هوءَ ته بيوهه ٿي وئي."

"تنهنجي ته هرڳالهه نرالي آهي، جڏهن تون زندهه آهين.هوءَ ڪيئن بيوهه ٿي سگهي ٿي."

"اهو ئي ته آئون سوچي رهيو آهيان. پر ان جي بيوهه ٿيڻ جي خبر ايتري معزز ماڻهو آندي آهي، آئون ان کي رد نه ٿو ڪري سگهان. هن خود ٻڌايو ته منهنجي زال چوڙيون ٽوڙي ڇڏيون آهن ۽ هو بيوهه ٿي ويئي آهي." ان کان پوءِ شيخ چلي ڪيس پورو واقعو ٻڌايو.

ملان دوپيازو پوري ڳالهه سمجهي ويو. هن ڪيس سمجهايو ته اهو غلط فهميءَ جي ڪري ٿيو. جيسين تون مري نه ٿو، تنهنجي زال بيوهه ٿي نه ٿي سگهي. پر هو شيخ چلي هو. ڳالهه ذهن ۾ ويهي ويئي سا ويهي ويئي. هو گهڻن ڏينهن تائين افسوس ڪندو رهيو ته آئون هتي آهيان ۽ هوڏانهن منهنجي زال بيوهه ٿي ويئي آهي.

ڇڪيو ۽ پنهنجا ڏند صاف ڪيا.

"هاڻي پنجاهه روپين ۾ گهر جومالڪ ڪمري سان گڏ غسل خانو مهيا ته ڪري نه ڪري ڏيندو." عورت چيو.

"شريفن جي علائقن ۾ پنجويهه روپين وارو گهر ته ملي نه ٿو سگهي. ها جيڪڏهن اوهان کي گندي علائقي ۾رهڻ تي اعتراض نه هجي ته پوءِ پنجويهه روپين وارو گهر آسانيءَ سان ملي سگهي ٿو." ايجنٽ چيو.

"هل، هلي گهر ڏيکار. وڏيڪ ڳالهيون نہ ڪر."

هو مونکي گندي علائقي ۾ وٺي ويو، جيڪو شهر جو گندي ۾ گندو علائقو هو. جتي انتهائي غريب ماڻهو رهندا هئا. سوڙهيون گهٽيون هيون. ڪن جا ڍير لڳا پيا هئا ۽ ڪليل گٽر هئا.

چوڪ تي ايجنٽ مون کي گندي علائقي جي ايجنٽ سان ملائڻ کان پهرئين الڳ وڃي ساٿس ڳالهيون ڪيون ۽ پوءِ ٻئي مون وٽ واپس آيا ۽ منهنجي ايجنٽ مون کي چيو،

"هي چوي ٿو تہ هن علائقي ۾ پنجويهہ روپين واروگهر ناهي."

"تہ پوءِ ڪيترن روپين جي مسواڙ وارو گهر آهي."

"سورنهن رپين وارو گهر آهي."

"تہ پوءِ سورنهن روپين وارو گهر ئي ڏيکار."

"سورنهن روپين وارا سڀ گهر ڀريل آهن. صرف هڪڙو گهر خالي آهي پر اهو تنهنجي لائق ناهي."

"ڇو؟منهنجي لائق ڇو نہ آهي؟" مون گندي علائقي جي ايجنٽ کي تڪيندي پڇيو.

"صاب! انهي گهر جو ڪرائي دار ڪالهہ گذاري ويو آهي." گندي علائقي جي ايجنٽ پنهنجي گنج تي هٿ ڦيريندي چيو.

" اهو تہ سٺو ٿيو ۽ ان نموني گهر تہ خالي ٿي ويو."

"ها خالي ٿي ويو صاب،" گندي علائقي جي ايجنٽ پنهنجي گنج تي ٻيهر هٿ ڦيريندي چيو، "پر اهو ڪرائي دار اسان وانگر هڪ گريب مزور هو ۽ چوڙين جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو."

"مزدورهو تہ ڇا ٿيو؟ هو چوڙيون ناهيندو هو، چوريون تہ نہ ڪندو هو."

"تہ صاب! اها ڳالهہ ناهي،" گندي علائقي جي ايجنٽ پنهنجي چيلهہ کي سڌو ڪندي چيو، " هو چوڙيون ناهيندڙ مزور هو ۽ چمني جي باهہ ٻاريندي ٻاريندي ۽ سڙندڙ واري سونگهي سونگهي سندس ڦڦڙن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ بيمار ٿي ويو هو."

"تہ انهيءَ ۾ ڇا آهي، هر ڪو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ بيمار ٿئي ٿو، پوءِ ڇاهي اهو واري سونگهيندي سونگهيندي بيمار ٿئي يا وري وڏيڪ ڪاڏو ڪائيندين."

"تون سمجهين نہ ٿو صاب!" گندي علائقي جي ايجنٽ پنهنجي ران کنهيندي چيو، "ڳالهہ اصل ۾ هي آهي تہ هن کي وڏو بخار ٿي ويو هو جنهن کي سلهہ جو مرض چوندا آهن. هو هن گهر ۾ پنج سال بيمار رهيو ۽ ڪم ڪندو رهيو ۽ پنهنجي جيئڻ لاءِ جتن ڪندو رهيو، ڇو تہ هن کي هڪ زال ۽ چار ٻار هئا. جڏهن هو مري ويو تہ هن جا ٻار ۽ زال هي گهر خالي ڪري هليا ويا، ڇو تہ هو سورهن روپيا ڪرايو نہ پئي ڏئي سگهيا ۽ هاڻ هو شهر کان ٻاهر هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهن ٿا، جتي سرون ناهڻ وارا رهندا آهن. انهي ڪري تہ چوان ٿو تہ هي گهر اوهان جي لائق نہ آهي."

ننڍو گهر هو، ڪاريون پٽيون، ڪڙاڻ ڪندڙ دروازو، زنگيل ڪڙو، پڳل دري، لوهي چاري جي ٻاهران گندي سرن واري نالي. مون ٻاهران نظر هٽائيندي وري

اندر ڏنو تہ مون کي اندر هڪ ڪنڊ ۾ پاڻي جو نل نظر آيو،جنهن جي منهن ۾ ميريون اڳڙيون ٿوڪي ٿوڪي وڏيون ويون هيون ۽ انهن اڳڙين مان پاڻي ايئن ٽمي رهيو هو، جيئن رت زخم مان وهندو آهي. مون کي هڪ ڪنڊ ۾ مٽيءَ سان ڀريل هڪ ڪونڊي نظر آئي، جنهن ۾ گلاب جو هڪ ٻوٽو هو ۽ ان ۾ صرف هڪ گل ٽڙيل هو. گلاب جو تمام وڏو گل .....

"هي ڇا آهي؟"

گندي علائقي جي ايجنٽ پنهنجا گندا ڏند ڏيکاريندي چيو "هي اوهان لاءِ آهي صاب."

"منهنجي لاءِ؟" مون حيرت مان پڇيو.

"ها صاب!"

"مرڻ وقت مرڻ واري چيو هو تہ جيڪو منهنجي مرڻ کان پوءِ هن ڪمري ۾ اچي تہ ان کي هيءَ ڪونڊي ڏجو ۽ ان کي چئجو تہ هن کي روزانو پاڻي ڏي، تہ جيئن هي گلاب جو گل تازو رهي."

"ڇا هو چريو تہ نہ هو." اوچتو منهنجي سڄي بدن ۾ سيءَ جي لهر ڇائنجي ويئي،جنهن ڪري منهنجي سڄي جسم ۾ ڏڪ ڏڪان پيدا ٿي ويئي.

آئون انهن اونداهين پٽن جي گهر ۾، ان گلاب جي گل کي ڏسڻ لڳيس، چوطرف کان گهٽ گهٽ،ٻوسٽ، نااميدي ۽ هي گل اڪيلو.... اونداهي ۾،گندگيءَ ۾، بک ۾، بدصورتيءَ ۾،هي گل.... سوڙهين سرن واري ڪونڊيءَ ۾، ڪوهيڙئي جي ڇار ۾ ۽ زنگ چڙهيل لوهي شيخن جي وچ ۾، هي گل اڪيلو..... انسان جي دل ۾ ڦٽيل ۽ انسان جي حوصلي، بهادري ۽ عظمت سان بلند ٿيل..... فطرت سان وڙهندي،موت تي ڪلندي، .... هي گل مري ويندو. هڪ ڏينهن هي گل مرجهائجي ويندو." مون سوچيو.

هن گهر جي گندي ٻوسٽ، هن جي سڄي رونق کسي وٺندي ۽ هي اونڌاهي،هن جو رنگ روپ کسي وٺندي.

هن تي ڪوهيڙي جو ڇار ڦهلجي ويندو ۽ هي ڦٽل پٽون چئن پاسن کان تازي هوا کي روڪينديون رهنديون ۽ هي گل مرجهائجي ويندو. جيئن هو چوڙيءَ وارو مزور مرجهائي ويو هو.

پر هي گل ٽڙندو رهيو!

۽ روزانو لکين، ڪروڙين ماڻهن جي دل ۾ پيدا ٿيندو رهندو، جيڪي چوڙيون ناهين تا،آفيسن ۾ وڃن تا، وزني لوهي چرخو هلائين تا، سرون سرن مٽان اهڙي طرح رکن تا جهڙي طرح محبت ڪندڙ انسان چپن تي چپن رکندو آهي.

هيءُ گل هر روز انهن انسانن جي دل ۾ پيدا ٿيندو رهندو ۽ سندن زندگي ان جي مسلسل جدوجهد جو جادو پيدا ڪندو رهندو.

هي گل ڪڏهن بہ مري نہ تو سگهي.

مون هي گهر ڪرائي تي وٺي ڇڏيو آهي ۽ آئون ان ڏينهن کان هن گهر ۾ رهان پيو.....!!

☆☆☆

ڪرزما جي پڙهندڙن جي ڄاتل سڃاتل هندوستان جي مشهور ليکڪا جي خودداريءَ شان سان جيئڻ تي لکيل هيءَ تحرير اسان سيني کي جيئڻ جو حوصلو ۽ برداريءَ جو درس ڏيئي ٿي. هن جي هيءَ ڪهاڻي اصل ۾ هڪ عورت جي حوصلي ۽ خودداريءَ جو قصو آهي، جنهن پنهنجي اَنا تي ڪا به سودي بازي نه ڪئي ۽ اڪيلي سر زندگي گهارڻ جو فيصلو ڪيو ۽ دنيا جي تڪليفن ۽ پريشانين کي فخرسان ڪنڌ اوچو ڪري منهن ڏنو.

ڪرمان واري

امرتا پريتم

سنڌيڪار: طفيل مگسي

هڪ عورت جي ڪهاڻي، جنهن کي انا سڀ کان وڌيڪ پياري هئي



تنور جي ماني تمام ئي مزيدار هئي، مگر ان کي سائي ڀاڄيءَ سان گڏي ڪري کائڻ تمام ڏکيو هو، "ايترا تکا مرچ." مان ۽ منهنجا ٻئي ٻارڙا سوسٽ ڪرڻ لڳا هئاسين.

"بي بي، هتي جٽن جي اڄ وچ تمام گهٽي آهي، ڇاڪاڻ ته سڄي تر ۾ شراب جو بس هيءُ ئي هڪ دڪان آهي، ان ڪري جٽ جڏهن ڍُڪ پري وٺن ٿا ته سڀ مصالحي واري ڀاڄي گهرن ٿا." تنور وارو چئي رهيو هو.

"هتي ... جٽ... شراب..."

"ها بي بي، شراب سڀ ئي پيئن ٿا. ليڪن جٽ جڏهن ڪنهن جو قتل ڪري اچن ٿا ته ڪجهه وڌيڪ ئي پيئن ٿا."

"هتي اهڙا واقعا...."

"اڄا پرهيءَ کي پنج ڇهه آيا هئا، سو به هڪ ماڻهو کي ماري. انهن ماڻهن ڏاڍو پيتو ۽ نشي ۾ ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ لڳا. اهي ڏس منهنجيون تي ڪرسيون ٽٽيون پيون آهن. پر پڳوان پلو ڪري پوليس وارن جو، اهي انهن کي پڪڙي وٺي ويا، نه ته منهنجي تنور جي هڪ به سر نه ملي ها.... ليڪن اسان ڪمائي به ته انهن جي ئي ڪائون ٿا."

مون کي ان ڏينهن ڪرشليا ندي ڏسڻ جي خواهش چندي ڳڙهه کان ان ڳوٺ وٺي ويئي هئي. ڳالهه مرچن کان اڳتي شراب تائين پهتي ۽ پوءِ رتو چاڻ



تائين.مان پنهنجن ٻنهي ٻارڙن کي وٺي ڪري ان ڳوٺ کان تڪڙي تڪڙي واپس ورڻ جي لاءِ بيقرار ٿي پيس.

تنور چڳي ريت تتل هئو ۽ اندرکان ڪليل هو ۽ گڏ ئي اندرهڪ پاسي ڪن چهن ستن ٻورين کي ڳنڍي ڪري پردو هنيو ويو هو،ان جي پٺيان ٿي چار ڪٽون به ڏسڻ ۾ پئي آيون، جنهن مان اندازو ٿي لڳو ته تنور واري جا ٻار ٻچا به اتي ئي رهيل هئا. اهو ئي ڏسي ڪري مون کي خطري جو احساس ڪجهه گهٽ ٿيو. چاڪاڻ ته اتي تندور واري جا ٻار به رهيل هئا ۽ سندن عزت محفوظ هئي.

ڪنهن عورت پردو هٽائي ڪري ٻاهر ليئو پاتو ۽ پوءِ اها مون وٽ اچي ڪري بيهي رهي.

"بي بي،تو مون کي سڃاتو؟"

اها هڪ سادي نوجوان عورت هئي،مان دير تائين سندس چهري ڏانهن ڏسندي رهيس، ليڪن مون کي ڪا به ڳالهه ياد نه پئي.

"مون ته توکي سڃاڻي ورتو آهي بي بي،گذريل سال ... نه ان کان به اڳين سال تون هتڙي آئي هئين نه؟"

"ها مان آئي ته هيئس."

"اتي تو ڏولي ۾ ويٺي مون کي روپيو ڏنو هو."

مون کي ڳالهه ياد اچي وئي. به سال پهرين مان چندي ڳڙهه وئي هيس. اتي نئين ريڊيو اسٽيشن جو افتتاح ٿيڻ وارو هو. پهرين ڏينهن جي افتتاحي پروگرام جي لاءِ منهنجي دهلي جي آفيس مون کي اتي هڪ نظم پڙهڻ جي لاءِ موڪليو هو. من موهن سنگهه ۽ هنديءَ جو هڪ شاعر جالنڌر اسٽيشن کان آيا هئا. پروگرام سٽت ئي پورو ٿي ويو هو ۽ اسان چار اديب ڪوشليا ندي ڏسڻ جي لاءِ چندي ڳڙهه کان هن ڳوٺ ۾ آيا هياسين.

ندي کا ميل ڏيڍ پنڌ تي هئي،واپس ورڻ وقت اسان سڀ چانهه جي هڪ پيالي جي لاءِ ترسي پيا هئاسين. سڀ کان صاف ۽ ڪليل دڪان اهو ئي نظر آيو هو ۽ هتڙي ئي اسان ماڻهن چانهه جو هڪ هڪ گرم پيالو پيتو هو.

تنور واري ٻڌايو هو:

"اڄ هتان کان منهنجي ڀاڻيجيءَ جي ڏولي گذرندي، منهنجو به ته ڪجهه فرض آهي نه."

پوءِ سامهون واري ميدان ۾ ڏولي لٿي،جيڪا ڪنهن پوئين ڳوٺ کان آئي هئي ۽ ان کي اڳتي وڃڻو هو،رستي ۾"ماما" استقبال ڪيو هو.

"شادي به عجيب شي آهي، اچڻ وقت ڪهڙو رنگ آڻيندي آهي ۽ وڃڻ وقت ..." اسان مان هڪ چيو ۽ پوءِ چانهه جي چسڪين سان گڏ رنگ جو فلسفو به گرم ٿيندو ويو هو.

"ترسو،مان نئين ڪنوار جو منهن ڏسي اچان ۽ ڏسان ته اڄ سندس منهن تي ڇا رنگ آهي." مون کي ياد آهي،مون چيو هئو،جنهن تي منهنجن ساٿين جواب ڏنو هو."اسان کي ته ڪو ڏولي ڀرسان بيهڻ به نه ڏيندو،تون ئي ڏسي اچ...ليڪن خالي هٿين نه ڏسجائن."

مان هڪ مرڪ سان ڏولي ڀرسان هلي ويس.ڏولي جو هڪ پاسي کان پردو

کنيل هو،مون ويجهو کان ئي ڏولي ۾ وينل ٻي عورت کان پڇيو هو،"مان ڪنوار جو منهن ڏسان!"

بي بي،صدقي... ڏس. اسان جي ڇوڪري ته هٿ هنئي ميري تئي تي."

۽ سچ پچ ڇوڪري جي ڇهري تي پياري مرڪ وکري پئي هئي،جنهن جو مقابلو سولو نه هو.

مون هڪ روپيو سندس هٿ تي رکي ڇڏيو ۽ جڏهن موٽيس ته منهنجي هڪ ساٿي چيو هو،"ڪجهه دير پهرين جڏهن تو پهريون نظر پڙهيو هئو ته ڪاليج جي ڇوڪرين روپيي جي نوٽ تي توکان صحيحون ڪرايون هيون،مگر هن ويچاري ڪنوار کي ڪهڙي خبر ته اهو روپيو ڪنهن ڏنو آهي، ڇاٽي ها ته توکان ضرور صحيح ڪرائي ها."

اها ٻه سال پهرين جي ڳالهه هئي، مون کي سڄي جي سڄي ياد اچي وئي.

"تون ئي اها ڏوليءَ واري ڇوڪري آهين؟"

"ها،بي بي."

نه ڄاڻ ڪنهن حادثي هن کي ٻن سالن جي عرصي ۾ ڇوڪريءَ کان مائي بڻائي ڇڏيو هو. حادثي جا نشان هن جي چهري تي ڇٽا هئا،پوءِ به مون کي ڪجهه سُجهي نه رهيو هو ته مان ڪيئن سندس حال پڇان.

"بي بي،مون تنهنجي تصوير اخبار ۾ ڏني هئي،هڪ دفعو نه ٻه دفعا... هتي به ڪيترائي ماڻهو اچن ٿا.جن وٽ اخبار هوندي آهي."

"سچ ۽ تو منهنجي تصوير سڃاڻي ورتي."

"مون انهيءَ وقت سڃاڻي ورتي هئي... ليڪن اهي ماڻهو تنهنجي تصور چو ڇاپين ٿا.بي بي؟"

مون کان تڪڙ ۾ ڪو جواب نه نهي سگهيو.مون کان اهڙو سوال پهرين ڪڏهن ڪنهن نه پڇيو هو. ڪجهه لڄائيندي جواب ڏنومانس،" مان ڪهاڻيون ۽ نظم لکندي آهيان نه."

"ڪهاڻيون،بي بي،اهي سڀ ڪهاڻيون سچيون هونديون آهن يا ڪوڙيون؟"

"ڪهاڻيون ته سچيون هونديون آهن،ليڪن نالا غلط هوندا آهن،ته جيئن سڃاتا نه وڃن."

"تون منهنجي ڪهاڻي به لکي سگهين ٿي.بي بي؟"

"جيڪڏهن تون چئين ته مانُ ضرور لکنديس."

منهنجو نانءُ ڪرمان واري (قسمت واري) آهي، تون چاهين ته منهنجو نانءُ غلط نه لکجان.مان ڪوڙ ٽورڙئي ڳالهائيندس. مان ته سچ چوان ٿي،ليڪن ڪومنهنجي ٻڌي به نه .ڪو به نه تو ٻڌي!"

هوءَ منهنجو هٿ وٺي پردي جي پٺيان پيل ڪٽ تي وٺي وئي.

"جڏهن منهنجي شادي ٿيڻ واري هئي نه، ته منهنجي ساهرن کان به درزياڻيون منهنجي ماپ وٺڻ آيون هيون. انهن مان هڪ ڇوڪري منهنجي ئي عمر جي هئي، منهنجي شلوار قميص ماپي ڪري چوڻ لڳي، "بلڪل منهنجي ئي ماپ آهي پاڄائي، تون فڪر نه ڪر،جيڪي ڪپڙا

سبنديس، توکي هڪدم پورا اچي ويندا."

۽ سچ ڀچ شادي جا جيترا بہ ڪپڙا هئا، مون کي چڱي طرح ايندا هئا، اهائي درزياڻي ڪيترن مهينن تائين مون وٽ رهي ۽ بعد ۾ بہ منهنجا ڪپڙا اها ئي سبندي رهي. هوءَ مون کي چاهيندي بہ ڏاڍو هئي. مون کي چوندي هئي، "ڀاڄائي چاهي مان ٻن مهينن کانپوءِ اچان، ليڪن تون ڪنهن ٻي کان ڪپڙا نہ سبرائجان."

هوءَ مون کي تمام سٺي لڳندي هئي.

سندس صرف هڪ ڳالهہ مون کي پسند نہ هئي. هوءَ منهنجو جيڪو بہ ڪپڙو تيار ڪندي هئي، پهرين پاڻ پائي ڪري ڏسندي هئي ۽ چوندي هئي، "تنهنجي منهنجي هڪ ئي ماپ آهي... ڏس مون کي ڪيئن پورو اچي ٿو، توکي بہ پورو ايندو... ۽ سمورا ڪپڙا پائڻ وقت منهنجي دل ۾ ايندو هو، ڪپڙا پلا ئي نوان آهن، ليڪن آهن تہ انهيءَ جا ئي لاتل."

ڪرمان ورايءَ جي گهر ۾ رسيءَ سان ٽنگيل پردو هو، اندر ديال جي ڪٽ هئي، جنهنجو واڻ بہ پراڻو هئو ۽ هيءَ چوڪري بہ بي سمجهہ ۽ ڄٽ هئي، مگر سندس سوچ ڪيتري نازڪ ۽ لطيف هئي..... مان ڇرڪي پيس.

"ليڪن بي بي، مون پنهنجي من جي ڳالهہ هن کي ڪڏهن نہ چئي، متان ويچاري شڪي ٿي وڃي."

"پوءِ."

"پوءِ مون کي ڪو ڏيڍ سال کان پوءِ خبر پئي تہ ان جي ۽ منهنجي مڙس جي ياري آهي."

ڳوڙهن سان ڀنل ڪرمان وارياءَ منهنجو هٿ پڪڙي ورتو. "بي بي تون منهنجي من جي ڳالهہ سمجهي وٺ. مون کان لٽو نہ ٿو پهريو ٿئي. منهنجيون چوڙيون، شلوارون ۽ قميصون... سڀ ڪجهہ انهيءَ جا لٽل هئا ۽ منهنجن ڪپڙن جيان ئي منهنجو گهر وارو پڻ..."

ڪرمان واري جي ڳالهہ اڳيان منهنجو قلم جهڪي ويو، ڪير اديب اهڙو جملو لکي پئي سگهيو ؟

"هاڻي بي بي! مان اهي سمورا ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪري آئي آهيان، پنهنجي گهرواري کي بہ. هتي ماما وٽ آئي آهيان. ان جو گهر صاف ڪريان ٿي، ميزيون ڌوئان ٿي. مون هڪ مشين بہ خريد ڪري ورتي آهي. چار ڪپڙا سبيان ٿي ۽ گذارو ٿي وڃي ٿو. ڀلي سادو ئي ڪپڙو ملي، مگر ڪنهن جو لٽل نہ پائيندس... منهنجو مامو ناهہ ڪرڻ جي لاءِ هٿ پير هڻي ٿو، پر منهنجي دل جي ڳالهہ نہ ٿو سمجهي. مان جنهن طرح رهي رهي آهيان، انهيءَ طرح جيئندس.. مان ٻيو ڪجهہ نہ ٿي چاهيان... بي بي تون صرف هڪ دفعو منهنجي من جي ڳالهہ لکي ڇڏ."

ڪرمان واري جي جنهن بدن سان اها ڳالهہ پيش آئي هئي، ان کي مون هڪ دفعو پوري طاقت سان پنهنجي ڀاڪر ۾ ڪري ورتو. ڪيترو نہ تازو بدن ۽ ڪيتري مضبوط دل هيس.

هي مان پل پهرين مرجن کان شراب ۽ شراب کان رتو ڇاڻ تائين ايندڙ ڳالهہ ٻولهہ کان گهبرائجي وئي هئيس ۽ هتڙي هي ڪرمان واري ڪيتري دليريءَ سان زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهي هئي.

ٻاهر رستي تي شمل کان اچڻ واريون گاڏيون گذرنديون هيون ۽ انهن جون سواريون ريشمي ڪپڙن ۾ ويڙهيل ڪافي پيرا لمحي کن جي لاءِ هن دڪان تي چانهه جي هڪ پيالي ۽ جي لاءِ يا سگريٽ جي هڪ ڊبي ۽ جي لاءِ يا گرم تنوري ماني جي لاءِ بيهي رهنديون هيون...انهن جي بدن تي پاتل ريشمي ڪپڙا نہ ڄاڻ ڪنهن ڪنهن جا لٽل هوندا.

" ڪرمان واري انهن جون ميزون صاف ڪندي هئي، ڪرسيون ڇنڊيندي هئي،اها ئي ڪرمان واري جنهن کي هڪ ڪاڏي ۽ جي قميص پهريل هئي ۽ جيڪا پنهنجي بدن تي ڪنهن جو لٽل پهري نہ تي سگهي.

"بي بي،مون تنهنجو اهو روپيو هينئر تائين سنبالي رکيو آهي."

"ڇا سچ هينئر تائين؟"

"ها بي بي،ان وقت اهو روپيو مون پنهنجي نٿاڻ کي ڏئي ڇڏيو هو ۽ پوءِ بي ڏينهن جي ڳالهه آهي،جڏهن مون تنهنجي تصوير ڏني،مون نٿاڻ کان اهو روپيو وٺي ڪري حفاظت سان رکي ڇڏيو .... بي بي تون ان روپئي تي پنهنجو نالو لکي ڏي،پوءِ تون جڏهن منهنجي ڪهاڻي لکجان تہ مون کي ضرور موڪلجان."

ڪرمان واري اتي ڪري ڪٽ جي هيٺان رکيل پيتي کولي ۽ پيتي مان هڪ ويڙهيل نوٽ ڪڍيائين.

"مان پنهنجو نانءُ تہ لکي ڏيان تي ڪرمان واري ... مون نہ ڄاڻ ڪيترين چوڪرين جي نوٽن تي پنهنجو نانءُ لکيو هوندو. ليڪن اڄ منهنجي دل چئي تي تہ

سمٽي ڳالهہ

اک ڪلندي بستري کان نہ ڀڄو پر جنهن شيءِ توهان کي ڏنگ هنيو آهي، سڀ کان پهرئين ان خواب جي باري ۾ سوچيو، جيڪو توهان ڏٺو آهي.
(موڪليندڙ: باسط مهر ٽنڊوالهيار)

تون منهنجي نوٽ تي پنهنجو نانءُ لکي ڏي، ڪهاڻيڪار وڏو ناهي هوندو. وڏو تہ اهو آهي،جنهن ڪهاڻي پاڻ پنهنجي بدن تي پوڳي آهي."

"مون کي تہ چڱي طرح لکڻ بہ نہ ٿو اچي." ڪرمان واري شرمائجي وئي ۽ پوءِ چيائين،"بي بي تون منهنجو نانءُ ڪهاڻي ۾ ضرور لکجان."

"ها مان اهو ئي نانءُ تنهنجي هٿن جو لکيل تنهنجو ئي نانءُ هن ڪهاڻيءَ جي عنوان طور رکنديس."

مون پرس مان نوٽ ۽ قلم ڪڍيو.

ڪرمان واري، اڄ تنهنجي ڪهاڻي لکي رهي آهيان، اهو ئي روپئي جي نوٽ تي لکيل تنهنجو نانءُ. اڄ هن ڪهاڻيءَ جي نرڙ تي مقدس ٽڪي جيان چمڪي رهيو آهي. هي ڪهاڻي تنهنجو ڪجهہ نہ سنواريندي... ليڪن اهو يقين رکجائن تہ اهي دليون بہ تنهنجي هن ٽڪي کي سلام ڪن ٿيون، جنهن جي رت جو رنگ تنهنجي هن ٽڪي جي رنگ سان ملي ٿو... ۽ اهي ڳاٽ بہ شرم کان هن جي اڳيان جهڪن ٿا، جن پنهنجن بدنن تي نہ ڄاڻ ڪنهن ڪنهن جا لٽل پائي رکيا آهن!!

☆☆☆

ڊويزنل هيڊڪوارٽر جو ٽائون هال عالمن، بزرگن، اعليٰ عهديدارن ۽ شهر جي شريفن سان ڀريو پيو هو. صدارتي ڪرسيءَ تي ڪمشنر صاحب ويٺل هو. هن ٻٽي پيرا گهنٽي وڄائي ويٺلن کي چپ ڪرايو ۽ پوءِ ڳالهائڻ لڳو.

"حاضرين، اجلاس جي ڪارروائي شروع ٿئي ٿي. توهان سڀ هن گڏجاڻي جي موضوع بابت آگاهه آهيو.انهيءَ لاءِ مان ڪا ڊگهي تمهيد ٻڌائي توهان کي هرويرو بيزار نه ٿو ڪرڻ چاهيان. مان اصل ڳالهه ڏانهن اچان ٿو. توهان کي ياد هوندو ته چار مهينا اڳ اسان جي شهر جو معتبر ڪاروباري ۽ عوام جو هڏڏوکي حاجي

ان شهر جو داستان جتي نيڪ ماڻهن کي ڳولهيو پئي ويو

آهي ڪو پاڪدامن هتي؟

ارشاد نوري گين تيڪن

سنڌيڪار: امر اياز مهر

اسان جي دنيا ڪيتري بدلجي وئي آهي ۽ هتي اخلاقي قدرن جا ماپا ڪيئن بدلجي ويا آهن، تنهن جي هڪ جهلڪ هيٺين ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا. سڄي شهر ۾ صرف ڪجهه ماڻهو مليا، جن کي اتان جا رهاڪو نيڪ چئي سگهيا ٿي، پر جڏهن ان ماڻهن جي جانچ ڪرائي وئي ته ڇا ڇا خبر پئي، تنهنجي باري ۾ دل کني ڇهندڙ داستان

بهاءُ الدين آفندي رحمت جو لاڏاڻو تي ويو آهي. مرحوم پنهنجي چئن لک تڳڙن مالڪيت جي جائداد ۽ اثاثن جو هڪ حصو، خدا واسطي ڏيڻ لاءِ، وصيت ۾ لکي پنهنجي فضيلت ۽ نيڪ ڪار هجڻ جو ثبوت ڇڏي ويو آهي.ان سلسلي ۾ هن پنهنجي وصيت نامي ۾ ڪجهه خاص ڳالهيون لکرايون آهن. جنهن کي هاڻي مان پڙهي توهان کي ٻڌائيندس."

صاحب صدر پنهنجي سامهون رکيل ڪاغذن جي ٿهيءَ مان هڪ لفافو ڪڍي کوليو ۽ پوءِ پنهنجي عينڪ صحيح ڪندي انکي پڙهڻ شروع ڪيائين."منهنجي موجوده جائيدادَ ۽ اثاثا هيٺ ڏنل بيان مان منهنجن وارثن ۾ ورهائڻ کان پوءِ جيڪي پنج سو تڳڙا بچندا، اهي هيٺ ڏنل ورچ مطابق خرچ ڪيا وڃن."

"پهريون،اهو ته جامع مسجد شريف غازي چلبي جي مک در جي لاءِ پنڌرهن تڳڙن جي مالڪيت جو هڪ شاندار پڙدو وٺي اچجي.ان پڙدي جي عين وچ ۾ هيڏي ريشم جي زردوزي ۾ منهنجو نالو لکرايو وڃي. ٻيون اهو ته سبيل جي لاءِ ٽامي جا ست ڪن مڳا ورتا وڃن ۽ هر مڳ جي هيندل تي منهنجو نالو اڪرايو وڃي. ٽيون اهو ته جيڪڏهن جامع اشرفيه ۾ مسجد جي باني جي نالي پٽيان منهنجو نالو لکرايو وڃي ته سٺو ....!"

"حاضرين، جيئن ته وصيت نامي جو اهو حصو چڱو ڊگهو آهي ۽ ان موضوع جو هن بحث سان سڌو سنئون ڪو به سبنڌ ناهي. انهي ڪري توهان جي اجازت سان مان ان ڪانپوءِ جو حصو پڙهان ٿو، جنهن تي عمل درآمد خاطر توهان سيني کي زحمت ڏني وئي آهي."

" نهايت ئي افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته جيڪڏهن مشاهدو ڪيو وڃي ٿو ته ڄاڻ ٿيندي ته دنيا ۾ پارسائي ۽ صداقت جي ڳڻپ ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽتائي اچي رهي آهي. منهنجي خواهش آهي ته جيستائين ممڪن ٿي سگهي ان صورتحال جو چارو ڪرڻ ۽ پاڪدامن ماڻهن جي همٿائڻ جي لاءِ منهنجا باقي به سو تڳڙا شهر جي سڀ کان نيڪ پارسا انسان کي انعام جي طور تي ڏنا وڃن ان انعام جو مستحق اهو شخص هوندو، جنهن جي پارسائي ۽ صداقت جي شهادت عوام ڏيندو. انهيءَ سلسلي ۾ آخري فيصلو شهر جي معززين ۽ محترمن جي هڪ ڪاميٽي ڪندي. پاڪدامني ۽ صداقت جو انعام حاصل ڪرڻ واري شخص کي قسم ڪارائي يقين ڏيارڻو پوندو ته هو هيٺ ڏنل شرط پورا ڪندو."

"(1) هر موقعي تي ان انعام جو حوالو ڏيندي ماڻهن کي سمجهائيندو ته پاڪدامني ۽ صداقت ئي دنيا ۽ آخرت ۾ فيض ۽ نجات جو ذريعو آهن.(2) هر خميس جي رات ياسين شريف جي ورد ڪرڻي پوندس.(3) سال ۾ به ڀيرا ميلاد ڪرائڻو پوندس.(4) هر هفتي منهنجي قبر جي زيارت ڪري اتي جيتري ڇهر ڀهر نظر اچي ته ان کي.... (هٿ سان پنو ڇڏيندي)

"منهنجا محترمو! منهنجي خيال ۾ انعام جي پورن اڪهتر شرطن کي پڙهي ٻڌائڻ ضروري نه آهي.اسان جي مٿان اهو ڪم رکيل آهي ته عوامي شهادت ذريعي شهر جي سڀ کان نيڪ ۽ سڀ کان صادق

ماڻهوءَ کي چونڊيون. ان فرض جي تڪميل لاءِ معزز ڪميٽي جي ڪم کي آسان بنائڻ جي غرض سان چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ۽ جج صاحب ملي ڪري نامزد اميدوارن جي هڪ فهرست تيار ڪئي آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هيءَ فهرست ڪا گهٽي حوصلا افزا ناهي. هر پاڙي جي بزرگن جي ڪميٽيءَ ذريعي جڏهن نامزد ٿيلن جي باري ۾ تحقيق ڪرائي وئي ته رڳو پنج اهڙن ماڻهن جي خبر پئي آهي،جيڪي تمام شرطن تي پورا لٿا آهن.اسان عدليہ، ميونسپل ڪميٽيءَ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي مدد سان ڪجهہ پاڙن ۾ اعلان بہ ڇپرايا هئا ۽ عوام سان التجا ڪئي ته هو انهن ماڻهن بابت جيڪي ڪجهہ ڄاڻن تا ته اهي الله جي رضا خاطر ڪميٽي کي اطلاع ڏين."

ماڻهن جا آواز آيا،"ٺيڪ آهي،مناسب آهي."

صاحب صدر چيو،" نامزد ٿيلن ۾ پهريون نالو حافظ رئوف آفنديءَ جو آهي، جيڪو اسان جي ميونسپل ڪميٽيءَ جو ڪلارڪ آهي... ان کي هر ماڻهو سڃاڻيندو آهي ۽ ڪيس پسند ڪندو آهي.ڪنهن بہ،ٽيهن سالن کان ميونسپل ڪميٽيءَ جي سچيءَ دل سان خدمت سرانجام ڏيڻ واري حافظ رئوف آفنديءَ ۾ ڪائي برائي نہ ڏٺي آهي."

ماڻهن جا آواز آيا،" صحيح آهي. ٺيڪ آهي."

صاحب صدر چيو،" مان عرض ڪري ڇڏيان ته هي ويچارو هڪ ڪلاڪ اڳ مون وٽ آيو هو ۽ هڪ وڏي عجيب ڳالهہ ڪيائين. چوڻ لڳو، جناب مان غريب ماڻهو آهيان ۽ هڪ وڏي ڪٽنب جو ذميوار آهيان.هونءَ ته منهنجي لاءِ اها انعامي رقم وڏو آسرو هوندي پر منهنجي دل ۾ هڪ عجيب ڊپ پيدا ٿي ويو آهي. جنهن جو سبب مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. ان ڪري توهان مون کي ان انعامي سلسلي لاءِ نہ ڳڻيو ته بهتر آهي."

جج صاحب چيو،"ڪنهن جي وهم ڪري حقيقت کان منهن نہ ٿو موڙي سگهجي... اسان ان صحيح ماڻهو متعلق پنهنجو فرض سرانجام ڏيڻداسون."

ميونسپل ڪميٽي جو ڊاڪٽر، جيڪو پنجاهہ سالن جو ٿلهو متارو ماڻهو هو ۽ سندس مڇون اڇيون ۽ منهن جو رنگ ڳاڙهو هئس، تنهن ڳالهائيندي چيو،" جناب صدر، مون کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني وڃي. منهنجي خيال ۾ هن ويچاري ماڻهو لاءِ خطري جو احساس بلڪل صحيح آهي. اسان کي ان جي خواهش جو احترام ڪرڻ گهرجي. هونءَ مون کي ته انعام جو چڪر ئي اخلاقي طور تي نامناسب نظر اچي ٿو."

ماڻهن جي ميڙ مان ڪيئي آواز آيا، "الله، الله"، "هن کي چپ ڪرايو،" "وقلي ٿو پيو،غلط ٿو چوي."

ڊاڪٽر وري ڳالهايو، " جناب صدر، مون کي ڳالهائڻ جو حق ڏنو وڃي... حاضرين گوڙ ڪرڻ جي ڪائي ضرورت ناهي. مان پنهنجي ڳالهہ تي آخري دم تائين قائم رهندس. هي حاجي بهاءُ الدين ڪهڙي قسم جو ماڻهو هو، اسان کي خبر آهي. اسان کي اها حقيقت هڪبئي کان لڪائڻ جي ڪائي ضرورت ناهي. الله هن

جا گناهہ معاف ڪندو."

ماسٽر زاهد آفندي وڏي آواز ۾ چيو، "اذڪرو موتڪم بالخير."

ڊاڪٽر اجان بہ پنهنجي ڳالهہ تي قائم هو، "ادا مون چيو نہ، تہ الله هن جا گناهہ معاف ڪري. ها! تہ مون ڳالهہ پئي ڪئي، حاجي بابا مرڻ ڪانپوءِ بہ ان وصيت ذريعي اسان شهرين سان مذاق ڪرڻ، اسان جي خلاف بدي جو ارتڪاب ڪرڻ ڪان نہ مڙيو آهي. توهان مهرباني ڪري منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ گوڙ نہ ڪريو. ٻلي دنيا هيڏانهن ڪان هوڏانهن تي وڃي، پر مان پنهنجن لفظن تي قائم رهندس، چاهي توهان مون کي پٽرن ۾ ڇو نہ پوري ڇڏيو. حاضرين، عوامي شهادت ۾ جيڪا لڪيل جهالت ۽ دهشت آهي، توهان کي ان جو احساس ناهي ڇا؟ ڇا توهان بہ سمجهڻ کان قاصر آهيو تہ هڪ غريب انسان جي قسمت کي سڄي شهر جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏيڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ اهو شهر جتي هزارين ماڻهو آباد آهن ۽ هر ماڻهو جي اندر ۾ هڪ عالم آباد آهي. ڇا اسان اهو نہ ٿا ڄاڻون تہ هزارين گهوريندڙ اکيون ڪنهن ويچاري نهتي ماڻهو جي زندگي اندر ليئو پائڻ، ان عاجز ڪتنب جي مجرماڻين ڳالهين جو پتو لڳائڻ جي اجازت ڏيڻ ڪيترو وڏو ڏوه آهي؟... جناب عالي، جيڪڏهن توهان واقعي فضيلت ۽ پاڪدامني جي عزت ڪندا آهيو تہ ان غريب ماڻهوءَ جو پيچو ڪرڻ ڇڏي ڏيو. جيئن هو پهاڙن ۾ هڪ بهادر گل جيان ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجي سڌي ساڌي، ذاتي زندگي گذاري سگهي. جنهن شخص کي توهان پارسائي ۽ صداقت جي نموني جي طور تي ماڻهن آڏو رکندو. ان سان يقينن حسد، ڪينو ۽ خود غرضي جو طوفان اٿي پوندو. اسان وٽ عام طور تي ڪيئي نڍيون نڍيون غلطيون، خود غرضيون ۽ گهرائيون ڪنهن جي توجهہ جون مرڪز ناهن بڻيون، پر جڏهن توهان ڪنهن جي منهن تي اکين اڳيان ترور ڪرڻ واريون روشنيون اڇلائيندا تہ اهي ئي عيب سنگين جرم جي اڻ مٽ داغن جيان اپري ايندا، انهيءَ ڪري خدارا، ان انعام جي چڪر ۾ نہ پئو، مڙي وڃو."

زاهد آفندي چيو، " هي وقت ۽ جاءِ ڪنهن بحث ڪرڻ لاءِ مناسب نہ آهي، نہ نہ مان منطقي دليلن سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريان ها تہ ڊاڪٽر جي ڳالهہ ڪيتري قدر اجائي ۽ غيرمنطقي آهي."

صاحب صدر ڳالهايو، "بحث جاري رکيو وڃي، اسان کي جيترا خط مليا آهن، انهن کي سيڪريٽري صاحب ترتيب سان فائيل ڪري رکيا آهن."

سيڪريٽريءَ ڳالهايو، "پهريون خط حافظ صاحب جي پاڙيسريءَ لکيو آهي. هُو حافظ جي نيڪ ماڻهو هئڻ جي تصديق ڪري ٿو. ڪجهہ وقت اڳ پاڙي ۾ بن ماڻهن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي ويو هو ۽ جڏهن حافظ کي شهادت ڏيڻ جي لاءِ سڏيو ويو تہ هو راضي نہ ٿيو ۽ چيائين تہ مون ڪجهہ ناهي ڏٺو، حالانڪہ اتي اهڙا ماڻهو موجود هئا جن پنهنجين اکين سان حافظ کي ان جڳهہ تي ڏٺو هو."

ماسٽر صاحب اعتراض اٿاريندي چيو، " اهو تمام وڏو گناهہ آهي، ان جو

مقصد اهو ٿيو تہ اهو ماڻهو جنهن کي اسان صالح ۽ متقي سمجهندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙ بہ ڳالهائيندو آهي. منهنجو مطالبو آهي تہ منهنجو اعتراض نوٽ ڪيو وڃي."

سيڪريٽريءَ ٻيو خط کوليو، " ٻيو خط بہ هڪ پاڙيسري لکيو آهي، پوئين سال حافظ صاحب هڪ غريب مهاجر عورت جي درخواست لکي هئي، جنهن ۾ ان عورت جي بيمار هجڻ جو ذڪر هو. حالانڪ حقيقت ۾ انکي ڪائي بيماري نہ هئي."

ڊاڪٽر وري ڳالهايو، " تہ ان ۾ حافظ صاحب جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ عورت ڇيس مان بيمار آهيان ۽ حافظ اهو ئي لکيو، جيڪو ڪيس ڇيو ويو هو."

ماسٽر صاحب ڇيو، " نہ... نہ... ڊاڪٽر صاحب! اٿين نہ ڇئو، فريبڪاري ۾ مدد ڏيڻ بہ ايترو وڏو گناهہ آهي جيتري خود تخريبڪاري. منهنجو هي اعتراض بہ نوٽ ڪيو وڃي."

سيڪريٽري ٽيون خط پڙهڻ لڳو، "ٽيون خط اڳوٽي نمبردار لکيو آهي. هي لکي ٿو تہ پاڙي ۾ هڪ بيواهہ رهندي هئي. ٻہ سال اڳ اهو ثابت ٿي ويو هو تہ ان عورت رات جو هڪ اجنبيءَ کي پنهنجي گهر ۾ رهايو هو. پاڙي وارن ان عورت کي پاڙي مان ڪڍائڻ جي لاءِ اعليٰ حڪام کي هڪ درخواست لکي هئي پر حافظ صاحب ان درخواست تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو."

ميڙ مان ڪيئي آواز آيا، " اوهو ...اها تہ تمام غلط ڳالهہ آهي....حافظ مان تہ اهان کي اها اميد نہ هئي."

ڊاڪٽر ڇيو، " ان ۾ برائي جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ سٺو ڪيائين جو صحيح نہ ڪيائين. ڇا صحيح ڪرڻ هن جو فرض بڻجي پيو؟"

ماسٽر صاحب ڪيس جواب ڏيندي ڇيو، " هڪ خراب عورت جي حمايت ڪرڻ، فحاشيءَ ڦهلائڻ ۾ مدد ڏيڻ جي برابر ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ان کان وڏي برائي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ منهنجا عزيز، تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو جيڪي ماڻهو ان قسم جي غير اخلاقي جنسي تعلقات قائم ڪرڻ ۾ ساٿ ڏيندا آهن. انهن کي ڇا ڇيو ويندو آهي ؟"

ڊاڪٽر ڇيو، " تہ پوءِ وجهوس ان خط کي بہ ويچاري جي ڪاتي ۾."

ماسٽر صاحب وراڻيو، " نہ، حافظ جي ٻين نيڪ عادتن کي ڏسي اسان ان کي اهو خراب لقب نہ ڏيندا سون. رڳو اهو لکيو ويندو تہ هن هڪ بري فعل ۾ مدد ڪئي."

ميڙ مان آواز آيا، " ٺيڪ آهي، ماسٽر صحيح ٿو چوي."

سيڪريٽري چوٿون خط کنيو، " چوٿون خط حافظ صاحب جي هڪ پراڻي ڪرائيدار لکيو آهي. هن الزام هنيو آهي تہ حافظ صاحب ٽيڪس جي بچت جي لاءِ سرڪاري ڪاغذن ۾ پنهنجي گهر جي ماليت گهٽ لکرائي اٿائين."

ڊاڪٽر وري ڳالهايو، " حاضرين، منهنجي درخواست تي غور ڪيو، اسان سڀ چڱي نموني ڄاڻون ٿا تہ مرحوم پاڻ پنهنجي سڄي ملڪيت جو ڪيترو ٽيڪس ادا ڪندو هو."

ماسٽر صاحب ڪيس جواب ڏيندي

چيو، " هڪ ماڻهوءَ جي غلطي ٻئي ماڻهوءَ جي غلطيءَ جو جواز نه ٿي بڻجي سگهي، هن ڳالهه کي به نوٽ ڪيو وڃي."

ٽيڪس انسپيڪٽر اٿي بيهي چيو، " جناب صدر، توهان جي اجازت سان اهو خط منهنجي حوالي ڪيو وڃي.مان تحقيق ڪرائيندس. جيڪڏهن واقعي اهڙي ڳالهه آهي ته پوءِ انعام جي پئسن مان ٽيڪس وصول ڪيو ويندو."

سيڪريٽري ڪاروائيءَ کي اڳتي وڌائيندي چيو، "پنجين خط ۾ صحيح جي جاءِ تي هڪ شعر لکيل آهي.جنهن جو مطلب ٿئي ٿو ته انصاف ڪرڻ وارا صحيح جي پرواهه ناهن ڪندا.ان خط ۾ حافظ صاحب جي نجي زندگيءَ بابت گهڻا انڪشاف شامل آهن."

ڊاڪٽر ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو، " خدا جي واسطي گهٽ ۾ گهٽ اهو خط ته نه پڙهو. اسان کي ڪنهن جي نجي زندگيءَ ۾ ٽنگ اڙائڻ جو ڪو به حق ناهي."

ماسٽر صاحب وراڻيو، " الله الله، نجي زندگي ۾ ٽنگ نه اڙائي وڃي، ته پوءِ پلا فضيلت ۽ پارسائي بابت ثبوت ڪٿان ايندا؟ سيڪريٽري صاحب پڙهندا وڃو."

سيڪريٽري چيو،"مان خط جا ڪجهه جملا پڙهي ٻڌايان ٿو.حافظ صاحب پهرين زال سان بنا نڪاح ڇهه مهينا رهڻ کان پوءِ شادي ڪئي. ان جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ٻي شادي ڪيائين.اها عورت ڪراڙي ۽ هڪ قانونداں جي زال هئي. اها عورت پنهنجي ڪمن جي سلسلي ۾ ميونسپل ڪاميٽي ايندي ويندي هئي. اتي ئي ان مائيءَ جي حافظ صاحب سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي ۽ پوءِ ٻنهين وچ ۾ عشق ٿي ويو. عين انهيءَ وقت ان عورت جو مڙس گذاري ويو ۽ حافظ ان کي پنهنجي نڪاح ۾ وٺي ڇڏيو."

ماسٽر صاحب ٿڌو ساه پريڦدي چيو، " منهنجا رب! تنهنجي پناهه، اهو ماڻهو جنهن کي اسان فضيلت جو مجسمو سمجهندا هئاسون،ان جي زندگي ۾ ڪهڙن ڪهڙن گناهن جا دور گذري چڪا آهن. هڪ شادي شده عورت سان گناهه جو ارتڪاب ۽ اهو به پنهنجي آفيس ۾ ۽ پنهنجي عهدي جو فرض ادا ڪندي. سيڪريٽري صاحب پلا اڳتي ته پڙهه ڪجهه."

سيڪريٽري پڙهڻ شروع ڪيو، " حافظ صاحب جي پڻيءَ جي هڪ ڌيءَ اڄ کان ست سال اڳ پنهنجي گهر مان هڪ سپاهي سان گڏ پڪڙي وئي هئي. ساڳي پڻيءَ جي وڏي ڌيڻس هڪ مختيارڪار سان محبت ڪندي ان سان ڀڄي وئي. ننڍي پٽ هڪ پاڙي واري کي ڪُٽي ان جا ڏند ڀڄي ڇڏيا هئا، جنهن تي پڻيءَ جي ان پٽ کي ڏيڍ مهينو قيد ٿي هئي."

ڊاڪٽر ٽوڪ واري نموني چيو، " ڇا اهي سڀ گناهه به ان غريب جي ڪاتي ۾ وڌا ويندا؟ پڻيءَ جي ڌيءَ يا ان جي پٽ جي حرڪتن سان هن جو ڇا واسطو؟"

ماسٽر صاحب چيو، "ڊاڪٽر صاحب، خدارا سوچ ٿورو، جيڪڏهن حافظ صاحب واقعي صاحب فضيلت هجي ها ۽ ٻارن کي ديني ۽ اخلاقي تربيت ڏي ها ته اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ممڪن هو؟"

سيڪريٽري نئون خط پڙهڻ شروع

ڪيو، "هي ڇهون خط لکڻ واري صاحب، اڄ کان اٺ ڏهه سال اڳ حافظ صاحب کي هڪ شادي جي موقعي تي شراب پيئندي ڏٺو هو."

ميڙ منجهان آواز آيا، " هلا ٿي، پاڪدامني جي قربان وڃانءِ"

صاحب صدر مداخلت ڪندي ڳالهايو، "حاضرين! بحث ۾ فضول دخل نه ڏيو... ها ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته هي حضرت ڪڏهن ڪڏهن چسڪي به هٽي ڇڏيندو آهي."

سيڪريٽري وڌيڪ خط پڙهڻ شروع ڪيو، "ستون خط سندس پاڙي جي مسجد جي امام لکيو آهي.هو چوي ٿو ته گذريل رمضان ۾ حافظ صاحب بيماري جو بهانو ٺاهي سڄو سارو هڪ هفتو روزا ڪاڏا هئائين."

ماستر صاحب چيو، " نوٽ ڪري ڇڏيو،ديني فرض ۾ غفلت."

سيڪريٽري چيو، " اٺون خط رشيد آفندي جو آهي جيڪو گذريل چونڊن وقت پرزائيڊنگ آفيسر هو.ان جو چوڻ آهي ته حافظ صاحب بيلٽ بڪس ۾ بيلٽ پيپر وجهڻ کان نابري واري بيٺو هو، ڇو ته ان جي خيال ۾ چونڊون آزادانه نه هيون."

صاحب صدر چيو، "لکي ڇڏيو،پنهنجي شهري ۽ سياسي فرض جي ادائگيءَ ۾ غلط سوچ ويچار."

ڪلب سيڪريٽري ڳالهايو، " ۽ اهو به لکي ڇڏيو ته حڪومت وقت جي مخالفت ڪندو آهي."

تعليم ڪاتي جي ڊائريڪٽر راءِ ڏني، " رجعت پسندي ڏانهن لاڙو به لکي ڇڏيو ته غلط نه ٿيندو."

سيڪريٽري وري خط پڙهڻ شروع ڪيو، " ناڻون خط پوليس انسپيڪٽر جو آهي، گذريل هفتي نشي ۾ ڌت هڪ طوائف کي پوليس اسٽيشن ڪٽي وڃڻ جي لاءِ هڪ پوليس آفيسر کي مجبورن طاقت جو استعمال ڪرڻو پيو. ان تي حافظ صاحب مداخلت ڪندي چيو هئائين."توهان عورت سان غلط سلوڪ ڪري رهيا آهيو. اهو تمام غلط آهي."

صاحب صدر چيو، " نوٽ ڪري ڇڏيو، پوليس جي سرڪاري فرض جي انجام مزاحمت."

سيڪريٽري، " ڏهون خط هڪ دڪاندار جي طرفان آهي. حافظ صاحب ان ويچاري کي سڄو هڪ هفتو انتظار ڪرائڻ کان پوءِ اهو جواب ڏنائين، "مان ڇا ڪيان ميونسپل ڪاميٽيءَ جو چيئرمين صاحب آفيس اچي ئي ڪو نه ٿو جو مان هن کان صحيح ڪرايان."

ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چيئرمين ڪاوڙ مان چيو، "هلا ٿي ڪوڙو ڪنهن جاءِ جو. هن کي پنهنجي آفيسر تي تنقيد ڪرڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي؟ اها ڳالهه به نوٽ ڪري ڇڏيو."

سيڪريٽري،"يارهون خط حافظ صاحب جي هڪ غفلت بابت آهي.ڪجهه وقت ٿيو ميونسپل ڪاميٽيءَ جي لاءِ ٿيندڙ ذريعي چونو ورتو ويو هو.حافظ صاحب هڪ ٺيڪيدار جو ٿيندڙ لاڳاپيل ڪميٽي سامهون وقت سر پيش نه ڪيو جنهن ڪارڻ ميونسپل ڪاميٽيءَ کي هڪ سو تڳڙن جو نقصان ڪٽڻو پيو."

ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چيئرمين جي ڪاوڙ اڃان نہ لٿي هئي، "مان حافظ رئوف آفندي جي گهڻين ئي غلطين کي ٽاريندورهيو آهيان پر هاڻي مان گهڻو صبر نہ ٿو ڪري سگهان. مان هن کي نوڪري مان ڪڍي رهندس. هاڻي اهو ماڻهو پل تہ ان انعام مان ڪو دڪان کولي يا ڪو ٻيو ڪم شروع ڪري. مون کي ان سان ڪو بہ سروڪار ناهي."

ڪلب سيڪريٽري چيو، "هاڻي هو جيڪو ڪندو ڪنهن ٻئي شهر ۾ ئي وڃي ڪندو، هن شهر ۾ نہ. جنهن ماڻهوءَ جو سياسي ڪردار ئي مشڪوڪ ٿي وڃي، ان جو هن شهر ۾رهڻ مناسب ناهي."

ڊاڪٽرزيون ڪندي چيو، "حاضرين، هن ماڻهو کي ڪڍي ڇڏيو. شهر بدر ڪري ڇڏيو. جيڪو چاهيو اهو ڪيو. ڇو تہ هاڻي هو غريب هونءَ بہ ماڻهن کي پنهنجو منهن ڏيکارڻ جي قابل ناهي رهيو پر جيڪڏهن توهان جو دين، توهان جو ايمان ۽ توهان جي عزت قائم آهي تہ خدا جي واسطي هاڻي اهي خط پڙهڻ بند ڪري ڇڏيو."

صاحبصدرمرڪيچيو، "جيڪڏهن جاري رڪيا وڃن تہ ڪهڙو حرج آهي؟"

ڊاڪٽر ٽوڪ واري انداز ۾ چيو، "ڪهڙو حرج آهي؟ حرج اهو آهي تہ جيڪڏهن خط پڙهڻ انهيءَ ريت جاري رهيا تہ اهڙيون اهڙيون ڳالهيون سامهون ايندينون جو جنهن ماڻهو کي رڳو هڪ ڪلاڪ اڳ اسين پارسائي ۽ پاڪدامنيءَ جي مثال جي طور تي پيش ڪري رهيا هئاسين. ان ويچاري کي سياڻي صبح جو ڦاهيءَ تي لٽڪائڻ تي مجبور ٿي ويندا سون."

چورن مٿان مور

چون ٿا تہ ڪن چورن، چوري ڪري، جهنگ ۾ سامان لاٿو. جڏهن ورهائڻ شروع ڪيائون، تڏهن هڪڙو سونو هار بہ ڪڍي، ميدان تي رکيائون. وڻ تي مور ويٺو هو، جنهن جي نظر وڃي، هار تي پيئي. سو لاماروڏيئي، اهو هار کڻي ويو. تنهن تي چورن مان هڪڙي ائين چيو.

مطلب: جڏهن ڪو ناجائز طريقي سان، ڪا شيءِ هٿ ڪري تو ۽ پوءِ ڪو ٻيو ماڻهو، ڪانئس اها شيءِ (سچي يا اڌ) کڻي وڃي تو، تڏهن ائين چئبو آهي.

ماسٽر صاحب چيو، "توهان جي سوچ بلڪل غلط آهي، ان جي باوجود منهنجو بہ اهو ئي خيال آهي تہ هاڻي هي بحث ختم ٿيڻ گهرجي. اسان جو ڪم ان ماڻهو تي مقدمو هلائڻ نہ هو، بلڪ رڳو اها تحقيق ڪرڻي هئي تہ آيا هو پارسا ۽ پاڪدامن آهي يا نہ؟ رئوف آفندي جي ڪرتوتن جو پاندو ڦاٽي چڪو آهي. جناب صدر صاحب جيڪڏهن توهان حڪم ڪيو تہ جيئن ان ماڻهو جو نانءُ انعام جي اميدوارن جي لسٽ مان ڪڍيو وڃي ۽ باقي رهيل اميدوارن بابت ساڳي تحقيق جو جائزو جاري رکيو وڃي."

ڊاڪٽر فرياد ڪندي چيو، "ماسٽر صاحب، شايد توهان شهر جي تمام پاڪدامن ۽ ارباب پارسا ماڻهن کي هڪ هڪ ڪري ڦاهي چڙهائڻ ۽ پوءِ شهر سچي ۾ اڪيلي سر نيڪ هجڻ جو وارادو رکي ويٺا آهيو؟"

☆☆☆

اوچتو گهر جي گهنٽي وڳي. ياسمين ان وقت رڌڻي ۾ ڪنهن ڪم سانگي مصروف هئي. گهنٽي جو آواز ٻڌندي ئي هن رَئي سان پنهنجا هٿ صاف ڪيا ۽ پُٽ پُٽ ڪندي دروازي ڏانهن وڌي. گهنٽي مسلسل وڄي رهي هئي. شايد اچڻ وارو پريشانيءَ ۾ هو يا وري جلدي ۾ هو. ياسمين بيزاريءَ مان دروازو کوليو ته هن جي منهن مان بي زاري ۽ چڙ چڙاهٽ صاف ظاهر هئي، پر دروازي تي جڏهن مراد کي هن ڏٺو ته سندس چپن تي مسڪراهٽ اچي وئي ۽ حيرت سان پيچڻ لڳي.

"اڙي ..... توهان!"

جواب ڏيڻ بدران مراد ڪلي رهيو هو.

"ايئن بغير ڪنهن اطلاع جي ....."

"توکي خبر آهي ته مان هميشه ڪان ايئن ئي رهيو آهيان، بغير اطلاع جي تو وٽ اچي ظاهر ٿيندو آهيان"

محبت جي لاڦاني ٽڪنڊي جي ڪهاڻي

ڪڏهن ڪڏهن دلين جي ڳالهين کي لڪائي ماڻهو سور پي ويندا آهن ۽ دنيا کي خبر نه ڏيندا آهن ته سندن اندر ۾ ڇا وهي واپري ٿو. ٻن دوستن جي ڪهاڻي، جن جي هڪ ئي عورت سان محبت هئي.

طاهوي / ڪامران

اهي ڏينهن

"ها،ڏکيو وقت ٻڌائي ٿوري ايندو آهي." ياسمين هن کي ڏسي چيڙائڻ واري انداز ۾ چيو.

"تون،اهي مذاق نہ ڇڏيندين، هنہ"

"تو ۾ بہ تہ ٻاراڻپ آهي.تون بہ تہ ٻاراڻي حرڪتن کان باز نہ ٿو اچين."

"ڇا اندر اچڻ ڪو نہ ڏيندينءَ." مراد چيو.

"اڙي، تڙ تڪڙ ۾ اهو تہ مون کان وسري ويو. اچ، اچ"

ياسمين هن کي رستو ڏيڻ لاءِ هڪ طرف ٿي ويئي. مراد گهر ۾ داخل ٿي، پنهنجو بيگ هڪ طرف اڇلائي پاڻ صوفي تي وڃي ڪريو. هن ٿوري ديرلاءِ پنهنجي ٿڪاوٽ کي مٽائڻ لاءِ صوفي جي پويان پنهنجو مٿو رکي اکيون بند ڪري ڇڏيون پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪلندي ڇيو.

"لڳي ٿو تہ تو کي خبر هئي تہ مان اچان پيو."

"تون اهو ڪيئن ٿو چئي؟" ياسمين هن ڏانهن حيرت کان چيو.

"تو جو ڊائيننگ ٽيبل جو تيار رکي آهي."

"جڏهن بہ اچين ٿو، ڪاڏي جي وقت اچي ٿو. اها تنهنجي پراڻي عادت آهي."

مراد هلڪو ڪلي صوفي تان اٿي ڊائيننگ ٽيبل ڏانهن وڃڻ لڳو تہ هن ڪيس پنهنجائپ سان روڪيو."ٿوري دير ترس، عماد کي تہ اچڻ ڏي."

پر هن کي ياسمين جي ايئن روڪڻ تي ڪو بہ اثر نہ ٿيو ۽ هي ڊائيننگ ٽيبل تي وڃي ويٺو ۽ پليٽ ۾ ڪاڏو ڪڍي چوڻ لڳو."مان انتظار نہ ٿو ڪري سگهان."

ياسمين کي هن جي اها حرڪت سٺي ڪو نہ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن بي تڪلفي بہ نقصان پهچائيندي آهي. پر هيءَ خاموش رهي، ڇو تہ مراد کي ڪجهہ بہ چوڻ بي مقصد هو.هن تي ڪو اثر ئي نہ ٿيندو هو.مراد کي خبر هئي تہ ياسمين عماد جي بنا ڪاڏو نہ ڪائيندي.هن ياسمين کي زور نہ ڀريو تہ هُوءَ بہ اچي ڪري هن سان گڏجي ڪائي.

هاڻي ياسمين هن جي اڳيان اچي وينئي ۽ چوڻ لڳي."تون ذرو بہ تبديل نہ ٿيو آهين".

مراد لاپرواهي سان ٿهڪ ڏنو ۽ پڇيو "عماد ڪيستائين ايندو؟"

"ڪجهہ بہ نہ ٿي چئي سگهان."

"ڇو؟"

"آفيس کان اڪثر دير سان ايندا آهن."

"هر زال کي پنهنجي مڙس سان اها ئي شڪايت هوندي آهي."

"ڇا روزينہ کي بہ توسان..... "

"دفتر تہ هميشہ گهريلو زندگي جي وچ ۾ ايندو آهي."

" روزينہ کي پنهنجو پاڻ سان گڏ وٺي اچي ها"

"دراصل مون کي غير ملڪي وفد سان ميٽنگ ڪرڻ لاءِ ايمرجنسي ۾ اچڻو پيو."

"هڪ تون آهين ۽ ٻيو وري هُو آهي." ياسمين وڏو ساهہ کنيو.

"مون کان سواءِ هن جو ڪو بہ دوست ڪونهي."

ياسمين ڪنڌ لوڏيو.

هاڻي مراد ڪافي سنجيده ٿي لڳو. "ڀ ز. وري هن جو منهنجي سواءِ ڪو دوست آهي."

"اهڙي دوستي نہ مون ڏٺي، نہ وري ٻڌي." ياسمين ڪلندي اقرار ڪيو.

"بس ڏنڌي ڏاڙيءَ جي چڪر ۾ اسان جدا ٿي وياسون. انسان حالتن کان مجبور هوندو آهي."ايئن چئي مراد ڪاڏو ڪائي اٿيو ۽ واش بيسن مان هٿ ڏوئڻ لڳو.

"اڙي، تو ڪاڏو تہ ڪجهہ بہ ڪو نہ گوڙ تہ وڏو پئي ڪئي." ياسمين چيو.

ان وقت ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. ياسمين فون ٻڌڻ لاءِ ڪمري طرف ويئي.ان وقت مراد سامهون رکيل اخبار کنئي ۽ ان کي پڙهڻ لڳو. اهي ساڳيون ئي خبرون. هن جو اخبار ۾ دل نہ لڳو. جڏهن ياسمين واپس آئي تہ هن اخبار هڪ طرف رکي ڇڏي.هن اچي ٻڌايو تہ عماد کي ڪنهن ڪم سانگي دير ٿي ويندي.

"تہ هن کي منهنجي باري ۾ ٻڌايو؟" مراد بي چيني سان پڇيو.

"ها".

"تڏهن بہ هو پڇندو نہ آيو!؟"

ياسمين چُپ رهي.

" ڪا مجبوري هوندس، نہ تہ ....." مراد چيو.

"تہ توکي عماد تي ايترو پڪو سو آهي؟"

"شايد، پنهنجو پاڻ کان وڌيڪ."

ياسمين هن جي سامهون ويهي رهي.

مراد سنجيدگي سان چوڻ لڳو. "مون کان وڌيڪ هن کي ڪير سڃاڻي."

ياسمين هن جي سنجيده موڊ کي ڏسي هلڪي آواز ۾ چوڻ لڳي، "ٺيڪ آهي، اچي ويو آهين تہ هاڻي ڪجهہ ڏينهن تہ ترس."

"تہ، مون کي سيٽي موٽڻو آهي."

"هوا وانگر آئين ۽ هوا وانگي واپس؟"

"منهنجي وڃڻ سان روزينہ اڪيلي ٿي وڃي ٿي، نہ."

"ڪڏهن پنهنجي ننهن سان ملڻ لنڊن ويندو آهين؟"

"ها، پوئين سال اتي ويو هئس. هاڻي تہ مان ڏاڏو ۽ روزينہ ڏاڏي ٿي ويا آهيون."

ايئن چئي مراد خوشيءَ سان ڇت ڏانهن تڪڻ لڳو. ڇڻ پنهنجي پوٽي کي ڏسي رهيو هجي. پوءِ پنهنجي خيالن کان ٻاهر اچي ڪري ياسمين کي سوچيندي ڏسي پڇڻ لڳو. "تنهنجي ڏيءَ تہ ٺيڪ آهي نہ؟"

"هن پنهنجي ٻار جي جنم تي گهرايو هو. پر عماد جي ڪري نہ وڃي سگهيس."

"اهڙي وقت تي ماڻهو کي ضرور وڃڻ گهرجي."مراد عماد تي ڪاوڙ پئي ڪئي.

" هو بہ ڇا ڪري، هن کي تہ وقت ئي نہ ٿو ملي."

"تون هن جي ڪوتاهين تي هميشہ پردو رکندي آهين." مراد ڪلي چيو.

هاڻي عماد جي ذڪر سان ياسمين جي منهن ۾ رونق اچي ويئي.

ياسمين، عماد ۽ مراد يونيورسٽي ۾ گڏ پڙهندا هئا. انهن جا مضمون هڪ جهڙا هئا،ان ڪري ٽئي ڇٽا تقريبن گڏ هوندا هئا، خاص طور تي مراد ۽ عماد جي دوستي تہ سڄي يونيورسٽي ۾ مشهور هئي.ڪڏهن ڪڏهن تہ ياسمين جي موجودگيءَ ۾ بہ پنهنجو پاڻ ۾ ايترو گم هوندا هئا جو، هنن کي هن جي خبر ئي نہ پوندي هئي.هيءَ بيزار ٿي پوندي هئي ۽

اتان ڪاوڙ مان نڪري ويندي هئي. ٻئي ڇٽا هن جي ڪاوڙ کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ هن سان ڇانهه يا وري آئيس ڪريم جو واعدو ڪندا هئا، تڏهن وڃي ياسمين جو موڊ ٺيڪ ٿيندو هو.ايم اي ڪرڻ کان پوءِ عماد ياسمين کي شادي لاءِ پرپوز ڪيو ته هُو خاموش رهي.عماد هن جي خاموشي کي نيم رضا سمجهي پنهنجا ماءُ پيءُ هن جي گهر موڪليا.انهن خوشي خوشي سان رشتو قبول ڪري ڇڏيو.جڏهن انهن ڏينهن ۾ رشتو طئي ٿيو هو ته سڀ کان وڌيڪ خوشي مراد کي ٿي هئي ۽ هن جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي.عماد ۽ ياسمين به پنهنجي پنهنجي جڳهه تي مطمئن نظر ايندا هئا.ايئن وقت گذرندو پئي ويو.

ياسمين کي ڏسي مراد هلڪو ٿهڪ ڏنو ۽ پوءِ يڪدم چپ ٿي ويو.ٿهڪ ٿوري دير کي لاءِ ڏيئي ڪو به ماڻهو جڏهن بلڪل خاموش ٿي وڃي ته ان ۾ ڏک ظاهر ٿي پوندو آهي. ياسمين به خود اها تبديلي محسوس ڪئي.

"شايد توکي اجا تائين هڪ ڳالهه جي خبر ڪو نه آهي."

ياسمين هن جي طرف سواليه نگاهه سان ڏٺو.مراد پنهنجي ڳالهه چوڻ ۾ ٿورو وقفو ڏنو.

"مان يونيورسٽي جي ڏينهن ۾ توکي ڏاڍو پيار ڪندو هئس پر مون پنهنجا جذبا ڪڏهن به توتي ظاهر نه ڪيا."

ياسمين اهو ٻڌي بيپرواهي سان ڪلي ڏنو.

"عماد توسان شادي ڪرڻ ۾ مون کان گوءِ ڪٿي ويو هو. مان ته بس خاموش ئي رهيس."

ياسمين جو منهن ساڳيو بي تاثر ئي رهيو.

"مان هن کي جذباتي طرح کان ڊسٽرب نه پئي ڪرڻ چاهيو." مراد خلا ۾ تڪيندي ڇڻ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو.

"مان ڇڻ تنهنجي رشتي تي راضي ٿيان هان!" ياسمين شرارت سان جواب ڏنو ۽ ڪلندي ڪلندي ڪنهن ڪم جو بهانو ڪري اتان نڪري ويئي.

پنهنجي ڪمري ۾،بيڊ تي ياسمين پنهنجو پاڻ کي ڪٿي اڇلايو ۽ زور زور سان روئڻ لڳي!.

☆☆☆

آڪاڻي پولي ۽ اٺ جي

هڪ ڏينهن، جانورن جو هڪ وڏو ميڙ ٿيو، جنهن ۾ پولو ناچ ڪرڻ لڳو. پولي جو ناچ سڀني کي وڻيو ۽ سڀ ان جي ساراهه ڪرڻ لڳا. پولي جي اهڙي ساراهه ٻڌي، اٺ کي به ريس ٿي، سو هو به لڳو ناچ ڪرڻ. پر اٺ جو ناچ، اهڙو ته بي زيبو پئي لڳو، جو سڀني جانورن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. سو، انهن گڏجي اٺ کي لتن سان ماري ڪٽي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

نصيحت: هر ڪا ڳالهه، جنهن ماڻهو لاءِ هوندي، تنهن لاءِ ئي جڳائي ٿي ۽ ان کي ئي سونهي ٿي. انسان کي، ٻئي جي ريس ڪرڻ کان اڳ، پوريءَ طرح سوچ ڪرڻ گهرجي ته هي ڳالهه مون کي جڳائي ٿي يا نه. جيڪو ڪپڙي جي ويڪر کان وڌيڪ ٻانهن ڍڳهي ڪندو، ان جو ڪپڙو ڦاٽندو.

ڪرزما جي پڙهندڙن جي لاءِ مشهور ليکڪ جيفري آرچر هاڻي نئون نه رهيو آهي. ڪهاڻي کي حيرت انگيز ۽ چرڪائيندڙ نتيجي تي ختم ڪرڻ جو فن هن اديب جي نس نس ۾ رچيل آهي. چين جي هڪ مجسمي تي لکيل هيءَ ڪهاڻي سندس انداز بيان جو شاهڪار ڀريل آهي. هن ڪهاڻيءَ جي لاجواب پڇاڻي پڙهي توهان خود حيران ٿي ويندو.

چيني مجسمو

جيفري آرچر

سنڌيڪار: نصرالله عباسي



هينئر ننڍڙي چيني مجسمي کي نيلام ڪرڻ جو وارو هو. نيلامي ڪندڙ همراهه جو نوڪر مجسمو هٿ ۾ جهلي ماڻهن کي ڏيکاري رهيو هو. جڏهن ته هو پاڻ هال ۾ ويٺل ماڻهن ۾ اصل خريدار کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. مان پنهنجي هٿ ۾ جهليل ڪتابڙي مان ان ننڍڙي مجسمي جي تفصيل پڙهڻ لڳس.

اهو مجسمو 1871ع ۾، "هالي ڀوئان" ۾ خريد ڪيو ويو هو ۽ چيو اهو

پئي ويو تہ اهو ڪنهن معتبر ماڻهو جي ملڪيت هو.مون سوچيو تہ اگر واقعي اها ڳالهہ ٺيڪ آهي تہ ان ڳالهہ جي تحقيق ڪرڻ گهرجي تہ آخر اهو ڪهڙو سبب آهي جو اڄ هڪ سئو سالن کان پوءِ اهو مجسمو نيلام ٿيڻ لاءِ هتي پهتو آهي.

☆☆☆

سر اليگزينڊر هيدڪوٽ هڪ سريلو ماڻهو هيو. پرڏيهي وزارت ۾ ڪم ڪندو هيو.ٺيڪ نائين وڳي آفيس پهچندو هو ۽ پوري چهين وڳي آفيس مان گهر لاءِ نڪرندو هو. هن جو پيءُ هڪ فوجي جنرل هو.پر هن پرڏيهي وزارت ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏني.هيءُ پرڏيهي آفيس ۾ڪم ڪرڻ دوران ڪيترن ئي ملڪن ۾ مختلف عهدن تي رهيو ۽ ترقي ڪندي برطانيا جي راڻيءَ ڪيس چين جي گاديءَ جي هنڌ "پيڪنگ" ۾ پنهنجو سفير ڪري موڪليو. سر اليگزينڊر آرٽ جو وڏو قدردان هو ۽ هينئر هن کي اهو موقعو مليو هو تہ "منگ" بادشاهت جي دور جي فن جي شاهڪار مجسمن ۽پينٽنگز کي ويجهو کان ڏسي سگهي. جيڪي هن پهريان صرف ڪتابن ۾ ڏٺا هئا.

ٻن مهينن جي ساموندي ۽ زميني سفر کان پوءِ سر اليگزينڊر پيڪنگ پهتو.پهچڻ سان راڻي "ڪويسي" وٽ حاضري ڀرائين(جيڪو هڪ سفارتي دستور بہ هو) ۽ راڻي وڪٽوريا جو ذاتي خط ڪيس ڏنائين.

راڻيءَ جي پوشاڪ سون ۽ هيرن سان جڙيل هئي. راڻي خط پڙهيو ۽ ڪجهہ ديرڪانپوءِ دربان کي هڪ خاص اشاروڪيائين.جنهن جو مطلب هئو تہ دربار جو وقت ختم ٿيو.

سر اليگزينڊر محل مان واپس ورڻ مهل هرڄڻ تي پيل هاٿي جي ڏندن مان ٺهيل مجسمن کي ڏسي رهيو هو جيڪي ڪيس ڏاڍو موهي رهيا هئا.جيئن تہ هن کي ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيو ويو هو.ان ڪري هن فيصلو ڪيو تہ ان وقت ۾ سڄي ملڪ جو سفر ڪجي ۽ هتان جي ماڻهن ۽ انهن جي ثقافت بابت ڄاڻ وٺجي.اهو سوچي ڪري هو هڪ مقامي همراهہ کي ساڻ ڪري اڪثر ڀري تائين هليو ويندو هو.

اهڙي ئي سفر دوران.سر اليگزينڊر جڏهن هڪ ننڍڙي ڳوٺ "هالي چوئان" ڀرسان گذريو تہ ڪيس هڪ ڪاريگر پنهنجي وٽاڻ تي ڪم ڪندي نظر آيو.هي پنهنجي گهوڙي تان لهي ڪاريگر جي ڄڳهہ ۾ گهڙي آيو.ڪيس پنهنجي چوڏاري ڪيترائي ننڍڙا مجسما ۽ ٻيون شيون تختن تي پيل نظر آيون. اهي شاهڪار هاٿي ڏند مان ٺهيل هئا،پر ڪجهہ نوان هئا.

ڪاريگر پنهنجي جڳهہ تان اٿيو ۽ مقامي ثقافت هيٺ هن کي جهڪي سلام ڪيو. سراليگزينڊر ساڳيءَ ريت جواب ڏنو. ان وقت هن سان گڏ ترجمان،هن جو تعارف ڪاريگر سان ڪرايو ۽ ڪاريگر کي چيو تہ سر اليگزينڊر هن جو ڪم ڏسڻ تو چاهي. ڪاريگر هائوڪار ڪندي ڪيس اجازت ڏني.سر اليگزينڊر هڪ ڪلاڪ تائين شيون ڏسندو رهيو ۽ آخر ۾ ڪاريگر جي ڪم جي ڏاڍي تعريف ڪئي.

ڪاريگر ٻيهر جهڪي سندس ٿورا مڃيا ۽ پنهنجي ٻنهي مهمانن کي گهر جي پوئين ڪمري ۾لهڻ جو چيو. ان ڪمري ۾پهچي سر اليگزينڊر جو ڇڻ ساهہ ئي

رکجي ويو. بادشاهن جا مجسما تمام خوبصورتيءَ سان نهيل هئا.هن ترجمان ذريعي ڪاريگر کان حال احوال وٺندو رهيو. سر اليگزينڊر ڪيس ٻڌايو ته هن کي "منگ شهنشاهيت" جي دور جي شين سان ڏاڍي دلچسپي آهي.ان تي ڪاريگر. ترجمان کي ڪا ڳالهه چئي جيڪا هن ترجمو ڪري سر اليگزينڊر کي ٻڌائي."سائين مون وٽ منگ جو هڪ مجسمو پيل آهي.جيڪو شايد توهان کي وڻي.اهو مجسمو ستن پيڙهين کان اسان وٽ آهي."

"اهو مون لاءِ هڪ اعزاز هوندو." سر اليگزينڊر چيو.

" نه سائين اهو ته منهنجي لاءِ اعزاز آهي." ڪاريگر چيو ۽ هنن ٻنهي ڇٽن کي اتي ڇڏي پاڻ هڪ دروازي مان نڪري ڪمر واري جڳهه ۾ ويو ۽ جڏهن ڪجهه دير بعد واپس وريو ته سندس هٿ ۾ هڪ مجسمو هو، جيڪو هن سر اليگزينڊر کي ڏنو.سر اليگزينڊر ان شيءَ کي غور سان ڏٺو. خوشيءَ منجهان سندس وات ئي ڪلي ويو.

اهو "ڪنگ" شهنشاهه جو مجسمو هو،جيڪو فقط ڇهه انچ ڊگهو هو.سر اليگزينڊر کي پڪ هئي ته هي مجسمو شهنشاهه جي خاص مجسمه ساز "پين ڪيو" ناهيو هوندو، جنهن جو مطلب ته مجسمو پندرهين صدي ۾ ناهيو ويو هوندو، مجسمي ۾ فقط هڪ خامي هئي. ڇو ته مجسمي جي هيٺان بنياد ڪو نه هو،جنهن تي مجسمو رکيو ويندو آهي،پر سر اليگزينڊر سوچيو ته اها ڪا وڏي ڳالهه ڪو نه آهي، ڇو ته مجسمو هڪ شاهڪار ۽ بي بها هو، ان ڪري بنياد جو خير آهي.

ڪاريگر،ترجمان جي ذريعي سر اليگزينڊر کان پڇيو ته ڪيس مجسمو ڪيئن لڳو.

"شاندار." هن چيو،"تمام بهترين".

سر اليگزينڊر مرڪندي، ڪاريگر کي مجسمو واپس ڪيو ۽ ان وقت سندس وات مان ڪجهه غير سفارتي لفظ نڪتا جيڪي هن پنهنجي پنجٽيهه سالن جي نوڪريءَ ۾ ڪڏهن به استعمال نه ڪيا هئا. هن چيو،"ڪاش! اهو مجسمو مون کي ملي سگهي ها!"

سر اليگزينڊر کي پنهنجي ڳالهه تي ان وقت افسوس ٿيڻ لڳو جڏهن هن جو اهو جملو ترجمان ترجمو ڪري ڪاريگر کي ٻڌايو.ڪاريگر غمگين شڪل بڻائي سراليگزينڊر کي مجسمو واپس ڏنو.

"نه، نه،مان ته مذاق پئي ڪيو." هن مجسمو،جلدئي ڪاريگر کي واپس ڪندي چيو.

"سائين اگر توهان هي مجسمو نه ورتو ته اها منهنجي اڳڻ جي بيعزتي سمجهي ويندي." ترجمان هن کي ڪاريگر جا چيل لفظ ترجمو ڪري ٻڌايا.

"مون ته پنهنجي اخلاقي قدرن جي جي بيعزتي ڪئي آهي." سر اليگزينڊر چيو ۽ ترجمان ڏانهن نهاريائين جيڪو حيران ۽ پريشان بيٺو هو.

"سائين اهو مجسمو مون کي ڏيو ته مان ان جو بنياد هٿي ڏيان نه ته توهان ان کي ڪٽي رکي نه سگهندؤ."ڪاريگر چيو.

ڪاريگر ڪمري جي ڪنڊ ۾ وڃي هڪ ڪوڪي ۾ پيل ڪيترن ئي ٽڪرن مان هڪ سهڻو بنياد ڪڍي مجسمي جي پيرن ۾ لڳايو.ائين پئي لڳو ڇڻ اهو بنياد شروع کان ئي مجسمي جو اصل حصو هو.

سر اليگزينڊر تحفو وٺندي شڪي تي رهيو هو ۽ هن ڪاريگر جو ٿورو مڃيو جنهن جهڪي ڪيس سلام ڪيو ۽ هي ٻئي چٽا ٻاهر نڪري آيا.واپس پيڪنگ طرف ويندي رستي ۾ ترجمان محسوس ڪيو ته سر اليگزينڊر ڪجهه پريشان پريشان هو.

ترجمان ڪيس چيو."سائين توهان چين جي ان روايت کان چڱيءَ ريت واقف هوندا ته اگر ڪو ماڻهو توهان تي ٿورو ڪري ته سندس ٿورو ساڳي سال ئي لاهجي."

سراليگزينڊر هن جو ٿورو مڃيو ۽ هن جي ڳالهه تي غور ڪرڻ لڳو.واپس پنهنجي آفيس پهچي هي سفارتخاني جي لائبريري ۾ هليو ويو ته جيئن ان مجسمي جي تاريخي حقيقت ڄاڻي سگهي.ٿورڙي دير بعد هن کي ڪتاب ۾ ان مجسمي جي ڊرائنگ نظر آئي ته ڪيس پڪ ٿي ته اهو مجسمو اصلي ۽ قيمتي آهي.

ايندڙ هفتي هن لنڊن خط لکي پنهنجي بينڪ جي ڪاتي مان جهجهي رقم هن ڏانهن موڪلڻ جو چيو.تقريبن ٻن مهينن بعد جڏهن رقم هن کي ملي ته هن ان مقامي ترجمان کي گهرايو ۽ ڪائنس ڪجهه ڳالهيون پڇيون.

جنهن ڪيس ٻڌايو ته "ينگ لي" نالي اهو ڪاريگر، "ينگ شا" خاندان جو فرد آهي، جيڪو گذريل پنج سئو سالن کان وٺي اهو ڪم ڪندو پيو اچي ۽ مانچو شهزادن جي محلن ۾ هن جي ڪم جا نمونا پيل آهن. ترجمان ڪيس ٻڌايو ته ينگ لي پوڙهو ٿي چڪو آهي ۽ سندس خواهش آهي ته هڪ سٺو گهر اڏي سڪون واري زندگي گذاري.

تقريبن هڪ سال کان پوءِ سر اليگزينڊر،ان ترجمان کي ساڻ ڪري "ان ڪاريگر جي ڳوٺ "هالي چوئان" پهتو.هي گهوڙي تان لهي ڪاريگر جي گهر هليو ويو. جتي ڪاريگر پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو.ڪاريگر پهريان ته ڪيس ڪو نه سڃاتو پر جڏهن سڃاتائين ته ڪيس نوڙي سلام ڪيو.

"ڏس! مان تنهنجو ٿورو لاهڻ لاءِ ساڳي سال ئي واپس آيو آهيان." سر اليگزينڊرڪيس چيو.

"سائين ان جي ڪا ضرورت ڪو نه هئي،منهنجي لاءِ ته اها ئي عزت جي ڳالهه آهي ته اهو مجسمو توهان جهڙي قدردان وٽ آهي." ڪاريگر چيو.

سراليگزينڊر، ڪاريگر کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. اهي ٽئي چٽا گڏهن تي چڙهي اتر پاسي هلڻ لڳا. اٽڪل ٻن ڪلاڪن جي پنڌ ڪانپوءِ ڪيس ڏور هڪ جبل نظر آيو. اتي ساڻن هڪ مقامي ماڻهو گڏيو.ان همراهه هنن کي سلام ڪيو ۽ ساڻن پنڌ هلڻ لاءِ چيو.

"مائين" نالي ڳوٺ جي پر ۾ هڪ خوبصورت جڳهه تي هڪ ننڍڙو گهر ٺهيل هيو.گهر جي دروازي جي ٻاهران اچي رنگ جا ٻه شينهن ٺهيل هئا،جنهن گهر جي خوبصورتيءَ کي چار چند لڳائي ڇڏيا هئا.

ڪاريگر سڄي رستي ۾ ڪجهه به نه ڳالهايو هو. سر اليگزينڊر چيو،"منهنجي ڀاران، توهان جو ٿورو لاهڻ خاطر هڪ ننڍڙي ڪوشش."

ڪاريگر گوڏن پر ويهي ڪائنس معافي گهرڻ لڳو ۽ چيو ته ڪنهن هنرمند کي ڏارين ماڻهن کان ڪو تحفو وٺڻ تي

پابندي آهي. ان تي ترجمان کيس ٻڌايو تہ راڻيءَ، سر اليگزينڊر کي ان ڳالهہ جي خاص اجازت ڏني آهي. اها ڳالهہ ٻڌي ڪاريگر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اٿي گهر کي ڏسڻ لڳو. سيئي ڇڻا ڪجهہ دير اتي ترسيا ۽ پوءِ واپس "هالي چوٽان" ڪاريگر جي وٽاڻ تي پهتا. سر اليگزينڊر ڏاڍو خوش هو.

هاڻ سندس مان مٽانهون ٿيو هو.

سر اليگزينڊر پنهنجي ڊيوٽي جا ٽي سال پورا ڪيا تہ چين جي راڻيءَ کيس "سلور اسٽار آف چائنا" جو ايوارڊ ڏنو ۽ ڪجهہ ڏيهن بعد هيءَ واپس پنهنجي آباڻي علائقي "يارڪ شائر" آيو.

سر اليگزينڊر پنهنجي زندگي جا آخري سال پنهنجي آباڻي گهر ۾ پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ گذاريا. جڏهن تہ "منگ" شهنشاهہ جو مجسمو ڊرائنگ روم ۾ رکيل رهيو تہ جيئن هر ايندڙ مهمان ان کي ڏسي سگهي.

سر اليگزينڊر، پنهنجي جائداد جي مناسب ورڇ ڪرڻ خاطر هڪ تفصيلي وصيت لکي، جنهن ۾ هن واضح طور لکيو تہ "منگ" شهنشاهہ جو مجسمو ڪنهن بہ صورت ۾ وڪڻيو نہ وڃي، پر جيڪڏهن خاندان جي عزت خطري ۾ هجي تہ پوءِ ان صورتحال ۾ ان مجسمي کي وڪڻي سگهجي ٿو. هن مجسمو پنهنجي وڏي پٽ جي نالي ڪيو ۽ وصيت ۾ لکيو تہ مجسمو رکندڙ هيءُ مجسمو پنهنجي پهرين ٻار کي سونپيندو چاهي اهو چوڪرو هجي يا چوڪري. وصيت لکڻ جي ڪجهہ عرصي بعد سر اليگزينڊر ستر سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

هن جي وڏي پٽ کي جڏهن اهو مجسمو مليو تہ هو برطانيہ جي فوج ۾ ميجر جي عهدي تي فائز هو ۽ برطانيہ ان وقت "بوئر" جي جنگ وڙهي رهيو هو. ميجر جيمس اهو مجسمو فوجين جي ميس (ڪاڏو ڪائڻ جي جڳهہ) ۾ رکرايو تہ جيئن هر فوجي جوان اهو ڏسي ۽ سندس خانداني ورثي جي باري ۾ ڄاڻي. ميجر جيمس، ڪرنل جي عهدي تي پهتو ۽ مرڻ کان اڳ وصيت مطابق مجسمو پنهنجي وڏي پٽ جي حوالي ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ڪيس هدايت ڪئي تہ جيستائين خاندان جي عزت داءِ تي لڳل نہ هجي، ان مجسمي کي هرگز وڪيو نہ وڃي. ائين اهو مجسمو هڪ نسل کان ٻي نسل ڏانهن منتقل ٿيندو رهيو. آخرڪار سر اليگزينڊر جي چوٿين پيڙهي جي جوان ڪيپٽن جيمس کي مليو. ڪيپٽن جوانيءَ ۾ ئي هڪ لڙائي ۾ مارجي ويو. نتجي طور اهو مجسمو سندس ٻن سالن جي پٽ ايليڪس جي حوالي ڪيو ويو.

ڪيپٽن جيمس جي اوچتو موت سب سندس گهرواريءَ تي ڏکيا ڏينهن اچي ويا. جڏهن تہ ايليڪس پڻ ڪو نہ سڏريو ۽ ان کان اڳ جو ڪيس اسڪول مان خارج ڪيو وڃي هن اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنو. هي ڪا بہ نوڪري ڪجهہ هفتن کان وڌيڪ ڪري نہ سگهندو هو. هن جي اهڙين حرڪتن سبب سندس ماءُ لاءِ وڏيون مشڪلاتون وڌي ويون. نيٺ هڪ ڏينهن سندس ماءُ جي الله ٻڌي ۽ هن چندي پٽ کي دنيا ۾ پٽڪندو ڇڏي پاڻ ٻئي جهان وڃي سڪون ورتو.

جڏهن سٺ جي ڏهاڪي ۾ برطانيہ ۾ ڪيسينو (جوا گهر) کليا تہ ايليڪس کي پئسا ڪمائڻ جو نئون طريقو سجهيو. هن

جوا کيڏڻ شروع ڪئي. هن ڪنڌ لاءِ روز نوان نوان طريقا ايجاد ڪرڻ شروع ڪيا، پر هر طريقي ۾ هي اڳين طريقي کان وڌيڪ رقم هارائڻ لڳو. هن هڪ نئون طريقو شروع ڪيو. هاڻي هي ماڻهن کان اوڌر وٺي جوا کيڏڻ لڳو. هن کي سدائين هڪ ڳالهه جي پڪ هئي ته جيڪڏهن خاندان جي عزت داءِ تي لڳي ته "منگ" شهنشاهه جو مجسمو سندس عزت بچائيندو.

هر ايندڙ ڏينهن کيس ويتر فرضي ڪندو ويو. نيٺ هڪ ڏينهن قرض واپس گهرندڙن کيس ڌمڪي ڏني ته اگر پندرهن ڏينهن ۾ کين اٺ هزار پائونڊ واپس نه مليا ته سندس خير ڪونهي. ان ڏينهن ايليڪس مجسمو کنيو ۽ "باند اسٽريٽ" تي موجود هڪ نيلام گهر کي ڏنائين ته مجسمي کي نيلام ڪيو وڃي. ائين ڪندي کيس توري ڏک ضرور ٿيو ته خاندائي ورثو نيلام پيو ٿئي پر خير خاندان جي عزت بچائڻي هئي.

"اسان کي هن مجسمي جي صحيح رقم جو ڪاٽو لڳائڻ ۾ به ٿي ڏينهن لڳندا پر مونکي پڪ آهي ته "پين ڪيو" جو ٺهيل اهڙو شاندار مجسمو اسان اڳ ڪڏهن نيلام ناهي ڪيو" نيلام گهر جي ڪلارڪ کيس چيو هو.

ايليڪس قرضدارن کي چيو ته هو ڪجهه ڏينهن انتظار ڪن ۽ هاڻي سيني کي مجسمي جي رقم جي ڪاٽي جو انتظار هو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ايليڪس نيلام گهر پهتو. کيس پڪ هئي ته سندس وڏن جو هي نايابه مجسمو پڪ سان ڏهه هزار پائونڊ لهندو ۽ نه صرف هن جو قرض لهي ويندو پر ڪافي رقم بچي به پوندي.

ان وقت نيلام گهر جو ماهر هن سان ملڻ آيو. هن جيڪا ڳالهه ايليڪس کي ٻڌائي تنهن سندس لاهه ئي ڪڍي ڇڏيا. ماهر چيو، "ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هي هڪ سهڻو مجسمو آهي، پر هي نقلي آهي. اصل مجسمي جي ڪاپي ڪئي وئي آهي."

"پر ان جي قيمت ڪيتري ٿيندي؟" ايليڪس پريشانيءَ مان پڇيس.

"وڏ ۾ وڏ، ست يا اٺ سئو پائونڊ." ماهر چيو.

"زهر خريد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن." ايليڪس سوچيو ڇو ته هن کي ڄاڻ هئي ته سندس قرضدار هاڻ ڪيس ڪو نه ڇڏيندا.

"پر سائين مون کي هڪڙي ڳالهه جي حيرت آهي." ماهر چيو.

" نيلام ڪريس ان فالتو شيءِ کي. ڪا به پرواه نه ڪر." ايليڪس سندس ڳالهه کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري چيو.

"پر توهان بنياد جو ڇا ڪندؤ؟" ماهر چيو.

"بنياد.....!!" ايليڪس ماهر ڏانهن تڪيندي چيو.

"جي ها! بنياد، تمام شاندار آرٽ جو نمونو آهي. پڪ سان پندرهين صديءَ جي ڪنهن ماهر چيني ڪاريگر اهو ٺاهيو هوندو..."

☆☆☆

ماهر جي ڳالهه صحيح نڪتي. ان ڏينهن جڏهن "منگ" شهنشاهه جي مجسمي جي نيلامي ٿي ته مون اهو مجسمو ست سئو ويهه پائونڊن ۾ خريد ڪيو. پر مجسمي جو بنياد؟؟!! اهو هڪ گمنام آمريڪيءَ همراهه ٻاويهه هزار پائونڊن ۾ خريد ڪيو.

صحافتي کر نهايت مقدس پيشو آهي، پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ان ۾ کر ڪندڙ هر ڪو ماڻهو بي عيب آهي ۽ اهو ايمانداري ڪري ٿو. هڪ اهڙي بدنيت صحافيءَ جو قصو جنهن غلط رپورٽنگ ڪئي.

اخباري رپورٽر

استيفن ليڪاڪ

سنڌيڪار: گلزار علي ولياڻي

جيئن ئي مون پنهنجي تقرير ختم ڪئي، هو هٿن ۾ ڪليو نوٽ بوڪ کڻي اسٽيج تي چڙهي آيو ۽ سٺ ڏيئي مون سان مخاطب ٿيو. "آئون روزنامہ (خيابان) جو رپورٽر آهيان. بدقسمتيءَ سان آئون اوهان جي تقرير ٻڌي ڪين سگهيس... مهرباني ڪري پنهنجي تقرير جون چوندِ ڳالهيون ٻڌائي سگهندا؟"

مون چيو "تہ ڇا اوهين تقرير مهل هال ۾ موجود ڪين هئا؟"

چيائين، "جي نہ! آئون ان مهل هاڪيءَ جو ميچ ڏسي رهيو هئس."

پڇيو مانس، "تہ ڇا اوهين هاڪي ميچ جي بہ رپورٽنگ ڪندا آهيو؟"

اسان جو ملڪ بہ هن ڪهاڻيءَ جهڙي صحافيءَ کان وانجهيل نہ آهي



چوڻ لڳو "نہ سائين! آئون تہ سينيئر ماڻهو آهيان... اهڙا ننڍا ڪم ڪين ڪندو آهيان. ڇا هو جو ميچ ٽورڙو دلچسپ هو ان لاءِ ڏسڻ هليو ويس... ها! تہ اوهان جو ليڪچر ڪهڙي موضوع تي هو؟"

ڪيس ٻڌايو ويو تہ عنوان هو "سائنس جي اچرج جوڳي پيشرفت!"

هن چيو "چڱو! تہ سائنس تي هو!" ۽ گڏوگڏ هن تيزيءَ سان نوٽ بڪ تي ڪجهہ لکيو پر پوءِ جلدي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو "ٽورڙو حيرت جي هجي تہ ٻڌايو...ح حلوي واري هوندي آهي نہ!"

"جي ها! بلڪل حلوي واري!" مون مرڪندي چيو

"منهنجو بہ اهوئي خيال هو!" هن چيو "هاڻ اوهان واري تقرير بابت پڇي سگهان ٿو. تہ انجو مرڪزي خيال ڪهڙو هو؟ منهنجو مطلب آهي تہ... خير مطلب تہ اوهين سمجهي ويا هوندا!"

"مرڪزي خيال هي هو تہ ريڊيائي تابڪاري ائٽم جي بناوٽ تي ڪهڙو اثر وجهي ٿي؟"

رپورٽر چوڻ لڳو "ٽورڙو بيهجو... آئون نوٽ ڪري وٺان... ريڊيائي تابڪاري...!"

مون دخل ڏيندي اصلاح جي ڪوشش ڪئي ، "تابڪاري نہ، تابڪاري."

"مهرباني... مهرباني... ريڊيائي تابڪاري ڪي بناوٽي روشني... وغيره... جي ها آئون سمجهي ويس!" ان کان پوءِ هن نوٽ بڪ بند ڪري ڇڏيو ۽ سوال ڪرڻ لڳو "ڪڏهن پهرين بہ اوهين هتي آيا آهيو؟"

"جي نہ! هي پهريون موڪو آهي!"

"ڇا اوهان جو قيام نئين هوٽل ۾ آهي؟"

"جي ها!"

"هوٽل پسند آئي؟"

"بلڪل! تمام آرام ڏيندڙ جاءِ آهي!"

هن نوٽ بڪ کوليو ۽ مٿس ڪجهہ لکيائين. پوءِ اڳلو سوال ڪيائين "ڇا اوهان اهو نئون ذبح خانو بہ ڏٺو آهي جيڪو تائون ڪاميٽيءَ ناهرايو آهي؟"

"نہ دوست! مون تہ انهيءَ بابت ڪجهہ بہ ٻڌو ناهي!"

"جناب! اهو تہ اسانجي ملڪ جو سڀ کان وڏو ذبح خانو آهي! اوهان پڪ انهيءَ بابت ڪجهہ چوڻ چاهيندؤ!"

"ادا! مون ان کي ڏٺو ئي ڪينهي تہ ڇا تو چئي سگهان؟"

هن نوٽ بڪ ۾ ڪجهہ لکيو ۽ ٽورڙو ترسي وري چيائين "اوهين مقامي ڪاميٽيءَ جي نئين اسڪئنڊل بابت ڪجهہ چوندؤ؟"

"مون کي تہ ڪنهن بہ اسڪئنڊل جي خبر ڪانهي!"

"ڇا اوهانجي خيال ۾ ڪاميٽيءَ جا اڪثر ميمبر رشوت وٺن ٿا؟"

"نہ! مان انهن بابت ڪجهہ بہ نہ ٿو ڄاڻان!"

"بلڪل! پلا اوهان کي ڪهڙي خبر؟ هونئن عام طور تي اوهانجي خيال ۾ اهي ماڻهو راشي ٿي سگهن ٿا يا نہ؟"

مون وراڻيو "تي تہ سگهن ٿا بلڪ ڪن وقتن پارٽي بازيءَ ۾ اهي چنڊال چمچا بہ ٻڌجي وڃن ٿا!"

"اوهو! ڪهڙي ڳالهہ ڪئي آهي اوهان! چنڊال... چمچا.. واهہ ڙي واهہ!" رپورٽر جهومي اڻيو ۽ چوندو پئي هليو ويو "هاڻ ٿي نہ ڳالهہ؟ چنڊال ۽ چمچا... اهي شيون آهن جيڪي اسان جي اخبار جي

پيشانيءَ تي زيرر وانگيان چلڪن ٿيون... ليڪچرن ۾ ڇا رکيو آهي... خشڪ فارمولا ۽ مشڪل هڪجهڙايون...!"

آئون خاموشيءَ سان ڪيس ڏسندو رهيس. اوچتو هن اڳلو سوال ڪيو "ڇا انهن چندالن ذبح خاني جي اڏاوت ۾ لکين رپين جي حساب سان پنهنجا هٿ رنگيا هوندا؟"

"نه ياءُ! مون کي ان ڳالهه جي ڪا به ڏيٺ ڪانهي!"

"پر ڏسو نه! اوهانجي خيال ۾ اها ڳالهه ممڪن ته آهي نه!"

"ياءُ! ان بابت مان ڪجهه به نٿو چئي سگهان!"

"چڱو! ان ڳالهه کي هت ئي ٽا ڇڏيون.. بهرحال وڏي مهرباني.. اميد آهي اوهين پيهر تشريف آڻيندا.. خدا حافظ!"

ٻي صبح جو آئون وڃڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ سوار ٿيس ته تازي اخبار جي منهنجي نظر پئي. ٻن ڪالمن واري خبر جي مٿان وڏين سرخين ۾ ۽ پوءِ ننڍي سرخيءَ ۾ "ٽائون ڪاميٽيءَ جا ميمبر چندال ۽ چمچا آهن!" لکيل هو. انهيءَ هيٺ لکيل هو "مشهور پروفيسر جو سائنس تي ليڪچر!" رپورٽ ۾ لکيل هو ته "مشهور سائنسدان جناب عبدالرب مقامي ميونسپل هال ۾ هڪ عظيم اجتماع آڏو هڪ تمام دلچسپ ليڪچر ڏنو. هن چيو ته اسين ريڊيائي تابڪاريءَ مان روشني حاصل ڪريون ٿا. هن وڏيڪ چيو ته ٽائون ڪاميٽيءَ جا ميمبر چندال ۽ چمچا آهن .هن ائٽم جي بڻاوت تي به تفصيل سان روشني وڌي. سندس ذهن ۾ ذبح خاني جي اڏاوت واري ڏس ۾ رشوت بابت شديد شڪ ۽ شبها هئا. پر هن مصلحت جي طور تي خاموشي اختيار ڪئي. پروفيسر صاحب جي تقرير کي ٻڌندڙن تمام ڌيان ٻڌو ۽ بار بار تاڙيون وڄائي ڪيس داد ڏني. تقرير جي آخر ۾ حاضرين مقرر صاحب سان هڪ پيرو ٻيهر انهيءَ شهر ۾ اچي ليڪچر ڏيڻ جي التجا ڪئي!"

سو هي آهي جناب رپورٽر صاحب جي واردات جو طريقو... پر ڇا آئون سندس انهيءَ حرڪت تي ناراض ٿيس؟ بلڪل نه ... آخر ڇو ناراض ٿيان؟ ڇا هن پنهنجي رپورٽ ۾ اهو ناهي لکيو ته مون هڪ عظيم اجتماع آڏو تقرير ڪئي؟ جيتوڻيڪ هال ۾ مشڪل سان پنجاهه يا سٺ ماڻهو هئا. ڇا هن ٻڌندڙن جي دلچسپي وري وري تاڙين وڄائڻ جو ذڪر ڪين ڪيو؟ جيتوڻيڪ تاڙيون وڄن ها ته رپورٽر کان اڳ آئون ٻڌان ها ڇو جو هو ان وقت هاڪي ميچ ڏسي رهيو هو. اوهين ڪوڙ سچ کي به ڪٿي ڇڏيو. اهو ڏسو ته آخر هڪ مقرر کي ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي بهتر رپورٽ گهرجي؟

جيستائين ڪائونسل جي ميمبرن جي رشوت وٺڻ ۽ خبر جي عنوان جي سنسيءَ جو لاڳاپو آهي ته انهيءَ ۾ ويچاري رپورٽر جو ڏوهه ڪينهي... منهنجو آهي! صبح جي اخبار ۾ اهڙيون شور ۽ هنگامون مچائيندڙ سرخيون اسان پڙهندڙن جي ضرورت آهي ۽ رپورٽر تمام فرض شناسيءَ سان اسان جي ضرورت پوري ڪري ٿو. سو انهيءَ غريب کان ناراض نه ٿيو... ڪيس نوٽ بڪ ۽ پينسل ڪٿي رات جي اونڌهه ۾ سنسني پيدا ڪندڙ خبرن جي ڳولا ۾ گهٽين ۽ رستن ۾ نڪري وڃڻ ڏيو! منهنجون دعائون ساٿس گڏ آهن.

صديءَ جو سپ کان وڏو ماڻهو

کاشي ناٿ سنگهه

الطاف ملڪاڻي

هڪ اهڙي نواب جي داستان جنهن کي ماڻهن مٿان ٿڪون اچلائڻ ۾ مزو ايندو هو. هندي ادب مان بي مثال شاهڪار جي چونڊ. هڪ غيرمعمولي ڪهاڻي،جنهن جو موضوع پهرين ڪڏهن به نه پڙهيو ويو هوندو

انساني نفسيات ۽ جذبن جي نقاشي ڪيل خوبصورت ڪهاڻي

جنگيون ۾ هزارين وڙهيون ويون آهن، پر پاڻيءَ تي به ۽ آسمان ۾ به. ايستائين جو گهر گهر ۾ به جنگ تي آهي. پل ڪٽي اهو زمانو راجپوتن جو هجي يا مغلن جو يا ڪٽي انگريزن جو، پر پاڙي جي گهٽيءَ ۾ جنگ رڳو هڪڙو ٿ ٿيندو هو. ايڏي وڏي نالي تي وڃي ختم ٿيندو هو. ايڏي وڏي نالي پيرو وڙهي وئي آهي ۽ هيءُ داستان انهيءَ جنگ جو آهي.

ديس کي آزاد ٿئي اڃا چار پنج سال مس ٿيا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ هن گهٽيءَ ۾ ڪو خانداني رئيس رهندو هو، جنهن جو نالو "رانا" کان شروع ٿيندو هو ۽ "چنديل" تي وڃي ختم ٿيندو هو.

سان ان کي ڪوبہ نہ ڄاڻندو سڃاڻندو هو. ماڻهو ڪيس سڃاڻندا هئا سندس تخلص "شوق" سان. هن کي اها خبر هئي تہ اردوءَ جا جيڪي بہ وڏا شاعر ٿي گذريا آهن، انهن جا تخلص مختصر رهيا آهن. جيئن مير، سودا، ذوق، جوش وغيره. انهن جي طرز تي هن بہ شاعري ڪئي هئي ۽ پنهنجو تخلص "شوق" رکيو هئائين ۽ اهو نالو ڏاڍو مشهور ٿيو.

"شوق" صاحب ڪوئٽہ تي وڃڻ جو شوقين هو، پر وڏي ڄمار سبب جڏهن سندس اهو شوق ختم ٿيو تہ هن کي اهڙو شوق چڙهيو، جنهن سندس شهرت ديس جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي ڇڏي. جنهن کي ڏسو اهو انهيءَ گهٽيءَ ڏانهن ڊوڙ ۾ پيو وڃي، جنهن ۾ "شوق" صاحب جو گهر هو.

"شوق" صاحب پنهنجي چئن منزلن واري بنگلي جي ٽئين منزل جي انهيءَ دريءَ وٽ وينل نظر ايندو هو، جيڪا گهٽيءَ ڏانهن کلندي هئي. هن وٽ سڀ ڪجهہ هو، پر هن لاءِ اهو سڀ مٽيءَ جي ملهہ هو. هاڻي هو پر هو ان تي سوار نہ ٿيندو هو. گهوڙا هئا، پر هو انهن کي ڊوڙائيندو نہ هو. بگي ۽ ڪار بہ هئي، پر هن جو انهن ۾ ڇا؟ اهو سڀ هن وٽ ان لاءِ موجود هئا، جو هڪ رئيس وٽ اهي شيون هجڻ گهرجن. اهو سڀ بنگلي جي پوئين حصي واري باغ ۾، جتي نوڪرن لاءِ ڪوٺيون ٺهيل هيون، اتي پيل هوندا هئا. ڪافي ڳوٺن ۾ هن جا زرعي فارم بہ هئا، جتان سٺي اپت ٿيندي هئس، پر "شوق" صاحب جو شوق انهيءَ سان نہ، پر پان، ڪاٺي، سوپاري ۽ پان کي لڳندڙ چن سان هو.

"شوق" صاحب جنهن دريءَ وٽ ويهندو هو، ان جي پرسان چانديءَ جي ورقن ۾ ويڙهيل پانن سان پريل هڪ ٿالهہ رکيو هوندو هو. هو مودِ مطابق پان ۽ تماڪ وٺت ۾ وجهندو هو ۽ دريءَ مان ويهي دم ديدار سان گڏ دريءَ کان ٻاهر ڳاڙهيون ٿڪون هيٺ اڇلائيندو رهندو هو.

جڏهن بہ هن جي ٿڪ ٻاهر ڪرندي هئي، ڪنهن نہ ڪنهن جي مٿي يا ڪپڙن کي رڳي ڇڏيندي هئي ۽ جنهن ماڻهوءَ جا ڪپڙا يا مٿو لال ٿي ويندا هئا، ان جو ردعمل "شوق" صاحب ڏاڍي شوق سان ڏسندو هو تہ ڇا اهو همراه ساڄي ڪاپي ڏسڻ ڪانپوءِ ماڻ ميڻ ۾ اتان نڪري وڃڻ چاهي ٿو يا مٿي دريءَ ڏانهن ڏسي دل ئي دل ۾ بہ چار ناهوڪيون گاريون ڏئي ڪپڙا ۽ مٿو ڇنڊي اڳتي نڪري وڃي ٿو. اڪثر ماڻ ميڻ ۾ گذري ويندڙ ماڻهن تي "شوق" صاحب کي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي ۽ هو وات ۾ بچيل پڪ ٿڪدان ۾ اڇلي ڇڏيندو هو. هن کي اهڙن بهادرن جي ڳولها هوندا هئي، جيڪي ڪپڙا خراب ٿيندي ئي ڪيس ماءُ پيڻ تي گارين جو وسڪارو شروع ڪري ڏيندا هئا، ڪاوڙ ۾ ٽينگ ٽپا ڏيندا هئا ۽ آسمان مٿي تي ڪٽي ڇڏيندا هئا يا وري گوڙ ڪري اوڙي پاڙي وارن ۽ راهہ ويندڙن جو ميڙ ڪٺو ڪري وٺندا هئا ۽ پوءِ دانهون ڪوڪون ڪندا هئا تہ هاڻي هو ڇا ڪن؟ انهن جا ڪپڙا خراب ٿي ويا آهن ۽ هاڻي سندن ڇا ٿيندو؟

جڏهن اهو همراه منهن مٿو پٽي گاريون ڏئي انصاف کان مايوس ٿي وڃڻ

لڳندو هو تہ ان مهل بنگلي مان ٻہ نوڪر نڪرندا هئا ۽ ان همراہ ڪي ادب سان حويليءَ ۾ وٺي ايندا هئا. ڪيس سرهي صابڻ سان وهنجاري، خوشبودار تيل ۽ عطر هڻي، سٺو ڪاڏو ڪارائي، نوان ڪپڙا پهرائي، ڪافي پئسا ڏئي ڪيس، هاٿي يا گهوڙي تي، (جيڪا هن جي خواهش هوندي هئي) ويهاري گهٽيءَ جي آخري ڪنڊ تائين الوداع ڪري ايندا هئا. اهڙي مهمان جي اچڻ تي "شوق" صاحب ڏاڍو خوش ٿيندو هو.

آهستي آهستي سندس نالو ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ پکڙجي ويو. هن غريب نواز جي حويليءَ ۾ هڪ ڪوٺي نين گوڏين سان تہ هڪ ڪوٺي نون پهراڻن سان پريل هوندي هئي. مسلسل ٻہ ٽي درزي وراندي ۾ سبڻ جي ڪم ۾ رڌل رهندا هئا. اهڙيون خبرون ڦهلجڻ بعد ماڻهو نيون نيون گاريون سکندا ۽ ياد ڪندا هئا ۽ روئڻ پٽڻ جا طريقا سکندا هئا ۽ انهيءَ گهٽيءَ جو چڪر هڻندا هئا تہ ڪيڏي مهل ٿو "شوق" صاحب جو مودِ ٿئي ۽ مٿن ٽڪون اڇلائي ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ مٿان ٽڪرائڻ لاءِ ماڻهن جو ميڙ گهٽيءَ ۾ اچي گڏ ٿيندو هو، جنهنجو ڪو انت نظر نہ ايندو هو.

پر سائين تڪ جيان، "شوق" صاحب جي نظر ٻہ شاندار هئي. توهان ٻہ چار ڏينهن تہ ڇا، مهينن جا مهينا انهيءَ گهٽيءَ ۾ پسار ڪندا وتو، مجال آهي جو "شوق" صاحب جي پڪ جو ذرو ٻہ اوهان جي مٿان ڪري.

"شوق" صاحب ماڻهن کي سندن هلٽيءَ مان ئي سڃاڻي، وٺندو هو تہ اهڙي اهليت ڪهڙي ماڻهوءَ ۾ آهي. ڪير گاريون ڏيندي ڏيندي روئي سگهي ٿو. نہ رڳو ايترو پر ظاهري طور تي ڪير ڪيترو ٻہ اڻڄاڻ ٻڌجي دريءَ هيٺان لنگهندو وتي پر "شوق" صاحب سڃاڻي وٺندو هو تہ ڪيترا ڏينهن، هفتا يا مهينا اڳي اهو نياڳو پاڻ مٿان ٽڪرائي ويو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ جڏهن ڳالهہ سندس برداشت کان ٻاهر نڪري ويندي هئي تہ ڪاوڙ ۾ رڙ ڪري چوندو هو "اڙي حرام خور..... اڄ مهينو ٻہ ناهي ٿيو جو تون وري موٽي آيو آهين " يا وري "اڙي هيءُ ڪير آهي نياڳن جو ابو... ڇا مون هن جي سڄي گهر جو نيڪو ڪنيو آهي؟"

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ تہ ڪجهہ اهڙا ماڻهو ٻہ آيا، جيڪي خوشحال گهراڻن منجهان هئا، پر وقتي طور مالي خساري ۾ هئا. پلئہ سان پنهنجو منهن ڍڪي ڪنڌ هيٺ ڪري ننڍيون وڪون ڪٽندي دريءَ جي هيٺان گذرندا هئا ۽ "شوق" صاحب بي مروتيءَ سان چوندو هو تہ "چو تا مونکي دوزخ حوالي ڪرين مهاراج، مان توهان کي مفت ۾ ئي گوڏ اوچڻ لاءِ ڏئي ڇڏيان پر ڇا ڪريان جو پنهنجي واعدي جو پابند آهيان..... "يا وري چوندو هو تہ "بس ڪر بابو صاحب، گاريون تہ ڪٽي تون ڏئي ويندين پر روئيندين ڪيئن؟ روئڻ جي تہ توکي عادت ئي نہ آهي. اجايو مفت ۾ مونکي بدنام ٻہ ڪندي تہ پنهنجي ذات وارن تي ٿو ٿو ٻہ ڪرائيندين. "

اهڙيءَ طرح "شوق" صاحب عوام کي اهو احساس ڏياري ڇڏيو تہ هن جي تڪ جو سچو حقدار ڪير آهي؟

هاڻي ته تمام گهڻا ماڻهو ميڙاڪا ڪريو پيا گهمندا هئا ته من "شوق" صاحب مٿن مهربان ٿئي. ان ڪانسواءِ اهي هڪبئي کان سوال ڪندا وتندا هئا ته هن کي گارين سان ايتري محبت ڇو آهي؟

هن جي سهڻي مک تي گهاتا شهپر ڪيترو ته ڏاڍا نهن ٿا، پر ڇا "شوق" صاحب معذور آهي جو دريءَ مان ديدار ڪرائڻ ڪانسواءِ گهر کان نڪرندي ان کي ڪڏهن به، ڪنهن به نه ڏٺو هو. ڇا هو سچ پچ گهمڻ ڦرڻ کان معذور هو ؟ ڪو ته اهڙو ماڻهو به هجي ها، جنهن هن کي دريءَ ۾ ويهڻ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ ڏٺو هجي ها. ها پر اها پڪ هئي ته اهڙو رعبدار ۽ سخت مرد ٻئي هنڌ ڪٿي به نه ملي ها. ڪيڏو نه ڪڙڪدار آواز هو هن جو، جڏهن دريءَ مان ڪنهن کي للڪاري چوندو هو ته "حرام خور، بيڙا..چرٻٽ جا پٽ. "

۽ اهڙيءَ طرح جڏهن "شوق" صاحب جي نشاني بازي پنهنجي عروج تي هئي ته هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جنهن کي شايد نه اچڻ گهربو هو. هڪ ڪمزور، هيٺو، مردارن جهڙو نوجوان، جيڪو مهينن کان انهيءَ گهٽيءَ ۾ اچي وڃي رهيو هو، هڪ ڏينهن هن هڪ ڪريل حرڪت ڪري وڌي. هن هڪ ڏينهن عين ان وقت، جڏهن هڪ چڱي متاري ماڻهوءَ مٿان ٽڪ ڪرڻ واري هئي، ان کي ڏڪو ڏئي پري ڪيو ۽ شوق صاحب جي ٽڪ وڃي ناليءَ ۾ پئي.

ان وقت ماڻهن جي ميڙ ان نوجوان جي رڳو ٽوري بيعزتي ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو، پر جڏهن ان نوجوان وري ساڳي حرڪت ٻئي ڏينهن به دهرائي ته ماڻهن جي ميڙ جي ڪاوڙ وڌي وئي ۽ اهي برداشت نه ڪري سگهيا. انهن به ٽي ڏڪ نوجوان کي وهائي ڪڍيا ۽ پوءِ نصيحت ڪيائونس ته "نوجوان صبر کان ڪم وٺ. ڪوڙ سارا ماڻهو مهينن کان انتظار ۾ آهن ۽ اڃا تائين انهن جو وارو نه آيو آهين. تون هڪدم مال هڙپ ڪرڻ گهرين ٿو. "

نوجوان جيئن ئي ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو ته ماڻهن جون لتون ۽ مڪون وري مٿس پوڻ لڳيون.

"ڇڏيو هن کي. " دريءَ مان "شوق" صاحب رڙ ڪئي. "هن حرامزادي کي ڏوتي، پهراڻ وٺي وڃڻ ڏيو. هل ڙي سامهون اچ. "

جڏهن هو سامهون آيو ته "شوق" صاحب هن جو پوريءَ طرح جائزو ورتو. هن جو هڏڪاڻ، هٿ ۽ پير سڀ ڪجهه ٺيڪ هئا. هن جي عمر جو اندازو نه پئي ٿيو، جو مڇين جي ساوڪ ته هئس پر ڏاڙهيءَ تي به چار وار مس هئس. بس هڪ ڳالهه ٿورو ڪٽڪندڙ هئي ته هن جون اکيون مانڻيون هيون. انهن مان ڪنهن به طرح جي لالچ يا بک جو احساس محسوس نه پئي ٿيو.

جيڪڏهن هن جا ڪپڙا ميرا هجن ها ته "شوق" صاحب هن کي ڀڄائي ڇڏي ها. ڇاڪاڻ ته قاتل يا ميرن ڪپرن تي ٽڪ اچلائڻ کان "شوق" صاحب کي سخت نفرت هئي ۽ ماڻهو اها ڳالهه ڄاڻندا هئا.

"هڳ، ته سامهون اچ. " هن پاسو ورايو ۽ پوءِ هن نوجوان کي نچائڻ شروع ڪيو. ماڻهن ڏٺو ته "شوق" صاحب هن کي نچائي نچائي ماري رهيو هو. "شوق" صاحب اوڏانهن ٽڪ ئي نه پيو اچلائي جتي

نوجوان بيهي پيو. جيڪڏهن هو ان کي ڪپڙا ڏيڻ چاهي ها تہ تڪ اچلائي گهٽو اڳي ڪيس الوداع ڪري ڇڏي ها، پر هو اجا ٻار کي ڪيڏائي رهيو هو. "ها پٽ اڄ سامهون. "

"شوق" صاحب کي بہ مزو اچي ويو هو. ڪافي دير جي انتظار کانپوءِ هن کي ڪو جوان جو پٽ مليو هو، جنهن پنهنجي چستي ۽ چالاڪيءَ ڪارڻ هن جي نشاني کي گسايو پئي. شام جي وقت جڏهن نوجوان پنهنجا ڪپڙا ٺيڪ ڪيا، نرڙ تان پگهر اگهيائين ۽ دريءَ ڏانهن منهن مٽي ڪري ڏٺائين تہ هن جي سنهڙي بدن جو "شوق" صاحب جائزو وٺندي اعلان ڪيو "ڏس مڙس جي زبان هڪ هوندي آهي. نہ ڪو مان هن دريءَ کان هٽندس ۽ نہ ئي تون روڊ تان. پل ڪٽي رات تي وڃي. ڪجهہ ڪائيندين نہ پيئندين، نہ ئي آرام ڪندين ۽ هن کان پوءِ هڪ سوءِ پيرا پنهنجو پاڻ کي منهنجي تڪ کان بچائي وئين ۽ هڪ بہ چندو نہ لڳئي تہ توکي ڪپڙن کانسواءِ منهنجي گهوڙن مان جيڪو پسند ايندو، اهو ڪاهي وڃجان. پوءِ وٽئي تہ ٽانگي ۾ ٻڌجان، وٽئي تہ ڪپائي ڪائي ڇڏجان. مطلب تہ تنهنجي مرضي جيئن هجي تيئن ڪجان."

ماڻهن جي ميڙ ۾ هوڪارا پئجي ويا ۽ چوڻ لڳو تہ "شوق" صاحب هن نوجوان مٿان ڪيڏو نہ مهربان ٿي ويو آهي.

"مونکي ڪجهہ نہ گهرجي. " نوجوان پاسو ورائيندي چيو.

"تنهنجي اها مجال...؟ " شوق صاحب نشانو وٺندي چيو.

پهريون پيرو گهٽيءَ ۾ دروازن مان، درين مان ۽ چتين تان تماشو ڏسندڙ ماڻهن محسوس ڪيو تہ هيءَ ڪا راند يا مشڪري نہ هئي، پر ڪو سنجيده معاملو هو. چاڪاڻ تہ نوجوان نہ ڪو گاريون ڏئي رهيو هو ۽ نہ وري روئي پٽي رهيو هو. بس رڳو پنهنجو بچاءُ ڪري رهيو هو. جڏهن تہ "شوق" صاحب ايمانداريءَ سان مٿس ٽڪن جو وسڪارو ڪرڻ چاهيو پئي. ماڻهن جي دل چئي رهي هئي تہ هاڻي تہ ان نوجوان کي نوان ڪپڙا لٽا، گهوڙو ۽ ٻيو مال متاع وٺي هڪ پاسي ٽيڻ گهرجي تہ جيئن ٻين کي بہ موقعو ملي. آخر ڪوڙ سارا ماڻهو پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي ايڏي دير کان انتظار ۾ بيٺا هئا. نوجوان کي ٻين لاءِ بہ ڪجهہ سوچڻ گهرجي ها. نوجوان قاعدي موجب تڪ جي زد ۾ هو. "شوق" صاحب هن جي غافل ٿيڻ جي انتظار ۾ هو. جيئن ئي هن نوجوان کي غافل سمجهيو ٿي، تيئن ئي مٿان تڪ اچلائي ٿي، پر نوجوان ڏاڍو ڦرتيلو هو. هو ساڄي، کاٻي، يا اڳتي پوئتي هٽي پاڻ بچائي ٿي ويو.

اهو سمورو تماشو هاڻي اينگهہ ڪري ويو هو، پر ان ۾ هڪ عجيب مزو بہ هو.

"شوق" صاحب! تہ پنهنجي دريءَ وٽ مٽي ويهي مزي سان ڪائي پي بہ رهيو هو ۽ سمهي بہ سگهيو ٿي. هن کي پلا ڪير چوي! پر اصول تہ اصول هو، پوءِ ڪٽي راجا هجي يا نوڪر. سو پاڻ بہ اک نہ چنيپائين ۽ صبح ٽيندي ٽيندي پاڻ بہ سست ٿيڻ لڳو.

"چوڪرا....! هن سج نڪرندي ئي

نئون اعلان ڪيو. جيتوڻيڪ سندس آواز جهيڻو پئجي ويو هو، پر هن چيو، "مان تنهنجي همٿ ۽ دليريءَ کان خوش ٿيو آهيان. چاهيان ٿا اهو پيو ته تون سٺو گهوڙو ڪاهي، نوان ڪپڙا پهري وڃي پنهنجن مائٽن کي خوش ڪر، پر پانئجي ٿو ته توکي اها ڳالهه منظور ڪانهي.... ٺيڪ آهي، جيڏهن تنهنجي اها مرضي آهي ته پوءِ جيڪڏهن اڄ تون پاڻ بچائي وئين ته پوءِ منهنجو نو لکو هاٿي تنهنجو ٿيو. وڃي هاٿي پال ۽ پنهنجين ڏهن پيڙهين کي ڪارائي پياري عيش ڪر. "

نوجوان ٽڙي ٽاپڙجي رهيو هو. هن ڏکندڙ آواز ۾ چيو "مونکي ڪجهه به نه گهرجي"

"ته پوءِ نياڳا ڇا لاءِ پيو هتي ڏوڙ پائين؟ " ماڻهن جو ميڙ گاريون ڏيندو هن کي مارڻ ڪٽڻ لاءِ ڏانهنس وڌيو، پر "شوق" صاحب جي نوڪرن جي دڙڪن دابن ڪري ماڻهو ماٺ ڪري بيهي رهيا.

"خبردار! " شوق صاحب مٿان دڙڪا ڏيندي چيو ۽ چين کي گول ڪري بندوق جي گوليءَ جيان پان جي پڪ نوجوان ڏانهن اڇلايائين ۽ نوجوان ٽپ ڏئي پاڻ بچائي ويو.

"شوق" صاحب جو پارو چڙهي ويو. ڪاوڙ ۾ هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن جو ڳورو رنگ ٿامي جهڙو ٿي ويو. ماڻهن ان کان اڳ "شوق" صاحب جو اهڙو روپ نه ڏٺو هو ۽ ان ڪانپوءِ هن فيصلي ٿيڻ تائين مسلسل جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اها جنگ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين هلي، جنهن جو ڪو مثال ڪونهي. ڏسندي ئي ڏسندي سمورو روڊ، پٿيون ۽ نالين جو پاڻي لال ٿي ويا. ان وچ ۾ نوجوان ڪنوڻ جهڙو ناچ نچندو رهيو. هن جا ڪپڙا ڦاٽي پيا. جسم پگهر ۾ شل ٿي ويس ۽ سندس سينو ڏڪ ڏڪ ڪري رهيو هو، پر پوءِ به هن جي بدن تي هڪ چنڊو به نه پيو ۽ هن کي ماڻهن جي "شوق" صاحب سان همدردي چئو يا وري نوجوان سان ساڙ، اهي مسلسل نوجوان تي چٽرون ڪندا رهيا. هن کي پٿريون هڻندا رهيا، پر هن کي جهڪائي نه سگهيا.

"چوڪرا! تون مون سان ڪا چالاڪي ته نه ڪري رهيو آهين؟ " نيٺ "شوق" صاحب ٽڪجي دريءَ جي ٻانهيءَ تي پنهنجو ڳل رکندي چيو.

پگهر ۾ شل نوجوان چيو، "ڪهڙي چالاڪي؟ "

"ڪا گندي چال، جيئن جادو وغيره ۽ .... "

"چالاڪي توهان سان ڪريان ته ڇڻ پنهنجي ماءُ سان ڪا ويساه گهاتي ڪريان."

"شاباس! " پان جو ٻڙو وات ۾ وجهندي "شوق" صاحب خوش ٿي چيو. "شاباس! بهادر. هاڻ تون وري تيار ٿي وڃ."

منجهند ڪانپوءِ ماڻهن جي ميڙ محسوس ڪيو ته "شوق" صاحب ۽ نوجوان، نه ڪائڻ پيئڻ ۽ نه سمهڻ ڪري هاٿي ڪجهه بيحال ٿي چڪا هئا. نوجوان ته هاٿي چڳيءَ طرح بيهي به نه پئي سگهيو ۽ اهڙيءَ طرح "شوق" صاحب جي نشاني ۾ به اها سڌائي نه رهي هئي. ڪيڏي ڪيڏي

مهل تہ جيئن ئي هو وات کوليندو هو. پُڪ سندس واڇن وٽان وهي ويندي هئي. اهڙو وقت بہ آيو جو وات تہ ڪليو پر ان مان پڪ جو هڪ قطرو بہ ٻاهر نہ نڪتو. شام تائين ائين ٿيو جو نہ دريءَ مان هيٺ پڪ ڪري، نہ ئي نوجوان سڌو بيهي سگهيو. هو ساڄي، کاٻي ٽڙيو ۽ پوءِ اونڌو وڃي فرش تي ڪريو.

هاڻي سيني کي پڪ ٿي وئي تہ جيئن ئي مٿان "شوق" صاحب جي پان جي پڪ ايندي، نوجوان ضرور ان جو شڪار ٿي ويندو.

ماڻهو بيچينيءَ سان انهيءَ پل جو انتظار ڪري رهيا هئا. نيٺ ڏينهن گذريو، رات ٿي، آسمان تي تاري ٽمڪيا، ماڻهو هڪ ٽڪ دريءَ ۽ نوجوان کي ڏسي رهيا هئا تہ ڪيڏي مهل تو "شوق" صاحب تڪ هيٺ اچلائي نوجوان کي پنهنجو شڪار بڻائي. رات گذرندي رهي...

۽ جڏهن صبح ٿيو تہ ماڻهن کان ڇرڪ نڪري ويو. چوطرف دهشت ڇانئجي وئي. نوجوان اتي نہ هو، جتي رات پيل هو. هو اتي تہ ڇا پر آسپاس بہ موجود نہ هو.

ڪو چوي تہ ڊڄي ڀڄي ويو.....

ڪو چوي تہ "شوق" صاحب جي نوڪرن کيس گر ڪري ڇڏيو....ڪو چوي تہ ٻيا ماڻهو ان کي هتان کڻي ويا آهن. مطلب تہ جيترا وات اوتريون ڳالهيون.

ماڻهن "شوق" صاحب کي چيو تہ "سائين! توهان جي آڏو ٻلا هڪ ڇوري جي ڪهڙي حيثيت ۽ هو ٻلا توهان سان ڪيئن ٿي مهاڏو اٽڪائي سگهيو. اهوئي ڪافي آهي جو هو ڪجهہ ڏينهن توهان جي سامهون بيٺو رهيو. توهان نوجوان جو فڪر نہ ڪريو. ٻي خلق ڪوڙ آهي، توهان انهن جا ڏک سور ٻڌو ۽ انهن تي ڌيان ڏيو. " پر "شوق" صاحب گر سر هو. هو نہ ڪائي ٻي رهيو هو ۽ نہ ڪو پنهنجو شغل ڪري رهيو هو. هن نوڪر ڇاڪر آسپاس ڊوڙايا هئا تہ ڪيئن بہ ڪري نوجوان کي حاضر ڪن يا ان کي هتان گر ڪندڙ کي حاضر ڪن. "شوق" صاحب اعلان ڪيو تہ هو هاڻي تيستائين ڪنهن مٿان تڪ نہ اڇلائيندو، جيستائين اهو نوجوان يا ان کي غائب ڪندڙ سامهون اچي ڏوهہ جو اعتراف نہ ڪري.

انهيءَ اعلان جو ڏاڍو دردناڪ اثر ٿيو. اهو اعلان ٻڌندي ئي ماڻهن جي ميڙ پنيان بينل گهاٽي بڙ جي وڻ جي شاخن جي پنيان لڪل ڪنهن ماڻهوءَ جو آواز ايريو، "هاءِ پهراڻ!" وري هڪ ٻيءَ ڪنڊ مان آواز آيو، "هاءِ گوڏ!" آهستي آهستي اهي آواز هر ڪنڊ کان اچڻ لڳا. پوءِ چڻ هڪ ردم سان آواز اچڻ لڳا، "هاءِ پهراڻ .... هاءِ گوڏ .. هاءِ چانور.. هاءِ ماني! "

ماڻهو حيرانيءَ وچان آواز ٻڌي رهيا هئا. پوءِ هڪ پوڙهو ميڙ مان نڪري نروار ٿيو ۽ ٻئي هٿ مٿي کڻي چيائين "سائين! مان ڏوهاري آهيان. "

"شوق" صاحب پنهنجا لڙڪ اگهيا ۽ چيائين "تون ڪير آهين؟ "

" آئون انهيءَ اياڳي نوجوان جو پيءُ آهيان. " پوڙهي چيو.

"ڇا ڪندو آهين تون؟ "

"هئس تہ ٻني ٻاري وارو، پر جڏهن کان زمين کسي وئي آهي، هن شهر ۾ هٿ

رکشا هلائيندو اهيان.

" تنهنجو پٽ! اهو ڇا ڪندو آهي؟ "

"ڪجهه به نه سرڪار. رولو ۽ نڪمو آهي. دوستن سان ڊاڙون هڻندو آهي ۽ سڄي سڄي رات گهران غائب رهندو آهي ۽ ٻيو به خبر ناهي ته ڇا ڇا ڪندو آهي! "

"انقلابي ته ناهي؟ "

"خبر ناهي سائين؟ "

"شوق" صاحب ڪجهه دير چپ چاپ هن کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائين "پر تو ائين ڇو ڪيو؟ "

"حضور! هو منهنجو رت آهي ۽ مان هن کي سڄاڻان ٿو ته هن کي ڪجهه به نه ٿئي ها. هو اصل نه مري ها، پر توهان ... سائين! " هو ٿورو هٻڪڻ لڳو "توهان اسان لاءِ سرڪار تمام گهڻا اهم آهيو... توهانکي ڪجهه ٿي پئي ها ته ... "

"پر هيءُ جيڪي تون ٻڌائي رهيو آهين ته آئون تنهنجي پٽ جي مقابلي ۾ ڪمزور ۽ بزدل آهيان، ان بابت تون ڇا ٿو چئين؟ "

پورهو سوچ ۾ پئجي ويو. هن اهو ته سوچيو ئي نه هو ته هن جي جملن جو مطلب ابتو به ٿي سگهي ٿو. هن مدد لاءِ آسپاس ڏٺو. ماڻهو به سندن ڳالهيون ڪن ڏئي ٻڌي رهيا هئا.

"سرڪار! بزدل اهو آهي، جيڪو ميدان ڇڏي ڀڄي وڃي، توهان ناهيو. "

"اها ڳالهه ناهي پوڙها. " شوق صاحب ڪجهه دير سوچڻ ڪانپوءِ چيو، "سچ سچ ٻڌاءِ تو ڪنهن جي جان بچائي. منهنجي يا پنهنجي پٽ جي. "

"پنهنجي پٽ جي حضور.

"اهو ڪيئن؟ "

"جيڪڏهن توهان نه هجو ها ته هي ماڻهو، جيڪي چئني پاسن کان بيٺا آهن، ان کي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏين ها. "

" ڀلا اهو ڪيئن .....! "

اهو ائين جو توهان آهيو ته هي به آهن، جي توهان ناهيو ته اسان مان به ڪير هتي نه هجي ها. "

"شوق" صاحب ٿهڪ ڏنا ۽ وڏا وڏا ٿهڪ ڏنا. هن جو ٿلهو بت جڏهن ماڻ ٿيو ته هن چيو "پوڙها! تون ڏاڍو چالاڪ آهين. مان توکان خوش به آهيان ۽ ناراض به. خوش ان ڪري جو تو منهنجي جان بچائي ۽ ناراض ان لاءِ ته تو هڪ ئي وقت سيني کي ذليل ڪيو آهي. مونکي به، هن جمهوريت کي به ۽ پٽهين جي بهادريءَ کي به... هاڻي تون ٻڌاءِ ته تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي، ڇا ٿو چاهين تون؟ "

"سرڪار...! " پوڙهي ڪنڌ جهڪائي چيو. هو پهريدارن جي وچ ۾ بيٺو هو ۽ هن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته سرڪار ڪهڙي ڳالهه ۾ خوش ٿئي ها. هو ٻڌتر جو شڪار هو ۽ ٻڌتر سبب جڏهن ڪافي دير تائين پوڙهو نه ڳالهائي سگهيو ته شوق صاحب ماڻهن جي ميڙ کي مخاطب ٿي چيو:" لوڪو! اهو نوجوان زمين تي هجي يا آسمان تي، ان کي پڪڙي مون وٽ وٺي اچو. نوجوان کي حاضر ڪندڙ کي وڏو انعام ڏنو ويندو. وڃو هن کي ڳولهي اچو... "

ماڻهن جو ميڙ آهستي آهستي ٽٽڻ لڳو. ماڻهو ڳولها ۾ نڪري پيا. شوق

صاحب ماڻهن کي پنجن ڏينهن جو مدو ڏنو هو. هن اهو بہ چيو تہ انهيءَ وچ ۾ هو اهو بہ ويچار ڪري وٺندو تہ پان ٽڪڻ جو سلسلو اڳتي لاءِ جاري رکجي يا نہ. شوق صاحب جي انهيءَ ڏمڪيءَ ماڻهن کي بيچين ۽ ڦڙت ڪري ڇڏيو هو. ڏسندي ئي ڏسندي اها گهٽي ويران ٿي وئي.

"پوڙها!... " جڏهن سمورا ماڻهو هليا ويا تہ شوق صاحب ڳالهايو، "تو پنهنجي پٽ جو قدر ناهي سڃاتو! ٻڌائي گهڻو ملهہ وٺندي پنهنجي پٽ جو؟ "

"سرڪار...! " پوڙهي ٻڌتر واري انداز ۾ وراڻيو.

"مان تڪجي پيو آهيان ۽ هاڻي وڌيڪ تڪڻ منهنجي وس ۾ ڪونهي. اهو ڪر تنهنجو پٽ جيڪڏهن هن گاديءَ تي ويهي ڪري تہ ڪيئن رهندو؟ "

پوڙهو حيران ٿي ويو. حيرت مان هن جا دوڙا ئي ٻاهر نڪري آيا. هو بي يقينيءَ مان دريءَ ڏانهن ڏسي رهيو هو. هن سچ کي شاهد بڻائيندي چيو، "پيرن جي مٽيءَ کي چندن جهڙو بنائيندڙ سائين ائين نہ چئو نہ تہ مان چريو ٿي ويندس يا خوشيءَ مان مري ويندس. "

جڏهن هن اکيون کوليون تہ سندس اکين ۾ لڙڪ هئا. هن بيچينيءَ مان بيحال ٿيندي چيو، "سرڪار! توهان جيڪي ڪجهہ هينئر چيو آهي ان واعدي تان ڦري نہ وڃجو. "

"پوڙها! شوق جيڪي ڪجهہ چوندو آهي، ان تان ڦرندو ناهي. "

پوڙهي جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي هئي، پر هن جي گهبراهٽ وڌي رهي هئي. سندس پٽ اچڻ ۾ دير ڪئي هئي. هن کي ڳولهيندڙ هاڻي، گهوڙي سوار، توڙي پيادل ماڻهو اچا نہ موٽيا هئا.

"سرڪار! " هن گذارش ڪئي، "جيڪڏهن اجازت ڏيو تہ مان پاڻ هن کي ڳولهي اچان. "

"نہ تون هتان چري بہ نٿو سگهين. "

شوق صاحب ڪاوڙ ۾ريل لهجي ۾ چيو.

پوڙهو دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ هن جو بي چيو ۽ ضدي پٽ ڪيڏانهن ويو هوندو. نيڪ ان وقت خبر ناهي تہ ڪيئن هن جي من ۾ هڪ شڪ پيدا ٿيو.

"پر حضور، هو گهٽ ذات ٻلا ٻين مٿان ڪيئن ٿڪون اچلائيندو. اها ڳالهہ هن کي ڪيئن سونهندي؟ "

"چو؟ " شوق صاحب پڇيس.

"هن جا پائيبند اهو ڪيئن برداشت ڪندا؟ "

"جيئن مونکي برداشت ڪن تا. "

پوڙهو ڪليو، "توهانجي ڳالهہ ٻي آهي سرڪار! "

"ها اها ڳالهہ تہ آهي. " شوق صاحب فڪر ڪندي چيو. شوق صاحب پان وات ۾ وجهي سوچ ۾ ٻڏي ويو، پر ڪجهہ دير ڪانپوءِ هن جي آواز ماڻار کي ٽوڙيو، "مون سوچي ورتو آهي پوڙها! "

جيڪڏهن هو توکان شروعات ڪري تہ ڪيئن رهندو!؟ "

پوڙهو هڪيو، "چا .... چا مطلب سرڪار؟ "

مطلب اهو تہ ٻئي ڪنهن تي ٿڪ اچلائڻ کان اڳ هو پنهنجي پيءُ مٿان ٿڪي تہ ٻلا ٻيو ڪير اعتراض ڪندو؟ "

پوڙهي جي دل ڇڻ ته ڏڙڪڻ ڇڏي ڏنو هو. هو گهبرائجي ويو، "غضب ٿي ويندو سرڪار! هو سر ڏئي ڇڏيندو، پر ائين نه ڪندو... "

"هو ڇا ڪندو ۽ ڇا نه ڪندو، اهو مون تي ڇڏي ڏي، " شوق صاحب، پوڙهي کي ماٺ ڪرائي ڇڏي.

شوق صاحب وڏيڪ ڪجهه ٻڌڻ جي موڊ ۾ نه پئي لڳو. هو ڪجهه جهونگاري رهيو هو. ڪافي ڏينهن ڪانپوءِ هن کي واندڪائي ڪانه ملي هئي.

"ڇا ڪجي جو ڏينهن گذري؟ " هن هيٺ نهاريو، گهٽي ويران پئي هئي ۽ ائين ماڻار ۾ وقت گذري نه پئي سگهيو. هن پنهنجو مٿو ڪنيو ۽ ايستائين ڪندو رهيو، جيستائين هن جا هٿ ٿڪجي نه پيا. پوءِ آگرين مان ٽڪاءِ ڪڍيائين. جڏهن بوريت حد کان وڌي وئي ته هن آرسي ڪڍي ان ۾ پنهنجو منهن ڏٺو. هن کي جوانيءَ جا ڏينهن ياد آيا، جڏهن هو طوائفن جي ڪوٺن تي ويندو هو. هن کي بيلا ياد آئي. ڇا ته هن جو سريلو گلو هو. ڪهڙو نه درد ۽ لوچ هئي هن جي آواز ۾...

"هڪ ڀيرو وري سوچي وٺو حضور! اهو هن تي ظلم ٿيندو ۽ مون تي به. اسان ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل نه رهنداسين. " پوڙهي وري به گذارش ڪئي.

شوق صاحب کي ڪاوڙ اچي وئي.

"بيوقوف پوڙها! ياڻ ٿو ڪلي تنهنجو، جو اهو پٽ، جيڪو تنهنجيءَ نظر ۾ بيڪار ۽ نڪمو اهي، سو سموريون نعمتون ماڻيندو، جيڪي ڪوبه پيءُ پنهنجي پٽ لاءِ چاهيندو آهي. "

ايترو چئي شوق صاحب هيٺ ڏنو ۽ ٿوري دير ماٺ رهي چيائين، "ڏس مٿو نه ڪاءِ! زندگيءَ جا مزا ماڻ. جڏهن وڏي ماڻهوءَ سان پلئ اٽڪيو اٿئي ته پوءِ عيش ڪر ۽ ها هينئر ڪهڙي راڄڪٽي ٻڌندين. ٺمري ٻڌندين يا ڪلاسيڪل...موسم ته چيتاهار جو آهي."

پوءِ هن پوئتي نهاري ڪنهن کي سڏ ڪندي چيو، "اڙي اندر ڪير آهي. بيلا ٻائيءَ کي هيڏانهن موڪل. "

پوڙهي پنهنجن ڪنن ۾ آگريون وجهي ڇڏيون. هن جو مٿو چڪرائجڻ لڳو. وري سوچيائين سرڪار صحيح ٿو فرمائي. پاڻ ته پڪل انب جيان خبر نه آهي ته ڪيڏي مهل زندگيءَ جي ڏار کان جدا ٿي وڃي. هتي پٽ کي اقتدار ملي پيو ۽ اهو به پنهنجو پاڻ. دنيا ان کي حضور...مالڪ.. سرڪار...چوندي ۽ عام ماڻهو پاڻ مٿان ٽڪرائڻ لاءِ سڪندا، پر وري دل چوي پئي ته اهڙي ڪوجهي ڪم کان مرڻ چڱو آهي. ٻلا اهو پيءُ به ڪهڙو، جنهن مٿان پٽ ٽڪون اڇلائي. اوچتو الاهي ڪٽان شايد هن جي اندر جي پاتار مان آواز آيو ته هو ته هتي ايندو ئي ڪونه. ٻلي سموري دنيا ئي هن کي ڳولهي. اهو محسوس ڪري هن کي ڪجهه اطمينان ٿيو.

گراموفون جو رڪارڊ پوري سر ۾ وڄي رهيو هو. شوق صاحب، بيلا جي آواز تي جهومي رهيو هو.

"سرڪار! جيڪڏهن هو نه آيو ته پوءِ؟" پوڙهي خوشيءَ ۾ سوال ڪيو.

شوق صاحب جو ڏيان ٽٽي ويو. هن کي پوڙهي جو اهو بي سرو ڪٽراڳ نه

وڻيو. پوءِ بہ هن ضبط کان ڪم ورتو، "اڙي چهري جا پٽ! هن کي منهنجا ماڻهو پاتار مان بہ ڳولهي ايندا. "

"پر جي هو نہ لڌو تہ پوءِ؟" پوڙهي وري سوال ورجايو.

شوق صاحب، بيلا ٻائي يا جيڪا بہ ڳائي رهي هئي رڪارڊ ۾، اهو رڪارڊ بند ڪرايو ۽ ڪاوڙ مان پوڙهي ڏانهن ڏنائين. پوڙهو رستي جي وچ تي بيٺل هو ۽ چنهنجين اکين سان متي شوق صاحب کي ڏسي رهيو هو. ڪاوڙ تہ گهٽي آئي هئي شوق صاحب کي، پر پوءِ بہ هن کي پوڙهي تي رحم اچي ويو. هو ٿورو مرڪيو، "ناچو چورن جي راڳ جا عادي پوڙها، توکي مجري مان ڪهڙو مزو ايندو. تڏهن تہ تون سوڙهي جتيءَ جيان اوچتو چڪ هڻي رهيو آهين. چڱو هاڻي سموري ڳالهہ جو تت ٻڌي وڃ ۽ پنهنجي هاءِ گهوڙا بند ڪر! هاڻ وڌيڪ رعايت نہ ملندئي. جيڪڏهن تو مٿان تڪ اچلائيندڙ کي پٽ سمجهي رڙيون ڪرڻ ۾، گاريون ڏيڻ ۾ ۽ پٽون پاراتا ڪا گهٽتائي ڪيئي تہ ياد رک! هو تو مٿان اوستائين پڪو اچلائيندو رهندو، جيستائين مونکي اطمينان نہ ٿيندو. چڱو هاڻي هلايو ڙي بيلا راڻيءَ کي. "

گراموفون جو آواز وري دريءَ کان ٻاهر اچڻ لڳو. شوق صاحب نہ رڳو تال سان تال ملائي رهيو هو، پر پاڻ هلڪي سر ۾ جهونگاري بہ رهيو هو.

☆☆☆

ريل جي ڦر جي تاريخ

آمريڪا ۾ رينو برادرس ريل ۾ ڦر جي ايجاد ڪئي. انهن پهريون دفعو نيويارڪ شهر ڏانهن ويندڙ ريل ۾ ڦر ڪري ترٿلو پيدا ڪري ڇڏيو. آڪٽوبر 1866ع ۾ زنجير ڇڪي اوهيو جي علائقي ۾ ريل کي روڪرائي 13 هزار پائونڊ ريل جي ٽجوڙيءَ پيل ڦر ڪيا. انهن ٻي ڦر 22 مئي 1868ع ۾ ڪيئي،جنهن ۾ گورمينٽ جا باندِ ۽ سوني سڪا هئا. .اهي ٽوٽل پنج پائر هئا جنهن ۾ خطرناڪ ترين زيپو مارڪس (Zapo marks) هو. جنهن خوف ۽ تباهي پکيڙي ڇڏي. هن کي نيوزيلينڊ جيل ۾ قيد ڪيو ويو جتي هن جي چوڪسيءَ لاءِ 56 محاظ مقرر ڪياويا. سندس چار پائر عوام جي هٿان ڦاهي چاڙهيا ويا. جن مان ٻن پائرن ڪينيڊين ايمبيسي ۾ پناهہ بہ ورتي پر ڪينيڊا ۽ آمريڪا وچ ۾ ڏوهاري جي مٿا سٽا واري قانون تحت ڪين واپس آمريڪا حوالي ڪيو ويو هو. انهن 15 سال قيد ڪاٽڻ کان پوءِ بہ ڦرون ڪرڻ لڳا هئا. اهو بہ چون ٿا تہ ٽرين ۾ ٽيل وارداتون 850ع کان شروع ٿيون هيون.

☆☆☆

محشر

سلسلي وار ناول جي تيرهين قسط

سدني شيلدن/محمد ميمڻ

ان عورت جي ڪهاڻي، جيڪا معصوم هئي. جڏهن ڪيس دنيا دوڪا ڏنا تہ هيءَ بہ ان جو جواب ڏيڻ تي مجبور ٿي پئي. هن جي ذهانت جي آڏو دنيا جا وڏا وڏا ذهن مات ڪائي ويا ۽ هيءِ سيني کي سندن اکين ۾ سرمو وجهي نڪري لڳي

همت ۽ حوصلي جو اڻ وسرندڙ داستان



گذريل قسطن جو تت

ٽريسي وٽني فلڊ ڊيلنيا ۾ نوڪري ڪري ٿي. اتي هن جو چارلس نالي هڪ شخص سان پيار آهي ۽ ٻئي ڇٽا شادي ڪرڻ ورا آهن. ٽريسيءَ جي پيٽ ۾ چارلس جو ٻار سرجي رهيو آهي. ايتري ۾ ڪيس گهران فون اچي ٿو ته سندس ماءُ خودڪشي ڪري چڏي آهي. هي پنهنجي اباڻي شهر نيو اورلينس واپس وڃي ٿي، جتي ڪيس پتو پوي ٿو ته جو رومانو نالي هڪ ماڻهوءَ سندس ماءُ کي ڏکي ڏيواليو ڪري چڏيو هو. ان ڳالهه جي ڪري سندس ماءُ خودڪشي ڪري چڏي هئي، هيءَ بدلو وٺڻ جي لاءِ رومانو جي گهر وڃي ٿي. جتي اهو ماڻهو ڪيس قابو ڪري عزت لٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٽريسيءَ جو پسٽل هلي پوي ٿو ۽ رومانو زخمي ٿي پوي ٿو. ٽريسي ڪيس مئل سمجهي گهبرائجي وڃي ٿي ۽ ايئرپورٽ پهچي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جتي پوليس وارا ڪيس گرفتار ڪري وٺن ٿا . سندس مٽان رومانو کي قاتلاڻ حملي جو مقدمو هلي ٿو. سندس وڪيل ۽ جج ٻئي انهن ڏوهارين جي گروهه جا ڪارندا آهن، جن جي ڪري سندس ماءُ آپگهات ڪري چڏيو هو. اهي ڪيس دوکو ڏئي. ان دلاسي تي ڏوهه قبولائين ٿا ته ان ڳالهه ڪري ڪيس قيد جي سزا نه ملندي ۽ سندس پويون بي داغ ريڪارڊ ڏسي ڪيس آزاد ڪيو ويندو. ٽريسي سندن چار ۾ ڦاسي پنهنجو ڏوهه عدالت ۾ باسي ٿي ۽ جج ڪيس پنڌرهن سالن جي قيد جي سزا ٻڌائي ٿو. ٽريسيءَ کي جيل نيو وڃي ٿو. جيل جي ڪوليءَ ۾ قيدياڻيون ساٿ جنسي بدفعلي ڪن ٿيون، جنهن جي ڪري سندس پيٽ ۾ سرجيل ٻار ڪٽائي ٿيو وڃي. ظلم ته ويتر اهو ٿئي ٿو ته ڪيس سزا طور قيد تنهاءِ ۾ رکيو وڃي ٿو. اتي ٽريسي پنهنجي دشمنن کان انتقام وٺڻ جو عهد ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي جسم ۽ دماغ کي ورزشن وسيلي چست رکي ٿي. ٻاهر نڪري پنهنجي پراڻيءَ کوليءَ ۾ وڃڻ جي خواهش ڏيکاري ٿي. اتي هوءَ انهن بن قيدياڻين کي مار ڏئي ٿي جن ساٿ بدفعلي ڪئي هئي. هوءَ ٽين قيدياڻيءَ ارنيسٽائين کي ڪجهه ڪو نه چوي ٿي چو ته اها ان جيل جي بي تاج بادشاهه هئي. اها سندس بهادري ڏسي هن کان پنهنجي اڳين ڪرت جي معافي وٺي ٿي ۽ جيل ۾ سندس مربي ٿيو وڃي. ٽريسي ڪيس جيل مان فرار جي لاءِ مدد جي گهر ڪري ٿي. ان جيل جي ريڪارڊ مطابق، اڄ ڏينهن تائين ڪا به قيدياڻي ان جيل مان فرار ٿي نه سگهي هئي. ٽريسي ان ريت کي توڙڻ جو قسم ائي ٿي. اتي ٽريسيءَ مٽان هڪ وڏي بدمعاش برٽا جي اک آهي پر ارنيسٽائين جي ڪري ٽريسي ان جي شرارت کان بچيل آهي. ارنيسٽائين کي هفتي کن ۾ آزادي ملڻي آهي. آخر ٽريسي ۽ ارنيسٽائين جيل مان ڪپڙن جي ٽراليءَ ذريعي ڀڄڻ جو منصوبو ٺاهين ٿيون. ٽريسيءَ کي ٻئي ڏينهن فرار ٿيڻو آهي. رات جو ڪو اچي ٽريسيءَ کي سرهاڻ ڪري سڏ ڪري ٿو. ٽريسي سندس آواز ڪو نه سڃاڻي سگهي ته اها ڪير آهي، دوست يا دشمن.

جواب ملڻ تي خبر پيس ته اها به جيل جي هڪ قيدياڻي ليلان هئي، جيڪا ڪيس فرار ۾ مدد ڏيڻ لاءِ آئي هئس. ٽريسي وٽنيءَ جي فرار ٿيڻ جو سموريون ڪارروايون مڪمل هيون، پر بدقسمتيءَ سان فرار ٿيڻ واري ڏينهن تي جيل جي واردن جي زال ڪيس ايميءَ کي باغ ۾ گهمائڻ لاءِ چيو، چو ته وٽس مهمان آيل هئا . باغ ۾ ايميءَ کي ڪيڏائيندي فرار ٿيڻ لاءِ دوڙ پاتي. دوڙندي دوڙندي ڪيس، پويان ايميءَ جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ايمي باغ جي اونهيءَ

ڏنڊ ۾ ڪري پئي هئي. ٽريسيءَ ايميءَ جي جان بچائڻ جي لاءِ، فرار ٿيڻ کي چڏي، وڃي ڏنڊ ۾ ايميءَ کي بچائڻ لاءِ ٽپو ڏنائين، جيتوڻيڪ ڪيس ترڻ به نه ايندو هو. هن جي بهادريءَ جي ڪري ايميءَ جي جان بچي وئي. سرڪار سندس اهڙي جذبي کي ڏسي ڪيس آزاد ڪري چڏيو. ٻاهر نڪرڻ سان ٽريسيءَ پنهنجي دشمنن جوزف رومانو، پيري پوپ، جج هينري لارينس ۽ اوورسائيءَ کان بدلو ورتو. هن چارلس کي چڏي ڏنو، جو ته هو ازدواجي طور تي بدترين زندگي گذاري ويو هو. سڀني دشمنن کان بدلو وٺي، ٽريسي وٽني پنهنجي بينڪ ۾ وئي ته جيئن اتان سندس بقايا رقم وٺي سگهي. بينڪ ڪيس ٺپ جواب ڏنو. ٽريسي هڪ نيٽ ڪيفي ۾ ويهي بينڪ جو حفاظتي ڪوڊ کي کولڻ لڳي.

ٽريسي بينڪ جي ڪوڊ کي کولي ان مان صرف ايترا پئسا پنهنجي اڪائونٽ ۾ موڪليا، جيترا هن جا بينڪ طرف تيا پئي. تنهن بعد ٽريسي نوڪريءَ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي پر سندس جيل جو ماضي ڏسي ڪيس هر ڪنهن شڪ جي نگاهه سان ٽي ڏنو. مجبورن مدد لاءِ ڪيس ڪونارڊ مارگن نالي جوهريءَ وٽ وڃڻو پيو. جنهن جو ڏس پتو ڪيس جيل جي هڪ ساٿياٿيءَ ڏنو هئس. ان جوهريءَ ڪيس شاهوڪار ماڻهن جي گهرن ۾ چوريون ڪرائڻ ٽي گهريون. ٽريسيءَ پهرين ته انڪار ڪيو پر بعد ۾ نوڪري نه ملڻ ڪري ان ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وئي. هن هڪ گهر ۾ چوري ڪئي. جيتوڻيڪ موقعي تي پوليس به پهچي وئي، پر ٽريسي پنهنجي عقل کان ڪم وٺندي ٻاڻ کي بچائي ورتو. ڪيس اهي هيرا جواهر هڪ ريل اسٽيشن تي ڪونارڊ مارگن جي حوالي ڪرڻا هئا پر رستي ۾ بن نڳن ڪيس پوليس آفيسر بنجي اهي هيراجواهر ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽريسي پهرين ته اصلي پوليس وارا سمجهي گهبرائجي وئي، پر پوءِ ڳالهه کي سمجهي وئي ۽ انهن کان ڪمال هوشياريءَ سان ان وقت اهي هيرا جواهر واپس ورتا جنهن وقت هو ايئرپورٽ تي جهاز ۾ چڙهي رهيا هئا.

ٽريسي انهن ٻنهي نڳن کان اهي هيرا واپس وٺڻ کانپوءِ مارگن کان ٻيڻا پئسا پرائي ورتا، جو ته ڪيس ٻيڻي محنت انهن هيرن کان ڪڍڻي پئي هئي. ٽريسي ان بعد هڪ جهاز تي گهمڻ لاءِ وڃي ٿي. اتي سندس ملاقات چيف سان ٿئي ٿي. جيڪو انهن نڳن منجهان هڪ هو. جن ٽريسيءَ کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جهاز تي شطرنج راند جا دنيا جا به مڃيل چئمپين به هئا. جيڪ ڪيس انهن سان راند کڙڻ جي لاءِ چيو.

ٽريسي انهن ٻنهي سان راند ڪري ٿي ۽ حرفت جو استعمال ڪري ٻنهي کي شڪست ڏئي ٿي. ان نڳيءَ کان پوءِ ٽريسي اهو سمجهي ته جيڪ ڪائنس پڇڻ چاهيو پئي، ڪيس چڏي هلي وئي. هاڻ ٽريسيءَ کي گنٿر نالي ماڻهو ملي ٿو. جيڪو ڪيس امير ماڻهن جي باري ۾ معلومات ڏئي ٿو ۽ ٽريسيءَ کي شاهوڪار طبقي ۾ متعارف ڪرائي ٿو. ٽريسي انهن کي نڳي ٿي. هاڻ ٽريسي پنهنجو روپ بدلائي مسز بينڪي ٿي هڪ تمام وڏي هيرن جو وڪرو ڪندڙ دڪان تي وڃي ٿي ۽ اتان هڪ هيرو هڪ لک ڊالرن جو آهي. تنهن کان پوءِ وري ان دڪان تي اچي ٿي ۽ ان جي مئنيجر هالسٽن کي ٻئي ساڳئي هيري جي لاءِ چوي ٿي، جنهن لاءِ هو چار لک ڊالر ڏيڻ لاءِ به تيار آهي. هالسٽن ان ٻئي هيري جي ڳولا ڪرائي ٿو. ڪيس هڪ فون اچي ٿو، جنهن ۾ هڪ عورت ڪونٽيسا ماريا ڪيس اهڙو ساڳيو هيرو وڪڻڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري ٿي. هالسٽن ان وٽ اچي ٿو ته جيئن ڪائنس اهو هيرو خريد ڪري، مسز بينڪي کي وڪڻي ناڻو ڪمائي.

هالسٽن هن جي چڪر ۾ اچي ويو. ٽريسي مسز بينڪي بنجي ڪائنس خريد ڪيل

هڪ لک ڊالر وارو هيرو ڪيس ۾ لک پنجاهه هزار ڊالرن ۾ وڪيو. تنهن بعد ٽريسيءَ ريل گاڏيءَ ۾ هڪ امير اطالوي جوڙي کي ڦريو. جيتوڻيڪ پوليس جي سخت چوڪسي هئي. ٽريسي اهو ڦر ڪيل مال ان ساڳين ماڻهن جي بيگ ۾ رکيو، جنهن کان چوري ڪيو هئائين. اهڙي نموني اهو مال ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. تنهن بعد هن فرانس جي هڪ نواب جي گهر چوريءَ جو پروگرام بڻايو.

نواب جي گهر ۾ نهايت حفاظتي انتظام هو. اتان چوري ڪرڻ ڇڻ ناممڪن هو. هر هنڌ برقي اوزارن جو ڄار وڇايل هو، پر پوءِ به ٽريسي پنهنجي ذهانت کان ڪم وٺندي اهو ناممڪن ڪم به سرانجام ڏئي ٿي. ان کان پوءِ ٽريسي فرانس ملڪ جي هڪ تفريحي شهر ۾ اچي ٿي، اتي سندس ملاقات هڪ نگ پروفيسر سان ٿئي ٿي، جيڪو ڪيس سنڌ ۾ ڪنهن پراڻي دور ۾ ٻڌل خزاني بابت ٻڌائي ٿو. ٽريسي ان خزاني جي ڳولا جي دلچسپي وٺي ٿي ۽ ڪيس گهربل پئسو مهيا ڪرڻ جو واعدو ڪري ٿي. اهو پروفيسر پنهنجي مربي ۽ شهر جي وڏي غنڊي آرمئنڊ گرئنگر وٽ اچي ٿو. آرمئنڊ ٽريسيءَ جي ڪارنامن کان پلي پت واقف آهي. هو حيران آهي ته ٽريسي جهڙي هوشيار عورت پروفيسر جي چڪر ۾ اچي سگهي ٿي. ٽريسي آرمئڊ گرئنگر ۽ پروفيسر کي جعلي نوٽن ناهڻ جي مشين جو جهانسو ڏئي نڳي وڃي ٿي ۽ آرمئڊ آفريڪا فرار ٿي وڃي ٿو ته جيئن پنهنجي خونخوار پارٽنرن کان جان بچائي سگهي. ان کان پوءِ ٽريسي اسپين جي شهر ميڊرڊ اچي ٿي ته اتي هڪ انتهائي حفاظت واري ميوزم مان نهايت قيمتي تصوير چورائي. اتي سندس جيف سان ملاقات ٿئي ٿي. ٻئي گڏجي گهمن ٿا. ٽريسيءَ جي پويان ڊينيئل ڪوپر پاڇي وانگر لڳل آهي ته جيئن ڪيس موقعي تي پڪڙي سگهي.

هاڻي ٽريسيءَ ۽ جيف جو ٽارگيٽ چار ملين مالٽ جا هيرا آهن، جيڪي پيرس کان هالينڊ ڏانهن مسافر بردار جهاز ذريعي منتقل ٿي رهيا آهن. اهي جهاز جي عملي سان ملي پڳت ڪري جهاز جي هيرن رکيل ڪمپارٽمينٽ ۾ ڳجهه ڳوهه ۾ ٽريسي کي ڇاڙهين ٿا. ٻاڏا اونداهه ۽ لوڏن سبب ٽريسي وڏي مشڪل سان اصلي هيرن جي جاءِ تي نقلي هيرا رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي پر حد کان وڌيڪ تڪليف ۽ ٿڪاوٽ کان ساٿي ٿي پئي ٿي، اوچتو ڪمپارٽمينٽ ۾ داخل ٿيندڙ گارڊن جي قدمن جا آواز ٻڌندي ٻڌندي پنهنجو هوش وڃائي ويهي ٿي ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿي. ٽريسيءَ کي جڏهن هوش اچي ٿو ته ڪيس خبر پئي ٿي ته سندس بخار واري خراب حالت دوران جيف پنهنجو پاڻ کي تڪليف ڏيندي هن جو پرپور خيال رکيو هو. ٽريسي جيف جي ان رويي تي سخت حيران آهي. جيف ساٿس محبت جو اقرار ڪري ٿو. هوڏانهن وري جهاز ۾ پوليس کي ٽريسيءَ جو بي ڏيانيءَ ۾ ڇڏيل منلر ملي ٿو. انهن جو هاڻ ٽريسيءَ مٿان شڪ يقين ۾ بدلجي وڃي ٿو. جيف ۽ ٽريسي هاڻي فيصلو ڪن ٿا ته هو گناهن جي زندگيءَ کي هميشه لاءِ خيرآباد چئي پرسڪون ۽ آرام واري زندگي گهارينداپرگنٽر ڪين مجرائي وٺي ٿو ته اهي سندس لاءِ آخري جوڪم ڪٽن ۽ هالينڊ مان ويهه لک ڊالر حاصل ڪن. اهي هاڻي هالينڊ جي گادي واري هنڌ هڪ هوٽل ۾ ترسيل آهن ۽ علاقتي جو ڪمشنر، انسپيڪٽر، ڊينئل ڪوپر جاسوس جي ٽيم سندن پويان لڳائڻ جو فيصلو ڪن ٿا.

(هاڻ اڳتي پڙهندا)

"آئون چاهيان‌تو‌تہ‌چوويهہ ڪلاڪ‌هن‌تي نظر رکي وڃي. هوءَ هڪ لمحو بہ اوهان‌جي‌نگاهن‌کان‌غائب‌نہ‌ٿئي."

ڪمشنر ڊينئل ڪوپر سان مخاطب ٿيو، "ڪوپر، هاڻي مطمئن آهين؟"

"نہ، آئون تيستائين مطمئن نہ ٿيندس، جيستائين ڪيس گرفتار نہ ٿو ڪيو وڃي."

"اسان نيٺ ڪيس هٿ ڪنداسين."

ڪمشنر ڪيس خاطري ڏياري، "ڪوپر توکي خبر آهي تہ اسان کي فخر آهي تہ اسان جي پوليس فورس دنيا جي بهترين پوليس فورس طور شمار ٿيندي آهي."

☆☆☆

ايمسٽرڊئم سياحن لاءِ جنت آهي. ڊئمن ۽ پن ملن جو شهر..تمام خوبصورت گهر... رستن تي وڻن جون قطارون... ڪئنال ۾ ٻيڙين جو هجوم... ٽريسيءَ کي لڳو تہ هن سموري حياتي هتي جهڙا يار ويس ماڻهو نہ ڏٺا آهن.

"هو سڀ ڪيڏا خوش نظر اچن ٿا."

ٽريسيءَ چيو.

"ها، هو اصل گلن‌جهڙا ماڻهو آهن."

ٽريسي ڪلڻ لڳي ۽ جيف کي ٻاهن کان ورتائين. ڪيس جيف جي ڪمپنيءَ ۾ ڪافي سرور محسوس ٿي رهيو هو. هو ڪيڏو نہ دلچسپ شخص آهي."

جيف ڪيس ڏسي ۽ سوچي رهيو هو، "آئون دنيا جو خوش نصيب شخص آهيان."

ٽريسي ۽ جيف سياحن وانگر سڄو شهر گهمندا رهيا. اهي البرٽ ڪئمپ ويا. هڪ ڪليل مارڪيٽ، جيڪا هڪ کان ٻئي ۽ ٽئين بلاڪ تائين پکڙيل هئي. اتي پراڻيون شيون، ميوا، پاڇيون، گل، ڪپڙا ۽ زندگيءَ جي ضرورت جون سموريون شيون ميسر هيون. پوءِ ڊئم اسڪوائر ويا، جتي نوجوان جي موسيقيءَ کان لطف اندوز ٿيندا هئا. جڏهن اهي شفول ايئرپورٽ وٽان گذريا تہ جيف چيو، "گهڻو وقت نہ گذريو آهي جو هي سڄو علائقو، جتي ايئرپورٽ موجود آهي اتي اتريون سمنڊ هوندو هو."

ٽريسي آهستي آهستي جيف جي ويجهو رڙهڻ لڳي، "آئون تمام گهڻو متاثر آهيان تہ تو جهڙي دلچسپ شخص سان پيار ڪرڻ واقعي تمام لطف وارو آهي."

"توکي شايد خبر نہ آهي تہ نيدر لينڊز جو 25 سيڪڙو علائقو زير آب هو، جيڪو بعد ۾ خشڪ ٿيو آهي. هن وقت نيدر لينڊز جي تقريبن ايراضي، سمنڊ جي سطح کان 16 فوٽ هيٺ آهي."

"واقعي عجيب ڳالهہ آهي."

"پريشان ٿيڻ جي ڳالهہ نہ آهي. تون بلڪل محفوظ آهين، جيستائين هو بند پنهنجي جڳهہ تي آهي."

ٽريسي ۽ جيف سمورو شهر گهمندا رهيا ۽ جتي بہ ويا ٿي، هالينڊ جا جاسوس پنيان هوندا هئا. ڊيبيل ڪوپر روزانو شام جو اهي رپورٽون پڙهندو هو، جيڪي جاسوس انسپيڪٽر ڊيورن کي پيش ڪندا هئا. پر ڊينئل ڪوپر جو شڪ برقرار هو. ڪاش ڪيس خبر هجي ها تہ هر هنڌ سندس تعاقب ٿي رهيو آهي. ڪاش ڪيس خبر هجي تہ آئون ڪيس برباد ڪرڻ وارو آهيان!

جيستائين جاسوس معلوم ڪري سگهيا تہ جيف ۽ ٽريسي فقط بہ سياح هئا، جيڪي هالينڊ جو سير ڪرڻ واسطي

ايمسٽرڊئم آيا هئا.

انسپيڪٽر ڊيورن، ڊينئل ڪوپر کي چيو، "ڇا اهو ممڪن نہ آهي تہ تون غلط هجين؟ تي سگهي ٿو تہ هو ٻئي هالينڊ ۾ سنو وقت گذارڻ لاءِ آيا هجن ۽ اسان هروپرو سندن پٺيان لڳا پيا هجون."

نہ، اهو ممڪن نہ آهي." ڪوپر هوڏ سان چيو، "آئون غلط نہ آهيان. توهان سندن پيچو ڪندا رهو."

هن کي گمان هو تہ وقت هٿن مان نڪري رهيو هو. جيڪڏهن ٽريسيءَ جلدي کا پيش رفت نہ ڪئي تہ جاسوسن کي واپس گهرايو ويندو ۽ ائين ٿيڻ نہ گهرجي. هو پاڻ بہ انهن جاسوسن سان شامل ٿي ويو، جيڪي ٽريسيءَ جو پيچو ڪري رهيا هئا.

جيف ۽ ٽريسيءَ جا ڪمرا هوٽل ايمسٽيل ۾ هڪ ٻئي جي پرسان هئا. "احترام جو خيال رکندي." جيف، ٽريسيءَ کي چيو، "آئون نہ چاهيندس تہ تون مونکان پري ٿين."

"واعدو؟"

هر رات جيف، ٽريسيءَ جي ڪمري ۾ گذاريندو هو. ايستائين جو صبح ٿي ويندو هو.

"زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون کي احساس ٿيو آهي تہ منهنجو سرير ڪهڙي ڪم جو آهي."

هو ٻئي ائين بي مقصد شهر ۾ رلندا رهيا. هر روز الڳ الڳ هوٽلن تي ناشتو، لنچ ۽ ڊنر. هنن ايمسٽرڊئم جا اٽڪل سيني قسمن جا ڪاڏا ڪائي ڏٺا هئا. موسيقيءَ جا پروگرام، جادو، ميوزيم، مطلب تہ گهمڻ جي هر جڳهہ تي ٻہ ٻہ ٽي ٽي دفعا ويا هئا.

ڊينئل ڪوپر پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني، "صبر!"

انسپيڪٽر ڊيورن جو خيال هو تہ ڪابہ شڪ جي ڳالهہ نہ آهي. ڊينيئل ڪوپر جي اسرار تي انسپيڪٽر ڊيورن، ڪمشنر وليمز کي عرض ڪيو تہ اجازت ڏني وڃي تہ هوٽل جي ٻنهي ڪمرن ۾ برقي آلا نصب ڪيا وڃن، پر ڪمشنر اجازت نہ ڏني.

"جڏهن توهان سمجهو تہ توهان وٽ..." ڪمشنر چيو، "پنهنجي شڪ جو ٺوس ثبوت هجي تہ مون وٽ اچو. تيستائين آئون اوهان کي اجازت نہ ٿو ڏئي سگهان تہ انهن جي ڪمرن ۾ برقي آلا لڳايا وڃن. اهو قانون جي خلاف آهي تہ بنا ڪنهن جواز جي ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ مداخلت ڪئي وڃي."

اها سڄي ڳالهہ جمع جي ڏينهن تي ٿي هئي،جڏهن تہ سومر جي ڏينهن ٽريسي ۽ جيف ايمسٽرڊئم جي هيرن جي سينٽر "پالوس پوٽر" طرف ويا تہ جيئن اتي هيرن کي ڪٽيندڙ فيڪٽري کي چڪاسي سگهن.

ڊينيل ڪوپر جاسوسي ٽيم سان هو.فيڪٽري وزيٽرن سان ڀريل هئي.انگريزي ڳالهائيندڙ گائيڊ سياحن کي پوري فيڪٽريءَ جو معائنو ٻئي ڪرايو ۽ آخر ۾ ڪين فيڪٽري جي نمائش واري حصي ڏانهن وٺي آيو، جتي ضروري بريفنگ ڏني ويندي هئي.

نمائش جو هيءُ ڪمرو،شيشن جي

خوبصورت شوڪيسن سان سجايل هو،جنهن ۾ نايابِ هيرا جواهر روشنيءَ وانگر چمڪي رهيا هئا.ان نمائش واري ڪمري جي خاص ڳالهه اها هئي ته ڪشادي هال جي بلڪل وچ ۾ هڪ شيشي جو وڏو،ڊگهو شوڪيس بت جي پايي تي بيٺل هو،جنهن ۾ ڪارخاني جو سڀ کان وڌيڪ چمڪندڙ،منهنگو ۽ نايابِ هيرو جڙيل هو،جيڪو ٿريسيءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺو هو.

گائيڊ وڏي واڪي اعلان ڪيو،"جناب عزت مآب حاضرين،هيءُ مشهور ليوڪولان هيروآهي، جنهن جي باري ۾ ته اوهان ضرور پڙهيو هوندو.اهو هڪ فلمي اداڪار پنهنجي پياري زال لاءِ خريد ڪيو هو ۽ ان جي قيمت ڏهه ملين ڊالر آهي.اهو دنيا جي نايابِ ترين هيرن مان هڪ آهي."

"پر اهو هيرو ته هيرن جي چورن لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم ٽارگيٽ هوندو." جيف وڏي واڪي چيو.

ڊينيل ڪوپر ٿورو اڳيان وڌيو ته جيئن اها ڳالهه ٻولهه صحيح نموني سان ٻڌي سگهي.

گائيڊ غرور سان ڪليو،"هُنه، چوري، اهو هيرو! سوال ئي نه ٿو پيدا ٿئي،" پوءِ هن اتي بيٺل،حفاظت تي مامور هٿيارن سان ليس ٽيل گارڊس طرف منهن ڪيو.ان تان سڀ حاضرين به انهن گارڊس کي ڏسڻ لڳا.

"انهن نايابِ هيرن جي حفاظت ائين ڪئي ويئي آهي جيئن لنڊن جي ٽاور ۾ رکيل هيرن جي ڪئي ويندي آهي."

محافظ حاضرين جو توجهه حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي واڪي چيو، "ڪهن به خطري جي ڪا به گنجائش ناهي، جيڪڏهن ڪنهن هن شيشي جي نهيل شوڪيس کي ٽچ به ڪيو ته آٽوميٽڪ الارم وڄڻ شروع ٿي ويندا ۽ فورن ڪمري جو هر در ۽ هر دري بند ٿي ويندي ۽ رات جو وري دنيا جي جديد ترين پروٽيڪٽو سسٽم الڪٽرانڪ ليزر سسٽم ذريعي ان جي مڪمل حفاظت ڪئي ويئي آهي ۽ جيڪڏهن رات جو ان ڪمري ۾ ڪو گهڙيو ته پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ الارم وڄڻ شروع ٿي ويندا"

جيف،ٿريسيءَ ڏانهن نهاريندي چيو،"هاڻي مونکي پوري پڪ ٿي ته هن هيري کي ڪير به چورائي نه ٿو سگهي."

هوڏانهن وري ڊينيل ڪوپر معنيٰ خيز اکين سان اتي بيٺل هڪ جاسوس سان اکين ئي اکين ۾ مٽاسٽا ڪئي. انهي ئي شام انهيءَ سڄي گفتگو جي اي ڪان زيڊ تائين مڪمل رپورٽ انسپيڪٽروان ڊيورين کي ڏني وئي.

☆☆☆

ٻئي ڏينهن ٿريسي ۽ جيف ريجڪ ميوزم جو دورو ڪرڻ لڳا.ميوزم ۾ داخل ٿيڻ کان پهرئين جيف ميوزم سان لاڳاپيل ضروري معلومات جي ڊائريڪٽري به پڻ خريد ڪري ورتي هئي.هيءُ ۽ ٿريسي ميوزم جي مکيه دروازي مان گذرندي اچي ميوزم جي گيلري ۾ بيٺا،جتي قسمين قسمين جا گل رکيل هئا ۽ ان کان علاوه دنيا جي مشهور پينٽرن ،فزا اينجيليڪوز،ربنزر، وان ڊائڪس ۽ ٽائي پولز جون مشهور پينٽنگس ٽنگيون پيون

هيون. اهي ٻئي انهن تصويرن کي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيا هئا. اهي وقفي وقفي سان، آرام سان هڪ هڪ پينٽنگ جو جائزو وٺي رهيا هئا. جڏهن تہ انهن جو پيچو ڪندڙ جاسوس فين هوڙ ان ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان پنهنجن ئي سوچن ۾ گم هو. "او، منهنجا خدا."

ريمرانڊٽ جي شاهڪار فن پاري جي غير معمولي جوڙجڪ،صفائي ۽ چٽڪاريءَ ٿريسي ۽ جيف کي موهي ڇڏيو هو ۽ ان تصوير سان لڳو لڳ سپاهين جو ٽولو، چاڪ و چوٻند هڪ ڪيپٽن جي نگرانيءَ ۾ اٽينشن ۾ بيٺل هيو. ان پورٽريٽ جي چوڌطرف کان گولائي جي صورت ۾ هڪ سنهي، سونهري رسي ويڙهيل هئي ۽ اتي بلڪل ويجهو هڪ گارڊ چوڪس پهرو ڏئي رهيو هو.

"مون کي اهو اعتبارڪرڻ ڏاڍو مشڪل پيو لڳي تہ." جيف ٿريسيءَ کي چيو، "ريمبرانٽ کي ان تصوير تان دوزخ جي باهہ ۾ اڇليو ويو هوندو."

"ان پينٽنگ تان. پر ڇو؟ هي تہ شاندار پينٽنگ آهي."

"ڏس نہ، هن جو نگران تہ هو ڪيپٽين آهي. ان پينٽنگ جي ڪري ٻين پينٽگس کي تہ ڪا توجهہ بہ نہ ٿي ملي" ۽ پوءِ جيف گارڊ طرف منهن ڪندي چيو، "مان سمجهان ٿو تہ ان تصوير جي تہ وڏ کان وڏ حفاظت ڪئي ويئي هوندي"

"ها،" گارڊ چيو "جيڪڏهن ڪنهن ان پينٽنگ کي چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ پوءِ انکي هتان اليڪٽرانڪ جي روشني جي ليزر سسٽم، حفاظتي ڪيمرائن ۽ رات جو ٻن هٿيارن سان ليس محافظن سان گڏوگڏ ٻن گشت ڪندڙ وحشي ڪتن کي بہ منهن ڏيڻو پوندو."

جيف آرام سان ڪليو، "هاڻي مونکي اندازو ٿيو تہ هيءَ شاهڪار پينٽنگ هتي ئي هميشہ رهندي."

انهيءَ شام جو انهن سيني ڳالهين جي مڪمل رپورٽ انسپيڪٽر وان ڊيورين کي ڏني ويئي.

"رات جو چوڪسي!" هن حيران ٿيندي چيو، "اهو ناممڪن آهي."

هن جي پر ۾ ڊينيل ڪوپر هن کي ڏسي آرام سان اک ڇنيي.

☆☆☆

ايمسٽرڊئم ڪنويشن سينٽر ۾ ٽپال جي ٽڪلين جا شوقين جمع ٿيل هئا. جيف ۽ ٿريسي هال ۾ اهي ماڻهو هئا جيڪي ميٽنگ ۾ پهرئين پهرئين داخل ٿيا هئا.

هال جي چوڌطرف کان سختيءَ سان چوڪسي ٿي رهي هئي،هال ۾ انمول ۽ املهہ قديمي يادگار ٽڪليون خوبصورت ميزن تي سجايل هيون. جيف ۽ ٿريسي انهن ٽڪلين کي توجهہ ڏئي غور سان چڪاس ڪري رهيا هئا. ڪوبر ۽ ڊچ جاسوس ٻنهي ڇٽن تي هجوم ۾ لڪ ڇپ ۾ پنهنجون نظريون ڇمايو وينا هئا.

ٿريسي ۽ جيف برطانيہ جي گياني صوبي جي سرڪاري قديمي بدصورت، ڇهہ ڪنڊائتي ٽڪليءَ تي اچي بيٺا.

"ڪهڙي نہ بيڙي ۽ واهيات ٽڪلي آهي!" ٿريسيءَ منهن ٺاهيندي چيو.

"گلان نہ ڪيو ميڊم، اها دنيا جي پنهنجي نوعيت جي پهرئين ۽ انوکي ترين

ٽڪلي آهي."

"انهيءَ جي ڇا قيمت هوندي؟"

"هڪ ملين ڊالر." خدمتگار کين ٻڌايو.

"ڇا، هڪ ملين ڊالر!"

"ها، ميڊم، ان جي قيمت توهان جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هوندي. اهو توهان جو لَڪُ آهي جو توهان ان ٽڪليءَ کي ڏسي رهيا آهيو. آئون توهان کي ٻڌايان ته آئون انهن ٽڪلين سان بي حد محبت ڪندو آهيان. ان ۾ ته دنيائي تاريخ سمايل آهي..."

ٽريسي ۽ جيف وري هاڻي بي خوبصورت ٽڪلين جي شوڪيس طرف وڌيا ۽ ان ۾ پيل "جيني" نالي ٽڪليءَ کي ڏسڻ لڳا، جنهن تي هڪ اڏامندڙ جهاز جي تصوير اُڪريل هئي."

"هي آهي نه بهترين ۽ دلچسپ ٽڪلي." ٽريسيءَ چيو.

خدمتگار ان ٽڪليءَ تي نگاهه وڌي ۽ چيو "ان جي قيمت ..."

"پنجهتر هزار ڊالر" جيف رائي ڏني.

"ها سائين ها، بلڪل صحيح اندازو لڳايو."

هاڻي وري اهي ٻئي شوڪيس طرف وڌڻ لڳا ته رستي ۾ جيف ٽريسيءَ کي چيو، "يعني انهن ٻنهي جي قيمت ملائي سلائي وڃي چوٿون ملين ڊالر ڪن ٿيندي."

ڊينيل ڪوپر هرممڪن ڪوشش پئي ڪئي ته جيترو ممڪن ٿي سگهي هجوم ۾ لڪندو ڇپندو انهن جي ويجهو ٿئي ۽ انهن جون ڳالهيون ٻڌي سگهي.

جيف هڪ ٻي ٽڪليءَ ڏانهن اشارو ڪيو. "هو ڏس، هڪ ٻي نايابٽڪلي، اها ٽڪلي ماريطانيه ملڪ جي آهي جيڪا هڪ پينس جي هئي ۽ ان ٽڪليءَ تي پوسٽ آفيس لکيل آهي. اصل ۾ پوسٽپيڊ لکيل هجيس ها پرغلطيءَ ۾ پوسٽ آفيس لکجي ويو هو. اڄ ان جي قيمت ڪافي پينس کان به مٿي آهي."

"اهي سيئي نندڙيون ٽڪليون آهن ۽ غير محفوظ به آهن، ان ڪري ته ڪو به ماڻهو آسانيءَ سان ڪيسي ۾ ڪٽي چوري ڪري سگهي ٿو." ٽريسيءَ چيو

ڪائونٽر تي وينل محافظ ڪلي ڏنو، "چور ان کي ڪٽي گهڻو مفاصلو طيءِ نه ڪري سگهندو. انهن ٽڪلين جي حفاظت اليڪٽرانڪ جي ليزر شعاعن سان، هٿياربند گشت ڪندڙ محافظن سان ڪئي وئي آهي. انهن جي ڏينهن رات چوڪسي ٿئي ٿي."

"اها وڏي سڪ جي ڳالهه آهي" جيف سنجيدگيءَ سان چيو، "اڄ ڪلهه ڪو به ايتري قدر محتاط نه رهيو آهي، جيترو هتي ڏسڻ ۾ آيو آهي."

انهيءَ شام جو چيف ڪمشنر ڊينيل ڪوپر ۽ انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين کي پنهنجي آفيس گهرائي ورتو. انسپيڪٽر رپورٽ چيف ڪمشنر جي ٽيبل تي سامهون رکي ڇڏي ۽ هن جي جواب جو انتظار ڪرڻ لڳو.

"اڄا تائين ڪا به ڳالهه واضح نه ٿي سگهي آهي،" چيف ڪمشنر چيو "پر آئون اها ڳالهه تسليم ڪريان ٿو، انسپيڪٽر ته تو جيڪي شڪ شبها ڏيکاريا آهن، انهن مان ڪجهه تارگيٽ تي

آهن.ويلڊن.خير تون پنهنجو ڪم جاري رک.توکي هاڻي سرڪاري اجازت ڏني وڃي ٿي ته تون انهن جي هوٽل جي ڪمرن ۾ جاسوسي جا اوزار هڻي سگهي ٿو."

ڊينيل ڪوپر کي هاڻي سڪون مليو. هاڻي ٽريسي وٽئي هن لاءِ ڪليل ڪتاب وانگر هوندي. هي اندرئي اندر ۾ خوش ٿي رهيوهو ته هاڻي ٽريسي جيڪو ڪجهه ڪندي يا چوندي، هن کي ان جي اڳواٽ ۾ ئي سڌ پئجي ويندي.

انهيءَ شام جو خدا جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ هي چرچ هليو ويو.

☆☆☆

جڏهن ٽريسي ۽ جيف انهيءَ شام جو شهر طرف رات جو ڊنر ڪرڻ لاءِ ويا ستہ پوليس جي ٽيڪنيڪل ٽيم پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.انهن ننڍا ننڍا ٽرانسميٽر سنهڙين تارين ذريعي ٽريسيءَ ۽ جيف جي لڳولڳ ڪمرن ۾ موجود ٽيبل ليمپ، تصوير ۽ بيڊ وٽ رکيل گلدانن پويان لڪائي نصب ڪري ڇڏيا.

انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين وري انهن جي ڪمرن مٿان مٿئين منزل تي ٺهيل ڪمري ۾ انهن ٽيڪنيڪل ماڻهن کي هدايتون ڏيئي رهيو هو.جڏهن انهن ٽريسيءَ ۽ جيف جي ڪمري ۾ جاسوسيءَ اوزار فٽ ڪري ڇڏيا ته پوءِ وري مٿئين منزل تي ڪمري ۾ ريڊيو ٽرانسمٽر، اينٽينا سان گڏوگڏ آواز ٽيپ ڪندڙ رڪارڊر به نصب ڪري ڇڏيا.

"آواز کي فعال ڪيو ويو آهي،" فني ماهر وضاحت ڪئي."هوٽل ۾ هاڻي ڪنهن کي به سندن نظرداري ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي.اهي جيڪو ڪجهه ڳالهائيندا، اهو آٽوميٽيڪلي ان رڪارڊر ۾ ريڪارڊ ٿي ويندو."

☆☆☆

ٻئي ڏينهن صبح جو ڊينيل ڪوپر،انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين ۽ هن جو اسسٽنٽ جاسوس سپاهي وٽڪيمپ ڪمري ۾ انهن ٻنهي جي ٽيپ ٿيل گفتگو ٻڌي رهيا هئا.

"وڌيڪ ڪافي ڪپئي؟"جيف جو آواز.

"نه،تنهنجي مهرباني، ڊارلنگ." ٽريسيءَ جو آواز.

"هي مڪڻ ته ڪاءُ،جيڪو روم سروس ڪندڙ آندو آهي.واقعي عجيب آهي."

ٿوري دير لاءِ خاموشي.

"ممر، واقعي ڪيترو نه ذائقي دار آهي،اڄ تنهنجو ڇا ارادو آهي ته ڇا ڪجي ٽريسي؟ ڇا پاڻ کي روٽ ڊريم طرف نه هلڻ ڪپي؟"

"نه، پاڻ ڇو نه اڄ هتي ترسي پئون ۽ Relex ٿيون."

"واهه جي ڳالهه ڪئي اٿئي."

ڊينيل ڪوپر کي مڪمل خبر هئي ته ان ريليڪس جو مطلب ڇا آهي.هن جو وات مڪمل پيچجي ويو.

"تو کي خبر آهي ته هالينڊ جي راڻي هڪ عاليشان گهر يتيمن لاءِ وقف پئي ڪري؟"

"تمام زبردست ڳالهه آهي،مان سمجهان ٿو ته هالينڊ جا ماڻهو دنيا جا سخي ۾ سخي ترين ۽ ڪلاس جا مهمان نواز آهن"

"اهي غير روايتي به پڻ آهن. اهي

لاڳو قانونن ۽ ضابطن سان نفرت ڪن ٿا."
هڪ ٿهڪڙو.

"انهي ڪري ته پاڻ ٻئي ڪين حد ڪان وڌيڪ پسند ڪندا آهيون."

اهي ڪيترو نه هڪ ٻئي سان فري آهن. ڊينيل ڪوپر سوچيو.

"وڏي سخاوت وارو ۽ وڏي دل رکندڙ جي ڳالهه ٿي ڪجي ته." جيف جو آواز آيو، اندازو لڳائي، هن هوٽل ۾ ڪير ترسيو پيو آهي؟...منجهائيندڙ ميگز ميليئن پيئرپونٽ."

"مان به هن کي ياد ڪري رهي هبيس."

"هاڻي وري هي ٻي ڪمپني کي تباهه ڪندو. پر هاڻي ته پاڻ هن کي ڳولي ورتو آهي، ٽريسي پاڻ کي واقعي هن لاءِ ڪجه نه ڪجهه ڪرڻ گهرجي، منهنجو مطلب آهي ته جيستائين ڪ هيءُ هتي اسان جي پاڙي ۾ آهي.... ٽريسي جو ٿهڪڙو.

"مان سمجهان ٿو ته اسان جي دوست کي اها عادت آهي ته هو هٽرادو نهيل انمول شيون گڏ ڪٽي هلندو آهي." منهنجو خيال آهي ته .."

"ڇا توهان چاهيو ٿا ته توهان جي ڪمري جي صفائي وغيره ڪئي وڃي." روم سروس ڪندڙ عورت جو آواز آيو.

انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين پنهنجي اسسٽنٽ وٽڪيمپ طرف مڙيو، "مان چاهيان ٿو ته هڪ جاسوس ٽيم، ميگزميلين جي پويان لڳل هجي، جڏهن ٽريسي يا وري جيف مان ڪو به ساڻس لهه وچڙ ۾ اچي ته پوءِ مون کي ترت ان جي مڪمل رپورٽ هئڻ گهرجي، اوڪي؟"

"اوڪي سر." وٽڪيمپ فرمانبرداريءَ سان چيو.

☆☆☆

انسپيڪٽرجوپ وان ڊيورين، چيف ڪمشنرکي رپورٽ ڏيئي رهيو هو.

"چيف ڪمشنر صاحب، هي ڪيترن ئي ٽارگيٽس جي پويان لڳل آهن، اهي هڪ آمريڪي ڪروڙپتيءَ ميگزملين نالي ماڻهوءَ ۾ وڏي دلچسپي وٺي رهيا آهن. انهن پراڻين ٽڪلين جي ميڙاڪي ۾ به شرڪت ڪئي آهي، انهن لوڪلان هيرن جي ڊائمنڊ فيڪٽريءَ جو به دورو ڪيو اٿن ۽ انهن نائيٽ واچ ڪلب ۾ تفريح ڪرڻ لاءِ به..."

"اهو ناممڪن آهي،" چيف ڪمشنر پنهنجي ڪرسي تي ٽيڪ ڏيندي سوچيندي چيو، هو سوچڻ لڳو ته آيا فضول ڪم ۾ لاپرواهي سان پنهنجو قيمتي وقت ۽ ماڻهو ضايع ته نه پيو ڪريان.

ٿوري دير سوچڻ کان پوءِ چوڻ لڳو، "اهي ته قياس آهن. مضبوط ۽ ٺوس حقيقتون ته آهن ڪو نه، ته سندن حقيقي ٽارگيٽ ڇا آهي؟.... ته توکي هن وقت تائين ڪو به آئيڊيا ناهي انسپيڪٽر."

"نه چيف ڪمشنر، مون کي اجا ڪا به پڪ ناهي ته انهن جو اصلي ٽارگيٽ ڪهڙو آهي پر جيئن ئي هو ڪم ڪندا ته اهي اسان کي اطلاع ڪري ڇڏيندا"

"اهي اطلاع ڪندا!"

"لڪيل مائڪرو فون ذريعي سر،" انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين وضاحت ڪئي، "انهن کي وهر ۽ گمان ئي نه آهي ته ڪو انهن جي، سي .آءِ. ڊي ٽي رهي آهي."

☆☆☆

ٻي صبح جو 00-9 ڌاري صبح جو ڪين وڏي ڪاميابي ملي.

جيف ٽريسيءَ جي ڪمري ۾ ناشتو ڪري رهيو هو. مٿي ڪمرن ۾ ڊينيل ڪوپر انسپيڪٽرجوپ وان ڊيورين ۽ سندس اسسٽنٽ جاسوس سپاهي وٽڪيمپ سندن رڪارڊ ٽيل گفتگو ٻڌي رهيا هئا.

"هيءَ آهي دلچسپيءَ واري خبر، ٽريسي اسان جي دوست جي اطلاع سؤ فيصد صحيح هئي. اها ڳالهه ڏيان سان ٻڌج، ايمروبئنڪ پنج ملين ڊالرن جي مالڪيت جو ڪچو سون ڊچ ويسٽ انڊيز طرف جهاز ذريعي موڪلي رهيو آهي."

مٿي ڪمري ۾ وينل اسسٽنٽ جاسوس وٽڪيمپ چيو، "ان جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي..."

"شش!"

اهي ڏيان ڏيئي وري ٻڌڻ لڳا،

ٽريسيءَ جو آواز آيو،

"مون کي ڏاڍي حيرت آهي ته هيتري ساري پنج ملين ڊالرن جي ڪچي سون جو آخر وزن ٿيندو ڪيترو؟"

جيف جو آواز آيو.

"ڊارلنگ، آئون توکي ان جو پورو پورو حساب ٻڌايان ٿو ته، هڪ هزار ڇهه سو ٻاهتر پائونڊ برابر آهن، ستٽيهه بارس سون جي ۽ ٻڌ، حيرت جي ڳالهه اها آهي ٽريسي ته، انهي سڄي سون ۾ ايتري ته خوصبورتي پيل آهي جو ڪنهن کي به ان جو اندازو ڪونهي. تون ان کي پگهراءِ ۽ پوءِ ڪنهن جي به حوالي ڪري ڇڏ، پر بلڪل اهو واقعي ڏاڍو ڏکيو آهي ته هيتري ساري سون جي وزن کي آخر ڪيئن هالينڊ مان ٻاهر منتقل ڪري سگهجي ٿو!"

ٽريسيءَ جو آواز آيو،

"جيتوڻيڪ اسان ان کي پهرئين ئي موقعي تي حاصل به ڪري وٺون پر ان کي ڪٿنداسين ڪيئن؟ نيڪ آهي، اسان بئنڪ ۾ داخل ٿيون ٿا، فورن ته اهو اسان کي حاصل ته نه ٿيندو، جو ڪٿي وٺونس. ڇا ائين ئي آهي نه. هنه؟"

چيف جو آواز آيو.

"تون مذاق پئي ڪرين؟"

"مان ايتري ساري مقدار جي باري ۾ ڪيئن ٿي مذاق ڪري سگهان. ڇونه پاڻ بئنڪ جو چڪر لڳايون ۽ ان جو هلڪو نظارو ڪيون. هنه؟"

"ڪيئن ڪيون؟، تنهنجي دماغ ۾ ڇا آهي؟"

"آئون اهو توکي رستي ۾ ٻڌائيندس."

ان کان پوءِ دروازو کلڻ جو آواز آيو ۽ آواز اچڻ بند ٿي ويا.

انسپيڪٽرجوپ وان ڊيورين سختيءَ سان پنهنجن مڇن کي وٽڻ ڏئي رهيو هو.

"نه، نه، مان انهن جي ڪنهن به چال کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندس. اهي ان سون جو صفايو ڪندا! مان اڄ ئي ٿو پاڻ اتي جي سيڪيورٽي جو بندوبست ڪريان."

ڊينيل ڪوپر صاف واضح نموني اعلان ڪيو، "جيڪڏهن بئنڪ سيڪيورٽيءَ ۾ ڪا خامي هوندي ته ٽريسيءَ وٽني ان کي ڳولهي لهندي."

ان ڳالهه تان انسپيڪٽر وڏي مشڪل سان پنهنجي ڪاوڙ ۽ جوش کي

ڪنٽرول ڪيو. ۽ دل ۾ دل ۾ سوچڻ لڳو. هن عذاب منحوس آمريڪيءَ مان اڙجي ويا آهيون. جڏهن کان نياڳو اسان جي سرزمين تي لٿو آهي.باهه ٻاري ڇڏي اٿس. اها خدا طرفان مون کي مليل صبر ۽ برداشت جي قوت آهي جو اهڙي منحوس کي برداشت ڪيان ٿو.انسپيڪٽر پهرئين به پوليس وارو هو ۽ آخر به. هن کي مٿان آرڊر مليل هئا ته هو ان نندي عجيب مخلوق سان هر صورت ۾ ڪو آپريشن ڪري.

انسپيڪٽر پنهنجي اسسٽنٽ ڏانهن مڙيو ۽ ڪيس چيو."آئون چاهيان ٿو ته جاسوسي ٽيم جا ميمبر وڏايا وڃن ته جيئن جنهن جنهن ماڻهوءَ سان اهي لهه وچڙ ۾ اچن ،انهن جا فوٽو ۽ انهن بابت معلومات وغيره ملي سگهي. نيڪ آهي، ڪو سوال."

"اوڪي سر. ڪو به سوال نه آهي."

"ها،وڏي هوشياريءَ سان ڪم ڪج. اها ڳالهه دماغ ۾ رکجان. انهن کي پتو نه پوي ته انهن تي نگاهه رکي پئي وڃي."

"يس انسپيڪٽر."

پوءِ هن وينل ڪوپر ڏانهن ڏٺو ۽ ڪيس چوڻ لڳو. "هاڻي ته تون ڪافي بهتر محسوس ڪندو هوندين؟"

ڪوپر ڪيس ڪو به جواب ڏيڻ گوارا محسوس نه ڪيو.

☆☆☆

ايندڙ پنج ڏينهن دوران ٽريسيءَ ۽ جيف،انسپيڪٽر جي ماڻهن کي مڪمل مصروف رکيو ۽ ڊينيل ڪوپر به ڏيان سان هر روز پيو رپورٽس چيڪ ڪندو هو.

ٻئي ڏينهن تي ٽريسيءَ ۽ جيف جي الڳ الڳ طرف جاسوس پيڇو ڪري رهيا هئا. هي جتي ٿي ويا. انهن جو اتي پيڇو ٿي ڪيو ويو. جيف جڏهن پرنٽنگ پريس جي دڪان جي اندڙ گهڙيو ته پويان گهٽيءَ ۾ به جاسوس. هن جي نگراني ڪري رهيا هئا .اهي ڪيس دڪان جي اندر لڳل شيشي ذريعي ٻاهران کان ڏسي هيا هئا . جيف سنجيدگيءَ سان دڪان ۾ دڪان جي مالڪ سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو. جڏهن جيف ڳالهيون وغيره ڪري دڪان مان ٻاهر نڪتو ته هڪ جاسوس هن جي پويان وڃڻ لڳو ۽ ٻيو جاسوس وري دڪان ۾ گهڙي دڪان جي مالڪ کي پنهنجو پوليس جو آئڊينٽي ڪارڊ ڏيکاريو ۽ پين ۽ ڪاغذ کڻي ان تي رپورٽ درج ڪرڻ لڳو.

"هي جيڪو ماڻهو هتان هينئر ويو آهي، اهو توکان ڇا ٿو چاهي؟"

"هن جا ڪاروباري وزٽنگ ڪارڊ ختم ٿي چڪا آهن ۽ هي نوان ڪارڊ ڇپرائڻ چاهي ٿو."

"مون کي انهيءَ جو سيمپل ڏيکار."

پرنٽر هن کي هٿن سان لکيل فارم ڏيکاريو.

لکيل هو:

Amsterdam Security Services،

Cornelus Witson ،Chief investigator.

ٻي ڏينهن تي فين هوڙ جاسوس ٽريسيءَ جي پويان لڳل هو.ٽريسي پالتو جانورن جي دڪان ۾ ويئي ته پويان دڪان جي ٻاهر هو ٽريسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ٽريسي پندرنهن منٽن کان پوءِ دڪان مان ٻاهر نڪتي، ته فين هوڙ دڪان ۾ گهڙيو ۽ دڪان جي مالڪ کي پنهنجي پوليس جو آئيڊينٽي ڪارڊ ڏيکاريو.

"اها عورت جيڪا هينئر هتان نڪتي اهي اها ڇا تي ڇاهي!"

"هي هڪ سونهري مڇي ۽ ٻن پيار ڪندڙ پکين ،هڪ پيلي جهرڪيءَ ۽ هڪ ڪبوتر خريد ڪرڻ ڇاهي تي."

"عجيب جوڙي آهي، ڪبوتر! تو ڇا چيو؟ تنهنجو مطلب آهي ته هڪ عام ڪبوتر؟"

"هائو، پر هتي ڪنهن به پالتو جانور جي اسٽور ۾ ڪوبه اهڙي قسم جو اسٽاڪ نه ٿو رکي. مون به ڪيس اهو ئي ٻڌايو ته ميڊم، اهو اسان وٽ سامان ڪونهي ۽ ڪٽان ڪان ارينج ڪرڻو پوندو."

"توهان اها سونهري مڇي ۽ پالتو جانور هن کي ڪٽي موڪليندو."

"هن جي هوٽل ايمسٽيل ڏانهن"

☆☆☆

هاڻي جيف ايمرو بئنڪ جي مينيجر سان ڳالهائي رهيو هو. انهن پنهنجو پاڻ ۾ اڪيلائيءَ ۾ ٽيهه منٽ تائين ڳالهيون ڪيون. جيف جڏهن مينيجر جي ڪمري مان ٻاهر نڪتو ته، فورن جاسوس مينيجر جي آفيس ۾ گهڙيو ۽ ڪيس پنهنجو پوليس سچائپ ڪارڊ ڏيکاريو ۽ ڪانئس تحقيقات ڪرڻ لڳو.

"جيڪو شخص هينئر هينئر هتان نڪتو آهي، مهرباني ڪري مون کي ٻڌاءِ ته هتي ايتري دير ڇو هو."

"مسٽر وٽسن، هيءُ اسان جي بئنڪ جي سيڪيورٽي سسٽم جو تحقيقاتي آفسر آهي. اهي اسان جي سيڪيورٽي سسٽم کي نئين سر تبديل ڪرڻ ڇاهين ٿا."

"ڇا هن توسان موجوده سيڪيورٽي سسٽم بابت بحث ڪيو آهي؟"

"ها، هن ڪافي ڪجهه پڇيو."

"۽ تو ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو."

"ها، يقينن مون ڪيس ٻڌايو، پر ان کان پهرئين مون اهو ضرور ڪنفرم ڪيو ته هو بئنڪ جو آفيسر آهي به يا نه."

"اهو ڪيئن؟"

"مون هن جي عهدي جي سچائپ ڪارڊ تي لکيل ٽيليفون نمبر تي فون ڪري سندس سچائپ ڪنفرم ڪيم."

"تو ڪنهن کي فون ڪيو."

"سيڪيورٽي سروس کي.. هن جي سچائپ ڪارڊ تي جيڪو نمبر درج ٿيل هو."

ٽئ وڳي شام جو هڪ بڪتر بند گاڏي بئنڪ جي سامهون اچي بيٺي ته جيف به ٽي گهٽيون چڙي، بئنڪ کان پري ان جو تڙ تڪڙ ۾ فوٽو ڪڍيو ته هن جي ٻي سائيڊ واري گهٽيءَ طرف جاسوس جيف جو فوٽو ڪڍندي، فوٽو ڪڍي ورتو.

☆☆☆

پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين انهن شاهدين وغيره کي جلدي جلدي چيف ڪمشنر، نون ويليم، جي ڊيسڪ آڏو سامهون ڪٽي رکيون.

"انهي ثبوتن سان ڪهڙو ٿو مطلب نڪري؟" چيف ڪمشنر پنهنجي خشڪ ۽ سنهي آواز ۾ پڇيو.

ڊينيل ڪوپر وڏي بيچينيءَ سان

ڳالهايو، "مان تو اوهان کي ٻڌايان ته انهن جو ڇا ڪرڻ جو مقصد آهي."

هن ڪيس مضبوطيءَ سان قائل ڪرڻ چاهيو ٿي.

"هو جهاز ۾ چڙهايل سون کي چوري ڪرڻ چاهين ٿا."

چيف ڪمشنر چيو، "ٻه مان تو کان اها توقع رکان يا نه رکان، ته توکي اها خبر هوندي ته اهي ڪيئن اهو معجزو مڪمل ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا؟"

"اڄا گهڻيون ڳالهيون واضح نه آهن، چيف ڪمشنر صاحب،" ڊينيل ڪوپر چيو، "پر مون کي پڪ آهي ته اهي اهو ڪرڻ چاهين ٿا."

ڊينيل ڪوپر سوچڻ لڳو، "اهي ٽريسيءَ کي اڄا سڃاڻين ڪو نه ٿا، پر مان ڪيس پوري طرح سان سڃاڻان ٿو. ڇو ته مون ته ٽريسيءَ کي پنهنجي اندر ۾ سمائي ڇڏيو آهي ٻه مان هن وانگر ئي ته سوچيندو آهيان. هن وانگر ئي ته منصوبا ٺاهيندو آهيان. آءٌ ته سندس هر ڪٽنڊڙ قدمن جي باري ۾ اڳواٽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

ڊينيل ڪوپر چيف ڪمشنر کي چوڻ لڳو، "هو جعلي سيڪيورٽي ٽرڪ کي استعمال ڪندا ٻه اهو ٽرڪ اصلي ٽرڪ کان پهرئين بئنڪ رسندو ٻه ان ذريعي ڪچو سون ڪٽي فرار ٿيندا."

"اها اڳ ٿيٽي واري تو واري پيشن گوئي ڪجهه عجيب ناهي، مسٽر ڊينيل ڪوپر."

"انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين وچ ۾ ڳالهايو، "مون کي خبر ناهي ته انهن جي اسڪيم ڇا آهي، پر انهن جا آواز ريڪارڊ ٿيل آهن، انهن بئنڪ جي مئنيجر سان لهه وچڙ ۾ اچي اتي جي سيڪيورٽي سسٽم بابت ڄاڻ حاصل ڪري ورتي آهي ٻه انهن کي اها به خبر آهي ته ڪهڙي وقت اها بڪتربند ٽرڪ بئنڪ جو سامان کڻڻ اچي ٿي ٻه ..."

چيف ڪمشنر پنهنجي ڊيسڪ جي اڳيان رکيل رپورٽ کي پڙهڻ لڳو.

"ٻه هي پيار ڪندڙ پکي، هڪ ڪبوتر ٻه هڪ جهرڪي! تون ڇا ٿو سمجهي ته اهڙي قسم جي بڪواس جو ڪنهن ڦرلٽ جي واقعي سان ڪو تعلق ٿي سگهي ٿو؟"

"قطعي نه، چيف ڪمشنر صاحب." انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين پريشانيءَ ۾ ڪمشنر جو لهجو تبديل ٿيندي، ڏسي چيو.

"ها، بلڪل ٿي سگهي ٿو." ڊينيل ڪوپر چيو.

☆☆☆

جاسوس فين هوڙ کي پاڻي جي ترڻ واري ڊريس پاتل هئي. هن ٽريسي وٽنيءَ جو واهه جي ڪپ تي ٺهيل ميجري پل تائين پيچو ڪيو ٻه جڏهن ٽيرسي واهه جي ٻي طرف پل ڏانهن ويئي ٻه اتي لڳل ٽيليفون بوٿ ۾ اندر داخل ٿي ته فين هوڙ کي مايوسي ٿي. هو ٽريسي کي ٽيليفون تي ڪنهن سان ڳالهائي، ٻاهران ڏسي رهيو هو ٻه اندر ۾ وسامي ويو.

ٽريسي گنٽر سان لنڊن ۾ ڳالهائي رهي هئي.

"اسان جو سڄو دارومدار هاڻي مارگوني تي وڃي رهيو آهي. هن کي ڪجهه وقت ڪپي... گهٽ ۾ گهٽ ٻن هفتن کان به مٿي، "گنٽر چيو، "توهان انتظار ڪريو."

ٽريسي کيس ٻڌندي رهي.

"مان سمجهان ٿو تہ جڏهن سڀ ڪجهہ منصوبي مطابق ٿي ويندو تہ آئون توهان سان لهہ وچڙ ۾ ايندس." هوشياريءَ سان ڪر وڃجو ۽ جيف کي منهنجا سلام ڏجان. ٺيڪ آهي. هاڻي خدا حافظ"

"خدا حافظ."

ٽريسي فون رسيور تي رکي ڇڏيو ۽ بوٽ کان ٻاهر آئي.هن بوٽ ٻاهران انتظار ۾ بيٺل عورت کي ڪيڪاريو، جيڪا ترڻ جو لباس پائي بيٺي هئي.

☆☆☆

ٻي صبح جو جاسوس انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين کي رپورٽ پئي ڏني.

"سر،آئون هينئر وولٽرس ٽرڪ ڪمپنيءَ مان پيو ڳالهايان.هي ڪمپني ٽرڪون ڪرائي تي ڏيندي آهي.جيف هينئر هينئر انهن کان هڪ ٽرڪ ڪرائي تي ورتي آهي."

"ٽرڪ ڪهڙي قسم جي آهي؟" انسپيڪٽر کانئس پڇيو.

"مال ڊوئيندڙ ٽرڪ آهي."

"ٽرڪ جي ماپ وغيره وٺي مون کي ٻڌاءِ. مان تيستائين تنهنجو انتظار ٿو ڪيان، اوڪي."

"اوڪي سر."

ڪجهہ وقت کان پوءِ جاسوس وري ڪيس فون ڪئي .

"ها، انسپيڪٽر، مون ٽرڪ جون ماپون وغيره وٺي ڇڏيون آهن. اهي ...."

" ٿورو ترس،" انسپيڪٽر وان جوپ وان ڊيورين چيو، " اها وين وانگر آهي.ويڪر ۾ ويهہ فٽ ڊگهي، اوچائيءَ ۾ ڇهہ فٽن کان بہ مٿي ۽ بہ ايڪلس اٿس."

ٿوري دير تائين تہ جاسوس کي ڇڙ نانگ سونگهي ويو هجي.

"ها،سر...ها... انسپيڪٽر ....پر توهان کي ڪيئن خبر پئي!"

"ان ڳالهہ کي تون ڇڏ، هاڻي ٻڌاءِ، ان جو رنگ ڪهڙو آهي؟"

"سر، نيرو."

"جيف جي پويان ڪير ويل آهي."

"جيڪسن، سر."

"گڊ، باقي ٻيون رپورٽون مون کي فورن موڪلجو، اوڪي"

"اوڪي، سر"

انسپيڪٽر جون وان ڊيورين رسيور واپس رکيو ۽ هن ڊينيل ڪوپر ڏانهن ڏٺو.

"تون،بلڪل صحيح هئين،سواءِ ان نيري رنگ جي."

"اهي هاڻي ٽرڪ کي نئون ڪلر ڪرڻ لاءِ پينٽنگ شاپ ويندا."

☆☆☆

اهو پينٽنگ شاپ ڊمرڪ جي گئريج وٽ هو.ٻہ ڪاريگر انهيءَ ٽرڪ جو نيرو رنگ لاهڻ ۽ وري نئون رنگ لڳائڻ جي ڪم ۾ لڳا پيا هئا. جڏهن تہ جيف اتي ڪرسي تي ويٺو هو. گئريج جي ڇت تي هڪ جاسوس جيف جو فوٽو ڪڍي رهيو هو.

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ اهي تصويرون انسپيڪٽر جي ٽيبل تي رکيل هيون. هن اهي ڪٿي ڊينيل ڪوپر کي ڏيکاريون.

"تہ ان ٽرڪ کي ..... اهو ئي رنگ پينٽ پيو ڪيو وڃي، جيڪو رنگ بئنڪ جي سيڪيورٽي واري ٽرڪ جو آهي."

"تو کي خبر آهي تہ، اسان هن کي هينئر ئي گرفتار ڪري سگهون ٿا."

انسپيڪٽر بي صبريءَ سان چيو.

"ڪهڙي ڏوهه تحت... .تہ انهن جعلي شناختي ڪارڊ ٺهرايو آهي، ٽرڪ کي سيڪيورٽي واري ٽرڪ جهڙو ڪلر ڪرايو اٿن، اهي ثبوت ناڪافي آهن. اهي تہ ڏهہ تہ ڇا ٽن منٽن ۾ آزاد ٿي ويندا. چارج اهڙي لڳايو جو هو ان ۾ مضبوطيءَ سان جڪڙجي وڃن. چورن کي سڳ سڌو، يعني موقعي تي پڪڙيو، جڏهن اهي ڪچي سون کي چوري ڪندا هجن."

"هنہ، تون صحيح ٿو چوين." انسپيڪٽر چيو. "تون ڇا ٿو سمجهين تہ اهي هاڻي ڇا ڪندا؟"

ڪوپر پوري ڌيان سان فوٽو کي غور ڪري رهيو هو. ٽرڪ ايتري سون جو وزن ڪيئن ڪٽي سگهندو. ها. . . .اهي هاڻي ٽرڪ جي فرش کي مضبوط ڪرائيندا."

☆☆☆

اهو هڪ ننڍو، عام رواجي، مارڪيٽ کان هٽي ڪري، تمام پري پيل دڪان هو.

"آئون ان ٽرڪ ۾ ڪجهہ لوهي اسڪريپ ڪٽڻ وارو آهيان." جيف چيو. "پر مون کي پڪ آهي تہ ان ٽرڪ جو فرش ايترو مضبوط ڪونهي ڪو جو گهٽي وزن کي ڪٽي سگهي. تنهن ڪري آئون چاهيان ٿو تہ تون ان کي لوهي ڏاتو سان ٽيڪ ڏيئين، مضبوط ڪريس. ڇا تون اهو ڪري سگهين ٿو؟"

ميڪينڪ ٽرڪ وٽ ويو ۽ ان جو معائنو ڪرڻ لڳو.

"اهو ڪو بہ مسئلو ناهي."

"گڊ"

"آئون ان کي جمع تائين تيار ڪري وٺندس."

"پر مون تہ اميد ڪئي پئي تہ تون اهو سيائي تائين تيار ڪري وٺندين."

"نہ، اهو ممڪن ناهي."

"آئون، ان لاءِ توکي ٻيڻ تي رقم ڏيندس."

"خميس تي، پلا."

"نہ مون کي ڪنهن بہ حالت ۾ سيائي ڪپي. آئون توکي ان لاءِ ٽيڻ بہ ڏيندس. پر سيائي."

رابرٽ ڪلائيو

رابرٽ ڪلائيو 1725ع ۾ ڄائو. هن 1774ع ۾ خودڪشي ڪري ڇڏي. هن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ انڊيا ۾ انگريزن جي حڪومت جي پاور جي بنياد وڌو ۽ اولهہ وارين ملڪن ۾ برٽش حڪومت جي اعليٰ حاڪمت مجرائي ۽ انهن ملڪن تي هن جي بدولت انگريزن جو قبضو ٿي ويو ۽ انڪان علاوه هن جي ڪري British East India Company" کي دولت ۽ وقار بہ مليو. هن جو ذهن ڪافي تيز هوندو هو. دوراندیشي، فهم ۽ نئين چالاڪين سان هن ۾ انتظام هلائڻ جا اٽڪڻ گر هئا. اهو صرف هن جي قابليت ۽ محنت جي ڪري ممڪن ٿيو هو جو انگريزن انڊيا ۾ پنهنجو بنياد وڌو. هن ان ڪان علاوه هڪ تاريخي جنگ Arcot بہ وڙهي هئي جنهن ۾ هن فتح حاصل ڪئي هئي ۽ پلاسيءَ جي جنگ ۾ بہ هن فتح حاصل ڪئي. هي سڄي دنيا ۾ مشهور ماڻهو آهي.

مڪينڪ ڪجهه سوچيندي پنهنجي هٿ سان پنهنجي جاڙيءَ کي ڪنڊ لڳو.

"سياڻي، ڪائين وڳي گهرجئين؟"

"منجهند جو سوير."

"اوڪي.ڊن"

جڏهن جيف ميڪنيڪ سان ڳالهائي سندس گئريج کان ٻاهر نڪتو تہ ڪجهه ئي دير بعد جاسوس ان مڪينڪ کان پڇا ڳاڇا ڪري رهيو هو.

انهيءَ صبح جو هڪ چاپا مار ٽيم تشڪيل ڏني ويئي،جنهن جو ڪم اهو هو تہ ٽريسي جتي جتي بہ، جيڏانهن بہ، ڪنهن سان بہ،گفتگو ڪري تہ، انهي کان تفصيل سان پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي.

ٽريسيءَ اڌ ڪلاڪ ٻيڙيءَ جي مالڪ سان گفتگو ڪئي.جڏهن ٽريسي ان ٻيڙي کان روانی ٿي تہ هڪ جاسوس ٻيڙي جي مالڪ وٽ پهتو ۽ پنهنجو سچائپ ڪارڊ ڏيکاريائين ۽ ڪائنس پڇڻ لڳو.

"اها نوجوان عورت توکان ڇا ٿي چاهي؟"

"هوءَ ۽ سندس مڙس واهن جو سيرڪرڻ چاهين ٿا. انهن منهنجي ٻيڙي هفتي لاءِ ڪرائي تي ورتي آهي."

"اهو سفر ڪڏهن کان شروع ٿيندو؟"

"جمعي کان، ڇا تہ خوبصورت ويڪيشن هن موسم ۾... گذارڻ لاءِ مناسب آهي. جيڪڏهن تون ۽ تنهنجي زال ان ڳالهہ ۾ دلچسپي وٺن تہ ....."

جاسوس ٻيڙي ڇڏي اتان غائب ٿي ويو.

☆☆☆

ٽريسيءَ جيڪو پالتو جانورن جي دڪان تي آرڊر ڏنو هو. ان جي ڊليوري سندس ڪمري ۾ پهچائي وئي. ڊينيل ڪوپر ان پالتو جانورن جي دڪان وٽ ويو ۽ ان جي مالڪ کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو.

"توهان ڪيس ڪهڙي قسم جو ڪبوتر موڪليو آهي."

"اوهہ، توکي خبر آهي، اهو هڪ عام قسم جو ڪبوتر آهي پر اهو گهريلو ڪبوتر ناهي."

"توکي پوري پڪ آهي تہ اهو گهريلو ڪبوتر ناهي؟"

"نہ." مالڪ وڏلهجڻ لڳو. "ان جو سبب اهو آهي تہ اهو مون خود درياءُ جي ڪپ تي جهليو هو."

لڪين ڊالرن جو سون ۽ عام ڪبوتر! ڇو؟.ڊينيل ڪوپر حيرت ۾ هو.

☆☆☆

پنج ڏينهن کان اڳ ۾ ڪچي سون کي ايمرو بئنڪ کان منتقل ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون. انسپيڪٽر وان ڊيورين وٽ جيف جون تصويرون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون هيون.

هر تصوير زنجير جي ڪڙيءَ وانگر آهي جيڪا ٽريسيءَ کي سوڙهو ڪندي. ڊينيل ڪوپر سوچي رهيو هو.

ڊينيل ڪوپر ايمسٽرڊيم جي پوليس جي ڏهانت تي پنهنجي اندر ئي اندر تعريف ڪري رهيوهو. اهي فوٽو انهن جو هر ڪٽندڙ قدم سندن ٿيندڙ ڏوهہ جو ثبوت آهي. ٽريسي لاءِ ڪا بہ ٻي واهہ نہ بچي آهي. هن کي هاڻي ڪير بہ انصاف جي ڪٽهري مان بچائي نہ ٿو سگهي. هن جي سزا ئي منهنجي نجات آهي.

☆☆☆

جيف ٻئي ڏينهن ،نئين رنگ تيل ٽرڪ ڪنئي، ان ئي ڏينهن تي هن اها گئراج طرف هلائي، جيڪو هن ڪرائي تي ورتو هو. هن ڇهه ڪاٺ جا ٺهيل بڪسا پنهنجي گيراج ۾ آندا هئا.انهن تي اسٽيل جون پليٽون لڳل هيون، جنهن تي Machinery اسٽيمپ سان پرنٽ ٿيل هو.

انهن سٽيل جي پليٽن جون تصويرون هاڻي انسپيڪٽر جوپ وارن ڊيورين جي ڊيسڪ تي پيل هيون ۽ هي انهن جو رڪارڊ شدهه ٽيپ ٻڌي رهيو هو.

جيف جو آواز.

"تون ڪڏهن اهو ٽرڪ، واهه جي ڪناري تي هلائيندئين. انهيءَ کي پنهنجي حدن ۾ رکج.مان چاهيان ٿو ته توکي خبر هجي ته ان ۾ ڪيترو ٽائيم لڳندو.هي وٺ اسٽاپ واچ."

"ڇا تون مون سان گڏ ڪو نه هلندين؟"

"نه،مان مصروف هوندس."

"مونٽيءَ جو ڇا ٿيو؟"

"مونٽي، خميس ڏينهن تي پهچڻ وارو آهي."

"اهو مونٽي وري ڪيرآهي؟" انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين پڇيو.

"اهو شايد اهو ئي ماڻهو هوندو، جيڪوسيڪيورٽي گارڊ جوڪوڙو ڪردار ادا ڪندو." ڪوپر چيو، "هاڻي انهن کي جعلي يونيفارمن جي ضرورت پوندي."

☆☆☆

يونيفارمن جو دڪان، هوفٽ اسٽريٽ وٽ شاپنگ سينٽر ۾ هو.

"مون کي ڪاسٽيوم پارٽيءَ لاءِ ٻن يونيفارمن جي اشد ضرورت آهي." جيف سيلزمئن کي وضاحت ڪئي.

"مون کي اهي ساڳيون ئي ٻه يونيفارمس گهرجن ٿيون،جيڪي تو نمائشي شيشي ۾ لٽڪايون آهن."

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ انسپيڪٽر جوپ وان ڊيورين سيڪيورٽي يونيفارمن کي چڪاسي رهيو هو.

"هن ٻن يونيفارمن جو آرڊر بڪ ڪرايو آهي. سيلزمين کي چيو اتس ته يونيفارمن کي خميس جي ڏينهن تي ڪٽندو." جاسوس کيس ٻڌايو.

"هيءَ ٻي يونيفارم جي سائيز ٻڌائي رهي آهي ته اها جيف اسٽيون کان به ڪنهن وڏي قدر واري ماڻهوءَ جي آهي." انسپيڪٽر چيو. "لڳي ٿو ته اسان جو دوست مونٽي ڇهه فٽ، ٽي انچ جو آهي ۽ هن جو وزن تقريبن ٻه سو ويهه پائونڊ ڪن هوندو.اسان انٽرپول ذريعي ان جي ڪمپيوٽر ذريعي ڇان بين ڪرائينداسين." هن ڊينل ڪوپر کي خاطري ڪرائي. "اسان کي هن جي مڪمل سيٽاڻ ملي ويندي."

☆☆☆

پيرامائونٽ گئراج جيڪو جيف ڪرائي تي ورتو هو. اتي ٽريسي ٽرڪ اندر ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺي هئي ۽ جيف وري ٽرڪ جي مٿان چڙهي تي ويٺو هو.

"تون تيار آهين؟ مان ٽرڪ کي چيڪ ٿي ڪريان." ٽريسي جيف کي چيو.

"اوڪي،مان تيار آهيان."

(باقي ايندڙ شماري ۾ پڙهندا)

تاريخ جي آئيني منجهان

سيمسن ۽ ڊيلائلا جو داستان عالمي ادب جو حصو آهي. هنن ٻنهيءَ مٿان فلمون بہ ٺهيل آهن. سيمسن تاريخ جو اهو ڪردار آهي، جنهن جي بهادري ۽ طاقت افسانوي آهي. ڪي محقق سندس طاقت جي ڪاٽي ۽ راز ڪري اها ڳالهہ سمجهن ٿا تہ سيمسن حقيقي نہ پر افسانوي واقعو آهي، جڏهن تہ هن قصي جو حوالو بائيبل ۾ پڻ آيل آهي.

ٽي صديون اڳ جي پيار ۽ محبت جي دردناڪ داستان

سيمسن ۽ ڊيلائلا

ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ

دنيا ۾ جن ماڻهن تمام گهڻي طاقت جي حوالي سان افسانوي مشهوري ماڻي آهي، انهن ۾ سيمسن جو نالو سڀني کان مٿاهون ليکيو وڃي ٿو. پراڻي زماني سان تعلق رکندڙ ان انسان سان ڪيترائي مافوق الفطرت واقعا

لاڳاپيل آهن، پر سيمسن جو ذڪر تيستائين مڪمل نہ ٿو سمجهيو وڃي، جيستائين ان ۾ ڊيلائلا کي شامل نہ ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ هيءَ اها ئي خوبصورت جادوگر هئي، جنهن پنهنجي حسن.۽ جلون سان ايترو تہ ڪيس قيد ڪري ڪري بيوس ڪري ڇڏيو جو سندس دشمن نہ صرف ڪيس تمام سولائيءَ سان قابوءَ ۾ آڻي ڪٽي ويا، بلڪ انهن سڄي زندگي پنهنجي قوم سان ڪيل ڏاڍاين ۽ ناانصافين جو بہ ڀرپور انتقام ورتو. ان ڪري ڪيترن ئي محققن جي راءِ اها آهي تہ سيمسن ۽ ڊيلائيا حقيقت ۾ پنهنجي محبت جي زلفن ۾ دولت خاطر پنهنجي محبوب کي قيد ڪرائي بيوفائي ڪندڙ هڪ حسين عورت جو داستان آهي.

سيمسن ۽ ڊيلائلا جو ڳاٽيٽو انهن ڪهاڻين ۾ ڪيو وڃي ٿو، جن جو ذڪر مقدس بائيبل ۾ ڪيو ويو آهي. بائيبل ڇاڪاڻ تہ الهامي ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو، ان ڪري اصولي طور تي ان جي بيان ڪيل ڳالهہ کي آخري سمجهڻ گهرجي ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ ڪرڻ گهرجي. پر مغربي محقق ان واقعي جي سچائيءَ جي حوالي سان ڪافي تحفظات رکن ٿا. ڪجهہ محقق تہ اهو چون ٿا تہ حضرت مسيح ۽ سيمسن جي ڪردارن ۾ حيرت انگيز طور تي هڪجهڙائي ڏني وڃي ٿي ۽ بائبل ۾ حضرت مسيح جي باري ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي، بلڪل اهو ئي لهجو سيمسن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. پر حقيقت ۾ ٻئي ڪردار بلڪل الڳ آهن. ٻنهيءَ جي زماني ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 سو سالن جو فرق ڏسجي ٿو ۽ زبان جي هڪ جهڙائيءَ کانسواءِ انهن ۾ ڪا بہ ڀيٽ نہ آهي. ڪجهہ محققن جو تہ وري اهو خيال آهي تہ سيمسن هڪ افسانوي يا ديومالائي ڪردار آهي. جنهن جو حقيقت سان ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ تعلق نہ آهي.

ساڳيءَ طرح سيمسن جي دور جي باري ۾ ڪافي اختلاف پاتو وڃي ٿو. ڪجهہ ماڻهن مطابق سيمسن 12 صدي قبل مسيح يعني 1199 ق. م. کان 1101 ق. م. جي وچ واري زماني ۾ زنده هو، پر ڪجهہ تاريخدان ڪيس يارهين صدي يعني 1099 ق. م. کان 1101 ق. م. جي وچ واري دور جو ڪردار سمجهن ٿا. بهرحال سيئي سيمسن ۽ ڊيلائلا جو صحيح دور ٻڌائڻ ڪان قاصر آهن. ويجهڙائيءَ واري دور ۾ مشهور انگريزي شاعر جان ملٽن جي لکيل الميہ نظم "سيمسن اڪوين اسٽيس" ۽ جرمن ڇاڻي ڪمپوزر جارج فريڊڪ هينڊل جي 1743ع ۾ لکيل تخليقي "سيمسن" ۾ هو موضوع رهيو آهي.

تازيخي ماهرن جو چوڻ آهي تہ سيمسن جو نالو "شيامش" مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ سن مين يعني سج جو ماڻهو آهي. پر ڪجهہ ٻيا چون ٿا تہ هو لادين يا سج کي خدا طور مڃڻ وارن مان هو. پراڻي عهدنامي موجب سيمسن يهودين جو هيرو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻارنهن معرڪا سرانجام ڏنا ۽ ويهن سالن تائين قديم اسرائيل جو مصنف ٿي رهيو. نئين عهدنامي ۾ ڪيس سندس وفاداريءَ جي

حوالي سان ياد ڪيو ويو آهي.

عام طور تي سيمسن کي "نزارٿ" سڏيو ويندو آهي. "نزارٿ" جي لغوي معنيٰ آهي ناصري يعني اهو عيسائي، جيڪو اصل ۾ يهودي هجي ۽ پوءِ وري ڦري عيسائي ٿي وڃي. پر هتي سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته حضرت عيسيٰ عـ يا عيسائيت، سيمسن کان 12 سؤ سال پوءِ جنم ورتو. اهڙيءَ طرح اهو ڪيئن ممڪن آهي ته نبي يا ان جو مذهب پوءِ اچي ۽ سندس پيروڪار پهرين پيدا ٿئي! اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن جو جواب تاريخ ۾ ڪٿي به نه ٿو ملي.

انسائيڪلوپيڊيا آف برٽنيڪا جي مطابق "نزارٿ" لفظ عبراني لفظ "نزر" مان نڪتل آهي، جنهن جي معني آهي "بچائي رکڻ" يا "ڪنهن هڪ لاءِ پاڪ يا مقدس". انسائيڪلوپيڊيا ۾ آهي ته قديم عبرانين (يهودين) ۾ نزارٿ هڪ اهڙي شخص کي چيو ويندو هو، جنهن جي سڄاڻپ سندس بغير ڪٽيل وارن ۽ شراب کان پري هجڻ ذريعي ڪئي ويندي هئي. گهڻو ڪري نزارٿ غير معمولي معجزن جو مالڪ هوندو هو ۽ هو ٻين ماڻهن کان الڳ تلڳ زندگي گذاريندو هو. ان ڪانپوءِ واري دور ۾ اهو لفظ انهن ماڻهن لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو، جيڪي هڪ مقرر عرصي لاءِ مذهبي پيشوائن جي خدمت چاڪريءَ جي ذميواري پاڻ متان کڻندا هئا ۽ ان جي پوري ٿيڻ تي ڪين تمام وڏا قيمتي تحفا پڻ ڏنا ويندا هئا.

انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا ۾ اهو به ذڪر ٿيل آهي ته شروعاتي نزارٿ هڪ مقدس شخص هوندو هو، جنهن وٽ غير معمولي صلاحيتون هونديون هيون ۽ انهن کي خدا جي قدرت ۽ قوت سمجهيو ويندو هو ۽ هو ذهني ۽ جسماني طرح انهن جي اظهار ۽ استعمال ڪندو هو. ان لحاظ کان هو پراڻي دور جي وچ اوپر جي پيغمبر ۽ مصلحن سان ڪافي هڪجهڙائي رکي ٿو.

ان کان علاوه نزارٿ ۽ پيغمبر، ويڙهاڪن سان به هڪجهڙائي رکندا هئا. ڇاڪاڻ ته هو ڪنهن بئي علاقي ۾ مذهب جي تبليغ ڪرڻ لاءِ جنگ ۾ پڻ حصو وٺندا هئا. سيمسن هڪ نزارٿ ۽ مقدس جنگجو هو. جنهن جي اصل طاقت ان جي بغير ڪٽيل وارن ۾ لڪل هئي. اسرائيل ۾ وارن جي واڌ ويجهه سان گڏ پيدا ٿيندڙ طاقت کي يهودي خدا جي طاقت جي نشاني سمجهندا هئا. جيڪا صرف خدا جي راهه ۾ ئي استعمال ٿيندي هئي.

سيمسن جو تعلق ٻارنهن قبيلن تي مشتمل بني اسرائيل جي هڪ قبيلي "دان" سان هو. قبيلن جا نالا اسرائيلين جي جد امجد حضرت يعقوب عـ ۽ بلها (حضرت يعقوب جي ٻي گهر واري راحيل يا راحيله جي خادمه) جي ٻن پٽن، انهن جي اولاد ۽ حضرت يوسف بن يعقوب جي ٻن پٽن جي نالن تي رکيا ويا هئا. حضرت موسيٰ عـ جي وفات کانپوءِ ان مقدس سرزمين ۾ داخل ٿيندڙ قبيلن جو تعداد ٻارنهن هو. جنهن جو واعدو انهن سان ڪيو هو. حضرت موسيٰ عـ جي خليفي ۽ جانشين حضرت يوشع بن نون ان مملڪت کي بني اسرائيل ۾ ورهايو. انسائيڪلوپيڊيا موجب بني دان کي مغربي يروشلم جي ٻهراڙيءَ

۾ هڪ وڏو ٽڪرو مليو، پر پوءِ قبيلي جا ڪجهه ماڻهو اتان لڏي ٿورو پري وڃي وينا ۽ لائيش نالي شهر انهن جو مرڪز بنيو، جنهن کي پوءِ "دان" جو نالو ڏنو ويو.

سيمسن، ڊيلائلا جي بيوفائيءَ جي ڪري پنهنجي موت تائين دانين جو عظيم هيرو ٿي رهيو ۽ حملو ڪندڙ فلسطين جي خلاف پنهنجي فطرت کان مٿانهين طاقت جو مظاهرو ڪندو رهيو. بني دان، بني اسرائيل جي انهن ڏهن قبيلن ۾ شامل هو، جيڪي 721 ق. م. ڪانپوءِ تاريخ جي صفحن کان مٽجي ويا هئا. يهودي روايتن ۾ انهن کي اسرائيل جي ڏهن گم ٿي ويل قبيلن جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

پراڻي عهدنامي ۾ سيمسن کي "سيمسون" ۽ ڊيلائلا " کي "دليلہ" جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. سندن ذڪر "قضات" جي باب تيرنهن کان سورنهن تائين ۾ موجود آهي. انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا موجب سيمسن کي سندس ماءُ ڄمڻ وقت ئي يهوده لاءِ اربي ڇڏيو هو. ان ڪري هو هزارٿ بنجي ويو. ان حيثيت سان ان مٿان اها بندش لاڳو ڪئي وئي ته هو سڄي زندگي وار نه ڪٽائيندو ۽ نه وري شراب پيئندو ۽ نه وري ڪڏهن پنهنجي زندگيءَ ۾ حرام گوشت کائيندو. هن هڪ فلسطي عورت سان شادي ڪئي. سيمسن ڪجهه فلسطين کي ڪجهه ڳجهارتون پڇڻ لاءِ ڏنيون، 'پر سندس زال انهن ڳجهارتن جا جواب پنهنجن هم مذهبن کي ٻڌائي ڇڏيا ته جيئن سيمسن شرط نه کٽي سگهي. سيمسن ان ڳالهه جي ڪري پنهنجي زال کي ڇڏي ڏنو ۽ شهر ڇڏي هليو ويو. واپس اچڻ تي ڪيس خبر پئي ته هن جي زال ڪنهن ٻئي مرد سان شادي ڪري ڇڏي هئي. جنهن ڪري ڪاوڙ ۾ اچي هن فلسطين جي ٻنين ۾ بينل اناج جي فصل کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو. فلسطينن بدلي طور سيمسن جي پيءُ ۽ زال کي ماري ڇڏيو. جنهن ڪري ان ڪانپوءِ سيمسن، فلسطي جي خلاف وڙهڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائي ڇڏيو. جڏهن هو خوبصورت ۽ وڻندڙ دوشيزه ڊيلائلا سان مليو ته ان ڪيس پنهنجي محبت ۾ ڦاسائي ۽ ريجهائي، پرچائي سندس طاقت جو راز حاصل ڪري ورتو ۽ سندس واڏو وار ڪٽيا ويا. سيمسن کي فلسطي پڪڙي قيد ڪري پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا. قيد، تشدد ۽ اکين کان انڌو ٿيڻ ڪانپوءِ هو آزادي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ هن، ان عاليشان عمارت جا ٿنيا ڪيرائي ڇڏيا، جتي فلسطي پنهنجي خدا "ديجون" جي عبادت ڪري رهيا هئا. عبادتگاهه سوين فلطسي ۽ سيمسين سان گڏ تباهه ٿي وئي.

انسائيڪلوپيڊيا ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته سيمسن جو ڪردار هڪ منصف کان وڌيڪ لوڪ ڪردار يا رواجي هيري وارو آهي. پر سندس مهم جوئين جي ڪري اسرائيلي شهرن ۽ ڳوٺن تي فلسطين جي حملن ۾ ڪافي گهٽتائي آئي هئي. ان ڪري ئي شايد سندس نالو منصفين ۾ شامل ڪيو ويو. انسائيڪلوپيڊيا مطابق فلسطي حقيقت ۾ سمندري حلمہ آور هئا، جيڪي عزه، اشڪلان، اشدود، گاٿ ۽ ريڪرون نالي وارن رياستن تي قابض

هئا. هنن انهن علائقن کي پنهنجو نالو ڏنو، جيڪي 20 صديءَ ۾ فلسطين سڏيا ويا.

سيمسن ۽ ڊيلائلا جي باري ۾ "ورجوئل چرچ" جي تحقيق موجود جڏهن سيمسن پيدا ٿيو ته ان وقت اسرائيل جو اولاد ان سرزمين تي رهي رهيو هو، جنهن جو واعدو سوين سال اڳ الله تعاليٰ، حضرت ابراهيم عـ سان ڪيو هو. ابراهيم ۽ ساره جي پوٽي اسرائيل (حضرت يعقوت عـ) جي پٽن ۽ ان جي بارن کي اسرائيل جو اولاد چيو وڃي ٿو. جڏهن ته جنهن زمين جو الله تعاليٰ انهن سان واعدو ڪيو هو ته ان جو نالو ڪنعان يا واعدي واري سرزمين هو.

ڪنعان جي رهواسين، جن کي فلسطي چيو ويندو هو ۽ اولاد اسرائيل جي وچ ۾ سوين سالن تائين خوني جنگيون ٿينديون رهيون. سيمسن کان سوين سال پوءِ پيدا ٿيندڙ حضرت دائود عـ جي زماني تائين اهي لڙايون هلنديون رهيون. آخرڪار هن ڪنعان جي ان علائقي کي فلسطين کان پاڪ ڪري ڇڏيو. جنهن کي اڄڪلهه اسرائيل چيو وڃي ٿو.

سيمسن جا ماءُ پيءُ ڪافي وقت کان شادي شده هئڻ جي باوجود اولاد کان محروم هئا. هنن اولاد لاءِ ڏاڍيون باسون باسيون ۽ عبادتون ڪيون. آخرڪار هڪ ڏينهن الله پاڪ جو فرشتو وٽن آيو ۽ ٻڌايائين ته تمام جلد وٽن هڪ پٽ پيدا ٿيندو. پر ان جي چوڻ مطابق سندن اهو پٽ صرف ۽ صرف الله پاڪ لاءِ مخصوص هوندو. هو نزارٿ ٿيندو ۽ الله پاڪ جي راهه ۾ هن ملڪ لاءِ وڏيون قربانيون ڏيندو.

نزارٿ بنجڻ جو مطلب هو ته هو نه ڪڏهن پنهنجا وار ڪٽائي سگهندو ۽ نه وري شراب چکي سگهندو. ڪشمش ۽ انگور نه کائي سگهندو ۽ نه وري ڪنهن مرده جسم کي ڇهي سگهندو. ڪيس پنهنجي سڄي زندگي خدائي حڪمن تحت گذارڻي هئي.

سيمسن ڪيترن ئي طاقتورن جي قوت وٺي جوان ٿيو. هن انهن ماڻهن کي، جن کي فلسطي چيو ويندو هو، جي خلاف اڪيلي سر ڪيترن ئي مقابلن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جنهن زماني ۾ سيمسن جيئرو هو، انهن ڏينهن ۾ اسرائيل جي اولاد پنهنجي خدا کي وساري ڇڏيو هو. ان ڪري الله سندن دشمنن کي انهن مٿان غالب ڪري ڇڏيو هو. اولاد اسرائيل جي تاريخ ۾ اهڙا سانحا ڪيترائي دفعا برپا ٿيا، پر وري جڏهن هو الله ڏانهن موٽيا ۽ پنهنجن گناهن جي معافي ورتائون ته الله تعاليٰ نه صرف انهن کي معاف ڪيو، پر دشمنن جي مٿان ڪاميابي پڻ ڏياريائين. ان سان ظاهر ٿئي ٿو ته اسرائيل جي اولاد لاءِ صرف اڪيلي الله کي مڃڻ ۽ ان جي عبادت ڪرڻ جي حقيقي مفهوم کي سمجهڻ ڪيتري قدر ڏکيو هو. هنن جي آس پاس رهندڙ قومون، جن ۾ فلسطي به شامل هئا، اهي سڀ ڪوڙن خدائن کي پوڄيندا هئا. هڪ وڏو عبادتگاهه ٺاهيو ويو هو. هو ان جي نالي تي قربانيون ڪندا هئا ۽ ان جي عبادت پڻ ڪندا هئا.

سيمسن کي پنهنجي طاقت تي وڏو

گهمندا هوندو هو. پر ان جي برعڪس فلسطي ساڻس تمام گهڻي نفرت ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته هن سندن شهرن ۽ فصلن کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو هو. هڪ موقعي تي هن فلسطين جي هڪ شهر جي تمام مضبوط دروازي کي پنهنجن خالي هٿن سان پٽي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو. هڪ جنگ ۾ ته هن هڪ مئل گڏهه جي هڪ هڏيءَ سان هڪ هزار فلسطين کي موت جي نند سمهاري ڇڏيو هو. چيو وڃي ٿو ته ان فتح کانپوءِ ڪيس ايتري ته اڄ لڳي جو هن توبهه تائب ٿي الله پاڪ ڏانهن رجوع ڪيو ۽ چيائين "مون تنهنجي لاءِ هيءَ عظيم ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، رب هاڻي آئون اڄ جي وگهي مرڻ وارو آهيان. هتي پري پري تائين پاڻيءَ جو ڪو نالو نشان نظر نه ٿو اچي. يا الله منهنجي مدد ڪر."

روايتن ۾ اچي ٿو ته الله تعاليٰ، سيمسن جي دعا هڪدم قبوليءَ ۾ ان ئي گهڙيءَ ۾ سندس پيرن جي ويجهو ئي پاڻيءَ جو هڪ چشمو ڦٽي نڪتو، جنهن مان هڪدم تڏو، صاف ۽ مٺو پاڻي ٻاهر اچڻ لڳو. پاڻيءَ جو اهو چشمو سيمسن جي مري وڃڻ کانپوءِ سوين سالن تائين مسافرن جي اڄ اجهائيندو رهيو.

ان جنگ کانپوءِ علائقي ۾ امن امان ٿي ويو ۽ اسرائيل جو اولاد سڪون سان زندگي گذارڻ لڳو. سيمسن کي قاضيءَ جو درجو ڏنو ويو ۽ اهڙيءَ طرح ويه سال هن ملڪ تي حڪومت ڪئي.

هڪ موقعي تي سيمسن، نزارت واريون بندشون ٽوڙي وڌيون. هن شراب پيتو، انگور کاڌا ۽ هڪ مرده جسم کي ڇهيو. جنهن ڪري هو خدا جي پسنديده ۽ چونڊيل ماڻهن مان ٻاهر نڪري ويو. پراڻي عهدنامي ۾ لکيل آهي ته جڏهن هن هڪ مئل شخص کي هٿ لڳايو ته ڪيس لاش اندر ماکي نظر آئي. هن نه صرف پاڻ ماکي کاڌي، پر پنهنجن مائٽن لاءِ به ڪٽي ويو، پر هن ڪين اهو نه ٻڌايو ته اها هن ڪٿان آندي آهي.

چون ٿا ته خوبصورت عورتون سيمسن جي وڏي ڪمزوري هيون. عورتن سان ملندي ملندي هڪ حسين فلسطي عورت ڊيلائلا جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويو. هن ڊيلائلا سان ملڻ شروع ڪري ڏنو. هو روزانو رات جو هن جي گهر ويندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان سان گڏ رهندو هو. هاڻي هن جي دماغ تي صرف ڊيلائلا ئي سوار رهندي هئي ۽ هو اهو سمجهندو هو ته ان جي حسن ۽ خوبصورتيءَ ڪانسواءِ دنيا ۾ ڪجهه به نه آهي. پر هو سخت غلطيءَ تي هو. ڇاڪاڻ ته ڊيلائلا هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت سندس ويجهو آئي هئي.

ڊيلائلا هڪ ڪٽر قوم پرست هئي. ڪجهه فلسطين خاص طرح سندس خدمتون حاصل ڪيون هيون. هنن ڊيلائلا سان واعدو ڪيو هو ته جيڪڏهن هوءَ سيمسن جي بي پناهه طاقت ۽ مضبوطيءَ جو راز ڄاڻي سندس حوالي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ته ڪيس تمام وڏي رقم ڏني ويندي. ان منصوبي سان ڊيلائلا، سيمسن سان محبت جو کيل شروع ڪيو هو. هر ملاقت ۾ هوءَ سيمسن سان ضد ڪندي هئي ۽

ليلائيندي هئي تہ هو پنهنجي طاقت جو راز کيس ٻڌائي.

سيمسن ڇاڪاڻ تہ ساٿس تمام گهڻي محبت ڪندو هو، انڪري ڪيس ڊيلائلا جو ائين ليلائڻ ۽ ضد ڪرڻ سنو نہ لڳندو هو. ان ڪري ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ هن ساٿس مختلف قسم جا ڪوڙ ڳالهايا ۽ غلط ڳالهيون ٻڌايون، جنهن مان سندس طاقت ختم ٿي سگهي ٿي.

هڪ موقعي تي هن ڊيلائلا کي ٻڌايو تہ "جيڪڏهن مونکي ستن رسين سان گڏ ٻڌو ويندو تہ منهنجي طاقت ختم ٿي ويندي."

جڏهن سيمسن سمهي رهيو تہ ڊيلائلا کيس ستن رسين سان ٻڌي ڇڏيو ۽ وٺي رڙيون شروع ڪيائين تہ "سيمين! سجاڳ ٿي! فلسطي اچي ويا." فلسطي واقعي بہ ويجهو لڪيو بيٺا هئا. ڊيلائلا، سيمسن کي سجاڳ ڪرڻ کان پهرين ئي انهن کي اشارو ڪري ڇڏيو هو تہ هن سيمسن کي ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ اوهان هن کي قابو ڪرڻ پهچي وڃو. هو هڪدم اتي پهچي ويا. ڊيلائلا جي رڙين تي سيمسن سجاڳ ٿي ويو ۽ فلسطي هن کي پڪڙڻ وارا ئي هئا تہ هو سيئي بندشون ٽوڙي آزادي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ فلسطين سان لڙائيءَ ۾ لڳي ويو.

ٿوري ئي وقت ۾ هو سيني تي قابو پائڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هو.

هن دفعي ڊيلائلا ڪيترائي ڏينهن سيمسن سان ڪاوڙيل رهي. هوءَ مسلسل روئندي ۽ سڏڪا ڀرندي رهي، "تو، مونکي پنهنجو راز نہ ٻڌايو! ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ توکي مون سان محبت نہ آهي."

سيمن، ڊيلائلا جي ضد آڏو تنگ ٿي پيو. هن جان ڇڏائڻ لاءِ ڪيس ٻڌايو تہ جيڪڏهن هوءَ سندس وارن جون ست چڳون ناهي انهن کي ڪلي سان ٻڌي ڇڏي تہ هو پنهنجي طاقت کان محروم ٿي ويندو. هن دفعي هن پنهنجن وارن جو حوالو ڏنو هو. اهڙيءَ طرح هو هڪ اهڙو راز پنهنجي محبوبہ کي ٻڌائڻ جي بلڪل ويجهو پهچي چڪو هو، جنهن جو ظاهر ڪرڻ خود خدا کي بہ پسند نہ هو.

ڊيلائلا ستل سيمسن جي وارن جون ست چڳون ناهيون ۽ انهن کي ڪليءَ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ روايت موجب رڙيون ڪرڻ لڳي. "سيمسن سجاڳ ٿي! فلسطي اچي ويا."

سيمين اٿڻ ۾ هڪ گهڙيءَ جي بہ دير نہ ڪئي ۽ ڪلي ٽوڙي پنهنجا وار آزاد ڪرائڻ ۾ هن کي ڪابہ دير نہ لڳي ۽ هن اتي موجود فلسطين کي ماري ڪٽي پڇائي ڇڏيو.

اصولي طور تي تہ اهو ٿيڻ گهرجي ها تہ هڪ ٻئي پنيان ٿيندڙ حملن مان اهو سمجهي وڃڻ گهرجي ها تہ ڊيلائلا ساٿس ڪوڙ ڳالهائي رهي آهي ۽ دوکو ڏئي رهي آهي، پر هو اکيون بند ڪري بيوقوف بنجندو رهيو. هن نہ تہ ڊيلائلا جي گهر اچڻ بند ڪيو ۽ نہ وري فلسطين جي باري ۾ ڪانئس پڇا ڪيائين. اها ئي صورتحال ڊيلائلا جي هئي. سيمسن هن سان ڪوڙ مٿان ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو، پر هوءَ هر ڀيري ان تي يقين ڪري وٺندي هئي.

ڇاڪاڻ تہ هوءَ هر صورت ۾ اها رقم حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ هئي، جنهن جو واعدو هن سان فلسطين ڪيو هو.

هن دفعي بہ جڏهن سيمسن، فلسطين جي مٿان غالب اچي ويو تہ ڊيلائلا روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. هن اها ئي رٽ لڳائي رکي تہ سيمسن کي هن سان بلڪل محبت نہ آهي، نہ تہ هو هر دفعي هن سان ڪوڙ نہ ڳالهائي ها. سيمسن هن جي گوڙ شور کان ايڏو تنگ اچي ويو جو آخرڪار هن سچ ڳالهائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. " جيڪڏهن منهنجا وار ڪٽيا وڃن تہ آئون عام ماڻهن وانگر ڪمزور ٿي ويندس." هن پنهنجي محبوبہ کي خوش ڪرڻ لاءِ آخرڪار حقيقت ظاهر ڪري ڇڏي.

"تون اڃا بہ ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين." ڊيلائلا مسلسل روئندي چيو.

" نہ منهنجي پياري! اهو ئي سچ آهي." سيمسن هن جي اکين مان نڪري ڳلن تي ايندڙ لڙڪ پنهنجي هٿ سان صاف ڪندي چيو، "هن واري آئون ڪوڙ نہ ڳالهائي رهيو آهيان."

"ڏسجانءِ!" ڊيلائلا هن کي خبردار ڪندي چيو، "اهو اڳر ڪوڙ ثابت ٿيو تہ پوءِ آئون تو کان هميشہ لاءِ پري ٿي ويندس."

پر واقعي بہ اهو ئي سچ هو. سيمسن پنهنجي عادت موجب ڊيلائلا جي گود ۾ پنهنجو مٿو رکي سمهي رهيو. جيئن ئي سندس اکيون بند ٿيون، ڊيلائلا ٻهرين ئي تاڙ ۾ ويٺل ماڻهن کي اندر سڏ ڪيو ۽ هنن، سيمسن جي مٿي جا وار ڪٽي ڇڏيا. ڊيلائلا هڪدم رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، "سيمسن! اٺ! فلسطي وري حملو ڪري آيا آهن."

سيمسن اٺڻ شرط فلسطين تي حملو شروع ڇڏيو، پر هينئر سندس مٿي جا وار غائب هئا ۽ ان سان گڏ ئي سندس طاقت ۽ قوت ختم ٿي چڪي هئي. هو تمام گهڻي بهادريءَ سان وڙهيو، پر هن دفعي سيمسن جو ڪوبہ وس نہ هليو. فلسطين هن جي تمام خراب حالت ڪئي ۽ ٿوري ئي وقت اندر هن کي قابو ڪري ورتائون.

اهڙيءَ طرح ڊيلائلا محبت جي نالي ۾ بيوفائي ڪري ڪيس فلسطين جي آڏو جهڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. فلسطي، سيمسن کي قابو ڪري پاڻ سان گڏ وٺي ويا. هنن نہ صرف ڪيس اڪيلي ۽ سوڙهي قيدخاني ۾ اڇلائي ڇڏيو، پر گرم لوهي شيخن سان ان جون ٻئي اکين بہ ڪڍي ڇڏيون، جنهن سان سندس بينائي ويندي رهي. هنن ڪيس زنجير سان جڪڙي اٽي پيهڻ جي چڪيءَ سان ٻڌي ڇڏيو، جتي هو هر وقت اٽي پيهڻ جي چڪي هلائيندو رهندو هو. فلسطين هن کي هر اهو ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو، جيڪو هڪ ڍڳو ڪري سگهندو هو. فلسطي هن جي بيوسيءَ جو مذاق اڏائڻ لاءِ باقائده هن جي نمائش ڪندا هئا ۽ ماڻهو وڏي تعداد ۾ پنهنجي ان دشمن کي ڏسڻ ايندا هئا، جنهن ماضيءَ ۾ ڪين تمام گهڻو نقصان پهچايو هو. پر هن وقت هن جي حالت اها هئي جو موت بہ اهڙي زندگيءَ کان پناهہ گهرندو هو. مطلب تہ هو مردن کان بہ خراب زندگي گذاري رهيو هو.

خبر نہ آهي تہ ڪيترا ڏينهن ائين ذلت واري زندگيءَ جا گذري ويا. پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن سيمسن کي تڏڙي تڏڙي هوا سندس وارن سان راند ڪندي محسوس ٿي. هن پنهنجي مٿي تي هٿ ڦيرائي ڏٺو تہ واقعي بہ سندس مٿي تي وار نڪري آيا هئا. هن کي ائين محسوس ٿيو تہ سندس توانائي ۽ وجائجي ويل قوت بہ واپس اچي وئي آهي. پر هن اها ڳالهہ پنهنجن محافظن کان لڪل رکي.

انهن ئي ڏينهن ۾ سيمسن کي خبر پئي تہ فلسطي پنهنجي سڀ کان وڏي ديوتا ديجون جو تمام وڏو ميلو ملهائي رهيا آهن ۽ ان موقعي تي فلسطين جا تمام وڏا ۽ طاقتور سياسي، فوجي ۽ مذهبي اڳواڻ توڙي عام ماڻهو بہ هڪ وڏي انگ ۾ موجود هوندا. سيمسن ان ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ جو وڏو خواهشمند هو. هن جي ذهن ۾ اها ئي سوچ هئي تہ شايد ڪيس ان موقعي تي پنهنجن دسمنن کي سزا ڏيڻ جو ڪو موقعو هٿ اچي وڃي.

دل جي سچائيءَ ۽ گهرائيءَ سان هن دعا گهري. "اي خداوند! منهنجون گذريل خطائون معاف ڪر ۽ مونکي صرف هڪ موقعو وڏيڪ ڏي تہ جيئن آئون پنهنجو پاڻ کي تنهنجو ٻانهو ثابت ڪري سگهان ۽ تنهنجي خوشيءَ لاءِ قرباني ڏئي سگهان."

شايد ان دعا جو ئي اثر ٿيو جو فلسطي ميلي ۾ ويندي مهل سيمسن کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويا. سندن مقصد اهو هو تہ ڪيس ماڻهن جي آڏو آڻي ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي. ميلي ۾ آيل اٽڪل 3000 ماڻهو وڏي بيتابيءَ سان ان دشمن کي ڏسڻ جا خواهشمند هئا، جنهن جي زندگي هاڻي سندن رحم ۽ ڪرم تي هئي.

سيمسن ڪافي وقت اڳ ديجون جو مندر ڏٺو هو. هن کي اها خبر هئي تہ ان عظيم الشان عمارت جو سڄو وزن وچ ۾ موجود ٻن وڏن گول ٿنڀن تي بيٺل آهي ۽ اهو هڪ اتفاق ئي ٿيو جو انهن ٻنهي ٿنڀن جي وچ ۾ ڪيس بيهاريو ويو.

هال ۾ موجود سيني ماڻهن، هن تي ٺٺڪار ۽ ٺڪڻ شروع ڪري ڏنو. سيمسن اکين کان انڌو هو. هو ڪنهن کي ڏسي نہ ٿي سگهيو. هو صرف سندن واهيات ۽ ڪريل ڳالهين ٻڌي سگهيو ٿي.

هن هڪ دفعو وري خدا کان دعا گهري، "اي منهنجا خدا! منهنجي مدد ڪر. صرف هڪ دفعو منهنجي مدد ڪر ۽ مونکي همت ڏي تہ آئون انهن ماڻهن جي ڪم اچي سگهان، جيڪي هنن ڪوڙن خدائن جي مڃڻ وارن جي ظلم ۽ ڏاڍ جا ستايل آهن. اي خدا! مونکي همت ڏي تہ آئون تنهنجي دين جو بول بالا ڪري سگهان ۽ تنهنجن دشمنن تي ڪاميابي حاصل ڪري سگهان."

سيمسن پنهنجن ٻنهي مضبوط ٻانهن سان انهن ٿنڀن کي جهليو ۽ تمام گهٽ طاقت سان انهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو تہ هڪ وڏي زوردار ڏماڪي سان سڀئي ٿنيا ٽٽي پيا ۽ مندر جي وزنائتي ڇت سيمسن ۽ ڪوڙن خدائن جي پوڄا ڪرڻ وارن فلسطين جي مٿان اچي ڪري. هنن اتان ڀڄڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، پر موت جو هٿ هنن کان وڏيڪ تيز هو. ڪجهہ منٽن اندر سڀ جا سڀ مندر جي

ملبي هيٺان دٻجي ٻوساٽجي مري ويا.

اهڙيءَ طرح سيمسن پنهنجي جان قربان ڪندي پاڻ سان گڏ بني اسرائيل جي دشمنن کي موت جي منهن ۾ اڇلائي پورو ڪيو. ان ڳالهه کان ڪوبه انڪار نه ٿو ڪري سگهي ته سيمسن پنهنجي زندگيءَ ۾ بني اسرائيلين لاءِ تمام گهڻا ڪارناما انجام ڏنا، پر سندس هيءُ آخري ڪارنامو جيئري هوندي جي وڙهندڙ سپني جنگين کان وڌيڪ وڏو هو. هن حادثي جو اهو نتيجو نڪتو جو وڏا وڏا فوجي، سپاهي ۽ سياسي سردار موت جي منهن ۾ هليا ويا. جنهن ڪري فلسطين جي طاقت ڪمزور ٿي وئي ۽ بني اسرائيل آسانيءَ سان انهن جي مٿان ڇانئجي ويا ۽ هنن پنهنجن دشمنن کي زمين مان ڪڍي ٻاهر اڇلايو، جنهن جو الله تعاليٰ ساڻن واعدو ڪيو هو.

هتي هڪ وضاحت ڪندي هلجي ته ڊيلائلا، جنهن هن مصيبت ۾ سيمسن کي گرفتار ڪيو هو، اها سويڪ نالي واديءَ جي رهاڪو هئي. البته اها ڳالهه يقين سان نه ٿي چئي سگهجي ته هوءَ فلسطي هئي يا نه. باقي هن ڳالهه تي سڀ متفق آهن ته فلسطين کيس سيمسن جي خلاف استعمال ڪيو. فلسطيين جي سردار کيس چيو ته "سيمسن کي اسان وٽ قاسائي ڏي ۽ اهو معلوم ڪري ڏي ته سندس طاقت ڪٿي لڪل آهي. اگر اهو راز تون اسان کي ٻڌائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئينءَ ته ان جي بدلي اسين توکي سون جا يارنهن سؤ سڪا ڏينداسين. ماهرن مطابق اڄ جي ڪرنسيءَ جي حساب سان انهن سڪن جي ماليت چار هزار ڊالر لڳائي وئي آهي.

ڊيلي بائيبل اسٽڊي مطابق سيمسن پهريون نزارت ۽ آخري منصف آهي، جنهن جو بائيبل ۾ خاص طرح ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ۾ ڊيلائلا جو وطن سويڪ نالي وادي ٻڌائي وئي آهي. جيڪا يروشلم کان جونه (موجوده تل ابيب) جي الهندي پاسي بحيره روم تائين ڦهليل هوندي هئي. ان ۾ سيمسن جي باري ۾ لکيل آهي ته ديجون جو مندر تباهه ٿيڻ کانپوءِ سندس سڄو خاندان سندس لاش وٺڻ لاءِ آيو ۽ ڪيس زوراه ۽ اشتول جي وچ ۾ سندس پيءُ جي قبر جي پرسان دفنايو ويو.

انڪارٽا انسائيڪلوپيڊيا موجب سيمسن ۽ ڊيلائلا جو قصو 11 صدي ق. م. سان تعلق رکي ٿو. البته محقق، سيمسن جي ڪردار جي روايتي يا افسانوي هجڻ جي باري ۾ اختلافن جو شڪار آهن.

انڪارٽا انسائيڪلوپيڊيا موجب عزه اها جڳهه آهي، جتي سيمسن پنهنجي زندگيءَ جو آخري ڪارنامو سرانجام ڏنو هو. بائيبل ۾ ڪيترين ئي جڳهين تي عزه جو ذڪر ڪيو ويو آهي. چيو وڃي ٿو ته هيءُ اهو ئي شهر آهي، جتي سيمسن، ديجون جي مندر کي پنهنجي ۽ پنهنجن دشمنن جي مٿان ڪيرايو هو. جڏهن ته سيمسن کي جتي دفنايو ويو هو، اتي هاڻي عزه جي جامع مسجد آهي.

☆☆☆

حضرت حزقيل عليه السلام

محبوب علي سمون

حضرت حزقيل عليه السلام کي الله پاڪ طرفان بني اسرائيل قوم تي نبي مقرر ڪيو ويو هو. پاڻ گهمراهيءَ ۾ پيل بني اسرائيل قوم کي گهڻو ئي سمجهايو، تہ خدارا غلط رستي تي نہ هلو پر فقط الله جي ٻڌايل صحيح رستي تي هلو، پر سندس قوم گهمراهيءَ جي دلدل ۾ ايترو تہ ڌسجي ويئي هئي جو انهن هن جي هڪ بہ نہ ٻڌي. سالن کانپوءِ ڪين پنهنجي قوم کي انتهائي تباهہ ڪن ۽ ذلت واري اڳڪٿي ٻڌائڻ جو الله پاڪ پاران حڪم مليو.

حضرت حزقيل عليہ السلام جوتعلق حضرت هارون عليہ السلام جي نسل سان هو. اڳڪٿيون ڪرڻ ۽ ڳجهيون ڳالهيون ٻڌريون ڪرڻ وارو مرتبو هن خاندان کي ورثي ۾ مليل هو. حضرت حزقيل عليہ السلام جو والد ماجد "بوذي" پڻ ڪٿائن ڪرڻ جوماهر هوندو هو. سندس زمانو ڇهہ سؤ قبل مسيح آهي. "حزقيل"عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ٻن اکرن جي ڳانڍاپو اتس.هڪڙو "حزقي " ۽ ٻيو "ايل"."حزقي " جي معنيٰ آهي"قدرت" ۽ "ايل" جي معنيٰ "الله" آهي. اهڙيءَ طرح ٻنهي لفظن جي مرڪب جو مطلب ٿيو. "الله جي قدرت."

حزقيل عليہ السلام کي الله تعاليٰ شام ۽ فلسطين ۾ وسندڙ قومن ڏانهن هدايت واسطي موڪليو هو.ڪنعان جنهن کي پوءِ فلسطين ڪوئيو ويو. اوڏانهن يروشلم ۽ اردن واقع آهن ۽ اها بني اسرائيلن جي خاص سر زمين آهي. ان جي ڏکڻ تي "سينا" جو رڻ پٽ آهي ۽ ان جي آسپاس ادومي،عموني ۽ موآبي قومون وسندڙ هيون. انهي ڪري الله تعاليٰ کيس رشد وَ هدايت لاءِ جيڪو پرڳڻو حوالي ڪيو، تنهن ۾ بني اسرائيل، بني عموني،موآبي ۽ شعير جا قبيلا آبادهئا. هڙيئي قومون حضرت حزقيل عليہ السلام جي اصلاح ۽ هدايت جي حلقي ۾ داخل هيون. هي مڙيئي راڄ ۽ سندن وسنديون حضرت يعقوب عليہ السلام جي ٻارهن پٽن جي اولاد مان هئا.

توريت مقدس ۾ حضرت حزقيل عليہ السلام جي نالي سان سڄو سارو هڪڙو صحيفو 48 ٻاڳن تي مشتمل موجود آهي. انهي صحيفي ۾ اهو ئي آهي، جيڪو وقت بوقت متس نازل ٿيندو رهندو هو. توريت ۾ سندس نالو مبارڪ "حز قي ايل (حز قيل) ڄاڻايل آهي.

قرآن شريف جي سورت بقره جي 43 آيت مبارڪ ۾ بني اسرائيلن جي باري ۾

هيٺيون واقعو مذڪور آهي.

"پلا تو انهن ماڻهن کي ڪو نہ ڏنو،جيڪي تعداد ۾ هزارن ۾ هئا ۽ اهي جڏهن موت جي ڊپ کان پنهنجن گهرن مان ڀڄي ويا هئا تہ خدا کين حڪم ڪيو تہ مري وڃو، پوءِ کين جيئرو پڻ ڪيائين. پوءِ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ مولا جي ماڻهن تي مهرباني آهي، پر گهڻا ماڻهو شڪر ادا نہ تا ڪن."

اسان جا مفسرين ٻڌائين تا تہ انهيءَ واقعي جو واسطو حضرت حزقيل عليہ السلام سان آهي. تفسيرابن ڪثيرمطابق مذڪوره موت جي ڀوءُ کان ڀڄي ويل، مري ويل ۽ وري جيئرا ٿيندڙ بني اسرائيل هئا ۽ اها جماعت موجوده شهر "واسط" جي ويجهو هڪ وسندي جنهن جو نالو "دادردان" هو، اتي رهندا هئا ۽ اتان ڀڄي ڪري جنهن ماڙيءَ ۾ وڃي پناهہ ورتي هئي، ان جو نالو "انيح" ماڙي هو. انهيءَ ماڙيءَ ۾ مٿن موت ڇانئجي ويو ۽ اتي ئي ٻيهر جيئرا ٿي اٿيا.

بني اسرائيلن جو ايڪيهون بادشاهہ "يهوياڪين" 558 قبل مسيح ارڙنهن سالن جي وهيءَ ۾ تخت تي ويٺو. هن رڳو ٽي مهينا حڪومت ڪئي هئي تہ بخت نصر بادشاهہ بيت الْمقدس جو گهيرو ڪري ورتو. شهر کي ناس ڪيو ويو ۽ عبادت گاهن کي برباد ڪيو ويو ۽ هو بني اسرائيلين جي وڏي تعداد کي گرفتارڪري بابل وٺي ويو. انهن قيدين ۾ حضرت حزقيل عليہ السلام پڻ هو. اڃا مٺس وحي نازل ڪا نہ ٿي هئي. پاڻ هڪڙي جهنگ ۾ "ڪبار نهر" جي ڪناري ٻين بني اسرائيلن سان گڏ رهندو هو.

جڏهن "يهوياڪين" بادشاهہ جي اسيريءَ جا پنج سال گذري ويا تہ انهيءَ مهيني جي پنجين تاريخ تي پهريون ڀيرو حضرت حزقيل عليہ السلام تي خدا جو ڪلام نازل ٿيڻ شروع ٿيو ۽ اهو سلسلو 25 سالن تائين جاري رهيو. تنهنڪري توريت جي صحيفي حزقيل باب 213 ۾ ڪلام الاهيءَ جي نزول جو ذڪر هن طرح ڪيو ويو آهي.

" انهيءَ مهيني جي پنجين تاريخ تي يهوياڪين بادشاهہ جي اسيريءَ جي پنجين ورهيہ ۾ خدا جو ڪلام بوذي ڪٽا ڪندڙ جي پٽ حزقيل عہ تي نازل ٿيو، جيڪو ڪسدين جي ملڪ ۾ "ڪبار نهر" جي ڪپ تي هوندو هو.

اسيريءَ دوران حضرت حزقيل عليہ السلام کي يروشلم جي حالتن جي ڄاڻ ملندي رهندي هئي. يهويا ڪين بادشاهہ جي جڳهہ تي سندس چاچي "متنياه" کي تخت تي ويهاريو ويو ۽ پوءِ سندس نالو مٽائي "صد قياه" رکيو ويو هو. ان وقت صدقياه جي ڄمار ايڪويهہ سال هئي.

حضرت حزقيل عليہ السلام کي ڏک هوندو هو تہ بني اسرائيل عيش عشرت ۾ ڪاهي پيا آهن ۽ سندن زندگيءَ جو هر شعبو بيڙاين جو شڪار ٿي چڪو آهي. ڏال هجي يا مڙس ڪنهن کي بہ مذهب سان لڳاءُ ڪين هو. جنهن ماڻهوءَ کي ڪو وڏو مرتبو مليل هئو تہ اهو ٽڻ ٽانگر ۽ ٽيڙهيءَ ۾ ٽڪر ٿي ٿيو. سندن تڪبر ۽ هٺ جو اثر سندن رهڻي ڪهڻين، چال چلت ۽ هلت چلت مان پڌرو ٿيندو رهندو هو. منجهن

انائيت جو عنصر ۽ هٿ،وڏائي، حرص ۽ هوڏ چوٽ چڙهي ويو هو پر مذهبي خودداري ۽ غيرت کان محروم ٿي چڪا هئا. لوڻ لالچ منجهن گهر ڪري ويو هو. واپاري ماڻهو گهٽي کان گهٽو نفعو ڪمائڻ واسطي بي ايماني ڪرڻ جي به پرواهه نه ڪندا هئا ۽ نه ڪنهن غريب ۽ مسڪين جي مجبوريءَ کي ڪو سامهون رکندا هئا.

جن ماڻهن وٽ مايا ملڪيت، سون چاندي هئي،سي عيش ۽ عشرت ۽ ظاهري ڏيک ويک تي واپرائيندا هئا. سون ۽ چانديءَ مان بت ۽ مورتيون گهڙائي جڙائي انهن جي پوڄا ڪندا هئا. زالون ڳهن ڳٽن ۾ ڳاڙهيون هونديون هيون. اهي پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا ڏيکارڻ لاءِ تيل قليل ۽ هارسينگار ڪري زيورن سان ڳهجي ٻاهر نڪرنديون هيون. ويچاريون غريب ۽ مسڪين مايون ڪين ڏسي ڪٽي پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪنديون هيون. نتيجو اهو نڪتو جو ويچاريون مسڪين ۽ بيواه زائنائون بچڙائي ڏانهن لڙي پيون ۽ جن زيورن کان محروم هيون، تن جي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳيون. ڳهن ڳٽن حاصل ڪرڻ لاءِ هو هاڻي سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويون. ٿورڙي سون ۽ چانديءَ تي سولائيءَ سان بچڙائي لاءِ سنيري ويندیون هيون.

عبادت گاهن ۾ عبادت ڪرڻ وارا ڪي ٿورا ۽ آگرين تي ڳٽڻ جيترا وڃي رهيا هئا. جڏهن ته ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا اوج تي هئي. هيءَ سڀ ڪجهه يروشلم ۽ ان جي آسپاس ۾ ٿي رهيو هو.

جڏهن ته حضرت حزقيل عليه السلام جي نظر بابل جي ڪسدين ڏانهن هئي، جيڪي هر ميدان ۾ سرگرم عمل هئا. منجهن ٻڌي هئي. شعور ۽ سمجهه، فوجي جوش ۽ جذبو پڻ هو.

حضرت حزقيل عليه السلام جڏهن ڪسدين جي پنهنجي قوم سان ڀيٽ ڪندو هئو ته ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي قوم جي ماڻهن سان ان جو اظهار پڻ ڪندو هو. هتان ئي پنهنجي پالٿهار پاران حڪم ملندو رهندو هوس ته هو بني اسرائيلن جي رهنمائي ڪري.ڪڏهن ڪيس ادومين ڏانهن هدايت جو حڪم ڏنو ويندو هو ته ڪڏهن وري ڪيس موآبين جي ساڃاهه واسطي حڪم ملندو رهندو هو. پر پاڻ پنهنجي اسيريءَ جي ڪري ڏورانهن علائقن ۾ ڪو نه وڃي سگهندو هو. پري پري وارن پرڳڻن تائين ڏٺيءَ جو پيغام پهچائڻ لاءِ ڪيس واپارين ۽ ڪاروباري ماڻهن جي مدد وٺي پوندي هئي. پاڻ سدائين انهيءَ ڳٺتيءَ ۾ هوندو هو ته اهڙو ڪو قافلو ملي وڃي، جنهن جي ذريعي پاڻ پالٿهار جو پيغام انهيءَ قوم تائين رسائي سگهي. جنهن جي لاءِ مٿس وحي نازل ٿي آهي. ماڻهن کي هاڻي سڌ پئجي ويئي هئي ته مٿن هڪڙو نبي سڳورو موڪليو ويو آهي، جيڪو الله جي پاران آيل آهي ۽ پاڻ مٿان سونپيل فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

يروشلم کان ڪجهه ايراني ڪاروباري ماڻهو بابل پهتا ته حضرت حزقيل عليه السلام کانئن يروشلم جو حال پڇيو. ايراني واپارين کي ڪل آئي. انهن

ڪيس ٻڌايو تہ يروشلم هر ڪنهن جاءِ تي پنتي پيل آهي ۽ خودغرض ۽ مطلب پرستن جو ديس آهي.

حضرت حزقيل عليہ السلام جي لاءِ اهاڏڪيائي هئي تہ پاڻ يروشلم پهچي نہ ٿي سگهيو ۽ الله تعاليٰ جو پيغام پنهنجي قوم کي سنئون سڌو نہ ٿي پهچائي سگهيو.

نبوت ملڻ وقت غالبن حضرت حزقيل عليہ السلام جي ڇمار ٽيهہ سال ڪن هئي. پنجويهہ سالن جي وهيءَ ۾ قيدي بڻيو ۽ اسيريءَ جي پنجن سالن پوءِ ڪيس آگاهہ ڪيو ويو تہ پاڻ پيغمبر آهي ۽ بني اسرائيلين کي هدايت جي واٽ ڏيکاري دڳ سان لائي .اسرائيلن ۾ اهي هڙيئي بچڙايون هيون، جن کان الله بچڻ جو حڪم ڏنو هو . معاشي توڙي سماجي طور پوري ريت بگڙيل هئا.

هنن مڙني ڳالهين جي ڄاڻ حضرت حزقيل عليہ السلام کي هئي ۽ پاڻ پنهنجي قوم کي ان کان باز رهڻ جي تلقين ڪندو رهندو هو.

حضرت حزقيل عليہ السلام بني اسرائيلن کي فرمايو تہ، "خداوند جو ڪلام مون تي نازل ٿيو آهي، توهان بني اسرائيلي ڇو اهو مثال ٿا ڇئو تہ ڪچا انگور ابن ڏاڏا کاڌا ۽ کٽا وري سندن اولاد جا ٿيا. خداوند فرمائي ٿو تہ مون کي پنهنجي ذات بابرڪت جو قسم تہ توهان اهو مثل نہ چوندا ڪريو. ڏسو هي سڀ جانيون منهنجيون آهن. جهڙي طرح پيءُ جي جان، تهڙي طرح پٽ جي جان. جيڪو نفس گناهہ ڪندو سو سزا پائيندو. جيڪو انسان سچو ۽ مخلص آهي، سندس ڪم انصاف تي مبني آهن، جنهن بتن جي قرباني مان نہ کاڌو، جن بتن جي طرف اک کڻي بہ ڪو نہ ڏنو، پنهنجي پاڙيسريءَ جي زال يا نياڻيءَ کي ناپاڪ نہ ڪيو، لهڻيدار جو قرض واپس موٽائي ڏنائين، ڪنهن جو حق غصب نہ ڪيائين، ڪنهن جي امانت نہ ڦٽايائين، بکين کي کاڌو کارايائين، اگهاڙن جو انگ ڍڪيائين، وياج ڪو نہ کاڌائين، ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ هٿ ميرو ڪو نہ ڪيائين، بچڙائيءَ کان پاسو ڪيائين، ماڻهن جو سهڻي نموني سان نياءُ ۽ نبيرو ڪيائين، منهنجي قانون جو پابند رهيو، منهنجي حڪم کي پٺي ڪين ڏنائين، منهنجي فرمان تي عمل ڪيائين تہ انهيءَ سڌي واٽ ورتي. اهو صادق ۽ سچو آهي ۽ خداوند فرمائي ٿو تہ اهو بيشڪ زندهہ رهندو ۽ سدائين سک، آرام ۽ عيش ۾ رهندو.

پرجيڪڏهن ان نيڪ ماڻهوءَ کي پٽ ڄائو ۽ اهو ڦرلٽ ۽ رتو ڄاڻ ڪندو يا مٿي ذڪرڪيل گناهن مان ڪو ڏوهہ ڪندو، پنهنجا فرض پوريءَ طرح سرانجام نہ ڏيندو، بچڙا ڪم ڪندو، خدا کي ٻئي ڪنهن سان شريڪ ڪندو تہ اهو مئل ٿي رهندو. انهيءَ لاءِ ڪا زندگي ڪانهي.

پر جيڪڏهن ڪيس اولاد ڄائو ۽ اهو ابن ڏاڏن جا گناه وارا ڪم ڏسي خدا کان ڊنو ۽ ڏوهہ جي ويجهو ڪو نہ ويو، پرهيزگاري ڪيائين، بتن جي پوڄا کان پري رهيو، عمل صالح ڪيائين، پنهنجن وڏن جي ڪرتوتن کان نفرت ۽ ڏڪار ڪندو رهيو، الله جي احڪامن کان

منهن کو نہ موڙيائين تہ ڪيس پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڏوهن جي ڪا بہ سزا ڪا نہ ملندي ۽ نہ وري ان جو پڇاڻو ڪانئس ٿيندو. پيءُ جو عذاب پٽ کي ڪو نہ ملندو. هو بيشڪ جيئرو رهندو. جيڪو ڏوهہ ڪندو عذاب بہ تنهن کي ئي ملندو. اهو ڪٿي جو انصاف آهي تہ گناهہ ڪري پيءُ ۽ سزا پوءِ اولاد. ڪو بہ ڪنهن جي پاپن جو بار نہ کڻندو.هر ڪو پنهنجو حساب ڏيندو ۽ نہ وري گناهگار پٽ جو ڏوهہ، پرهيزگار پيءُ مٿان مڙهيو ويندو. سچي جي سچائي سچي سان گڏ هوندي ۽ ٻچڙي جي ٻچڙائي ٻچڙي سان پيڙي هوندي.

حضرت حزقيل عليہ السلام جي انهن ڳالهين مان چڱي طرح ظاهر ٿو ٿئي تہ بني اسرائيلن ۾ اهي مٿي بيان ڪيل سيئي ٻچڙايون گهرڪري ويون هيون، جن کي هو ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. ۽ اهي ئي برايون ڪنهن بہ قوم جي تباهيءَ ۽ برباديءَ جو ڪارڻ هونديون آهن. حزقيل عليہ السلام پنهنجي قوم کي آگاهہ ڪندو رهيو پر هو هڪڙي ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئا. يا هئين ڪٿي چئجي تہ حضرت حزقيل عليہ السلام ٻوڙن آڏو واعظ ڪري رهيو هو.

اهي پيغمبر جيڪي پنهنجي قوم کي پنهنجن ڳوٺن، شهرن، وستين ۽ واهڻن ۾ هلندي چلندي هدايت ڪندا رهندا هئا، تن کي بہ سندن قوم ۽ قبيلو، راڄ ۽ پاڳ وارا ڪو نہ مڃيندا هئا تہ پوءِ بابل ۾ "ڪبار نهر" مان اٿندڙ آواز بني اسرائيل ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ٻڌي ٿي سگهيا.

اڄ يروشلم ۾ "صدقياه" جو راڄ هلي رهيو هو ۽ ڪيس بخت نصر بادشاهہ "يهويا ڪين" کي تخت تان لاهي، بادشاهہ بڻايو هئو. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ بخت نصر جو مٿس ٽورو هو. بخت نصر جو مٿس ڏاڍو پروسو هو. بابل جي بادشاهہ بخت نصر جو هيءُ نوازيل حڪمران ڏاڍو بي فڪر ۽ بيپرواهہ هو. ان کي پڻ حضرت حزقيل عليہ السلام پنهنجا فرمان ۽ هدايت جا پيغام پهچائيندو رهيو، پر مٿس ان جو ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيو. ظاهر آهي تہ حضرت حزقيل عليہ السلام کي پنهنجي قوم جي غفلت ۽ لاپرواهيءَ تي ڪاوڙ تہ ايندي هئي، پر پاڻ صبر ۽ استقامت اختيار ڪيائين ۽ ڏکين مرحلن ۽ لاڙهن چاڙهن کي منهن ڏيندو رهيو.

اڄ يروشلم ۾ بني اسرائيل موجود هئا ۽ "صدقياه" سندن بادشاهہ هو. 21 سالن جي وهيءَ جو هيءُ بادشاهہ نوَ سالن تائين بخت نصر جي پنڀرائي تي سڪون ۽ آرام سان حڪومت ڪندو رهيو پر پوءِ ڪيس اوچتو آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ سان حڪومت ڪرڻ جو ڀوت سوار ٿيو ۽ بابل جي حڪومت جي اطاعت کان منهن موڙڻ شروع ڪيائين. دين کان دوري اختيارڪئي هئائين ۽ عيش عشرت ۾ ڪاهي پيو هو ۽ عوام ويچارو سورن ۽ منهن مٿو پٽڻ ۾ پورو هو.

هي هڙيئي واقعا اڄ درپيش بہ ڪو نہ آئيا هئا تہ "ڪبار نهر" جي ڪناري کان حضرت حزقيل عليہ السلام پاران عبرت ناڪ انجام واري اڳڪٿيءَ سان حق جو آواز بلند ٿيو. پاڻ عہ السلام فرمايو تہ."

خدا هئين فرمائي ٿو تہ "هڪڙي وڏي بلا ڏس! اچڻ واري آهي. پچاڻي ٿي. پچاڻي ٿي، اهو تو تائين اچي پهتي آهي. اي ڏرتيءَ تي رهندڙؤ! توهان تي مصيبت اچڻ واري آهي. ڏمر جو ڏينهن ويجهو اچي ويو آهي. هيءُ جبلن تي خوشيءَ سان ٽلڻ ۽ نچڻ جو ڏينهن ناهي. هاڻي مان توهان تي پنهنجو ڏمر ڪڙڪائڻ وارو آهيان. توهان جي ڪڏن ڪرتوتن جي توهان کي ضرور سيکت ڏيندس. مان توهان سان ڪا بہ مروت ۽ رعايت ڪو نہ ڪندس. پوءِ توهان جون اکيون پٽبيون تہ مان خداوند قهار پڻ آهيان. ڏسو! ڏسو! ٻڌو! ٻڌو! توهان تي آفت اچڻ واري آهي. توهان مان ڪو بہ ڪو نہ بچندو ۽ پوءِ توهان تي ڪو بہ ماتم ڪرڻ وارو ڪو نہ هوندو! اهو وقت ويجهو اچي ويو آهي. اها مهل اچي وئي آهي جڏهن نہ خريد ڪرڻ وارو خوش هوندو ۽ نہ وڪڻڻ وارو. ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي تي خدا جو غضب نازل ٿيڻ وارو آهي. هاڻي سڀ ڪجهہ تيار آهي. پر ڪو بہ جنگ واسطي نہ نڪتو آهي. انهي ڪري جو منهنجو ڏمر ڪين وڪوڙي ويو آهي. ٻاهر تراڙ آهي ۽ اندر وبا ۽ ڏڪر آهي. جيڪو ٻنيءَ ٻاريءَ ۾ آهي، اهو تراڙ جي ڏڪ سان هڪ ڏڪ سان ختم ٿي ويندو ۽ جيڪو شهر ۾ هوندو سو وبا وگهي ويندو. پر منجهائن جيڪي ڀڄي ويندا سي بچي نڪري ويندا ۽ ماڻرين جي ڪبوترن وانگر جبلن ۽ ٽڪرن تي رهندا ۽ هڙيئي رڙيون ۽ ريهون ڪندا رهندا. سين جا پنهنجي بدڪاري سبب هٿ ڍرا ٿي ويندا. مڙيئي ڪني ۽ گندي پاڻيءَ وانگي، جيڪو هيٺ ڪڏ جي تري ۾ وڃي بيهندو آهي. سيني جون اکيون لح ۽ شرم سان ڀريون پيون هونديون. مڙني جا منهن ڦيلڙا هوندا. پنهنجا سون ۽ چاندي رستن تي اڇلي ڇڏيندا. خدا جي غضب واري ڏينهن ڪين نہ سون بچائي سگهندو ۽ نہ چاندي. سندن دلين کي سڪون ۽ آرام نہ هوندو. سندن پيٽ ڪو نہ ڀربو. ڇو تہ هنن ناشڪري ڪري بدڪاريءَ برائي کي پسند ڪيو آهي. هاڻي سندن ڳهہ ڳٽا ۽ سون وغيره مان ڪين ڪو بہ فائدو نہ ملندو. هاڻي مان ڪين ڏارين جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندس ۽ سندن ڏرتي مٽن سوڙهي ڪئي ويندي. مان ڪانئن منهن موڙي ڇڏيندس. بس هاڻي مان ڏاريان ظالم ۽ جابر حڪمران مٽانئن مڙهيندس. اهي انهن جي مال ملڪيت ۽ جائداد جا مالڪ بڻبا. مان هوڏن، مغرورن ۽ متڪبرن جو مٿو پٽ سان هڻڻ وارو آهيان. سندن واٽون ۽ واهون بند ٿيڻ واريون آهن. سيئي بچاءَ جا هنڌ ڳولڻ ۾ پورا هوندا، پر ڪين ڪو بہ گس ڪو نہ هٿ ايندن. پوءِ هو پيغمبر کي ڳوليندا. مان سندن هلت چلت مطابق ورتاءُ ڪندس. ڪرتوتن پٽاندر سزا ملندن جو سندن اکيون پٽجن ۽ خبر پوين تہ "مان سندن خدا آهيان!"

صدقياه بادشاهہ بہ نوَ سالن تائين بخت نصر جي پيروي ڪئي ۽ سالياني خراج ادا ڪندو رهيو، پر پوءِ باغي بنجي ويو ۽ بخت نصر بادشاهہ جي ڪاڻ نہ ٿي ڪڍيائين. اهو انهيءَ ڪري جو سندس رابطو مصري حڪومت سان ٿي ويو ۽ مصر جي فرعون جون هن کان اڳي بابل جي حڪومت سان لڙائيون ٿي چڪيون

هيون ۽ مصر جو فرعون پڻ بخت نصر کان ناراض هو.

بابل تي حملي ڪرڻ لاءِ فرعون کي يروشلم کان راهداريءَ جي اجازت وٺڻي پوندي هئي. تنهن ڪري انهيءَ سهولت واسطي مصر جي فرعون صدقياه سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪيا ۽ ٻنهي ۾ هڪڙو معاهدو به ٿيو هيو ته جيڪڏهن ڪڏهن به بخت نصر شهنشاهه يروشلم تي ڪاهه ڪئي ته مصر جو فرعون سندس سهڪار ڪندو. انهيءَ ميثاق کان پوءِ صدقياه بادشاهه، بابل جي حڪومت کي خراج ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ وساري ويٺو ته بابل جون ڇانوڻيون شام ملڪ جي چپي چپي تي قائم ڪيل آهن ۽ بخت نصر شهنشاهه پنهنجن انهن ڇانوڻين جي مدد سان مصري فوجن جي آمدرفت روڪي سگهي ٿو ۽ صدقياه بادشاهه اڪيلو ڪجهه به نه ڪري سگهندو.

جيڪو ڪجهه حضرت حزقيل عليه السلام پنهنجي اڳڪٿيءَ ۾ چئي چڪو هو. اهو سڀ ڪجهه يروشلم ۾ وهي واپري رهيو هو. بخت نصر شهنشاهه خراج بند ٿيڻ شرط ئي يروشلم جو گهيرو ڪيو. بس پوءِ ته جيڪي ٻاهر هئا سي اندر نه ٿي وڃي سگهيا ۽ جيڪي اندر هئا سي قيد ٿي ويا. وٽن ڪاڏي پيتي جون شيون نه ٿي رسي سگهيون. هيءُ گهيرو ٻه سال لڳاتار رهيو. ڪائڻ، پيئڻ جون شيون ختم ٿي ويون. سون ۽ چاندي موجود هو، پر ان سان گهربل شيون نه ٿي ڳنهي سگهيا. جن جي هڙ ۾ ڪجهه به ڪونه هو، سي ڦرلٽ ۾ رڌل هئا. انهي ڪري سون چانديءَ سان شيون خريد ڪرڻ وارا وڪري وارين شين تائين پهچي نه ٿي سگهيا ۽ نه وري خريد ڪيل شيون پنهنجي گهر ڪٽي وڃي ٿي سگهيا. ڇاڪاڻ ته سندن دڪان ۽ گهر جي وچ ۾ ڦورو ۽ ڏاڙيل موجود هئا. جيڪي يروشلم جي ٻاهران هئا، تن کي قتل ڪيو ويو. جيڪي اندر هئا، سي بکون ڪاٽي رهيا هئا. بک کان علاوه وبا به پکڙجي پيئي هئي. هاڻي پاڙيسري زالن ڏانهن اک کڻڻ وارن کي پنهنجي پيٽ جي لڳي پئي هئي. قرض وٺڻ وارا ۽ قرض ڏيڻ وارا ٻئي پريشان هئا ته قرض ڪنهن کي ڏين به ڪٿي ته واپس ملڻ ڏاڍو مشڪل هو ۽ جيڪڏهن قرض وٺڻ وارو ڪٿي قرض وٺي، تڏهن به ڪيس انهي بدلي ۾ ڪائڻ پيئڻ جو سامان ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون نه ٿي ملي سگهيون.

ٻاهر بخت نصر شهنشاهه جون فوجون اطمينان سان ويٺيون هيون، ڇڻ ته ڪين اتي ئي رهڻو هو. بني اسرائيلن جي بادشاهه صدقياه ڪڪ ٿي اچي هيءُ فيصلو ڪيو ته ڪيس رات جي اونداهه مان فائدو وٺڻ گهرجي. پاڻ ضرورت وارو سامان ويڙهي ڪجهه خاص خادمن سان ٻاهر نڪتو. رات جي ڪاري ٻاڏ اونداه ۾ ٻليءَ پيرڪري محلات مان ٻاهر نڪري شهر مان ٻچي ويو. بخت نصر کي سندس ٻچي وڃڻ جي سڌ پئجي ويئي ۽ هو صدقياه بادشاهه جي ڪيد لڳي پيو. تان جو ڪيس وڃي سندس خاندان ۽ خادمن سوڌو پڪڙيائين. انهيءَ وٽ پڪڙ ۾ ڪيترائي ماڻهو وجهه وٺي شهر مان نڪري ٻچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

انهيءَ مڙني واقعن ۾ خاص ڳالهه اها هئي جو يروشلم جي فوج، بابلي لشڪر

جو گس پنڌ ۾ ڪٿي به مهاڏو نہ اٽڪايو ۽ نہ وري ساٿس مقابلوڪيو. جڏهن تہ يروشلم جي پنهنجي فوج پڻ هئي پرسپاهين جي سستيءَ ۽ نپلائيءَ جي ڪري سندن هٿيارن کي ڪٽ چڙهي چڪي هئي ۽ دلين مان جنگي جذبو ۽ ولولو نڪري چڪو هو. بابلي فوجون ڪين ڏکيندين يروشلم ۾ گهڙي پيون ۽ هر پاسي بني اسرائيلن جو رت وهائڻ شروع ڪري ڏنائون. "هيڪل سليماني" کي باهہ ڏني وئي. پتل جا ٿنيا ۽ حوض جيڪي خدا جي پاڪ گهر ۾ هئا تن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون. شاهي محلات ۽ ماڙيون ڍاهي ڇڏيائون. شهر ۾ جيترو به سون ۽ چاندي هو،سڀ کسيائون ۽ يروشلم جي هڙين واسين کي غلام بنايائون. "صدقياه بادشاهہ" کي سندس خاندان سوڌو پڪڙي سندس ٻن نوجوان پٽن کي سندس اکين آڏو قتل ڪيو ويو.

بني اسرائيلن کي سندن غفلت، لاپرواهي ۽ نافرمانيءَ جي سزا ڏني ويئي ۽ ڪين "ڪبار نهر" جي ڪناري قٽو ڪيو ويو ۽ ڪائنس ٻانهپ ڪرائي ويهي. بابل جي فوج جي وڏن ڪمانڊرن، اميرن ۽ وزيرن ڪائنس عمارتن جي تعمير ۾ مزوري ڪرائي. هي يروشلم جا معزز ۽ شريف ماڻهو هئا ۽ ڪنهن وقت سندن نوڪر چاڪر هوندا هئا، پر اڄ اهو حال هئن جو پاڻ نوڪر بڻجي چڪا هئا.مٿن مصيبتن ڪڙڪڻ جو ڪارڻ اهو ئي هو جيڪو حضرت حزقيل عليہ السلام ڪين اڳيئي ٻڌائي چڪو هو.

جن ماڻهن حضرت حزقيل عليہ اسلام جون پيشنگويون ٻڌيون هيون، هاڻي هو قائل ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪائنس خوشخبريون ٻڌڻ جا طلبگار هئا. هرهرڪائنس پڇندا رهندا هئا تہ سندن غلاميءَ جو دور ختم ٿيڻ کان پوءِ شادمانيءَ جو دور به ايندو يا نہ. سڪ ۽ شانتيءَ جون هوائون وري ڪڏهن لڳنديون؟سندن جواب ۾ پاڻ فرمائيندو هو تہ آئون خداوند جي فرمان جو انتظار ڪري رهيو آهيان. مون خداوند کان پڇيو آهي تہ منهنجي قوم ڪيستائين ٻانهپ ۽ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهندي. پر آئون ڇا ڪريان جو خدا توهان کان رنڌل آهي ۽ اها توهان کي سيکٽ ڏني وئي آهي تہ توهان جون اکيون پٽجن تان تہ توهان خدا کي سڃاتو ۽ سندس فرمان تي دل ۽ جان سان عمل ڪريو.

نتيجو اهو نڪتو تہ بني اسرائيلن ۾ جيڪا بيڇڙائي ۽ گمراهي پڪڙيل هئي، سا هوريان هوريان گهٽجڻ لڳي. منجهن اصلاح جي صورت نظر اچڻ لڳي. وٽن هاڻي سون ۽ چاندي ڪو نہ هو، جنهن ڪين خدا جي گس کان ٿيڙي عيش عشرت ۾ غرق ڪري ڇڏيو هو. هاڻي نياڻيون سياڻيون سندن ميري اک کان بچڻ لڳيون. منجهن ديني جذبو پڻ جاڳيو. انهيءَ بابلن جي بتن جي پوڄا انهيءَ ڪري نہ ٿي ڪري سگهيا، ڇو تہ اهي ڪين ايومي ۽ اوپرا پئي لڳا. اهي يروشلم ۾ جن مورتن جي پوڄا ڪندا هئا، سي سيئي اتي ئي رهجي ويا هئا. تن کي هتي ڪٿي اچڻ سندس وس ۾ ڪو نہ هو ۽ نہ وري وٽن سون ۽ چاندي هو، جو پنهنجي واسطي بت جوڙائين، هتي ڪين حضرت حزقيل عليہ السلام جون ڳالهيون ۽

هدايتون ياد اچي رهيون هيون تہ پنهنجن ئي هٿن سان ناهيل بتن کي پوڄڻ کان منهن موڙيو ۽ هڪڙي خدا سان رشتو جوڙيو.

هتي غلاميءَ واري مصيبت ۾ ڪين هڪڙو خدا ياد اچي ويو هو. هاڻي حضرت حزقيل عليہ السلام سان واعدو ڪيائون تہ جيڪڏهن خداوند ڪين غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏيندو تہ پوءِ هڪڙي الله جي عبادت ڪندا.

حضرت حزقيل عليہ السلام چين تہ "خداوند پنهنجي عبادت کي مشروط ڪو نہ ڪندو آهي ۽ اهو توهان وانگر واپاري يا ڪاروبار ڪندڙ ڪونهي جو پنهنجن ٻانهن سان تجارت ڪرڻ شروع ڪري ڏئي."

ايتري ۾ حضرت حزقيل عليہ اسلام کي خدا آگاه ڪيو تہ هو پنهنجي قوم کي ٻڌائي تہ خدا بني اسرائيلن کي آزاديءَ ۽ آجپي جي بشارت ڏني آهي. پاڻ پنهنجي قوم کي اهڙي خوشخبريءَ سڻايائين. سندس قوم کانئس پڇيو تہ "خدا! اوهان کي آزاديءَ جي خوشخبري ڪهڙي نموني ڏني آهي؟"

حضرت حزقيل عليہ السلام فرمايو تہ خداوند خدا هينئن فرمائي ٿو تہ "مان آل يعقوب تان پنهنجو ڏمر هٽائيندس ۽ مڙني بني اسرائيلن تي ترس کائيندس ۽ مٿن پنهنجي پاڪ نالي جي صدقي رحم ۽ ڪرم ڪندس. اهي پنهنجي ذات خواري ۽ بدنامي، خطاڪاري ۽ بدڪاري، جنهن جي ڪري هو منهنجا ڏوهاري بڻيا هئا، سڀ سهندا. جڏهن هو پنهنجي ڌرتيءَ تي امن سان رهڻ لڳندا تہ ڪو بہ ڪين ڪو نہ ڊيڄاريندو. پوءِ ڪين خبر پوندي تہ مان سندن خدا آهيان، ڇو تہ مون ئي ڪين غلاميءَ ۾ ڏڪي ڇڏيو ۽ اهي قيد ڪاٽيندا رهيا ۽ پوءِ مون ئي ڪين سندن ملڪ ۾ گڏ ڪيو ۽ منجهانئن ڪنهن هڪڙي کي بہ هيڪلو نہ ڇڏيو."

هن بشارت ۾ وقت ۽ زمانو چٽيءَ طرح نہ ٻڌايو ويو هو، تنهنڪري هو تمام گهڻا اٻاڻڪا ۽ ويڳاڻا ٿي ويا. اجا بہ ڪين اهو ئي ارمان اندر ئي اندر اڏوهيءَ وانگر ڪائي رهيو هو تہ الائي اهو غلاميءَ جو دور مٿن ڪيستائين مڙهيل رهندو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هو انهيءَ غلاميءَ واري لعنت ۾ ئي مري وڃن ۽ ايندڙ نسل آجپي ۽ آزاديءَ جو فائدو وٺي. انهيءَ آجپي کان ڪين ڪا بہ هڙ حاصل ڪا نہ ٿيندي ۽ سندن مرڻ ڪانپوءِ سڄ اوپر ڪان اڀري يا اولهہ ڪان، مرڻ وارن کي انهيءَ سان ڪهڙو مطلب؟"

هر هر ماڻهو حضرت حزقيل عليہ السلام کان پڇندا رهندا هئا تہ الله کان پڇي ڏي تہ اسان کي آزاديءَ واري روشني ڪڏهن نصيب ٿيندي؟

حضرت حزقيل عليہ السلام قوم کي چوندو هو تہ "آئون توهان جو سوال الله تائين پهچائي سگهان ٿو. پر ان جي ورنديءَ واسطي خدا کي مجبور نہ ٿو ڪري سگهان تہ هو منهنجي هر سوال جو جواب ڏيندو رهي."

بني اسرائيل قيدين کي هتي هڪڙي خدا جي عبادت ۾ لطف اچڻ لڳو ۽ سندن اهو مزو ئي سندن سچائي ۽ خلوص جو ثبوت هو. انهن ۾ حضرت حزقيل عليہ السلام کي اهي جوڌا جوان پڻ نظر اچي رهياهئا، جن کي بابل جي فوج سان جنگ ڪرڻي هئي، پر اهي جنگ لڙڻ

کانسواءگرفتارکيا ويا هئا. پاڻ انهن کي لڄارو ۽ ڦڪو ڪيائين تہ جيڪڏهن هو خداواسطي دشمنن سان وڙهن ها تہ شايد سندن قوم کي اهي ڏينهن ڏسڻا نہ پون ٿا.

بابل جي ويجهوئي "داردان" نالي هڪڙو شهر هو. جتي بني اسرائيل آباد هئا. پر هاڻي داردان ۾ ڪوبہ ڪو نہ رهيو هو. وسنديون ويران هيون. انهن لاءِ اهو مشهور هو تہ منجهن اهي مڙيئي ساڳيون بيڙايون موجود هيون، جيڪي يروشلم واسين لاءِ بيان ٿي چڪيون آهن. هتي سرنديءَ وارا سون جو ڪاروبار ڪندا هئا. گهٽ تورڻ جو مرض منجهن عام جام هو.لاچار ۽ بيوس ماڻهن کي مڏي ڪاتيءَ سان ڪهندا هئا. هروپرو بہ پرائي ماس ۾ ڪاتي هڻندا هئا. پاڙي جون نياڻيون،گهر ڌياڻيون محفوظ ڪو نہ هونديون هيون. انهن وٽ بہ مايا ملڪيتي، سون ۽ چاندي تمام گهڻو هو، پر اهي سون، هار سينگار، سونهن سوڀيا، زيب و زينت ۽ بتن جي نمود نمائش ۾ واپرايو ويندو هو. سندن جنگي جوان گيدي، پاڙيا۽ ڪانئر ٿي پيا هئا. جڏهن بہ ڪين ڪو اطلاع ملندو هو تہ مٿن حملو ٿيڻ وارو آهي تہ اهي اٽڪل سان پنهنجي جان بچائي ڀڄي ويندا هئا. حملي آورن کي اٽڪل سان موتائي ڇڏڻ تہ سندن معمول هوندو هو پر آخر ڪيستائين هو حملي ڪندڙن کان پنهنجي جان بچائي ٿي سگهيا.

هڪڙي ڀيري هنن جڏهن ڏٺو تہ ڪاهہ ڪندڙن سان مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ اچي سر تي بيٺا آهن تہ انهن فيصلو ڪيو تہ هلان ڪندڙن کان اڳي ئي شهر ڇڏي ڀڄي وڃن ۽ انهن اهوئي ڪيو. پر سيني شهرين جي لاءِ شهر ڇڏڻ ڏاڍو ڏکيو هو. شهر ۾ سندن ڪاروبار، واپار وهنوار هو. ڍور ڍڳا، وهٽ وهڙا هئا. گهر ۽ دڪان، بار ۽ ٻچا، زمينون ۽ جائدادون هنيون. انهن مڙني شين مان هٿ ڪڍي ٻئي پاسي ٽلهو ٽونگو ٿي وڃڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. پر سندن سپاهين اهوئي فيصلو ڪيو تہ هو دشمن جي فوج کان بچڻ لاءِ ڪنهن ٻئي هنڌ هليا وڃن. هنن جنهن ماڻريءَ ڏانهن وڃڻ جو سوچيو هو، اها هتان ڪان گهڻي پري هئي ۽ سڄي قوم کي اوڏانهن وٺي وڃڻ بہ ڏاڍو اوکو هو ۽ ٻيو تہ هڙيئي هلڻ لاءِ تيار ڪو نہ هئا .سپاهين جو چوڻ هو تہ پنهنجي جان بچائڻ ضروري آهي. جيئرا هونداسين تہ مال ملڪيت ڪمائي وٺنداسون. ويران وسنديون وري وسائي سگهجن ٿيون. اجها وري بہ اڏجي سگهجن ٿا . پر زندگي بچائڻ سيني کان ضروري آهي.

شهرين، سپاهين جون سموريون ڳالهيون ٻڌيون. تڏهن بہ شهر ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. نيٺ سپاهين پنهنجن قبيلي ۽ قوم وارن شهرين کي چيو تہ " اسان جا هٿيارپنوهار ڪٽجي چڪا آهن ۽ اسان ۾ مقابلي ڪرڻ جي همت بنهہ ڪانهي. انهي ڪري توهان وڌيڪ نہ سوچو ۽ اسان سان "انيح" ماڻريءَ ۾ نڪري هلو. دير نہ ڪريو. اهاماڻري جبلن ۽ ٽڪرن سان وکوڙيل آهي، تنهنڪري دشمن اوڏانهن ڪو نہ ايندا ۽ اسان اتي سالن جا سال رهي سگهون ٿا."

جڏهن شهر وارن ڏٺو تہ سندن سپاهين بنهہ همت هاري ڇڏي آهي ۽

بلڪل پاڙيا تي پيا آهن ۽ جيڪڏهن اهي اتي رهجي ويا تہ سندن جان بہ ويندي تہ مال بہ ويندو، تنهنڪري سپاهين سان ساٺ ڏيڻ ڏاڍو ضروري هو. پوءِ تہ هڙيئي لڏڻ لاءِ تيارتي پيا.جيڪي ماڻهو پاڻ سان جيڪي شيون ۽ سامان کڻي سگهيا تي،کنيائون ۽ انيح ماٿريءَ ڏانهن کڻي منهن ڪيائون.

حملي آورن ۽ قابضن "دادردان" جو گهيرو ڪيو تہ ڪين ڏاڍي حيرت تي جو ساڻن مقابلي ڪرڻ وارو ڪو بہ ڪو نہ هو.

شهر ۾ گهڙڻ شرط ئي ڪين گهرگهاٽ خالي نظر آيا. ماڻهن جيڪو ڪجهہ ڇڏيو هو، حملي آورن پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ ويران ويڙهن کي ساڙي ڇڏيائون ۽ جيڪي اجها سڙڻ کان بچي ويا تن کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيائون.

هتي "دادردان" ۾ اهو تي رهيو هو ۽ هوڏانهن خدا جنگ کان پڇي وڃڻ وارن لاءِ ڪو ٻيو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.

جنگ بني اسرائيلن کي ضرور وڙهڻ ڪپندي هئي، ڇو تہ اها حق ۽ باطل جي جنگ هئي. بني اسرائيلي حق پرست هئا جڏهن تہ حملي آور بت پرست هئا. حق پرستن جو بت پرستن جي مقابلي ۾ ميدان ڇڏي پڇي وڃڻ خدا کي ڪين وٺيو، تنهنڪري خدا بني اسرائيلن واسطي هڪڙي سزا تجويز ڪئي. ڇا ٿيو جو انيح ماٿريءَ جي فضا ۽ موسم ۾ ڦيٽاڙو آندو ويو ۽ مڙني مٿان انهيءَ ماٿريءَ ۾ موت طاري ٿي ويو.

انيح ماٿري جي ٻاهران ماڻهن کي خبر ڪا نہ پئي تہ "دادردان" وارن سان انيح واديءَ ۾ ڇا وهيو واپريو؟ وقت جو ڦيٽو ڦرندو رهيو. مئلن تي مندون ۽ موسمون اثر انداز ٿيندين رهيون ۽ سيئي سڪي ويا. هڏن تان ماس لهي وين. رڳو وڃي هڏن جاپيجرا بچيا هئا. پرانهن ڍانچن کي ڏسڻ وارو ڪو بہ نہ هو.

حضرت حزقيل عليہ السلام کي الله تعالىٰ جو حڪم مليو تہ"اي حزقيل! انيح واديءَ ۾ وڃ ۽ جهاد کان پڇندڙن جو حشر وڃي ڏس!"

حضرت حزقيل عليہ السلام کي انيح ماٿري جو گس معلوم ڪو نہ هو پر ملائڪ سندس سونهان ٿيا ۽ حضرت حزقيل عليہ السلام کي انيح ماٿريءَ ۾ وڃي پڇايائون. هتي هر طرف هڏانهن پڇرا پيل نظر آيس. جن هڏين تي ڪجهہ ماس هو بہ سهي تہ اهو صفا سڪي ويو هو. هن ماٿري ۾ حزقيل عليہ السلام کي چئن طرفن ڏانهن گهمايو ڦيرايو ويو. حزقيل عليہ السلام کي حيرت بہ ٿي ۽ اچرج ۾پئجي ويو تہ سندس قوم جا هيترا سارا ماڻهو عبرت جو سامان بنجي ويا هئا. پاڻ اجا سوچي رهيو هو تہ ڇا هي جيئرا بہ ٿي سگهندا؟ تہ اوچتو حضرت حزقيل عليہ السلام کي خدا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

خداوند فرمايو تہ "اي منهنجا نبي! ڇا هي هڏيون زنده ٿي سگهن ٿيون؟"

حضرت حزقيل عليہ السلام وراڻيو تہ، "اي منهنجا مالڪ! تون ئي سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو. تون ئي پيدا ڪرين ٿو ۽ تون ئي مارين ٿو ۽ تون ئي جيارين ٿو. زندگي ۽ موت تنهنجي هٿ ۾ آهي."

خداوند فرمايو تہ " منجهنجا نبي! تون هاڻي هنن هڏن تي نبوت ڪر!"

حضرت حزقيل عليہ السلام پڇيو تہ "اي پالڻهار! مون کي ڪيئن نبوت ڪرڻي آهي؟"

خداوند ڪيس چيو تہ "انهن پڇرن کي مخاطب ٿي چوءِ تہ اي سڪل هڏوءَ! خداوند خدا جو ڪلام ٻڌو. خداوند فرمائي ٿو تہ مان توهان جي اندر روح وجهندس ۽ توهان وري جيئرا ٿي پوندا. توهان جي هڏن تي ماس چاڙهندس. ماس ۾ نسن جو ڄار وڇائيندس. نس ۾ رت پريندس، پوءِ توهان ۾ ساهہ وجهندس، توهان کي خبر پوندي تہ مان ئي توهان جو خداوند آهيان."

حضرت حزقيل عليہ السلام حڪم خداوندي هيٺ مئلن کي پيغام ڏيڻ شروع ڪيو تہ اوچتو ماڻرين ۾ ڙڻڪلو اچي ويو. هل هنگامو ٿيڻ لڳو ۽ سڪل هڏن ۾ چرپر ٿيڻ لڳي. انهن جا ٽٽل عضوا هڪ ٻئي سان ڳنڍجڻ لڳا. پوءِ اهي هڏن جا پڇرا هڪدم حرڪت ۾ اچي ويا ۽ صحيح سلامت اٿي اڀا ٿيا. حضرت حزقيل عليہ السلام هيءُ حيرت ۾ وجهندڙ منظر ڏسي رهيو هو. هڏن جا پڇرا هاڻي سندس سامهون ميڙ ڪري اچي بيهي رهيا. اجا اچرج ۾ هو تہ هڏن تي نسن جو ڄار وڇجڻ لڳو ۽ انهن نسن مٿان ماس ورڻ لڳو. گهڙي پل ۾ اهي ڊانچا ماڻهو بڻجي پيا. پر منجهن اجا ساهہ ڪو نہ پيو هو. اهو مئلن جو هڪڙو وڏو ميڙ هو، جنهن جي وچ ۾ حزقيل عليہ السلام بيٺل هو.

حضرت حزقيل عليہ السلام پڇيو تہ "اي مالڪ سائين! هي تہ مڙيئي بي جان آهن. هنن ۾ تہ اجا ساهہ ڪو نہ پيو آهي!"

خداوند حڪم فرمايو تہ "منهنجا نبي! اجا نبوت جو ڪجهہ ڪم ڪرڻو اٿئي. يعني انهيءَ مئل ميڙ سان ڪلام ڪر تہ خداوند هيئن فرمائي ٿو تہ "اي روح! تون چئن ئي طرفن کان هلي آءُ ۽ اچي هنن مردن ۾ مردن ۾ پوءِ جو هي زنده ٿي پون."

حضرت حزقيل عليہ السلام خدا جي فرمان جي بجا آوري ڪئي ۽ انهن مردن ڏانهن نوراني نگاهہ ڪندي وڏي واڪي روح سان مخاطب ٿيندي فرمايو تہ، " تون هنن مردن ۾ گهڙي وڃ جو اهي سيئي جيئرا ٿي پون ۽ پنهنجي عبرتناڪ ماضي کي ياد ڪري پنهنجي حال تي هاءِ هاءِ ڪن ۽ ڪين ٻڌايو وڃي تہ خدا جي نافرماني ڪندڙن ۽ حد ٽپي وڃڻ وارن جو ڪهڙو حشر ٿيندو آهي ۽ هاڻي خدا جي فضل ۽ ڪرم سان خدا ڪين ڪيئن نہ حياتي بخشي وئي آهي."

حضرت حزقيل عليہ السلام ائين چوندو ويو ۽ انهن مردن ۾ ساهہ پوندو پئي ويو. تانجو هڪڙي وڏي پلٽن سندس سامهون اچي بيٺي. هيءُ هڙيئي جيئرا انسان حيران هئا تہ هُو تہ مري چڪا هئا ۽ وري جيئرا ڪيئن ٿي پيا؟ ڪين يقين ئي نہ اچي رهيو هو. چو تہ ڪين مرڻ مهل واريون گهڙيون چٽيءَ طرح ياد هيون ۽ هاڻي هُو اچرج ۾ پئجي ويا هئا تہ ڪين ٻيهر زندهہ ڪري نئين زندگي ڪنهن عطا ڪئي؟

حضرت حزقيل عليہ السلام نوراني لباس ۾ ڪين نظر اچي رهيو هو، تنهن ڪان پڇيائون تہ "اوهان ڪير آهيو؟"

حضرت حزقيل عليہ السلام پنهنجي باري ۾ ڪين ٻڌايو ۽ هي پڻ ٻڌايائين تہ خدا سندن بابت ڪيس ٻڌائي ڇڏيو هو تہ انيح ماڻري ۾ "دادردان" جا رهواسي جهاد

کان منهن موڙي پڇي آيا هئا. هتي مٿن موت طاري ڪيو ويو. جنهن ڪري پاڻ هتي آيو تہ سڄي واديءَ ۾ انساني هڏانهان پڇرا پيل ڏٺا. انهن ۾ ڪجهہ اهڙا بہ هئا، جن جا هڏا چڙوچڙ ٿي چڪاهئا.

انهن چيو تہ "ها سائين! اسان کي ياد اچي پيو تہ اسان بني اسرائيل آهيون ۽ هي بہ ڄاڻون ٿا تہ "دادردان" کان پڇي هتي آيا هئاسون. ڇاڪاڻ تہ اسان جي قوم ۽ اسان جا سپاهي جهاد کان ڪيبائيندا هئا. پوءِ هن ماڻريءَ ۾ اوچتو اسان تي موت ڇانئجي ويو ۽ اسان مري وياسون. اوهان سچ ٿا چئو. بيشڪ اوهان کي هتي اسان جا هڏانهان پڇراپيل نظر آيا هوندا. پر هاڻي اسان اوهان جي آڏو جيئرا جاڳندا بيٺل آهيون. اسان اچرج ۾ پئجي ويا آهيون تہ هي سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو؟"

حضرت حزقيل عليہ السلام فرمايو." خدا جي لاءِ ڪا شيءِ ناممڪن ڪانهي. اڄ جيئن توهان کي هن ماڻريءَ مان جيئرو ڪري اتاريو اٿس. تيئن هڪڙي ڏينهن توهان کي توهان جي قبرن مان بہ زنده ڪري اتاريندو."

بني اسرائيلن کي پنهنجو پاڻ کي جيئرو ڏسندي ڏاڍي حيرت ٿي رهي هئي. هو حضرت حزقيل عليہ السلام کان پڇڻ لڳا تہ هو انهيءَ ماڻريءَ ۾ ڪيترن سالن کان وٺي مئل پيا هئا. حزقيل عليہ السلام کين سمورو قصو تفصيل سان ٻڌايو ۽ چيائين تہ "توهان هن ماڻريءَ ۾ اٽڪل سؤ سالن کان ستل هئا. هاڻي توهان جي مرضي آهي. وٺي تہ هن وسنديءَ ۾ رهو يا پنهنجي وطن واپس هليا وڃو پر اتي وڃڻ کان اڳي توهان کي ڄاڻڻ گهرجي تہ اتي هاڻي بني اسرائيل جا ٻيا قبيلا ۽ راڄ آباد ٿي ويا آهن. توهان واسطي اتي ڪا بہ جڳهہ ڪانهي. انهيءَ ڪري توهان لاءِ چڱو اهو آهي تہ توهان هن ماڻريءَ ۾ ئي رهي پئو."

انهن بني اسرائيلن حضرت حزقيل عليہ السلام کان پڇيو تہ "خداوند خدا اسان کي اوچتو اجتماعي موت ڏئي سؤسالن کانپوءِ وري نئين زندگي عطا ڪئي آهي. انهيءَ ۾ آخر ڪهڙي مصلحت خداوندي هئي؟"

حضرت حزقيل عليہ السلام فرمايو تہ "بني اسرائيلين ۾ توهان جهڙا اهڙا گهٽائي آهن. جن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ مرڻ کان پوءِ وري جيئڻ تي يقين ڪو نہ هو ۽ ٻيو تہ پنهنجي پيغمبر جي نافرماني ڪرڻ ۽ جنگ جي ميدان مان پڇي وڃڻ وڏو ڏوهہ آهي ۽ ٿيون تہ هي ثبوت آهي تہ جهڙي طرح توهان کي انيح ماڻريءَ ۾ سؤ سالن تائين مري وڃڻ کانپوءِ وري جيئرو ڪري نئون وجود ۽ نئين زندگي عطا ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح توهان کي مرڻ کان پوءِ ٻيهر توهان جي قبرن مان جيئرو ڪري اتاريو ويندو."

حضرت حزقيل عليہ السلام واپس بابل هليو ويو. پاڻ ڪيترو ئي عرصو قيدي رهيو. سندس وفات ڪٿي ٿي؟ ڪنهن کي ڪا خبرڪانهي. پربني اسرائيلن بابل جي اسيريءَ ۾ ستر سال گذاريا ۽ جڏهن سائرس اعظم بابل کي فتح ڪيو تہ ڪين آزادي ملي ۽ اهڙي طرح بني اسرائيلن يروشلم کي ٻيهر آباد ڪيو. انهيءَ جي اڳڪٿي پڻ حضرت حزقيل عليہ السلام ڪري چڪو هو.

مرڻ کان پوءِ جا عجب اسرار

ڊاڪٽر خالد نوراني

عجيب قصن ۽ احوالن جي ٻي ڪڙي پيش ڪجي ٿي، جنهن ۾ اسان کي خبر پئي ٿي ته موت کان پوءِ مرندڙن ماڻهن سان ڇا ٿئي ٿو. روح سيني کي ڏسي سگهن ٿا، پنهنجي جسم کي ٻي جان حالت ۾ ليٽيل ۽ پنهنجي مٿان ڊاڪٽرن کي آپريشن ڪندي ڏسن ٿا. هو وڏي واڪي رڙيون ڪري سيني کي پنهنجي حالت بابت ٻڌائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ٿا پر ڪين ڪو به نه ڏسي سگهي ٿو ۽ نه وري ٻڌي سگهي ٿو." موت کان موٽيل ماڻهن جا مشاهدا" ڪتاب مان ڪنيل هي عجيب داستان اوهان جي خدمت ۾ حاضر آهي.

4. اونڌاهيءَ سرنگهه مان لنگهڻ

موت جي وقت موت جي مشاهدي ڪندڙ مريضن کي اهو پڻ محسوس ٿيو آهي ته ڇڻ ڪا غيبي قوت ڪين ڪنهن اونڌاهي سرنگهه اندران ڇڪي وٺي ويندي هجي.ان اونڌاهي سرنگهه جي تجربي لاءِ مختلف مريضن مختلف تشبيهون استعمال ڪيون آهن.ڪن ان سرنگهه کي غار سان پيٽيو آهي ته ڪن مريضن ان سرنگهه کي کوهه وغيره ڪوٺيو آهي. ڪن ان سرنگهه کي خالي جاءِ يا سيلينڊر وانگر پڻ چيو آهي.جيتوڻيڪ انهي تجربي لاءِ مختلف نالا استعمال ڪيا ويا آهن پر اهو اونڌاهيءَ سرنگهه وارو تجربو بهرحال تمام گهڻن ڪيسن ۾ واقع ٿيو آهي. هڪ مريض هيٺين ريت پنهنجي ان تجربي کي بيان ڪري ٿو:

"اهو واقعو مون کي ان وقت پيش آيو جنهن وقت آئون نون سالن جي عمر جو هئس. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ستاويهه سال کن اڳ جي آهي پر تنهن هوندي به ان ڳالهه جو اثر اڄ ڏينهن تائين منهنجي مٿان ويٺل آهي ۽ آئون اڄ ڏينهن تائين به ان ڳالهه کي وساري نه سگهيو آهيان.هڪ دفعي آئون ڏاڍو بيمار ٿي پيس.منهنجا والدين مون کي ڪٽي پرواري اسپتال پهتا.ان وقت منجهند جو وقت هو.اتي پهچي تپاس ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽرن مون کي بي هوش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهو انهن چو ڪيو ان ڳالهه جي مون کي ڪا خبر نه آهي. ڇاڪاڻ ته ان وقت آئون تمام ننڍو هوس. ان وقت ڊاڪٽر مريض کي بي هوش ڪرڻ لاءِ ايٿر (Ether) نالي دوا جو استعمال ڪندا هئا. ايٿر جي دوا کي رومال ۾ لڳائي، منهجي نڪ مٿان اهو رومال رکيو ويو. ان دوا کي سنگهڻ سان منهنجي دل جي ڌڙڪڻ بلڪل بند ٿي وئي (ان ڳالهه جي باري ۾ مون کي بعد ۾

ٻڌايو ويو). مون کي ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪو ناخوشگوار آواز منهنجي ڪنن ۾ گونججي رهيو هجي. ان آواز ۾ هڪ لئ هئي. مون کي ايئن پئي لڳو ڄڻ آئون هڪ گهري ۽ گهڳهه اوندهيءَ واري سرنگهه منجهان گذري رهيو هجان. آئون اڳتي وڃي رهيو هئس ۽ ان سان گڏوگڏ اهو پريشان ڪندڙ آواز مسلسل منهنجي ڪنن ۾ ٻري رهيو هو."

هڪ ٻئي مريض جي هيٺين چواڻي آهي:

"آپريشن ڪرڻ لاءِ پهرين بيهوشي طاري ڪرڻ واري دوا ڏني ويندي آهي.ڊاڪٽرن مون کي اها بيهوش ڪرڻ واري دوا ڏني جنهن جو خراب رد عمل ٿيو. منهنجي ساهه ڪڻڻ جو عمل بند ٿي ويو. شايد منهنجي ڦڦڙن پنهنجو ڪم بند ڪري ڇڏيو هو.مون کي پهرين جنهن ڳالهه جو احساس ٿيو سا اها هئي ته آئون ڪنهن گهڳهه اونڌاهيءَ واري جڳهه منجهان انتهائي تيز رفتاريءَ سان گذري رهيو هجان. آئون ان جڳهه کي سرنگهه سان تشبيهه ڏيندس. مون کي ايئن پئي لڳو ڄڻ آئون ڪنهن وندر واري پارڪ ۾ تيز هلندڙ بجليءَ واري گاڏيءَ (Roller Coaster) منجهه سفر ڪري رهيو هئس جيڪا ڪنهن اونداهي گهڳهه سرنگهه مجهان لنگهي رهي هئي."

هڪ ٻئي مريض کي پڻ ساڳئي قسم جو مشاهدو ٿيو آهي. موت جي ڪري هن جون اکيون ڦهلجي ويون هيون ۽ سندس جسم ٿڌو ٿي ويو هو. هي هيٺيون تجربو بيان ڪري ٿو:

"آئون هڪ وانداهي جاءِ تي پهتل هئس. آئون ان جاءِ کي بيان ڪري نه ٿو سگهان پر مون کي اهو محسوس پئي ٿيو ته آئون انتهائي تيز رفتار سان ڪنهن اونداهيءَ جڳهه منجهان گذري رهيو هئس. آئون ان وقت پنهنجي پوري هوش حواسن ۾ هئس. مون کي اها جڳهه هڪ سيلنڊر جي شڪل جهڙي پئي لڳي جنهن مان ڪنهن هوا جو به گذر نه ٿيندو هجي. مون کي ان وقت ايئن پئي محسوس ٿيو ڄڻ آئون وچ واري حالت (Limbo) ۾ هئس يعني نه هن زميني دنيا طرف هئس ۽ نه وري آئون مٿانهين دنيا منجهه هئس."

هڪ مريض جنهن جو عارضي موت ٻاهه منجهه شديد نموني سڙي وڃڻ ڪري واقع ٿيو هو، تنهن جي ڪٿا آهي ته:

"آئون ان جلڻ واري واقعي کان پوءِ هڪ هفتي تائين زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ ڦاٿل هيس. تنهن دوران هڪ وقت مون کي ايئن محسوس ٿيو ته ڄڻ آئون ڪنهن اونڌاهيءَ خلا ۾ ڪري رهيو هجان. مون کي ايئن پئي لڳو ڄڻ آئون ان خلا ۾ ڪافي ڊگهي مدت تائين ترندو ۽ هٿ پير هڻندو رهيو هوس. مون کي ان اونڌاهي خلا واري تجربي ايترو ته واٽرو ۽ وايون بتال ڪري ڇڏيون جو منهنجي دماغ کي ڪا ٻي ڳالهه سجهي ئي نه پئي."

هڪ مريض جيڪا پيٽ جي لاعلاج بيماري ۾ مبتلا هئي سا پنهنجي تجربي کي هيٺين ريت بيان ڪري ٿي:

"ڊاڪٽرن منهنجي ياءُ ۽ ڀيڻ کي اسپتال ڪوٺايو ته جيئن اهي مون سان مرڻ

کان اڳ جي آخري ملاقات ڪري سگهن.نرس مون کي هڪ دوا ڏني تہ جيئن منهنجو موت آسانيءَ ۽ سڪون سان ٿي سگهي. ان دوا جي بدن ۾ داخل ٿيڻ سان مون کي ايئن لڳو ڄڻ منهنجي چوڳرد جون شيون ڏور ٿيڻ شروع ٿي ويون هجن. جيئن جيئن اهي شيون پري ٿينديون ويون تيئن تيئن مون کي لڳو تہ آئون هڪ سوڙهي اونڌاهي سرنگهہ ۾ پهچي وئي هجان جنهن ۾منهنجو وجود مس ماپيو ٿي.مون کي ايئن لڳو ڄڻ آئون سرنگهہ ۾ ترڪي ڪري هيٺ ويندي هجان."

هڪ مريض جيڪو نهايت مذهبي خيال رکندڙ هو تنهن کي مرڻ کان پوءِ جي دنيا سندس عقيدن مطابق نظر آئي هئي. هي ٻڌائي ٿو:

"اوچتو مون کي محسوس ٿيو تہ آئون هڪ اونڌاهيءَ ۽ گهري واديءَ ۾ هجان. مون کي اها وادي ڪنهن گذرگاهہ وانگيان پئي لڳي... بلڪل هڪ رستي وانگر جيڪو هينائين طرف وڃي رهيو هجي... جڏهن مون وري پنهنجيون اکيون هن دنيا منجهہ کوليون ۽ تندرست ٿيس تہ مون کي ان مشاهدي بابت ياد آيو ۽ مون اهو سوچيو تہ اها وادي بائيبل جي چواڻي جي هوبهو "موت جي پاڇي جي وادي" وانگيان هئي."

5. جسم کان ٻاهر وڃڻ جا لقاءَ (Out of Body Experience)

مرڻ جي ڪيفيت ۾ اونداهي سرنگهہ مان گذرڻ کان پوءِ "موت جي مشاهدي" وارن مريضن جو اڳلو مرحلو اهو هوندو آهي تہ ڪين پنهنجو روح سندن جسم کان ٻاهر بيٺل نظر ايندو آهي ۽ هو پنهنجي سامهون سندس ئي جسم (لاش) کي ڏسندو آهي. ڪيس ائين لڳندو آهي تہ هو ڄڻ ڪو تماشائي هجي ۽ پنهنجي روح ۽ جسم جي الڳ ٿيڻ جو تماشو ڏسندو هجي. اچو تہ ڏسون انهن موت جي مشاهدن وارن مريضن ان ڪيفيت کي ڪيئن ڀانئيو آهي.

هڪ مريضہ ان ڪيفيت کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

"آئون ان وقت سترنهن سالن جي هئس.مان ۽ منهنجو ڀاءُ هڪ وندر واري پارڪ (Ammusement Park) ۾ ڪم ڪري رهيا هئاسين. هڪ ڏينهن اسان سوچيو تہ پارڪ جي ڍنڍ ۾ ٽورو تري وٺون. ان وقت ان پارڪ ۾ ڪجهہ بيا بہ چوڪرا موجود هئا. اهي بہ اسان سان گڏ ڍنڍ ۾ ترڻ لاءِ تيار ٿي ويا. اسان جي وچ ۾ ترڻ جو مقابلو شروع ٿي ويو. آئون ان کان اڳ بہ ڪيترائي دفعا اها ڍنڍ تري پار ڪري چڪي هئس. ان ڪري منهنجي لاءِ اهو ترڻ جو ڪم ڪو مشڪل ڪو نہ هو... پر ان ڏينهن الائجي مون کي ڇا ٿي ويو. جڏهن آئون ترندي ترندي ڍنڍ جي وچ تي پهتس تہ منهنجا هٿ پير شل ٿي ويا ۽ منهنجو جسم پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ لڳو. مون پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا... اچانڪ مونکي اهو احساس ٿيو تہ ڄڻ آئون پنهنجي جسم کان الڳ ٿي وئي هجان ۽ هر ڪا شيءِ مون کان پري ٿيندي پئي وئي. آئون ڄڻ خلا ۾ موجود هئس ۽ مٿان کان سيني کي ڏسي رهي هئس. مون اهو بہ ڏٺو تہ هيٺ منهنجو

هٿ جو ڪمال

انسان ذات جي سيني حصن مان شايد هٿ سڀ کان وڌيڪ Active آهن. اسان ڪڏهن بہ اهو نہ ٻڌو آهي تہ ڪو اسان جا هٿ تڪجي پيا آهن. هڪ اندازو لڳايو ويو آهي تہ انسان پنهنجي مڪمل حياتي ۾ 25 ملين دفعا پنهنجن آڱرين کي ملائيندو آهي. مرد جا هٿ عورت جي هٿن کان وڌيڪ مضبوط ۽ شين کي قابو رکڻ جي سگهہ رکن ٿا. انسان جا هٿ اهڙي سهڻي نموني ٺهيل آهن جو انسان حيران آهي. جڏهن روبوٽ ٺاهيا ويا هئا تہ انهن جا سيئي عضوا انساني عضونن جهڙا هئا سوائي انساني هٿن جي.سائنسدان انساني شاهڪار هٿ ناهڻ ۾ ناڪام ويا هئا. انسان جي هٿن جون آڱريون دنيا جي حيرت انگيز تخليق آهي. اهي قئنچي وانگر ٿي سگهن ٿيون ۽ پڪڙ وانگر بہ ٿي سگهن ٿيون ۽ هڪ ٻهڪ وانگر پڻ.

هيلن ڪيلر ننڍي هوندي کان ئي بيماريءَ جي ڪري انڌي، ٻوڙي، گونگي ٿي وئي هئي. جڏهن بہ ڪنهن سان ملندي هئي تہ پنهنجا هٿ استعمال ڪندي هئي.

جيتوڻيڪ سندس هٿ ايترو تہ حساس هئا جو هو انهن سان ميوزڪ بہ ٻڌندي هئي. هو اهو ائين ڪندي هئي جو پنهنجن هٿن جي آڱرين کي لاؤڊ اسپيڪر جي پردي تي رکندي هئي ۽ ان جي ڊرم جي هيٺ مٿي ٿيڻ کي اساني سان محسوس ڪري سگهندي هئي ۽ پنهنجي آڱرين بدولت ڇهڻ واري حس ذريعي ميوزڪ انجواءِ ڪندي هئي. ورلڊ چئمپين محمد علي باڪسر جي هٿ جو پنجو سندس غيرمسلح جنگ ۾ خطرناڪ هٿيار هوندو هو. —— موڪليندڙ: انيلا هيسباڻي (حيدرآباد)

جسم پاڻيءَ ۾ غوطا ڪائي رهيو هو. مون کي ان وقت بہ اهو احساس هو تہ منهنجو جسم مون وٽ ئي هو. جيتوڻيڪ آئون اهو بہ ڏسي رهي هئس تہ منهنجو جسم پاڻيءَ ۾ هيٺ پيل هو.مون ان وقت پنهنجو پاڻ کي نهايت ئي هلڪو ڦلڪو محسوس پئي ڪيو. ايترو هلڪو جڻ ڪو آئون ڪنهي هجان ۽ اڏامي سگهڻ جي طاقت رکندي هجان."

هڪ ٻي عورت پنهنجي جسم کان ٻاهر وڃڻ جي لقاءَ کي هيٺئين نموني ٻڌائي ٿي:

"هڪ سال کن اڳ مون کي دل جي بيماريءَ جي ڪري اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پيو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو آئون بستري تي ئي ليٽي پئي هئس تہ مون کي اچانڪ دل ۾ شديد سور ۽ درد اڀريو. مون پنهنجي بستري جي ڀرسان لڳل نرس يا ڊاڪٽر کي گهرائڻ وارو ايمرجنسي بٽڻ دٻايو. جلد ئي هڪ نرس منهنجي ڪمري ۾ اچي وئي ۽ هن منهنجي مٿان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. جيئن تہ ان وقت آئون بستري تي اونڌي ليٽيل هئس جنهن ڪري مون کي بيحد تڪليف جو احساس پئي ٿيو. تڪليف کان بچڻ لاءِ مون پنهنجو پاسو بدلايو. ايئن ڪرڻ سان اوچتو منهنجي ساهہ جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو ۽ گڏوگڏ منهنجي دل جي ڌڙڪڻ بہ بيهجي وئي. ان وقت اها نرس زور سان رڙيون ڪري ڪجهہ چوڻ لڳي... نرس جي انهن

رڙين دوران مون ايئن محسوس ڪيو تہ ڇڻ آئون پنهنجي جسم مان ٻاهر نڪرندي پئي وڃان ۽ ڪجهہ لمحن کان پوءِ پوريءَ ريت پنهنجي جسم کان ٻاهر نڪري آيس ۽ ڪمري جي فرش تي اچي ڪريس. ڪرڻ کان پوءِ مون فرش تان اٿڻ شروع ڪيو. ان دوران مون ڏنو تہ منهنجي ڪمري اندر ڪافي ٻيون نرسون بہ گهڙي آيون هيون. ايتري ۾ هڪ ڊاڪٽر بہ اتي پهچي ويو. ان مهل منهنجي وجود (روح) هوا ۾ مٿي وڃڻ شروع ڪري ڏنو. تان جو آئون ڇت تائين بلند ٿي ويس. اتي بجليءَ جا بلب لڳل هئا جيڪي مون کي نهايت چٽيءَ طرح ڏسجڻ ۾ اچي رهيا هئا. ان وقت مون کي ايئن پئي لڳو ڇڻ آئون ڪاغذ منجهان ٺهيل هئس جنهن کي ڪنهن ڦوڪ سان اڏائي مٿي هوا ۾ موڪلي ڇڏيو ويو هجي.

مون مٿان بيٺي سيني نرسن ۽ ڊاڪٽرن کي ڏنو پئي تہ ڪيئن اهي منهنجي جسم کي وري جيئارڻ منجهہ رڌل هئا. مون اهو ڏنو پئي تہ اهي سڀ منهنجي جسم (لاش) جي چوڳرد بيٺا هئا. منهنجو جسم بستري تي پيل هو. مون هڪ نرس کي اهو چوندي ٻڌو. "او... منهنجا رب، هيءَ تہ گذاري وئي." تنهن کانپوءِ هڪ ٻي نرس وڌي آئي ۽ اچي منهنجي منهن سان منهن هٽي ساهہ ڪڍائڻ (Mouth to Mouth Resuscitation) شروع ڪيو. آئون ڪيس پٽ کان ڏسي رهي هئس. هن جو منهن منهنجي جسم جي طرف هو. مون کي سندس ڪٽيل نندا وار تائين ياد آهن. تنهن کان پوءِ مون ڏنو تہ هڪ ٽرالي‌ءَ تي بجليءَ جون چاٽون هٽندڙ مشين کي آندو ويو ۽ ان مشين جا لوهي ڪوپا منهنجي ڇاتيءَ تي لڳائي منهنجي جسم کي بجليءَ جا جهٽڪا ڏيڻ شروع ڪيا ويا.بجليءَ جي جهٽڪن جي طاقت ڪري منهنجو بستري تي پيل بي جان جسم گهڙي گهڙي مٿي اٿلجي رهيو هو. مون کي ايئن پئي لڳو ڇڻ منهنجي جسم جو هر حصو ٽٽي وکري ويو هجي. اهو تجربو منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏيڪ ڀوائتو تجربو هو. مون ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي پنهنجي ڇاتيءَ تي مڪون هڻندي ۽ ٻانهن ۽ ڄنگهن کي مهٽيندي ڏٺو. ان وقت مون اهو سوچيو، "هي سڀ ماڻهو اهو ڪر ڇا جي ڪاڻ ڪري رهيا آهن جڏهن تہ آئون صحيح سلامت ۽ نيڪ حالت ۾ ڪين مٿان ڏسي رهي هئس."

هڪ نوجوان پنهنجو تجربو هن ريت ڏسي ٿو:

"هي بہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي آئون ان وقت اٺويهن سالن جو هئس. آئون پنهنجي ڪار ۾ هڪ دوست کي سندس گهر ڇڏڻ لاءِ وڃي رهيو هوس. هڪ چوڻڪ تي آئون ٽريفڪ جي اشاري (Signal) جي ڪري بيهي رهيس. مون پنهنجي ٻنهي پاسي نهاريو پر مون کي ڪا بہ شيءَ پاڻ ڏانهن ايندي نظر نہ آئي. ايتري ۾ منهنجي دوست رڙ ڪري منهنجو ڌيان هڪ پاسي ڇڪايو. مون گهبرائجي ان طرف ڏنو تہ مون کي هڪ گاڏي تيزيءَ سان پاڻ ڏانهن ايندي نظر آئي جنهن جون لائٽون بند ٿيل هيون. تنهن کان پوءِ هڪ زوردار ڌماڪي جو آواز آيو ۽ اها ڪار اچي منهنجي پاسي واري دروازي سان ٽڪري. اها صرف هڪ

لمحي جي ڳالهه هئي جنهن کان پوءِ مون کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ آئون ڪنهن انڌيري جاءِ وڃان گذري رهيو هجان. اهو لقاءَ تيزيءَ سان عمل پذير ٿي رهيو هو. ان کان بعد مون کي ايئن لڳو ڄڻ آئون هوا ۾ ترندو مٿي ويندو هجان ۽ ڪار جي مٿان پنج فٽن کن جي مفاصلي کان بيهي هيٺ پنهنجي حادثي واري گاڏيءَ کي ڏسي رهيو هئس. مون اتان ٻين ماڻهن کي به ڏٺو جيڪي ڊوڙندا ڪار جي حادثي واري جڳهه تي پهتا پئي. مون پنهنجي دوست کي پڻ ڏٺو جيڪو ٻئي پاسي جي دروازي کان ڪار مان ٻاهر نڪري رهيو هو. هو انتهائي هراسيل پئي لڳو ڄڻ ڪيس هن حادثي جو يقين ئي نه پئي آيو. مون کي ڪار جي ملبي اندر پنهنجو جسم به نظر آيو. جنهن کي ماڻهو ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. ڪار اندر منهنجي قاتل جسم جون ٽنگون ٽڙيل مڙيل هيون ۽ چوطرف رت ئي رت ڦهليل هو."

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ڪيترائي مريض جنهن مهل هن مٿي بيان ڪيل لقاءَ سان سامهون ٿيا آهن ته شروع ۾ ڪين کا سمجهه ئي نه پئي آئي ته هو ڇا ڪن. نه هنن جو ڏيان پنهنجي جسم کان ٻاهر وڃڻ جي لقاءَ ڏانهن پئي ويو ۽ نه ئي ڪو انهن کي اڃان اها سمجهه آئي هئي ته ڪو هو مري چڪا هئا ۽ سندن روح خاڪي جسم کان الڳ ٿي ڪنهن نامعلوم سبب ڪري مٿانهين جڳهه کان پنهنجي ئي جسم کي ڏسي رهيو هو. پنهنجي خاڪي جسم کي هيٺ لاش جي صورت ۾ پيل ڏسڻ وقت ڪيترائي ماڻهو ته ايترو گهبرائجي وڃن ٿا جو ڪافي دير تائين ڪين کا ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته هو ڇا ڪن. ان حالت ۾ ڪن ماڻهن پنهنجي جسم جي اندر واپس گهڙڻ چاهيو آهي پر ڪين کو پتو نه هو ته هو ڪهڙي نموني پنهنجي جسم منجهه واپس وڃن. ڪن کي ان وقت انتهائي ڊپ ۽ خوف جو احساس به ٿيو آهي ته ڪن جو ردِ عمل مثبت به هو. هڪ مريض ان کي هيٺين نموني ٻڌائي ٿو:

"آئون سخت بيمار هئس ۽ ڊاڪٽرن مون کي اسپتال ۾ داخل ڪري ڇڏيو هو. هڪ ڏينهن صبح جو مون کي ائين لڳو ڄڻ گهري ڏنڌ منهنجي جسم جي چوگرد گڏ ٿي وئي هجي ۽ مون پنهنجو جسم ڇڏي ڏيڻ شروع ڪيو. مون کي ايئن پئي محسوس ٿيو ته ڄڻ آئون هوا ۾ تري رهيو هئس ۽ منهنجو بدن پنتي رهجي ويو هجي. مون پويان نهاري ڏٺو. مونکي پنهنجي جسم بستر تي ليٽيل نظر آيو. مون کي ان وقت ڪو به ڊپ يا خوف محسوس نه پئي ٿيو ۽ ان جي ابتڙ مونکي نهايت ئي سڪون ۽ فرحت جو احساس پئي آيو. يقين ڪريو مون کي ان وقت ڪنهن ڀوءُ جو ڪو احساس نه هو. مون محسوس ڪيو ته ڄڻ آئون مري رهيو هجان ۽ جيڪڏهن آئون پنهنجي بدن ۾ ترت واپس نه ويس ته پوءِ آئون هميشه لاءِ پنهنجي بدن کان محروم ٿي ويندس ۽ حقيقت ۾ مري ويندس"

جسم کان ٻاهر وڃڻ جي لقاءَ دوران ماڻهن جا رويا به بدليل ڏٺا ويا آهن. ان حالت ۾ ڪين پنهنجي جسم لاءِ فڪرمندي

بيدار ٿيو وڃي. هڪ جوان نرس پنهنجي ان رويي جي تبديليءَ جي باري ۾ هي ٻڌائي ٿي:

"هي هڪ ڪل جهڙي ڳالهه ٿي لڳي پر اسان کي نرسنگ جي تربيت دوران هميشه ان ڳالهه لاءِ همٿايو ويندو آهي ته اسان پنهنجي جسم جا عضوا مرڻ کان پوءِ ماڻهن کي عطيو ڏيڻ جو اعلان ڪريون. هڪ دفعي آئون طبي طور مئل حالت ۾ پيل هئس ۽ منهنجو روح ٻاهر بيٺل حالت ۾ نرسن ۽ ڊاڪٽرن کي منهنجي جسم کي ٻيهر اتارڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل ڏسڻ ۾ مصروف هو ته ان وقت مون کي اها سوچ هئي ته منهنجو جسم ڪنهن به صورت ۾ عطئي جي صورت ۾ ميڊيڪل جي شاگردن وٽ چيرقاڙ لاءِ نه وڃڻ گهرجي."

ڪجه مريضن ته اهو به ٻڌايو آهي ته جنهن وقت هو پنهنجي بي جان جسمن کي هيٺ لاش جي صورت ۾ مٿان ڏسي رهيا هئا ته ڪين ائين پئي لڳو ڇڻ سندن خاڪي جسم ڪنهن اوپري ماڻهو جو هجي. هڪ مريض ان ڪيفيت کي هن نموني دهرايو آهي:

"مون کي پڪ نه هئي ته ڪو آئون ان صورت جهڙو لڳندو هوندس. آئون پنهنجي بدن کي صرف تصويرن ذريعي يا آئيني ۾ ڏسي سڃاڻي سگهندو هئس ۽ ٻنهي صورتن سان آئون واقف هئس پر اچانڪ اهو واقعو ٿيو. آئون پنهنجي جسم کي لاش جي صورت ۾ ڏسي رهيو هئس. ان ۾ مون کي ڪو به شڪ يا شبهو نه آهي ته آئون پنهنجي ئي جسم کي بستري تي پيل لاش جي صورت ۾ پنج ڪن فوٽ مٿان بيهي ڏسي رهيو هئس. مون کي ڪجهه لمحا لڳا تنهن بعد ئي آئون پنهنجي بدن کي هن نئين صورتحال ۾ سڃاڻي سگهيو هوس."

هڪ مريض ته نهايت مزيدار ڳالهه ٻڌائي آهي. هي مريض خود ڊاڪٽر هو. هي چوي ٿو:

"آئون طبي طور مري چڪو هوس ۽ منهنجو روح پنهنجي ئي بدن کي بستري تي ليٽيل حالت ۾ ڏسي رهيو هو جنهن جو رنگ هلڪو ڪارڙو ٿيندو پئي ويو، جيڪو رنگ هر انسان جي بدن جو مرڻ کانپوءِ ٿيندو آهي. آئون پنهنجو پاڻ کي هن حالت ۾ ڏسي ڪجهه گهبرائجي ويو هئس ۽ ان سان گڏ منجهيل به هئس ته ڇا ڪريان. مون اهو فيصلو ڪيو ته في الحال هن ڪمري مان نڪري وڃان ڇاڪاڻ ته مون کي پنهنجي بدن کي لاش جي صورت ۾ ڏسندي مونجهه پئي ٿي. مون کي ننڍي هوندي بدروحن جي باري ۾ ٻڌايو ويو هو جيڪي مرڻ کانپوءِ به هن دنيا کي نه ڇڏيندا آهن. مون سوچيو ڇا آئون به هڪ بدروح بنجي ويو آهيان؟. مون کي پنهنجي روح جي حيثيت ۾ پنهنجي لاش جي چوگرد بيٺي سٺو نه ٿي لڳو."

هڪ عورت پنهنجي ان لقاءَ کي هيٺين لفظن ۾ پيش ڪيو آهي. هيءَ عورت مرڻ کان پوءِ اونداهي سرنگهه منجهان گذري رهي هئي:

"مون پوئتي مڙي پنهنجي بدن ڏانهن ڪو نه نهاريو. مون کي خبر آهي ته منهنجو بدن اتي ئي بستري تي پيل هو. آئون پوئتي ڪنڌ ورائي پنهنجي بدن کي

ڏسي سگهيس ٿي پر مون ائين نہ ڪيو ۽ نہ ئي ڪرڻ پئي گهريو. ڇاڪاڻ جو مون کي اها ڄاڻ هئي تہ مون دنيا ۾ جيڪي بہ سنا ڪر ڪرڻ جهڙا هئا ۽ منهنجي وس ۾ هئا، مون اهي ڪيا هئا. هيئنر مون پنهنجو پورو ڌيان مٿانهين دنيا ڏانهن موڙي ڇڏيو هو. مون اهو پئي پانئيو تہ پوئتي مڙي پنهنجي بدن کي ڏسڻ معنيٰ پنهنجي دنياوي ماضي کي ياد ڪرڻ هو.جنهن ڪري مون پڪو ارادو ڪيو تہ ڇا بہ ٿي پوي پر آئون ڪنهن بہ صورت ۾ ان دنيا کي وڌيڪ ياد نہ ڪندس تنهن ڪري مون پنهنجو ڪنڌ ورائي پوئتي نہ ڏٺو."

جيتوڻيڪ اهو روح جو جسم مان نڪرڻ وارو تجربو پنهنجي اندر هڪ پراسراريت رکي ٿو ۽ جنهن وقت روح پنهنجي جسم کان ٻاهر نڪري ٿو تہ اها صورتحال ان روح مٿان ائين امالڪ مڙهي وڃي ٿي جو ڪجهہ دير لاءِ تہ هو ان ڪيفيت کي سمجهڻ کان ئي قاصر هوندو آهي. هن کي ڪجهہ مهل گهرجي جو هو انهيءَ تبديلي واري عمل کي ڪجهہ سمجهي سگهي. هن جي سوچ ان وقت تمام تڪي ڊوڙندي آهي تہ هو ڇا ڪري. ان سوچ دوران ڪيس اهو احساس بہ نہ هوندو آهي تہ ڪو هو مري رهيو آهي يا مري چڪو آهي. جنهن وقت ڪيس اهو يقين اچي ٿو تہ هو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪو آهي ۽ سندس روح پنهنجي بدن کان ٻاهر آهي ۽ سندس سامهون پيل بدن لاش جي صورت ۾ پيو آهي تہ هو جذباتي مانڌاڻ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. هڪ عورت ان ڪيفيت کي سمجهندي سوچيو، "اوه..... تہ آئون مري چڪي آهيان... ڇا تہ مزي جهڙي ڳالهہ آهي." هڪ ماڻهو کي جڏهن هن ڪيفيت سان دوچار ٿيڻو پيو ۽ سندس جسم لاش جي صورت ۾ سندس آڏو ليٽيل هو تہ هن جي روم اهو سوچيو پئي، "شايد هن حالت کي ئي موت چئبو آهي."

جنهن وقت روح کي اها پڪ ٿئي ٿي تہ هن جو موت ٿي چڪو آهي ۽ هاڻ هو هڪ روح آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي انتهائي بي خبري واري عالم ۾ پائي ٿو. هن کي اها خبر نہ ٿي پوي تہ هو هاڻ وڌيڪ ڇا ڪري يا ڪيڏانهن وڃي. هڪ عورت پنهنجي انهن محسوساتن کي هيٺين پر اثر لفظن ۾ پيش ڪيو آهي:

"مون سوچيو تہ آئون هاڻ مري وئي آهيان ۽ مون کي ان لاءِ ڪو بہ افسوس يا ڏک ڪو نہ هو تہ آئون هاڻ دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪي هئس. مون کي صرف اها ڳڻتي هئي تہ هاڻ آئون ڇا ڪريان ۽ مون کي ڪيڏانهن وڃڻو هو؟ منهنجي سوچ ۽ شعور ان وقت بہ اهڙي طرح ڪم ڪري رهياهئا جڻ آئون زندهہ انسان هجان. ائون پنهنجي اڳتي واري زندگي بابت بلڪل بي خبري واري عالم ۾ هئس. مون وٽ صرف هڪ ئي سوچ هئي. مون کي هاڻ وڌيڪ ڇا ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ جو هاڻ آئون مئل هئس. مون کي يقين نہ پئي آيو تہ آئون مرڻ بعد ههڙي بي يقينيءَ واري ڪيفيت سان دوچار هوندس. اها سوچ قدرتي هئي ڇاڪاڻ جو توهان ڪڏهن بہ پنهنجي موت جي باري ۾ نہ سوچيندا آهيو ۽ نہ يقين رکندا آهيو. توهان ڪڏهن بہ پڪي طرح ان

يقين ۾ نہ هوندا آهيو تہ هي هڪ ڏينهن هر انسان وانگر توهان کي بہ هن دنيا مان وڃڻو آهي جيتوڻيڪ توهان هر روز انسانن کي مرندي بہ ڏسندا آهيو..... ان ڪري مون اهو سوچيو تہ مون کي انتظار ڪرڻ کپي جيستائين منهنجو روح هن موت واري ڪيفيت کي بلڪل هضم نہ ڪري وٺي ۽ ماڻهو منهنجي بدن کي پورڻ لاءِ کڻي نہ تا وڃن تنهن بعد آئون ڪجهہ سوچيندس تہ مون کي اڳتي وڌڻ لاءِ ڇا ڪرڻو آهي."

ڪن ماڻهن اهو بہ ٻڌايو آهي تہ مرڻ کان پوءِ سندن روح اهو محسوس ڪيو آهي تہ ڇڻ هو خود شعور جو حصو هجن ۽ انهن پاڻ کي ڪنهن بہ بدني حالت ۾ نہ محسوس ڪيو هو. شعور جي ان ڪيفيت ۾ انهن کي ايئن لڳو هو تہ ڇڻ هو هن ڪائنات سان ڳنڍيل هجن ۽ پنهنجي چوگرد جي هر شيءِ کي سندسن ماهيت سميت چٽي نموني ڏسي ۽ سمجهي سگهيا ٿي. پر اها ڪيفيت صرف ڪجهہ ماڻهن ٻڌائي آهي. مريضن جي گهڻائيءَ اهو چيو آهي تہ موت بعد هنن جي روح پنهنجو پاڻ کي اجان بہ ڪنهن نظر نہ ايندڙ بدني حالت ۾ محسوس ڪيو هو جيتوڻيڪ هو ڪنهن اهڙي جڳهہ تي پهتل هئا جتي هو پنهنجي ۾ نہ هئا. اها نظر نہ ايندڙ روح جي بدني حالت ڇا هئي ان جي باري ۾ ڪو بہ مريض چٽي نموني ٻڌائي نہ سگهيو آهي. بقول انهن جي تہ سندن زبان کي اهڙا لفظ ئي نہ تا ملن جيڪي سندن ان ڪيفيت جي هوبهو عڪاسي ڪري سگهن. اها ڪفيت اهڙي هئي جيڪا صرف محسوس ئي ڪري سگهجي ٿي ۽ جنهن جي اظهار لاءِ زبان ڇڻ گونگي بنجڻ تي مجبور آهي. تنهن هوندي بہ جن لفظن ۾ مريضن روح جي ان "بدني حالت" کي بيان ڪيو اهي تن انهيءَ بدني حالت کي "روحاني جسم" جي اصطلاح جو حوالو ڏنو آهي. جيتوڻيڪ هي اصطلاح بہ، بقول انهن موت جي مشاهدي ڪندڙ مريضن جي، ان ڪيفيت کي پورو بيان نہ تو ڪري سگهي،تنهن هوندي بہ هي اصطلاح ڪجهہ ان عجيب احساس جي ويجهو ضرور آهي.

اهي "روحاني جسم" (موت بعد روح جي حالت) پنهنجي بدني موت کان پوءِ پنهنجي پابندين کان واقف آهن. جنهن وقت اهي روح پنهنجي بدن مان ٻاهر نڪرن تا تڏهن هو انتهائي ڪوششون ڪن تا تہ زنده انسانن کي پنهنجي حالت جي باري ۾ ٻڌائي سگهن پر افسوس جو ڪين ڪو بہ زنده ماڻهو نہ ٻڌي تو سگهي ۽ نہ وري ڪين ڏسي تو سگهي. هر زنده انسان انهن روحن جي وجود کان بي خبري جي عالم ۾ هوندو آهي. هن حالت جي باري ۾ هڪ مريضہ هيٺين ريت ٻڌائي ٿي. هن مريضہ جو ساهہ جي سرشتي جي بيماريءَ وگهي موت ٿيو هو ۽ ڊاڪٽر ڪيس وري زندهہ ڪرڻ لاءِ پنهنجي طبي ڪوشش ۾ رڌل هئا:

"مون ڏٺو پئي تہ ڊاڪٽر مون کي وري جيئارڻ لاءِ پنهنجين ڀرپور ڪوششن ۾ رڌل هئا. مونکي اهو واقعي عجيب پئي لڳو. آئون ان وقت پنهنجي بدن کان گهڻو پري ڪو نہ هئس. رڳو ٻن يا ٽن فوٽن جي مفاصلي کان بيٺي سڀ ماجرا پسي رهي هئس. مون ساڻن گهڻو ئي ڳالهائڻ جي

ڪوشش ڪئي پر سڀ ڪجهه بي سود ويو چاڪاڻ جو ان ڪمري ۾ موجود ڪو به زنده انسان منهنجي وجود کان باخبر نه هو."

ان روح واري حالت ۾ ڪين جلد ئي اها خبر پئجي وڃي ٿي ته زنده انسان سندن ڳالهائڻ ۽ ڏسڻ کان بلڪل لاعلم آهن، هي روح زنده انسانن وٽ غائب شڪل ۾ موجود آهن جيڪي هر ڪنهن کي ته ڏسي سگهن ٿا پر ڪين ڪيئن ۾ ماڻهو ڏسي نه ٿو سگهي. جيڪڏهن زنده انسان هنن روح جي طرح ڏانهن ڏسن به ٿا ته ڪين هي روح نظر نه ٿا اچن. زنده انسان کي صرف هن روحن جي وچان سندن پويان موجود شيون ئي نظر اچن ٿيون ڇٽڪ اتي ڪي روح موجود ئي نه هجن. هي "روحاني جسم" باوجود ڪوششن جي، ڪنهن به مادي شيءَ کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي نه ٿا سگهن. هڪ مريض جي زباني سندن ان ڪيفيت کي ٻڌو:

"ڊاڪٽرن ۽ نرسن منهنجي جسم مٿان زوردار مڪون پئي هنيون ته جيئن منهنجي دل ٻيهر ڌڙڪڻ شروع ڪري. مون ان وقت ڪين مسلسل اهو چيو پئي ته مون کي ڇڏي ڏيو. آئون اڪيلو ٿيڻ چاهيان ٿو. مون کي ڏک هٽڻ بند ڪريو. پر انهن منهنجي ڳالهين کي ڇڻ ٻڌو ئي نه پئي. نيٺ مون اڳتي وڌي ڪين پنهنجي هٿن وسيلي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه به ڪو نه وريو. مون کي خبر ناهي ته ڇا ٿيو پر آئون سندن هٿن کي پهچي به نه ٿي سگهيس. ايئن پئي ٿيو ته جنهن وقت مون پنهنجا هٿ سندن هٿن مٿان رکيا پئي ته منهنجا هٿ سندن هٿن جي آر پار لنگهيو ٿي ويا ۽ سندن هٿن کي ڪو به اثر نه پئي ٿيو. ايئن پئي لڳو ڇڻ ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي هٿن کي منهنجا هٿ محسوس ئي نه پئي ٿيا.

چوڌاري ماڻهو هلي رهيا هئا ۽ آئون انهن کي چٽيءَ ريت ڏسي سگهيس پئي. آئون هڪ راهداريءَ جي وچ ۾ بيهي رهيس ته جيئن ڪين پنهنجي بدن ڏانهن وڃڻ کان روڪي سگهان پر ائين پئي لڳو ڇڻ هو منهنجي موجودگيءَ کان بي خبر هئا. هو ائين سڌا مون ڏانهن وڌندا پئي آيا ڇڻ منهنجو ڪو وجود ئي نه هجي. جيئن ئي هو منهنجي ويجهو آيا ته مون ايئن پانئيو ته اهي ماڻهو مون سان يا ته ٽڪرائجي ويندا يا وري پاسو ڪري ويندا پر ائين ڪو نه پئي ٿيو. هو مون ڏانهن وڌندا پئي آيا. مون ان ٽڪراءَ کان بچڻ لاءِ مڙڻ ئي پئي چاهيو ته اهي ماڻهو منهنجي روحاني جسم وٽ پهچي مون منجهان آرپار لنگهي ٿي ويا ۽ مون کي سندن ان طرح پنهنجي منجهان لنگهڻ جو ڪو احساس تائين ڪو نه ٿيو."

. انهيءَ عدم موجودگيءَ جي ڪيفيت سان گڏوگڏ روحن کي اهو به محسوس ٿيو آهي ته اتي سندن ڪو وزن ڪو نه هو. هو بلڪل هلڪي بادل جهڙي حالت ۾ هئا. مرڻ کان پوءِ جلد ئي ڪين سڀ کان پهرين اهو احساس ٿئي ٿو ته اهي هوا ۾ تري رهيا آهن ۽ ترندي ترندي وڃي ڪمري جي چتين سان لڳن ٿا. ڪافي روح ته مٿي هوا ۾ پڻ نڪري وڃن ٿا. انهيءَ ڪيفيت کي اهي روح ترڻ وارو احساس يا بي وزني جي

ڪيفيت ۽ وغيره جي نالن سان ڪوٺين ٿا.

ڊاڪٽر موڊي ان ڪيفيت لاءِ چوي ٿو تہ انسان پنهنجي زنده هجڻ واري حالت ۾ پنهنجي جسم ۽ ان جي عضون جي محسوسات ذريعي اهو ٻڌائي سگهن ٿا تہ ڪنهن خاص وقت تي سندن جسم ۽ عضوا ڪهڙي جاءِ تي آهن ۽ اهي ڇا پيا ڪن. يعني اهي حرڪت ۾ آهن يا ساڪت حالت ۾ آهن. انسان کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جي خبر سندن عضون جي اندر گوشت ۽ هڏن منجهہ موجود رڳن جي محسوسات جي ڪري ٿئي ٿي. عادي هجڻ ڪري انسان شعوري طرح پنهنجي انهن عضون جي موجودگيءَ کان بي خبر هوندو آهي. جيڪڏهن اچانڪ ڪنهن انسان جو ڪو عضو ڪٽي جدا ڪيو وڃي تہ پوءِ يڪدم ان انسان کي ان عضوي جي غير موجودگيءَ جو احساس ٿيندو. هن روحاني جسم واري ڪيفيت ۾ بہ ساڳيو اصول ڪارفرما آهي. انسان پنهنجي جسماني حالت ۾ عادي هجڻ ڪري پنهنجي وزن ۽ جسم جي حرڪت وغيره کان بي خبر هوندا آهن ۽ جڏهن روحاني حالت ۾ اهو جسم ئي نہ ٿو رهي تہ پوءِ انهن کي پنهنجي بي وزني (هلڪي هجڻ جو احساس)، هوا ۾ ترڻ (جسماني حرڪت جي ابتڙ) وغيره حالت جو احساس ٿئي ٿو.

روحاني جسم واري حالت ۾ روح جسماني پابندين کان آزاد هوندو آهي.انساني بدن پنهنجي مادي حالت ۾ گهڻن ئي پابندين جو شڪار هوندو آهي، پر روح جنهن وقت ان جسماني حالت مان ٻاهر نڪري اچي ٿو تہ هو خود کي ان پابندين مان بہ آزاد محسوس ڪري ٿو. روح روحاني جسم واري حالت ۾ هڪ مٿانهين درجي تي آهي. هتي روح انسان جي مادي شين جو محتاج نہ آهي. هن جو هٿ جيتوڻيڪ دروازي منجهان پار ٿي وڃي ٿو پر اصل ۾ تہ هن کي ان وقت ان دروازي جي هٿئي (Knob) جي ضرورت بہ تہ ناهي،ڇو تہ هن جو جسم هاڻ ان دروازي يا ڀت جي آرپار بنا ڪنهن سهاري جي گذري سگهي ٿو. روحاني جسم کي فاصلي طئي ڪرڻ لاءِ ڪنهن مادي شيءَ جي ضرورت ناهي ۽ نہ وري مادي شيون هن جي راهہ ۾ ڪا رڪاوٽ بنجي سگهن ٿيون. ان روحاني جسم واري حالت ۾ روحن جو سفر نهايت تڪو هوندو آهي. اهو صرف لمحن جو ڪيل آهي. روح ڪنهن جاءِ تي پهچڻ جو سوچين ٿا ۽ اهي ڪنهن نہ سمجهندڙ طريقي سان هڪدم اتي پهچي وڃن ٿا.

جيتوڻيڪ اسان ان ڳالهہ کي قبول ڪريون ٿا تہ ان روحاني جسم (Spiritual Body) کي ڪو مادي جسم نہ آهي ۽ نہ ان کي ڪو وزن وغيره آهي ۽ نہ ئي وري روح اسان کي نظر اچي سگهن ٿا پر تنهن مان اهو مطلب نہ وٺڻ گهرجي تہ اهي روح ڪجهہ بہ نہ آهن. انهن سيني ڳالهين هوندي بہ اهي روحاني جسم کي بيان ڪري نہ ٿا سگهون. ان ڳالهہ تي سيئي موت جو مشاهدو ڪندڙ مريض متفق آهن تہ ان روحاني جسم کي هڪ شڪل يا صورت (Form)آهي. هميشہ انسان بدن جي شڪل وانگر ئي مٿانهين دنيا ۾ سندن صورت هوندي آهي. ان روحاني جسم جا هٿ پير ۽ جسم جا ٻيا عضوا بہ بلڪل

ايئن ئي هوندا آهن جيئن زنده انسان واري شڪل ۾ ڪين هوندا اٿن. ان جي ماهيت ڪهڙي آهي؟ ان لاءِ مختلف مريضن مختلف تشبيهاتون استعمال ڪيون آهن. ڪن ان کي ڪڪر يا بادل تہ ڪن وري ان کي ڏنڌ ڪوئيو آهي. ڪن ان کي دونهون چيو آهي تہ ڪن کي اهو ٻاڦ جي شڪل ۾ نظر آيو آهي.

انهيءَ روح جي جسم مان نڪرڻ واري لقاءَ ۾ هڪ ٻي خاص ڳالهہ اها بيان ڪئي وئي آهي تہ ان ڪيفيت ۾ روحن کي وقت (Time) جو ڪو تصور نہ هو. اتي اهي روح پنهنجي ان تجربي کي وقت جي پيمانن ۾ ٻڌائڻ کان قاصر آهن.اهڙن مريضن جي هڪ مشاهدي کي هيٺ بيان ڪجي ٿو:

"آئون ڪار هلائي رهيو هئس ۽ هڪ موڙ تي اها ڪار منهنجي قابو مان ٻاهر نڪري وئي ۽ روڊ تان هٿي ڪري هيٺ کاهيءَ منجهہ ڪرڻ لڳي. مون کي چٽي طرح ياد آهي تہ مون کي مٿي نيرو آسمان نظر اچي رهيو هو ۽ منهنجي ڪار تيزي سان کاهيءَ منجهہ وڃي رهي هئي. جنهن وقت منهنجي ڪار روڊ ڇڏي کاهيءَ منجهہ ڪري رهي هئي مون ان وقت خيال ڪيو تہ شايد منهنجي ڪار جو حادثو ٿي رهيو آهي. ان وقت مان وقت جي تعين ڪرڻ جو احساس وڃائي ويٺو هئس. گڏوگڏ مونکي ايئن لڳو تہ آئون پنهنجي جسم مٿان ضابطو بہ وڃائي ويٺو هئس. ان ليکي مون کي لڳو ڇڻ منهنجو روح يا روحاني جسم يا آئون پاڻ، توهان کي جيڪو نالو وٺي ان شيءَ کي ڏيو، آهستي آهستي ڪري منهنجي مادي جسم مان مٿي وٽان ٻاهر نڪري رهيو هو. مون کي ان روح جي ان نمونی نڪرڻ ڪري ڪو بہ درد يا اهنج محسوس نہ پئي ٿيو. مون کي ان وقت اهو احساس هو تہ آئون پنهنجو پاڻ مٿي کڄي ٻاهر وڃي رهيو هئس.

مون کي لڳو ڇڻ آئون پنهنجي جسماني وجود جي شڪل جي نموني وانگر ئي ڪو ڏنڌ هجان. آئون ان وقت خلا ۾ لهرن وانگر هلي رهيو هئس. ان وقت منهنجو اهو وجود مادي حالت وارو نہ هو. مون کي اهي لفظ ناهن جو آئون ان وجود کي بيان ڪري سگهان. اهو تمام ننڍي شڪل ۾ هو. ڪنهن وقت مون کي اهو محسوس پئي ٿيو تہ منهنجو اهو وجود گول صورت ۾ هو جنهن جون ڪي مقرر حدون نہ هيون. توهان ان شڪل کي بادل جو نالو ڏئي سگهو ٿا جيڪو خود هڪ شيشي جي خول ۾ بند هجي.

جنهن وقت اهو روح منهنجي مادي جسم مان نڪتو پئي تہ مون کي ايئن پئي محسوس ٿيو تہ جيئن ڪا وڏي ۽ ڊگهي شيءَ پهرين ٻاهر نڪرندي هجي ۽ ان جو ننڍو سرو آخر ۾.... مون کي ان وقت نهايت ئي هلڪي پن جو احساس پئي ٿيو. منهنجي جسماني بدن مٿان ڪو بہ داب يا بار نہ هو. اهو احساس بلڪل هڪ الڳ ئي نوعيت جو هو. منهنجو هن روح واري حالت ۾ ڪو وزن بہ نہ هو.

ان ڪيفيت جي سبب ڪان مڪيہ ڳالهہ اهو وقت آهي جنهن ۾ منهنجو روح منهنجي مٿي اندر ڪجهہ لمحن لاءِ ساڪت ٿي ويو هو. ايئن پئي لڳو تہ اهو روح

فيصلو ڪرڻ پيو چاهي تہ آيا هو هن خاڪي جسم کي ڇڏي وڃي يا ان جي اندر وڌيڪ رهي. مون کي ايئن پئي لڳو ڇڻ وقت جي ڌارا بيهي رهي هجي. حادثي جي وقت مون کي ائين لڳو هو ڇڻ دنيا جهان جي هر شيءِ نهايت تيزيءَ سان حرڪت ۾ هجي پر هن ڪيفيت ۾ وري ان جي ابتڙ پئي محسوس ٿيو. ائين پئي لڳو ڇڻ وقت جي ڌارا تميل هجي. ان وقت منهنجو روح منهنجي مٿي اندر هو ۽ ڪار هيٺ ڪاهيءَ ۾ ڪري رهي هئي. اها صرف لمحن جي ڳالهہ هئي پر مون کي لڳو پئي تہ اهو هڪ اڻ ڪٽ سلسلو هو جنهن ۾ هزارين لکين سال گذري ويا هجن ۽ آئون وقت جي رفتار بيهڻ ڪري خود بہ بيهي رهيو هجان. ان وقت آئون پنهنجي روح سان ئي لاڳاپيل هئس ۽ مون کي پنهنجي جسماني وجود جو ڪو خيال نہ هو.

ان روح واري ڪيفيت ۾ مون وٽ ڪو مادي وجود نہ هو پر مون کي ان سڄي ماجرا کي مادي اصطلاحن ۽ لفظن ۾ بيان ڪرڻو آهي. آئون ان حالت کي ڪيترن ئي طريقن سان مختلف لفظن ۾ بيان ڪري سگهان تو پر آئون توهان کي پهرئين ئي ٻڌائي ڇڏيان تہ ان مان ڪو بہ لفظ يا طريقو ان روحاني ڪيفيت کي سندس پوري معنيٰ ۾ بيان ڪري نہ تو سگهي.

آخر ۾ آئون اهو ٻڌائڻ ضروري تو سمجهان تہ جيتوڻيڪ منهنجي اها ڪار گهري ڪاهيءَ ۾ وڃي ڪري هئي ۽ ان جي ڪرڻ دوران هن ڪيترائي پيرا زمين تي قلابازيون بہ ڪاڌيون هيون پر تنهن هوندي بہ منهنجي جسم کي ڳچيءَ تي ور ۽ زخمي پير کان سواءِ ٻيو ڪو خاص نقصان نہ پهتو هو."

هڪ ٻيو مريض هيٺين ريت ان ساڳئي مشاهدي بابت ٻڌائي تو:

"جنهن وقت آئون پنهنجي مادي جسم مان نڪري آيس تہ مون کي ائين لڳو ڇڻ آئون ڪنهن ٻئي جسم اندر هلي ويو هجان پر اهو ڪو انساني بدن نہ هو. اهو جسم ڪجهہ مختلف انداز جو هو. اهو جسم ڪو تمام وڏو نہ هو. ان کي هڪ شڪل ضرور هئي پر ان جسم کي ڪو رنگ وغيره نہ هو جڏهن تہ انساني بدن ڪارن ۽ ڀورن رنگن وغيره جا ٿيندا آهن.ان روحاني جسم کي زنده انسانن وانگر هٿ پير بہ هئا. اهو روحاني جسم زنده انسان جي هوبهو شفاف ڪاپي هو.

آئون ان روحاني جسم کي ڪڏهن بہ ان جي اصل ماهيت سان سمجهائي ڪو نہ تو سگهان. آئون ان وقت ان پوري منظر تي موهت هئس. منهنجي سامهون منهنجو خاڪي جسم لاش جي صورت ۾ پيو هو. مون پنهنجي ان روحاني بدن بابت ڪجهہ بہ نہ پئي سوچيو. ان وقت مون کي وقت جو ڪو احساس نہ پئي ٿيو پر تنهن هوندي بہ اتي وقت ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ ضرور موجود هو ڇاڪاڻ تہ ان ڪيفيت ۾ شين جي رفتار تمام گهٽي تيز ٿي وئي هئي."

هڪ مريض ان ڪيفيت ۽ وقت جي باري ۾ اسان کي هيٺين ڇاڻ ڏني آهي:

"مون کي ياد آهي تہ مون کي ڦيٽن واري ڪرسي تي ويهاري آپريشن جي ڪمري ۾ آندو ويو هو ۽ منهنجي لاءِ ايندڙ ڪجهہ ڪلاڪ نهايت نازڪ هئا. ان

آپريشن دوران مون کي ڪافي دفعا پنهنجي جسماني بدن مان نڪري وڃڻ جو احساس پئي ٿيو ۽ مون کي پنهنجو جسم آپريشن ٽيبل تي پيل صاف نظر پئي آيو. پر ان وقت آئون هڪ بادل جي روپ ۾ هئس جنهن کي ڪا مادي شڪل ڪا نه هئي. انهيءَ روحاني وجود کي اصلي معنيٰ ۾ بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ڪو نه آهن. آئون رڳو ايئن چئي سگهان ٿي ته منهنجو روحاني جسم شفاف قسم جو هو جنهن جي آرپار ڏسي سگهجيو پئي. ان روحاني جسم کي منهنجي انساني بدن وانگر مختلف عضوا پڻ هئا."

هن ڪيفيت جي باري ۾ هڪ عورت اهو ٻڌايو آهي ته اهو روح منهنجي انساني جسم جي هوبهو نقل هو. جيتوڻيڪ فرق صرف اهو هو ته آئون هن روحاني جسم واري حالت ۾ بلڪل بي وزن هئس. هڪ ٻي مريضہ جنهن جي روح ڇت وٽان بيٺي ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي پنهنجي لاش مٿان زنده ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل ڏٺو هو، سا ٻڌائي ٿي ته "منهنجو روح ان وقت هڪ جسم جي روپ ۾ هو. مون مٿان ڪين ڏٺو پئي. مون پنهنجي (روح جي) هڪ ٽنگ کي لوڏيو ۽ مون کي پنهنجي اها ڇنگهه ٻي ٽنگ کان ڪجهه وڌيڪ گرم لڳي هئي."

موت جي انهي عارضي ڪيفيت ۾ انهن موت جي مشاهدي وارن مريضن اها ڳالهه به محسوس ڪئي آهي ته ان ڪيفيت کي هڪ دفعو قبول ڪرڻ ڪانپوءِ سندن سوچ جي شڪتي ۽ اونهائي وڌيڪ گهري ۽ ترت ٿي وڃي ٿي.جڏهن ته زنده هجڻ واري حالت ۾ سندن دماغ ايترو تيزيءَ سان ۽ اهڙيءَ سمجهه سان ڪڏهن به ڪو نه سوچي ٿو. هڪ اهڙو مريض پنهنجي عارضي موت واريءَ ڪيفيت کي هيٺين ريت بيان ڪري ٿو:

"دنيا ۾ جيڪي ڳالهيون مون لاءِ سوچڻ ممڪن نه هيون يا لڪل هيون سي هتي مون مٿان هن ڪيفيت ۾ عيان ٿي ويون هيون.منهنجي سوچ انتهائي چٽي ٿي وئي هئي. مون جنهن به شيءَ تي نظر وڌي ٿي منهنجي سوچ ان شيءَ جي تهه تائين پهچي وئي ٿي. ورنه اڳ زنده هئڻ جي حالت ۾ مون کي شين جي تهه تائين پهچڻ لاءِ گهڻائي دفعا تمام گهڻو غور فڪر ڪرڻو پوندو هو."

انهيءَ ڪيفيت ۾ روحن کي ڪنهن گرمي يا سردي جو به احساس نه پئي ٿيو. اهي روح انهن شين کان بالاتر هئا. باقي پنهنجن ماڻهن کي ڏسي هنن کي اندروني طرح گرمجوشي جو احساس ضرور اپريو ٿي. انهن مريضن کي انهيءَ موت جي مشاهدي دوران ڪنهن خوشبوءِ يا بدبوءِ جو به احساس نه پئي ٿيو، جيئن حقيقي زندگيءَ ۾ ٿيندو آهي. جڏهن ته ٻئي طرح انسان جي حواسن وانگر روحن جون ڏسڻ ۽ ٻڌڻ واريون صلاحيتون قائم هيون. گهڻن مريضن ته انهن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارين انساني صلاحيتن ۾ واڌارو به محسوس ڪيو هو. هڪ مريض جي ان ڪيفيت دوران نظر جي وسعت ايتري ته بلند ٿي وئي هئي جو بقول هن جي، "مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته منهنجي نظر ايترو ڏور تائين ڪيئن ٿي ڪم ڪري

سگهي؟" هڪ مريض ان ڪيفيت لاءِ ٻڌايو آهي ته "لڳي ٿو ته روحاني جسم واري حالت ۾ حواسن مٿان ڪا حد جي پابندي نه آهي ڇاڪاڻ جو مون جيڏانهن به ڏسڻ چاهيو پئي نهايت ئي چٽي ريت ڏسي سگهيس ٿي."

هڪ ٻي مريض جنهن جو عارضي موت موٽر جي هڪ حادثي وگهي ٿيو هو، انهيءَ ڪيفيت کي هيٺين واڙو ڪندڙ لفظن ۾ بيان ڪري ٿي:

"آئون مئل حالت ۾ ايمبولينس منجهه پيل هئس. مون ڏٺو ته چوڌاري گهما گهمي مچيل هئي .ماڻهو ايمبولينس جي چوڌاري ڊوڙيا پئي. مون جنهن مٽ ماٽ لاءِ به سوچيو پئي ته هو هن ويل ڇا ڪندو هوندو ته خدا ڄاڻي آئون ڪيئن اوچتو وڃي سندس سامهون بيٺس ٿي. لڳو ٿي مون وٽ ڪئميرا وانگر زوم شيشو (Zoom Lense) لڳل هو ۽ مون جنهن جي باري ۾ سوچيو ٿي تنهن سان زوم شيشي وانگر ويجهو پهچي ٿي ويس. مونکي ايئن پئي لڳو ته اهو منهنجي شعور جو حصو هو جيڪو منهنجي مٿن مائٽن جي باري ۾ سوچڻ تي انهن وٽ پهچي ويو ٿي ۽ منهنجو روح اتي ئي پنهنجي لاش جي پرسان جيئن جو تيئن بيٺو هو. مون پنهنجي جنهن به مٽ مائٽ لاءِ سوچيو پئي، پوءِ اهو چاهي منهنجي پرسان نه پر تمام پري هجي، تنهن هوندي به خبر ناهي آئون سندس آڏو ڪيئن ٿي پهچي ويس. مون کي ان وقت اهو احساس پئي ٿيو ته جيڪڏهن آئون هن وقت دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ وڃڻ لاءِ خيال ڪندس ته آئون يڪدم ان جاءِ تي پهچي ويندس."

موت جي ڪيفيت ۾ ءِٻڌڻ" جو لفظ صرف اسان هتي سمجهائڻ لاءِ ڪتب آندو آهي ورنه روحن (روحاني جسمن) پنهنجي ان ڪيفيت ۾ مادي آواز وغيره ڪو نه پئي ٻڌا. ان جي بجاءِ انهن روحن پنهنجي چوڌاري موجود ماڻهن جا رڳو خيال پئي جهٽيا ۽ پڙهيا. هڪ مريض هن ڪيفيت بابت اسان کي هيٺين ريت ٻڌائي ٿي:

"آئون پنهنجي چوڌاري ماڻهن کي ڏسي ۽ سندس چيل ڳالهين کي سمجهي به سگهيس پئي. جيتوڻيڪ آئون انهن جي آوازن کي ان مادي طرح نه پئي ٻڌي سگهيس جيئن آئون زنده حالت ۾ ماڻهن جا آواز ٻڌندي هئس. ان وقت رڳو اهو هو ته مون کي صاف صاف ڄاڻ پئي ٿي ته فلاڻو ڇا سوچي رهيو هو. پر اها ڄاڻ صرف خيالن جي ذريعي مڪن هئي. انهي ڄاڻ جو ڪو به ٻڌندڙ آواز نه هو. انهن ماڻهن جي ڳالهائڻ جي مقصد لاءِ منهن کولڻ کان پهرين ئي مون کي خبر پئجي وئي ٿي ته اهو ماڻهو هاڻ ڇا ڳالهه ڪندو؟"

انهيءَ ڪيفيت ۾ هڪ وڏيڪ حيران ڪندر اها ڳالهه به ظاهر ٿي ته جن واقعن ۾ حادثن ڪري ماڻهن پنهنجا هٿ پير يا جسم جا ٻيا نظر ايندڙ عضوا وڃايا هئا تن جا ساڳيا عضوا روحاني جسم واري حالت ۾ صحيح سلامت موجود هئا. مادي طرح انهن عضون جو ضايع ٿيڻ ان روحاني جسم واري حالت ۾ انهن عضون کي ڪو به نقصان نه پهچايو هو. هڪ اهڙي واقعي ۾ هڪ مريض جون ڇنگهون ڪٽجي ويون هيون ۽ سندس عارضي طبي موت واقع

ٿي ويو هو. هن جي روحاني جسم کي سندس ڇنگهن جي ضايع ٿيڻ جو پتو هو ڇو ته روح ان وقت پنهنجي جسماني بدن (لاش) جي مٿان بيٺو ان کي ڏسي رهيو هو پر پوءِ به هن جو روح پنهنجي مڪمل شڪل ۾ هو يعني ان روحاني جسم واري حالت ۾ سندس ٻئي ڇنگهون برقرار هيون. هي مرض ان ڪيفيت کي هيٺين ريت بيان ڪري ٿو:

"آئون پنهنجي روحاني جسم کي ڏسي رهيو هوس ۽ اهو مڪمل حالت ۾ هو. ان جون ٻئي ڇنگهون قائم هيون. مون کي ڄاڻ هئي ته منهنجو جسم پورو هو ۽ مون محسوس ڪيو ته آئون مڪمل طور تي روحاني جسم واري حالت ۾ موجود هئس. جيتوڻيڪ منهنجي لاش جي صورت ۾ پيل جسماني بدن ٻڌايو پئي ته حقيقت ۾ ايئن نه هو ۽ منهنجون ڇنگهون وڍيل هيون."

جيئن مٿي ٻڌائي آيا اهيون ته ان روحاني جسم واري حالت ۾ ماڻهو پنهنجي اردگرد جي ماحول کان ڪٽجيل هوندو آهي ڇو ته جيتوڻيڪ هي ٻين ماڻهن کي ڏسي سگهي ٿو ۽ سندن خيالن پڙهڻ تي به قادر آهي پر تنهن هوندي به زنده دنيا جا انسان هن کي نه ڏسي سگهجن ٿا ۽ نه ٻڌي سگهجن ٿا.روحاني جسم واري حالت ۾ هن جو رابطو مادي دنيا کان بالڪل ڪٽيل هوندو آهي. هي روحاني جسم ڪنهن به مادي شيءَ کي ڇهي نه ٿو سگهي ڇاڪاڻ جو هي هينئر ڏاڍائيءَ جي صلاحيت کان محروم آهي ۽ هڪ لطيف ۽ شفاف شڪل ۾ موجود آهي. ان ڪيفيت کي محسوس ڪندي هي روحَ پنهنجو پاڻ کي انتهائي اڪيلو محسوس ڪن ٿا. ڇاڪاڻ جو ان وقت اهي نه ڪنهن سان ڳالهائي سگهن ٿا ۽ نه ڪو انهن کي ٻڌي سگهي ٿو ۽ نه وري ڪو هو ڪنهن مادي شيءَ کي ڇهي سگهن ٿا. هڪ مريض اهو ٻڌايو ته هو ان روحاني جسم واري حالت ۾ اسپتال ۾ موجود ڊاڪٽرن ۽ نرسن ۽ ٻين موجود ماڻهن کي ڏسي ۽ ٻڌي سگهيو ٿي پر ڪنهن سان به رابطو ڪرڻ هن لا ممڪن نه رهيو. ان صورتحال ۾ هن جي دل لهي وئي هئي ۽ هن پنهنجو پاڻ کي نهايت ئي اڪيلو محسوس ڪيو هو. هن مريض جي واتان ان اڪيلائي واري ڪيفيت جي باري ۾ ٻڌو:

"آئون هن روح واري ڪيفيت ۾ جيڪي لڳاءِ پسي رهيو هوس سي نهايت ئي خوبصورت ۽ دلفريب هئا پر آئون انهن لڳائن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان. مون اهو چاهيو پئي ته ٻيا ماڻهو (زنده) به منهنجي ان خوبصورتي پسڻ واري ڪيفيت ۾ ڀاڳي ڀائيوار ٿين. پر آئون ڪا به ڳالهه انهن ماڻهن کي ٻڌائڻ کان لاچار هئس ڇاڪاڻ جو انهيءَ ڪيفيت کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ انساني وس کان ٻاهر آهي. آئون پنهنجو پاڻ کي وياڪل وياڪل محسوس ڪرڻ لڳو هوس ۽ گهري مايوسي منهنجي مٿان گهر ڪري وئي هئي."

هڪ ٻيو مريض انهي ڳالهه کي هيٺين ريت بيان ڪري ٿو:

"آئون ان ڳالهه کان لاچار هئس ته ڪنهن شيءَ کي ڇهي سگهان يا ڪنهن

زنده انسان سان لهه وڃڻ ۾ اچي سگهان. انهيءَ لاچاريءَ مون کي نهايت اڪيلائيءَ جي احساس ۾ ويڙهي ڇڏيو هو. انهي شديد قسم جي هيڪلائپ جي احساس کي آئون لفظن ۾ ٻڌائي نه ٿو سگهان."

هڪ ٻئي مريض جي ڳالهه کي ٻڌو:

"آئون سخت حيرت ۾ هئس. مون کي يقين ئي نه پئي آيو ته اهو سڀ ڪجهه مون سان وهي واپرائجي رهيو هو. مون ان وقت ڪنهن به پيچتاءُ واري حالت کي محسوس نه پئي ڪيو جيئن ماڻهو ان حالت کي لفظن ۾ هيئن بيان ڪري چوندا آهن:

"اوه منهنجا رب، مون سان هي ڇا ويڌن ٿي رهي آهي ۽ ڇا آئون واقعي مري چڪو آهيان. اهڙي قسم جي ڪا به سوچ منهنجي اندر ۾ نه پئي ايري. آئون ان وقت صرف شديد اڪيلائيءَ جي احساس هيٺ هئس. آئون ڇڻ ڪو سيلائي هجان ۽ اهڙي ڪنهن جڳهه تي گهمڻ لاءِ پهتو هجان جتي منهنجو ڪو به سڃاڻپ وارو انسان نه هجي. ائين پئي لڳو ڇڻ منهنجي هر مٿي مائٽي ۽ رشتو مون کان منقطع ٿي ويو هو. ان وقت هر شيءَ مون کي عجيب پئي لڳي. خبر ناهي ان جو ڪارڻ ڇا هو؟"

روحاني جسم جي اها اڪيلائيءَ واري ڪيفيت جلد ئي ختم ٿي وڃي ٿي. جڏهن هو انهيءَ موت جي مشاهدي ۾ ڪجهه وڌيڪ گهرو گهڙي ٿو. هڪ منزل تي ڪجهه "ٻيا" وجود به هن سان اچي ملن ٿا جيڪي هن جي انهيءَ تبديلي ۾ مدد ڏيڻ جا خواهان آهن. اهي ٻيا وجود گهڻو ڪري ان موت جو مشاهدو ڪندڙ ماڻهوءَ جي مئل مٽن مائٽن ۽ عزيزن جا روح آهن، جن کي اهو مريض پنهنجي زنده هجڻ واري حالت ۾ سڃاڻندو هو. انهي جاءِ تي ان روحاني جسم کي ڪو "ٻيو" به ملي ٿو جيڪو سندس ڪنهن مئل عزيز يا مٽ مائٽ جو روح نه آهي پر ان وقت اهو هن مريض جي روح جي مدد ڪرڻ لاءِ پهتل آهي.

(باقي آئنده مهيني پڙهندا)

شيديءَ جو قصو

"گورن ماڻهن جي ڏيهه ۾هڪڙي ماڻهوءَ کو شيدي ڪڏو، تنهن کي ڏسي ڀانيائين، ته هيءُ جنهن وٽ اڳي هو، تنهن جي بيپرواهيءَ کان هن جي بت تي مَرُ چڙهي ويئي آهي، سان اها مرهوند ڏوئي ڇڏجيس، ته جيڪر گورو تي پوي. پوءِ هن کي هڪڙيءَ وڏي پاٽ ۾ ڪٽي وهاريائين ۽ گهڻو خرچ ڪري صابڻ ۽ڪار ۽ مُيون ۽ مزور گهرائي ورتائين ۽ انهن منجهوئن هڪڙو ڇڻو ڪار ۽ صابڻ بت کي مهٽڻ لڳس، ٻيو مٽي تي پاڻيءَ جي سنهين سنهين لاٽ وجهندو ويس ۽ به ڇٽا مُيون ڪٽي اچي بت کي ملڻ بيٺس. صبح کان وٺي سانجهيءَ سوڌو واري وٺيءَ تي ائين ڪيائون، پر اهو سندن ڪشالو اجايو ويو. نيٺ ماڻهو تڪجي پيا ۽ اهو شيدي تڏ جي وگهي مري ويو.

نصيحت: جڏهن ڪا ڳالهه ٿيٽي نه آهي، تڏهن انهيءَ ۾ ڪشالو ڪرڻ اجايا مٿا هڻڻا آهي ۽ هٿن ۾ لڦون وجهڻيون آهن، ۽ جا هاج پٽيءَ ٿيڻ جي نه آهي، سان مٽن هڻڻ سان به ڪين ٿيندي. جيئن ته چوندا آهن، "ڪويلا ڪدي نه اُجري، جي سؤ مڻ صابڻ لاءِ".

غزل

صادق لاشاري

هو جا هلي آئي مرڪي ڏنو مون
ختم ٿئي جدائي مرڪي ڏنو مون

روڪڻ باوجود ملي ويا سين اسان
پرين ڪئي سچائي مرڪي ڏنو مون

تنهنجي ملڻ سان ورهين بعد اڄ
ساهه کي ملي سرهائي مرڪي ڏنو مون

هن جي اچڻ سان منهنجي جڏهن
دور ٿي تنهائي مرڪي ڏنو مون

پرين جي هٿ جي لکيل مون وٽ
چٺي قاصد پڄائي مرڪي ڏنو مون

وڏي عرصي ڪانپوءِ مون کي جو ملي
درد ڪان رهائي مرڪي ڏنو مون

ڏکن ۾ روڪوڙجي ويو هيم "صادق"
مولا ڪئي سٺائي مرڪي ڏنو مون

غزل

صادق لاشاري

قرب ڏيندس اکين سان
خدمت ڪندس اکين سان

پهريان تون اچ پوءِ
مان ايندس اکين سان

ڏک ڏيندين تہ اهي بہ
وٺي رکندس اکين سان

تنهنجا ٻئي هٿ وٺي
مان چمندس اکين سان

حاضر سائين شام تو وٽ
اچي پهچندس اکين سان

لڙڪن کي لڪائي هن سان
مرڪي ملندس اکين سان

هر گهڙي هر وقت ساٿ هن جو
ڏيندو رهندس اکين سان

زهر کٽي ڏيندو "صادق"
اهو بہ پيئندس اکين سان

نظم

علي جنيسر

تون چئ بہ ڪٿي .او هرڻ اکي،
هن راتين کي، برساتين کي
ٻک پائيندي، جڪ ڪائيندي،
ويرانيءَ جي ڪنهن مارڳ ۾،
جهٽ ڪن ڪوئي سنان ڪجي،
ويراڳ ڪجي، ڪوگيان ڪجي،
هر مورت کي پگوان جيان،
رتبو بہ ڏجي، سجدو بہ ڪجي،
۽ يادن جي صلوات پڙهي،
مَنُ ريجهائي سگهجي بہ ڪيئن!؟،
دل تانگهہ ،هندوري ۾ لڏندي،
ڪنهن سائنڻ جان ٿهڪي تہ نہ ٿي!.
هر وات رلي ٽڪجي تہ نٿي!،
او ڪاڇيلي، او ڪاڇيلي،
رُت ايندي ڪڏهن رابيلي،
من جيون- ٽاريءَ ٽاريءَ جو
هر پتو پتو پيار بڻي،
هن ڪوڙي قصي جيون کي
ڪنهن معنيٰ سان منظوم ڪرين،
۽ هارين رنگ حجابن جا،
۽ ارپين ڳل - گلابن جا،
هي مهتابي مدهوش اکيون
مئ ساغر ۾ نڙ ڳائيندي،
ڪي جواب جوانيءَ جي مند جا،
تون پيٽن ۾ اٽڪائين جي،
تون ڦلين جي ڦلهار سندءِ
ڪا ڏوپ بدن کي مهٽيندي،
تون وجهان خوشبو شهر ڪري،
۽ وجهان هولي رنگ پري.

غزل

علي عاجز شر

حويلين ۾ ستيون ٽيون روئن
گهر جا بلب بتيون ٽيون روئن
پير جي قبر تي پيل پڙ ڏسي
ڪپڙن تي لڳل چتيون ٽيون روئن
اڄ عيد جي ڏينهن بہ سڏڪا ڀري
دليون درد وتيون ٽيون روئن
بٽئي تي هاري موٽيو خالي گهر
اهڙا حصا ۽ پتيون ٽيون روئن
سنڌ امڙ بہ سڏڪا ڀري تي "عاجز"
۽ فلسطين عراق جون ڌرتيون ٽيون روئن

آزاد نظم

سيدسنجهاسنڌ

ناچڻيءَ جي پيرن ۾ سڏڪندڙ پايل،
اداس من کي ڪري ٿي گهايل،
اسان جي مرڪن تي سڏڪن جا پاڇا،
ستمگر زماني ڪيو ناهي ڇا ڇا،
اسان جي ڳلن تي لڙڪن لارون،
۽ انهن جي چپن تي مرڪن قطارون،
رنگين چوڙين جي مايوس جهنڪار،
ڪنوارين اکين ۾ نماڻا خواب،
اوجاڳيل نيڻ نند جون خواهشون،
روڳي من ۾ اڻ پوريون آسون،
وڻ جي ٽاريءَ ۾ ڪومايل گلاب،
خزائن جي موسم سان ڪهڙو حساب.

هائيڪو

ذوالفقار ٽالپر

وڃ مُڙي
سچ جا دشمن
لڳندئي ڪڙي.

گهٽو هئس ناٿو
ننڍي ڇوڪري پرٽيو
سيٽ هڪ ڪاٽو.

همت نہ هار
اجا يون سوچون ادا
ڏکي ڪرڏار.

همت نہ هار
جذبا رک جوان
ٿي نہ لاچار.

همت نہ هار
موتي هٿ مڙس لئہ
آهي وڏي گار.

همت نہ هار
دشمن دسي ميان
واڳ وري وار.

غزل

ثمرن سومرو

اسين ڏس ڪيئن گذاريون پيا ٿيا،
پل پل توکي ئي ساريون پيا ٿيا.
ڇاٽان پئي تون اچڻو ناهين،
مگر پوءِ بہ هر پل واٽ نهاريون پيا ٿيا.
اسان لاءِ سهارو سگهارو تنهنجو
ياد ان ۾ گهاريون پيا ٿيا.
ڪهڙو آ هي جيون هي جيون پرين،
پاڻ ماري مڙئي جياريون پيا ٿيا.
دل چئي توکي ڏسان سامهون،
اڃان دل جي خواهش کي ٽاريون پيا ٿيا
تون اسان کي ياد آ هر گهڙي،
هڪ پل بہ نہ توکي وساريون پيا ٿيا.

غزل

مايا ساگر اوڏ

ڪاغذي تنهنجو بدن، چپ قلم بڻجن پيا
ايئن نينهن پنهنجي تي گيت سرجن پيا
چنڊ جو ناهي قصور تي گول ڦري ڌرتي
رنگ چاهتن جا روح ۾ رچن پيا
ڪنهن ڏک ڏئي مون کي گهاو رسايا
ڪنهنجي وري پيار سان زخم چٽن پيا
نيٺن جي ورقن ۾ درد جون ڪهاڻيون
سڏڪي پيا سي سانورا جيڪي پڙهن پيا
قلم ۽ ڪاغذ ڪسي راڪاس رت روئاڙيو
ڪي عشق تي ويساه رکي گيت چون پيا
رات ۾ ڪئي آ ننڊ ڪئي منهنجي نيٺن
چمي چپڙا ۽ اجريون چاهتون نہ ڏاپن پيا
تون رهبر راڻا من جي هر ارمان جو.
" مايا" وري درشن لئہ قدم وڌن پيا

غــزل

ايم نديم شيخ

چنڊ ستارا جاڳي پيا ها.
ننڊ مان جاڳي پيا ها.

هو جو چمن مان گذريو هو چڻ،
سڀ هي نظارا جاڳي پيا ها.

در جي اوٽ مان ليئا پائي،
هن جا اشارا جاڳي پيا ها.

وار ٻڌل جو جڏهن ڳهن چوڙيا،
بادل ڪارا جاڳي پيا ها.

هن جو چوڙين ساز وڳو هو،
جذبا سارا جاڳي پيا ها.

ڳهن جي خواب تي چرڪ پري چو،
نيڻ مون وارا جاڳي پيا ها.

غــزل

فراق هاليپوٽو

ڪري بارش جهڙيون ڳالهيون اسان کي تو ڀڄايو آهي.
صدين جي اڄ تو لاتي ايئن سيني سمايو آهي.

ڏگها پاڇا سنيدن جا ٿيا جيئن شام جي ويلي،
تصور ۾ پرين تنهنجو اسان کي ڳوٺ آيو آهي.

ڏگڻ جو چنڊ گواه آهي توکي ساري ستا ناهيون،
اگڻ ۾ تون ستل آهين اسان کي چنڊ ٻڌايو آهي.

جڏهن کان ذات ديوي آ اسان کي پاڪرين پريو،
فقط پوءِ سنڌ ۽ تولئ قلم جو سر جهڪايو آهي.

تکي هن اس ۾ ڄانان اوهان جو ڳوٺ رم جهم آ،
اوهان جا زلف هن بادل اسان جو من اڃايو آهي.

پيو مقتل آهي مهڪي مياڻي جي گلابن جيئن،
شايد ڌرتي ۽ جي سڏ تي اڄ وري ڪنهن ڪنڌ ڪپايو آهي.

وڃڻ جي ويل مرڪي جو چيو هيئي هن چري دل کي،
پٽائي جي ته بيتن جيان اهو ڪٽ دل پرايو آهي.

ٽکي پئو تون اڙي شاعر چڱي ناهي هيءَ رولاڪي،
اندر جي بيچينيءَ توکي ايڏو ڇا لئ رلايو آهي.

غــزل

غلام نبي ناشاد

وري دل ۾ دردن جو دهڪو ٿيو آ
نئين خيال ۾ پيدا ڪٽڪو ٿيو آ.

ڪري ظلم جا ڪوٽ پوندا سگهوئي
اَٿيو شهر جاڳي پنيرڪو ٿيو آ.

پرين پنڌ ۾ هو ،پڇڻ وارو هوندو
ڏسو در تي ڇا لاءِ ڪڙڪو ٿيو آ.

ڪڪر درد جا نيٺ واپس وري ويا
پرين آيو "ناشاد" تڙڪو ٿيو آ.

غزل

آصف علي لغاري

سمنڊ ڪناري ويٺو آهين
پاڻ سنواري ويٺو آهين.

لهرن آڏو زلف وکيري
نيڻ اڏاري ويٺو آهين

توکي ڪنهن سان پيٽ ڏيان مان؟
پانهن سهاري ويٺو آهين.

ڪهڙا جام جان جانان!
مون کي پياري ويٺو آهين.

پاڻ هليو ويئي ڏور پرين
عاشق ڳاري ويٺو آهين.

غزل

منور ملاح

تومان ڪو وشواس اچي پيو
اندر مان احساس اچي پيو

ريت زماني ناهي بدلي
عشق لاءِ ٽياس اچي پيو

هن دردن ۾ ڪجهه نه ملي ٿو
هٿ ۾ پنهنجو ماس اچي پيو

پرتي ناهين ساجن مونکان
رت مان تنهنجو واس اچي پيو

روڪي سگهندو ڪونه منور
پنوڙ ڇهي آڪاس اچي پيو.

گيت

عاشق علي ڳاهو

يقين آهي مون کي،
ٽڙي ڦول پوندا ڪيئي سرحدن تي
ويندیون حاوي ٿي محبتون نفرتن تي
يقين آهي مون کي،
هونديون روز عيدون ۽ هونديون ڏياريون
نه مرنديون ايئن تڙپي هرٽيون اجاريون
نه ٿيندو ڪو ڪارو نه ٿيندیون کي ڪاريون
يقين آهي مون کي،
تہ بارود بم ۽ بندوقون نہ ٿهنديون
ها ڪنهن جي بہ من ۾ ارادا سيون نہ رهنديون
يقين آهي مون کي،
تہ ٽاٽن جي هڪ ڏينهن ضرورت نہ پوندي
ڪو قيدي نہ ٿيندو ڪا باندي نہ ٿيندي
نہ رهندي نہ رهندي لاچاري نہ رهندي
يقين آهي مون کي.
يقين آهي مون کي.

غزل

حبيب الرحمان لغاري

مون پارا رُنا
پرين چارا رُنا

پئي لوڪ مُرڪيو
هو ويچارا رُنا

خزان ۾ سڪيءَ
سڀ نظارا رُنا

سسڪيون ۽ سڏڪا
درد وارا رُنا

شخص هڪڙي ڪري
اڄ پيارا رُنا

ڪونہ آئين پرين
تولئہ سارا رُنا

غزل

امين پٽو

ڍنڍ تي ڪنول سُتل آهي
روح ۾ ايئن غزل سُتل آهي

سنڌ جا ڳوٺ ئي ڍهن ٿا ڇو؟
ڇو نسل در نسل سُتل آهي.

پاڻمون سان پئي سڪي جاڳي
هن جي اک ۾ ڪجل ستل آهي
وار خوشبو ڪري اٽس ڇڏيا
ڏس نشي ۾ بڪل ستل آهي

ننڍ کي ننڍ آ ڪٽي هاڻي
ڪون هڪڙو بہ پل ستل آهي

چند ايري ويو لهي جانان
ها اجا ڀي جبل ستل آهي

ماڪ ۾ گل ويا ڀڄي سارا
سبز هڪ در تي ول ستل آهي

چيٽ جي مند ۾ اجايل من
ڳوٺ سان گڏ فصل ستل آهي

روح جي هو "امين" هندوري ۾
هر گهڙي هر مهل ستل آهي

چئوسٽا

رضا عباسي

سڀ ماڻهو پرجوش هجن، اهو ممڪن ناهي.
سڀ ماڻهو مڌهوش هجن. اهو ممڪن ناهي.
ڏک، سک تہ هر ڪنهن لاءِ جڙيا آهن،
سڀ ماڻهو خوش هجن، اهو ممڪن ناهي.

☆☆☆

منهنجي قبر تي گل نہ،
منهنجي قبر تي قل نہ.
زندگي جو ستايل آهيان آئون،
منهنجي قبر تي هل نہ.

گيت

رحيم داد جوگي

واهيري جي ويل
آءُ اجان پنڌ!
رات ڀيرن جي مٿان
ستارن جا ڪيل
آءُ اجان پنڌ!
وڇوڙي جي روڍ تي
ڏيئا ٻرن هيل
آءُ اجان پنڌ!
اجهو سج اڀريو
ڪري تيل ڦليل
آءُ اجان پنڌ!
آءُ اجان پنڌ!

غــزل

ارباب علي چوهاڻ

زندگاني گلاب بنجي وئي
محبتي هڪ نصاب بڻجي ويئي
چاهتن جي چمن ۾ ٽڙيا گل
زندگي ماهتاب بڻجي ويئي
هر گهڙي کل خوشي ٿهڪ بخشي
سونهن جو انتخاب بڻجي ويئي
ڪم رفاهي سماج ۾ ڏسندي
پاڻ خود انقلاب بنجي ويئي
هر عمل هن جو بيمثالي آ
هيءَ تڏهن لاجواب بڻجي ويئي
هر دکي دل جي ڪم اچي جڳ ۾
هر قدم تي ثواب بڻجي ويئي
چوءطرف تذڪرو سندس "عادل"
هر جڳهه ڪامياب بڻجي ويئي

غــزل

مير محمد نوتڪاڻي

رهي نفرت سدا جنهن ۾ اها پوءِ دل ئي ڪهڙي آ
ڏسو يارو اوهان محبت رهي اڃڪلهه ئي ڪهڙي آ

جيئن آزاد آ پنڇي ايئن آزاد هر ڪو آ
بنا باغن بڻي باندي اها بلبل ئي ڪهڙي آ

پرين جي پيار جي خوشبوءِ رهي جنهن ۾ نه آ باقي
مٿا محبوب منهنجا پوا اها محفل ئي ڪهڙي رهي آ

نه ئي ڪي سوز جا سرندا نه ئي ڪو چير جو چمڪو
پرين تنهنجي پيرن ۾ اها پايل ئي ڪهڙي آ

هيو جن ساه ۾ سانديو وياسي دور ٿي دلبر
مٿا هن "مير محمد" کان پلاٽي پل ئي ڪهڙي آ

نثري نظم

ايس وديا ڪاظمي

زندگي ايئن گذري وڃي
مان تنهنجي اکين ۾، تون منهنجي اکين ۾
تنهنجا قدم منهنجا قدم رڪجي وڃن
هڪ بئي جي جستجو ۾.

زندگي ايئن گذري وڃي
تنهنجي چاهڻ ۾، منهنجي اظهار ۾
نه ئي ڪو غم هجي، نه ئي ڪا خوشي هجي
تون منهنجو هجين، مان تنهنجي هجان.

زندگي ايئن گذري وڃي
هٿ دعا لاءِ ڪڇن، دعا اگهامجي وڃي
تصور ڪريون ، حقيقت بڻجي وڃي
زندگي ايئن ئي گذري ويئي
تي وڃي هڪ بئي جي نانءُ
هڪ بئي جي اربن
اڃ جانان چنڊ کي گواهه ٺاهي
هڪ بئي جا همسفر سدا لاءِ بنجي وڃون
هڪ خواب آ جيڪر ساڻيان ٿي پوي
زندگي ايئن گذري وڃي.
زندگي ايئن گذري وڃي.

☆ ☆ ☆

غــزل —— علي عاجز شر

وڏيرن اڳيان ٻانهون ٻڌڻ اسان سکيا ئي ناهيون!
سر بچائڻ خاطر حق تان هٽڻ اسان سکيا ئي ناهيون!
سرڪار جي حق يا ڪنهن سياسي سيٽ جي ساراناهيون!
ڪو غزل، گيت، نظم لکڻ. اسان سکيا ئي ناهيون.
سنڌ جي نقشي کي اکين تي رکي چمنداسين هزار پيرا
پر ڪنهن پير جي قبر کي چمڻ اسان سکيا ئي ناهيون.
پلي سِرَ وجي سنڌ امڙ لاءِ پر سودا نہ ڪنداسين.
دنيا جي دولت تي هِرڪڻ اسان سکيائي ناهيون.
ضمير جي چوڻ تي لوهي شيخن جي پويان وياسي تہ چاهي،
گدڙ وانگر جڳ ۾ جيئڻ اسان سکيا ئي ناهيون.
اسان ويندا آهيون سنڌ سپوتن جي اڳڻ تي،
وڏيرن جي وچ ۾ ويهڻ اسان سکيا ئي ناهيون.
سياڻا سچ چون ٿا تہ پرڪڻ سان پيار گهٽجي ويندو آ.
پيار ۾پرين پيارن کي پرڪڻ اسان سکيا ئي ناهيون

غــزل —— ذوالفقار گاڏهي

ائٽم بم سان راند ڪري ٿو،ها اڄ جو انسان هي آ، هوش عقل کان خالي،هي آ خان خان پرند چرند جو ساه مٽ. ۾جهليون ويٺو آ هي پنهنجي هٿ وس ٿو چاهي،هر هڪ جنس جي جان انس کي اُنس رهيو ڪٽ آهي ،غرض جو آه غلام ٻئي جو عرض ٻڌڻ کان عاجز،ڪيڏو آ ٻلوان پٽڪا،ٽوپيون هن بغلن .،سڀ جي پويان ٻچ هن ڀاڄڙ ۾ سڀ کان هيٺيون قومون هن حيران قبضاگيرن هن ماڻهن کي بک بيماريون بڇيون هڪڙن کي هڪڙيون بيماريون .هڪڙن کي يرقان هڪڙن جا هٽ- پٽير ٻڌل ۽ هڪڙن جا ڪنڌ ڪاٺ آن ۽ نان جي ڳالهہ ڪئي جنهن،ڪيس ڏين زندان" " ڏلف!" اسان کي پيار جي بدلي پيار ٿو گهرجي بس پيار تي بين پيل هي ڪارو.ڪير مجي فرمان؟!

ٿڪ ٽائيم

هڪ زال ۽ مڙس جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه بند ٿي ويئي. مڙس کي ٻئي ڏينهن تي صبح سويرآفيس وڃڻو هو.

هن هڪ چٺيءَ تي لکيو. "صبح مون کي سوير ڇهه وڳي تائين اتاري ڇڏجان." ۽ اها چٺي زال جي وهاڻي جي هينان رکي ڇڏي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سندس اک کلي تہ ڪو ٿي چڪا هئا. هن زال کي ڪاوڙ مان ڏٺو. زال پنهنجي کل تي ڪنٽرول ڪندي مڙس جي وهاڻي طرف اشارو ڪيو تہ مڙس کي پنهنجي وهاڻي جي هيٺ پنهنجي زال جي چٺي ملي.ان ۾ لکيل هو، "ڇهه ٿيا آهن، هاڻي اٿي وڃو."

☆☆☆

هڪ عورت اسپتال جي ڏاڪٽن تي هڪ ٻار کي جنم ڏنو ۽ هو ان ڳالهه تان ڏاڍي شرمسار ۽ لڄ محسوس ڪري رهي هئي. نرس کيس تسلي ڏيندي چيو، "۽ ان ۾لڄي ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. ڪجهه سال پهرين بہ هڪ عورت اسپتال جي پارڪنگ ايريا ۾ هڪ ٻار کي ڇڏيو هو".عورت اهو ٻڌي وڏيڪ روئڻهارکي ٿي وئي ۽ چوڻ لڳي، "ماڻهن کي اجا تائين ياد آهي تہ اها مان ئي هئس."

☆☆☆

هڪ صاحب مارڪيٽ ۾پنهنجي دوست کي ڏسي چوڻ لڳو، "يار! منهنجي ڪا مدد ڪر، مان خريداري ڪري چڪو آهيان. ٻٽون گهر وساري آيو آهيان. ڪجهه پئسا قرض ڏي."

"قرض ڇو؟" دوست خلوص سان چيس، "دوست ئي دوست جي ڪم ايندو آهي. هي وٺ ٻہ رپيا، ويگن ذريعي گهر وڃ ۽ ٻٽون کڻي اچي."

☆☆☆

ڏيءَ: "امان، اڄ مهمان اچن پيا ڇا؟"

ماءُ: "ها ڏيءَ، پر توکي ڪيئن خبر پئي."

ڏيءَ: "ان لاءِ تہ اڄ ٻوڙ ۾ مرچ گهٽا پيل آهن."

☆☆☆

هڪ صاحب شاديءَ جي خلاف هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن ثابت ڪيو تہ شادي موجوده دور جي سڀ کان وڏي لعنت آهي. هن جي دوست هن کان پڇيو، "ان مان توکي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟"

ان صاحب جواب ڏنو، "ڪتاب تمام گهڻو وڪامندو ۽ ان مان جيڪا آمدني ٿيندي، ان مان آئون شادي ڪري وٺندس."

☆☆☆

هڪ ڏينهن ملا نصيرالدين جيرا وٺيو گهرڪٽي وڃي رهيو هو. هن جي هڪ هٿ ۾ جيرن جي ٿيلهي ۽ ٻئي هٿ ۾ جيرن کي رڌڻ لاءِ ترڪيب وارو ڪاغذ هو. ايتري ۾ هڪ ڪانوءُ آيو ۽ جيرن واري ٿيلهي کڻي اڏامي ويو.

ملا ڪليو ۽ چوڻ لڳو، "ترڪيب وارو ڪاغذ ته مون وٽ آهي. هيءُ جيرن کي ڪيئن رڌيندو؟"

☆☆☆

هڪ غائب دماغ پروفيسر ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته رستي ۾ سندس پٽ ڪيس ڏسي سلام ڪيو ته هن ٿورو گهبرائجي هن طرف ڏٺو ۽ چيو، "وعيلڪم اسلام، ٻڌائي پٽ، تنهنجي پيءُ جا ڇا حال آهن؟"

☆☆☆

چارلي نيوز ايڊيٽر، رپورٽر تي رڙ ڪئي، "تو ان ماڻهوءَ جي خبر ٺاهي ورتي، جيڪو هڪ ئي وقت بانسري به وڄائي پيو ۽ گانو به ڳائي پيو."

"نه سائين، ان ڳالهه ۾ ڪا به خبر نه آهي، "رپورٽر چيو، "سر هي صرف هڪ عام ماڻهو آهي، جنهن کي به مٿا آهن."

☆☆☆

"ڇا آئون ٿيلي ويزن جو لائسنس اڌ قيمت تي خريد ڪري سگهان ٿو؟"

"ڪنهن به صورت ۾ نه، تون اهو ڪيئن خريد ڪري سگهين ٿو؟"

"سر، آئون صرف هڪ اک سان ٿي وي ڏسندو آهيان."

☆☆☆

پيءُ:" جڏهن آئون تنهنجي عمرجو هوندو هئس ته منهنجا بهترين چلڪٽا وار هيڏانهن هوڏانهن پيا لڏندا هئا."

پٽ (پيءَ جي گنج طرف ڏسندي):"شايد، اهي مٿي کي خدا حافظ چوڻ لاءِ پيا لڏندا هئا."

☆☆☆

استاد (شاگرد کي): مون کي ٻڌائي وڪيل ڪهڙو لباس پائيندا آهن؟

شاگرد: ويڪلاٽو لباس.

☆☆☆

زال(مڙس کي) : "توهان جي ڳاڙهي بشرٽ استري ڪندي، مون ڪان سڙي وئي آهي."

مڙس: "ته ڇا ٿيو، مون وٽ ان رنگ جي هڪ ٻي به بشرٽ آهي."

زال: "مون کي خبر آهي، تڏهن ته مون ان بشرٽ مان ٽڪرو ڪٽي. ان کي استري سڙيل بشرٽ جي حصي تي هڻي ڇڏيو آهي."

☆☆☆

نئون جيلر: وڏي ڏگهي سزا ڪاٽيندڙ قيدي کان همدردي ۽ سان پڇيو، "ڇا تنهنجا مٽ مائٽ توکي خط نه ٿا لکن؟"

قيدي: "جناب، ان جي ضرورت ئي نه ٿي پوي."

نئون جيلر: "اهو ڇو؟"

قيدي: "توهان جي دعا سان سڀ هتي آهن."

☆☆☆

پوپٽي سنڌ جي اها املهه ماڻڪ ليکڪا آهي، جيڪا وڏاڳي جي درد کي وساري نه سگهي آهي. هن جا ڪيترائي ناول لکيل آهن. اسان کي اهو فخر آهي ته هن سنڌ جائيءَ جو مڪمل ناول ڪرڙما جي صفحن تي پيش ڪري رهيا آهيون. هيءَ هڪ عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا پنهنجي زندگيءَ بابت ٻاپڻ کان وٺي پوڙاهپ تائين جو ذڪر انتهائي دلنشين انداز ۾ ڪري ٿي. هن ناول ۾ اوهان کي عورت جا انيڪ روپ نظر ايندا. غور سان پڙهي، اهو ٻڌائجو ته هن ناول ۾ پوپٽي عورت جي ڪنهن روپ کي ٻڌائڻ کان رهجي وئي آهي.

سيلاب زندگيءَ جو

پوپٽي رامچند هيرا نانداڻي

انسان جي زندگي ڏکن ۽ سورن ۾ گذري ٿي.. خاص ڪري عورت جي.

اڳين چئن ڏنڊن مان اڄ هڪ ڏنڊ ڪري پيو اٿم. پاسن وارا بہ ڏنڊ مٿينءَ ڄاڙيءَ جا ۽ هيٺينءَ ڄاڙيءَ واريون سڀ ڏاڍون تہ اڳ ۾ ئي ڪيائيون پيون هيم، ننڍڙي هجان ها تہ "ڏنڊن ڀڳي ڏيڏري" سڏي ڇيڙائيم ها، پر هاڻي مونکي ڪير ٿو پڇي؟

اهو بہ وقت هو جڏهن مونکي ڪلندو ڏسي ڪنهن چيو هو "ڏنڊ تہ ڪهڙا اٿس! جهڙي موتئي گل جي مکڙين جي قطار!"

هڪ آٽاسي تہ وڏي واڪي چيوهو "تنهنجا ڏنڊ آهن دلبند پرين.... ."

ننڍڙي آرسي ڪٽي اُن ۾ نهاريم. منهنجي ئي پاڇي مون تي ڪلڻو. "صرف ڏنڊ ڀڳا آئيئي ڇا؟ سڄي ئي تہ جهوني پراڻي ٿيويئي آهين! ....

گهنجيل-سڪل چمڙي، .... ڪٽل-آڇا وار ..... جهڪيل وريل ڪلها، ... سخت ۽ ڀڳل هٿن پيرن جا ننهن ...

سچ! جنهن جي چيزن تي اسان کي ناز آهي سي ڪيترو نہ جلد اسان کان موڪلائي ٿيون وڃن!

گهر ۾ اسين بس بہ ئي ٻار هئاسين. منهنجو ڀاءُ حشو ۽ مان.

ڪڏهن هو پٽيان منهنجي گهگهريءَ کي پڪڙي "چوڻ چوڙيل گاڏي" ڪندي هلندو هو تہ ڪڏهن مان سندس خميس پڪڙي "ڪوءُ... اوءُ.....اوءُ" ڪندي سيتي وڄائيندي هلندي هيس. ڪڏهن اسين ٻئي پينگهي ۾ لڏي رڙيون ڪري تاڙيون وڄائيندا هئاسين تہ ڪڏهن پاڻ ۾ وڙهندا هئاسين "تو ڪالهہ انب جي ڪور ڪاڏي، اڄ مان ڪائينديس." ننڍين ننڍين ڳالهين تي حشوءُ ڪيٽو ڪندو هو. "گلاب-آشيءَ مان پهرين گلاب-پاڻي منهن تي مان وجهان" .... "منجيءَ جي هن پاسي مان سهان" .... ٻيرن وارو هوڪو ڏئي "جابلوءُ ڳاڙها ٻير" .... "تہ جهول ۾ مان ئي وٺان" ...

اميءَ حشوءَ جو پاسو ڪٽندي هئي .ننڍو ڀاءُ آهي، تون ڪانئس وڏي آهين" ... جي مان نہ مڃيندي هيس تہ لپاٽ ڪاٽي پوندي هئي. بابا منهنجو پاسو ڪٽندو هو. انهن ٻنهي مان جيڪو وجهو هوندو هو وڏي اسان جي جهيڙي جو نبيرو ڪندو هو. پر جيڪو ٻار ڏڪ ڪائيندو هو روئڻ تي ماءُ يا پيءُ جي هنج بہ اُن کي ملندي هئي.

ٿورا وڏا ٿياسين تہ امي ۽ بابا کي ڪم ۾ وٺائيندا هئاسين. اونهاري ۾ ڏول مان ننڍا ننڍا لوٽا ڀري اڳڻ ۾ ڇڻڪار ڪندا هئاسين ۽ سياري ۾ ڊوڙ پائي ٻاهران مرچ يا ادرڪ وٺي ايندا هئاسين. شام جو بابا چوندو هو تہ ڏسي اچو تہ پنجل مودي ۽ وٽ بينچ تي آلومل آيو آهي؟ حقو چڪي ويٺو؟

حشوءُ مون سان گڏ چوڪرين واريون راندیون ڪندو هو "اُيان ڪي پهريان، اُيان ڪي ٻيئان" يا "ائم آءِ آئوٽ؟" ۽ مان هن سان چوڪرن جون راندیون "بڪٽ مؤن لئن ...." يا گولين واري راند ڪندي هئس. ڪڏهن چوڪريون گهٽيون تي ويوسين تہ ڪا اچي چوڪري حشوءُ کي چيڙائيندي هئي "چوڪرين جي وچ ۾ چوڪرو- گڏين جو نؤڪرو" ۽ ڪڏهن مان چوڪرن جي وچ ۾ رهجي ويندي هئس تہ منهنجو ماسات گوبند تاڙيون

وڃائي چوندو هو "چوڪري چري.... وادي گهڙي....."

حشوءَ مڪڙيءَ جي ٽنگ ۾ ڏاڍو ٻڌي اُن کي مون طرف اُڏائي مونکي ڊيڄاريندو هو ۽ مان اَميءَ جو رئو پائي ڪيس پوئندو ڏيئي دٻ ڪڍي چوندي هئس "مٺا ٻيڙي تريئي....."

جڏهن پاڻ ۾ ٺهندا هئاسين تڏهن ڪيسي ۾ نيزا ۽ ڏوڏيون وجهي ڇلي هڪ ٻئي کي کارائيندا هئاسين.

اَمي تہ اسانجين هميشہ جي حرڪتن مان ڪڪ هوندي هئي. متي تي ڏڪ مٽي چوندي هئي "آهيو ٻہ. پر ڏهن جي مٽ آهيوا" اصل گهر ئي ڪٽي متي تي ڪنيو اٿوا"

هڪ ڏينهن حشوءَ اُس مان آيو ۽ اچي سنان ڪيائين. ٻئي ڏينهن ڪيس اچي تپ ٿيو..... پنج ڏينهن هوءَ ڪٽ تي اکيون پوري سمهيو. بس پوءِ هن وري اکيون نہ کوليون.

بابا چيو- "هوءَ اُپ ۾ هليو ويو آهي" ۽ اَميءَ چيو "واهگروءَ وٽ ويو آهي. اُتان ايندو ئي ڪين" .....مون تہ نہ اُپ ۾ ڪو گهر ڏٺو ۽ نہ واهگروءَ کي ئي سڃاڻندي هئس. ان ڪري منجهي پيئي هئس تہ حشوءَ مونکي اڪيلو ڇڏي ڪٿي هليو ويو آهي. منهنجو ڏينهن موڳو ۽ رات تمام ڪاري ٻڌجي پيئي. راند ڪرڻ تہ مون صفا ڇڏي ڏني. پر ڪريان بہ ڇا ويهي؟ اصل خالي خالي ٿي پيئي هئس جڻ.

حشوءَ جي هلي وڃڻ بعد امي ۽ بابا پاڻ ۾ پيا وڙهندا هئا. ڀاڄيءَ ۾ لوڻ وڌيڪ پئجي ويو يا ڪاڏو ٿورو دير سان تيار ٿيو تہ بابا اصل تپي باهہ ٿي ويندو هو! امي بہ سدس غصي جو جواب تمام وڏي واڪي سان ڏيندي هئي.

مان وڏي تہ هيس ئي ڪين جو سمجهان تہ هيءَ آندي ڄر آهي جا ٻنهي کي اندران ئي اندران پيئي جلائي تپائي، سو هنن ٻنهي جو وڙهڻ ڏسي مان گهر مان ڀڄي وڃڻ چاهيندي هئس.

جيڪي شيون حشوءَ دل ڪري ڪائيندو هو سي هان گهر ۾ ٺهنديون ئي ڪين هيون. بابا آفيس ۾ هليو ويندو هو تہ امي تاهہ تاهہ پيئي روئندي هئي. هڪ ڏينهن رنڌڻي ۾ ڪلاڪ ويٺي هئي تہ بہ ڪجهہ رڌائين تہ ڪين. مون کٽي ائين ئي پڇيو مانس "امي، ڇا رڌو اٿيئي؟" تہ ڇڙڀ ڏيندي چيائين "ڪنهن لاءِ رڌيان؟ منهنجو حاڪم پٽ ئي هليو ويو!"

بابا مونکي هاڻ پاڻ وڏيڪ گهرندو هو. مون لاءِ ڏاڍا ٽول وٺي ايندوهو. پر امي مون کي هر وقت پيئي ڇيهندي هئي. اڪيلائيءَ ۾ مان روئي پاڻ کان پڇندي هئس تہ حشوءَ کي مون ٿورو ئي چيو تہ هليو وڃ؟

جهڳڙو هنن ٻنهي جي وچ ۾ ٿيندو هو ۽ اسڪول ۾ سزا مونکي ملندي هئي. پڙهڻ ۾ منهنجو ڌيان ئي ڪين لڳندو هو. ڪٿي بہ ڪير زور سان ڳالهائيندو هو تہ مون کي ائين لڳندو هو جڻ امي بابا پيا وڙهن. ڪڏهن ڪڏهن سانت ۾ بہ مونکي اميءَ جا واڪا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا ۽ اِهي ٻڌي منهنجون ٽنگون ڏڌڻ لڳنديون هيون.

هڪ دفعي بابا جو ڪو ضروري ڪاغذ گم ٿي ويو. سويل سويل صبح جو هؤ ميز جا خانا کولي نڪ ڪري بند ڪرڻ لڳو. اميءَ کان پڇيائين، "ڪوناسي رنگ جو لفافو تہ ڪو نہ ڏٺئي؟" اميءَ سڌو جواب ڏيڻ بدران چيو "مان باهہ ڏيان تنهنجي ڪاغذ کي!"

بس بابا اچي تتو. رنڌڻي ۾ ويٺي تہ بابا بہ پٽيان ويس. بابا باهہ تان ديگڙو کڻي ڪري پري اُڇليو. پوءِ تہ گهمسان لڙائي شروع ٿي ويئي.

مون رضائيءَ سان منهن ڍڪي ڇڏيو. گوڏا پيٽ ۾ وجهي مان ڪرونڊي ٿي ويس. پر رضائيءَ اندر بہ مان پاڻ کي محفوظ نہ پيئي سمجهان. بابا بادل جيان گرجي رهيو هو ۽ امي وچ بڻجي ڪڙڪاٽ ڪري رهي هئي.

نيٺ بابا رنڌڻي کان ٻاهر آيو. پر نيرن ڪرڻ بنا ئي زور سان ٻاهريون دروازو بند ڪري هليو ويو! بابا جي وڃڻ بعد اميءَ مون مٿان پيل رضائي لاهي ڪٽي ڦٽي ڪئي! "لاٽ صاحب جي ڌيءُ اجا چادر تاڻي ليٽي پيئي آهي! اِئي اُٺ، اسڪول لاءِ دير ٿي ويندءِ.

مون کي روئڻ پڻي آيو. روئندڙ منهن ٻئي پاسي ڪري مان تڪڙ ۾ اُٺيس تہ چمپل پائڻ ئي وسري ويم. مونکي پيرين اُگهاڙو هلندو ڏسي اميءَ وري ڪڙڪو ڪيو "چمپل پاءِ تہ ڪٽي ٽنگون نہ ڀڃي ڇڏيانءِ! آٽاسي، جهڙو پيءُ تهڙي ڌيءُ! نس پس ساڳيا!"

ڏائي پير جو ساڄي ۾ ساڄي جو ڏائي پير ۾ چمپل پائي، مان سنان جاءِ ڏانهن ڀڳس. اندران ڪڙو پاتم تڏهن بہ سمجهان پيئي تہ اندر نہ آهيان.

اُن ڏينهن اسڪول ۾ اِمتحان هو. اڳئين ڏينهن تي نئين گهڳهري پائڻ لاءِ ڪڍي رکي هئم. رسيس مهل اسڪول ۾ مان ڏاڪڻ لهي رهي هئس تہ مٿان ڪملا سندريءَ جي ڪنهن ڪا چوٽي پٽي، جنهن وٺي ڪيڪ ڪئي. ڪيڪ ٻڌي مان ڇهن ستن ڏاڪن تان باجوليون ڪيلندي اچي هيٺ پيس. منهنجي هڪ ٿوٽ ۽ ٻئي گوڏا ڦٽجي پيا. اُنهن رهڙن تي تہ دادي گوميءَ ٽنچر آيوڊين لڳائي، پر منهنجي گهڳهري گهيرو وٺان ٽوري ڦاٽي پيئي هئي، سو مان روئڻ بند ئي نہ پيئي ڪريان.

گهر موٽيس تہ اُتي تہ موچڙا پسيا ئي رکيا هئا. اميءَ جهوبو ڏيئي ڪري مونکي ڪٽ تي اُڇليو "مان تہ هن نياڳيءَ مان اچي ڦاٽي آهيان. شل ڪنڌ ڪريئي، هيءُ وري ڇا ڪري آئي آهين؟ تنهنجون هي روز روز جون چٽيون ڪير ڀريندو؟ حشؤ بدران موت توکي ڳيهي وڃي ها....."

بابا ڪو اندر ويٺو هو. هؤ ٻاهر آيو ۽ اميءَ کي ڏڪ هٽڻ لاءِ هٿ مٿي ڪيائين..... پر پوءِ مون ڏانهن نهاري چپ ٿي ويو. ان ڏينهن بابا ڪروڌ نہ ڪيو پر ڏاڍيءَ مضبوطيءَ سان چيائين "حشؤ ماءُ! اڄ کان پوءِ تو گنگا کي هڪ لفظ بہ چيو آهي تہ گهر مان بہ گهر ٿيندا. مان ڌيءُ کي وٺي ڪيڏانهن هليو ويندس." ائين چئي هؤ اندر هليو ويو.

اميءَ روئڻ شروع ڪيو. مونکي ائين لڳو جڻ سنڌس دل مٿان ڪنهن ڏاڍي

ڪرائينڊريا پوسرائينڊڙ چيز ڪري اُڇلي آهي. اُن گهڙيءَ ۾ ئي مان ڄڻ ڏاڍي وڏي ٿي ويس! مون ڄاڻي ورتو ته حشؤ جي مؤت اميءَ جي من کي نهايت گهري چوٽ پهچائي آهي، جنهن ڪري هوءَ پنهنجو ميزان ئي وڃائي ويٺي آهي.

***

ڪملا جي پيءُ جي حيدرآباد ۾ بدلي ٿي ۽ هوءَ منهنجي اسڪول ۾ مون واري ڪلاس ۾ اچي پڙهي. هوءَ ڪراچيءَ مان آئي هئي، ان ڪري حيدرآباد جي ڇوڪرين جي پيٽ ۾ وڏيڪ فئشنبل هئي. ڏنگي سينڊل، ٻه چوٽيون، لنڊي اسڪرٽ ۽ ننڍا جوراب پائي هوءَ ايندي هئي ته ٻيون ڇوڪريون حسد وچان ڏانهس نهاري ڪيس "مس ڪراچي" سڏي چيڙائڻ چاهينديون هيون. مون کي ته ڪملا ڏاڍي وڻندي هئي. وڏيون وڏيون اکيون، ڊگهيون ڪاريون پنڊيون، سنهڙا چپ ۽ اکين ۾ سمجهه جي چمڪ. مان آلجبرا ۽ جاميٽري ۾ ڏاڍي گهٽ هوندي هئس ۽ ڪملا کي هسٽري ۽ جاگرافي ياد ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي. ان ڪري اسين ٻئي گڏجي پڙهنديون هيوسين ۽ هوم ورڪ پڻ هڪ ٻئي جي گهر ۾ وڃي ڪنديون هيوسين.

ڪملا جي ماءُ ڏاڍي سهڻي هئي، ان ڪري ڪملا ۽ سندس ڀاءُ ناري ٻئي سهڻا هئا. ناري مون ڏانهن لڪي لڪي پيو نهاريندو هو ۽ مونکي به هؤ ڏاڍو وڻندو هو. جڏهن منهنجي نظر سندس نگاه کي پڪڙي وٺندي هئي تڏهن هن جا ڳل لڄ کان لعل ٿي ويندا هئا. اُن وقت مون کي هؤ بيحد پيارو لڳندو هو.

ٻين ڇوڪرن جي پيٽ ۾ ناري وڏيڪ شريف هو. هن جي اکين ۾ شرارت جي جاءِ تي سادگي ويٺل هئي. زبان سان ڪجهه نه چوندي به اکين سان هؤ گهڻو ڪجهه ڳالهائي وڃهندو هو.

ڏيري ڏيري منهنجا آرمان به هن جي چؤگرد ڦرڻ لڳا. هن جو نالو ٻڌندي هئي منهنجيءَ دل ۾ ڪتڪتائي ٿيندي هئي ۽ نالو وٺندي ته، دل ۾ عجيب خوشيءَ جي ڌارا وهڻ لڳندي هئي. جڏهن هن جي نگاه مان پيار ڇلڪندو هو تڏهن مان ائين سمجهندي هئس، ڄڻ آسمان پنهنجن تارن سميت منهنجا قدم چهي رهيو آهي. مگر جڏهن هؤ بيپرواهي ڏيکاريندو هو تڏهن منهنجي دل اُداس ٿجي ويندي هئي. هن جو انتظار ڪندي منهنجي دل اکين ۾ اچي وهندي هئي ۽ هن کي ايندو ڏسي منهنجون اکيون کيس ڀاڪر ۾ ڀري وٺنديون هيون.

ڪملا نولراءِ مارڪيٽ وٽ مين روڊ جي ساڄي پاسي وريءَ ڪنڊ تي رهندي هئي ۽ مان گورسنگيت واريءَ گهٽيءَ ۾. اسڪول ۾ ته روز گڏجنديون هيون سين، مگر شام جو به ڪڏهن ڪڏهن هوم ورڪ ڪرڻ جي بهاني هڪ ٻئي وٽ ايندڙيون هيون سين. مونکي هن جي گهر مان اسان جو ڀئيو رام لعل وٺي ايندو هو ۽ هن کي ناري وٺڻ ايندو هو. (حيدرآباد ۾ سج لهڻ کانپوءِ ڪابه ڇوڪري اڪيلي ايندي ويندي نه هئي.)

هڪ ڏينهن ناريءَ بدران ڪملا کي سندس پيءُ گيانچند وٺڻ آيو. بابا هن کي اندر وٺي آيو. بس ائين اسان ٻن ڪٽنبن جو پاڻ ۾ ناتو جڙيو. اسان وٽ ٽڪيون، سنبوسان ٺهندا هئا ته ڪملا جي گهر موڪليندا هئاسين ۽ هن جي گهر ۾

ڪڙهي چانور رڌبا هئا تہ اسان وٽ ضرور پهچندا هئا.

هڪ دفعي گيانچند اسان کي ڪوٽڙي وٺي هليو. هؤ سرڪاري آفيسر هو ان ڪري گهمڻ لاءِ سڀ سهوليتون ملنديون هيس. بس پوءِ تہ مهيني ڏيڍ اسين گهمڻ نڪرندا هئاسين. ڪڏهن "ناري جيل" تي تہ ڪڏهن "گدو بندر" تي، ڪڏهن "ڊولڊاس باغ" ۾ تہ ڪڏهن "داس گاربن" ۾! وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ ناري مٿي گاڏيءَ واري سان وهندو هوءِ ڪملا ۽ مان آمهون سامهون ويٺل ماءُ پيءُ جي هنج ۾.

ڪملا زورسان چوندي هئي "گاڏيءَ وارا! پٽيان ڇوڪروا" ۽ گاڏيءَ وارو "خبردار خبردار!" پڪاري ڇهڪ پٽيان سامان رکڻ واريءَ سيٽ ڏانهن ڦيرائيندو هو. ٽنڊي قيصر ۽ ٽنڊي الهيار بہ گهمڻ وياسين. تتل واريءَ ۾ پڪل پلو باهہ تي سيڪيل ران، ٽڏي چيڪي مٿيءَ ۾ رڪيل چاچ جو دلو گلاب جا گل، ٻڪريءَ کي ڏائيندڙ ڇيلو ڊاڪ جا منهہ، واهن ۾ سان پيدا ٿيل جهنگلي گل، ڪنڊن جا ٻوٽا، اجرڪ پهريندڙ سدا سهاجها ڳوناٽا، ميان صادق جو يڪتارو الله رکئي جو ڪلام، ائين سڀ ڪجهہ ڏسندا، ڪائيندا پيئندا ۽ ٻڌندا هئاسين.

دادا گيانچند کي لذيذ ڪاڏي جو شوق هوءِ منهنجي بابا کي سنڌي ڪلامن جو. ڪملا جي ماءُ کي ڍنڍيون ۽ واهہ وڻندا هئا ۽ منهنجي ماءُ کي ڳوناٽين زالن سان ڳالهيون ڪرڻ. ڪملا کي ڇيلن ۽ گابن جا ڇڻ پڪڙي ساڻن راند ڪرڻ جو شوق هوءِ مونکي جهنگلي گل ۽ منهہ ڏسڻ جو. باقي بچيو ناري هؤ ڪڏهن گلاب جي گلن سان جهول ڀري اچي اسان مٿان وجهندو هو تہ ڪڏهن ست ڪلو بال ڪٽي ڪنهن پت سان ئي "سٽ ڪٽ" راند ڪندو هو.

***

هڪ ڏينهن گيانچند اچي چيو تہ "منهنجي بدلي ٿي آهي احمدآباد، سو اسين سياٽي ئي هليا وينداسين."

بابا چيس، "اجا پنج سال ئي نہ ٿيا اٿيئي تہ ڪراچيءَ مان بدلي ٿي آيو آهين، ايتري ۾ توکي وري ڪيئن ٿا بدلي ڪن؟"

گيانچند ڪمزور بڻجندي ٿورو ڪنگهندي چيو "حقيقت ۾ مون ئي ڪوشش ڪئي آهي سنڌ کان ٻاهر نڪرڻ جي! هندستان کي ورهائي ٻہ ٽڪر ٿا ڪن، ان حالت ۾ سنڌ ۾ رهي نہ سگهبو."

بابا وائڙو ٿي ويو. ٻئي ڪيتريءَ ڪير تائين آلائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. مون تہ بس ايترو ئي ٻڌو تہ ڪملا ۽ ناري هليا ٿا وڃن! منهنجا تہ ڇهہ ئي ڇڇي پيا! تڙ تڪڙ ۾ سنيري مان سٺون پائيندي ڪملا وٽ وڃي پهتيس. سيئي پيتيون وٽ ويٺا هئا. مون ۽ ڪملا پاڪر پائي ڏاڍو رنو. ڪملا جي ماءُ کي اِها ڳالهہ وڻي ئي ڪانہ، تہ ڪو اسان کي خبر پوي تہ اهي سياٽي ئي سنڌ مان ٻاهر ٿا وڃن. ناريءَ جي اکين جي چمڪ صفا گم هئي. مونکي تہ سجهيو ئي نہ پئي تہ ناريءَ کان ڪيئن موڪلايان؟

ڪملا جي ماءُ هر گهڙيءَ پئي ڏيءُ کي سڏ ڪيو. ائين پئي لڳو جڻ مونکي

چئي رهي آهي تہ اسانکي ڪم آهي، انڪري تون پنهنجي گهر هلي وڃ.

ٻاهر نڪري در جي چائنٽ وٽ بيهي مون سڏڪا ڀري رنو. هونئن ڪملا در تائين مون کي اُپرائڻ ايندي هئي ۽ اڌ ڪليل در مان ناري بہ پيو نهاريندو هو پر اڄ مون پاڻ ئي انهن جو در بند ڪري ڇڏيو!

شام جو اميءَ جي ساهيڙيءَ راڌيءَ جو گهوٽ ڪوٽومل آيو. هن بابا کي چيو، موتيرام! منهنجي صلاح اٿيئي تہ جاءِ وڪڻي ڇڏ. مون تہ ڪڏهوڪو پنهنجون ٻئي جايون وڪڻي ڇڏيون آهن. پوءِ اگهہ ئي ڪو نہ ملندا!"

امي ۽ بابا ڄڻ منجهي پيا هئا. هؤ ڪجهہ طئ ئي نہ پئي ڪري سگهيا.

ٻئي ڏينهن اسان جي ڪلاس مان چئن چوڪرين اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ ورتا. اٿين هڪ ڏينهن جي اندر ئي الائي ڇا ڇا ٿي ويو!

هيرآباد جي مين روڊ تي، جتي شام جو چوڪرين چوڪرن جي ٽولين جي چهل پهل لڳي پيئي هوندي هئي، اُتي ڪڪڙؤ ڪؤ لڳي ويئي! هونئن سيني جا ٻاهريان دروازا ڪليا پيا هوندا هئا، هاڻ اسان بہ بہ بہ ڪڙا پائي ڇڏيا.

ٽئين ڏينهن اسڪول ۾ صرف پندرهن ويهہ چوڪريون ئي آيون. اسڪول ۾ نوٽيس هنيو ويو تہ اسڪول پندرهن ڏينهن بند رهندو. سيني چوڪرين کي هال ۾ گهرائي دادي هاسيءَ چيو "هاني هندستان مان هتي تمام گهڻا مسلمان ايندا. شايد اسانجي گهرن ۾ بہ گهڙي اچن. اسانکي پنهنجي عزت بچائڻي آهي. سيني چوڪرين کي سکڻ گهرجي تہ مؤت کي ڪيئن گهرائجي. بجلي بٽڻ هيٺ ڪري، پلگ جي ٻن ٽنگن ۾ بہ آڱريون وجهي مري سگهجي ٿو. توتيو زهر تہ سيني ٻڌو هوندو، ان زهر جي پڙي هر ڪا پاڻ وٽ رکي ڇڏي"

اسان جي منهن تي هئڻ هارجي ويئي، عجب، دک ۽ ڊپ، سيني گڏجي اسان جي من ۾ اچي واسو ڪيو. دادي پوپري جا هونئن ڏاڍي ڳرائيءَ سان هلندي هئي، اُن جو منهن بہ پيلو پيلو ٿي ويو!

بابا چيو تہ "مان بہ پنهنجي بدلي ڪرائي ٿو سگهان، پر پنهنجو ملڪ ڪيئن ڇڏبو. جاءِ تہ مان ڪو نہ وڪڻندس. ڪلف پائي هلنداسين.... متان وري موتي اچون؟"

اميءَ بہ چيو تہ "پنهنجو چنو ڪيئن وڪڻبو؟ سرڳي آبا ڏاڏا ڇا چوندا! تہ هنن جنم يوميءَ جي ٽڪر کي وڪڻي ڇڏيو؟"

هاڻي تہ ڀڄ ڀاڄ لڳي ويئي. اجا سامهون ڪالهہ لڏارام ماسٽر جا ڪپڙا پئي سڪا تہ اڄ گهر کي تالو.... اجا هينئر لعلچند ڀاڄي وٺي پئي آيو تہ ٻن ڪلاڪن بعد ٽانگي ۾ سامان ڪٽي پيو وڃي....

نيٺ اسان بہ سنڌ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. مان صبوح جو ئي نانيءَ کان موڪلائڻ ويس. نانيءَ پنجهتر ورهين جي هئي تڏهن بہ ڪڙي ڪنبي هلندي هئي. اسان جي سوئيل ڀاڄيءَ مان ڪک پن نڪري ايندو پر ڀاڀيءَ (اسين ڪيس ڀاڀي چوندا هئاسين) جي سوئيل چانورن مان ڪو سائون بہ ڪين نڪرندو هو.

ناني ڪاٽ جي وڏيءَ صندوق وٽ اوڪڙڻ ويٺي هئي. مونکي ڏسي چيائين، "آءِ ڏيءَ! توهين بہ ٽا وڃو؟ ٻاڪ جي ڇڳي مان هڪ هڪ ڳڙي پيئي ڇنبي تہ ڇڳو ڪيئن رهندو؟ پلا آباٽا ڇنا ڪيئن تياڳبا؟ مان تہ ٽيس ٻڌي، هن مڙهہ کي ڪير ڪيڏانهن وٺي ويندو؟"

ماموبہ وراندي ۾ آيو. هن جو پٽ ديناناٽ لاهور ۾ هو ۽ ڏيٽس شادي ڪري ڪراچيءَ ۾ رهندي هئي. هن چيو "دينا ناٽ جو خط آيو آهي. لاهور ۾ تہ باهہ پيئي ٻري. هوءَ شايد لاهور مان نڪري چڪو هوندو. لڪيو اٿس تہ توهين سڀ بہ حيدرآباد مان نڪرو. هتان نڪري تہ وڃون، پر ڪٿي وڃي ڏڪا کائون؟ تنهن کان تہ ڪري هتي ئي پاڻ کي گهوگهو ڏجي!"

مان ڇا چوان؟ ٻنهي جي سوالن جو جواب مون وٽ تہ هئو ئي ڪين.

اسان گهرجي نوڪرن کي ٻڌايو ئي ڪين تہ ڪڏهن ٽا وڃون؟ محمد ڏوبي هميشہ جيان ڏوتل ڪپڙا اچي ڏنا پر اسان ڪيس ميرا ڪپڙا ڏنا ئي ڪين. چيو سينس تہ "آرتوار ڏينهن اچي ڪٽي وڃج." هوءَ اهڙو شريف هو جو گهڻو ڳالهائيندو ئي ڪين هو. "چڱو آما" چئي هليو ويو.

آنو پيهڻ واري رشيده آئي، "اَئِي توهان ڪڏهن ٽا وڃو؟ وڃو تہ وو هتان تہ اسان لاءِ ڪو سڪہ ٽئي! هيءَ پينگهو تہ مان ڪٽنديسانو. چئو تہ هينئر ئي ڪٽائي وڃان نہ تہ ڪو ست ڏاريو اچي ڪٽندؤ....."

اهڙيءَ مائيءَ کي جيئن شڪ نہ پوي، تنهنڪري اميءَ کيس ست سير ڪڻڪ ۽ بہ سير جوئر پيهڻ لاءِ ڏني. هوءَ ويئي تہ چيائين، "پنج ئي آڳريون ڪي برابر آهن؟ هوڏانهن محمد ڏس ۽ هيڏانهن هيءَ رشيده ڏس!"

ڪير واري لطيفا تہ اسانجي آما هئي. هن کي گهرائي اميءَ سندس ننهن لاءِ پراٽي هٿ جي مشين ڏني.

"اما! ٻيوڇا تي دل اٿيئي؟ هيءَ گهڙامنجي ڪپيئي؟ توکي نواڙجي ڪٽ تي سمهڻ جو شوق آهي نہ؟ هيءَ وراندي واري ڪٽ چادر سوڌي ڪٽي وڃ."

لطيفا روئڻ لڳي، "ديوان! سدا جيئو! هي ڪٽون ۽ چادرون آءُ ڪاڏي ڪريان؟ توهان آهيو تہ اڳڙ پيا سونهن. هي واڙا ۽ وٽاڻ اوهان ڪانپوءِ پينگہ ٿي پوندا ..... سڄ پيئي واڪا ڪندي..... اسر جو اٿي آئون "ابا! ڪير وٺو!" ڪنهن کي پڪاريندئيس؟ مٺا هندستاني اچي لٽا آهن. پر انهن مان اسانکي ڪهڙو ساءُ سواد ايندو؟ اهي ٽيا اوپرا..... اسان جون ننهون ڌيئون اوهان کان تہ پڙدو ڪنديون ئي ڪين هيون..... هاڻي انهن کي تہ مليو چئن ديوارين جو قيد ....."

***

بابا چيو تہ اڌ رات جو لاري ايندي سنبري ويهو. بس هڪ پيٽي، هڪ باسڻن (ٽانون) جي ڳوڻ ۽ هڪ بسترو ڪٽڻو آهي. ٻيو ڪجهہ بہ نہ! مون ڪيتريون ئي ربينيون گڏ ڪيون هيون، داڻن سان مڙهيل مس _ ڪپڙي ۽ وڇٽي، سونن، پئسن جو پڙيون، حشؤ واريون سانديل ڪوڏيون ..... پلا ڇا ڪٽان ۽ ڇا رکان؟ امي پنهنجين پيٽين مان ست رچون

وٽيون، ڪنجهي جون ٽالهيون ۽ گنج پيئي ڪڍي ۽ وري موٽائي رکي!

نيٺ هڪ وڏي پيتي پرياڻين. پر بابا آيو تہ اچي ڪاوڙيو. "چري آهين، سئين آهين؟ هيڏي پيتي رات جو ڪٽندو ڪير؟" ڪيترو ئي سامان ڪڍي واپس رکڻو پيو.

منهن اونداهيءَ جو ئي اسين ميرپورخاص ۾ پهتاسين. بابا جو پيٽيويو ڪٽومل اتي هو. ان ئي رات جو ٽرين جو ان دبي ۾ جو اسٽيشن ڪان پري بيهاريو ويو هو اسين چڙهي ويناسين. دبي ۾ سڀ زالون ۽ ڇوڪريون هيون. ننڍڙي هٿ بتيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ڏٺوسين ۽ سڃاتوسين. اميءَ جون سؤٽيون ٻارن سوڌيون هيون.

صبح جو چئين بجي اهو گاڏو ٽرين سان لڳو. ايڏا گاڏي ٽوروئي هلي تہ ڏوڏو ڏيئي بيهي ويئي! بند ٽيل دروازو زور سان کولي ٻہ چار مسلم آفيسر چڙهي آيا! هڪ ڇڻي هڪل سان چيو "پاڻ سان ڇا ڇا ڪنيو آڻو؟ بجليءَ جو سامان يا ڪا مشين ڪٽي نہ تا سگهو اهي شيون سنڌ کان ٻاهر نہ ويندیون."

اميءَ جي سؤٽ هيميءَ چت جو پنکو ڪنيو هو. وڏو پونپ باٿ روم ۾ رکيو هئائين ۽ پنکن مٿان پاڻ چڙهي ويٺي هئي. بس، اهو ڏسي هنن اسان جو سڄو سامان لاٿو ۽ سڀ ڪٽي ويا! هاڻي اسان کي صرف بٽ تي هڪ وڳو پيل هو.

ڪوڪرا پار اسٽيشن آئي تہ ٽرين ۾ چڙهيلن نعرا هنيا "پارت ماتا ڪي جئ!" اسٽيشن تي ڪير، پڳڙا ۽ پوئيچڻا مفت پئي ورهايائون.

اسان جي من جي حالت عجيب هئي. اسان کي نہ خوشي هئي نہ غم. آئينده جي ڪا بہ خبر نہ هئي. صرف ماضيءَ جا ڀير نظارا سامهون هئا .....

جوڌپور ۾ ويٽنگ روم ۾ ترسياسين. منهنجي پيءُ ۽ هيميءَ جي مڙس رامچند تي سيني زالن ۽ ٻارن کي سنڀالڻ ۽ رهائڻ جو ڪم رکيل هو..... اسانکي ويٽنگ روم ۾ ڇڏي اهي جاءِ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ هليا ويا.

يارهين بجي صبوح جو ٽانگن ۾ چڙهي اسين هڪ بنگلي ۾ پهتاسين. سيني ڪٽنبن کي هڪ هڪ ڪمرو مليو. ڪل 12 ڪٽنب هئاسين جنهن ۾ ٻارنهن زالون، ٻہ مرد، پنڌرنهن ڇوڪريون ۽ باقي ٻار هئا. سيئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح مٿي مائٽيءَ دوران پاڻ ۾ ڳنڍيل هئاسين.

رات جو هڪ پهاڙي وڇون نڪتو. سمهيا هئاسين سڀ پٽ ۾ سو بہ بستري ڪانسواءِ، سو باقي رات اسان وڻن تہ جاڳندي گذاري. پلا ننڍا اچي بہ ڪيئن؟ مونکي تہ ڏاڍي بک هئي. پيٽ ۾ ڳڙ ڳڙ پئي ٿي.

صبوح جو جوڌپور جي اسٽيشن تي رفيوجين کي پوريون ۽ پتاٽا ڏنا هئائون. منجهند جو پاڙي ۾ رهندڙ هڪ راجستانيءَ ٻارن لاءِ مانيون ۽ ڪدوءَ جي پٽڙي ڀاڄ موڪلي هئي ۽ رات جو ڪٽان چانور هٿ ڪري ڪنئري ڪچڻي رڌي سيني کي ٻہ ٻہ ڪيوئن ڏنيون هئائون، پر ان مان سڄي ڏينهن جي بک ڪيئن لهندي؟

آهستي آهستي تڪليفن سان سڃاڻپ وڌندي ويئي. اسان ۾ هڪ

سندري هئي جا ڏاڍي تکي هئي. شادي کيل هئي، پر سائيڪل هلائيندي هئي. هوءَ سائيڪل تي چڙهي شهر ۾ وڃي مسواڙي ڪٽون ڪٽائي آئي ۽ سيڏو پاڏو به وٺي آئي. جيڪي ڪتنب هڪ ٻئي ۾ گهٽو هريل هئا تن ڪاڏي جو گڏيل بندوبست ڪيو. ائين بنگلي ۾ ڇهه رنڊڻا بڻجي ويا! ڏينهن جو هڻ هڻ ڪرڻي پوندي هئي: اسان مان گهڻين کي رڌڻ ايندو ئي ڪين هو. ڇاڪاڻ ته حيدرآباد ۾ گهڻي ياڳي سيني وٽ يوپيءَ جا پئيا ئي رڌيندا هئا. پر هتي هڪ ٻئي کان سکي گهڻيون ئي چيزون ناهيندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي ۾ ياڃيءَ جي ڏي وٺ پڻ ڪندا هئاسين.

هيميءَجو گهوٽ رامچند به چار دفعا سنڌ مان ٿي آيو ۽ اسان لاءِ خاص شيون به وٺندو آيو. بابا پنهنجيءَ آفيس ۾ بمبئيءَ بدلي ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ ئي لڳل هو. ننڍڙا ٻار "ادر گدر مائل توفل" ڪرڻ ۾ مشغول رهندا هئا، ٿورا وڏا لوڊي راند ويهي ڪندا هئا، ڇوڪريون ڏهي وڙا پيون گهوٽيندڙيون هيون ۽ زالون ٿوم وجهي ٻاجهريءَ جا ڊوڊا پيون پچائيندڙيون هيون ..... ائين ئي ٿي مهينا لنگهي ويا ۽ اسين اچي بمبئيءَ پهتاسين.

***

جوڌپور ۾ رهي ميڙ ميڙاڪي وارو سمو پورو ٿيو ته وطن جو وڇوڙو شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو. هاڻي ئي خبر پيئي ته مارئيءَ جي بيتن جي سچي پچي معنيٰ ڪهڙي آهي؟

اسڪول ۾ دادِي هريِ وطني حب تي مضمون لکائيندي هئي ۽ دادي پوپريِ پاڙهيندي هئي "واجهائي وطن کي جي ساري ڏيان ساهه ....." ته مونکي سمجهه ۾ ئي نه ايندو هو ته مارئيِ وطن کي ايترو ياد ڇو ٿي ڪري؟

هاڻي جڏهن اسڪول جي احاطي اندر وڻ تي چڙهي زيتون پٽڻ واري ڳالهه ياد ايندي هئي تڏهن اندر ئي اندر من ۾ ڪنڊي جي نوڪ چيڻ لڳندي هئي. سشيلا تنومل جيڪا مونکان هسٽريءَ ۾ وڌيڪ مارڪون ڪٽڻ لاءِ چٽا پيٽي ڪندي هئي سا به مونکي ڏاڍي ياد پوندي هئي ۽ هوءَ منهنجي ساهيڙي ڪلان جا ڪلندي هئي ته سندس ڳل ڳاڙها ٿي ويندا هئا، تنهنجي ڳلن جي گلابي رنگ جهڙو رنگ ته مون هتي اصل ڪين ڏٺو آهي! ڪڏهن ڏک ٿيندو هو ته هيترا ڏينهن ٿي ويا آهن سنڌ واري اها پيلي _ ناسي ڪپر ڪين ڏني اٿم. اها سهڻي سهڻي ليئار ڪين ڪاڏي اٿم. پينگهي ۾ لڏي ته جڻ سال گذري ويا آهن!

پنهنجي هالن واري پينگهي کي ڪوئي اميءَ ۽ مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. اهو آواز "پين پڪ ..... پين پڪ ...." ڪهڙو نه مٺو هو! اصل ڪن پيا تڙڦندا هئا اهو آواز ٻڌڻ لاءِ.

• هر روز منهنجي خواب ۾ ناريِ ايندو هو. ان ڪري صبوح جو اُٺڻ سان ئي مان ڏاڍي موڳي ٿي ويندي هيس. ڪهڙي نه بيوس بيوسي هئي هيءَ!

پيپيهي جي "پي ڪهان" ٻڌان ته ڇا ڪريان ٻلا؟ ڪير ملهار ڳائي ته مان ڪن ڪيئن بند ڪريان؟ بهار پاڻ سان هزارين سڳنڌون ڪٽي اچي ته مان اُن کي ڪيئن

منهن ڏيان؟ چاندني رات ۾ آسمان ڪلي ڏئي تہ مان ڪيئن روئان؟

سائين سائي زمين، تارن سان ڀريل آسمان، تڏي تڏي هوا ..... سڀ ڏسي ۽ محسوس ڪري منهنجو جيءُ گهبرائجي ويندو هو؟ پر ڪنهن کي ٻڌايان هي سڀ ڳالهيون؟ مان وهاٽي ۾ منهن لڪائي ڇڏيندي هيس ۽ منهنجو ڪنوارو پيار روئي ڏيندو هو.

جيئن نہ ڪو ڪچڙو ڪچڙو ڪومل ڪومل سلو چني ڇڏجي، تيئن ئي منهنجي دل جي جذبات وارو سلو چنو ويو هو.

ظلم ٿيندو آهي تہ ڪنهن ظاهر ظهور استول ماڻهو کي تلاهي (ڏوهي) نهرائي اُن کي پٽبو آهي. پر مون سان جيڪو ظلم ٿيو هو ان لاءِ ڪنهنکي تلاهي نهرايان؟

اسان کان سڀ ڪجهہ چني الڳ ڪيو ويو هو. نہ اها جاءِ هئي جتي مان ڄائي هئس، نہ اُهي پاڙيوارا هئا جيڪي مونکي پنهنجا لڳندا هئا، نہ اهو اسڪول هو جتي منهنجون ساهيڙيون هيون، نہ اها گهٽي هئي جتان اچ وچ ڪندي هيس، نہ اهو شهر هو جنهن جي هر ڪنڊ ۽ رستي کان مان واقف هيس، نہ اها ٻولي هئي جا سهج سياويڪ نموني ۽ ٻين جي ۽ منهنجي مک مان نڪرندي هئي .....

اتي هر هڪ چهرو سڃاتل ۽ هتي سڀ جو سڀ ناواقف!

بابا کي تہ هر وقت سنڌ جي ياد ايندي هئي. بابا گشت ڪندو هو ڏاڍو سو اهي ٿر ۽ بر، رڻ ۽ جهنگ، بادل ۽ مينهن، ساوڪ ۽ سونهن، چؤنڪ ۽ چؤراها، گهٽيون ۽ رستا، ڍنڍون ۽ واهہ، ڪڏون ۽ ڪسيون، تحفا ۽ سوڪڙيون، سهنجايون ۽ سهوليتون، باتيون ۽ لاتيون سڀ پيو ياد ڪندو هو. هتي جي ماڻهن جو ورتاءُ ڏسي پنهنجي پاڙيوارن جي پنهنجپائي ياد ايندي هيس تہ چوندو هو اهي ڪيئن نہ اسان جي سڌ سماءُ لهندا هئا؟ ٽپ ٽپ تي پنهنجن ڳوٺاڻن جا ڪلام ۽ ڪافيون ۽ پنهنجن شهرن جا سگهڙ ۽ سخن فهم ساريندو هو. "اسان وٽ زالن ۾ حجاب ۽ مردن ۾ حجت هئي، ننڍن وٽ عزت ۽ وڏن وٽ سڪ هئي، غريبن ۾ ايمانداري ۽ شاهوڪارن ۾ غريب پروري ۽ غريب نوازي هئي، شاگردن ۾ مروت ۽ ماسترن وٽ انهن لاءِ محبت هئي، عاشقن وٽ سلام سجدا ۽ سنيها هئا ۽ معشوقن وٽ حياءُ، حسن ۽ هٻڪار هئي، پڙهيلن وٽ تقريرون ۽ تحريرون، قصا ۽ ڪهاڻيون هيون ..... ۽ هتي؟ هتي جي تہ ڳالهہ ئي اور آهي. رستي تان لنگهہ تہ نہ پنهنجي ٻولي ٻڌڻ لاءِ ملي ۽ نہ ڪو چهرو سڃاتل لڳي. اسين هنن لاءِ ڌاريا ۽ هؤ اسان لاءِ اجنبي." ائين چئي ڏاڍو اداس ٿي ويندو هو.

امي پنهنجن مائٽن کي ياد ڪري چوندي هئي، "ائي هونئن مري جهان ڇڏبو آهي، اسين تہ جيئري ئي سڀ ڇڏي آياسين! منهنجيءَ سهاڳ رات واري پيلن پاون جي ڪٽ ۽ بابهن جي سنگ مرمر جي ميز بن پيئي، پر آبي ڄائي پاءُ جو منهن ڏسڻ کان بہ پيئي سڪان....."

اُتي سنڌ ۾ تہ ڪير گهر ۾ ڪپڙا ڌوئندو ئي ڪين هو. هتي هر ڪنهن گهر

۾ ڪم واري مائي ڪپڙا ڌوئندي هئي. ان کي بہ ڪپڙا صابڻ جي پاڻيءَ ۾ پسائي ڏبا هئا، تڏهن بہ هوءَ ميرا ئي ڪپڙا ڌوئندي هئي. امي چوندي هئي "ڪپڙا تہ ڏس ڇڻ گابي جي وات مان نڪتا آهن! محمد جا ڌوتل ڪپڙا ڪٽي اُٿ دفعا پاءِ تڏهن بہ نہ استري ٿيندي ۽ نہ ميرا لڳندا ....."

چانور رڌيندي هئي تہ چوندي هئي "ڏس گهس جي بانس پيئي اچي. اتي ڳاڙهن چانورن جي ڪچڻي، ڀاڄي، ڏڌ، پاپڙ، ڪچوريون، ڏهاڙي رات جو ڪائبيون هيون تڏهن بہ ٿڪجبو نہ هو!"

رات جو فئن(بجليءَ جو پنکو) هيٺان ليٽي صبوح جو گوڏا جهلي هلندي هئي "مئو جندس! پنهنجا ڪڏ ۽ اُڳڻ ڇڏي اچي هت ڪمرن ۾ قيد ٿيا آهيون. نہ چانڊوڪي رات ٿي ڏسجي ۽ نہ تارن جو جهرمٽ....."

بابا پنهنجي آفيس جي ڪم ۾ مشغول رهي پروموشن لاءِ انتظار ڪري رهيو هو. "بس، هيءُ پروموشن ملي تہ رٽائر ڪرڻ بعد جهجهي ٿي گرئچيوئٽي ملندي....." پرجڏهن هڪ مرهٽي ڪيس سپر سيڊ ڪيو تڏهن هوءَ ڏاڍو نراس ٿيو. دانهن بہ ڪنهن کي ڏئي؟ مٿان آفيسر بہ مرهٽو تہ ان کان وڏو عهديدار بہ مرهٽو! بابا سينئر آفيسر هو. منجهس لائقي بہ هئي پر سنڌي جو هو.....!

هوءَ آفيس مان موٽي، ڪٽ تي ليٽي چپ چاپ ڇت ڏانهن نهاريندو هو. سچيت فقط تڏهن ٿيندو هو جڏهن ڪتان کا سنڌي راڳ جي تڪ ٻڌندو هو.

۽ مان سوچيندي هيس، هيءَ ڪهڙي لاچاري آهي؟ نہ ڪنهن سان شڪايت ڪري سگهون نہ پنهنجي دڪ جو ڪو تدارڪ ڪري سگهون. اسان جي ڏسندي ڏسندي، اسان جي نظر سامهون ئي اسان جي دنيا لٽي ويئي ۽ اسين ڪجهہ ڪري نہ سگهياسين! اسان جا پنهنجا اسان کان جدا ڪيا ويا ۽ ڌارين سان سمجهوتا ڪرڻ لاءِ اسان کي مجبور ڪيو ويو!

بمبئيءَ ۾ انڊيريءَ جي علائقي ۾ هڪ سنڌي ڪانگريسيءَ کي وڏو شاهي بنگلو مليو هو جنهن جي مسواڙ پاڻ هڪ سؤ رپيا ڀريندو هو. هن سرڪار کي عريضو پيش ڪري وڏوائن کي رهائڻ جو عذر ڏيئي اسان کي گهٽن ئي سنڌين کان ٻارهن مهينن جي مسواڙ اڳواٽ وٺي اسان کي ڪمرو ڪمرو ڪري ڏنو هو. ڪل ڪيس سورهن سؤ ماهوار مسواڙ ملندي هئي. ان ڪانسواءِ هؤ باغ مان حاصل ڪيل ناريل ۽ پپيتا بہ وڪڻندو هو ۽ پاڻ بہ سالين جي ڪتنبن سوڌو مفت ۾ رهندو هو. ان بنگلي کان انڊيري اسٽيشن تائين پنڌ ڪندي اڌ ڪلاڪ لڳندو هو. اهو طئي ڪري صبوح واري ڇهين بجي لوڪل ٽرين پڪڙي مان گرانٽ روڊ تي سنڌ ماڊل اسڪول ۾ پڙهڻ ويندي هيس. جوڌپور ۾ اڳ ۾ئي ٽي مهينا بيڪار ويا هئا، مئٽرڪ جي امتحان ۾ باقي ٽي مهينا هئا، ان ڪري مون سجو ڌيان پڙهڻ تي لڳايو.

***

مئٽرڪ پاس ڪري مان باندرا واري نئشنل ڪاليج ۾ داخل ٿيس. ڪاليج ۾ اچڻ سان سنڌ جي ياد ڪجهہ ڪجهہ ڌنڌلي ٿيڻ لڳي. ڪاليج ۾ هنديءَ جو پروفيسر هو ڊاڪٽر پرڌان. هؤ ٻاهران

صورت ۾ نهايت يولو پالو لڳندو هو پر ڏاڍيءَ اٽڪل سان شاگردن کان پڇي وٺندو هو ته سندن پيءُ ڪهڙيءَ آفيس ۾ ڪهڙي عهدي تي آهي. جنهنجو پيءُ وڏي آسامي ڏسندو هو ته ان کي ٽرمينل ۽ پرلم ۾ جهجهيون مارڪون مفت ڏيئي ان کان ڏڪڻا پيو وٺندو هو. اسان جي گروپ ۾ راهل جو پيءُ جيلر هو. ممتاز جو پيءُ وڪيل، بينا جو پتا برماشيل ۾ آفيسر، روزاريو جو پيءُ انڪم ٽئڪس پريڪٽيشنر ۽ منهنجو پيءُ اِسٽور آفيسر ..... پوءِ اسين پيريڊ اٽينڊ ڪريون ئي ڇو؟

اسين پري پري ڪار ۽ سانتاڪروز جي ڪيتن ۾ هليا ويندا هئاسين. بينا ڳائيندي هئي ۽ اسين تاڙيون وڄائيندا هئاسين. احمد لطيفا ٻڌائيندو هو ۽ اسين ڪلندا هئاسين. روزاريو سئنڊ وچ ڪڍندو هو ۽ اسين جهپ هڻي ڪائيندا هئاسين .....

بينا ڪاري هئي. ڪن ڪن جي ڪارنهن لسي ٽيندي آهي ۽ ڪي ڪاريون پر نمڪين لڳنديون آهن. بينا اهڙي ڪاري هئي جو ائين لڳندو هو جڻ سندس چهرو ڪوئلن جي پور مان ڌهيل هو. اسين ڪيس "ڪوئل" ڪري سڏيندا هئاسين.

ممتاز جي ڳچي مور جيان هئي. سندس پنبڙيون ڊگهيون ۽ ڪاريون ڳل مکڙ جي چاٽن جيان هئا، تمام سفيد ۽ تمام لسا. احمد سندس نالو "نور جهان" رکيو هو. منهنجو چهرو ته گورو هو مگر وزن نهايت ڀاري هو. ان ڪري منهنجو نالو رکيو هئائون "اٿراوت".

هر روز سنبوسا يا سئنڊوچ وٺي ايندو هو ان ڪري هن کي چوندا هئاسين "حاتم طائي."

انيل ممتاز پٽيان جنسي ديوانو هو. ان ڪري اسين سڀ ڪيس ميان مجنون خان ڪري سڏيندا هئاسين.

۽ شانتا؟ ممتاز کي ڏسڻ جيڪر ائين چئجي ته پڳوان واندڪائيءَ وقت ويهي ڏاڍي ڏيان ۽ موه سان ڪيس گهڙيو هو مگر شانتا کي ڏسي ائين محسوس ٿيندو هو جڻ هن کي ناهڻ وقت پڳوان جو موڊ خراب هو يا شايد ڪيس کو مذاق سجهي آيو هو! چپ ٽلها، ٽيڏي، وار شيدين جهڙا گهنڊيدار ..... پر هوءَ سياڻ جي سٺي هئي. ڳالهائيندي به تمام ٿورو هئي. ان ڪري اسان جي ٽولي ۾ هلي ويئي هئي.

هڪ ڏينهن روزاريو سان گڏ هيرو به اسان سان گهمڻ هلي آيو. جيئن صبوح جي ٽڏي مٿي هير ۾ بدن سهري اٿندو آهي تيئن هيري کي ڏسي منهنجي بدن جي هڪ هڪ نس ۾ ٽڙڪڻ پيدا ٿي.

هؤ اسان جي گروپ ۾ ته ڇا، منهنجيءَ جيون ۾ به هلي آيو!

هيل تائين غير حاضر ناريءَ جي نظر منهنجو پيچو ڪندي رهندي هئي. رکي رکي هڪ تيز سٿي دل ۾ چيپي مون کي تڙپائيندي رهندي هئي. ٽپاليءَ کي ڏسي منهنجي دل هن جو خط پائڻ لاءِ آشا کي ساڻ ڪري اٿي هلندي هئي. دماغ سان عداوت هئڻ سبب من ايترو به خيال نه ڪندو هو ته جڏهن نه هن کي منهنجو پتو آهي ۽ نه مون کي هن جو. تڏهن خط ايندو به ڪيئن؟

هيرو قداور ۽ ٺاهوڪو هو. سندس وار بہ ڏاڍا گهاٽا ۽ ڪارا هئا. هن جي حاضريءَ ۾ ڇوڪرين تي ڇڙ ڪو جادو ٿي ويندو هو.

پر مون تي تہ سندس غير حاضريءَ جو جادو بہ هلي ويو هو! هن کي نہ ڏسي مان ڏاڍي بيچين ٿي ويندي هيس. منهنجون اکيون بس هن کي ڳولهينديون ئي رهنديون هيون.

دل جي ان نموني جي احساس ۾ شايد ڪا خوشبوءِ ٿئي ٿي جا سيني تائين پهچي ٿي وڃي. هيرو بہ ڄاڻي ويو هو تہ مان ڏانهنس ڇڪجي ويئي آهيان. ڇڪجي ڇا، منهنجي تہ روم روم ڏانهنس ائين ڇڪيل هئي جيئن چقمق ڏينهن لوهہ جا ننڍڙا ٽڪرا! هڪ دفعي مٿي چڙهڻ وقت هن منهنجو هٿ پڪڙيو هو تہ منهنجي شرير جي انگ انگ مان مڌرتا پري هڪ لهر لنگهي ويئي هئي!

چوندا آهن تہ پيار انڌو ٿيندو آهي پر حقيقت ۾ پريميءَ جي نظر تہ تمام تيز هوندي آهي! هؤ پريتم جي هر ڪا چر پر ڏسي سگهندو آهي. صرف اکيون ئي ڇو پيار ڪندڙ جا سڀ حواس تيز ٿي ٿا وڃن. پريان ئي آهٽ سڃاڻڻ، آواز هڪدم جهٽڻ، هن جي تڪليف يا خوشي پاڻپي وڃڻ، هن جي دلچسپي يا بي پرواهي سمجهي وڃڻ، ..... پريميءَ کي اها هوشياري خود بخود اچي ٿي وڃي.

هڪ دفعي چار پنج ڄڻا گڏجي پڪچر تي وياسين. هيرو مون سان گڏ ويئو. مان پاڻ کي اهڙي نصيبن واري پيئي سمجهان جو ڳالهہ ئي نہ پڇو! هڪ بہ دفعو هن جو ڪلهو منهنجي ڪلهي سان لڳو ويفرس (بسڪوٽن جو قسم) ڪٽڻ وقت هن پئڪيٽ جهليل واري منهنجي هٿ جي ڪرائي پڪڙي ويفرس ڪنيا تہ منهنجي دل جي تمنا وڏي ويہ بڻجي منهنجي سڄي وجود کي ڍڪي ڇڏيو! مان آس پاس جي ماحول کان الڳ ٿي ويس ۽ پنهنجو ڪنڌ ڪٽي سندس ڪلهي تي رکيم.

پر هن مون کي هلڪو ٿيلهو ڏيئي پري ڪيو. مان سمجهي ئي نہ سگهيس تہ هن ائين ڇو ڪيو؟

ڪاليج جي پڪنڪ تي اسين ڇوڪريون پاڻي پيئڻ ويونسين. موٽي آياسين تہ پئيان اسان مان هر هڪ جي جتيءَ تي هڪ چٽڪي چنبڙيل ڏٺيسين. ممتاز جي جتيءَ تي "ڪلئوپترا"، سندريءَ جي سئنڊل تي "مس بڪ بڪ"، رڪمڻيءَ جي ڪڙيءَ واري چمپل تي "مئڊم نادينا"، منهنجو نوڪدار سئنڊل تي "ممي ڊارلنگ" ..... لکيل هو.

بينا چيو: "هي سڀ رميش لکيون آهن." ممتاز چيو: "ڪير بہ هجي پر لکڻ واري جا هٿ چمڻ گهرجن. ڪهڙا نہ ٺهڪندڙ لقب ڏنا اٿس؟". مونکي ممتاز جو اهو چوڻ بلڪل ڪين وڻيو. ڇوڪرن مان ڪنهن جو نڪ ڪٽي ڪنديءَ جيان وريل هجي يا سندس ڪن سهي جيان ڊگهاءِ اُيا هجن تہ اسين ٿورو ئي ڪيس طوطو يا سهو سڏيندا آهيون؟ پر ڇوڪرا ڇوڪرين جي جسماني وڏ تي ٺٺولي ڪرڻ پنهنجو موروثي حق سمجهندا آهن.

پڪنڪ تان موٽي بس مان لٿاسين ته سانتيڪي شانتا منهنجي بلڪل ويجهو ايندي چيو "گنگا! اهي چٽڪيون لڪيون به هيري ۽ چنبڙايون به هن ئي!" منهنجي من ۾ خيال آيو ته شانتا کي ڏک هٽي ڪڏان پر پاڻ روڪي ورتم. دل ۾ چيم "هن جي نظر ٽيڏي آهي ان ڪري ڳالهه به ٽيڏي ئي ٿي ڪري."

ڪرسمس هاليڊيز بعد اسين ڪاليج ۾ وياسين ۽ هميشه جيان هنديءَ جو پيريڊ مس ڪري ٻاهر گهمڻ وياسين. ان ڏينهن بينا غزل ڳاتو آلائي ڇو مون کي ناري ياد اچڻ لڳو. هونئن به غزل ٻڌندي مان هڪ عجيب دنيا ۾ کوئجي ويندي آهيان. منهنجيون اکيون بند هيون. اوچتو ڪنهن چيو "هيءَ اڇي مينهن ته سماڌيءَ ۾ اچي ويئي آهي!"

هو آواز هيري جو ئي هو. مون صاف صاف سڃاتو. "تڏهن شانتا جي ڳالهه سچي هئي." منهنجي دل ته چيچاٽ ڪندي بند ٿي ويئي!

بينا ڳائي رهي هئي-

"چئن سي سو رها ٿا مئن، اوڍي ڪفن مزار ۾

يهان ۾ي آ گئي ستاني وو. نه جاني ڪس ني پتا ٻتا ديئا."

مون ائين پئي محسوس ڪيو جڻ مان هڪ اڏامندڙ پکي آهيان ۽ مون کي اچانڪ گولي هڻي زخمي ڪري هيٺ ڦٽو ڪيو ويو آهي.

پر ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي ان زخم جو سور گم ٿي ويو. الائي ڪيئن؟

هڪ ڏينهن ممتاز انيل کي چيو "هڪ ڪم ڪندين؟"

انيل ڪنڌ جهڪائي چيو "حڪم ڪر، هيءَ جان به حاضر آهي."

ممتازجي منهن تي اچا اچا هنس اڏامڻ لڳا.

هاڻي مان شانتا جي شڪل جي ڏانهن نه ڏسي سنڌس سياڻپ ۾ري صلاح ڏانهن ئي ڌيان ڏيندي چيس. شانتا مون کي ٻڌايو هو ته انيل پنهنجي پيءُ جو چيو مڃي پڙهڻ ڇڏي حيدرآباد دڪڻ هليو ٿو وڃي. اها ڳالهه هن ممتاز کان لڪائي رکي هئي.

مون ممتاز کي آهستي ڪن ۾ چيو ته "ممتاز! جيڪي ڪبوتر تنهنجيءَ دل ۾ ڦڙ ڦڙ ڪري اُڏي رهيا آهن: انهن جا پر ڪپي ڇڏ."

ممتاز ڳالهه نه سمجهي چيو "تون ڏاڍي ظالم آهين، گنگا!"

مون چيو "ڏس ممتاز! تنهنجي صورت به پياري آهي ۽ تنهنجو آواز به چانديءَ مان ٺهيل جهنجهڻي جيان پيارو پيارو آهي. پر هتي جيڪي ويٺا آهن انهن مان ڪو به تنهنجو شاهجهان ناهي. پڪ ڄاڻج ته سنگمرمر جو تاج محل ته ڇا، هنن مان ڪو تنهنجي مٿان سڪل گاهه جي جهوپڙي به ڪو نه ٺهرائيندو."

انيل نقلي غصو ڏيکاريندي چيو "ائراوت اڄ هيئن رنيي ڇو ٿو؟"

"رنيي انهيءَ لاءِ ٿو جو تون ممتاز کي ٻڌائين به نه ٿو ته تون اِدلي ۽ ميڏوڙا گهوٽيندڙن مٿان نظرثاني ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ کي الوداع ڪري وڃي رهيو آهين؟" مون چيو.

ممتاز بي اختيار انيل جو هٿ پڪڙي چيو "ڇا اهو سچ آهي؟ تہ پوءِ مونکي بہ پاڻ سان وٺي هل نہ....."

ڪاليج جي الهڙ جيون ۾ زندگيءَ جي سچائيءَ ڏانهن اسان جو ڌيان ئي ڪٿي ٿو وڃي؟ اهي جي ڪاليج جي ڪاريڊارس (راهداريون) ۾ ڪبوترن جي جوڙي جيان ڳٽر ڳٽر لڳائي پيا هڪ ٻئي کي پيار ڪندا آهن، سي هڪ ٻئي کان وڇڙي اهڙي هنڌ هليا ويندا آهن، جو وري هڪ ٻئي کي سڄي زندگيءَ ۾ ڪو نہ گڏجن!

انيل ممتاز کي ساڻ ڪرڻ بنا ئي هليو ويو. ڪوئل جي شادي ٿي ويئي. روزاريو کي پيٽيويو آسٽريليا وٺي ويو ۽ اسانجي ٽولي هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پڪڙي ويئي!

***

بي.اي پاس ڪري مون اسڪول ۾ ماسٽري ڪرڻ شروع ڪئي. اسڪول، جتي بہ زمانا اچي ٿا پاڻ ۾ ٽڪرن. اُتي اهي ماسٽرياڻيون هيون جي يا وڏائون هيون يا اُهي جن جي ڪنهن سبب شادي ٿي نہ سگهي هئي. اهي سخت ۽ ڪٺوڙ زندگيءَ سبب ڄڻ ٿوٿ ڪهرا پهاڙ بڻجي پيون هيون. ٻيون هيون نينگريون، جي تازي ۽ سيلاب واري جيون ڪٿي ڄڻ نديون هيون، چنچل ۽ ڪل ڪل ڪندڙ.... وهندڙ ۽ ٽپ ڇڏيندڙ..... مست ۽ البيليون.

ماسٽرياڻيون سست ۽ موڳيون ۽ هر روز ساڳي جيون ڪاٽيندڙ ۽ ڇوڪريون نچندي ڪڏندي ڇلانگ ماري وڏيون ٿيندڙ!

هتي ڪي نينگريون اهڙيون چست هونديون آهن جو سندس انگ انگ مان زندگي ڦاٽ ڪائي ٻاهر نڪرڻ چاهيندي آهي. ڪي ٻلنديون آهن تہ سارو جهان ساڻن جهومندو هلندو آهي. ڪي ڪلنديون آهن تہ ساري فضا ۾ مڌرتا ڦهلجي ويندي آهي. ڪي ڳالهائينديون آهن تہ چار ئي ڏسائون گونججڻ لڳنديون آهن ۽ ڪي روئنديون آهن تہ سڄي ڪائنات اداس ٿي ويندي آهي.

انهن مان ڪي گوريون آهن تہ ڪي ڪاريون، ڪن جو چهرو گول آهي تہ ڪن جو پپيتي جهڙو ڪي سنهيون آهن تہ ڪي ٿلهيون، ڪي ڊگهيون آهن تہ بندريون، پر سندن عمر جي اوسٿا اهڙي آهي جو سڀ جو سڀ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ دل ۾ سنيهہ جاڳائي ئي وٺنديون آهن.

دادي مور ڪين پڪاريندي هئي ""ٻچڙيون!" ..... ۽ دادي ديوي هٿ ۾ لڪڙي ڪٽندي بہ ڪين ايترو ڪلائيندي هئي جو ڇوڪرين سندس نالو ئي ڪٽي رکيو هو "ڪلٽي." پر هوءَ مس شهاٽي هئي نہ؟ خبر ناهي ڇو؟ هوءَ ڇوڪرين جي ڪل خوشي سهي ڪا نہ سگهندي هئي. ڪا نينگر اڃا آزاد مٿنا وانگر تنوار ڪري تہ هوءَ پڇرو بڻجي سندس آزادي کسي وٺندي هئي. ڪا پڪيءَ جيان پر ڦڙڪائي تہ هيءَ ڪٽنچي ڪٽي سندس پر ئي ڪپي ڇڏيندي هئي! اڃا ڪنهن مڪت ۽ آزاد ٿهڪ ڏنو ناهي، شهاٽيءَ هنجي ماءُکي چئي لکي ناهي! اها ماسٽرياڻي نائين درجي جي ڪلاس ٽيچر هئي. شاگرديائيون مس شهاٽيءَ کي "جيلر" ڪري سڏيندڙيون هيون.

پهرين تہ مان شاگرديائين جي زندهہ وهنوار ڪري سندن پاسو ڪڙڻ لڳيس پر پوءِ بيئل تلاءَ جيان جيون گذاريندڙ ماسترياڻين اڳيان منهنجي دال نہ ڳري. پنهنجيءَ ڄاڻ جو دائرو وڌائڻ بدران هنن منهنجيءَ هلت جي چوڌاري لوڙها ڏيئي ڇڏيا. "ڏس! هن پنهنجي سڪيلڌيءَ مانيٽر جا افعال! ڏهين درجي ۾ پڙهندڙ آرجن کي لکيو اٿس خط ايڏا ڏيس هشي!" تنهنجي ڪلاس ۾ هوءَ راجو ڏس! اِسڪرٽ ڪهڙي لنڊي پاتي اٿس؟ توچيو اٿس ڇا تہ گوڏي کان مٿي پنهنجين ٽنگن جو نماءُ ڪري؟" ٻڌي مان بہ هاڻي گونگي ٿي پيس.

***

اسان جي پرنسيپال کي ناٽڪن جو ڏاڍو شوق هو. اسڪول ۾ ناٽڪ منڊلي برپا ٿيل هئي جنهنجو اِنچارج هو ماسٽر جهمٽمل. مون کي بہ ننڍي کان ئي ناٽڪ وڻندا هئا، سو چوڪرين جي ونگ جي چارج مون کي ڏنائون. هاڻي ناٽڪن ۾ چوڪريون چوڪرا ٻئي پارٽ ڪڍندا هئا تہ ناٽڪن ۾ جڙ جان اچي ويئي.

ماسٽر جهمٽمل ڏاڍو محنتي هو. شاگردن لاءِ سندس هڏ ڪرڪندو هو. موڪل ڪانپوءِ هو ساڻن گڏ ويهي ڪم ڪندو هو ۽ شاگرد بہ ڪيس ڏاڍو پيار ڪندا هئا.

چوڪرين جو سيڪشن پهرئين ماڙي تي ۽ چوڪرن جو ٻي ماڙي تي هو. اسين ناٽڪن جي ريهرسل ٽئين ماڙي تي سائنس هال ۾ ڪندا هئاسين.

پهرين تہ جهمٽمل مونکي عزت ڏيندو هو ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندو هو. پر پوءِ هن مون کي جڙ پنهنجو منشي بڻائي ڇڏيو. ناٽڪ جون ڪاريان ڪاپيون ڪيڏيون هجن تہ مان ئي لکان، ريهرسلس لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مان ئي ويهان. پٽيوالي جي وٺڻ وارا هار ٺيهار بہ مان خريد ڪري اچان تہ ناٽڪ ۾ ڪم ايندڙ سامگريءَ جو بندوبست بہ مان ئي ڪريان. پاڻ صرف فون ڪري هڪوراني ۽ ڪان ڪرسيون يا موٽواٽيءَ ڪان مائيڪ گهرائڻ جو بندوبست ڪندو هو ۽ پوءِ بہ اچي چوندو هو "آرڊر ڏيئي آيو آهيان ..... تنهنجو ڪم ڪري آيو آهيان ...."

مون ڏٺو تہ جڏهن بہ پرنسيپال چوندو هو تہ "اڄ دادي گنگا بہ اسٽيج تان بہ اڪر چوي" تہ جهمٽمل بهانو بڻائي مون کي پاشڙ ڏيڻ کان ريتي ڇڏيندو هو! "اِسٽيج تي ايتريون ڪرسيون نہ ٿيون ٿهن."

يا چوندو هو "ماسٽرن بدران شاگردن کي ڳالهائڻ جو وجهہ ڏيڻ گهرجي" ... "ايترا گهڻا ڄڻا ڳالهائيندا تہ وقت ڪٽي پوندو....."

ائين منهنجي اڳيان وڏڙ ۾ يا مشهوري حاصل ڪرڻ ۾ هو رنڊڪون وجهندو رهيو هو.

شاگرڊياڻين وٽان يا پرنسيپال وٽان مونکي داد ملندو هو يا اسڪول جي مئگزين ۾ منهنجو فوٽو پوندو هو تہ جهمٽمل کان اها ڳالهہ برداشت نہ ٿيندي هئي.

مون پڙهيو هو تہ مرد ۾ جڏهن زنانا گڻ موجود هوندا آهن تہ هو غير رواجي انسان بڻجي پوندو آهي. منجهيس ناريءَ

لاڙڪاڻو يا لاڙڪاڻو

هن کي اڳي چانڊڪو ۽ چونڊا هئا. اهو اصل چانڊين جي ٽومر جو هو. جو نواب خان خانان اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ آدم شاهہ ڪلهوڙي کي جاگير ڪري ڏنو. سن 1113هہ (سن 1701ع) ڏاري ميان يار محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ ڪلهوڙن شڪارپور پنوهرن کان رني انهيءَ کي خدا آباد جو تالو ڏيئي پنهنجي رهڻ جو هنڌ ڪيو ۽ بختاور خان جي پاءُ ملڪ الهہ بخش کان لاڙڪاڻو ورتائون. سن 1144هہ (سن 1731ع) ۾ قلات جي بروهين ڪاڇي ۾ اچي ڦرلٽ ڪئي هئي. تن کي سزا ڏيڻ لاءِ ميان نور محمد ڪلهوڙو لشڪر رني لاڙڪاڻي آيو. اتي بروهين جي سردار عبدالله خان سان رڙهي هن کي شڪست ڏنائين ۽ هو مارجي ويو. سن 1153هہ (سن 1740ع) ڏاري نادرشاهہ بادشاهہ سنڌ ۾ آيو ۽ ميان نور محمد سان رڙهي انهن کي قيد ڪري لاڙڪاڻي آيو ۽ اتان پنهنجا سردار جدا جدا پاڳن ڏي موڪليائين ۽ پوءِ پاڻ قندار ڏي روانو ٿيو. سن 1172هہ (سن 1759ع) ۾ ڪوسن خدا آباد تي ڪاهي نقصان ڪيو هو. تنهنڪري ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو لاڙڪاڻي ۾ آيو ۽ ڪوسن کي سزا ڏيئي. انهن جا سردار ماري ۽ آئيندي لاءِ پڪو بندوبست ڪري سيوهڻ ڏي ويو. ميان صادق علي خان ڪلهوڙي جي وقت ۾ ميان عبدالنبي بروهين کان مدد رني لاڙڪاڻي آيو. تنهن تي مير فتح علي خان لشڪر رني وڃي جالڪ جي پل رڻ بروهين سان رڙهيو ۽ انهن کي شڪست ڏنائين ۽ انهن جو سردار زرڪ جو قلات جي خان جو نائي هو. سو مارجي ويو. سن 1218هہ (سن 1803ع) ۾ جڏهين شاهہ شجاع الملڪ سنڌ تي ڪاهي آيو. تڏهين مير غلام علي خان تالپر لشڪر رني پهرين لاڙڪاڻي آيو. جتي خيرپور رلي مير سهراب جو لشڪر ۽ اچي سائمن گڏيو ۽ پوءِ شڪارپور ڏي ويو. جتي پوءِ شاهہ شجاع سان نهرائيو.

جو گڻ شرڌا ۽ وشواس گهٽي ماترا ۾ اچي وڃي تہ هؤ پڇت ٿي پوندو آهي. ڪيس ڏيرج رکي ڪجهہ سکڻ جو ڏانءُ اچي تہ هؤ سنو درزي يا راڌائؤ بڻجي ويندو آهي ۽ جي پاونا جي تيزي ملي وڃيس تہ شاعر ٿي پوندو آهي. پر اها خبر ئي ڪين هيم تہ زنانو او گڻ-حسد حاصل ڪري مرد سمجهہ ۽ سالم ٻڌيءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏيندو آهي!

حسد جي حوالي بڻجي، جهمٽمل کي اهڙيون ننڍڙيون چالاڪيون ڪندو هو جو مون کي من ئي من اندر مٽس کل پيئي ايندي هئي. هو سمجهندو هو تہ مان ڪجهہ سمجهان ئي ڪين ٿي، پر هن جي وهنوار پئيان جيڪا معني هوندي هئي سان جهٽ پرکي وٺندي هيس.

ٻين مردن جيان جهمٽمل بہ پاڻ کي مون زال کان مٿي سمجهندو هو. منهنجيءَ صلاح موجب ڪم ضرور ڪندو هو پر ڪڏهن بہ ڪونہ مڃيندو هو تہ ائين ڪرڻ لاءِ مون ئي ڪيس چيو هو. هميشہ پنهنجي ڪنهن دوست جو تالو وٺي چوندو هو تہ هن چيوهو تہ هيئن ڪر تہ.....

ڪڏهن ڪڏهن ٻين جي سامهون بنا سبب مون سان وڙهندو هو. مون جاچيو هو تہ ائين ڪري هؤ ڏيکارڻ ٿو چاهي تہ مان سندس زيردست آهيان يا ڪانئس هيٺ پرو آهيان. دل ۾ ايندو هوم تہ مان بہ ڪيس ڌرپت ٻڌائي ڇڏيان پر اميءَ کي چوندو ٻڌو هئم تہ ڪنهن بہ مرد کي ٻين جي اڳيان هيٺ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجي، نہ تہ هؤ دشمن ٿي پوندو آهي ۽

ڏارئي مرد جي دشمني معني پنهنجي زناني اخلاق تي چوٽ. ڇاڪاڻ تہ مرد اهوئي هتيار استعمال ڪري زال کان ويڙ وٺندو آهي.

اسڪول ۾ پاڙهڻ، ڪاپيون جاچڻ ۽ رپورٽ بوڪس ڀرڻ کانپوءِ ناتڪ منڊليءَ جو ڪم ڪرڻ ڪري مونکي گهڻي دير ٿي ويندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ صبوح جي نڪتل شام جو ئي گهر پهچندي هيس. ان تي امي ڏاڍو ڪاوڙيي هئي. پر مون کي ڪم ڪرڻ جو شوق هو. چست ڦرت رهڻ منهنجي سياءَ ۾ شامل ٿي ويو هو.

***

هوا ۾ ڪي اُنواهہ ڦهلجندا هئا ٻڌم. اسڪول ۾ بہ چميگويون شروع ٿي ويون هيون. ماسٽرن مان ڪي منهنجونالو جهمٽمل سان ڳنڍي هڪ خاص انداز سان مشڪندا هئا. مونکي ڏکہ ٿيندو هو تہ منهنجي ساهيڙي گلي چوندي هئي، "پائي. پل پيا چون تہ دنيا وڏي ۽ ويڪري ٿي ويئي آهي پر انسان تہ اهوئي آهي نہ؟ ۽ خاص ڪري هندستاني ماڻهو تہ اجا بہ ننڍڙو ۽ سوڙهيءَ دل وارو آهي.

ٿورن ڏينهن بعد مرهٽي پاڙهيندڙ مسز ٻئيجا اچي چيو "گنگا! تنهنجو خير ڪونهي. جهمٽمل جي زال ساوتريءَ ڪجهہ ٻڌو آهي. هاڻي تہ هوءَ تنهنجا ڄنڊا اچي پٽيندي"

گلي، مان ۽ مسز ياٽيا ٽيئي ساهيڙيون هيونسين. مسز ياٽيا جو گهوٽ بہ تمام سمجهوءِ ۽ سياڻو هو. گهڻو ڪري اسين ياٽيا جي گهر ئي گڏجنديون هيونسين ۽ اتي ئي منجهيل ست سلجهائينديون هيونسين. گلي ۽ چيو "پائي، اسان جو سماجڪ ڍانچو ئي اهڙو آهي. زال مرد جي صحتمند دوستي ڪير بہ هضم ڪري نہ سگهندو آهي."

مسٽر ياٽيا بہ چيو "عام ماڻهو ائين ئي انومان ڪڍندا آهن. تون زال ۽ هوءَ مرد گڏجي ٿا ڪم ڪريو ۽ اتو ويهو تہ..... هنن حالتن هيٺ جي جهمٽمل جي زال جهان ديده هجي ها تہ تون بچي سگهين ها پر ...."

پر ساوتري تہ مون ڪڏهن ڏٺي بہ ڪين هئي. هڪ پيري قصو ائين اچي ٻڌيو جو راجستان جي هڪ نرتيہ ڪار (ناچ سيڪاريندڙ) کي اسانجي شاگرديائين کي ڪي اسٽيپس (نچڻ جا گر) سيکارڻا هئا. اهو نرتيہ ڪار جهمٽمل جي گهر ۾ رسان ئي ڪٿي اچي لٿو هو. جهمٽمل اڳو پوءِ اسانکي مانيءَ لاءِ چئي ڍانس جي ريهرسل پنهنجي گهر ۾ ئي رکائي.

مانيءَ تي ساوتريءَ بيضي جا پڪوڙا، سيئل مڇي ۽ ناريل ۾ رڌل گوشت تيار ڪيو هو پر پيز پٽاٽن جي ياڄيءَ ۾ جهوجو ڪارو پاڻي وجهي ان کي بي جسو ٻڌائي ڇڏيو هو. مان سمجهي ويس تہ جهمٽوءَ (اسان ڪيس اهو نالو ڏنو هو) ساوتريءَ کي ٻڌايو آهي تہ مان ويشنو آهيان. ڪهڙي بہ زال پنهنجي سامهون ٻيءَ زال جو ڪيل اهڙو سوڪيم جملو ۽ اُدرشيہ جنگ هڪدم ڀانپي ويندي آهي.

مان گهر وڃڻ لاءِ اٿيس تہ جهمٽمل مونکي بس تائين اُپرائڻ لاءِ ائيو. ساوتريءَ

ڏانهنس اهڙي ڪرڙي نگاهه اڇلي جو هؤ چائنٽ اندر ئي روڪجي بيهي رهيو در کان ٻاهر نڪتو ئي ڪين!

جهمٽؤ جي اهڙي حالت ڏسي مان من ئي من ۾ مٽس قياس ڪائڻ لڳيس. قياس ته مونکي ساوتريءَ تي به اچي رهيو هو. جنهن زال ۾ شڪ عرق جي روپ ۾ موجود هجي، ان جي دل ۾ خوشي اچي ئي ڪيئن ٿي سگهي؟ ۽ جهمٽؤ؟ گهر ۾ هؤ ڪوئو هو ۽ ساوتري ٻلي. شايد ان ڪري ئي هؤ ٻاهر شينهن جي ڪل اوڍي گرجڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

خير ..... هنن ٻنهي ۾ منهنجو وڃي ئي ڇا؟ مونکي ته پاڻ بابت ئي سوچڻو هو. سماج ۾ رهندڙ انسان ۽ سو به ڪنواري ڇوڪري، ڪيتريءَ دير تائين افواهن جو مرڪز بڻجي رهي سگهندي؟ جيستائين مونکي ڪنهن آفيس ۾ نوڪري ملي تيستائين مون ناتڪ منڊليءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. "مونکي اڌ مٽي جو سؤر اچي شروع ٿيو آهي. شايد ماسٽري به ڇڏڻي پوي" چئي مون پنهنجي جند ڇڏائي.

***

مسٽر ياٽيا جي مدد سان مونکي جلد ئي پي. ڊبليو. ڊي. جي آفيس ۾ نوڪري ملي ويئي. اسان انڌيري ڇڏي هاڻ مهيم اسٽيشن پرسان ئي جاءِ ورتي هئي. گهر مان نڪرڻ وقت گهڙيال، اسٽيشن تي گهڙيال، آفيس ۾ گهڙيال، ائين هاڻ ڪانٽن تي نظر لڳائڻ ۾ ئي ڏينهن گذري ويندو هو.

گلي مهيم ۾ ئي رهندي هئي. ۽ اسانجي ساهيڙپ جيئن جو تيئن هلندي آئي هئي. گلي ۽ مان عمر ۾ ساڳيون، مگر سياءَ ۾ هڪ ٻئي جي اُبتڙ هيونسين. گليءَ کي مٽس جو شوق هو پر مان حسابن ۾ جهڙو آلو نور. گلي تمام ٿورو ڳالهائيندي هئي ۽ مان تمام گهڻي جاچ ڪندي هيس. باريڪ ڳالهين کي ڏسڻ ۽ پرکڻ، منهنجو هڪ خفت هو. گليءَ کي سٺا ڪپڙا ۽ مڃ شين پائڻ جو شوق هو. سائي رنگ جي ساڙهي هيٺان منهنجو اڇو پيٽي ڪوٽ ڏسي هؤ چوندي هئي "ٺهيو ٻيو نه ته مرهٽياڻين کان هيءَ بي ڍنگي عادت ته سکينءَ!"

گليءَ شادي نه ڪئي هئي. هڪ هنڌ سندس مائٽي چري هئي جن پهرين ڏهه هزار گهريا هئا، پر شاديءَ کان چار پنج ڏينهن اڳ هنن پندرهن هزار گهريا. "اسان کي ٻئي هنڌان ويهه ٽا ملن پر توهان سان رعيت ڪري پندرهن ٽا گهرون. ڏيڻ لاءِ تيار هجو ته واهه نه ته مائٽي ٽٽي سمجهجو." ۽ گليءَ مائٽن کان انڪار ڪرائي ڇڏيو! دل ته منهنجي به ٽيندي هئي ته مان به اهڙو ئي ڪو جواب ڏيان رشتو ڪٽي ايندڙن کي، پر نه مان گليءَ جهڙي بردبار هيس ۽ نه منهنجا مائٽ هن جي مائٽن جهڙا ماڊرن خيالن جا هئا. امي ته روز پرارٿنا ڪندي هئي "نياٽي وڃي پنهنجو گهر وسائي ته مان گنگا-اِشنان ڪريان." بابا به هوٽلهار ڇوڪرو ٻڌي ان جي پڇا ڳاڇا ڪرڻ ۾ لڳي ويندو هو.

بابا مونکي ڏاڍو پائيندو هو. هنجي مرضي نه هئي ته مان نوڪري ڪريان پر مون کي ضد ٻڌي ماسٽري ڪرڻ شروع ڪئي هئي. ماسٽري ته ڇوڪريونس سنڌ ۾ به ڪنديون هيون، ان ڪري بابا مڃي

ورتو هو. پر آفيس ۾ منهنجو نوڪري ڪرڻ بابا کي اصل ڪين وڻيو. تنهن هوندي به هن ۾ ڳالهه کي سمجهڻ ۽ اڳلي جي نقط نظر کي مان ڏيڻ جي توڳ موجود هئي انڪري مونکي گهڻي ڏکيائي ڪين ٿي. امي ته بس هاڻي اکيون پوري بابا جي چوڻ پنيان ئي هلندي هئي. منهنجي لاءِ ڇا چڱو آهي ۽ ڇا برو. اهڙو سوچڻ جو ڪم بابا تي رکي ڇڏيو هو.

اسڪول کان آفيس جي دنيا ٿوري گهڻي ويڪري هئي. ڪنهن سان ڪئنٽين ۾ وڃي چانهه پيئ ته ڪا غير رواجي ڳالهه ڪين لڳندي هئي. تڏهن به مان ڪير جي سڙيل ڏڏ کي به ڏوکون ڏيئي هلندي هيس.

آفيس ۾ هڪ سنڌي لڇوءَ نالي آڪائونٽنٽ هو. هؤ مون سان ڳالهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندو هو. پر مان نٽائيندي رهندي هيس. ڏيري ڏيري مون هنجي "هلو" جو جواب مشڪڻ سان ڏيڻ شروع ڪيو. پوءِ هؤ منهنجي ڪرسيءَ وٽ ڪڏهن ڪڏهن هلي ايندو هو. ائين ئي اسان جي واقفيت وڌندي ويئي هئي.

هاڻي اسين هر روز چئين بجي گڏ چانهه پيئڻ ويندا هئاسين. لڇؤ چوندو هو ته مون کي آڪاڻي ٻڌاءِ. مون کيس سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جون آڪاڻيون ٻڌايون. هؤ چوندو هو ته "آڪاڻي ٻڌائيندي تون وچ ۾ ڪلين ٿي. اها ڪل ٻڌي منهنجو ٽڪ ئي لهي ٿو وڃي."

هڪ ڏينهن بابا منهنجي آفيس ۾ آيو. هن کي چيائيون ته ڪئنٽين ۾ آهي ته هؤاتي هلي آيو. هن لڇوءَ سان مونکي ڪلندو ڳالهائيندو ڏٺو. پر ان وقت مونکان صرف چيڪ تي صحيح وجهرائي هؤ هليو ويو. شام جو گهر پهچڻ تي هن مونکي بالڪنيءَ ۾ وهاري پڇيو "هيءَ لڇؤ ڪير آهي؟"

"اڪائونٽنٽ آهي."

"پر آڪهه ڪهڙي اٽس؟"

"چيائين."

"توکي پسند اچي ٿو؟"

مون ڪجهه به ڪين چيو.

"گهر ڪٿي اٽس؟"

"شايد ملند ۾."

"ملند ۾ پر ڪٿي؟"

"اها ته مونکي خبر ڪينهي."

پر بابا خبر ڪڍي ئي ورتي. هن مونکان پڇي پڪ ڪئي ۽ پوءِ منهنجو مڱڻو ڪري ڇڏيائين.

مان خوش هيس. پلا مون کي ٻيو ڪپندو به ڇا هو؟ لڇو ناريءَ جهڙو سهڻو يا هيري جهڙو ڇالاڪ نه هو. هؤ هڪ سڌو سادو ماڻهو هو ۽ مونکي اها ئي ڳالهه پسند هئي.

شادي ٿي ويئي ته مونکي ائين لڳو جڻ ناريءَ کي اڳئين جنم ۾ ۽ هيري کي خواب ۾ ئي ڏٺو هئم. سونهري ڏينهن ۽ چانديءَ جي راتين ۾ مونکي اڳيون ڳالهيون صفا وسرڻ لڳيون. لڇؤ مون تي ڏاڍو مهربان هو.

***

لڇؤ منهنجين اکين ۾ نهاريندو هو ته هنجي نهار کي منهنجيءَ دل جي اندرئين تهه تائين هلي ويندي هئي. اها نهار اتي هڪ اونهي ڪڏ ڪري ڇڏيندي هئي.

جڏهن هؤ پيار مان پنهنجا چپ منهنجن ڪنن ۾ ڳلن جي ويجهو آڻيندو هو تہ اها ڪڏ امرت سان ڀرجي ويندي هئي ۽ مان ڳيتون ڏيئي امرت جا ڍڪ پيئندي هيس.

مان ڪيس چوندي هيس، "تون مون کان پري نہ ٿج. تون هڪ منٽ پري ٿو ٿئين تہ منهنجين اکين اڳيان اونداهہ اچي ٿي وڃي."

هو چوندو هو "تون بہ مونکي نہ ڇڏج. توکي نہ ٿو ڏسان تہ منهنجي دنيا ئي بيهي ٿي وڃي."

مان جواب ۾ چوندي هيس: "مان تہ تو ۾ سڄي جي سڄي سمائجي ويئي آهيان، پوءِ ڇڏڻ جو سوال ئي ڪيئن ٿو اُٿي سگهي؟"

۽ هؤ چوندو هو "مان بہ تہ ائين ئي ٿو چوان نہ؟ تون منهنجي من ۾ هلي ويئي آهين تہ پوءِ پري ٿيندس ئي ڪيئن؟"

اسان جو پهريون جهڳڙو تڏهن ٿيو جڏهن مون لڇؤ جي ماءُ کي پنهنجو پگهار ڪين ڏنو. هن پٽ کي دانهن ڏني. لڇؤ مون کي چيو ۽ مون جواب ڏنو تہ "پٽ جو ڪنيو ۽ ننهن جو لڏو- بس انهن تي. سندس حق آهي. ننهن جو پگهار سس کڻي، اهو رواج ڪٿان جو آهي؟"

لڇؤ چيو "جڏهن گهر جو ڀاتي آهين تڏهن پنهنجي ڪمائي گهر کي ڏيڻ ۾ توکي اعتراض ڇو هئڻ کپي؟"

"جي ائين آهي تہ پوءِ منهنجي پيءُ کان ڏاجي ۾ جاءِ ڇو گهريئو؟ جي ننهن ڏيءُ برابر آهن تہ پوءِ ننهن کان طلب ڇا جي؟" چي: گهوڙو تا در تي ٻڌون" پر هاڻي تہ گهوڙو پنهنجو چارو پاڻي پاڻ خود ٿو هٿ ڪري!"

لڇؤ ڪجهہ ڪچيو ڪين پر ڪيس منهنجي دليل اتارڻ واري ڳالهہ بنهہ ڪين وٺي. هن حڪم ڏيڻ واري انداز ۾ چيو "تہ پوءِ نوڪري ڇڏي ڏي، گهر ۾ ويهي باسڻ ملج."

مون بہ ڪيس چئي ڏنو "ٺيڪ آهي. جيڪڏهن تنهنجي پيٽ ساهري گهر ڀهاري پائي باسڻ ٿي ملي تہ پوءِ مان بہ ائين ئي ڪنديس."

ٻاهر منهنجي سس اهو پچاڙيءَ وارو جملو ٻڌو ۽ واڪي سان چيائين "هن وڏ- واتيءَ سان پڇي ٿورو ئي سگهنديئن؟ تون ئي ڪٽي چپ ڪر. توبهہ توبهہ! پڙهيل ڳڙهيل ننهن ڪڏهن بہ نہ وٺجي!"

پر مون اهو چئي پڇتايو. اميءَ جي نيڪ صلاح جي ابتڙ وڃي پنهنجي ئي مڙس کي ڪاوڙائي ڇڏيو هئم. امي چوندي هئي "زال کي سڏي جواب ڏيڻ بدران ٻيا طريقا اپنائڻ کپن. هنجو سچ چوڻ يا دليل ڏيڻ يا سوال جو جواب ڏهڪائي ڏيڻ، مرد کي پائڻہ نہ ٿو پوي. مرد ۾ اهو سڀ هضم ڪرڻ جي شڪتي بلڪل ئي ڪينهي. ان ڪري مرد پل شستر هلائي پر زال کي شستر نہ، آستر ئي هلائڻ گهرجن."

مون هيٺاهين ورتي. سس اڳيان ڪنڌ جهڪائي پئسا سندس پلاند ۾ رکي چيم، "امي، منهنجي غلطي معاف ڪريو."

منهنجي سس بہ تہ زال هئي، سو بہ هڪ جهان ديده زال. هن پئسا کڻي اکين تي رکيا ۽ چيو "ڏيءُ! تون وڃي پاڻ وٽ رک. اڳ، پوءِ، سڀ آهي توهان جو. مون

کي ٻه مانيون ڏنوَ تہ منهنجي لاءِ کوڙ ٿيو. شل سهج چوڙين سهج ماڻين، ڏيءُ!"

سس سان صلح ٿي ويو مگر راڻو کي ڏينهن رٽل ئي رهيو. هوءَ منهنجي پڳهار کي تہ هٿ نہ پيو لائي، پر مونکي ٻه هٿ نہ پيو لڳائي! ان کي مجائڻ لاءِ ٻيا کي اُپاءَ استعمال ڪرڻا پيا. مغلائي چڪن رڌم هونئن کان هار سينگار وڌيڪ ڪيم. ٻاٽ روم ۾ راڻو سر ڳايم ۽ سندس دوستن جي لاءِ ماني موڪليم. تڏهن مس وڃي سندس سيٽ ٿوري ڍلي ٿي.

منهنجي شاديءَ واري تاريخ آئي. گليءَ تہ گل موڪليا پر جهمٽوءَ جي ساوتريءَ ٻه ياد ڪري ڪيڪ موڪليو! وسريو تہ صرف منهنجي هن لڇوءَ کان! صبوح سويل نڪتو سو رات جو دير سان گهر موٽيو. سو ٻه ڪجهہ ڪٽي ياد هجيس. ٻنهہ نا الائي مرد پنهنجيءَ زال کي ڇا ڪري سمجهندو آهي؟

"توکي ڪجهہ ياد آهي؟" مون پڇيو.

"ڇا ياد ڪرڻو هو؟"

"آج ڪهڙي تاريخ آهي؟"

"پنجويهين. ڇو؟"

"پنجويهين تاريخ ڇا ٿيو هو؟"

"مطلب؟ تہ توکي اسان جي شاديءَ جي تاريخ ٻه وسري ويئي آهي؟"

"او... هو.... ! پر تاريخ ئي تہ وسري آهي، تون ٿورو ئي وسري آهين؟"

"پر اهو ڏينهن جنهن ڏينهن تنهنجي منهنجي جيون پاڻ ۾ ڳنڍي ويئي....."

"پر ڳنڍيائي ئي تہ پيا آهيون. اهو ڇا بس ناهي؟" ائين چئي هن مونکي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ منهنجو رساموئي گم ٿي ويو.

صبوح جو هوءَ آفيس سنڀري رهيو هو تہ مون کيس بيبيءَ جي سنان لاءِ پلاسٽڪ جي پاٽ وٺي اچڻ لاءِ چيو.

"بيبي ٿي چئي ٿي. اڄ هي کپي سيان هوُ کپي....."

"ايا تہ هڪڙو ٻار ڄڻيو اٿوَ.... ماڻهو تہ ڏهہ ڏهہ ٻار ڄڻيندا آهن.....

"ڏهن ٻارن ڄڻڻ لاءِ تون تيار آهين؟"

"واهہ! سيٽ هڪ ئي ٻار ۾ ٽڪجي پيو آهي سو هليو آهي ڏهہ ٻار ڄڻڻ...."

"توکي ڇا آهي؟ توکي تہ صرف ڳالهيون ڪرڻيون...."

"ها۔ اسين زالون تہ رڳو ڳالهيون ڪري ڄاڻون ڪم تہ صرف اوهين مرد ئي ڪندا آهيو....

"هر ڳالهہ ۾ ايترو وهلور ڇو ويندي آهين؟"

"تون ائين ڳالهائيندو ڇو آهين؟"

"ائين ڪيئن؟"

"جيئن هينئر ڳالهائي دل ٿو دکائين."

"دل؟ پاٽ وٺان ٿي دل ٿي اچي رسين؟ ڇڪو ڇڪو وٺي ايندس تنهنجي سڪيلڊيءَ لاءِ پاٽ. هاڻي تہ بس؟"

"ڄڻ سڪيلڊي صرف منهنجي آهي. تنهنجي...."

"اڙي بابا .... هاڻي دروپديءَ جي ساڙهيءَ يا هنومان جي پڇ وانگر ڳالهہ ڪي اڻ ڪٽ تہ نہ بڻاءِ، اسان بس ڪيئَ ...." هن ٻنهي ڪنن جون پاپڙيون پڪڙيون ۽ مون ڪلي ڏنو.

آفيس جي ڪم سان هوُ ويو دهليءِ. موٽيو تہ پڇيو مانس "منهنجي لاءِ ڇا وٺي

آيو آهين؟"

"ڪم مان فرصت ئي نہ ملي."

"هيڏي وڏي شهر وٺين ۽ ڪجهہ بہ خريد نہ ڪري آئين؟"

"اڙي! ڪم سا نگي ويو هوس، گهمڻ ٿورو ئي ويو هوس؟"

"پر سڄو ڏينهن پئي ڪم ڪيئہ ڇا؟"

"ڪم نہ ڪيم تہ خريداري ڪرڻ ويندس. ائين؟"

"سڌو نہ ٿو چئين تہ مان ياد بہ نہ هئيسانءِ. ڪيترو چيو مانءِ تہ مان بہ توسان گڏ هلان ....."

"نل دمينتي آهيون ڇا جو هڪ چادر ۾ ويڙهجي گڏ ٿي پيا هلنداسين؟"

"نل دمينتي نہ ، پر زال مڙس تہ آهيون نہ؟ گهٽ ۾ گهٽ شام جو تہ گڏ گهمڻ نڪرون ها نہ؟"

"تنهنجو گهمڻ معني خريداري ڪرڻ يا دڪانن تي هلڻءِ چڙهڻ. اُتي هلين ها تہ ساڙهين جا ڊير ڏسي ڏهہ ٻارهن تہ ضرور وٺين ها ....

"ڇا چئجي! ايتريون ساڙهيون وٺي ڏنيون اٿيئي جو ڪٽ ۾ سمائجن ئي نٿيون!"

"پنهنجي ڪٽ مان ساڙهيون ڪڍي، قطار ڪري رک تہ هڪ چڱو خاصو دڪان پيو لڳندو. ايا تہ منهنجي ڪٽ ۾ هن مٿينءَ بئگ ۾ بہ ٻيون ڏهہ ٻارهن ساڙهيون ويڙهيون پيون هونديون ....."

"سو تہ بابا ۽ اميءَ هن هن کي چئي دبئي ۽ سينگاپور مان آندل ساڙهيون مهانگي اگهہ تي وٺي ڏاجي ۾ وڏيون. تون تہ لوڪل ماڻهن جيان جيڪر چوين تہ هڪ ساڙهي ڏوءِ ٻي پاءِ. بس بہ بس اٿيئي."

"آڇا تہ مان توکي اهڙو ٿو لڳان تہ پوءِ موهنا مارڪيٽ يا گانڌي مارڪيٽ جي ڪنهن ساڙهين جي دڪاندار يا ٻڌي واپاري ءَ سان پرڻجين ها نہ؟ منهنجو مٿو چو ڪپائڻ آئي آهين؟"

"مان تنهنجو مٿو ٿي ڪاوان؟ سيٺ ٻارهن ڏينهن ڪان پوءِ گهر ۾ پڌاريو آهي ۽ تيرهين ڏينهن منهنجا بہ اکر بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪينهي. (ٿورو روئي چيم) ڪيتريون نہ آشائون ڪٽي شادي ڪئم ....."

"تہ هاڻي ڇا پچتائي رهي آهين؟"

"توکي ٿيو ڇا آهي؟ دهلي ۾ ڪنهن تہ جادو ڪونہ هُئنيہ؟"

"بند ڪر هيءَ پاڳلپڻو. هي زالون! توبهہ آهن! پلي ڪٽي پڙهن پر آهن اُهي ئي جهنگلين جون جهنگلي. نوڙيءَ مان ڪٽي نانگ ڪن سو بہ چڱو. آصل ڪئليءَ مان هاڻي ۽ هاڻيءَ مان پربت بڻايو ڇڏين!"

ڪڏهن ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو هو جڙ جيون جو هڪ ڏينهن ٻئي کان ڦريل ڪينهي. صبوح جو تڙ تڪڙ ۾ اُٿي ٻنهي جي لنچ تيار ڪندي هيس. پوءِ ناشتو ڪري ٻارجي يا کي هدايتون ڏيئي مان پڇندي هيس بس اِسٽاپ ڏانهن. لڇوءَ نوڪريءَ سان گڏ ڏنڌو بہ شروع ڪيو هو سو تہ مون کان ئي اڳ لنچ باڪس ڪٽي مرين لائينس پرسان دڪان ئي هليو ويندو هو. اتان ئي آفيس مان موٽندي وري دڪان تي ۽ پوءِ رات جو نوين ڏهين بجي گهر. هر

روز ائين پڇڻ، ڪائڻ ۽ سمهڻ!

منهنجيءَ ماسيءَ جي ننهن اوچتو گذاري ويئي. آفيس مان اڌ ڏيهن موڪل وٺي مارڪي جي ڏينهن سويل منجهند جو ئي ماسيءَ وٽ ڪولايا ۾ ويس. شايد سال ڏيڍ بعد ئي اُتي ويئي هونديس. لفٽ ۾ هڪ نينگر پڇيو "آنٽي! آپ ڪو ڪڏر جانا هي؟"

" آنٽي؟" مون ڇرڪ ڀريو. تہ ڇا مان ڪروڙڙ ٿي ويئي آهيان؟ ايترو جلد جواني مون وٽان ڪسڪي هلي ويئي آهي؟ "

جڏهن ماسي ڪار مان اُتي اچي ڪولايا ۾ ويٺي هئي تڏهن لفٽ مئن پڇيو هو "بيبي! تمڪو ڪتني ماڙي پي جانا هي؟ " ۽ اڄ هي مونکي آنٽي ٿو سڏي؟

زندگيءَ جو وهڪرو ڇا ايترو تيز آهي؟ ڪالهہ بيبي: اڄ آنٽي! ماسيءَ جي گهر، مان رکي رکي پيئي آرسيءَ ۾ نهاريان. سچ-اڳيان اچن وارن جي چڱ، هٿ جي چمڙي گهنجيل، ساڙهيءَ جا نالس هيٺ متي، پاسي وارو هڪ ڏند پڳل، آنٽي نہ ٿيس تہ ڪير ٿيس؟

اڳي لڇؤ ڪڏهن ڪڏهن لپسٽڪ وٺي ايندو هو "هنن پنڪڙين کي گلابي رنگ لڳاءِ تہ مان ان رنگ ۾ ڪوهجي گم ٿي وڃان." چوندو هو. هاڻي تہ ڪي ئي ڏينهن ٿيا آهن تہ نہ ائين چوي ٿو ۽ نہ ڪا اهڙي شيءِ ئي آڻي ٿو. اڳ ۾ تہ پگهار جو رپيو رپيو ڳٽڻڳ پوندو هوس، هاڻي پاڻ هؤ ڏنڌي مان چڱو ئي ٿو ڪمائي، پر هاڻي شايد جيون جو رنگ ڦٽي ويو آهي!

هڪ ڏينهن لڇؤ چيو "اڄ ٿوهر جي دال ڪاراءِ"

مون چيو "سيٺ! اڄ منگل آهي. سومر ڏينهن تون ڪونہ ڪائين ۽ وسپت ماڻهين واري، سيٺ ڏينهن گاهہ ۽ پؤسو ڪائبو ڇا؟"

"چئين ڇا پيئي؟ پاڄي ٿي گاهہ ۽ دال ٿيو پوسو؟"

"مون کان تہ اهي دالين ٻالين ڪين ٿيون ڳيسجن. اسانجي گهر ۾ رڌبو هو گوشت ۾ مغز چڪن ۾ بيضا، مڇيءَ جا ڪوفتا، ڪوڪ پلو....."

"توهان جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي؟ شايد پڻهين پوليس ڪاتي ۾ هوندو سو ملندا هوندس مفت جا مال."

"خبردار! جي منهنجي پيءُ جو نالو ورتو اٿيئي؟"

"نالو ڪٿي ورتم؟ مون تہ صرف هن جي مال پاڻيءَ جي ڳالهہ ٿي ڪئي."

"مالن مان توهين ڇا ڄاڻو؟ دال ڪائو تہ آهيو."

" ائين چؤ نہ تہ ڪٽلن جي پنهاري اچي پيئي آهين."

"بس هر ڪنهن جو نصيب آهي."

"اڇا! مون سان پلئہ ٻڌو اٿيئي، ان ڪري تنهنجو نصيب خراب ٿيو آهي؟"

"مون ائين ڪٿي چيو؟ اوٿين بہ پاڻ موڪين بہ پاڻ."

"اڇا بابا! مون ڪن پڪڙيا. اڳتي ائين نہ چوندس."

ائين گرهستيءَ جو گاڏو گهليندي ڪڏهن مان هٿ جوڙي مڙي پوندي هيس تہ ڪڏهن هؤ پاڻ کي منهنجو گولو غلام سڏي ڳالهہ ختم ڪندو هو. جهڳڙو هؤ شروع ڪري يا مان، سوال جواب مان

ايجنٽن جا فراڊ

ايجينٽن جي فراڊ جون دانهون اسان جهڙن ملڪن ۾ پڌرڻ ۾ آيون آهن. ايجنٽ حضرات ڪڏهن ڪڏهن نوڪري لاءِ ڪوڙا ۽ وڏا اشتهار ڏيندا. پوءِ هرهڪ درخواست ڏيندڙ کان هزار رپيا يا ٻه يا ٽي هزار ڊپازٽ طور وٺي رکندا ته فائنل چونڊ ٿيڻ بعد اڙ چونديلن کي واپس ڪنداسين. هرڪو سعودي عرب جي نوڪري جي شوق ۾هزار يا ٻه هزار رپيا ايجنٽ وٽ جمع ڪرائيندو ته جي ملي وئي ته هزار ٻه هزار ڪجهه نه آهن ۽ جي نه ملي ته پئسا موٽي ملندا. اهڙي طرح ايجنٽ وٽ ٻه چارلک گڏ ٿيو وڃن. جن مان هو ڊفينس سرٽيفڪيٽ يا باڊ وٺي ڇهه اٺ مهينا پئسي کي ڪم آڻي ٿو ڪو آفيس ۾ اچي ٻڌي يا فون ڪري ته انکي چوندو: "بس هاڻ ايندڙ مهيني چونڊ لاءِ عربن جي delegation اچڻي آهي اسان کي پاڻ ٻه سخت انتظار آهي. روز هنن لاءِ هوٽل ۾ ڪمرا بڪ ٿا ڪرايون. وغيره وغيره." پوءِ هڪ هڪ کي ڊوڙائي. ڪن کي پئسا واپس ڪن. ڪن ٻا ڪايو وڃن يا وري هڪ ٻئي اشتهار تي پنج هزار رپيا خرچي ٻين مان پئسا ڪڍي ڀرين کي ڏين. ڪي ايجنٽ ته پئسوڪائي آفيس کي تالو هڻي ڀڄيو وڃن پر ان طريقي سان فقط هڪ دفعو ڪائي سگهن ٿا. مٿيون طريقو مال ڦٻائڻ لاءِ سٺو آهي ۽ ملڪ ۾ڏهائي هڪ سيڪڙو ٻه بيوقوف موجود آهن ته تمام گهڻا آهن ۽ نڪن جو ڪاروبار هلندو رهي ٿو.

—— الطاف شيخ جي ڪتاب "اي روڊ ٽو مدينه" مان ورتل

ضرور ڪندي هيس. ٿوريءَ دير بعد مان سمجهندي به هيس ته اها منهنجي عادت چڱي نه آهي پر پوءِ به عادت ڪري لاچار هيس. پر لڇڻ مونکي سيڃاڻي ويو هو. ان ڪري خوشامند ڪري مون کي چپ ڪرائي ڇڏيندو هو يا ڳالهه ئي بدلائي ڇڏيندو هو.

اوچتو ائين لڳم ڄڻ گهوٽم ۾ ڦڙتي اچي ويئي آهي! پنهنجي لاءِ نئين بشرٽ پيو وٺي اچي. بيل باٽم پيو پائي. ڏاڪڻ تان ٻه ٻه ڏاڪا گڏ پيو چڙهي....!

هڙ مون سان به جوانيءَ واريون شرارتون ڪرڻ لڳو. ڪڏهن سٽر تي ڏڪ پيو هڻيم ڪڏهن ڪن کي چڪ پيو پائيم اک پيو پيچي....!

مان به ۽ به چار ڪري ئي نه پيئي سگهان. هونئن گليءَ سان گڏبي هيس ته ڪيس سڀ ٻڌائيندي هيس پر هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ سان مڙس جي هيءَ ڳالهه ڪيئن ڪريان؟

هڪ ڏينهن ڏٺم ته فون جي گهنٽي وڄڻ تي پاڻ اُٿي فون ڪنيائين. هونئن مونکي چوندو هو "ڏس ڪير آهي؟"

فون کڻي صرف چيائين "ها... ها... چئين بجي" بس پوءِ فون رکي ڇڏيائين.

مون پڇيومانس "ڪنهن جو فون آهي؟"

چيائين "منهنجي دوست شيام جو فون هو" پر چوڻ مهل منهن ڦيرائي ڇڏيو هئائين.

ٻئي ڏينهن سنان تان نڪري پڇيائين "ڪنهن جو فون ته نه آيو؟"

منهنجي "نہ" ڪرڻ تي گهڙيال کي ڏسي پنهنجي واچ ڏٺائين. ڏاڍي بيچيني سان فون ڏانهن نهاري پيو گهڙيال ڏانهن ڏسي پيو. فون جي گهنٽي وڳي. هن اُمالڪ تپ ڏنو. مون به جهٽ هٿي فون اڳواٽ کڻي ورتو. پر منهنجي "هلو" ڪرڻ تي هئي پاسي کان ڪو جواب ئي ڪين آيو.

هونئن چانهه تڏي ڏبي هيس ته گوڙ ڪبو هو. هاڻي سامهون ئي رکيل چانهه تڏي پيئي ٺيندي هئي ته خبر به ڪين پوندي هيس. خميس جا بٽڻ هيٺ مٿي پيو پائيندو هو. فون جي ارد گرد ڦيرا پيو پائيندو هو ۽ گهڙيال جي ڪانٽن ڏانهن منٽ ۾ سٽ دفعا پيو ڏسندو هو.....

فون تي ڳالهائڻ وقت سندس دل جي مشڪ اکين ۾ هلي ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن سندس چهري تي نراشا به پکڙيل رهندي هئي، پر گهٽي پاڳي اتي امنگ جو گلابي رنگ نظر ايندو هو.

مون سمجهي ورتو ته ضرور ڪا "هوءَ" آهي. پر ڪير آهي؟ ڪنهن کان پڇان؟ ڪير ٻڌائيندو؟

مان چوانس ته پڪچر تي هل ته چوندو هو "ٽڪو پيو آهيان" پر هڪ نه ٻئي ڏينهن سندس ڪيسي مان پڪچر جون به ٽڪيٽون ملنديون هيون.

پهرين ته سوچيم ته طوفان ڪڙو ڪريان ... سنس دوڪان تي وڃي هائيدوس مچايان.... ڪيس ٻين اڳيان ذليل ڪريان.... پر پوءِ زهر جو ڍڪ پي ڇڏيم.

قسم وڃهي جهوني ساهيڙيءَ مسز پاتيا سان ڳالهه ڪيم.... ڏيري ڏيري هوءَ به ڪلي.

"پر گنگا! ڪوبه اُبهرو قدم نه ڪٽج. هن عمر ۾ سؤ مان اَنانوي مرد ائين ڪندا آهن. ان ڪري ئي ته اڳئين زماني ۾ مڙس پنجٽيهن چاليهن ورهين جو ٿيندو هو ته سندس ئي زال ڪيس ننڍي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائيندي هئي!"

"زماني جي سکي! هيءَ به ڪو ڪڪڙ آهي ڇا جو ڪيس هر بارنئين ڪڪڙ وٺي ڏبي؟"

"تون ڇا به چؤ-هي آهن ئي ڪڪڙ! سندن زندگيءَ ۾ صرف هڪ زال ته اچيئي ڪين ٿي. ڪي اڳئين دروازي کان ته ڪي پئين دروازي کان ٿا نئين ڪڪڙ آڻين، پر آڻين ضرور ٿا. منهنجي هن کي ئي ڏس. ڪهڙو نه سڌو سادو ٻاهو ٻڌؤ ٿو لڳي؟ پر هڪ ڇا به به ساهيڙيون رکي چڪو آهي."

پر اهو سڀ ٻڌڻ سان پاڻ مون کي وڌيڪ ڳڻتي ٿي.

مسز پاتيا کان تسليءَ ۾ري صلاح نه ملي ته مان گليءَ وٽ ويس. هوءَ منهنجي دل جي وڌيڪ قريب هئي.

تمام گهڻن ڏينهن کانپوءِ گليءَ وٽ ويئي هيس. لڳم هوءَ جڻ صفا ٻيڙي ٿي ويئي آهي. مان ساڻس پنهنجو حال اورڻ ويئي هيس پر سندس ماءُ ڏڳها تصا ڪيي ويئي. "ڪسٽمس آفيسر هو.... اڏيڙ عمر جو.... تڏهن به چيائون ڇوڪري وڏي آهي.... پلا ماسٽرياٽي ۽ جي عمر سيني کي پيئي آهي ڪچي ۽ ماپي.... سبو اسين به ڇا چئون؟ ساڳيو هوءَ درويدي ڪينهي؟ آفيس ۾ نوڪري ڪيائين ته ڇهه سال عمر گهٽ ٻڌايائين... ۽ هوءَ رامچند جي ڏيءُ

نيلؤ... سڄا سارا ڏهه سال پاسپورٽ ۾ عمر گهٽ لکارايائين ...ار ڪارا ڪري هن منشاراماٽيءَ کي ڦاسائي ڇڏيائين....

پر هيءَ منهنجي ڏيءُ آهي جا راجا هريشچندر جي ڏيءُ ۽ يڏيشٽر جي پيٽ! چي: "عمر بابت مان ڪوڙ ڪين ڳالهائيندس."

پڇينس، اڄ ڪلهه سچ ڳالهائي ڪير ٿو؟ اسان جا هڏ ٿيا پراٽا ..... ويندي ڪا دير ٿيندي؟ ياڄائيءَ جي در تي هيئن پيئي آهي، اهو ڪو سونهين ٿو؟"

سخت عجب ان ڳالهه تان لڳم تہ اڄ ڪالهه جا ماءُ پيءُ گهٽي سولائيءَ سان پٽ ننهن اڳيان هار مڃي پنهنجي ڪنواري ڏيءُ کي ويچارو ۽ پروس بٽائي ڇڏين! گليءَ ئي گهر کي ٺاهيو هو. پر گليءَ جو ان گهر تي اڏڪار ئي نہ هو؟ صرف ان ڪري ڇاڪاڻ تہ هوءَ ڪنواري هئي؟

اسان سنڌين ۾ تہ هونئن ڇوڪريون ڪنواريون ويهنديون ئي ڪين هيون. ان ڪري وڏور نينگر جي جيون ۾ ڪنهن بہ سگهڙ جهاتي پائڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي آهي! اڳين سخنورن جي بہ فقط وڏوائن سان ئي همدردي پئي رهي آهي. ناولن ۽ ڪوتائين ۾ بہ صرف وڏوائن جي دکي جيون جو ئي ذڪر ڪيل آهي.

ورهاڱي کانپوءِ جاتي ٽڪرا ٽڪرا نہ پر اصل ڇيهون ڇيهون ٿي ويئي آهي. ان حالت ۾ ڪيتريون ئي ڇوڪريون مجبورن ڪنواري زندگي ٿيون گهارين. ان ڪنواريءَ سان ڪهڙيون ڪهڙيون ويڌنائون ٿيون ٿين انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن کي ڄاڻ آهي؟

ڇوڪريون پڙهيون بہ برابر آهن ۽نوڪري ڪري ڪمائيندڙ بہ بڻيون آهن پوءِ بہ ڇوڪري هئڻ جي ڪاڻ منجهائن گهٽي ٿورو ئي آهي؟

اڄا بہ هوءَ ناڻي جي ڳوٺري مٽي تي رکي ٿي تڏهن مس وڃي ئي شادي ڪرڻ لائق بڻجي!

پلا ڇوڪريءَ لاءِ شادي ڪرڻ جو لازمي بڻايل آهي تنهن ڪري شادي تہ ڪيل نينگر کي هرڪو پيو عيبدار سمجهي. پڙهيل ۽ سمجهوُ ڇوڪري اِن ڪري ئي سؤمان کي تلانجلي ڏيئي گهوٽ خريد ڪري ٿي وٺي.

گليءَ وقت سر اِهما نہ سمجهي ان ڪري سندس سونهن ۽ گڻن جو قدر ئي نہ ٿيو. گليءَ جي ماءُ هوشيار مالهيءَ جيان ڪيس ملايون ۽ ربڙيون ڪارائي ٽڙندڙ گلاب بڻايو هو. اڄ ان گلاب کي وقت کان اڳ ئي ڪومائجندو ڏسي ان مالهيءَ جي دل سان ڪهڙي نہ ويڌن ٿيندي هوندي؟

گلي اداس ۽ موڳي پئي لڳي. اڳي هوءَ ڪلندي هئي تہ سندس اکين ۾ هيرا پيا چمڪندا هئا ۽ سندس چپ پنکڙين جي تازگي پسائيندا هئا. پر اڄ صرف هن ٿورو مشڪيو پئي.

گليءَ جو پاءُ موتي ڊاڪٽر هو. موتيءَ جي زال سشيلا "زال معنيٰ گهپي" وارو پهاڪو سارٿڪ بڻائي ڇڏيو هو. هوءَ مئٽرڪ پاس بہ نہ هئي، ان ڪريپاڻ هوءَ زنانين وهنوارڪ ڳالهين ۾ ڏاڍي چتر هئي. هوءَ زالن سان ڳالهائيندي هئي تہ نڪ کي موڙو ۽ اکين کي گهماءُ ان طرح ڏيندي هئي جو دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ

جي ڊڪشنريءَ ۾ سندس ان اداڪاريءَ لاءِ ڪو لفظ نہ لبندو! پر مردن سان ڳالهائڻ مهل هوءَ اهڙي اٻوجهہ ۽ معصوم هئڻ جو مڪر ڪندي هئي جو چالاڪ مرد کي بہ بنائي ويندي هئي.

سس سان ڳالهائڻ مهل هوءَ آواز ۾ تہ ظاهري طرح ميناڻ پريندي هئي پر هن جي لفظن ۾ اهڙو زهر پريل رهندو هو جو ويچاري گليءَ جي ماءُ ڳوڙهو ڳيهڻ جو جتن ڪندي هئي تہ اهو بہ گلي ۾ اتڪي پوندو هئس ۽ هن کي اچي ڪنگهہ ٿيندي هئي!

گليءَ ٽيوشنس ڏيئي پنهنجي ياءُ موتيءَ جون فيون پريون هيون. هن پاڻ پراڻي پرس ڪنئي پر ياءُ جي ڳاٽي ڀڳن خرچن جي پورائي ڪيائين. هاڻي جڏهن موتي ڊاڪٽر بڻيو هو تڏهن هن جي شان ۾ حصيدار صرف هنجي زال سشيلا ئي هئي. گليءَ کي ڪنڌ سان پريل برني سمجهي سشيلا هنکي مٿي تاڪ تي رکي چڏيو هو.

سشيلا جي هر حملي جو شڪار گلي ئي ٿيندي هئي. حقيقت ۾ زمانو هڪ ڳالهہ ۾ نہ پر سيني ڳالهين ۾ بدليو آهي. نڙان زور هئي ۽ هاڻي ڀاڄائي زور تي آهي. اڳ ۾ نڙان تي گيت رچبا هئا ۽ ڳائبو هو "نندڻيا موهي ستاوي ...." پر هاڻي نڙان ويچاري ڳائي تہ ڇا، ڪجهہ ٻولي بہ نہ ٿي سگهي! خاص ڪري ڪنواري نڙان تہ ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ٿي ڪڍي سگهي. ڪڍي تہ ٿيندو حملو سندس ڪنواريپڻي تي!

موتيءَ ميز تي رکيل، مون طرفان آندل ڪشمڪش جو پڙو ٿي ڪوليو تہ سشيلا واڪو ڪندي چيو "ان کي هٿ نہ لائجو. هيءَ توهانجي سڪيلڏي پيڻ لاءِ سندس سڪيلڏيءَ ساهيڙيءَ ئي آندو آهي. توهين ڪولينڊا تہ....."

مون چيو "موتي! کول نہ....." پر هؤ جوءِ ڏانهن نهاري پري ٿي ويو.

موتي منهنجيءَ ساهيڙيءَ ۽ سو بہ پياريءَ ساهيڙيءَ جو ياءُ هو. هن منهنجي ڳالهہ ريتي چڏي هئي ۽ مونکي ڏک ٿيو هو تہ گليءَ جي من جي ڪهڙي حالت هوندي؟

موتي شايد پنهنجي ڪلنڪ ڏانهن ٿي ويو. پيءُ ڏانهن نهاري "چيائين "چڱو.... بابا .... مان هلان ٿو."

سشيلاڪلي چيس تہ "اڳو پوءِ ملڻري سلام ڪري موڪلائينس نہ؟ تنهنجو پيءُ هو ايم. اي. ايس ۾ سو پيرن ۾ پهريل بؤٽ تڪرائي ٽڪاءُ ڪندين تہ پٺهين کي ميجر يا ڪيپٽن جهڙي خوشي ملندي."

ويچارو بزرگ پنهنجون اکيون هيٺ ڪري هيءُ زنانو وار سهي ويو. گليءَ ۽ ماٽس هڪ ٻئي جي نگاهن ۾ بيوسيءَ سان نهاريو. گليءَ جي نگاهہ منهنجيءَ نظر کي بہ پڪڙي ورتو ۽ سندس اکيون آليون ٿي ويون!

گليءَ جي هيءَ حالت ڏسي مان پنهنجي دک بابت ڇا چوان؟ پاڻ سان ٿيل ظلم جو مقابلو تہ مان ڪري پيئي سگهان نہ؟ هيءَ تہ ويچاري گگدام بڻجي سڀ چپ چاپ سهي رهي هئي.

اڳئين زماني ۽ هاڻوڪي زماني ۾ تفاوت اهو ئي آهي تہ اڳي اسين ننهڙن ائين مڃي چڏيندڙيون هيونسين تہ اسان جو ور صرف اسانجو ڪينهي. هؤ منهنجو پتي برابر آهي، پر ٻيءَ ڪنهن جو پٽ

سهوءِ ڪتو

هڪڙي ڪُتي سهي کي وڻ مان ٿهائي ڪڍيو، ۽ گهڻو پنڌ پنياڻنس ڊُڪيو، پر سهو ڪانئس تکو ٿي نڪري ويو. انهيءَ تي هڪڙو ٻڪرار وٽس اچي ٽوڪون ڪرڻ لڳو ته "ڏسو، سهو ڪتي ڪان تکو ٿو ڊوڙي!"

ڪتي جواب ڏنو: "تون ڀليو آهين، ڇو ته ڪاڏي جي ڊوڙ ٻي ٿي ٿئي، ۽ ساهه بچائڻ جي ٻي!"

نصيحت: جڏهن ڪنهن جانور کي ساهه بچائڻ جو فڪر هوندو آهي، ته اهو ايڏي گهڻي ڪوشش ڪندو آهي، جا ڪانئس عام طرح ٿي ڪا نه سگهندي آهي. ان ڪري ڪنهن به شي کي شڪار ڪرڻ وقت، ان جي آخري ڪوشش کان غافل ٿيڻ نه گهرجي. جيئن چوندا آهن ته "جڏهين ٻليءَ کي موت ڦري ايندو آهي، تڏهين هوءَ حملي ڪندڙ جي اک ڪڍي وڌندي آهي!"

☆☆☆

آهي ۽ ٽينءَ ڪنهن جو ڀاءُ به آهي. مان پنهنجو گهر برابر ڇڏي آئي آهيان، پر هنن ٻن جا به منهنجي پتيءَ مٿان لک احسان آهن. ان ڪري اسين سس ۽ نڙان جو حق ۽ مان رکندیون هيونسين.

پر هاڻي جيڪا ڇوڪري شادي ڪري ٿي اچي سا پنهنجي مڙس جي سمپورن ڪمائيءَ، وقت، ڌيان، ڪلڻ ڳالهائڻ وغيره تي صرف پنهنجو ئي اڌڪار ٿي سمجهي. مڙس سک ڪمائي ته اهي صرف هن پتنيءَ جا ئي ٿيا. پتيءَ جي ماءُ يا پيڻ کي هڪ آڱر جيترو به ان ۾ حصو نه ٿو ملي! هيءَ انياءَ جي ريت اسان کي ولائت وٽان ئي حاصل ٿي آهي.

هڪ دفعو گلي منهنجي گهر ۾ آئي هئي ۽ ڪوسي ڪوسي ماني ڏسي چيو هئائين، "مان ته توکان اڳ ئي ٿي ڪائڻ شروع ڪريان، ڪوسي ماني ته سالن کانپوءِ ئي نصيب ٿي اٿم." تڏهن عجب ڪاڏو هئم ۽ چيو مانس ته "ڇو گهر ۾ ٿي رهين يا جهنگ ۾؟ ڇو ڪوسي ماني نه ٿي ملئي؟" هاڻي خبر پئي ته ياڃائيءَ سندس ڪهڙو حال بڻائي ڇڏيو هو. ماءُ ته ڪيس هٿن تي پاليو هو پر هاڻ ماءُ جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي ان ڪري گليءَ کي پٿرائين زمين تان هلڻو هو.

هن جي پيرن هيٺان ٽڪيلا پٿر رکڻ واري به هڪ عورت ئي هئي. ڪهاڙيءَ جو ڳن ڪاٺ مان جڙي خود ڪاٺ ٿو وڌي! اها به ته هڪ حقيقت ئي آهي نه؟ پوءِ هيءَ حقيقت ڪيئن نه مڃبي؟

***

مون مڙس تي چوڪسي رکي. لڇڻ ڪيڏيءَ مهل ڪٽي ٿو وڃي؟ ڇا ٿو ڪري؟ ڪنهن ڪنهن سان ٿو گڏجي؟

نيٺ ڄاڻي ئي ورتم. "هوءَ" هڪ ننڍي نيٽي وڏوا هئي.....

پهرين ته زال جي خصوصيت جي ور چڙهيس، چيم وڃي ٿي ڄنڊا پٽيانس..... پوءِ ڏيانس .... پر پوءِ جهمتمل واري ساوتريءَ جي ياد آيم ۽ پنهنجي ويچار تي ڏاڍي بيچان آيم.....

ان وقت جهڙو خيالن جو حملو منهنجي من مٿان ٿيو هو. اهڙو اڳ ڪڏهن ڪونه ٿيو هو. سوچيان پيئي....

لڇڻ هن کي ڇا ڇا ڏنو هوندو؟ جسم؟

پر مرد ته جسم الائي ڪٽي ڪٽي ڏيئي وٺي ايندا آهن!

ته ڇا پيار ڏنو هوندائين؟

پلا ان تي پابندي ڪير ٿو وجهي سگهي؟ ڪنهن جي دل وهي اٿي هلي ته ان کي بند ڪيئن ٿو ڏيئي سگهجي؟"

ته ڇا پئسا ٿو ڏئيس؟

پلا مان ڪيئن ٿي روڪي سگهانس؟ چئي ڏئي ته "ڪمايان به مان ٿو نه؟ ڪٽي به خرچيان تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟"

ته مان ڇا ڪري سگهنديس؟

ته ڇا جسم، پيار ۽ پئسو ٽيئي ٿو هن مٿان هاري؟

اهي ٽيئي چيزون مون کي به ڏنيون اٿس، مونکان اڳ به شايد ڪنهن کي ڏنيون هجنس ۽ هن کان پوءِ به ڪنهن کي ڏئي ته مان ڪري ڇا ٿي سگهان؟

مون کي انهن تنهي سان گڏ هڪ چوٽين چيز به مليل آهي، جا آهي سماجڪ بنڌن. پر ان بنڌن جي زور تي مان مٿس ڪهڙو ڪهڙو بنڌن ٿي وجهي سگهان؟

هڪ مئگزين ۾ پڙهيم، "دڪ ڪان پري ڇو ٿا ڀڄو؟ جيئن سڪ ٿو اچي تيئن دڪ. ٻئي اڻ ٿر آهن پوءِ پري ڀڄي ڪيئن ٿا سگهو؟"

پر حياتي ڪو هزار ورهيه ٿورو ئي هٿي هلي جو منطق، فيلسوفيءَ ۽ سهن شڪتيءَ ۾ ان کي ورهائي ان جا حصا ڪريون؟ ۽ اسين زالون ته بس پاونائن جي ئي هڪ ڳنڍي آهيون ..... پنهنجي تتل ارمانن کي ڪٽي جيئون ڪيئن؟

پاونائون؟

ته ڇا مرد پاونا-هيڻ آهن؟ اهي جذباتي آهن تڏهن ته وهي ٿا وڃن!

تفاوت رڳو اهو آهي ته اسين پاڻ لاءِ حد بندي مقرر ڪري ان اندر ٿيون رهون ۽ هؤ پنهنجيءَ جذبات سان ڪو به قانون نه ٿا لڳائين.

ڪڏهن ڪڏهن اندر ويٺل منهنجي سمجهه چوندي هئي "پيار..... دلين جو ميلاپ ..... اهو سڀ ڪوڙ آهي ڇا؟" ته منهنجي دل پڙڪي اٿندي هئي: "ڏؤر آهي سڀ..... هڪ سخت قانون گهڙي ان انوسار شادي شده مرد کي ٻيءَ ڪنهن سان پيار ڪرڻ لاءِ سزا ڏيڻ کپي ...." ۽ پوءِ منهنجي سمجهه ڪلي ڏيندي هئي! واهه .....ڙي ... واهه ..... سزا تڏهن گهڙجندي آهي جڏهن قانون کي ثابتي ملي. دل سان ثابتيون ڪيئن لڳنديون؟

سوچيم هن نياڳيءَ کي خط لکان ۽

چوانس. "مائي! منهنجي ڇاتيءَ تي مڳ ڇو ٿي ڏرين؟ ...."

پر اتي ئي خيال آيو تہ چئي ڏي تہ "وڃي پنهنجو مڙس سنڀال! مان تنهنجي حڪم جي بندي ٿورئي آهيان؟" تہ پوءِ؟

ڏاڍي ڪوشش ڪيم تہ منهنجو سڄو ڌيان ٻارن ۾ ئي رڌل رهي. ڏنڌو زور ٿي وڃڻ ڪري لڇڻ مون کان نوڪري ڇڏائي ڇڏي هئي. واندي ٿي ويهي سوچيان تنهن کان هميشہ پاڻ کي رڌل رکندي هيس. پر اندر هڪ طوطو سدائين پيو ٻولينڊو هو. هن جي ٻولڻ منهنجو سڪ چين ۽ آرام سڀ کسي ورتو هو.

***

فون تي ڳالهائڻ مان ٽيٽر جو نالو ۽ وقت ٻڌي ورتم. مون بہ وڃي ٽڪيٽ ورتي. بالڪوني ۾ ويٺي هئس پر خبر ئي نہ پيئي پوي تہ ڪٿي ويٺو آهي. اوندهہ ۾ ٿهڪ ٻڌم. مون سڃاڻي ورتو. مون کان ٻہ قطارون اڳ ۾ ويٺو هو. مونکي اچي ڊپ لڳو تہ ڏسي نہ وٺي. پر ڇوڪريءَ جي شڪل ڏسڻ کانسواءِ بہ ڪيئن هلي وڃان؟

اڳيان ويٺلن مان هڪ کي چئي پنجن منٽن لاءِ جڳهہ بدلايم. هؤ تہ بلڪل ئي محؤ هو.... مون هوءَ ڏٺي. تمام سهڻي هئي.... بينگالڻ يا آسام جي پئي لڳي.....

مان اٿي گهر هلي آيس....

رات جو چيو مانس "ڪير آهي؟"

"ڪير؟" هن تيز ٿي چيو.

"جنهن جي ڀرم ويهي پڪچر ڏسي رهيو هئين."

"ڪهڙي بيوقوف ٻڌايو اٿيئي؟"

"ڪنهن بہ نہ. مون پنهنجين اکين سان ڏٺو لائين ايم ۾ ويٺو هئين....."

"تون ڇو آئي هئينءَ؟ ڪنهن سان آئينءَ؟"

اُٿلو ڇوڙ ڪوٽوال کي ڏنڌوا هيءَ مرد ذات بہ ڪهڙي نہ عجيب آهي!

مان توتي جاسوسي ڪري رهي هيس.... اڪيلي ئي آئي هيس ... توکي ڏسڻ بعد هلي ويس."

"جڏهن پئسا بہ خرچيئہ تڏهن اڳو پوءِ ڏسين ها نہ پڪچر؟" هن نرلج بڻجي چيو.

"ڪير آهي؟" مون پنهنجو سوال دهرايو.

"منهنجي پارٽنر آهي."

"ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين ۾ هوءَ تنهنجي حصيدار آهي؟" مون ڊيڊ بڻجي پڇيو.

"توکي پنهنجو گهر ٻار آهي. باقي ڳالهين سان تنهنجو ڪو بہ واسطو ڪينهي."

"گهر ٻار منهنجي حوالي ڪري تون....."

منهنجا ڳوڙها نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا ۽ مان وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهيس.

هن پاسو ورائي ڇڏيو.

مون سوچيو "مان توکي پيار تو ڪريان." چوندڙ لڇڻ ڪيترو نہ جلد بدلجي ويو آهي؟ ڇا پيار جا رنگ ايترا ڪچا ٿا ٿين؟ اهو لڇڻ جو منهنجي رسڻ جي انديشي ڪري الائي ڪهڙا ڪهڙا بهانا بڻائيندو هو ۽ مڪر ڪندو هو سو اهڙو اٽاسو بڻجي ويو آهي جو منهنجي

روئڻ تي بہ پاسوورائي سمهي ٿو پوي!

منهنجيءَ سس جي ڏيروٽ اميريڪا مان آئي هئي. سڄو ڏينهن رنڌڻي ۾ هيس ڇاڪاڻ تہ رات جو هنجي ماني ڪئي هئي سين.

شام جو رنڌڻي مان نڪتيس تہ رنڌڻي جي نئپڪن سان ئي ڪاڏيءَ وٽ مڙي آيل پگهر پئي اگهيم. لڇڻ اچا هاڻ گهر ۾ گهڙيو هو. مشڪي چيائين، "تڪجي پيئي آهين؟"

مون جواب ئي ڪين ڏنو.

"وٺي اچانس تہ اچي ڪم ۾ وٺائيئي؟"

مان ائين بيهي ويس جڻ وڇوڻءَ ڏنگيو هيم. اچا! هاڻي خبر پيئي اٿس تہ مونکي هنجي خبر پئجي ويئي آهي تہ پاڻ وڏيڪ نرلج ٿو بڻجي؟ .....

هاڻي تہ مون هن سان گڏجڻ جي پڪ ڪئي. ڪجهہ بہ ٿئي مان ڪيس هئڻ، ٿڻ، تہ ضرور ڪنديس.

ائڊريس هٿ ڪيم. بيل وڄائڻ تي دروازو ڪليو ۽ هن ئي اچي در کوليو.

مان آئي تہ ڏاڍي بهادر بڻجي هيس پر هن کي ڏسي پگهرجي پاڻي ٿي ويس. سهڻي تہ هوءَ هئي ئي، پر گڏوگڏ هوءَ سيپہ ۽ لحاظ مروت واري بہ هئي. تمام گهڻي عزت سان چيائين "اچ اندر اچ." هن انگريزيءَ ۾ ئي ڳالهايو.

صوفا تي ويهي مان پگهر اگهڻ لڳس. هن پنکو هلايو ۽ مشڪيو.

سامهون ويهي هن منٽ بہ منهنجي ڳالهائڻ جو انتظار ڪيو. پنهنجن هٿن جي آڱرين کي ڏسي اکين جي ڪنڊن سان هوءَ مونکي چتائي ڏسي رهي هئي. مان جهجهڪي رهي هيس. ڇا چوان؟

منهنجي جهجهڪ هن محسوس ڪئي. "ڪجهہ چوڻ لاءِ آئي آهين؟" هن پڇيو.

"ها. مان مسز چئناٽي آهيان."

هن ڪلي ڏنو. مان نروس ٿي ويس. منهنجي نروسنيس شايد هن کي سٺي نہ لڳي. "چيائين "ڇا مان مسز مجمودار آهيان .... چئجي ڪٿي هيس. هينئر مان مس سنيال اهيان."

منهنجي هٿڪ اچا بہ نہ لٿي. هن سهج سياويڪ نموني ۾ چيو. "مونکي خبر هئي تہ تون ڪڏهن نہ ڪڏهن مون وٽ ايندينءَ. تون نہ اچين ها تہ مان هلي اچان ها تو وٽ!"

منهنجي عجب جي حد ئي نہ رهي.

"تون مون وٽ اچين ها؟ چو؟" مون چيو.

"تو جيان مان بہ پڙهيل آهيان. ان ڪري دليل هلائيندي آهيان. تنهنجو لڇڻ مون وٽ گهڻو وقت نہ رهندو.

پاڻ هلي وڃي تنهن کا اڳ ئي مان هنجي جيون مان هلي ويندين. پر وڃڻ کان اڳ توکي ڪجهہ چوڻ پئي چاهيم."

"چئ"، مون ڌڃي ڌڃي چيو.

"اهو ئي تہ شاديءَ کي گهڻا سال ٿي وڃن تہ مڙس زال کي پراڻي فرنيچر جيئان سمجهندو آهي ۽ زال بہ مڙس کي ائين ئي سمجهندي آهي يعني هوءَ ڪيس ٽيڪ اِٽ فار گرانٽيڊ ڪري وٺندي آهي."

منهنجي چپ رهڻ تي هن چيو "ڪجهہ وقت بعد هڙ نواڻ انهن ڇڪجندو آهي...."

مون ۾ ڪجهه چوڻ جي طاقت موٽي آئي ۽ مون آواز ۾ ڪوڙاڻ پيري چيو "۽ اها تون ميسر ڪري ڏيندي آهينس؟"

هن وري به ڪليو. هن پيري هن ٿهڪ ڏيئي ڪليو هو. مان وري به ڊڙي ٿي ويس.

"گنگا!"

مون چرڪ پريو.

"ها مون کي تنهنجو نالو ايندو آهي. مرد گهٽي ئي ناٽڪ ڪندو آهي. تنهنجي نالي کي ڍال بڻائي لڄوڪئين دغا ان کي اهڙيءَ طرح ڪم آڻيندو آهي جيئن مان سمجهي وڃان ته هؤ سمپورڻ ريت منهنجي جادوءَ جي اثر هيٺ نه آهي ۽ هؤ صرف ڪجهه وقت لاءِ پوئنرو بڻيو آهي....

"ها ته ٻڌ گنگا! تون هڪ زال آهين ته مان ڇا آهيان؟ ائين برابر آهي ته مرد مون کي صرف جسم ڪري ٿو سمجهي، ان ڪري مونکي پنهنجي دل بهلائڻ وارو سامان ڪري ٿو ليکي، پر تون ڇا ٿي سمجهين؟"

"مان ڇا سمجهنديس؟ تون استري هجين ها ته ٻيءَ استريءَ سان ايترو ظلم ڪيئن ڪرين ها؟" مون ڪروڌ ۾ بيوسيءَ جي گڏيل پاونائن سان چيو.

"مان جيڪو ظلم ڪريان ٿي، اهو سڀ ڳڻين ٿا پر مون سان جيڪو ظلم ٿئي ٿو ان جو حساب ڪير رکندو؟"

"توسان ڪهڙو ظلم ٿيو آهي؟ ڪير ٿو ڪري توسان ظلم؟"

"افسوس ته اهو ئي آهي نه، گنگا؟ مون سان جيڪي ظلم ڪن ٿا سي منهنجي "دوست" ئي ٿا ڳڻجن! جيڪي منهنجي تباهي آڻين، سي ئي منهنجا "متر" سڏيا ويندا آهن.....

"۽ اسين يعني مون جهڙيون پنهنجي تباهيءَ تي به ڪلنديون ٿيون رهون ڇاڪاڻ ته هر وقت جو روئڻ ڪنهن کي ٿو وٺي؟

"ڇا تون نه ٿي سمجهين ته مون جهڙي استريءَ جو جيون ڏکن جو ئي هڪ داستان هوندو آهي؟

"اهو داستان اسين ڪنهن کي ٻڌايون؟ ڪير ٻڌندو؟ پنهنجي داستان تي گوڙها ڳاڙڻ جي بدران ڪڏهين پٽڪندڙ بادل بڻجي ڪنهن جي چت پڇائي ڪيرائي ٿيون وڃهون ته ڪڏهين ڪنهن جي پت پسائي ڍاهي ٿيون ڇڏيون.....

"اسان جي ائين ڪرڻ وقت دنيا سمجهندي آهي ته اسين ڪنهن کان بدلو چڪائي رهيون آهيون پر حقيقت ۾ اسين پنهنجيءَ ئي دل کان انتقام وٺنديون رهنديون آهيون ڇاڪاڻ ته ان دل ئي اسان کي ڪٽي جو نه رکيو آهي....."

ائين چوندي هنجون پلڪون آليون ٿي ويون. هوءَ اها گهر ڳيهي ويئي! اکيون پوري، اکين، نڪ ۽ نڙيءَ کان ڪم وٺي خبر ناهي هن ڪيترائي ڀڪ پي ڳيهي ڇڏيا!

مون سونهن ۽ سمجهه جو اهڙو سماگم اڳ ڪڏهن ڪين ڏٺو هو. هن جي شخصيت مونکي ڏاڍي وٺي. سندس ڳالهائڻ جو انداز به ڏاڍو پيارو هو. مان ڪانئس پڇي ئي ويٺيس، "اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي تنهنجي ماضيءَ ۾؟"

"ائين پڇ ته ڇا نه آهي منهنجي ماضيءَ ۾؟ هر آلهڙ نينگر جيئان مون چانديءَ جهڙا چلڪندڙ ۽ سون جهڙا سهڻا

خواب لڏا هئا. هر عوڙت جيئان مون بہ گهر ٻار چاهيو هو پر ....."

هن ڊگهو ساهہ کنيو ۽ چيو "هر عوڙت جا خواب سچا نڪرن تہ مون جهڙيون عوڙتون وجود ۾ ڇو اچن؟"

"منهنجي بہ شادي ٿي هئي ....." هن ڇڙ نند ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"هن جو نالو هو گوتم ..... پر گوتم جلد گذاري ويو ....." ڇئي هوءَ ٻارن وانگر روئڻ لڳي.

"منهنجي ءَ نڙان تہ مونکي نياڳي سڏيو پر منهنجيءَ ياڄائيءَ بہ مون کي پر نہ ويهاريو."

گوتم گذاري ويو! انهن ٻن لفظن جي چين، هڪ تازو شادي ڪيل هندستاني استريءَ کانسواءِ ٻيو ڪير محسوس ڪري سگهندو؟

"گنگا توکي ڪڏهن ان ڳالهہ تي عجب لڳو آهي تہ پتي حاصل ڪيل پتني، هڪ وڏوا ۽ هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي اڳيان پاڻ کي تمام اوڇ ڇوڪري ڇو سمجهندي آهي؟

"تو ڪڏهن سوچي ڏٺو آهي تہ وڏوا جي من اندر تہ آڳ ٻري ئي ٿي پر هنجي ٻاهر بہ هڪ آڳ ٻاري سندس شوق ۽ خوشيون، سونهن ۽ سينگار سڀ اُن ۾ پسم ڪيو ويندو آهي. ان وقت مون ائين پئي سمجهيو ڇڙ منهنجا سڀ رستا سنسان آهن، ڇڙ منهنجي چئني طرف بتيون وسائي اوندهہ پکيڙي ويئي آهي!

"هڪ استريءَ جو جيون جيئن پنهنجي پتيءَ سان هر حالت ۾ ٻڌل رهندو آهي تيئن منهنجو بہ هو. پر هاڻ آڪاس ۽ ڌرتيءَ مان، ڪمري ۽ وراندي مان، منهنجي اندر ۽ ٻاهر، منهنجيءَ ڪلپنا ۽ چيتنا مان هڪ ئي آواز پئي آيو "مان وڏوا آهيان."

"پنهنجيءَ اڪيلائي ۽ سماج جي پابندين جو مقابلو مان ڪري نہ سگهيس. مان بمبئيءَ ڀڄي آيس جتي هڪ ڪرسچن ڇوڪريءَ مونکي مدد ڪئي ۽ مان آفيس ۾ نوڪري ڪرڻ لڳيس ....."

"منهنجو باس رنجيت ٽيهن ورهين جو هڪ پنجابي جوان هو. هؤ هر هر مون ڏانهن نهاريندو هو پر مان "مسز مجمودار" هيس اِن ڪري سندس نهار روڪيندي بہ رهندي هئي."

"نيٺ هن کي خبر پئجي ئي ويئي تہ مون مٿان ڪنهن جو بہ پهرو ڪينهي. پهرين هن مون کي "گلاب" ڪري سڏيو ۽ پوءِ "انگوري شراب"!

"۽ منهنجي اندر ويٺل "استري" ڪر موڙي اٿي. ڊڪٽيشن وٺندي نگاهہ اٽڪندي هئي، پنو ڏيندي آڱريون ڇهنديون هيون، خاني مان پين ڪڍندي نزديڪيءَ جو احساس ٿيندو هو ۽ اهو سڀ ٿيندي مونکي خوشي ٿيندي هئي.

"مان هن جي ميز تي پاڻي گلاس پري ڊڪي رکندي هيس ..... ڪافيءَ جو گرم پيالو اندر موڪليندي هيس ..... هر روز سگريٽ جو نئون پئڪيٽ گهرائيندي هيس ۽ هؤ پرفيوم جي شيشي، لپسٽڪ، ڪامپئڪٽ هيئر ڪنڊيشنر ميز تان کڻي منهنجي هٿ ۾ ڏيئي منهنجن اکين ۾ نهاري مشڪندو هو.

"رنجيت مهيم ۾ هڪ ڪمرو مسواڙ

جنهن ويني نہ ڇاتو، سو بيني ڪهڙو ڇاڻندو؟

هڪڙي مائيءَ جي ڏيءُ بالغ ٿي چڪي هئي، ڪيس ڳڻتي هئي تہ ڇوڪري شينهن ڪلهي چڙهي. سڄوڏينهن انهيءَ پريشانيءَ ۾ پئي ڳرندي هئي. هوڏانهن مڙس سان بہ اهڙو سرپاٽ ڪڏيائين پر مڙسهنس جي ڪن تي جوءَ بہ نہ رينگي، هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏيائين.

مائيءَ جي پريشاني، ويتر وڌي وئي. هڪ ڏينهن ڏيءَ جي سامهون مڙس کي چيائين، "هاڻي! ڇوڪري ماشاءَ الله، وڏي ٿي وئي آهي!"

"هون!" مڙسهنس اڻ لکو جواب ڏنس.

انهيءَ تي مٺيان تہ ڏاڍي لڳس، تنهن هوندي بہ پڪو منهن ڪري ڏيءُ کي چيائين، "امڙ! اٿي تہ بيهہ! پٽهين تنهنجو قد ڏسي!"

"امان! اجايو تي پاڻ کي خفيف ڪرين!" ڏيءُ ڇهو ٻوٽ(وات) ڪري ماءُ کي چيو.

"ڇو امڙ؟ انهيءَ ۾ خفيف ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ تون رڳو اٿي بيهندي تہ ڪا گسي تہ نہ ويندين!" ماءُ ڏيءُ کي زور پريندي چيو. "پٽ! اٿي تہ پيءُ ڏسئي!"

"امان!" پيءُ جي بي رخيءَ تي نڪ کي موڙو ڏيندي ماءُ کي چوڻ لڳي، "جنهن ويني نہ ڇاتو، سو بيني ڪهڙو ڇاڻندو؟!"

تي ورتو. مون کي چيائين تون واءِ ڊبليو. سي. اي (عورتن جي هاسٽل) ۾ رهي اجايو خرچ پرين تنهن کان مون سان گڏ اچي رهہ.

"مان پيار پناهہ ۽ گرهستي، ٽنهي جي بکايل هيس. پنهنجي ٻئگ کڻي مان هلي ويس هن سان!

"گنگا! تون ئي ٻڌاءِ تہ استري ڪنهن پرش جي پناهہ وٺڻ کان سواءِ هلي سگهي ٿي؟

"منهنجيءَ ڪرسچن ساهيڙيءَ فريني ڏاڍو سمجهايو. هن چيو! "ائين نہ ڪر! زال جي جواني ۽ مرد جو پيار ٻئي چيزون تمام ٿوري وقت لاءِ ٿيون هلن. جڏهن مرد جو پيار جوان هجي تڏهن هؤ ان جي صدقي ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. تون ڪيس شادي ڪرڻ لاءِ مڃاءِ." فريني چيو "جيئن سمنڊ جي لهر تيزيءَ سان نچندي نچندي ايندي آهي پر پوءِ موت بہ جلد ئي ڪائيندي آهي تيئن مرد جو پيار جلد موت ڪائيندو آهي. ان وقت تنهنجي پيرن هيٺان زمين ڪسڪي هلي ويندي!"

"پر مان هڪ انوکي نشي ۾ ٽڙڪي رهي هيس. مون ان وقت ڪليو هو ۽ چيو هو تہ "شادي تہ مون ڪئي هئي. ان ۾ ڪهڙي نئين ڳالهہ رکي آهي؟"

فريني وري بہ سمجهايو "اڙي پڳلي! عملي جيون کي سمجهڻ کان ڪنارو نہ ڪر. ڏاڍو پڇتائيندين."

پر مون کي رنجيت جي پيار تي پروسو هو.

آفيس ۾ مان رنجيت لاءِ ٽائيپ ڪندي هيس ۽ گهر ۾ بستري تي سمهڻ کان وٺي جوراب گنجي ڏوئڻ تائين مان ڪيس ساٺ ڏيندي هيس.

اوچتو آفيس ۾ ٻڌم ته هؤ شادي ٿو ڪري، مونکي پنهنجن ڪنن تي ئي اعتبار نه آيو.

رات جو مون رنجيت کي چيو "اسين پاڻ ۾ شادي ڇو نه ڪري ڇڏيون؟"

"توکي ڇا ٿيو آهي؟"

"مون ٻڌو آهي ته تون شادي ٿو ڪرين؟"

"ته پوءِ ٻڌڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي. جيئن اڳي منهنجي مسٽريس(سريت) هئينءَ تيئن شاديءَ بعد به ٿي رهنديءَ."

"مسٽريس؟" ڇه.... ڇه.....! ڪهڙو نه گندو لفظ هو اهو؟ منهنجو من نفرت سان پرجي ويو.

ٻئي ڏينهن مان آفيس ۾ نه ويس. فريني جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڏاڍو رنم.

"فريني چيو "مون ته توکي اڳ ۾ ئي چيو ته شادي ڪري ڇڏ."

مرد سماجڪ ٻنڌن کي بيحد گهٽي عزت ڏيندو آهي. هن هڪڙا به ڪمرا جوڙي رکيا آهن. هڪ ڪمري ۾ هن زال، ڌيءَ ۽ پيٽ کي وهاريو آهي ۽ ٻئي ۾ پنهنجي ساهيڙيءَ کي! ڪڏهن ان ساهيڙيءَ کي وئشيا ٿو سڏي ته ڪڏهن سوسائٽي گرل!

هؤ پاڻ ٻنهي ڪمرن ۾ سولائيءَ سان اچ وچ ڪندو رهندو آهي، پر ڪمرن جي وچ وارو دروازو هن اهڙيءَ مضبوطيءَ سان بند ڪري ڇڏيو آهي جو هڪ ڪمري واري عورت ٻئي ڪمري ۾ اچ وچ ڪري ته ڇا، ليئو به پائي نه ٿي سگهي!

هڪ ڪمري تي بورڊ لڳايو اٿس عزت، سماج ۽ پوترتا ۽ ٻئي تي اُڪري ڇڏيو اٿس "ڏڪار بي عزتي ۽ ٺٺولي."

مون سڏڪو پريو ته هن مونکي پاڻ کان پري ڪندو چيو "مسٽريس نه ته هنجي ڇا ٻڌجي هن سان گڏ رهنديئن؟ ان ناتي جو نالو ڇا هو؟ ٻڌائي سگهنديءَ؟"

مان ڀلا ڪهڙو جواب ڏيان؟

مون رنجيت جي آفيس واري نوڪري ڇڏي ڏني. پر مان جيڏانهن به ويس هنن مون کي هڪ ئي نظر سان ڏٺو.

ڏوهه ته منهنجو ئي هو. دل جو سهارو وٺي مون سماج جي پرواهه نه ڪري ڏينهن ڏٺي جو ڪليو ڪلايو پاڻ تي داڳ لڳايو هو. اُن حالت ۾ اُهي مونکي ٻيءَ طرح ڏسن به ڪيئن؟ مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي. دل جو داغ ڏسي مان اُن کي اندر لڪائي پئي سگهيس، مگر چرتر جو داغ لڪي نه سگهيو ۽ هر هنڌ مونکي نوڪريءَ جي بهاني "رڪيل" بڻائي رکيو ٿي ويو.

"تون سمجهين ٿي ته اهو ناتو يا نالو ڪنهن به عورت کي وڻندو هوندو؟ ڇا ان جهڙو نفرت جوڳو ناتو دنيا ۾ ٻيو ڪو هوندو. اهو صرف خريد فروخت جوئي ناتو آهي، ٻيو ڪجهه به نه....

"پر ان ۾ هڪ املهه چيز جو ملهه ڪهڙو آهي؟ صرف ڪي چند ٽڪريون!

"پر مون لاءِ ٻي ڪا واهه ئي نه هئي، ڇا ڪريان؟ مران ها؟

"سچ. اهو مؤت ئي هو هڪ قسم هو.

ڪپڙا

"پهاڙي علائقن ۾ هڪ چوٽي ڏاڍي مشهور آهي ته ڪپڙا انسان کي انسان ناهين تا ۽ گهوڙا بهادرن کي بهادر .چوٽي ڏاڍي سهڻي آهي پر مان نٿو سمجهان ته ان ۾ ڪا سچائي آهي. ضروري ناهي ته هر بهادر شينهن جي کل وارو لباس پائي. اهو به ممڪن ناهي ته تلوار مياڻ جي هيٺان جيڪا دل ڌڙڪي تي اها ڪنهن بزدل جي هجي.

ڇو ته ڪيترا دفعا ائين ٿيو آهي جو مون ظاهري ڏيک ڏيکاءُ ۾ حسن کي سڀ ڪجهه سمجهندي ڪنهن وقت ڇانهين جو انتخاب ڪيو هو پر اندر کان اها اڃي ۽ ڦڪي نڪتي هئي ۽ ڪاوڙ ۾منهنجو منهن خراب ٿيو هو. اهڙي طرح هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ماڻهو پنهنجي محبوبه کي ڪٽي ڇڏيو هو جنهن کي خوبصورت پشم جوڪوٽ پاتل هو پر جڏهن ان ڪوٽ لاٿو ته ان مان محبوبه جي بجاءِ ان جي پوڙهي ڏاڏي نڪتي.

موڪليندڙ: فقير ساجد بوزدار

صرف ساهه روڪجي وڃڻ سان ئي انسان ٿورو ئي ٿو مري. احساس ۽ ارمان گهٽجي وڃڻ سان به ته هو بي موت ٿو مري وڃي!

"گنگا! ڇا تون سمجهين ٿي ته لڇڻ مون سان پيار ٿو ڪري؟ ته پوءِ توسان هيل تائين ڇا ڪيو هئائين؟

"پلا تون سمجهين ٿي ته هو مونکي عزت ڏيندو هوندو؟ ٿورو سوچي ڏس.....

"پرش پئسا ٿو ڏئي ان ڪري ڪجهه خريد ٿو ڪري وٺي .... اهو ڏسي مون خوب پئسا ڪنا ڪيا آهن ۽ هاڻي مان ئي هن کي خريدي وٺندي آهيان...

"نه... مان وڪري جي چيز ناهيان. مان لڇوءَ کان ڪجهه به نه وٺندي آهيان. هو ئي ڪجهه گهرندو آهي ۽ ملي ويندو اٿس... هڪ دفعي هن مون کان ٽي هزار گهريا. ٿورو ئي پوءِ وري به هزار گهريائين. چيائين "ڏاڍيءَ تڪليف ۾ آهيان."

"مونکي پوءِ خبر پيئي ته ٿو ڪيٽو ڪيو هوان ڪري هن ٿو لاءِ هيرن جي منڊي خريد ڪرڻ پئي چاهي... توکي اڃا ان وقت تائين اسانجي رشتي جي ڄاڻ ڪين پيئي هئي...."

مونکي ڏاڍو شرم آيو. ان وقت به مونکي اها منڊي آگر ۾ پيئي هئي. مان وڃڻ لاءِ اٿي بيٺيس.....

هوءَ اٿي مون ڏانهن وڌي آئي ۽ چيائين "ڏس، جن حالتن مان، مان لنگهان ٿي، اهي تون ٻڌي به نه ٿي سگهين، نه؟

"ٿورو وقت وڌيڪ ويهه اڳو پوءِ سڀ ڪجهه ٻڌندي وڃ. نه توکي ڪڏهن اهڙي ننگي سچائي ٻڌڻ لاءِ ملندي ۽ نه مونکي

ڪڏهن اهڙا صادق ڪن ٻڌڻ لاءِ ملندا ..... خاطري ڪج. لڇڻ توکي ڪڏهن ڪو نہ ڇڏيندو. تون سندس پتني آهين ۽ سندس ٻارن جي ماءُ. اهي ٻئي حق هو توکان ڪين کسيندو. هن کي سماج ۾ هڪ درجو ڪپي جو پتنيءَ جي گڏ رهڻ سان ئي هنکي ملي سگهي ٿو.

"پر ايترو ضرور سمجهج تہ جيئن سون ۾ سهاڳو ٿو ملي، تڏهن ئي اهو ٿو چمڪي تيئن هر ڪامياب پرش جي زندگيءَ جي پڙدي ۾ ڪا نہ ڪا شمع آهي جا جلي خاڪ ٿي ويئي آهي. اُها "ڪا" ڪڏهين "تون" ٿي بڻجين تہ ڪڏهن "مان". سهاڳي کي پنهنجي ليکي تہ ڪوبہ نٿو ليکي، پر سون جي چمڪ جو مدار ان سهاڳي تي ئي رهي ٿو.

"ٻي بہ هڪ زندگيءَ جي سچائي ٻڌ۔ اها هيءَ تہ زندگي هڪ سيلاب آهي، هڪ وهڪرو آهي. ان سيلاب ۾ وهندي اسانجو پنهنجو ڪو بہ ڪينهي. ان حقيقت جي ڄاڻ هر ڪنهن کي پوءِ ٿي پوي پر پوي ضرور ٿي.

"تون هڪ ڏرمپتني آهين. اهو سمجهي غرور نہ ڪج. تنهنجو صرف نالو گنگا آهي، حقيقي گنگا تہ مان ئي آهيان. مون وٽ ڪتو بہ ٿو اچي تہ براهمڻ بہ. مان ڪنهنجو نراس نہ ٿي ڪريان. سڀ جي مراد پوري ڪريان ٿي. هيءَ بہ هڪ تپسيا آهي گنگا! گهور تپسيا! ان ڪري ئي مونکي "تلسي" مڃي هر اڳڻ ۾ رکيو وڃي ٿو. پتي پتنيءَ لاءِ هي "جنم جنم جو ساٿ" يا "ميڊ فار ايچ ادر" چوڻ سڀ ڪوڙ آهي. اها حقيقت گنگا نالي واري استري نہ پر هيءَ حقيقي گنگا ئي ڄاڻي ٿي. ڇو تہ مرد جو حقيقي روپ مون جهڙي گنگا ئي سڃاڻي ٿي. مونکي ئي خبر آهي تہ هر ساٿ ٿوري وقت لاءِ آهي. تنهنجي چوڏاري تہ هڪ ڀرم ڪڙو ڪيو ٿو وڃي تہ هيءُ جنم جنمانتر جو ساٿ آهي.

"منهنجي ٻي عزتيءَ بدولت ئي توکي عزت ملي ٿي ۽ منهنجي تياڳ ڪري تون خوشي حاصل ڪرين ٿي! توکي پنهنجو نصيب سمجهي مرد هٿ جي ليکن جيئان توکي تسليم ڪري ٿو ۽ مونکي هو ڇڏڻ لاءِ ئي اپنائي ٿو! اهو جو ڪيئي راتيون مونکي گلي سان لڳائي چوي ٿو "تون منهنجي زندگي آهين. مان توکي پنهنجي زندگيءَ جيئان ئي پيار ڪريان ٿو." سو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ مونکي ائين ٿو گڏجي ڄڻ مونکي سڃائي ئي ڪين! ڇا اهڙا ظلم برداشت ڪرڻ سولي ڳالهہ آهي؟"

ائين چئي هوءَ چپ ٿي ويئي،

گائتريءَ جي هڪ هڪ سٽ ۾ سچ سمايل هو. هن اهڙي جذبات پرئي نوع ۾ ٿي ڳالهايو. جو هنجو هڪ هڪ لفظ منهنجيءَ دل مٿان مترڪي جي ڏڪ جيان ٿي لڳو.

سڄا سارا ٿي ڪلاڪ مان وٽس ويٺي هيس پر مونکي خبر ئي نہ پئي تہ ڪو ايترو وقت گذري چڪو آهي!

***

منهنجيءَ پڻات لڇوءَ کي ان ڇوڪريءَ سان ڏٺو. هوءَ سٽ پائي مون وٽ لنگهي آئي. "آئِي. "آئِي. لڇڻ تہ هتن مان ويو پيو اٿيئي!"

سفر ڪندي دل ڪچئي ۽ الٽي ڇو ايندي آهي

جڏهن ڪو مسافر بس ۾ يا ڪنهن بي سواريءَ ۾ سفر ڪري ٿو تہ تيهہ منٽن يا وڌيڪ جي مسافريءَ کان پوءِ مسافر دل ڪچي محسوس ڪندو آهي. دل ڪچي ۽ مٿي ۾ سور جي شڪايت ڪندو آهي. شروعات ۾ تہ سندس سائي اهو سمجهندا آهن تہ ڪيس ڪاڏي جو اثر Food poision ٿيو آهي. پر حقيقت ۾ اها هڪ بيماري آهي جيڪا مسافري ڪرڻ کانپوءِ ٿيندي آهي. ڊاڪٽرَ ان ڳالهہ تي ڪافي منجهيل هئا تہ آيا مسافريءَ دوران ڇو ڪجهہ مسافرن جي طبيعت خراب ٿئي ٿي ۽ ڪجهہ جي خراب نہ ٿي ٿئي. ڊرائيور جي سفر ڪرڻ دوران سندس مٿان ڪو بہ اثر نہ ٿو ٿئي. جڏهن تہ پويان وينل مسافرن تي اثر ٿئي ٿو. خاص ڪري ٻارن جي حالت وڌيڪ خراب ٿئي وڃي ٿي. تحقيقدانن انهيءَ سڄي معاملي جي تحقيق ڪئي آهي ۽ اهو پڌرو ڪيو آهي تہ اصل ۾ اها حرڪت "moving objects" جي ڪري بيماري لاحق ٿئي ٿي جيڪا دماغي سسٽم Vestibular membranous Labyrinth جي تبديلي جي ڪري واقع ٿئي ٿي. ان جو جسم ۾ هڪ مڪمل سرشتو آهي. جيڪو ڪنن جي بناوٽ سان تعلق رکي ٿو. جنهن جي ڪري انساني جسم جي حصن ۾ توازن رکڻ ۾ مدد فراهم ڪري ٿو. جڏهن تہ مٿي ذڪر ڪيل دماغ جي سسٽم ۾ حد کان وڌيڪ معلومات (اکين ۽ ٻين حواسن جي ڪري) اوڏي وڃي ٿي تہ نتيجي طور توازن ۾ وڏو فرق اچي وڃي. ان ڪري الٽي اچڻ شروع ٿئي وڃي ٿي. اهو همٿہ پويان ويهندڙ مسافرن تي وڌيڪ اثر ڪري ٿو. جڏهن تہ اڳيان وينل تي ان جو ڪو خاص اثر نہ ٿئي ٿو. جنهن جو مکيہ سبب اهو آهي تہ پويان وينل ايندڙ هزارين منظرن کي ڏسندا رهن ٿا ۽ اڳيان وينل سائيڊ ويو مرر کان منظر ڏسن ٿا.

"مون چيو "تو پنهنجو مڙس هٿن ۾ پڪڙي رکيو آهي ڇا؟"

"ڳالهہ ڪل ۾ اڏائڻ جهڙي ناهي گنگا! هوءَ ڏاڍي سهڻي آهي ..... اصل جهڙي پري! تون گهر ۾ ٻارن ۾ ويڙهي پيئي آهين ۽ هُو....."

"تہ مان بہ هن وانگر ڪو پريزادو يا شهزادو ڳولهي ان سان گهمان ڇا؟"

"ايڏا پيئي مذاق ڪرين؟ چوانءِ ٿي...."

پر مونکي گائتريءَ جي چوڻ تي پروسو هو. دنيا ۾ سچار بڻجڻ جا جيڪي هوڪا ڏيندا آهن سي ئي ڪوڙجي بازي کيڏندا آهن. مجموداً جهڙي بدنام عورت کي ئي معلوم هو تہ سچ جي ڪيتري قيمت آهي. پر پڌاٽ کي ڪيئن چوان تہ جيتري بدنام عورتن ۾ ڊيسينسي (اخلاق) آهي اوتري اسان ڊيسينٽ سڏائيندڙ عورتن ۾ نہ آهي؟

هڪ ڏينهن مان ليٽي پيئي هيس تہ لڇوءَ چيو "پنهنجي پارٽنر کي چوان تہ اچي زور ڏيئي؟"

چيو مانس "ڪنڊ تو ڪائين!"

تہ تو چوي، "اڙي هوءَ مون تي اهڙي اڪن ڇڪن آهي جو ڇا بہ ڪرڻ لاءِ چوانس تہ مڃيندي"

ڪجهہ وقت اڳ واري گنگا هجان ها تہ چوانس ها "وٺي اچين تہ مان بہ تہ ڏسان."

پر مان هن جي هن وٽان ٽي آئي هيس. من ۾ چيم "مرد هڪ ناريءَ جي

جذبات سان کيڏي ڪيڏو نہ بانور ٿو ڏيکاري!" ٻاهران چيو مانس، "تڏهن مونکي بہ ڪنهن کي زور ڏيارڻ لاءِ وٺي هلندي ڇا؟"

هو بلڪل چپ ٿي ويو.

مون پاڻ سان سمجهوتو ڪري ڇڏيو هو. سندس ساهيڙيءَ گائتريءَ چيو هو "توکان گهٽو گهٽو وڌيڪ مان مردن کي سڃاڻان. اها هنن لاءِ هڪ قسم جي ايڪسڪرشن(تفريح) ئي آهي. هو گهمي ڦري گهر موٽي ايندا آهن. ڪيئن بہ مان تنهنجي لڇوءَ کي سويل ئي تنهنجي گهر ڏانهن روانو ڪنديس. مون کان پوءِ ڪنهن وٽ ٿو وڃي، ان جو ذمو مان ڪٽي نہ ٿي سگهان پر مون وٽان هو جلدئي ٿو وٽ موٽندو." ۽ مون کي هن جي چوڻ تي پروسو هو. پروسو؟ گائتري جهڙيءَ زال تي پروسو؟

ٻڌندڙن کي شايد ان ڳالهہ تي حيرت لڳي. پر گليءَ جي ڀاڄائيءَ سشيلا جهڙين عورتن ۽ گائتريءَ جهڙيءَ عورت ۾ اهو ئي فرق ٿيندو آهي. گائتريءَ کي اسين بري عورت تا سڏيون پر ان عورت کي سنائيءَ لاءِ عزت آهي. هوءَ سمجهي ٿي تہ جيڪو ڪجهہ هوءَ ڪري رهي آهي سو سٺو ناهي. ان ڪري هوءَ ڇڳائي ڪرڻ جو وجهہ ڳولهي ٿي. پر سشيلا جهڙي عورت سمجهي ٿي تہ جيڪو ڪجهہ هوءَ ڪري ٿي سو سٺو آهي. هنکي پنهنجو پتي هٽ ڪرڻ تي ايترو ناز ۽ فخر ٿئي ٿو جو هوءَ پتيءَ سان ڳنڍيل ٻين سيني عورتن جا حق ماري ٿي ڇڏي! انهن جا حق مارڻ ۾ هوءَ ڪو بہ پاپ نہ ٿي سمجهي. ڇاڪاڻ تہ هوءَ سمجهي ٿي تہ شادي ڪيل مرد جي هر چيز ۽ هر ڳالهہ تي صرف پتنيءَ جو ئي حق آهي! ڇا اها صحيح ڳالهہ آهي؟ توهين ئي ڪٽي جواب ڏيو تہ انسان سڀ روپ ٻئي هڪ انسان جي حوالي ڪيئن ٿيندا؟ پوءِ ڀلي ڪٽي اهو ٻيو انسان "پتني" تي ڇو نہ هجي؟

ڏيري ڏيري لڇوءَ جو نشو لهندو ويو. هڪ ڏينهن ٿو چوي "ڇا ٻڌايانءِ؟ اصل پٽيان اچي پيئي هئي. هڪ ڏينهن تاج ۾ وينا هئاسين تہ چيو مانس "هاٿي هل" تہ چوي "اج تہ هتي ئي ڊنر کائينداسين. هڪ ڏينهن گهر ديرسان ويندين تہ ڇا ٿي پوندو؟" چيو مانس، "اڙي.... منهنجي جوءِ آهي گهر ۾.... هوءَ منهنجي راڻي آهي...."

لڇوءَ جون هن نموني جون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي مان بہ هاٿي ڪک ٿي هيس. سو چيومانس، "توکي ٽنگاٽولي ڪرائي تاج ۾ ڪٽائي ويئي هئي؟"

"ائين بزنس جي خيال کان تہ اهڙن هنڌن تي وڃڻو ئي ٿو پوي نہ....."

"اڇا! هاٿي وري ڪنهن سان اِها بزنس شروع ڪئي اٿيئي؟"

ڪن پڪڙي چيائين "هاٿي تہ تنهنجي حضور ۾ ئي اچي ڪڙو ٿيو آهيان." سچ ـ هو مون وٽ موٽي آيو هو.

***

هاٿي لڇوائين هلڻ لڳو جڻ ڪجهہ ٿيو ئي ڪين هو..... جڻ هن جي زندگي ۾ هوءَ آئي ڪين هئي..... جڻ جذبات جي وهڪري ۾ هو وهيو ئي ڪين هو..... مردن لاءِ ڪنهن ناريءَ سان اُلجهڻ ۽ وري ان الجهڻ مان نڪري اچڻ ڪهڙي نہ سولي ڳالهہ آهي! ڪنهن بہ ڏوهہ يا غلطي ڪرڻ جي خيال کان سواءِ هوان کي ڪو واقعو يا

آزمودو سمجهي بيان ڪندا آهن! سچ..... اهو "پيار" ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ يا شايد "مرداني پيار جو اهو به هڪ نمونو آهي."

"هن ساڙهيءَ ۾ ته ڏاڍي ٺي سونهين"..

"اڄ باردر واري ساڙهي آندم ته ..... اها ئي پائج ...." ائين گرهستي جيون جو اهو اڳيون سلسلو وري قائم ٿي ويو.

پر مونکان هوءَ اصل ڪين وسري هن وٽان اٿي اچڻ مهل، ئي پڇيو هومانس "نالو ٻڌائيندينءَ؟"

"گائتري!" ٻڌائي هن ڪلي ڏنو هو. پوءِ ڪلي چيائين "عجب ٿو لڳيئي نه؟ پر جيڪي گائتري منتر عزت ڏيندا آهن سي ئي اسان گائترين جي هي حالت بڻائيندا آهن پوءِ نالو ويچارو ڇا ڪري؟"

جڏهين جڏهين لچو مون کي ڇهندو هو تڏهن تڏهن مون کي هن جي ياد ايندي هئي ۽ منهنجي دل پڇندي هئي "اهو سچ هو يا هيءَ سچ آهي؟"

گائتريءَ جي عورتپڻي ۾ صداقت هئي يا اهو صداقت ۾ريو عورتپڻو هو مان چئي نه ٿي سگهان. مون کي هن لاءِ عزت هئي ۽ هن کان ڊڄي به رهي هيس. اسين رواجي انسان هونئن به سچ جي سامهون وڃڻ کان ڇرڪندا آهيون نه؟

مان هن وٽ ٻيو دفعو ڪين ويس. ضرورت ئي نه پيئي. هڪ به دفعو هن فون ڪيو هو ان وقت جڏهن لچڙ گهر ۾ نه هو. (وقتن جي ته هن کي خبر ئي هئي.) هنجو آواز ٻڌي منهنجو سجو وجود جهنجهنائي اٿندو هو خبر ناهي ڇو؟

ڪڏهين ڪڏهين لچڙ گائتريءَ جي ڳالهه ڪڍي ئي ويهندو هو. اندر جو چور ڪيس نموني نموني جون صفايون پيش ڪرڻ لاءِ چوندو رهندو هو شايد. هڪ ڏينهن چيائين، "سچ پچ شادي ڪرڻ لاءِ به هوءَ بلڪل تيار هئي. هن کي گهر ٻار لاءِ تمام گهڻي چاهنا هئي تنهنجو منهنجو شاديءَ جو ڏينهن، نيلوءَ جو جنم دن، سڀ ڪيس ياد رهندو هو ۽ هفتو ڏيڍ اڳ ۾ ئي سوڪڙيون وٺي رکندي هئي..."

مونکي معلوم هو ته "پنهنجو گهر هئڻ لاءِ گائتريءَ جي من ۾ زبردست چڪ هئي پر ان ڪري هوءَ منهنجو گهر نه ڀاهيندي، اها به پڪ هئم.

تڏهن به لچوءَ جي ڳالهه ٻڌي مونکي انديشو ٿيو. منهنجيءَ ٻڌيءَ(عقل) منهنجيءَ دل کي گهڻو ئي سمجهايو پر منهنجيءَ دل، ٻڌيءَ جي هڪ به نه ٻڌي ۽ مون هنکي چئي ڏنو "مونکي فون نه ڪندي ڪر."

هن ائين به نه پڇيو ته "ڇو؟"

بس چپ چاپ فون رکي ڇڏيائين ۽ وري ڪڏهن به فون نه ڪيائين.

منهنجا سنسڪار ته ان تي ڏاڍو خوش ٿيا پر منهنجيءَ ٻڌيءَ کي ان خوشيءَ جي حاصلات تي ڏاڍي لڄ ايندي هئي.

"هڪ بي وس استريءَ جي سهڻ جي شڪتيءَ جو تو به ناجائز فائدو ورتو!" ائين چئي منهنجي سمجهه مونکي ڦٽڪاريندي هئي.

***

اسانجا ٻار هاڻي وڏا ٿيا هئا. هريش بي. اي. سي ۾ هو نيلم فرسٽ ييئر ۾ ۽ سوير مئٽرڪ ۾.

هريش کي ننڍي کان کي سهڪي ٽيندي هئي. ڏاڍي سنڀال ڪندا هئا سونس. ساڻس گڏ مان اڏ اڏ رات تائين جاڳندي هيس. ڪاڙها پيئاريندي هيسانس پر اها نگري بيماري لهي چو ٿي؟

"نيلم کي ننڍي هوندي ڪنهن "ٻلي ٿي اچيئي!" چئي ڊيڄاريو هو. بس هنکي ڊيڄو ويهي ويو هو. چوي ته هلي بتي ٻاري ڏيو ته پوءِ ڪپڙا مٽايان. سوير ۽ نيلم پاڻ ۾ ڏاڍو وڙهندا هئا "تو بسڪوٽ خلاص چو ڪيا؟"

"اڙي! هڪ ئي ته پيو هو؟"

"تو ٿمس اپ (انڊيا جي سيون اپ بوتل) ڪيڏانهن ڪئي؟ مون ساهيڙيءَ لاءِ لڪائي رکي هئي."

"ها ... بس رڳو تنهنجون ساهيڙيون پيئنديون. مان پنهنجا دوست وٺي نه ٿو اچان ته بس ڇا؟"

ان اوستا کان نڪري وڏا ٿيا ته اسان لاءِ مصيبت بڻ وڏي وڏي ٿي. هريش سڄو وقت وڏي واليوم سان انگريزي رڪارڊ هلائيندو هو. سوير لڪائي لڪائي سگريٽ پيئڻ لڳو هو. نيلم ميڪ اپ ڪري پنهنجو منهن ئي ڪاري ڇڏيو هو. چپ اڇا ٿي ويا هيس ۽ ڳلن تي ڪارا داغ ٿي پيا هيس.

پر اسانجي ڪير ٻڌي ئي نه پيو "

توهان کي ڪهڙي خبر؟" بس جواب ۾ انهن وٽان اهوئي سوال پيو ملندو هو.

لڇڙ چوندو هو انگريز سياڻا آهن. ٻار تيرهين چوڏهين ورهين جو ٿئي ته گهر مان ڏينس نيڪالي ته وڃي پاڻ کي پاڻيهي سنڀال. امريڪا ۾ بڻ ڇوڪرا ڇوڪريون جلد ئي وڃي ڪم تي لڳن ۽ پاڻ کي سنڀالين. هتي ته ڊڳي جيان وهي وهي تا ٻار پاليون. پيٽ کي پٽي ٻڌي، پاڻ نه کائي يا نڳيون چوريون ڪري کين رڌي کارايون پوءِ بڻ سندن هي حال. رڳو آهي لائو لائو ..... اڄ رڪارڊ ڪپن، سيان ڪئسيٽ ڪپي ..... اڄ ڦي ڏيٽي آهي، سيانڻ پئنٽ ونٽي آهي ..... " بابا تائون ڪيڏ ته ڪائون!" ڳالهائين ته ٻڪريءَ وانگر، چيوگم چٻاڙيندي جواب ڏيندا.

پنهنجي مرضيءَ موجب رات جو پيار ديڪر سان ايندا....." مان چوندي هئس،" ڳالهه سچي آهي پر ائين ڳلي ۾ نوڙي وجهي، بالڪنيءَ کان هيٺ ڪيئن لاهي رکون؟"

هريش کي پرسان وهاري مون چيو "هريش! ڏس، اسين هندستاني آهيون، تون الائي ڪنهن سان ڪنهن سان پيو گهمين ڦرين ...."

."انگريزن سان ٿورو ئي ٿو گهمان؟ جن سان گهمان ٿو اهي بڻ ته هندستان ئي آهن."

"پر هي اڏ اڏرات تائين ڊانس ڪرڻ ...."

"ممي! هڪ دفعو ڊسڪو ۾ هلي ڏس. جوانن ۽ چست بدنن جو ساڳئي ئي سر ۽ تال تي جهومڻ .... مست ڪندڙ ڏن .... رنگين جهڪيون روشنيون ...."

"مان جوان ٿوروئي آهيان جو اتي هلي نچان؟"

"ائين ئي ته چوان ٿو نه ممي. توهين پنهنجي زماني پنهنجي جيون ٺهڪائي هليا، اسين پنهنجي زماني سان پنهنجي

زندگي ٺهڪائي ٿا هلون ....."

هريش جي چوڻ ۾ سچائي هئي. نہ مان جوان ٿي بڻجي سگهيس ۽ نہ هو ڪرڙوڊ. سندس پيرن ۾ زنجيرون وجهي مان ڪيئن ٿي ڪيس پٽتي موٽائي سگهيس.

پر نيلم ڏيءَ ڏڻ هئي. هن کي تہ مان ايتري آزادي ڏيئي نہ ٿي سگهيس. مون هن تي پابندي لڳائي.

"رات جو پارٽيءَ تي وڃڻ بند" هن ڏاڍو روچ ڪيو پر مون هڪ بہ نہ ٻڌيمانس. جيتونيڪ دل ئي دل ۾ مان اهو زمانو پڙ ياد ڪري رهي هيس جڏهن لڪي لڪي ساهيڙين سان پڪچر تي ويندي هيس ۽ اميءَ کي چوندي هيس تہ اج پروفيسر ايڪسٽرا ڪلاسز ورتا. ڇا ڪجي؟ سماج ۾ رهجي ٿو تہ انجي نيمن جي پوئواري ڪرڻي ئي ٿي پوي. ڇوڪرا تہ ڪيئن بہ هلي ٿا وڃن. انهن جي چرتر سان گهر ۽ خاندان جي عزت ايتري جڙيل نہ ٿي رهي جيتري ڏيءَ جي هلت چلت سان.

هريش کي بمبئيءَ ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا نہ ملي. چون پيا ٽيهہ چاليهہ هزار رشوت ڪارايو. پر ڪنهن کي ڏبا؟ ڪيئن ڏبا؟ ڏيڻ سان بہ داخلا نہ ملي تہ پوءِ؟ انهن سوالن اسان کي منجهائي ڇڏيو.

لڇوءَ جي دوست هريش کي بڙودي جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ائڊميشن وٺي ڏني. هاڻ وري هاسٽل جي خرچ جي چنتي مٿان پيئي!

هريش موڪلن ۾ گهر آيو تہ ڪلي چوڻ لڳو "مان ڪنوار وٽندس پنجاپڻ. پنجاپڻيون پنجن ندين جو پاڻي پي هٿيون ڪٽيون ٿي ٿيون پون."

بيءَ موڪل ۾ آيو تہ چوي "پنجابي چوڪريون پنجويهن سالن جون ٿيون ٿين تہ سندس رونق مرداڻا بڻجي ٿا وڃن. ان ڪري شادي ڪجي تہ بينگالڻ سان ..... ڳاڙهسريون اکيون ..... نديءَ جي وهڪري جهڙو آواز....."

۽ ٽيءَ موڪل ۾ هو پاڻ سان هڪ ڪيرالا جي ڇوڪري وٺي آيو ملاڪا. "ممي! اسيب ٻئي ريسرچ ڪندا آهيون. شادي ڪري هنجي ماءُ وٽ ئي رهنداسين. بس ..... نو پرابلم....."

هريش جي شاديءَ منهنجي مڙس جي دل ئي ڀڃي ڇڏي! هنجو من ڪاڃي ويو "جي ٻيو بہ اهڙو نڪري تہ اسانجو تہ ٿيندو الله واهي!"

ڏڏو ڪير ٽٽين ڪين پوندو پوءِ بہ هريش کي ڏوراپو ڏنم تہ چوڻ لڳو "شادي منهنجو پنهنجو ذاتي معاملو آهي. توهان کان ڇا پڇان؟"

مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو. پاڙهڻ مهل اسين، بيماريءَ ۾ راتيون جاڳڻ وارا اسين، پر شاديءَ مهل اسين هن جا ڪير بہ ڪونہ هئاسين!

خبر ناهي هن زماني کي ڪجهہ ٿي ويو آهي يا اسين ئي بيئل پاڻيءَ جيان ڊهو ٿاهي بيٺا آهيون! ڏينهان پوءِ ائين پيو لڳي جڻ دوست، مٽ ۽ يار تہ مطلبي آهن ئي، پر پنهنجيءَ ڪک مان جاول بہ ساڳيا ئي آهن! نسوارٽ، شيوا، لحاظ، مروت، سعادتمندي گذريل زماني سان گڏ ماضيءَ جي گرپ ۾ هلي ويا آهن!

ان ڪري هي اڄ جا ٻار اسانکي ميوزم ۾ رکيل شين جيان ئي پيا سمجهن.

***

نيلم بہ وڏي ٽي ويئي ..... ايتري وڏي جو ٻيبي سڏيانس تہ غصي ٿيندي آهي.

سوير جڏهن بہ مون سان ڳالهائي، چيوگم وات ۾ ۽ ٽوڪڻو ٻاهر يا سگريٽ چپن تي ۽ دونهون ٻاهر ..... لوندڙين وٽ ۽ ڪياڙيءَ تي وار ڪٽي وڌايا هئائين. ننڍي هوندي اِنگلنڊ جي هستري پڙهندي لارڊ ڪرزن جو فوٽو ڏنو هئم، بس سوير بہ ائين انگريز ٻڌجي پيو هو. مان ڳالهايانس سنڌي ۾ تہ جواب ڏيندو هو انگريزي ۾! هندي بہ اها ڳالهائيندو هو جيڪا بمبئي جون روزيون ۽ ميريون ڳالهائينديون آهن "ڪدر جاتا؟ ڪيا مانگتا؟ ....."

نيلم ۽ سوير ٻئي گهر کي هوٽل سمجهي رهندا هئا. سجو ڏينهن دوستن ۽ ساهيڙين سان فون تي ڳالهائڻ ۾ پورا. فون ڪٽان تہ زنانو آواز ٻڌي سمجهان نيلم جو فون هوندو پر هوءَ سوير جي ساهيڙي نڪري پوندي! ڪڏهن مردانو آواز ٻڌي سوير کي سڏيان تہ هوءَ جواب ڏئي "ممر! نيلو جو فريندِ آهي. هن کي سڏ ڪري وٺ."

نہ امي نہ ممي، مون کي سڏيندا ئي هئا ممر! نہ ستنام نہ واهگرو، رڳي هاءِ ۽ باءِ!

هڪ ڏينهن سوير پڇيو "ممر! بيف ڇو نہ کائجي؟ ان ۾ ڪهڙي برائي آهي؟"

مون شاستر بہ پڙهيا هئا. ڌرم ۽ بيف جي لاڳاپي بابت ڄاڻ هئم، سو چيم "پٽ، اسين هندو آهيون. گاءِ کي ماتا ڪري پوڄيون، ڇو جو سندس ڪير ماءُ جي ڪير جيان آهي، ان ڪري نہ کائبو بس."

هن چيو "واهہ! ڇا تہ سبب ٻڌايو اٿيئي! ڏس ممي! توهان اکيون پوري ڪٽي سڀ مڃيو آهي. اسين تہ ائين ڪرڻ وارا نہ آهيون. وات کولي سڀ پڇنداسين. جواب وٺيو تہ واهہ، نہ تہ تہ بلڪل ڪين مڃينداسين."

ڳالهہ غلط بہ تہ ڪين هئي. ڌرم اُڌرم جي فرق کي اسان تہ ڪٽي دل سان مڃيو هو. هينئر جو هي دماغ وارا ٿيا آهن سو اسان جي ڳالهہ ٻڌن ڇو ٿا؟

نيلم کي چوندي هيس، "ڌيءَ! نہ ٽوپو نہ ٽگو نہ سبڻ نہ پرڻ".....

جواب ملندو "ممر! سڀ ڪجهہ پيو ريڊي- ميڊ ملي پوءِ ڪٽنچي ۽ مشين جي ڪترا ڳ ۾ پئون ئي ڇو؟"

سوير بہ نڪو گهر جو ڪم ڪار ڪندو هو ۽ نہ مون سان ويهي ڪا ڳالهہ ڪندو هو. سمجهايان بہ ڪنهن کي؟ بس رڪارڊ پيو هلي، پير پيا ڪڙڪن ۽ بدن پيو نچي!

لولي ناهہ تہ ٻنهي مان ڪو بہ ڪوڙ چڪندو. رڳي ڪپين ڊبل روٽي!

اسين بہ وڏا ٿيا هئاسين پر هي ٻرانگهون پري وڏا ٿي ويا هئا. اڳي وڏن ننڍين ۾ ايڏو ويچو ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو. پوٽو ڏاڏي سان ريجهي وينو هوندو هو. ناني ڏوٿهيءَ کي ڏر پٽ پرسان رکي وهاٽي جي ڇوَ يا ٽپائي ٽوال مڙهڻ پرڻ پيئي سيکاريندي هئي، پر هاٽي رلي مئي آهي "جنريشن گئپ!"

ڪڏهن ڪٽي چوان، "آئي مون سان گڏ فلاٽي پڪچر تي هلو ٻئي وراٽي ڏيندا هئا "هندي پڪچر! اوه هيڊيڪ! چوين تہ

آفيسر کي پٽيوالا ئي ڪٽندا آهن.

بس اسٽينڊ تي رش هئي. بس آئي تہ جاءِ والارڻ لاءِ تکڙو بس ۾ گهڙي پيو. هڪڙو پٽيوالو بہ دانهون ڪندو، ماڻهن کي پاسا هٽندو، مٿي چڙهي آيو.
"پري بابا! صاحب چڙهندو. صاحب اڳيان ويهندو!" سندس انهيءَ گوڙ سبب گهٽا ماڻهو دهليز هٿي ويا. پٽيوالي اڳيان سيٽ اچي والاري.سترهين گريڊ جو هڪ انجنيئر اڳ ئي ان سيٽ تي ويٺو هو. صاحب بہ پر ۾ اچي ويٺو تہ اڳ وينل انجنيئر ڏاڍو محتاط ٿي ويو.بس جڏهن اڳئين شهر پهتي تہ گهورڙيا مٿي چڙهي آيا! پر واري صاحب پڪوڙن واري کان رڙ ڪري، روپئي جا پڪوڙا ورتا ۽ رومال ۾ ٻڌل ماني ڪڍي کائڻ لڳو. ان کان اڳئين اسٽاپ تي بس بيٺي تہ تکڙ ۾ لهي، هٿ ڌوئي پاڻيءَ جو گلاس اڌ گيدو چاڙهي وري اچي سيٽ تي ويٺو تہ سندس انهيءَ عمل تي سندس صاحبيءَ وارو رعب انجنيئر جي دماغ مان نڪري چڪو هئو ۽ يڪدم ڪانئس پڇيائين: "سائين! توهان کي ڪهڙي سروس آهي؟"
"ادا! مان مختيارڪار صاحب جي آفيس ۾ هيڊ منشي آهيان."
"بلڪل صحيح!" دل ۾ چوڻ لڳو، "آفيسر کي پٽيوالاڻي ڪٽندا آهن!"
مطلب: پيرکي خليفائي ڪٽندا آهن.

ٽڪيٽ آٽي ڏيونءِ پاڻيهي هلي وڃ نہ؟"

سوير پنهنجيءَ لچڪٽيءَ چيلهہ تي فخر وٺندو هوءِ نيلم پنهنجي سلم هئڻ تي. گهر ۾ ئي پيا پاڻ کي تورينندا ڪڇيندا هئا.

***

نيلوءَ بي.اي. پاس ڪئي تہ هن جي شادي هڪ وڏوشاهي مسئلو بڻجي اسان اڳيان آئي. پنهنجي برادريءَ وارا آلائي ڪٽي هئا، سڀ ڪٽو ڪٽو ٽڙي پڪڙي ويا هئا. ٻين برادرين جا ڇوڪرا ڳولهيون تہ بڙ بنياد جي خبر ڪئين پوي؟ منهنجي شادي وقت تہ آمي بار بار چوندي هئي: "بڙ جو ڇوڙو وٺجي" ..... "ڪر ڪاٺ جي ڪاٺي ئي سٺي" پر هتي تہ ڇوڙي جي ڇہ ۽ ڪاٺ جي ڪ بہ ڪين ٿي ليي!

منهنجي اِسڪول واريءَ ساهيڙيءَ ستيءَ جي پٽ انجنيري پاس ڪئي. هن کي وولٽاس ۾ سٺي پگهار سان نوڪري ملي. ٻڌي مان وٽس ويس.جواب ۾ چيائين "منهنجو آنيل؟ آئي ويچارو ٻار!" هاڻي نوڪري ڪندڙ انجنير بہ ٻار ٿيو تہ پوءِ ڏاڙهي مڇ رکندڙ کي ڇا سڏيون؟ ڪيئن چوانس تہ ننڍڙو آهي تہ پوءِ هنج ۾ ڪٽي گهمائينس نہ؟

لڇوءَ جي دوست جي پٽ لاءِ چيو سوُن تہ اتي پيا پڇن، "ڇوڪريءَ جو ڏاڏو ڇا ڪندو هو؟ حيدرآباد ۾ ماٽس ڪٽي رهندي هئي؟"

ڪٽي پيا چون ڇوڪريءَ جو ياءِ اِلي .... پلي سان پرٽيو آهي تہ پوءِ سهج ڪرڻ وارو سالو تہ نہ ٿيو!"

هڪ هنڌ پڇيائون ته "بي.اي. پاس ڪري ڇا ويني ڪري؟ نوڪري ٻوڪري ڪا نه ڪري؟ ته پوءِ گهر ۾ ويٺل ڇوڪري ڪيئن وٺبي؟ موڳي مٿر ئي ته هوندي."

ڪتي اهو زمانو جنهن ۾ ڏيءُ کي نوڪري ڪرائڻ ۾ لڄ محسوس ڪبي هئي ۽ ڪتي اڄ وارو زمانو جڏهن ننهن جي نوڪري تي به فخر پيو ڪيو وڃي!

هيتريون ۽ هن نموني جون تقاضائون ٻڌي ته مان ڏاڍي ڍڄي ويس. ڏينهن رات چنتا لڳي پيئي هوندي هئم.

هڪ دفعي ڏاجي جي پئسي جي ڳالهه تان ڪتان جواب مليو ته نيلوُ اچي بگڙي!

"ڪڏ ۾ پون تنهنجا هي سنڌي!"

مون چيو "پٽ! سنڌي گهوٽ سڀ کان سٺو..... "

"ممي ٻڌ! ڏڏي ۽ تون سنڌ مان آيا هئا. سنڌ ۽ سنڌي هجڻ شايد توهان جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هو ان ڪري اوهان ٻنهي هڪ ٻئي کي پسند ڪيو پر مان ته هتي ڄائي آهيان. منهنجيءَ دل لاءِ اهو ڪيئن ٿو لازمي بڻائي سگهجي ته اها هڪ سنڌيءَ تي ئي فدا ٿئي؟ ۽ تنهن ۾ به اوهان جي سنڌ وارا عامل ۽ پائيبند جا فرق رکي پوءِ فدا ٿئي؟"

تنهنجي چوڻ انوسار مان هڪ سنڌيءَ تي مران به ڪٿي ته هوُان تمنا رکڻ لاءِ مونکي ڏنڊ ٿو ڏئي! غير سنڌيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ٿو ڪري ته انکي ڏنڊ کان مڪت ٿو رکي پر مون سنڌياڻيءَ کي ئي ٿو پاڻ کان گهٽ سمجهي! ۽ پئسا گهري!

تون پل پيئي چوئ ته سنڌي سٺا آهن. مون کي ته اِهي تنهنجا سنڌي بيوقوف ٿا لڳن! جيڪي شادي ڪرڻ کان اڳ هيتري بي عزتي ٿا ڪن. اهي شادي ڪرڻ کانپوءِ ڪهڙي عزت ڏيندا؟ مونکي ڪنهن به سنڌيءَ سان شادي ڪرڻي ناهي.

هي سنڌي ۽ غير سنڌي، عامل ۽ شڪاريوريءَ وارا تفاوت توهين پاڻ وٽ رکو. اسان کي اِهي منجهائيندڙ فرق سمجهه ۾ به ڪين ٿا اچن.

ممي! هاڻي تون مان ڪري ويهي رهه. مان وڃي ٿي نوڪري ڪريان. مان پنهنجو گهوٽ پاڻيهي ڳوليندس. تون ڪنڌ هيٺان وهاڻو رکي سمهي پؤ."

نوڪري ته ڪيائين پر هڪ گجراتي ڇوڪري سان ڪري رستو رکيائين! منهنجي ته ننڊ ئي ڦٽي پيئي، "پٽ نيلو! ڏاهي ٿيءُ....."

"ممي! روهت ڊاڪٽر آهي. سٺن مائٽن جو پٽ آهي. ڏيٽي ليتيءَ لاءِ توکي تنگ نه ڪندو. ڍڳهو قداور آهي، شڪل شبيهه به چڱي اٿس، مونکي وٺي ٿو پوءِ توکي ڇو اعتراض ٿئي؟"

هڪ ڏينهن هوءَ روهت کي گهر وٺي آئي. لڇوءَ ساٿس ڳالهايو. هنجي وڃڻ بعد لڇو مر چيو "نيڪ آهي. گهوٽ ڪنوار راضي ته ڪيا ڪرينگا قاضي؟ اهڙو ڇوڪرو سنڌين ۾ وٺان ها ته چاليهه پنجاهه هزار خرچ ڪرڻا پون ها."

ٽائيمس آف اِنڊيا جي ڪالم ۾ ڪنهنجي مؤت جي خبر پڙهندي هيس ته عجب ڪائيندي هيس ته هيءَ سنڌياڻي ٿامس، ورتڪ ۽ حنيف جي سس ڪيئن ٿي؟

هر روز ڪنهن نه ڪنهن سرڳواس

ٽيل سنڌيءَ جي نالي پٽيان سندس رشتيدارن جا عجيب و غريب نالا ڳنڍيل ڏسي، مان سمجهندي هيس ته منهنجي نالي سان اِها جٽ ڪين ٿيندي پر ٽن مان منهنجا به ٻه ٻار سنڌين ۾ ڪين پرڻيا!

چوندا آهن ”جس تن لاڳي سوئي جاني.“ ڇڏهن منهنجي گهر ۾ مسئلو گهڙي آيو تڏهن ئي وڃي ڳالهه سمجهيم.

هڪ ته اسان جي نقط نگاهه ۾ شادي هڪ اٿوٽ سنبنڌ هوءِ هاڻي هي سمجهن ٿا ته ”بني ته بني نه ته دال ماني گهٽي.“

ٻيو ته اڄ ڇوڪرا ڇوڪريون هڪ ٻئي جي صحبت ۾ ٿا اچن ته ضرور اِتي ئي ڪٿي سنجاڻپ ٿيندن. اسين پلي پيا پنهنجون مرليون وڄايون ”هيءُ شهداپوري آهي .... هنجو پيءُ سنڌ ۾ ڊڪ منشي هو..... هي اصل ته ڏاڍا غريب هوندا هئا....“ پر هي اڄ جا ڄاوا اِها مرليءَ جي تان ٻڌن ڇو ٿا؟

وڏي ڳالهه ته ٻيو سڀ ڪجهه ٿيو آهي مهانگو رڳو لؤ (Love) آهي سستو! ڪرستان ڇوڪري پل ٽين جي پيتي ڪٽي اچي پر لؤ جو لڳو ته اها به ٿي شهزادي.

خير .... نيلم پرڻي ته منهنجي سر تان جرڻ وڏي پريءِ لٿي.

****

اسين ٻئي ٻيا هئاسين. ماس ڇٽڻ سان گڏ اسانجو سڀ ڪجهه ڇٽي ويو! سوير جي جوءِ کي ڪليل هوادار ڪمرو نئون فرنيچر، ريشمي چادر، ڊريسنگ ٽيبل، ٽي وي..... مليل هئي ۽ اسانکي رنڌڻي جي پاسي گهٽ ٻؤسات وارو ننڍڙو ڪمرو ڦٽل چادر ۽ ڀڳل ٽنگڻ واري آرسي مليل هئي.

پراڻيون اخبارون، آچار جون برنيون، نؤڪر جا ڪپڙا سڀ اسان وٽ ئي رکيل هئا، اسانجي ننڍڙي ڪمري ۾.

ڪجهه چؤ ته ننهن طعنو هڻندي هئي، ”هليا نه ٿا وڃو وڏيءَ ننهن وٽ؟“ ۽ پٽ چوندو ”ممي! ويهي رام نام جپيو؟“

شروعات ۾ سوير جي منهن تي ننهن اسان سان ملو ڳالهائيندي هئي پر پوءِ هنجي پرپٽ موڙا مچڪا پيئي ڏيندي هئي. هاڻي ته هنجي هوندي به گهڻو ڪجهه چئي وٺندي آهي ۽ سوير چپ رهندو آهي.

هٿ مٿي ڪٽي، زبان تيز ڪري هوءَ چوندي آهي:

”ملنس به اهي پينشن وارا به سؤ ٿا نه ؟ انهن مان ڇا نه ٿو ملين؟ ڪٽون، وهاڻا، چادرون، به ويلي ڇا، چار ويلي روٽي، ته ويلي چانهه، ٻيو ايڏا ٻرو ڏيان ڇا؟

چي ”ڏلڪي ۾ گيهه ذرو وڌيڪ وجهه ۽ چانورن مٿان پلاه جيري .... تويڙ ۾ جيري ڦوٽو ڪٽي وجهه ۽ ڪير ۾ ڪڪنسر .... پاڻ ۽ ته وڏو پٽ ڪرياني جو ٻڌو واپاري اٿن، جنهن ڳوٺيون پرائي موڪليون اٿن!“

مون ويهن ئي ننهن جو زور لڳايو ته جيئن اسان سس ننهن ۾ پنهنجپائي وڏي پر هنجي وهنوار ڪري ڏاريائپ ئي ڏينهان پوءِ وڏندي ٿي ويئي.

جيئن جيئن سوير جي ڪمائيءَ ۾ برڪت پوندي ويئي، تيئن تيئن اسان مٿان ڪوڙاڻ ۽ ڪساڻ پريل لفظن جي

برسات ۾ وڏندي ويئي. تالستاءِ هڪ هنڌ چيو آهي ته جيسين اِنسان هڏ هلائي گذران لاءِ پورو سؤرو ڪڍي وٺي ٿو تيسين سندس ٻڌي سالم آهي. جان ئي هن وٽ مئڙ مال ٿو اچي تان ئي هن ۾ مؤجون ماڻڻ جي تمنا وڌي ٿي ۽ هڙ عيش عشرت ۾ گهٽو ڪجهه خرچ ٿو ڪري.

سوير ۾ پنهنجي لاءِ چهه چهه بشرتس ۽ ڏزن ڏزن گنجيون وٺي ايندو هو پر پيءُ ڪالر ڪٽل خميس پائي پيو گهمندو هو ته ڪيس لج ئي ڪين ايندي هئي! هوءَ ليلا ۾ جتي وڃي اتان سئنڊل وٺي اچي. اصل قطارن ۾ جتيون اٿس پر مونکي ٽي ريئي وارو اهو رٻڙ جو چئمپل ئي وٺي ڏئي. هلان ته پير چمپل کي پيا گهڻين ۽ ٽڪجيو پوان. پلا شيشو هجي ته ان مان ماءُ پيءُ ۾ ڏسڻ ۾ اچي. سوير جا ساهرا آهن ناٽي وارا ۽ هي ۾ ٽيا آهن شاهوڪار. سو شيشي کي لڳي آهي چاندي ته اهو ٽي پيو آهي درپڻ! درپڻ ۾ سوير نهاري ته پاڻکي ڏسي ۽ ليلا نهاري ته پنهنجو پاڇو ڏسي. پوءِ اسان ڏانهن ڪير نهاري؟

تنهن ڏينهن پنهنجيءَ ڏيءُ نيلوءَ جي گهر ويس. ڏسان ته سهري کي پئسيج ۾ ڪري ڪٽ وجهائي ڏني اٿس. اڳي ان ٽڪر ۾ فرج رکيو هوس. چيومانس ته! "نيلو هي ڇا؟ نڪ ٽي ڪٽائين منهنجو!" ته ٽي ڪلي چئيم "مزمان مڙو اچي ته وچ ۾ ڪٽي ٿو سونهين هيءُ؟ ٻاروهي گنجي پائي وهي، سا به هتان هتان ڦاٽل....."

منهنجا ته ڏند چپن سان لڳي ويا! منهنجي ڪک ۾ بس هيءُ ڪن ڪچرو ئي پيو ها ڇا؟ جهڙو پٽ تهڙي ڏيءُ؟ پلا پنهنجي پيٽ کي ڪهڙيءَ اِڳڙيءَ سان ڍڪيان؟ سهرو ڦاٽل گنجي پائي ته ان لاءِ ڪير جوابدار آهي؟ هيءَ صرف منهنجي ئي نه پر سيني سنڌي ننهن جي گهٽتائي هئي نه؟

پر نيلوءَ به منهنجي ڳالهه ٻڌي نه؟ اڄ جا ننڍا ڪي ٽيا آهن! اصل سيني صدين جي سياڻپ وٽن اچي گڏ ٿي آهي! پوءِ اسان جي ڳالهه ڪيئن ٻڌندا؟

اسان وڏن تي اعتبار ڪيو ۽ انهن جي آزمودن جو فائدو ورتو. ايڏي ته زندگي آهي ئي ڪين جو هر ڪنهن ڳالهه جو اسين خود آزمودو ڪريون. اسان انهن تي وشواس ڪري پنهنجو وقت ۽ شڪتي گهٽي قدر بچائي ورتي. هونئن به ڪنهن نه ڪنهن ڊيٽا Data کي، ته مڃي ٿو هلجي نه؟ سائنسدان کوجنائون ڪري نتيجو ٻڌائين ته اسين انهن جي چوڻ کي قبول ڪريون ٿا. ائين ڪرڻ سان ئي اسان جي زندگيءَ ۾ سهوليت اچي ٿي. پر هي ننڍا هر ڪا ڳالهه جڙ پاڻ ئي ثابت ڪرڻ پيا چاهين. پل ڪن. غلطين به پاڻ ئي اڙجندا. هن ننڍڙي زندگيءَ ۾ چوڪ سڌارڻ لاءِ ڇا عمر وڏي ٿي ملي؟

***

پراڻين پڳل شين جي وچ ۾ اسين ٻئي ائين ويٺا هئاسين جيئن ڪنڌهر ۾ به چهرا. لڇؤصبوح جو ڀاڄي ڀتو آٽي پوءِ ڪروندڙو ٿي سمهي پوندو هو ۽ مان ماضيءَ جي مٺداڻن ۾ گهمندي رهندي هيس. "منهنجي ڪاليجي مٽراج جيڪر مونکي ڏسن ته ڇا چون؟ خبر ناهي هوءَ صراحيءَ جهڙي ڳچي ڪٽي گهمندڙ ممتاز

شهادت جو شوق

خالد رضي عليه سيف الله جو شمار دنيا جي عظيم جرنلن ۽ فاتحين ۾ ٿئي ٿو. پاڻ اٽڪل 150 جنگين ۾ بهادري ڏيکاري،داد حاصل ڪيائون. تلوار جو زخمن سان ڀريل جسم ۽ گهرو زخم ڪين صرف هڪ دفعو "جنگ حنين "۾لڳو. خوف ڪان بي خبر هئا.ميدان جنگ ڪي مومن جي شهادت واري جاءِ سمجهندا هئا. جهاد ۾ شهادت حاصل ڪرڻ جي سندس تمنا پوري نه ٿي سگهي. پاڻ چاهيندا هئا ته آرام ۽ راحت سان گهر ۾رويهڻ بجاءِ شهادت جو جام پيئن. وفات وقت پاڻ فرمايائون ته "مون ڪافي عرصي ڪان وٺي ڪافرن خلاف جهاد ڪيو، شهادت جي خواهش. مون وڏن وڏن خطرن ڪي لبيڪ چيو. منهنجي جسم جي ڪا به جاءِ زخمن جي نشان ڪان خالي نه آهي پر افسوس اٿم جو مون کي ميدان جهاد ۾ شهادت نصيب نه ٿي ۽ مون کي موت بستري تي اچي نروار ٿي آهي.

☆☆☆

ڪٽي هوندي؟ هن شانتا جو چا ٿيو هوندو؟ مئيءَ ڪابه خبر نه ڏني. پر مون وري سندن گهڙي خبر رکي آهي؟ جيئن ئي ڪاليج ڇڏيم، سيني کي وساري ڇڏيم!"

منجهند جو ته اک به لڳائي نه سگهندي هيس. ميم صاحب، ها-هاڻي هوءَ ننهن منهنجي ميم صاحب ئي هئي ۽ مان سندس گهر سنيالينڊ نوڪرياڻي ڪڏهن هوءَ پڪچر تي هلي ويندي هئي ته ڪڏهن لنچ پارٽيءَ تي. ڪڏهن سندس ساهيڙيون اسانجي گهر هلي ايندڙيون هيون ته مون لاءِ توڙي لڇوءَ لاءِ شامت اچي ويندي هئي. سڄو ڏينهن هوءَ شيون آڻيندو رهندو هو ۽ مان سوءَ سکوءَ ڪري ديگڙا لاهيندي چاڙهيندي رهندي هيس. گهر جو ناهه ٿوهه ته مونکي ايندو ئي نه هو نه ئي منهنجي ناهه ٿوهه مان هوءَ منهنجي مالڪياڻي راضي ٿيندي هئي، ان ڪري چادرون متائڻ ۽ سجاوٽ ڪرڻ وارا ڪم هوءَ پاڻهي ڪندي هئي. هوءَ گهر کان ٻاهر رهي، اها ئي اسان لاءِ غنيمت هوندي هئي. به چارگهڙيون ليٽي ته وٺندا هئاسين نه؟

هوءَ ٻاهر نڪري ته مونکي چؤڪيداري ڪرڻي پوندي هئي. وڃڻ کان اڳ سوين هدايتون ڪندي هئي "مائيءَ کي چئجو ٻاهران ڪپڙا لاهي، ويڙهي رکي!..... ڪير جا پئسا رکيا اٿق ٿي بوتلون ڏجو لفٽ مئن کي! چئجوس ڪالهه ڪير ڦٽي ويو هو سوچو؟ ياد ڪري چئجوس!"

"پاپڙ سڪڻ وڌا اٿم سي ڪٽي رکجو. ڏسجو ڪو هتي هتي اڏامي نه وڃي.

"مائيءَ کي چئجو باسڻ ملي اگهي رکي. مئي ائين الائي ڇڏي ڇو تي وڃي."

هوءَ وڃي تہ پٽيان هڪ پاسي فون اچي ۽ ٻئي پاسي در جي گهنٽي وڄي. ڇا کي پڇي ڇاکي پُڇان؟

هڪڙو سو فائدو ٿيندو آهي، هوءَ نہ هجي تہ پوءِ فون تي ئي سهي، ڏيءُ سان پيٽ ڀري ڳالهائي سگهندي آهيان. آهي رهيو کهيو ڳالهائڻ، نہ پنهنجي مرضيءَ سان سکيلڏيءَ کي ڪجهہ موڪلي سگهان، نہ ڪيس ڏهہ ٻارهن ڏينهن پاڻ وٽ ٽڪائي سگهان.

پلا بمبئي معني نٿ پل هال خالي پيو هجي پر اتي ڪنهن کي سمهاريو ڪونہ! اتي صوفا ئي ليٽيو پيو هوندو ۽ پوءِ نہ ڏيءُ لاءِ ٽڪڻ جي جاءِ هوندي ۽ نہ مڙي مزمان لاءِ.

مڙو مزمان بہ اسانجو تہ ڪو اچي ئي ڪين. ايندو نہ ايندو سوير جو ڪو هلندي پڇندي وارو دوست يار يا ليلاجي پيڪن مان ئي ڪو. اسين ننهر هيڏسين تہ سس جي پيڪن ۽ ساهرن کي بہ مان ڏينديون هيوسين. اجهو اج سس جي نڙان اچي لٿي، سيان سندس پاٽيجو عيال سوڌو آيو. اچو بابا اکين تي اسانجي! هتي مجال آهي جو منهنجو ڪو ماروٽ يا پڦات ڪٽي ليئو پائي! ها..... انهن مان ايندو اُهو جو شاهوڪار هوندو .... اهو تہ بس ويهي صرف وڃڻ مهل چوندو.... ڪيئن آهين دادي؟ ويٺي تہ مزي ۾ آهين نہ؟" اهو مائٽ ٿيو بہ تہ هنن جو ئي ٿيو!

ننهڙم صبوح جو سهري کي چوندي هئي تہ "ياڇيون وڏي اچو ..... اج ريٽا اچڻي آهي ..... چڪن صفا ڪرائي اچجو. وڃان ٿي ياءُ وٽ، تيمي جا سنبوسا ڪٽي ويندس، سامهون بيهي تيمو ڪٽائي وٺي اچجو" ..... ويچارو منهنجو لڇڙ پريون ڏوئي پيو ايندو هو!

تنهن ڏينهن چيائينس تہ گجرون بہ ڪلا آڻجو. سيرو ٽاهڻو آهي. هڙوٽي آيو تہ هر گهڙيءَ پيئي چوي "هي بہ ڪلا تہ لڳن ئي نہ ٿا .... چڱيءَ طرح ڏٺو تہ ڪيئن توريائين؟"

منهنجو لڇو هونئن منهنجي تہ ڪا اهڙي جهڙي ڳالهہ ٻڌندو ئي ڪين هو. ننهن جو اهو چوڻ ٻڌي هڙ سراپجي ويو.

رات جو ننڊ ايندي هئي ديـر سان، سو ٻئي پيا گذريل زماني جون ڳالهيون ڪندا هئاسين. پر ان ڏينهن هڙ سويل ئي سمهي پيو.

صبوح جو چيائين، "چاتيءَ ۾ سور اٿم."

مون پٽ ڪان برانڊي گهري مان چاتيءَ تي مالش ڪرڻ لڳس تہ هن ڪونگهرو هنيو..... مون سمجهيو تہ اک لڳي ويئي اٿس پر هڙ هليو ويو!

"گائتريءَ وٽان تہ واپس وٺي آئي هئي سانس، هينئر ڪٽان وٺي اچانس؟ نہ .... نہ .... وٺي وري ڇا لاءِ اچانس؟ ڇا اچي ڪندو؟ پاڻ چڱو ٿيو جو ويو!" ائين سوچي پئي سڏ ڪيس.

پر جيڪر مان اڳواٽ وڃان ها تہ سٺو ٿئي ها! هيئن سڄي جيون ڪاٽڻ ڪيتري نہ مشڪل ڳالهہ هئي.

من جي هن حالت لاءِ ڇا چوان؟ هنجي ساٿ بنا مان سڄي سڄي ۽ خالي خالي ٿي ويئي آهيان، پر مان هن جو هتي

بجلي جي ڪرسيءَ جي سزا جي تاريخ

شروع ۾بجلي جي ڪرسي واري موت پيانڪ ڄاتي ويندي هئي. ڪرسي تي ڏوهاري کي ويهارڻ کان اڳ ان جا چپ ڪٽيا ويندا هئا. ان جي منهن تي نقاب وڌو ويندو هو تہ جيئن رڙ ڪري تہ ٻڌڻ ۾ نہ اچي. اهڙي طرح ڏوهاري کي ان ڪرسي تي ويهاري ڪرنٽ ڇڏيو ويندو هو. اهڙي طرح سزا وقت سزا ڪائيندڙ جي متي ۽ ٽنگن مان دونهون نڪرندو هو. ۽ سندس سڙندڙ جسم ۾ ڏاڍي بدبوءِ پکڙجي ويندي هئي. گرمي جو ٽيمپريچر تمام هاءِ رڪبو هو.موجوده وقت ۾ بجلي جي ڪرسي مضبوط ڪاٺ جي ٺهيل آهي ۽ هٿن تي ٻڌڻ لاءِ چمڙي جا ٽڪرا آهن.سڀ کان پهرين قيدي کي شيو ڪرائي ويندي آهي.ان کانپوءِ موت واري ٽوپي سندس متي تي رکي ويندي آهي. ان ٽوپي تي لوڻ جو پاڻي ڇٽڪاريو ويندو آهي. جيئن وڌ کان وڌ بجلي جا جهٽڪا برداشت ڪري سگهي. ٻہ هزار وولٽس جي بجلي ڇڏي ويندي آهي. جيڪا صرف 5 سيڪنڊن تائين ماڻهوءَکي ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکندي آهي.سڀ کان پهرين سزا 7 مارچ 1951 ۾ آمريڪا ۾ هڪ ڏوهاري کي ڏني وئي هئي.

ساٿ چاهيان بہ نہ ٿي.

جاءِ سوير جي ٺالي تي هئي. سوير کي بئنڪ ۾اضافو ملڻو تہ ڪوارٽر بہ ملي. هن چيو هاڻ جاءِ ڇا ڪبي؟ گهوٽم لکي ويو هو تہ جيستائين گنگا جيئري آهي، ڪيس هن جاءِ مان ڪير بہ نہ ڪڍي سگهي. پر مونکي ان جاءِ مان پاڻيهي نڪرڻو پيو! سوير جاءِ وڪٽي، پوءِ ئي ڪيس ڪوارٽر ملي.

****

سوير کي پهريون ڀار ڄاڻو تہ مون ۾ اڃا سگهہ هئي. مالشون بہ ڪيو مانس ۽ ڪٽي گهمائيندي بہ هئيسانس پر ٻيو ڀار مونکان ڪنيو ئي نہ ٿي ٿيو. پلا بہ بہ نوڪر تہ اڄ ڪلهہ ڪير رکي نہ ٿو سگهي. هڪڙي مائي ڇا ڪري ڇا ڪري؟ مائي رنڌڻي ۾ وڃي تہ ٻار ڏيئي وڃي مون کي. هڪ ڏينهن ڪکي ڇلانگ ماري ۽ مان سنڀالي نہ پيئي سگهانس.....

بس گهر ۾ گهڙندي ئي ليلان اچي وڃ جيان مون مٿان ڪڙڪي. پلا آيائون بہ ڪن خوشامد، سو آيا آلائي ڇا چيس جو هوءَ ڇيي ڪڍندي آئي مون ڏانهن!

"ڏاڏي آهين ڏائڻ آهين! هيئن ڏکا ڏبا آهن ٻارن کي؟"

مان گهڻو ئي پيئي چوان تہ "مان ڄاڻي واڻي ائين ڪيئن ڪنديس؟"

پر هوءَ ٻڌي ڇو ٿي؟

شام جو سوير آيو تہ لڳي چغلي "بس مفت جا ٽڪر ويٺي کائي. اهي سڀ مکر آهن..... سگهہ ڪين اٿم.....گوڏن ۾ سور اٿم ..... ڏيءُ وٽ وڃي وڃيس

ڪيئن ٿي ڊوڙ پائي هلي....."

شايد رات جو پاڻ ۾ ڪو فيصلو ڪيائون جنهن مطابق مونکي "ٻڌا گهر" ۾ رهائڻ جو فيصلو ڪيو هئائون. سالن بعد سوير اچي منهنجي ڪٽ تي سيرانڌيءَ کان ويٺو. دل ٿي ته سندس سر گود ۾ رکي سندس متو چميان. "سويرا، منهنجا پٽڙا! تون ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهين؟" ائين چئي مون سندس سر مٿان هٿ گهمايو. پر جيجل ماءُ جو پيار دلار سهڻ جي هن ۾ طاقت نه هئي. جانيءَ ۾ جيجل نه، پر جوءِ ئي پياري ٿي لڳي نه؟

هوُ اٿي هليو ويو ۽ اندر وڃي جوءِ کي ٻاهر موڪليائين.

ليلا اچي چيو ـ "مي، مان سمجهان ٿي ته توهان لاءِ ٻڌا گهر ۾ ئي رهڻ ٺيڪ ٿيندو. پاڻ جهڙيون اُتي گهٽيئي ملندوُ. ڪم ڪار کان به صفا ڇٽندا..."

هيءَ اها ئي ليلا آهي؟ سوير جي ڪنوار ڏسڻ لاءِ مان ڪيڏو نه وانجهائيندي هيس؟ ليلا آئي ته مون پنهنجو سڀ ڪجهه لاهي هن کي ڏنو هو. وڏي ننهن سنڌڻ نه هئي ۽ مون سان گڏ رهي به ڪين هئي. سوير جي زال سنڌياڻي آهي، اهو ڏسي مون ڪيس گلي سان لڳايو هو. پنهنجي ڌيءُ جيان ئي ڪيس پيار ڪيو هيم. پر اج هيءَ ڌيءُ مونکي چئي رهي آهي ته هتان نڪر؟

سوير پاڻ مونکي موٽر ۾ چاڙهي ٻڌا گهر ۾ رهڻ لاءِ ڇڏڻ آيو! فون تي سڀ ڪجهه طئي ڪري ڇڏيو هئائون. سو اُتي آفيس ۾ گهڻي دير ڪين لڳي.

ڪمري ۾ پلنگ، ڪٽ، ننڍي بالڪني سڀ ڪجهه هو. سوير ننڍڙي تپائيءَ تي ڪيلا ۽ بسڪيٽ رکيا، پيرين پيو ۽ چيائين "هتي ڪا تڪليف ڪانه ٿيندءِ ممي. مان پيو نگاهه ڪندس ۽ هر ٻئي ٽئين ڏينهن پيو ايندس."

هوُ هليو ويو. وڃڻ مهل پٽيان نهاريائين پر لڳو ائين پئي ڄڻ سندس ڪنڌ تان هڪ بار لهي ويو هو. هڪ اهو لڄمڻ هو جنهن ياڄائيءَ کي بن ۾ ٿي ڇڏيو ته روئي پيو هو ۽ هڪ هيءُ پٽ آهي جو ماءُ کي ڌارين جي وچ ۾ ڏٺو ڪري پاڻ کي هلڪو هلڪو محسوس ڪري رهيو آهي!

پهرئين ته ڪجهه عجيب عجيب لڳي رهيو هو پر پوءِ ائين ئي لڳو ڄڻ هيءُ ئي منهنجو گهر آهي. پلا رهڻو ته هتي ئي هو. پوءِ منهنجو گهر به ته هيءُ ئي ٿيو نه؟

ڪهڙي نه عجب جهڙي ڳالهه هئي؟ جيڪو منهنجو گهر هو سو هاڻ منهنجو نه هو. پهرين اُهو سڄو ئي گهر منهنجو هو. پوءِ اُتي صرف هڪ ڪنڊ منهنجي هئي..... آخر ۾ مون کان اُها ڪنڊ به ڪسي ويئي! ڪو شاگرد هاسٽل ۾ رهندو آهي ته موڪلن ۾ ته گهر موٽڻ جي اُميد هوندي اٿس نه؟ مون کي ته اِها به اُميد ڪينهي.

ائي ڪڏهن ولهه ورائي يا ڪڏهن سڄ تپائي ته ڪنهن کي ٻڌائيندس؟ ڪڏهن لوءَ ساڙي ڪڏهين ٻات ماري ته ڪير پڇندم؟ نه حال محرم نه همراه همدم!

هتي ڪجهه وقت سوءَ سکوءَ يا ياڄيون وڏڻ جو ڪم ته ڪندي هيس پر دل کي سکون ڪٿي ٿي مليو؟ سوير رائيءَ جي ياڄي دل ڪري ڪائيندو هو هتي اها ياڄي رڌبي هئي ته مونکي

مشڪل ڪم

نظام الملڪ طوسيءَ کان ڪنهن شهزادي پڇيو، "وڏا بزرگ، مون کي ٻڌايو ته تخت تي ويهي حڪومت ڪرڻ جي عمر ڇا آهي؟"

"پنڌرنهن سال."

شهزادي ساٿس ٻيو سوال ڪيو، "۽ شادي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گهٽي عمر هجڻ گهرجي؟"

طوسي ڪيس جواب ڏنو، "ارڙنهن سال."

شهزادي پڇيس، "اهو ڇو؟ دنيا کي هلائڻ واري مشڪل ڪم لاءِ پنڌرنهن سال ۽ شادي جهڙي معمولي ڪم لاءِ ارڙنهن سال. آخر ايترو فرق ڇو؟"

"شهزادا، "طوسي ڪيس جواب ڏنو". ڪجهه ڏينهن صبر ڪر، تون جڏهن تخت تي ويهڻ کانپوءِ شادي جي رشتي ۾ جڪڙجندي ته پوءِ توکي خبرپوندي ته گهر هلائڻ ڏکيو آهي يا بادشاهي هلائڻ."

☆☆☆

ڳيسندي ئي ڪين هئي! دل مان ٿڌي آهه نڪري ويندي هئي پر پراڻ جي سڏڪي ۾ ئي اماڪ چوندي هيس "شال ڪوسو واءَ نه لڳيس. مئيءَ ماءُ جي هيءَ آه نه، دعا ئي آهي، ڪوسو پاڻي ڪو ڪک ساڙيندو؟

رکي رکي سرڳواسڻ سس جي ياد ايندي هئم. هڪ ڏينهن چيائين، "هان مائي! مون ڇڻو- تو وڻيو وڍيائون چيريائون مونکي ۽ هاڻ راج ڪندينءَ تون!"

ٻئي دفعي چيائين، "نسورو ناحق آهي. رت ست ڏئي ماءُ ۽ حق ملن جوءِ کي. مائي- پاڙهي ڳاڙهي، لائق بڻائي، تيار ڪري توکي ئي ته ڏنم ته هان اچ، هاڻي تون ڪڻ."

سس جي انهن ڳالهين جو مطلب دل سان لڳي آيم. تڏهين به مان ان وقت جي ننهن- ڪجهه ته مان مريادا رکندي هيس نه! سس ڪجهه چوندي هئي ته لج ايندي هئي .... هن جي ڳالهائڻ تي ڪجهه ڊپ به ٿيندو هو.... بيمارِي سيماريءَ ۾ ڏاڍي خيال سان سندس شيوا ڪبي هئي....

پر اسانکي هو ڀڳوان جو ڊپ ..... منهنجيءَ ننهن ته شايد ڀڳوان کي ئي ڀڃائي ڇڏيو آهي!

ڪيڏي نه سڪ هئم ته سنڌياڻي ننهن وٺنيس ته پوءِ هيئن ڪنديس هونئن ڪنديس.....

هڪڙو وڃي گهر جمائي ٿيو ۽ ٻيو ٿيو پنهنجي گهرواريءَ جو نوڪر .... پنهنجو سڀ ڪجهه ڏئم سوير جي جوءِ کي ... چوڙا منڊيون سڀ لاهي ڏنامانس ... پلا لڇو ويو ته مان انهن کي ڪيڏانهن

ڪريان؟

منهنجيءَ ڪالهه ۽ اڄ ۾ ڪيڏو نه تفاوت آهي! ڪالهه وصالي هير هئي جنهن سان دل جي ڪلي تڙي تي پيئي.... چوڏاري سڀ چيزون ان جي مهڪ سان واسجي تي پيئون ۽ اڄ؟ اڄ گل جون پنکڙيون مرجهائجي ڇٽي ڪري پيئون آهن.

ڪالهه مون پنهنجين ئي اکين جي ڏيئن سان ڏياري تي ملهائي ۽ اڄ؟ ڪٿي جهڪي روشنيءَ وارو هڪ ڏيئو به نظر نه ٿو اچيم.

ڪالهه منهنجي جيون روپي درخت جون ٽاريون ڦلن ڦولن سان ڀرجي لڏي رهيون هيون ۽ اڄ؟ مان خود بي پناهه آهيان.

ها ... مان هن گهر ۾ رهي ته پيئي آهيان مگر الائي ڇو هڪ احساس مونکي دکي ڪري رهيو آهي. جيئن گهر مان پراڻي کٽ يا ڪرسي ڪڍي ڇڏبي آهي تئين هنن مونکي هڪ پراڻو ڪٽ سمجهي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي.

۽ ٻيا گهر؟ ... جهڙو هڪ ڪاٻاڙيءَ جو دڪان! اسان سيني ٻڌن ۾ ڪنهن به قسم جو ميل جول نه آهي. صرف هڪ ئي ڳالهه اسان ۾ ساڳي آهي. اها هيءَ ته اسين سڀ پراڻا آهيون!

مهيني ڪن ۾ ئي سويرمنهنجي رهائش ۽ ڪاڏي پيتي جا ادائي سؤ روپيا مهيني ۾ ڏيئي ٽڪجي پيو! هن چيو: "اڪيلي ڪمري ۾ ڇا رهي ڪندينءَ؟ ڪمري ۾ به ڇٽيون هونديون ته وندر به ٿيندءِ." هاڻي هؤ سوا سؤ مهيني ۾ ڀريندو آهي سال ۾ به وڳا ٺهرائي ڏيندو آهي.

شايد ه تي ڏينهن اڳ سويرجي شاديءَ جو ڏينهن هو جنهن ڪري پارٽي ڪئي هئائون. آرتوار صبوح جو هؤ منهنجي لاءِ ٿوري مٺائي ڪٽي آيو جنهن ۾ بانس تي ويئي هئي. هؤ مون وٽان تي ويو ۽ مون مٺائي ڏري ڪنئي ته اکين مان ڳوڙها ڇلڪي پيم! ماءُ ٻارن لاءِ ڪيئن نه امرت تي اوتي ۽ هي ٻار بڏلي ۾ ڪيڏا نه زهر جا ڍڪ تي پيئارين!

مونکي روئندو ڏسي ساڳئي ڪمري ۾ رهندڙ هيڪيءَ چيو "مائي دل تي ڪٽي پٿر رک."

ٻني طرح ڪير ڇاتيءَ مٿان جنڊ جو پڙ ته رکي ڏيکاري؟ سوچڻ سان ئي سيني ۾ سؤر جي سٽ اُپرنديس! اندر دل مٿان پٿر، سو به هيڏو ڀاري رکجندو ته ڪيڏي نه پيڙا ٿيندي!

سويرننڊو هو ته ڪاڻ تي ڏاڍو ڪيتو ڪندو هو. هڪ ڳٽي ڪانو ڪي ۽ هڪ سندس وات ۾ وجهي هئي يا پلنگ جي چوڌاري هو ڊوڙندو هو ۽ مان ڪيس پڪڙڻ جو مڪر ڪندي ڦري ڦري ڪوڙ ڪوڙ ۾ ڊوڙي نيٺ سندس وات ۾ ننڊڙي ڳٽي وجهندي هيس! ۽ اڄ هو مونکي ڪاڻ لاءِ ڏس ڏئي ڇا ٿو؟ ماءُ اچي ۾ اچي، سڀ ڪان قيمتي ۽ سوادي چيز ٻار لاءِ ميسر ڪري تي ۽ ٻار بيڪار ۽ ڦٽي ڪرڻ لائق چيز ئي ٿو ڪيس آڇي؟

مان هن لاءِ ماني تيار ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ سندس اوسيئڙو ڪندي هيس پر اڄ هوائين به ڪين ٿو پڇي ته "ماني ڪاڏي اٿئي؟" ... يا "منهنجي ماءُ! توکي ڪجهه ڪپي؟"

شايد هنكي ڊپ ٿو لڳي ته متان، مان کا شڪايت ڪريان؟ شايد هو پنهنجي ضمير کان ٿو ڊڄي! ان ڪري نقط پڇي ٿو "سڀ ٺيڪ آهي نہ؟"

۽ مان بہ جواب ۾ چوان ٿي "سڀ ٺيڪ آهي." مونکي خبر آهي تہ ٻيو ڪو جواب ٻڌڻ لاءِ هو تيار ئي نہ آهي. ان ڪري پنهنجي آواز مان بہ تيزي گم ڪري ڇڏي اٿم. تمام سهج سياويڪ نموني ۾ چوان ٿي "ها پٽ! سڀ ٺيڪ آهي."

پر جڏهن هو هلي ويندو آهي، تڏهين ڳچ ڳري پوندا اٿم....

جوانيءَ ۾ گهڻيئي سياڻن جا سخن پڙهيا اٿم ۽ فيلسوفيءَ جا نقطا پڙهي پڙهي سانڍيا اٿم پر هيءَ ڏک اهڙو آهي جو انهن مان ڪو هڪ سخن يا نقطو بہ ڪم نہ ٿو اچيم!

اپديش پيا پرهوڌ ڏين "هن دنيا کي وساري هن دنيا جي تياري ڪر ... ڏٺو سڀ وسار-اڻ ڏٺي کي ياد ڪر... پر مان هن ئي دنيا سان نباهي نہ ٿي سگهان تہ ٻيءَ دنيا جي تانگهہ ڪريان ئي ڪيئن؟ جيون تہ هڪ اجهاڳ سمنڊ آهي. شايد جوانيءَ جي سگهہ اهو سمندر جهڳائڻ جي سولائي ڪري ٿي ڏئي پر منهنجي ٻڌاپي جا هڏ ۽ من جا پراڻا سڙہ-انهن سان سڙهہ ڪيئن سانباهيان؟

ڪڏهين ڪڏهين سوچيندي آهيان تہ زندگي نادان ئي آهي. هي خوشيون، هي مزا سڀ جڙ واريءَ تي پکڙيل ڪوڏ آهن جن کي ميڙي پيا اسين خوش ٿيون. شادي نہ ٿي هئي تہ انجو انتظار هو منهنجا سڀ ڪم سڀ گڻ ۽ سڀ لياقتون ان هڪ شاديءَ کي منزل بڻائي ڊوڙندا هئا ان منزل ڏانهن. پوءِ لڇوءَ جو پيار حاصل ڪرڻ منهنجي جيون جو مقصد بڻيو. ان کانپوءِ هريش گود ۾ آيو تہ منهنجي جهول ئي ڀرجي پيئي! ٽنهي ٻارن کي ڏسي موتين کان وڌيڪ ملهائتا ۽ جواهرن کان وڌيڪ جلويدار بي بها رتن حاصل ڪرڻ جي ترپتي هيم ۽ هاڻ سڀ ڪجهہ ائين هليو ويو آهي جڙ هٽ جي آڳرين جي وٽين مان واري ترڪي هلي ويندي آهي!

هاڻي تہ هڪ آهي اڪيلائي، ٻيو آهيان مان. ساڳئي ڪمري ۾ هيڪي آهي تہ ڇا ٿي پيو؟ منهنجي دل ۾ تہ اڪيلائي ئي آهي نہ؟ ڪائي ڇا، هيءَ اڪيلائي اصل ڳيهي ويئي اٿم!

"ٻيا-گهر" جنهنکي "پرڪاش-هوم" ٿا سڏين (سيٺ دنيچند پنهنجي پٽ پرڪاش جي ياد ۾ ڪي لک ڏنا هئا ان ڪري هن گهر جو نالو اهو پيو آهي) جي ڪاريڊار ۾ سڄي رات بتيون ٻرنديون آهن، پر منهنجيءَ دل ۾ رات ٽيڻ کان اڳ ئي اوندهہ هوندي آهي.

پنهنجي گهر ۾ رنڌڻي کان ڪمري تائين سؤ دفعا پيئي ايندي ويندي هيس، هاڻي تہ اٽڪ تي بہ دل نہ ٿي ٽيئم.

سان ٻڌن جي آهن جي ٻولي ڪير بہ نٿو سمجهي! آدمي جڏهين جوان آهي تڏهين سندس نندي نندي ڳالهہ هنگامو ٿي مچائي پر اسان ٻڌن جي اهميت واري ڳالهہ بہ سڀ تچ ڪري ٿا سمجهن!

پاسي واري ڪمري ۾ خوشحالي رهندي آهي. سندس پٽ ڪٽنب سوڌو آمريڪا ۾ آهي ۽ ڌيءَ شادي ڪري اسپين ۾ ويئي آهي. جڙ سڀ ڪجهہ هوندي بہ هوءَ خالي خالي آهي. ايندا اٿس، پر اچي پوءِ هليا وڃن تہ ڪيس اڳي کان بہ وڌيڪ دکي ڪري وڃن.

سامهون واري ڪمري ۾ جسوتي رهندي آهي. سڀ ٻار (ڪيس ڇهه ٻار آهن) پرڻيا اٿس غير سنڌين ۾. ڏوهتا ڏوهتيون، پوٽا پوٽيون .... ننهر نائي. اصل وڏي فوج اٿس، پر هوءَ سڪي پيئي ته پوٽي سان ڳالهايان. مارين کي چوي "هيڏانهن اچ" ته اهي سندس ٻولي سمجهن ئي ڇو ٿا؟

هڪ ڏينهن نيلو آئي، "ممي، هل ته پڪچر تي وڃي هلان"

چيومانس: "ڌيءَ! هاڻي ته گذريل زمين جا پڙدا ۽ سينهريون ويٺي ڏسان. نئون ڪجهه نه مونکي ياد ۽ پوندو ۽ نه مان انکي سمجهنديس. هر روز رات جو سمهڻ کان اڳ پنهنجي زندگيءَ جي ڪا نه ڪا پڪچر ڏسندي آهيان. اها ئي منهنجي لاءِ بس آهي."

ائين برابر آهي ته نيلوءَ کي منهنجو ڏاڍو خيال ٿيندو آهي، پر مونکي به ته خيال ايندو آهي تهجنهن پيٽ مان سوير ڄائو ان ساڳيءَ ئي ته ڪک مان هيءَ نيلو به ته ڄائي نه؟ ڪٿي بن چپن مان سڪو ئي چوي: منهنجي ماءُ! تون مون وٽ هلي رهه"

اصل نه!

هيءُ ڪهڙو اونڌو رواج آهي. ننهن ته پرائو رت آهي. ان کي اسين ٻڌل ٿا رکون ته تون مڙس جي ماءُ جي شيوا ڪر. پنهنجي پيٽ ڄائيءَ کي صفا چٽل ٿا رکون؟ بس نيلوءَ صرف منهنجي حال تي ارمان ۽ افسوس کائڻ لاءِ ئي آهي؟ ان مان ئي منهنجو پيٽ ڀرجي ويندو ۽ مونکي ڏيءُ ٿي ويندو؟ آخر مان گهٽا ڏينهن جيئري هونديس؟ زندگيءَ جا آخرين به چار سال سڪون سان گهارڻ جو اسانکي حق ئي ڪينهي؟

ٻڌو اٿم ته چيناين ۾ اهو رواج آهي ته پٽ هجي يا ڌيءُ، اهي ساري ڄمار ماءُ کي پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪو حصو ڏيندو رهڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل رکندا آهن. هنن جو عقيدو آهي ته بدن جي واڌ لاءِ جوابدار ماءُ ئي آهي. ان ڪري هن جو ٻارن مٿان قرض هوندو آهي.

آهي جو ٻارن کي ضرور لاهڻو آهي. اسان وٽ ڏاهي ڪو رواج ۽ نه ئي ڪو عقيدو.

مون پنهنجي نانيءَ جي ماءُ به ڏٺي هئي. هوءَ سدائين پيئي چوندي هئي، "بابا، وڏي مڃي هر ڪنهن کي سيبائي، وڏو مائٽ ڪنهن کي نه سيبائي."

نانيءَ جا هٿ ڏڏندا ڏسي هڪ ڏينهن پڇيو مانس، "پاپي! ڇو ڏڏين پيئي؟" ته جواب ۾ چيو هئائين، "ٻيدا هوئيا شيخ فريدا ڪنبڻ لڳي ديهه .... هينئر ڏڏنديس نه ته ڇا نچنديس ڌيءُ؟"

امي به سڄو وقت پيئي چوندي هئي، "پنهنجيءَ هلنديءَ هلائج ....."

پر انهن سيني مائن کي جهونن ڪيئن جيان ڪنهن ڪاباڙيءَ جي دڪان ۾ ته ڪونه وهاريو هو نه؟ اُهي پنهنجي وطن ۾، پنهنجن جي وچ ۾ ئي ته ويٺيون هيون نه؟

برا حال آهن اسان جا، هونئن به نٿاوان، هيئن به نٿاوان!

خير ..... انسانن جي جيون ائين ئي ته ٿئي ٿي .....

ندي ڇوڙ ڪري ته انيڪ ننڍين ننڍين ڌارائن ۾ ورهائجي وڃي ..... ۽ پاڻ گم ٿي وڃي.

منهنجي به جيون ائين ورهائجي ويئي آهي. هريش، نيلوءَ، سوير ..... ۽ مان گم ٿي رهي آهيان ..... پاڻ سنو!

"ڪرزما" ڊائجسٽ جي خريداريءَ جي لاءِ هيٺين سان لهه چڙهه اچو:

ڪراچي : راشد اينڊ ڪمپني : 0300_2118454, 021_2750379

ٽاڻ وارا ضلعا : ڊاڪٽر اياز مهر، سنڌيڪا ايڪيڊمي، زونل آفيس، سکر. فون نمبر 0301_3433848, 071_5628368

حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ميرپور خاص، ٿرپارڪر ضلعا : ڪونڙي فاروق بهائي_0222_617313, 0321_3041291, 0300_3017413

ٿر ضلعو : ڪشور ڪمار، ٿر ڪتاب گهر ملير. فون نمبر : 0232_261968

بدين (شهر) : عبدالغفور پيپر ايجنسي، بدين. فون نمبر : 0297_861652

نواب شاهه ضلعو : ريحان برادرس. فون نمبر : 0244_360098

دادو ضلعو : سليم نيوز ايجنسي، دادو. فون نمبر : 0301_3494392, 0254_611315

ميرپور خاص : اقبال نيوز ايجنسي، ميرپور خاص. فون نمبر : 0300_3312403, 0233_872245

سانگهڙ ضلعو : عزيز منگي، سانگهڙ. فون نمبر : 0333_2913588, 0235_542182

ٽنڊو ضلعو : ٽنڊو محمد خان سجاول. فون نمبر : 0301_3317259

خيرپور ضلعو : تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس. فون نمبر : 0243_554293

سکر ضلعو : ملڪ محمد اسحاق، الفتح بڪ اسٽال. فون نمبر : 071_5613548

لاڙڪاڻو : فيض محمد ڇڇڙو رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو.

شهداد ڪوٽ : عبدالڪريم شيخ، ڪرن نيوز ايجنسي. فون نمبر : 074_4013435

شڪارپور : مرتضيٰ ابڙو

پنوعاقل : لالچند عرف لالو سنڌي بڪ اسٽال، پنوعاقل. فون نمبر : 071_5691989

سنڌي ڳٺ علائقو (خيرپور ميرس) : ميرحسن ويسر. 0300_3138087, 0243_614201, 0243_614065

لبيڪ آباد : علي مردان، جمالي نيوز ايجنسي، جيڪب آباد

روهڙي (شهر) : محمد علي شيخ، ريلوي اسٽيشن.

ڪشمور : گلزار حسين شيخ، نيوز پيپر سپلائر. فون نمبر : 0722_577773

نوشهروفيروز : غلام مرتضيٰ ڪنڊ. فون نمبر : 0333_7092392 0300_3990825

ڪنڊڪوٽ : شملا پرنس، نيوز ايجنسي، ڪنڊڪوٽ. فون نمبر : 0722_573102

گمبٽ، راڻي پور، ڪنب، ڪوٽڙيجي، سوپوديرو : غلام ناصر گوپانگ، روشن علي ملڪ نيوز پيپر ايجنٽ. فون نمبر : 0243_640243, 0243_640626

ٽڪون ديرو : سڪندر علي هرڙي اخبار فروش، ٽڪون، ديرو.

رتوڊيرو : لطاف پرويز پٽو رتوديرو

ڪنڊيارو : ثاڦر خاني نيوز ايجنسي، ڪنڊيارو.